# رڑ رهاٽ

۷

جنوري ۱۹۶۸ع

وات اٿانگي، جهونا جهانگي، ستپ جا پير پٽون،
ڪپرو ڪهرا، ديس آسارو، سوڳو منهنجو سڻ.
رات ڪٽيءَ جو، باک ڦٽيءَ جو، ايندا لالُ لڱهه،
جيسين اوپر ڏينهن اشارو، سوڳو منهنجو سڻ.
آڏو آڏيو ڪي اونڌهه ۾ سرڪيون سيج آپار،
ڪوئي آڏيءَ رات آسارو، سوڳو منهنجو سڻ.

— شيخ اياز

"زندگي پبليڪيشنس" جو
ترجمان

# روح رهاڻ

جلد:٦] جنوري ١٩٦٨ [پرچو:١٠

ايڊيٽر: حميد سنڌي

هانهن پيلي: اشفاق قاضي

امداد حسيني

سليم احمد

سرڪيوليشن مئنيجر: ليلا رام خانواڻي

قيمت: هاڻ پئسا

سالياڻو: سوا ست رپيا

ايڊريس:
ماهوار 'روح رهاڻ'،
انڊس پرنٽرس، سوسائٽي،
پوسٽ باڪس نمبر ٢١٦
حيدرآباد سنڌ.

رهاڻ: ايڊيٽر

شعر:
ع. غ سنڌي، پياسي، نذير، نقاش، لطيف، آستاد، اديب، پرواز، ايم آرمائيداساڻي، گوورڌن، نرمل، ناشاد.

تقرير:
هڪ نئون فڪر، هڪ نئين سوچ:
مولانا غلام محمد گرامي

پيغام، تقريظ ۽ هم خط (مجموعو):
لامون تنهن وڻ سنديون: شيخ اياز

ڪهاڻيون:
اڪ جون انبڙيون: ايم. جي. پنهور
هڪ ڪهاڻي: ارباب سنڌي

رپورٽ:
سنڌي شام: اعجاز قريشي

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# عید مبارک

# رهاڻ

## جيڏڻ جو حق:

چون ٿا ته اسانجي ملڪ ۾ وطن دشمن ۽ انتشار پسند فردن جو تعداد وڌي ويو آهي ۽ انهن جي خاتمي سان ئي ملڪ جي سلامتي آهي. پر سوچ عجيب جانور آهي، جڏهن ذهن جي متاهين تي بيهي چوڌاري نهاري ٿوته ڏسي ٿوته هرهڪ پنهنجي گهرڙي، پنهنجي ٽڪر، پنهنجي ڪنڊ سان پيار ڪري ٿو. هرهڪ وڏڙن جي ڇڏيل موڙيءَ کي چنڙيو پيو آهي. جڏهن اهي گهرڙا ملائجن ٿا، آهي فرد گڏجن ٿا، تڏهن هن ملڪ جو نقشو ٿو ٺهي، تڏهن هن ملڪ جي جيءَ ۾ جان ٿي پئي. پوءِ جي آهي جيءَ جيارا، پنهنجي گهرڙن، پنهنجي مڙيءَ جيجل سان جيءَ جيارن پيا، آن مٿان آيل ڏکن ۽ اهنجن کي ڪرت ڪار ۽ پورهيي سان مٽايـن پيا، ته انهي ۾ سندن وطـن دشمني کهڙي، انتشار پسندي کهڙي ۽ انهن جو خاتمو ڪيئن.

هر جمهوري حڪومت ۾ مختلف نظرين جون پارٽيون يا فرد هوندا ئي هوندا آهن، پوءِ کي هڪ يونٽ ۾ اعتبار ڪندا آهن، کي مختلف صوبن کي گهرندا آهن. جڏهن آها صورت حال اسانوت پيدا ٿي آهي ۽ جڏهن اسانجا فرد پنهنجا ٽڪر، پنهنجا گهر گهرن ٿا ته اُنهن کي بندش ۾ آندو ٿو وڃي. ڪير 'جيئي سنڌ، جيئي سنڌ' ٿو آلاپي ته 'مچ' ۾ وڃي ٿو پوي. آن لاءِ پارٽ پريو پون.

انسان جو ازل کان بندشن کان آزاد ٿي، هن ڌرتي تي آزادي جا گيت گائيندو رهيو آهي، سو ڪٿي ٿو عارضي بندش ۾ بند ٿي ويهي. هنجي زبان، هنجي ذهن جي چرپر هر ڏس ۾ انقلاب آڻيندي ۽ اها تبديلي هر گهر، هر فرد ۾ پيهي سوين تبديليون آڻيندي. اِهو خاموش انقلاب نه صرف اسانوت، پر ملڪ جي هر باشعور طبقي وٽ ذهني تبديلي آڻي چڪو آهي. هر ذهن سوچي ٿو ۽ هنجي سوچ گهالهائڻ جي آزادي، ذهن جـي آزادي کان هلي، پنهنجي گهر، پنهنجي ٽڪر، پنهنجي ٻولي جـي آزادي تـي وڃي بيهي ٿي ۽ پنهنجو گهر، پنهنجي زمين جـو ٽڪر، پنهنجي مڙي زبان هرهڪ جي جان، جسر، عزت، مال سڀ ڪجهه آهي. پوءِ پلا جي ڏاريا گهر ۾ گهڙي مهمان بڻجي گهر سان هٿ چراند ڪندا، يا کي ٻيا پنهنجا ٽڪر ڇڏي، برين نگاهن سان اسانجي ٻني کي تڪيندا ته اِهو ڪير غيرت مند برداشت ڪندو. هر اهـو فرد جو غيرت مند هوندو، پنهنجي گهر، پنهنجي ٻنيءَ جي عزت ۽ مان جي هرطرح سان حفاظت

کندو. اهو غيرت مند ائي جڏهن ان زمين تي ٽيل ناجائز قبضن ۽ سندن حقن تي کيل حملن جي خلاف آواز ٿو بلند ڪري تہ سندس روح ۾ بڙچيون هنيون ٽيون وڃن ۽ هو تعصبي قرار ڏنو ٿو وڃي. پر انسان، انسان ڪان اڳا اِهو حق نہ ڪسيو آهي تہ هو پنهنجيءَ جيجل ماءُ، پنهنجي مٽي، پنهنجي گهر، پنهنجي چمن سان پيار ڪرڻ ڇڏي ڏي ۽ سندس سوچ هزارن پهرن سان ٺهرجي وڃي. سوچ کي ڪنهن روڪيو ڪونهي، قلم کي ڪنهن جهليو ڪونهي، جي جسم بند ٽيا تہ ڇا ٿيو، سچائي هميشه سچ آلاپيندي رهندي، ۽ ائين چوندي رهندي تہ جيجل ماءُ جي مٽي سان پيار ڪرڻ وارا، مڙئي هولي کي هنئين سان لاڙ وارا، ڪڏهن بہ وطن دشمن ٽي نٿا سگهن، ڪڏهن بہ انتشار پسند ٻڌجي نٿا سگهن. انهن وطن پرست جيءَ جيارن جي تہ پوڄا ڪئي وڃي، سندن مٿان ٻريل 'مچ' وسائي، گلن جي ورکا ڪئي وڃي.

ڏار صوبن ۽ هولين جي مجرائڻ جا خيال کي ڪوڪلا يا اجايا خيال ڪونهن، انهن ۾ ڪا سچائي آهي، ان سچائي جو نهايت ئي مضبوط بنياد آهي، آهي خيال ڪنهن پارٽي جا خيال ڪونهن، ڪابہ پارٽي عوام جي ذهن جي رخ کي موڙي نہ ٽي سگهي، پارٽي آن رخ تي مڙي وڃي تہ ٻي ڳالهہ آهي. اڄ قوم سجاڳ آهي، اِهوئي هرهڪ صوبي جي ذهن جو آواز آهي تہ سندس وجود کي تسليم ڪيو وڃي، جي نہ تہ سندس حقن کي تسليم ڪيو وڃي، جي نہ تہ سائس کيل واعدا پاڙيا وڃن، جي نہ تہ انساني حقوق ڏنا وڃن، جي نہ تہ پنهنجي زبان ۾ ڳالهائڻ جو حق ڏنو وڃي، جي نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ جيئڻ جو حق ڏنو وڃي.

اِهائي هڪ مهمان نواز، وطن پرست، امن پسند، بي آواز قوم جي اپيل آهي- آنهن فردن ڏانهن جن جي هٿن ۾ وقت جون واڳون آهن، شايد انهن کي اِها خبر هجي تہ آنهي ماضي جي عظيم قوم ۾ زندگي جا آثار پيدا ٿي چڪا آهن. سندس مڪمل زندگي حقن، وجود ۽ هوليءَ جي چونڪاري ۾ آهي، سا ڪيس ٻين قومن سان ملائي بيهاريندي ۽ ائين ٿي هن ملڪ ٿي سڪ، سلامتي ۽ ترقيءَ جا دروازا ڪلندا.

## پنهنجي متعلق:

"روح رهاڻ" جا قدم جنهن ڏس ۾ ڪجي رهيا آهن، اهو دڳ اسانجي ماڳ تائين پهچي ٿو. سجاڳي پانڌ ٻڌڻ جي اهم ضرورت آهي ۽ اسين خوش آهيون تہ "روح رهاڻ" سجاڳي ۽ سوچ جي مشعل ڪٽي آڏو ٿي آڏو وڌي رهيو آهي.

"روح رهاڻ" جو سالنامو ۽ جشن ويجهو پوندو پيو وڃي ۽ اسين انهيءَ ڏينهن لاءِ واجهہ وجهيو ويٺا آهيون. اميد اٿون تہ توهانجي قرب ۽ ساڻ سان اهي اهم ڪم ضرور ڪنداسين.

مواد لاءِ انتظار رهندو، رايا اڳا بہ وڌيڪ اڇڻ ڪپن.

ـ حميد

## بيت

فلڪ ٽيو گرهن، اپري اکين ويرَ،
پيرن ۾ زنجير، لڙهندي رهيس لهرن ۾.

—

اندر جي اکيرَ، اوتيان ويٺي اکين مان،
امڙ مون نہ ڪاريو، ڏس تنهنجو ڪير،
آهيان آءٌ اسير، تہ بہ رڻان ويٺي روح ۾.

—

ملڪ منهنجو سنڌڙي، آءٌ ٻيو نہ ڪو چاڻان،
بڻيا جنهن جي خاڪ مان، سڀ منهنجا اباڻان،
پٽي جن جي پيرن جي، آءٌ آهيان پي پاڻان،
هر سنڌيءَ سڃاڻان، ان متيءَ سندي مهڪ مان.

—

ڪٽي سڪ ساڻيهہ جي، آءٌ آيس وچ بزار،
آهي ڪو جو وڻي مونکان، وٺ اها وڻجار،
متيان مور نہ سون تي، سا ڏي ڪو لکن وار،
سوڻي خريدار، سودو جو سر جو ڪري.

—

اي نہ سنڌين وڙ، جيئن سنڌ متيائون سون تي،
هٽا حرامي ڇڄ سي، ڪريل هٿن ڪڙ،
ڏاريون هٿن ڏڙ، سيسي جي ساڳي هين.

—

چڙهن پيا هو چڙهن پيا، نيڻن نشا نينهن،
ٽين پيا هو ٽين پيا، گدڙ تنهنجا شينهن،
باقي ٽورا ڏينهن، او سنڌ تو تي ستم جا.

—

ٽيندا هُل هتي وري، جاڳي پوندا جوان،
هلندا وري هوڏ سان، هوشو دريا خان،
ايندا آستان، ملنديون وري منزلون.

ساهت سندم ساهم، پي وائي وري م وات،
هري سدا هينئن ٿم، صبح سانجهيءَ رات،
لاکيٽي هيءَ لات، چڏيان تم چوري ٿيان.

—

چڏيان تم چوري ٿيان، سسئي سڏجان کيئن،
لڇان، لوچان، ڦٽکان، جر جلي ٿو جيئن،
اديون اکئي ائين، پڙکي باهم بدن ٿم.

—

پڙکي باهم بدن ٿم، ڏاڍا ڏيئي زور،
ظلم سندا زنجير مڙيئي، پيڇي کري مان پور،
چاڙهي ڦاهي چور، مائيان ملک ملير جو.

—

مائي ملک ملير جو، چوري هت کو چنگ،
کپي کوري قلب تان، لاهيان تن ويهي زنگ،
تم رچي اهڙو رنگ، وجهي ونگ ويرين کي.

—

لهي تم سارو سک ٿئي، کا کريون پرت پچار،
لولي اڄ هي لاهوتين جي، مڙئي ٿئي مهندار،
هنڌ هنڌ ٿي هيکار، سونهي ساري جڳ ٿم.

—

سونهي ساري جڳ ٿم، چمکي جهڙو چنڊ،
قابو کري قرب ٿم، کير پئي منجهم کنڊ،
منڊي اهڙو منڊ، پائي پيڇ پرت جا.

—

پائي پيڇ پرت جا، تم لهن لڙ نراس،
سرتيون سندءِ شال ٿئي، اندر جي هيءَ آس،
پوري 'پياسي' پياس، پسي پنهنجن پکن ٿم.

—

پسي پنهنجن پکن ٿم، خوشي خوب ملهايون،
سچل سامي شاهم جا، گيت گهائي وڃايون،
واريون اهڙيون وايون، ورونهن ٿئي وندر جي.

نذير قاضي

## وايون

هن پاپي سنسار ۾ هردم، منهنجو روح رڙي، وو! يار،
منهنجو روح رڙي.
قهرنگر ۾ رحم نہ ڪوئي، ڳوڙهو ڪين ڳڙي، وو! يار،
منهنجو روح رڙي، وو! يار.
'آزادي' جي سر جا سائين! قابو ڪوٽ ڪڙي، وو! يار.
منهنجو روح رڙي، وو! يار.
رت ڏئي جي سنڌ سنوارن، تن کي ڏيهه نڙي، وو! يار.
منهنجو روح رڙي، وو! يار.
'چارڻ' جي چنگ چورڻ سان پئي، ساري سنڌ سڙي، وو! يار.
منهنجو روح رڙي، وو! يار.
ماءُ ڏني جنهن 'زبان' ۾ لولي، انجو اکر اڙي، وو! يار.
منهنجو روح رڙي، وو! يار.
ساهم ساهم سان سنڌڙي نالو، جيجل! جيءَ جڙي، وو! يار.
منهنجو روح رڙي، وو! يار.

●

نقاش

ڇو ٿو سڏين تون هن کي فاني؟ هي جيون آ يار امر
سهڻي اڄ پي جيئري آهي، آ اُنجو ميهار امر،
هي جيون ....
راءِ سسي سو پيرا گهوري، تند جي آ هر تار امر،
هي جيون ....
قدر تماچيءَ کيو، تڏهن ٿي نوريءَ جهڙي نار امر،
هي جيون ....
مارئي ڪوٽ ۾ ڪوڪي پئي ٿي، عمر جي ساڳي ڪارامر،
هي جيون ....

مان ۾ سدائين هٿڙي هوندس، تون ۾ مٺا منڌار امر،
هي جيون ....
جي ناهي تان پَل نہ هجي، هيءُ سورن جو سنسار امر،
هي جيون ....
نُڪتو هي 'نقاش' پروڙيو، ٿي ويا سڀ اقرار امر،
هي جيون آ يار امر.

●

مهر لطيف

ويڑ ويڑي کان وڻڻو آهي، سسي ڏڻ کان ڏار ڪري
وک وک تي ٿي باهه ٻري.
جڏ بنا ڪيئن جوڏا رهندا، خون جو بدلو خون ٿي وڻندا،
مرندا ليکن سڏ نہ ڏيندا، هوشوءَ جيان ياڻغار ڪري،
سسي ڏڻ کان ڏار ڪري،
وک وک تي ٿي باهه ٻري.
جوڏن کي ڪيئن جيل جهليندا، ڪوُپن کي ڪيئن ڪوٽ روڪيندا،
ڪوٽ جهوريندا ڪڙا ٽوڙيندا، هڪ ڏڪ سان مسمار ڪري،
سسي ڏڻ کان ڏار ڪري،
وک وک تي ٿي باهه ٻري.
ماءُ جي خاطر مرڪي مرندا، قرب منجهان هت ڪونڊر ڪسندا،
منصور جيان هت ڦاهي چڙهندا، سر تري تي تيار ڪري،
سسي ڏڻ کان ڏار ڪري،
وک وک تي ٿي باهه ٻري.
لاکيٽي جا لعل ٻ اٿندا، سچل جا سرمست ٻ اٿندا،
مروند جا شهباز ٻ اٿندا، ماري وجهندءِ وار ڪري،
سسي ڏڻ کان ڏار ڪري،
وک وک تي ٿي باهه ٻري.

# مان بہ جڳ ٻارئي آهيان

مان بہ جڳ ٻارئي آهيان، ڪو انهي کي ٽوڪي،
هو ڀري ڏوڙ، اکيان ڪيس اڇي ڪو روڪي،
۽ وڻي ٻانهن کان ٽي چار چماٽون ٽوڪي،
نہ جي معصوم انهي "وقت- وڏي" سان پڇندو،
تہ ڪندو خار، يا رڙندو يا پٽيندو، رڙندو،
اِهي بي خوف بغاوت جا ترانا چوندو،
مان بہ جڳ ٻارئي آهيان....
ڪي تہ ٽا ٻاپ جي پيرن ۾ لتاڙن مونکي،
ڪي تہ ٽا ڏاڏ جي ڏاڙن ۾ چٻاڙن مونکي،
ڪي تہ ٽا ظلم جي آڙاه ۾ ساڙن مونکي،
جي انهن "ٻاپ ٻهاڙن" سان مان مسڪين نہ پڇان؟
تہ پو دانهن جي ۽ روئڻ جي عوض شعر لکان؟
مان بہ مجبور ٽي، باغي ٽي، بغاوت ٽي لهان؟
مان بہ جڳ ٻارئي آهيان..
جي نہ ڏاڏي کي بہ ڪچاڙ جو مڪمل حق آ،
تہ پو هيڏي کي بہ ڦٽڪڙ جو مڪمل حق آ،
چو تہ هر جيءَ کي جيڻ جو مڪمل حق آ،
توکي ماحول ڏني آه حڪومت، دولت،
مونکي ماحول ڏني آه بغاوت، نفرت،
توکي هيسڻ، مونکي اپرڻ سان محبت، الفت،
مان بہ جڳ ٻارئي آهيان....

دلدار احمد اديب

# احساس

اسين هڪ ٻئي جو ڪريون ٿا ايمان،
اسين اهڙا تہ آهيون بي ايمان،
خيانت خيانت بس خيانت،
دور اسان کان آهي امانت،
اسين هڪٻئي جا آهيون چور،
اسين هڪ ٻئي جو مال ٿا تاڙيون،
اسين هڪ ٻئي جي زال ٿا تاڙيون،
وجهون ٿا تنهن ۾ بچڙيون اکيون،
نٿا سوچيون تہ هيءَ اسانجي ڪير آ مائي،
ڏيءَ تہ ناهي، ڀيڻ تہ ناهي، ماءُ تہ ناهي؟
ڇ هن جو جيڪو آهي وارث،
ٻئي هجي يا ٻيءَ هجي يا ٻاءُ هجي،
سو بہ اسانجو ڪجهہ تہ آهي،
دوست جي ناهي، دشمن ڪونهي،
تنهن جي ڏاڙهيءَ جو ڪو حياءُ،
تنهن جي عزت جو ڪو لحاظ،
بس اسان وٽ خير ڪو آهي،
اسين اهڙا تہ آهيون بي ايمان!

●

# سوچيو آ

مون سوچي سمجهي سوچيو آ،
منهنجو سورهيه سامهون ويٺو آ،
هي ڇڪ سدائين قائم رهندي،
هي سنڌڙي سدا آباد ٿي رهندي.
هـت هرڪو ڇـايو آيـو آ،
هـي سورهيه جو ٿـي سايو آ،
ڪو دان وٺي ڪو مانُ ڏئي،
هي ٻيجل، ڏياچ جو ڪو ڇاپو آ.
جنهن مانُ ڏنو تنهن دان ڏنو،
سورهيه وارو گـيـان ڏنـو،
سورهيه وڏنـدو سـوري ٿيندو،
ڪچ تي سچ جي چوڙي ٿيندو.
هڪ هڪ موڳو جوڏو ٿيندو،
ساڳي ماءُ جـو دودو ٿيندو،
چنگ وڇندو جوڏو ڇُرندو،
سورهيه ٿيندو ڦاهي چڙهندو.
نـانءُ رهندو، قـائـم رهندو،
ڪنڌ ڪرندو، دائـم رهندو،
ڪنڌ تي هرڪو دانهين اينـدو،
جـوڏو جـوڏو دائـم رهندو.
نـانءُ رهندو سنڌڙيءَ جـو،
واه ٻڇڙو ٻڇڙو سنڌڙيءَ جـو.

ايم. آر. مائيداساڻي

# يادگيري

وقت وقت کي شرف آهي
اڄ اهو وقت کڻي طرف آهي؟
جواني هئي ۽ خوشي هئي
واهن ۾ ترڻ
۽ درياهه کي پار ڪرڻ
اونهاري ۾
سنڌوءَ جي اجهاڳ پاڻيءَ ۾ وڃڻ
هڪ ننڍڙي ٻيڙي
۽ ري ڪنڊيءَ ڪپر پاڻي
صبوح جو ٻيڙيءَ ۾ چڙهڻ
۽ شام جو منزل تي پهچڻ
اسين ڇڻون ته وڃون ٿا پار ملڪ ڏي
۽ جتي پهچون سي چون
ته آيا آهن پار ملڪ جا
اڻ ڏٺن ڪلاڪن جو مفاصلو
پر ٻيڙيءَ جي سُڪاني ملاح جو حوصلو
دهشت مان پار ڪري پهچائي ڇڏي
ڪٿي ڪاريجن جو ڪچو
۽ ڪٿي اڙل جي ڪناري تي
شهباز وارو سيوهڻ؟
سموري زمين سنڌوءَ جي سير ۽ چَرَ
سونو سڄ آپري
۽ باهه جي پنيٽ جهڙيءَ
گاڙهاڻ ۾ وڃي ٽپي هڻي
انهن اُفق ۽ شفق جي نظارن ۾
ڪنهن جي خزان واري دل
بدلجي وڃي بهارن ۾
درياهه جا ڪُنَ ۽ لهرون
مٿن ترندڙ ڏانگ ۽ ٽپندڙ پلا ۽ مڇيون
ٻوٽن ۽ وڻن جي ڇر ۾
ڪڏهين لَيُن ڪنڊين جي وچ ۾
ٻيڙيءَ کي هاڪاري
اُگهاڙيءَ ٻڌيءَ کي پگهاري
مانجهي ملاح پنهنجو بلاوَلُ ڪائي
پاڻين کي وڃي پار پهچائي.
اهي آهن هاڻي يادگيريون،
جوانيءَ جي سانڍ جون يادگيريون.
نه رڳو ايترو
پر زماني جون يادگيريون.
۽ هاڻي به وقت کي شرف آهي
مگر هاڻي وقت ڪهڙي طرف آهي؟
نه رهي سنڌو ۽ نه رهيو ڪَپَرُ
نه رهي ٻيڙي نه ملاح ۽ نه سفر
نه آهي ڪاريجن جو ڪچو
نه آهي سو سيوهڻ وڃڻ جو سعيو
هو هُتي سنڌو سنڌو ٿا ڪن
اسين هتي سنڌو سنڌو ٿا ڪريون
نه هو اسان سان ملندا
نه اسين هنن سان ملنداسين
رڳو هين پار کان اسين سنڌي
۽ هُن پار کان هو سنڌي
هڪ ٻئي سان خطن رستي ملنداسين
ڪتابن، رسالن ۽ ڇڻين سان
سوين سوين سلام ڪنداسين.

# گيت

تو بن منهنجا گيت اُداس!
اڳ، جن جي ست ست ۾ سڪ هو، اڄ تن ۾ دڪ جو احساس!

تـو بـن سارا سُرَ ويڳاڻـا، ساز سمورا ساڻـا ساڻـا،
پـاوَ، آپـاوَ ۾ پريا، گيتن ۾، فـن اٽپورو، خيال پراڻـا،
لفظن گـويا لاڏـو آهـي، لَئي، جـو جلويدار لباس،
تو بن منهنجا گيت اُداس!

منهنجو من هو تو لاءِ آتـو، پر نہ نپايو تو ڏي ناتو،
دل ڏيئي، مون درد پرايو، پيار ٻڌيو مون لاءِ پاراتو،
مان لڙکن سان لکندو رهندس، اُجڙيل الفت جو اِتهاس،
تو بن منهنجا گيت اُداس!

تو بن منهنجا آنسون ڪـارا، روپ ڏرينڊا نيارا نيارا،
گل جي ڪل تي ٻڌيا شبنم، آنبر جي اکڙين ۾ تارا،
صبح سويرو ڏرتـي رئندي، رات سمي رئندو آڪاس،
تو بن منهنجا گيت اُداس!

چوڌاري دنيا جو ميلو، تہ بہ ڇڻ آهيان آءٌ اڪيلو،
ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڪيل خوشين جا، مان غم ۾ غلطان ڳهيلو،
درد ڏني دنيا کان دوُري، برهم ڏنـو آ ڇڻ بنواس،
تو بن منهنجا گيت اُداس!

تو بن گيتن جو ڇا ٿيندو؟ ڪير اُنهن کي آڌت ڏيندو؟
ڪير اڇي رئندڙ راڳن ۾، رنگ، اُمنگ، ترنگ پريندو؟
تون ڇا وڃڙي آهين مون کان، دل کان وڃڙيو آ وشواس،
تو بن منهنجا گيت اُداس!

واسديو 'نرمل'

# هيڪو

ٽانڊاڻن جي جوت،
جڏ شاعر جي ذهن ۾،
خيال جي ڪڏ ڪوت!

آپ تي تارن - ڊير!
سرمو پائڻ ٿا سيئي،
پر، اڪ اڪ جو ڦير!

تارا ناهن مور،
پڪ آهن آڪاس جي،
سيني تي ناسور!

ڏي ڪيي تن ڪي ناءِ،
ڏڻ ڏڪي ولهه ۾ پئي،
پيرين! اوڏڙو آءُ!

ساجن جڏ ناريل،
پٽ واڱڻ پاهران،
اندر جڏ رابيل!

مڙڻا ڳٽهر ته ڳٽهرانءِ،
موتي ڏي، مالها ڏيانءِ،
گل ڏي، هار ڏيانءِ!

ڪاڦو آهي ڪانءُ،
ٻن اکڙين جي ڏيونگ لاءِ ٻ،
ڏانءُ ڪپي ٿو ڏانءُ!

تارن پري آماس!
نو لک نيٽن سان ڪيي،
اوسيڙو، آڪاس!

# غزل

اڙي چنڊ، تنهنجا وري منڊ ساڳيا،
اڙي رات، تنهنجي خرابات ساڳي!

اڙي پيار، تنهنجا سي وهنوار ساڳيا،
اڙي ياد تنهنجي وري ڏات ساڳي!

اڙي نينهن تنهنجا وري ڏينهن آيا،
سڄڻ سان سنجهي ۽ ملاقات ساڳي!

طلسم ـ تمنا، تمنا طلسم،
اکين مان تہ اشکن جي برسات ساڳي!

اڙي دل، وري فصل گل، آيو موڻي،
مقدر ۽ تنهنجي ٿي سوغات ساڳي!

اکر جام و مينا، صراحي فنا ٿيا:
اسان جي پيڙ لئہ مگر لات ساڳي!

اڙي دل، اڙي دل، دلاسو آ دوکو،
ڏئہ نيٺ کاڌيئہ وري مات ساڳي!

اڙي برق، تو ئي جلايو نشيمن،
سندم آشيانو تي هيهات ساڳي!

جيان پيو، جيان پيو، نہ وسري اٿم سا،
اڙي يار، تو جا ڪئي گهات ساڳي!

وري زلف مشکين ۽ قاڻي وڇي دل،
اڙي تنهنجي وائي، سندم وات ساڳي!

نہ "ناشاد"، دلشاد ٿيندو يقيناً،
انهيءَ وٽ برهم جي اڃا بات ساڳي!

# هڪ نئون فڪر، هڪ نئين سوچ

سنڌ يونيورسٽيءَ جي نئين ڪيمپس ۾، هاسٽلن جي حاطي ۾، پهرين ڊسمبر ۶۷ع تي 'سنڌي شام' سهڻي ۽ سلوڻي نموني سان ملهائي وئي. اُنهيءَ موقعي تي مولانا گرامي صاحب جي ڪيل تقرير هت پيش ڪجي ٿي، جا 'روح رهاڻ' لاءِ مرتب ڪئي وئي آهي. هيءَ تقرير نهايت ئي گهري آهي، ۽ انقلاب انگيز فڪر سان پرپور آهي. هن تقرير جي نصب العين تائين صحيح پهچ ۽ سندس فڪر انگيز اثر ئي اُنجي اهميت ۽ خاصيت جو هڪ اهم راز آهن. — ايڊيٽر

محترم حاضرين: سنڌي شام جي هن سعيد ۽ وجداور تقريب ۾، جي ولولہ انگيز ۽ فڪر آفرين تقريرون ٿيون آهن، اهـي اسان ۽ توهان جي جذبات ۽ خيالات جون ترجمان آهن. سکر جي 'سنڌي شام' جو خمار آفرين ماحول، اڄ دوآتشہ نظر اچي رهيو آهي.

دوستو: اوهان بار بار 'ظلم ۽ استبداد' جا لفظ ٻڌا آهن، پر انهن لفظن جـي فني ۽ لغوي، اصطلاحي ۽ روزمره جي استعمال کان گهٽ واقفيت آهي، چنانچہ ان کي سمجهڻ ضروري آهي. ان سلسلي ۾ داستان 'فرعون و ڪليم' پيش ڪري رهيو آهيان.

عزيزو: اسان جنهن انقلاب آفرين نظام سان وابستہ آهيون، اهو 'دين' آهي ۽ نہ مذهب. ان دين جـو پيغام قرآن آهي. قرآن حق ۽ باطل جـي ڪشمڪش لاءِ جي ڪردار پيش ڪيا آهن، انهن مان ڪي آهن؛ فرعون، قارون، هامان ۽ موسيٰ عليہ السلام.

قرآن، قومن جي آزاديءَ ۽ غلاميءَ جي ڪشمڪش کي جنهن بصيرت افروز انداز ۾ بيان ڪيو آهـي، افسوس جـو ان کي اسان جي سادہ لـوح عالمن ۽ عام ماڻهن مطالع نہ ڪيو آهي.

'فرعون'، استبداد ۽ ظلم، مطلق حاڪميت، غير عادلانہ جبريت، شخصي ۽ ذاتي قوت، قاهرانہ ۽ جابرانہ تسلط جو نمائندو آهي. جو پاڻ کي الله ٻڌائي چڪو آهي!

ان طرح "قارون" سرمايہ دارانہ نظام جو محافظ نمائندو آهي، جنهن مصر جي اسباب 'رزق' پيداواري ذرائع، مال ۽ دولت، اناج ۽ لٽو ڪپڙو، گهر ۽ جايون سپ

قبضي ۾ رکيا هئا. انَ طرح پوري رعايا کي رزق ۽ اسباب کان محروم ڪري ڇڏيو هو. ان سرمايه دارانه تسلط ۽ غلبي، فرعون کي مطلق‌العنان حاڪم ۽ آمر بنائي ڇڏيو هو. قارون پنهنجي خزاني جي ڪري بدنام آهي، ڇا لاءِ ته سندس خزانو رعايا جي رت ۽ ست مان پيدا ٿيو هو، ايتري قدر جو سندس خزاني جون ڪنجون به ڳڏهن ۽ ماڻهن تي لڏيندا هئا! ملڪ جو پيسو پيسو سندس خزاني ۾ جمع هو، جنهن کي فرعون ۽ سندس خوشامدي، امير ۽ وزير، پنهنجي عيش ۽ عشرت لاءِ بي دريغ صرف ڪندا هئا. ڪروڙين روپيا پنهنجن محلاتن جي آرائش تي صرف ڪيا ويندا هئا. اربين روپيا پنهنجن مقبرن تي خرچ ڪيا ويندا هئا. ۽ فرعون کي ٻڌائيندا ها ته "مصر ۾ ڪير جون نهرون ڀيون وهن!"

ان کان پوءِ 'هامان' آهي، جو مذهبي ٽياڪريسي، مذهبي تقدس مابي ۽ مذهبي بزرگيءَ جو نمائندو آهي. مذهب جي ساري نظام، پوڄا پاٺ، عبادت ۽ رسومات، عقيدي ۽ عمل جو محافظ ۽ مطاع هامان رهيو آهي. ان جي عملي ۾ ننڍا وڏا مذهبي پيشوا هئا، جي پوري رعايا کي هامان جي ٺاهيل دستورالعمل ۽ نصب‌العين موجب، فرعون جي خدائيءَ اڳيان جهڪائيندا هئا. هامان پوري رعايا کي ـ فرعون کي 'رب الارباب' سڏي، ان جي شخصيت اڳيان سرنگون ۽ سربسجود رکڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

هامان جي هڪ حيثيت مفتيءَ جي به هئي. هامان هميشه آزادي پسند ۽ حق پسند گروه ۽ ان جي سربراهن جي خلاف، ڪفر ۽ بغاوت، ارتداد ۽ دهريت جون فتوائون ڏيندو هو. هامان، مظلومن ۽ آزادي پسند رهبرن جي خلاف قتل جون فتوائون لکي، فرعون جي تلوار آبدار جي چوٽيءَ تي پڌندو هو، ۽ فرعون انهن فتوائن جي آڙ ۾، آزادي پسند گروه کي قتل ڪرائيندو هو. ان حيثيت سان، پورو مصر جو ملڪ مفاوڪ الحال ۽ ڪنگال رهيو. رعايا ۾ زندگيءَ جو ڪوبه نشان نه رهيو. رعايا جي دانشمند طبقي کي بي دريغ، واجب القتل ٺهرايو ويو ۽ لکين مظلوم قتل ڪرايا ويا. ان طرح فرعون جي وحشت ۽ دهشت جي ڪري، عوام هميشه لرزه براندام رهيو، رعايا جي منهن تي مهرون هنيون ويون، ڪي به به چار ماڻهو سرگوشي ڪري نه ٿي سگهيا ۽ ڪي به ماڻهو فرعون جي خلاف احتجاج ڪري نه ٿي سگهيا. ان ڪري اڄ تائين 'فرعون ۽ فرعونيت' کي ظلم ۽ استبداد، آمريت ۽ مطلق‌العنان جابريت جي 'علامت' قرار ڏنو ويو آهي.

دوستو: انهن جي مقابلي ۾ چوٽون ڪردار 'موسيٰ عليه‌السلام' جو آهي، جو آزاديءَ جي جنگ جو سربراه آهي، جو مظلوم ۽ مقهور، مفلوڪ الحال ۽ڪنگال، بني اسرائيل جو نجات دهنده آهي. موسيٰ عليه السلام جڏهن فرعون جي فرعونيت ۽ مطلق‌العنان جابريت جي خلاف تحريڪ شروع ڪئي، تڏهن 'فرعون، هامان ۽ قارون' جي پوري مشنري حرڪت ۾ آئي. هامان فتوابازيءَ کان ڪم ورتي، موسيٰ عليه السلام جي خلاف اشتعال انگيز ماحول پيدا ڪيو. فرعون کي ذهن نشين ڪرايئيان ته "موسيٰ عليه السلام

جي دعوت 'ظل سبحاني' جي نظام کار، سلطنت ۽ حاڪميت لاءِ بغاوت ۽ سرڪشيءَ جي دعوت آهي، موسيٰ، 'تاج ۽ تخت' جي مقدس ۽ عظمت جي خلاف دعوت ڏئي رهيو آهي. موسيٰ (عليه السلام)، هڪ الله جي فرمانبرداريءَ جي دعوت ڏيندي، 'مصر جي الله' جي تقدس ۽ الوهيت لاءِ باغيانه خطرو پيدا ڪري رهيو آهي. وغيره."

چنانچه موسيٰ (عليه السلام) جي تحريڪ کي ڪچلڻ لاءِ هزار قسم جا حيلا هلايا ويا. موسيٰ عليه السلام سان پهري دربار ۾ مناظرا ڪيا ويا. موسيٰ عليه السلام کي ڌڪا ڏنا ويا، سندس لاءِ قتل ڪرڻ ۽ ملڪ مان خارج ڪرڻ جا حڪم نامه ڪڍيا ويا، سندس پوئلڳ ماڻهن کي بي دريغ تہ تيغ ڪيو ويو. آخرڪار مڪر ۽ فريب جا چار وچائي ڪيس جادوگرن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ للڪاريو ويو.

موسيٰ عليه السلام، جو حق ۽ آزاديءَ جو نمائندو هو، تنهن باوجود بي سرو ساماني‌ءَ جي مقابلو ڪيو. سندس حمايت ۾ فقط نوجوان ميدان ۾ آيا.

بزرگو: آزاديءَ ۽ حق جو پيغامبر ۽ نمائندو، ڪنهن به ظاهري اسباب سان آراسته نه هو. موسيٰ عليه السلام وٽ نه فوج هئي ۽ نه بارود هو، نه هٿيار هو ۽ نه حيلا ساز جاسوسن جو چار هو، موسيٰ وٽ نه دولت هئي، جنهن سان هو فرعون جي چاڻتن جو ضمير خريد ڪري سگهيو ٿي، نه وٽس املاڪ ۽ جائداد هئي، جنهن کي رشوت طور استعمال ڪري، فرعون جي خوشامندي اميرن ۽ وزيرن کي پنهنجي مخلصانه ۽ دوستانه دعوت ۽ تحريڪ ۾ آڻي سگهيو ٿي.

موسيٰ وٽ اگر ڪجهه هو تہ اها هئي ايمان ۽ اخلاق جي دولت، حق پسندانه راءِ جي دولت، باطل شڪن جذبات جي دولت، مطلق العنان آمريت کان متنفر ۽ باغي قلب جي دولت، "فرعونيت، هامانيت ۽ قارونيت" جي استبداد ۽ ظلم جي خلاف جدوجهد ۽ ڪشمڪش ڪرڻ واري بي پناه انقلابي دولت. موسيٰ وٽ اهڙا دعوت-حق هئي، جنهن جي تشريح سان لکين ماڻهن جا قلب ڏانهنس ڇڪجي آيا. موسيٰ عليه السلام، فرعون جي مڪر ۽ فريب، دولت مندانه ۽ سرمايه دارانه ذهنيت واري قارونيت، مذهب جي غلط تعبيرات ۽ تاويلات واري هامانيت جي خلاف، بي پناه ۽ اڪاهم جدوجهد ڪئي ۽ هر محاذ تي فرعوني ڪارستاني کي شڪست ڏني.

موسيٰ عليه السلام ۽ سندس ساڻي هن طرح تشريح ڪري ٻڌائيندا رهيا تہ: 'فرعون' هڪ مڪار ۽ عيار، ظالم ۽ مستبد، مطلق العنان ۽ جابر حاڪم آهي، جنهن جي حڪومت ۾ نه امن آهي ۽ نه ايمان! نه اسباب رزق مان بهره ور ٿيڻ جا ذريعا ۽ وسيلا آهن ۽ نه عوام لاءِ ضروريات زندگي کي حاصل ڪرڻ جا اسباب آهن. ملڪ جي پوري دولت ۽ خزانو ماڻهن جي پورهئي ۽ جدوجهد مان پيدا ٿئي ٿي، جا فرعون لاءِ، قارون جي خزاني ۾ جمع ٿئي ٿي، ۽ رعايا هميشه تباه حال ۽ ڪنگال رکي وڃي ٿي. اها ان لاءِ جيئن هو ڪابه باغيانه تحريڪ نه پيدا ڪري سگهي، ۽ ڪڏهن ظلم ۽ استبداد جي خلاف صدائي احتجاج بلند ڪري نه سگهي.

دوستو: موسيٰ جي نوجوانن چيوتہ "هامان، فرعون جو مڪار ۽ عيارمذهبي پيشوا آهي، جو فرعون جي تقدس ۽ الوهيت اڳيان سجده ريزيءَ لاءِ پوري رعايا جا گردن جهڪائي ڇڪو آهي، هامان، فرعون جي مطلق العنان جابريت جي حفاظت جي سلسلي ۾، هزارن مظلومن تي ڪفر ۽ ارتداد، لامذهبيت ۽ لادينيت جون فتوائون هڻي، انهن کي قتل ڪرائي ڇڪو آهي. انهن کي بدنام ڪرڻ لاءِ متن قسم قسم جا الزام لڳائي رهيو آهي. انهن کي ڪمزور ۽ مرعوب رکڻ لاءِ قسم قسم جا ذهني ۽ جسماني عذاب ڏئي ڇڪو آهي. هامان، پنهنجي تقدس مابيءَ ۽ مذهبي پيشوائيءَ جي زعم ۾ اچي، هزارن نيڪ دل مخلصن، نيڪوڪارن، همدردن ۽ حق پسندن کي چيچلائي چيچلائي مارائي ڇڪو آهي.

"فرعون ۽ سندس درباري امير ۽ وزير، عالم ۽ مشائخ، مذهبي پيشوا ۽ ٽياڪريسيءَ جا نمائندا سڀ 'فرعون' کي پنهنجو الله بنائي ڇڪا آهن، انهن سڀني مڪارن ۽ عيارن جي سازش سان، ملڪ جي رعايا کي انگ اگهاڙو ۽ پيٽ بکيو رکيو ويو آهي، انهن کي بيگار ۾ وهايو ويو آهي، انهن کي فرعونن جي مقبرن جي تعمير لاءِ ڏڪڻ وانگر وهايو ويو آهي. اهو هامان آهي، جنهن جي سازش ۽ صلاح سان، فرعون لاءِ بلند مينار کڙا ڪيا ويا آهن، جيئن هو عرش عظيم تائين پهچي، الله سان جنگ ڪري سگهي!

"اهي 'هامان ۽ قارون' آهن، جن مذهب ۽ پيشوائيت جي آڙ ۾ سرمايه دارانه نظام ۽ اسباب رزق جا سڀ ذريعا، پنهنجي قبضي ۾ آڻي، لکها مظلومن کي بک ۾ مارائي ڇڏيو آهي.

"اهي تقدس ماب وزير ۽ سرمايه دارانه نظام جا نمائندا، پنهنجي نظام کي بچائڻ لاءِ، پيا هزارين خوشامند پسند مذهبي پيشوا پيدا ڪري ڇڪا آهن، جن جون زبانون حق پرستن جي خلاف تلوار وانگر وهي ڇڪيون آهن، فرعون جي انهن بدڪردار نمائندن جڏهن فڪر ۽ استدلال، عمل ۽ اخلاق، دعوت ۽ تبليغ جي ميدان ۾ شڪست کاڌي آهي، تڏهن پنهنجن جادوگرن، ساحرن، عاملن ۽ طلسم بازن کي جمع ڪرايو آهي، جن عوام ۾ دهشت ڦهلائي، مشهور ڪيو آهي تہ "موسيٰ عليه السلام وڏو جادوگر، طلسم باز، حيلہ تراش ۽ بهانہ ساز آهي، جو هن ملڪ جي فرمان روائي مطلق 'فرعون' جي قوت ۽ حڪومت جي خلاف بغاوت پيدا ڪري ڇڪو آهي. موسيٰ عليه السلام خواه مخواه رعايا کي 'حق' جي آڙ ۾ برغلائي رهيو آهي! سندس عمل ۽ قول نهايت غلط ۽ لغو، مضر ۽ غير مفيد آهن!! موسيٰ رعايا لاءِ نقصانڪار آهي- انڪري رعايا کي گهرجي تہ هو فرعون جي دشمن ۽ باغيءَ، غدار ۽ واجب القتل، منڪر ۽ ملحد جي، دعوت تي ڪن نہ ڏين، وغيره."

دوستو: ڪجهہ ان قسم جي پرجوش ۽ اثر انگيز تقريرن، دليلن، وسيلن ۽ نتيجن سان فرعون جي خلاف باغيانہ طريق- ڪلام ۽ طرز استدلال کي استعمال ڪرڻ شروع

کيو ويو، نتيجو اهو نڪتو جو هڪ ڏينهن 'نيل' جي ڪناري تي، حق ۽ باطل ۾ فيصلو ڪن تصادم ٿيو. موسيٰ عليه السلام جي عظيم جدوجهد مان پيدا ٿيل، باشعور ۽ مخلص "نوجوانن" جي جماعت جي تعاقب ڪندي، فرعون پاڻ، سندس امير ۽ وزير، لشڪر ۽ سپاهه، علماء ۽ مشائخ، دلال ۽ مبلغ، جادوگر ۽ خطيب، سڀ 'نيل' جي لپيٽ ۾ اچي ويا ۽ سڀ غرق ٿي ويا. موسيٰ عليه السلام ۽ سندس آزادي پسند ۽ حق پرست مخلصن جي فتح ٿي. فرعون جي فرعونيت مان مصر کي آزادي ملي. حق پرستن کي فرعوني نظام مان نجات ملي. باطل جو سارو سازو سامان بيڪار رهجي ويو. قارون جي خزاني جون ڪنجون مسڪين ۽ مفلوڪ الحال مائهن جي قبضي ۾ آيون. موسيٰ ڪامياب ۽ ڪامران ٿيو. سندس 'دعوت' وچ وانگر عالم ۾ پکڙجي ويئي. غلط ۽ لغو قسم جو داعي فرعون مردار ٿي مٿو ۽ مقابلي، حق ۽ صداقت جو 'الله' باقي ۽ زنده رهيو ۽ فرعون ۾نهنجي پرورده موسيٰ هٿان ئي ختم ٿي ويو! ان طرح مصر جي ظالم جي پڇاڙي ٿي.

قرآن، موسيٰ ۽ فرعون جي ان ڪشمڪش کي، جنهن بليغ ۽ اثر انگيز انداز ۾ بيان ڪيو آهي، آءٌ ان کي بيان ڪرڻ کان قاصر آهيان.

دوستو: اهو فرعون ۽ اهو موسيٰ، جي قرآن جي عظيم ڪردار نگاريءَ جو حقيقت پسندانه پس منظر رکن ٿا، سي انساني تاريخ جي هر دور ۾ موجود رهندا آيا آهن. حق ۽ باطل جي اها آويزش ۽ ڪشمڪش هزارن سالن کان جاري آهي ـ ڪلهه به هئي ۽ اڄ به آهي:

ستيزه ڪار رها هے، ازل سے تا امروز،
چـراغ مصطفوی سے، شـرار بولهبی!

انساني تاريخ ۾ 'نمرود ۽ ابراهيم'، 'فرعون ۽ موسيٰ'، 'ابولهب ۽ محمد صلي الله عليه و سلم' پهريان باطل جا ۽ پوبان حق جا نمائنده ڪردار آهن. تاريخ ابراهيم، موسيٰ، ۽ محمد صلي الله عليه و سلم جي عظمت کان انڪار نه ٿي ڪري سگهي. ان سان گڏ اريخ نمرود، فرعون ۽ ابولهب تي لعنت وجهڻ کان رهي نه ٿي سگهي!

حق ۽ باطل جي ڪردارن جو اهو تصادم ازل کان اڄ تائين پيو هلي ۽ تيستائين اري رهندو، جيستائين ڪ، عالم انسانيت مان نمرود ۽ فرعون، ابولهب ۽ هامان، قارون يزيد پارا 'باطل پسند' ڪردار هميشه لاءِ ختم نه ٿيندا. جيستائين فرعوني مزاج، هاماني اج، نمرودي مزاج، قاروني مزاج، ظالم ۽ جابر سرمايه دار ۽ سندن مذهبي دلال ختم ٿيندا، تيستائين ڪٿي بـ خوشحاليءَ، امن ۽ اخوت جو دور نه ايندو، ۽ نه ڪو بـ ۾ آزاديءَ جو سچو نصب العين پيدا ٿي سگهندو.

دوستو: افسوس هي آهي ته اسان وٽ قرآن فقط تلاوت ۽ زيارت لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي. قرآن جي حقائق ۽ معارف تي نگاه نه رهي آهي. قرآن جي قصص ۽ مسائل

کي سمجهڻ لاءِ کوبه تيار ناهي. قرآن مان قومن جي ڪمال ۽ زوال جا اسباب نه ٿا مطالع ڪيا وڃن.

ظلم هي آهي ته اڄ قرآن اهڙن تعبيرن ۽ تاويلن جي غلاف ۾ لپيٽيو ويو آهي، جي تعبير، غلاميءَ کي پسند ٿا ڪن، باطل اڳيان ڪنڌ ٿا جهڪائين. آزادي پسند فردن ۽ حق پرست ماڻهن کي، فرعوني نظام وانگر ڪافر ۽ ملحد ٿا سڏين! حالانڪ قرآن حق جو داعي ۽ آزاديءَ جو مبلغ آهي، ڇاجائيڪ ان کي غلاميءَ ۽ انسان دشمنيءَ لاءِ استعمال ڪيو وڃي! عجيب انقلاب معڪوس آيو آهي!

خود بدلتے نہیں، قرآن کو بدل دیتے ہیں!

دوستو: بلڪل موسيٰ عليه السلام وانگر هر مصلح کي نهايت مصلحت ۽ دانشمنديءَ سان فرعوني حالات ۽ واقعات جو جائزو وٺڻ گهرجي. فڪر انگيز ۽ سنجيدگيءَ جي ماحول ۾ پنهنجي موقف ۽ دعوت جو تعين ڪرڻ گهرجي. پنهنجي حق ۽ صداقت جي يقيني حيثيت تي مردانه وار اٽڪ گهرجي. پنهنجن جائز ۽ واجبي؛ علمي، ادبي، فڪري، ثقافتي تهذيبي ۽ تمدني حقن جي حفاظت لاءِ قانوني دائري اندر بنيان مرصوص ٿيڻ گهرجي.

هن دور جي دعوت 'الي الخير' کي ناڪام بنائڻ لاءِ 'فرعون ۽ هامان ۽ قارون' جا نمائندا پنهنجي 'قلم ۽ دولت، مڪر ۽ فريب' سان هرهنڌ، حق پسندن کي لامذهب، ملڪ دشمن، ملحد، ڪافر ۽ غدار چئي برغلائيندا رهندا ۽ ڏيڇارينداڏ رهندا. انهن سڀني حالتن ۾ موسيٰ جو ڪردار، هڪ عملي ۽ آدرشي ڪردار آهي:

خون اسرائيل آجاتا هے، آخر جوش میں،
توڑ دیتا هے، کوئی موسیٰ، طلسم سامری!

اوهان پاڻ ۾ هڪ مخلص ۽ محب وطن، تعمير پسند ۽ سنجيده، باشعور ۽ باوقار ڪردار کي پيدا ڪريو. زندگيءَ جون تعمير پسند نعمتون انهن لاءِ آهن، جن جي جدوجهد ۾ شعور ۽ بصيرت آهي، جن جي فڪر و نظر ۾ سنجيدگي ۽ سادگي آهي، جن جي عمل ۾ حرڪت ۽ پختگي آهي. بقول اقبال:

نگہ بلند، سخن دلنواز، جاں پرسوز،
یہی هے رخت سفر، میر کارواں کے لئے

آخر ۾ اهو چوندس ته اوهان جي تاريخ ۽ تهذيب پوري انساني تاريخ ۾ عظيم به آهي ۽ قديم به آهي. اوهان ان جا وارث ۽ نگران آهيو. اهو قلم جو اوهان جي تاريخ ۽ تهذيب جي تحقير ڪري، ان کي پيڇي ڦٽو ڪيو! اها زبان جا اوهان جي عظمت ۽ ثقافت کان انڪار ڪري، ان کي سندس منهن مان چڪي اڇلائي ڇڏيو. اهو ڪتاب جو اوهان جي گلا ۽ تنقيص ڪري، اهو ڦاڙي ڇڏيو!!! شال اوهان جو عمل ۽ ڪردار پنهنجي وطن جي خوشحاليءَ جو ضامن بنجي.

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار!
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

# لامون تنهن وٽ سنديون

## (پيغام، تقريرءِ ۽ هم خط)

پريمودا (شڪنتلا کي)- تون جو وڃ سان ٽيڪ
ڏيئي ٻيئي آهين، تہ ائين لڳي رهيو آهي
جڏ هن وڃ سان ڪنهن سُندر ول جو
سنجوڳ ٿي ويو آهي.
ڪاليداس.

لامون تنهن وٽ سنديون، لوڏيان، لايان ڳري-
منهنجي، ووا! شهر پنهور هر.
(سُر ڪوهياري ـــ شاهه)

# پيغام

[ حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڈريشن جي سيڪريٽري جنرل، چاڪ ساقيءَ، ڏانهن پيغام ]

۱- ڊسمبر ۶۷ع. ادا چاڪ ـــ افسوس اٿم، جو حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن طرفان (۳ ڊسمبر ۱۹۶۷ع تي) "قوم ۽ زبان" جي موضوع تي سڏايل مذاڪري ۾ ڪن اڻ ٽر مجبورين سبب شريڪ ٿي نٿو سگهان.

قومي مسئلن جي چنڊ چاڻ ڪرڻ ۽ انهن جي جوڳي حل تلاش ڪرڻ لاءِ اهي مذاڪرا نهايت فائدي وارا ٿي سگهن ٿا. پاڪستان ۾ قومن ۽ زبانن جو مسئلو ڪيڏو نه اهم آهي ۽ ان جو جوڳو ۽ جڳاءُ وارو حل ڪيڏو نه ضروري آهي، سو ڪنهن به دانشور کان ڳجهو نه آهي؛ نه وري اها ڳالهه ٿي ڪنهن کان ڳجهي آهي ته پاڪستاني زبانن کي آڇاتراڻي ۽ ڏاڍائي سان قومي ۽ علاقائي درجا ڏيئي جنهن نموني مسئلي کي رفع دفع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، ان کان هن علاقي جا ماڻهو راضي نه آهن، ۽ هو پنهنجيءَ زبان کي آئيني طور جائز درجي ڏيارڻ لاءِ ڪافي عرصي کان جدوجهد ڪري رهيا آهن.

سنڌي زبان بابت اهو عام ويچار ته اها اولهه پاڪستان جي هڪ پڻي پيل زبان آهي، ڏاڍو غلط ۽ گمراهه ڪندڙ آهي. اولهه پاڪستان جي زبانن ۾ سنڌيءَ جي امتيازي حيثيت جو اقرار خود حڪومت ان وقت ڪري چڪي، جڏهن مارشل لا کان پوءِ مقرر ڪيل تعليمي ڪميشن جي رپورٽ ۾ سنڌي عوام جي گهر سبب، ترميم آڻي، سنڌي زبان کي ڪنهن حد تائين تعليم جو ذريعو تسليم ڪيو ويو. پر فقط انهيءَ هڪڙي قدم سان سنڌي زبان جو مسئلو نه حل ٿيڻو هو ۽ نه ٿي سگهندو. هاڻي ته انهيءَ ڏنل درجي کي به ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، جنهن جو هڪ مثال سنڌ ۾ قائم ڪيل ڪامپريهينسو اسڪول (Comprehensive Schools) آهن. منهنجي راءِ ۾ اردوءَ ۽ انگريزيءَ جي چڪتاڻ جو مسئلو به تڏهن حل ٿي سگهندو، جڏهن پهرين اولهه پاڪستان جي قومي زبانن، سنڌيءَ، پنجابيءَ، بلوچيءَ ۽ پشتوءَ جو مسئلو حل ڪيو ويندو.

زبان، زمين، تاريخ ۽ معاشي ۽ نفسياتي سڀاءَ جي لحاظ کان، اسان سنڌي هڪ قوم آهيون، ۽ اهڙيءَ طرح پاڪستان، جو هڪ ڳهڻ-قومي ملڪ آهي، ان ۾ هر قوم سان هڪجهڙائيءَ ۽ نياءَ جي ورتاءَ جو طريقو ڳولڻو آهي. جي اسان ۾ سچائيءَ ۽ پائڻپيءَ جي من-ورتي آهي، ته انهيءَ مسئلي جو حل ڳولڻ ڏکيو نه آهي. انسان سڀ پائر آهن، شرط اهو آهي ته هڪڙو ٻئي جي پيٽ تي لت ۽ نڙيءَ تي ننهن نه ڏئي. اسان جي مسئلي کي، جيڪڏهن ڪوئي سنڌي بڌجي ڏسندو، ته هو اسان جي من جي پيڙا کي سمجهي سگهندو.

مون کي وڏي اميد آهي ته اوهان جي مذاڪري ۾ شريڪ ٿيندڙ عالم ۽ دانشور زبانن ۽ قومن جي مسئلي جي چڱيءَ ريت چنڊ چاڻ ڪري، ان جي جوڳي نياوَ لاءِ ڪارائتيون رڙون تيار ڪري سگهندا. ـــ اوهان جو، شيخ ايار.

# هڪ تقرير

[سنڌ يونيورسٽيءَ جي انجنيئرنگ ڪاليج، جامشورو، جي هاسٽلن ۾ رهندڙ شاگردن طرفان، ۱- ڊسمبر ۶۷ع تي ملهايل "سنڌي شام" ۾، مشاعري جي صدارت ڪندي، محترم شيخ اياز جي پڙهيل صدارتي تقرير.]

سنڌڙيءَ جا سپوتو، ـــ ڪجهه سال ٿيا تہ مان ۽ منهنجا دوست، لڪيءَ جي چشمي ڏانهن وڃي رهيا هئاسين. چشمي ڏانهن وڃڻ لاءِ، جبل مان ڏاڪڻ ٺهيل آهي. اڌ ڏاڪڻ تي مون هڪ عورت ريڑهيون پائيندي ڏٺي. ڪڪ وني، سج ورٽي سونهن، اڌ ميرو گج، چڳن ۾ چيڑهه ـــ ڪائي پهراڙي جي وينگس ٽي لڳي. هن جو ساڄو پير سُڄي ٻڪ ٽي ٻيو هو، جنهن تي ڪپڙن جا موٽا پڌل هئا، ۽ هوءَ ڪاپي پير سان گيسرندي چڙهي رهي هئي. شايد چشمي جي پاڻيءَ ۾ ڇوٽڪاري جي گولاڙو هئي. مون ان وقت سوچيو هو تہ فقط ڪاپي پير جي سهاري، هن ڪي ڏاڪڻ چڙهڻ ۾ ڪيتري نہ تڪليف ٿي ٿئي! اوچتو مون ڪي اها عورت علامتي روپ ۾ نظر آئي هئي. هيءَ اڳهي سنڌ هئي، جا ڪاپي پير جي سهاري، انهي ابديءَ چشمي ڏانهن وڃي رهي هئي، جتان ان کي شفا ملڻي هئي.

ڪجهه ڏينهن اڳ، جڏهن اوهان سڪر ۾ "سنڌي شام" ملهائي، ۽ لڳاتار سادا اٺ ڪلاڪ تقريرون ٿيون، ٿهراءَ بحال ڪيا ويا، قومي گيت پڙهيا ۽ گايا ويا، تڏهن اها علامت منهنجي اکين اڳيان ايري آئي، ۽ مون ڏٺو تہ اڳهي وينگس، ڏاڪڻ تي چڙهي، چشمي جي ڪناري تي پهچي چڪي آهي.

مون هڪ نثري نظم ۾ لکيو هو تہ ـــ

"جڏهن جبر وڌي ويندو آهي،
تڏهن شاعر کي علامت جو سهارو ونڊو پوندو آهي.
علامت، شاعريءَ جي زره آهي؛
علامت اهو نقاب آهي،
جنهن مان فقط شاعر جي اکين جي آگ پرندي نظر ايندي آهي!"

پر هڪ سنڌي سگهڙ، منهنجي هر علامت کي پنهنجيءَ هڪ ڪجهارت سان شهه ڏيئي ويو. مان ۽ منهنجا ڪجهه دوست، "رني ڪوٽ" جي قلعي ۾ ويٺا هئاسين، ۽ سنڌ جي تاريخ تي بحث ڪري رهيا هئاسين، تہ اهو سگهڙ اچي نڪتو هو. هن کي هڪ ڪلهي تي پاڻيءَ جي ڪلي هئي ۽ ٻئي ڪلهي تي رائيفل. هو پهراڙيءَ جي هر سنڌيءَ جئن سپاهڙو ۽ گاڙهين جو ڳهير هو، پر هن جي اکين ۾ ناهر جي نهار ۽ لڳ، لڳ ۾ چيتي جي ڦرتي هئي. گاڙهيون ڪندي، مون هن کان پڇيو تہ "اوهان

سڌ ڪنهن کي ڏيندا آهيو؟" جواب ڏنائين ته "اسان جو سائين به اهو، پوتار به اهو سڌ جي. ايئر. سيد کي ڏيندا آهيون." پوءِ هن اسان کي ڪجهه ڪجهارتون ڏنيون. ڏيڻيون به ٻڌايائين ۽ پڇيون به ٻڌايائين. آخر هڪڙي ڪجهارت ڏيئي، هن چيو، "هيءَ ڪجهارت مان به پڇي نه سگهيو آهيان ۽ هن وقت تائين ڪوئي ٻيو به پڇي نه سگهيو آهي."

اها ڪجهارت هيءَ هئي—"ڪائنون ڪاٺ پياس، هي مرون نه منهنجي وس!"

مون، هن جي چيتي جهڙي سڌول بدن کي ڏسي، هن جي رائيفل ۾ هٿ وجهي چيو، "تعجب آهي، تون به جي. ايئر. سيد کي ڏيندو آهين، پوءِ به اها ڪجهارت پڇي نه سگهيو آهين. جنهن کي هڪ ڪلهي تي پاڻيءَ جي ڪلي هجي ۽ ٻئي ڪلهي تي رائيفل، ان لاءِ اها ڪجهارت ايتري ڏکي ته هجڻ نه ڪپي! پر ٻيلي، اها ڪجهارت فقط ٻيڙي فقير (۱) لاءِ نه آهي، اها ڪجهارت سڌ جي پوري نئين نسل کي پڇڻي آهي."

اڄ مان ڏسي رهيو آهيان ته اوهان اها ڪجهارت پڇي چڪا آهيو. ڪوئي سگهڙ مڃي نه مڃي، ان جي پڇڻي فقط اها آهي، جا اوهان جو نعرو بڻجي چڪي آهي ـ "جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!"

منهنجا سڄڻو! اهو "جيئي سنڌ" فقط جذباتي نعرو نه آهي، جنهن سان ڪوڙ جا قلعا لڏي وڃن ٿا ۽ انهن جي ڪنگرن ۾ ڪٻڻي اچي وڃي ٿي. ان نعري جي پس منظر ۾ ثقافت ۽ قوميت جو اهو تيخل آهي، جو سنڌ جي تقدير بدلائي سگهندو آهي، ۽ جو انهيءَ جڙتو ثقافت جي جڙ تي ڪهاڙيءَ جو وڌ آهي، [illegible] مڙهي ويئي آهي. قوميت نه فقط هوليءَ جو ڳانڍاپو آهي، نه فقط ڏريءَ ۽ روٽيءَ جو ڳانڍاپو آهي؛ قوميت اهي سيبئي ڳانڍاپا هوندي بہ انهن کان ڪجهه وڌيڪ آهي. ڳنڍيڙ جي ڳنڍين ۾ جيستائين ماروئڙن جو من ٻڌل نه آهي، تيستائين قوميت جو تخيل مڪمل نه آهي. قوم، زبان جو اشتراڪ، زمين جو اشتراڪ ۽ معاش جو اشتراڪ به آهي، ۽ انهيءَ اشتراڪ ۾ انسانن جي نفسياتي ساخت جي يڪسوئي به آهي. اها نفسياتي ساخت، زمان ۽ مڪان جي لڳاتار سلسلي مان جڙندي آهي ۽ ان تي اثر انداز به ٿيندي آهي. اها من ـ ورتي قوم جي سياو جي جڙ هوندي آهي ۽ ان جي ثقافت ۾ ڦلندي ڦولندي آهي. ان کي ڪائي شڪل صورت نه آهي پر قومي ثقافت مان ان جو هڳاءُ دور تان ڏورو هوندو آهي. ڇپر جو پتو ڇات مان ٻوندو آهي؛ جي ٻڌائيءَ ۽ سڃل جو وجود نه هجي ها، ته هيءَ پسيءَ ۽ پيرونءَ جي ڏرتي، قوم پيدا نه ڪري سگهي ها. قوميت ڏٺ به آهي، ڏوٽيڙو بہ آهي ۽ اها مارئيءَ جي پڪار بہ آهي، جنهن صحرا جي ستر کي معنيٰ بخشي آهي. فقط رياست قوم ناهي نه سگهندي آهي ۽ نه ڪوئي سطحي سرڪاري انتظام ان جي اڏاوت ڪري سگهندو آهي. قوم فقط

---

(۱) ٻيڙو فقير — سنڌ جو مشهور سگهڙ.

انساني گروهه بندي نه آهي ۽ نه وري قوميت هجوم جي تعداد ۽ ان ۾ عارضي طور اتحاد تي مشتمل هوندي آهي. ڪاش! مان اوهان کي ٻڌائي سگهان ته اڄ کان ويهه سال پوءِ، مون کي سندڪيئن نظر اچي رهي آهي. ممڪن آهي ته ان وقت مان نه هجان، پر منهنجي شاعري اوهان جي ضمير ۾ شامل هوندي. في الحال، اوهان لاءِ، جي منهنجيءَ هر نئين ادبي علامت تي هري ويا آهيو، اهو ڪافي آهي ته اسان جي قوميت اها مارئيءَ جي پڪار آهي، جنهن صحرا جي ستر کي معنيٰ بخشي آهي، ۽ اها پڪار اسان جيءَ پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ آهي، ۽ ان پڪار ۾ جنهن گرم لهو جي لرزش آهي، اهو لهو انهيءَ ڌرتيءَ جي ذات آهي، جو اسان کي ملير جي مٽيءَ ڏني آهي. اها مارئيءَ جي پڪار، اها ٻولي، اهو ڌرتيءَ ۽ اها ملير جي مٽي اوهان وٽ امانت آهي. اوهان کي ماءُ ٽيڄ نه بخشيندي، جي اوهان انهيءَ امانت جي هر حالت ۾ حفاظت نه ڪندءِ.

منهنجي ڌرتيءَ جا نونهالو! سنڌڙيءَ جي مستقبل جون روشن مشعلو! تاريخ اهو آئينو آهي، جنهن کي ڏسڻ کان فقط اهو ڏکندو آهي، جنهن کي منهن تي ڪوڙهه هوندو آهي. موهن جي دڙي کان ميائيءَ تائين تاريخ جا وارثو! اوهان کي هڪ ڪوڙهي ثقافت آڇي وئي آهي، جا تاريخ جي آئيني کان ڇرڪي رهي آهي. ڪو وقت هو، جو مون مونن مان منهن ڪيو، ٻڌائيءَ جي آنهيءَ ڪينري ڏانهن ڏٺو هو جو ڪيري تي لٽڪي لٽڪي، ڪنڊجي ويو هو. مون سوچيو هو "اهو لاهي ته ڏسان، متان وڃي پئي!" اڄ تنبي جي تان، سنڌ جي ڪنڌ ڪڙڇ ۾ گونجي رهي آهي. اڄ اهي ايراني ۽ وچ ايشيائي تهذيب جا نرڇا پينو، اوهان کي پنهنجو ڪڇڪول ڏيکارينديءَ اڄ مري رهيا آهن. اڄ اوهان جو ادب، اوهان جيءَ پوريءَ ڌرتيءَ لاءِ هڪ اوڇي مشعل آهي. مرٽينگ هٽ، ان کي ڇا وسائي سگهندا! اڳ به اوهان هن برصغير کي زندگيءَ جو مهذب نظريو ڏنو هو، ۽ تاريخ جو هر ڪتاب اوهان جي عظمت جي داستان سان شروع ٿيندو آهي؛ هن پيري به اهو بار اوهان جي ڪلهن تي آهي، ۽ تاريخ جو نئون موڙ، اوهان جي قدمن جو منتظر آهي. اها مشعل بلند رکندا اڇو؛ ٻوليءَ جو مسئلو آخرين مرحلو نه آهي، منزل اڃا ٻه اڳتي آهي، اڃا ٻه اڳتي آهي، اڃا ٻه اڳتي آهي. ــــ "جيئي سنڌ!"

# خط ۱

۱۵ سيپٽمبر، ۱۹۶۷ع. ادا،- تنهنجو خط پهتو. تو لکيو آهي ته مون نه فقط اردوءَ ۾ هائڪوءَ کي پهريون پيرو روشناس ڪرائي، ان جي اهميت محسوس ڪرائي، پر 'پونر پري آڪاس' ۾ به اهڙا ٽ- سٽا نظم (فارسي بحر وزن ۾) ڇپيا آهن، جن ۾ هائيڪوءَ جي ڪيفيت آهي؛ ۽ ان ڪري تو اصرار ڪيو آهي ته مان ڪجهه هائڪوءَ تي لکان. ائين ضرور آهي ته سال ۶۲ع ۾ منهنجا هائڪو، جي پاڪستان رائٽرس گلڊ جي اردو رسالي 'هم قلم' ۾ شعر جي انتخاب 'ريگزار ڪي موتي' ۾ شايع ٿيا هئا. تن ڪي اردو ادب ۾ ڪجهه اهميت ڏني ويئي هئي. مون ڪيتري وقت کان اردوءَ ۾ شعر گوئي ڇڏي ڏني آهي ۽ نه وري پنهنجي اردو ڪلام جي جائزي ونڊ جي ڪا ضرورت محسوس ڪئي آهي. باقي سنڌي هائڪوءَ جي باري ۾ منهنجو رايو آهي ته اُهو سنڌي شاعريءَ جي سَڀاوَ سان ٺهڪي نٿو اچي. پيارا، هي پُسيءَ ۽ پيرونءَ جو ديس آهي ۽ ان 'ڇپيريءَ' جي گل جي اهميت فقط وقتي ۽ تجرباتي آهي. سياست بين الاقوامي ٽي سگهندي آهي، شاعري فقط قومي هوندي آهي. جي انسان ذات جي ڪائي شاعري آهي، ته اُها اُهو گُلدان آهي، جنهن ۾ هر قوم پنهنجا پنهنجا پر ٽي گل سجايا آهن. انهن جي واس ورَنَ ۾ ساڳيائپ جي ڳولا آڪارٽي آهي. ائين برابر آهي ته جپاني ۽ چيني رنگ آميزيءَ جي نقليد مغربي مصوريءَ کي نئين هوا ۽ نئون آسمان ڏنو آهي، پر رنگ ۽ پٽر وانگر بين الاقوامي اظهار جو ذريعو آهي، ۽ ان جي تجربي جي معيار تي هوليءَ جي ڪنهن به تجربي کي پرکي نٿو سگهجي. ان ڪري جيڪڏهن ثقافت جي ڪنهن حصي ۾ بين الاقواميت جي گنجائش آهي، تڏهن به ان جي انهيءَ حصي کي، جنهن جو شاعريءَ سان واسطو آهي، پنهنجيءَ هوليءَ جو لوڙهو ڏنل آهي؛ ۽ ان ڪري ٽي دنيا جي هر عظيم شاعريءَ جو پيءَ هوليءَ ۾ تسليءَ جهڙو ترجمو اگر ناممڪن نه آهي، ته به نهايت مشڪل آهي. مون کي فن ۽ فلسفي ۾ بين الاقوامي پيغام جي گنجائش کان انڪار نه آهي، پر، قومي ڪردار وانگر، شاعريءَ جي جڙ به پنهنجيءَ ڌرتيءَ ۾ هوندي آهي، ۽ ان مان پٽجي، شاعري اها خوشبو نه ڏيندي آهي، جا ان جي خمير ۾ هوندي آهي. ان ڪري مون کي سنڌيءَ ۾ هائڪو، سانيٽ، ترائيل وغيره جو تجربو انهيءَ ڳنڍ- ڪپ جي جهڙپ وانگر لڳندو آهي، جنهن جو پنهنجو ڪيسو خالي هوندو آهي.

جپاني هائڪو جو گهڻو اثر آمريڪا جي شاعريءَ تي ٽيو آهي؛ مون اڄا ٽائين روسي، فرينچ يا ٻيءَ ڪنهن مغربي هوليءَ ۾ هائڪو نه پڙهيو آهي. آمريڪا جي شاعريءَ کي، والٽ وٽ مٽن ۽ رابرٽ فراسٽ جي باوجود، پنهنجو ڪوئي خاص ادبي ورثو نه آهي ۽ نه وري هن نئين سامراج جي ڌرتيءَ کي اهڙي ورثي جي حفاظت جي ڪا ضرورت آهي. اسان کي انهيءَ حفاظت جي ضرورت آهي. اسان جو ادبي ورثو اسان جي قوميت جو ضامن آهي. ان سان گهڻي هٽ چراند اسان جي قومي

انفراديت لاءِ هاڃيڪار آهي، ۽ اها انفراديت ئي تہ ٻڌيءَ ٻيڙيءَ جو تختو آهي، جنهن کي اسين چنبڙيا پيا آهيون. اسان جا بيت سنڌڙيءَ جي چٻيءَ جون ڦلڙيون آهن؛ انهن ۾ هن ڌرتيءَ جي اُٽ آهي. آهي صدين کان اسان جي عوام جي روح ۾ رمي چڪا آهن، ۽ توڙي جو اسان انهن ۾ جديد دور جي تقاضائن سان مطابقت پيدا ڪيون ٿا، تڏهن بہ انهن ۾ ڪا اجنبيت محسوس نٿي ٿئي.

هائڪو فطرت جي شاعري آهي، ۽ مون کي فطرت جي شاعريءَ جي اهميت کان انڪار نہ آهي؛ پر جي ڪوئي وچ سير ۾ غوطا کائيندي، ترندڙ هنس جي ڪڇيءَ تي گهٽو ڏيان ڏيندو تہ هُن جو ٻڌڻ آوس آهي.

'تنڪا'، 'هائڪو' ۽ 'سينريُو' (Senryu)، جپاني شاعريءَ جا قديم فارم آهن. جيتوڻي پنهي صنفن جو فارم ساڳيو آهي، سينريو ۾ اها مام نہ آهي جا هائڪو ۾ آهي؛ سينريو فقط مخصوص تائين محدود آهي؛ اُن ۾ رڳو آڏُري ۽ آڏري جي ڪڇيءَ وکريءَ جي وَتّ آهي، ان ۾ بي انت جي اکٽ پندار مان ٽوئي پرڻ تي روڪ آهي. مثال طور:

هُو گهر ۾ ٻيٺو آهي،
ڪوسَ جي ڇات ـ
آنڙي ويچُ.

—

جهين پروهت،
ڏيان پورو ٿي ڇُڪو ـ
منگهڻن لاءِ واجهه.

—

پنهنجيءَ زال کي،
گهٽو چڑٻي،
هُو چانور رڌي رهيو آهي.

—

ٽاهه،
پهرين ڪير مُرڪي ـ
لچ.

—

در کوليندي،
او! او! او!
برفاني باک.

—

"هن کي هڪڙي اک آهي،
پر اُها هرڻيءَ جهڙي آهي،"
ڏوُتيءَ چيو.

—

سالي،
اڳ ۾ جاچي وٺندي آهي،
گهوٽ جون اوٽايون!

—

گنڈو ٻ
ڪپڙن جي بُجڪي مٿان،
نئين گهوٽ ڪنوار جي گهر ۾!

—

سپاهيءَ جي گود ۾،
وڃايل هار اشارو ڪري رهيو آهي،
مٽائيءَ جي دُڪان ڏانهن.

—

مون اڳ "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙيءَ" ۾ لکيو آهي تہ ڪنهن ڪنهن سنڌي بيت ۾ هائڪوءَ جي ڪيفيت آهي. نہ فقط اهو، پر ڪنهن ڪنهن بيت ۾ 'سينريو' جي ڪيفيت بہ آهي. وڳنڈ جي باري ۾ چيل پٽائيءَ جي بيتن ۾ ساڳي ڪِلڪي چَپ-پيڪوڙ آهي. مون کي ٽر ۾ هڪ پَٽَ هيٺيون بيت ٻڌايو هو، جنهن ۾ انسان جي اوڻائيءَ تي اهڙي ئي اچوتي ڦٽڪار آهي، جهڙي سينريو ۾ آهي:

هَڏِي مَٽان هوڏَ، ڪَڏهان ڪَر ڪُٽن جي،
هَڏِي ساڳي لوڏ، چوپيندڙ چَلِي ويا.

يا اسحاق جو هڪ مشهور دوهڙو آهي:

بي عقل کي بانوَرَ جي، آهي پاڪر پيرن سيئن؛
عقل جو اسحاق چئي، تنهن کي ڪانُ لڳندو ڪيئن!

سنڌ جا ڪيئي لوڪ-بيت آهن، جن کي پيڙهيءَ پيڙهيءَ ساهه ۾ سانڍيو آهي. انهن جي هيئت ۽ اسلوب (Form and style) اسان جي ادبي ذوق ۾ رچي چڪو آهي ۽ اهو ادبي ذوق اسان جي ثقافت جو پاينده حصو ٿي چڪو آهي. اسان جي لوڪ سنگيت ۾ بيت وائيءَ سان گڏ ائين لڳايا ويندا آهن، جيئن گَڄ ۾ ڪاوا ٽاڪيا

آهن. ان کري مون کي سنڌي هائڪوءَ جي فارم ۾، بيت جي هيئت سان هٿ چراند چگي نٿي لڳي. مان نٽر پانيان ته جي مٿئين لوڪ بيت کي سينريو جي هيٺئين ٽم. ستي فارم ۾ ڏنو وڃي، ته ڪو نتيجو خوشگوار نڪرندو:

هڏِي مٿان هوڏَ،
چوپيندڙ چَلي ويا:
هڏِي ساڳي لوڏ!

فقط نواڻ ۽ نرالپڻ لاءِ ڏوڪان ۾ اسان بيت جون تيرنهن ماترائون ڇا لاءِ لتاڙي ڇڏيون؟ ڇا سنڌي هائڪوءَ جي وچين سٽ، جا ڪنهن ڏنڊ جي ڊيڊ وانگر نڪري اڇي ٿي، تو کي وٽي ٿي؟ ڇا بيت جون ڇوويهن ماترائن واريون ٻ سٽيون سٽون، تو کي اڏامندڙ ڪونجن جي جوڙي وانگر نہ ٿيون لڳن؟ ڇا اها جدت لاءِ بي معنيٰ بيچيني، احساس ڪمتريءَ جي نشاني نہ آهي؟ ڇا اسان جو ڪوئي ڪلونت هائڪو ڳائڻ لاءِ تيار ٿيندو، ۽ جي ٿيندو ته تنهنجي ڪنن کي ڪپهه جي ضرورت نہ پوندي؟ جپاني هائڪوءَ جو فارم ته صديون پراڻو آهي ۽ ممڪن آهي ته اهو گيشا سنگيت جو حصو ٿي ڇڪو هجي، پر ڇا سنڌي هائڪوءَ جي فارم جي ڪائي اهميت آهي، ۽ جي اهميت ان جي فارم جي نہ، پر ان ۾ آيل ڪنهن ازلي ڪيفيت جي اڻ-لکي ڇُهاوَ جي آهي، ته ڇا اُها ڪيفيت اسان جي بيت ۾ اڳيئي اچي نہ چڪي آهي؟

هڪ پيري اسان ڪارونجهر وٽ بيٺا هياسين. چَمَر ۾ گاڙهه هئي ۽ آپُ پهاڙ تي گربيِ اوڙهي بيٺو هو. اسان سان هڪ ٽري چارڻ ب ساڻ هو. اوچتو ڪارونجهر جي ڪورَ تي مور ڪنپ ٿيڙيا ۽ ڪِنبرجِي ڪِنبرجي، سنجها-سونهي آڪاس جي سنگهاسن اڳيان ڪنهن ديوداسيءَ وانگر نچيو. مون چارڻ کان پڇيو:

"هي مور پارڪر جو آهي، يا گجرات جو؟"

چارڻ جواب ڏنو: "مور نہ پارڪر جو ٿيندو آهي، نہ گجرات جو. مور ته سدائين نيري آڪاس جو آهي!"

مون کي هن جي ذهانت تي حيرت آئي. هن اڳ ب مون کي پارڪري سنڌيءَ ۾ انوکا بيت ٻڌايا هٿا (پارڪري سنڌيءَ ۾ گجراتيءَ جي ڪافي ملاوٽ آهي)، سو مون هن کي چيو ته "انهيءَ مور جي باري ۾ ڪوئي بيت ٻڌاءِ!"۔ ۽ هن ب چار بيت ٻڌايا، جن ۾ هي بيت ب هو:

ڪارونجهر جِي ڪور، مَرئين ته ميلئين نهين،
ماڻي ٺُهونڪي مور، ڏونگر لاڳي ڏِيپتو!

[ڪارونجهر جي چوٽي، مرندين تڏهن ب نہ ڇڏي سگهندين. جڏهن ان جي مٿي تي مور ٺهوڪو (رڙ) ڪندو آهي، تڏهن ڏونگرُ ڏيئي وانگر لڳندو آهي.]

ادا، اهو حيرت انگيز تصور، مون ڪنهن ب هائڪوءَ ۾ نہ ڏٺو آهي. مور ته

برابر نيري آڪاس جو آهي، پر ان جو ناچ ڪاروڌجهر تي ڇڳو آهي، فيوجي ياما تي ان جو تصور ٻه ڪري نٿو سگهجي. جپاني سونهن تي هر ڪي، اسان ڪي پنهنجو نڪ بيمنو تہ نہ ڪرڻو آهي!

مون اڳ ٻہ لکيو آهي تہ جپاني هائڪوءَ جو فني حسن دائميءَ ۽ عارضيءَ جي ٽڪراوَ ۾ آهي، جو اڄا سنڌي هائڪوءَ ۾ پيدا نہ ڪيو ويو آهي. ان ڪري سنڌي هائڪو فقط مور جو ڪنپ آهي، جنهن اسان جي بيت جي چال بگاڙي وڌي آهي.

ڇگو، آءُ تہ توکي جپاني شاعريءَ سان ڪجهہ وڌيڪ روشناس ڪرايان. جپاني شاعر باشوءَ وغيره تائين قديم هائڪوءَ جو ڪجهہ ترجمو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ اڳي ڇڪو آهي. آڙيون ستينءَ صديءَ ۾ ٻہ تاڙيون ويندڙيون هيون، جڏهن آهي اتر ڏانهن اڏامنديون هيون، پر ويهينءَ صديءَ ۾ انهن جو تصور هيئن آهي:

وديارٿي،
گهٽو ڪري گدلا،
آڙيون آڏار ۾!

مون جديد کان جديدترين جپاني هائڪوءَ جو مطالعو ڪيو آهي ۽ مون کي نظر آيو آهي تہ جپاني شاعر ان ۾ موضوع جي جدت ڪاميابيءَ سان آڻي نہ سگهيو آهي ۽ ڪامياب جديد هائڪوءَ جي ڪيفيت ٻہ قديم هائڪوءَ جهڙي آهي. شايد جديد جپانُ باشوءَ جي پاڻي جو 'جينيس' پيدا نہ ڪري سگهيو آهي يا شايد هائڪوءَ جي مزاج سان هٿ چراند هائڪو جو موت آهي.

ڪجهہ جديد هائڪو، جي مون کي پسند آيا آهن، اُهي ڏس—

چوڻيءَ تي نيڪٽ،
پٽ-ڪيٽن جو ڳوٽ،
نند ۾!

—

پيڙ جون ڏوڏيون پٽيندي،
نندا ڪرو نينگر،
ونجهہ هٽي رهيو آهي!

—

نڙَ تي ڳائڻو،
هن جو گيت ٻيهي ويو،
ميرانجهيءَ باڪ، جي ڪوهيري ۾!

—

ڪنوڻ ڪجي،
جڏ منهنجيءَ ڇاتيءَ تي ڪيري-
اڇا آڱ جيئرو!

—

منهنجي پياري جي ٻاجهاري هٿ وانگر،
منهنجي ڪُلهي تي ٽمجي ويو آهي،
سَرءُ جي اُس جو ٽڙڪو!

—

چڪلي ۾،
هڪ ڪوٽيي، خالي -
سَرءُ جي شام!

—

ميٽيءَ جي ٻَن تي،
پوپٽ ويٺو آهي -
اڪيلو اُداس !

—

اگهيءَ جي ڪوٽيءَ جي ڳڙڪيي،
جنهن کي جنديءَ تي رنگيو آهي،
مانگهه جي پوريءَ ناسي ڪڪر!

—

ادا، مون کي ڪاوڙ سنڌي هائڪوءَ تي آهي، جنهن بيت کي ڏيڍ ٽنگ ڏني آهي؛ باقي ائين نه آهي ته مون کي جپاني هائڪو نه وٺندو آهي. هڪ پيري مان جيل جي ڪوليءَ ۾ بند هوس ته اوچتو هڪ پوپٽ سيخن مان اندر اُڏري آيو هو. مون هن کي ٻُڪ ۾ جهليو، هن کان پڇيو هو: "تون هُن وٽان ته نه آيو آهين؟" هن پَرڙا پٽوڙيا هئا ته مون هن کي ڇڏي ڏنو هو ۽ پوءِ هن کوليءَ جي پٽين سان ٽڪري ٽڪري ڪنيڙاڻيون ڪوهي وڌيون هيون. "پوپٽ، اڪيلو، اُداس"، مون هائڪوءَ جا نقطا ڏٺي ساهه سان جهونگاريا هئا.

پر هاڻي ڏڏا ساهه ڀري ڀري، اسان مُنيون پيڪوڙي، ڏند ڪَرٽي اُٽيا آهيون ۽ اسان کي ملايو جذبات گهٽو نٽي آڻڙي. اسان جي زندگي وِهُه جي وٽي آهي، جا اسان کي زبردستيءَ پياري ويئي آهي. اهو هائڪوءَ جو رَسُ - گُلو، جنهن ۾ حقيقت جي تلخيءَ کان وقتي فرار آهي، فن جي اُن عملي جدوجهد ۾ رڪاوٽ آهي، جا قوم جي تقدير بدلائي سگهندي آهي.

هڪ پيري اسان ٽر جي سفر تان موٽي رهيا هئاسين. اسان کي ٻہ سُواريون هيون ۽ چاچري وٽ ٻنهي جا ڏيٽا پنڪچر ٿي ويا هئا. ڊرائيور پنڪچر ڪندي رهيا هئا، تہ سج لهي ويو هو. واريءَ تي ڪندي ۽ نيم جا وڻ، سنجهه جي پرچائين ۾، ڏرتيءَ - ديول جا پروهت ٿي لڳا. ان وقت مون واريءَ تي ٻہ اڪ - مڪڙ ڏٺا هئا، جي شفق جهڙا رنگين هئا ۽ هڪٻئي جي ڪيڏ ٽپا ڏيئي رهيا هئا. ڇڻ جيئري هائڪوءَ وانگر ٿي لڳا. انهن کان پريرو هڪ پونگيءَ جي ٻاهران ڪائي جوپنونت مينگهواڙ دانگيءَ تي ٻاجهريءَ جو ڊوڊو پچائي رهي هئي ۽ هن جا ٻارڙا هن جي پرسان ڪُڏڪي رهيا هئا. مينگهواڙ کي پولڪو ۽ ڳاڙهو پڙو پيو هو ۽ مانيءَ اٽلائڻ وقت هن جي ٻانهين ۾ ڪڙڪڙ ٿي ڪئي. بکايل ٻارن لاءِ ماڻتا جي آنتر - انيو ۽ اڌ - پڪيءَ مانيءَ جي اڪنديءَ اڏل هن جي چهري تي هڪ عجيب ڪيفيت پيدا ڪئي هئي. مون ٽر ۾ اها ڪيفيت اڃا ڏٺي هئي، جڏهن آڪڙ ۾ ڪجهه آن - ڪٽا هئا. چا سؤمرا - سر جون ٽريجاڊيون، چا سؤرا چند جون بجيراڊيون - سيني جي سورج - ونسي سونهن، گهٽو ڪري گهوماڻيل نظر آئي هئي، چو تہ چوڌاري آن جي آڻاٽ هئي. (آن جي آڻاٽ جي باري ۾، ڪنهن ٽريءَ هڪ درد انگير جملو چيو هو، جو مون کان وسري نٿو وسري - "سائين، ڪڪ تہ ميوو آهي. اسان کي تہ آن ۾ نٿو ملي!" آن مان هن جي مراد پُرٽ مُرٽ وغيره گاهن جا ڏاڻا هئا.)

اسان چاچري مان رات جو نائين ڄجي آمرڪوٽ ڏانهن روانا ٿيا هئاسين. ٻڌي جي چوڏينهن ۽ جي رات هئي ۽ چالبوڪيءَ جي پاڪر ۾ واريءَ سُومل جي ڏيڪ ٿي ڏني. اُنهيءَ مينگهواڙ جي سياهڙي صورت وري وري منهنجي اکين اڳيان ٿي آئي، ۽ مون سوچيو هو تہ سکهي پوزهيت مانيءَ پچائيندي کهڙي نہ پياري ٿي لڳي! گوگاسر نالي وستيءَ ۾ هڪ هوٽل هو، جتي اسان سواريون روڪيون. جيسين ڊرائيور انجڻين ۾ پاڻي وجهن، تيسين اسين هوٽل ٻاهران پيل مُوڙن تي وڃي ويٺاسين. هوٽل چپري جي ٻاهران هو ۽ مٽيءَ جي چلهه تي چاءَ ٽڇڪي رهي هئي. اوچتو چپري مان ڪنجهڻ ڪڙڪڻ جو آواز آيو ۽ مون منهن ڦيري ڏٺو تہ ڪوئي سَوَڙ اندر تڏي تي لڇي رهيو هو. مون هن جي باري ۾ پُڇا ڪئي، تہ هوٽل واري جواب ڏنو، "سائين، هن کي 'وارو' آهي!"

"وارو چا آهي؟" مون پڇيو.

"هتان جي پلر جي پاڻيءَ ۾ ڪائي بيماري آهي، جنهن جي پيٽ سان، ماڻهوءَ جي جسم ۾ ڪيئان پڄي وڃن ٿا. سائين، وارو ڏاڍو ٻُڇڙو آهي، ماڻهوءَ کي جهپ ۾ نہ لڳندي آهي ۽ سڄي سڄي رات ٻيو رڙندو آهي!"

"هي ڪنهن اسپتال ۾ علاج لاءِ چو نٿو وڃي؟"

"جهن ڏينهن کان اتي ڇڙي ڇڪي رهيو آهي، نہ هن وٽ پئسو آهي ۽ نہ

اسپتالن ۾ دوائون ڪي علاج لاءِ آهن. هتي تہ نانگ-ڪاڏي جو بہ علاج ڪونہ آهي، روز هڪ نہ ٻيو ڇڪ وگهي مري رهيو آهي!"

مون چپ ٻيڪوڙي آسمان ڏانهن ڏٺو هو ۽ مون کي ائين لڳو هو جڏ چند جي ڪرڻن مان ٻُر ٻُر ڪيئان ڪري رهيا هئا!

ادا، جتي انسان کي نہ تحفظ آهي، نہ تسلي آهي، نہ آجهو آهي، نہ آڏو آهي، نہ اگهائيءَ ۾ آسرو آهي، جتي زبان تي پهرو آهي ۽ قلم تي بندش آهي، آتي تصور جي عياشيءَ لاءِ ڪنهن بہ اهلِ دل شاعر وٽ گنجائش گهٽ آهي. جڏهن شاعر کي انهيءَ ڳالهہ جو احساس اچي ٿو تہ ٻولي گوليءَ جو ڪم ڏيئي سگهي ٿي ۽ آندير ۽ انيائ جا ايماني ڳالهہ آڏائي سگهي ٿي، تڏهن هن کي آکي-مڪڙ تي هائڪو لکڻ ڪيترو نہ بي معنيٰ ٿو لڳي!

هاڻي اچ تہ انهن پٽ-ڪينئن جي دنيا جي پي شاعري بہ ڏيکاريانءِ، جنهن ۾ وڇونءَ جهڙو ڏنگ آهي. ويهين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي ۾ مغرب جي جديد فن ۽ سياسي شعور سان آشنائيءَ، جيان ۾ نہ فقط دادا ازم (Dadaism)، سوريئلزم (Surrealism)، ڪيوبزم (Cubism) جي بورجوا فن جا نظريا جپاني شاعريءَ تي اثر انداز ڪيا، پر آتي نراج وادي ۽ پرولتاري شاعري بہ وجود ۾ آئي. جپاني ٻوليءَ جا هي ترقي پسند نظم ڏس:

انهن جا گيت نہ ڳاءِ
اهي ڪرڻچي ڪؤنپل،
اهي ٻوٽ جا ٻُر،
اهو واءُ، جو پڻ-جهڪ ڪري رهيو آهي،
۽ اها استريءَ جي وارن جي سڳنڌ؛
جو ڪجهہ بہ ڪومل آهي،
جو ڪجهہ بہ گهنگهريل آهي،
جو ڪجهہ بہ اداس آهي،
هتاءِ، اُن کي!
جو ڪجهہ بہ سُٹرو آهي
نہ ڳاءِ، اُن کي!
ان جي بدران ڳاءِ ان کي،
جو ڪجهہ بہ جوڳو آهي:
جو مَن جي آٿت آهي،
ڇاتي ٽوڪي ڳاءِ،
ڏهڪاوَ ۾ بہ –

اهو گيت گاءِ، جنهن جو پڙلاءُ ڦهاجي وڃي،
اهو گيت، جو هانوَ کي ڏاڍو ڪري،
۽ ان کي ڇڪي وڃي،
پڇتاوَ جي پاتار مان،
پنهنجو گلو ڦاڙي گاءِ
اهي گيت
پنهنجي جانئي جيارِي سُر ۾،
۽ سماءِ انهن کي
هر ڪنهن جي دل ۾!
(ناڪانو شگي هارو)

مان خاموش ته لڳان ٿو،
پر امڪان آهي ته ڪجهه سوچيان ٿو.
مان گالهايان ته ڪو نه ٿو ـ
پر متان مون کي ديوار سمجهين.
(تيسؤ بوءِ شگي جيي)

سُرءُ ۾ ڪنهن سڃڻ،
هڪ صوف موڪليو،
مون آن کي ڪاڏو،
يڪدم ـ
سُرخ، بي حد سُرخ صوف،
منهنجيءَ تريءَ تي ڪؤرو
ايترو ڪؤرو جيتري هيءَ ڏرتي آهي!
(تيسؤ بوءِ شگي جيي)

پوئين نظم ۾ صوف، مسيحي روايت وارو ممنوع ميوو آهي، جنهن کي کائي، آدم ڏرتيءَ ڏانهن رجوع ٿيو هو. شاعر، صوف کي سرخ چئي، پرولتاري فلسفي لاءِ ڪهڙي نه سهڻي تشبيهه پيدا ڪئي آهي!

۱۹۴۵ع ۾ جپان جي شڪست، شاعرن کي ٻين فنڪارن کان وڌيڪ ماٺ ڏيئي ڇڏي. فاشزم جي رزمي شاعريءَ جي دور جي خاتمي کان پوءِ، جن به شاعرن جي جپان جي جنگي محاذ سان جذباتي وابستگي هئي، اُهي خاموش ٿي ويا، ۽ فقط اُهي پرولتاري شاعر اڳي کان اڳرا ٿي آيا، جن جنگ هلندي پنهنجي دور جي فاسد حب الوطنيءَ کان خاموشي بهتر سمجهي هئي يا جنگ جي ڪُلهه مخالفت ڪئي هئي ۽ ان ڪري قيد ڪيا ويا هئا. جي پرولتاري شاعر ويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي

۾ چوٽيءَ جا شاعر ليکيا ويندا هئا، انهن آن جي پنجين ڏهاڪي ۾، وري پنهنجي جاءِ اچي والاري ۽ اجا تائين وڃائي نه آهي.

ادا، متان اِئين سمجهين ته مان سانوري شيام سان رٿو آهيان، چو ته هُن کي سنڌي هائڪوءَ جي هڪ-هٿي آهي. شيام به سنڌي ٻولي آهي. مون ته هن کي 'ڪوئتا جو ڪاڪ-ڏٽي' ڪوٺيو آهي؛ اها ٻي گاله آهي ته مون کي ڪاڪ-ڏٽيءَ کان ڪاڪِ وڌيڪ پياري آهي. چانگي کي چندن چاريندي ته مون ڪيئي ڏٺا، ڪوئي مومل کي ڏاڳهه تان موتائي ته مڃان. — تنهنجو پنهنجو....

## خط ۲.

۱ آڪٽوبر، ۱۹۶۶ء. ادا،— ڪُٽي جو منهن ڪُٽي جو منهن آهي، پوءِ اهو سوا ستيڪا جي جهنڊي هيٺان هجي يا ٻئي ڪنهن جهنڊي هيٺان. فاشي ڪتي گوئرنگ چيو هو، "جڏهن مون اڳيان ڪوبه آرٽ جو نالو وٺندو آهي، تڏهن منهنجو هٿ پستول ڏانهن ويندو آهي!" ٻيءَ جنگ عظيم ۾ فاشزم شڪست کاڌي، ۽ نيورمبرگ جون ڪارواييون انسانذات لاءِ عبرت ٿي آيون، پر اسان وٽ ته اجا تائين ڪرسيءَ ڪرسيءَ تي ڪتو ويٺو آهي ۽ ڪاٽينا ڏيکاري رهيو آهي. ڪالهه اهڙي هڪ پسونءَ گهرايو ۽ چيائين ته "تو هيٽلر چو لکيو آهي ۽ هونءَ چو لکيو آهي؟" مون چپ ۾ چيو، 'تون سامراج جو ڪفن چور آهين، تون قانون جي ڪل ۾ انڊي گهوڙي آهين، تون اهو ات گاڏو آهين، جنهن ۾ آمريڪا جا ٽاير ۽ عرب جو ات آهي، تون ڏاڍي اڳيان گونگو ۽ هيٽلي اڳيان ٻوڙو آهين، مان تو کي چا ٻڌايان ته مون هيٽلر چو لکيو آهي ۽ هونءَ چو لکيو آهي؟"

هن ڪڙڪي سان چيو، "ڪجهه ڏاڍيان چؤ ته مان به ٻڌان!"

مون مجبور ٿي جواب ڏنو، "تو شاعريءَ لاءِ سند به ورتي آهي چا؟ تو وٽ 'حشم و جاهِ سڪندري' آهي، مون وٽ 'رسم و راهِ قلندري.'* تون مون کي چا سمجهي سگهندين!"

"چو، مون علامه اقبال کي پڙهيو آهي، مون کي چگيءَ طرح خبر آهي ته 'رسم و راه قلندري' چا آهي!"

"تو هن جي آيهٔ اِن الملوک جي تفسير به پڙهي آهي؟ تو اهو به پڙهيو آهي

* تو و حشم و جاهِ سڪندري، من و رسم و راهِ قلندري. (قرآنه العين طاهره)

تہ هن سلطنت کي غالب قومن جي جادوگري ڪوٹيو آهي ۽ اهو به ڇيو آهي تہ آخر اسرائيل جو خون جوش ۾ ايندو آهي ۽ ڪوئي موسيٰ سامريءَ جو طلسم ٽوڙي ڇڏيندو آهي؟"

"نہ، اهو ڪهڙي شعر ۾ ڇيو اٿائين؟"

"توکي اهـا خبر آهي تہ علامہ اقبال جـو فلسفو خـود هڪ سامريءَ جـو طلسم آهي!"

"اهو ڪيئن؟"

"ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ فاشزم ڪهڙي راڪاس جو نالو آهي؟ تو نٽشي پڙهيو آهي؟ توکي اهو علم آهي تہ 'بقول زردشت' (۱) جي "فوق الا انسان" (۲) ۽ هٽلر ۾ ڪوئي خاص فرق نہ آهي؟ توکي علم آهي تہ روميءَ جـو "انسان ڪامل" ڇـا آهي ۽ ان کي علامہ اقبال ڪيئن پيش ڪيو آهي؟ ڇا تون ڄاڻين ٿـو تہ "انسان ڪامل" لاءِ شاهين جي تشبيهہ پهرين ڪنهن ڏني هئي. شاهين، جنهن لاءِ ڪبوتر کي چيرڻ ڦاڙڻ 'لهو تيز رکڻ' جـو هڪ بهانو آهي! ڇـا تـون يهوديءَ لاءِ نفرت ۽ 'شانتيءَ جي پوڄاريءَ' لاءِ ڏڪار ۾ ڪوئي نفسياتي امتياز ڪري سگهندين؟ ڇا تون چئي سگهندين تہ حڪيم الامت، مسولنيءَ ۽ نادر شاهہ جي مـدح سرائي ڇـو ڪئي آهي؟"

"منهنجو ايترو مطالعو نہ آهي، مون لاءِ منهنجو يقين ڪافي آهي!"

"تو علامہ اقبال جو اهـو فارسي شعر پڙهيو آهي تہ پـهـ سو ڳڏهہ انسان جـو فڪر پيدا ڪري نٿا سگهن!"

"ها، مون اهو پڙهيو آهي، ان ۾ جمهوريت تي طنز آهي."

"چڱو، جي تو اهو پڙهيو آهي، تہ پڻ: علامہ اقبال جي دؤر ۾، پـهـ سوَ ڳڏهہ انسان جو فڪر پيدا نٿي ڪري سگهيا، پر اڄ پـهـ ڪروڙ ڳڏهہ پـهـ انسان جـو فڪر پيدا ڪري نٿا سگهن. تون چاهين تہ انهن جو تعداد اڃا پـهـ وڌائي سگهين ٿو."

هو ٽپي لوهہ ٽي ويو ۽ چيائين "تون زبان دراز آهين!"

"گونگو نہ آهيان!"

"مان تنهنجي چپ ڪپي، توکي گونگو ڪري ٿو سگهان!"

"گوئرنگ! پوءِ مون تي ميار نہ رهندي!"

ادا، اها شاعري، اها طبيعت جي روشني مون لاءِ بلا ٽي آئي آهي. اکر اڪيان اپري، واڳو ٽي وريا آهن. ههڙيءَ افسرشاهيءَ کي ڇا چوان تہ 'اي پيسي ۽ عهدي

---

(1) Thus Spake Zarathushtra

(2) Superman

جا هڏا چوسيندڙؤ! اوهان ڇا ڄاڻو ته مون وٽ کهڙي امرت-رس آهي!' تو مون کي بار بار چيو آهي ته زماني سازيءَ کان ڪم وٺان ۽ ڪڏهن سيزر کي سلام ڪندو رهان، پر مون کي اهو نٿو پڄي. هتي فقط سيزر کي سلام ته نه ڪرڻو آهي، ڪورنش بجا آڻڻي آهي. ڪن-پڪڙ ۽ نڪ-گيسات ڪرڻو آهي، ۽ يئي کي صليب تي ڏسي، منهن ڦيرائي ڇڏڻو آهي. اهي پوڻرا ٽوٽيون ٽنيا منهنجا پر ڪيل آهن؛ نيٺ اها صليب سيزر جي متي تي ڦهڪائي هٽبي، فقط ڪجهه وقت جي دير آهي!

ادا، مون کي اُنهيءَ ڪويءَ ۽ ڪلاڪار لاءِ عزت آهي، جو متئين معاملي ۾ نراج وادي (۱) آهي، جنهن پڙهي پڇتايو نه آهي ۽ ڪڙهندي ڪيهايو نه اٽائين. هر سچي فنڪار جي زندگيءَ ۾، اورنگريب سان سرمد جي پنجڪشي آهي، ۽ سرمد جي شهادت اورنگزيب جو ابدي موت آهي. تو سرمد جي زندگي پڙهي آهي؟ دراصل اميرخسرو ۽ سرمد هن نندي ڪنڊ جا ٻه عظيم وحدت پرست فنڪار هئا، جن جي زندگيءَ تي اڃا تائين ايتري تحقيق نه ڪئي ويئي آهي، جيتري هنن جي اهميت آهي، سرمد، جنهن کي نٿي جي هڪ سنڌي ڇوڪري جي محبت، مجاز جي پل تان اڪاري، حقيقت جي پرار تي پهچايو هو، هونءَ ته هڪ مجذوب شاعر هو، جنهن عرياني‌ءَ کي هر لباس تي ترجيح ڏني هئي؛ پر هن جي وحدت پرستيءَ، هن کي برصغير جي سياست ۾ ڇڪي، هن کان داراشڪوه جي حمايت ڪرائي، ۽ هن اڃڪٽي ڪئي ته سلطنت داراشڪوه کي ملندي. هن جا معتقد وڏي رهيا هٿا ۽ ان ڪري اورنگزيب سازش ڪري، قاضي القضات کان فتويٰ وڌي، هن کي شهيد ڪرايو. سرمد جي زندگي هڪ شاعر جي بي باڪيءَ، حق گوئيءَ ۽ ان جي اگري نتيجي جو عبرت انگيز داستان آهي. محمد اڪرام، پنهنجي ڪتاب ''رود ڪوثر'' ۾ لکيو آهي:

''اورنگزيب، ملا عبدالقويءَ کي موڪليو ته هو سرمد کي ڪپڙن پائڻ لاءِ تاکيد ڪري. ملا، سرمد کي گهرايو ۽ هن کان پڇيو ته 'تون اگهاڙو ڇو ٿو رهين؟' پتو ناهي ته سرمد ان وقت ڪهڙيءَ لهر ۾ هو! هن رڙ ڪئي، 'شيطان قوي آهي!' ملا قويءَ کي، 'شيطان قوي (ڏاڍو) آهي' جو فقرو ڏاڍو ڪڙو لڳو هوندو، پر رڳو اگهاڙپ ڪنهن جي قتل جو سبب ٿي نٿي سگهي. ان ڪري سرمد جي فرد جرم (چارج شيٽ) ۾ اضافو ڪيو ويو. قتل جو بهانو هن جي هڪ رباعي ٻه هئي، جنهن جي باري ۾ چيو ويو هو ته ان مان معراج جو انڪار ثابت ٿئي ٿو. معلوم ٿئي ٿو ته اورنگزيب جي محتاط طبيعت انهيءَ کي به ڪافي نه سمجهيو، ۽ هن علماءُ کي چيو ته سرمد کي چيو وڃي ته هو ڪلمهٔ طيبه پڙهي.' هن کي معلوم هو ته سرمد جي هڪ عجيب

(۱) نراج وادي Anarchist

عادت هيءَ ب آهي تہ جڏهن هو ڪلمهٔ طيبہ پڙهندو آهي، تڏهن 'لاالله' ڪان اڳتي نہ وڌندو آهي. جڏهن علماءَ سرمد کي ڪلمي پڙهڻ لاءِ چيو تہ هن لاالله کان اڳتي نہ پڙهيو، جو ڪلمهٔ نفي آهي (يعني 'الله ڪونہ آهي'). ان تي علماء اعتراض ڪيو تہ سرمد چيو تہ 'مان هن وقت تائين نفيءَ ۾ غرق آهيان ۽ اثبات جي مرتبي تي نہ پهتو آهيان ـ جڏهن پهچندس، تڏهن الاالله ب چوندس!' علماء فتويٰ ڏني تہ لاالله چوڻ ڪفر آهي ۽ جي سرمد توبهہ ڪري تہ ٺيڪ، نہ تہ واجب قتل آهي. سرمد توبهہ نہ ڪئي، جنهن ڪري، ٻئي ڏينهن، هن کي جامع مسجد جي سامهون قتل لاءِ وڃي ويا. سرمد ان وقت گدگد ٿي نظر آيو. جلاد هن جي سامهون آيو، تہ هن مرڪي، (فارسيءَ ۾) چيو تہ 'توتي گهور وڃان! اڇ، اڇ! تون جنهن صورت ۾ ب اچين ٿو مان تو کي چگيءَ طرح ٿو سڃاڻان' ۽ پوءِ هيٺيون شعر پڙهي، تلوار جي هيٺان ڪنڌ رکي ڇڏيائين:

(ترجمو): شور ٿيو ۽ مون عدم جي خواب مان اک کولي،
ڏٺم تہ اڃا فتني جي رات باقي هئي، وري سمهي پيس!

"'ماثر الامراء' ۾ سرمد جي قتل جا سبب لکندي چيو ويو آهي تہ 'جيڪڏهن سچ پچيو وڃي تہ قتل جو سبب داراشڪوه جي سنگت هئي، نہ تہ سرمد جهڙا اگهاڙا مجذوب ۽ آزاديءَ سان گفتگو ڪرڻ وارا گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ڦرندا هئا ۽ انهن کي ڪوئي پڇندو ب نہ هو.' ٻئي ب هڪ تذڪري نگار لکيو آهي تہ 'چون ٿا تہ سرمد جو داراشڪوه سان رستو هو ۽ گهڻو ڪري عالمگير کي پٽيندو هو. وڌيڪ حال جي حقيقت جو علم الله کي آهي.' مولانا ابوالڪلام آزاد ب ان خيال جي تائيد ۾ لکيو آهي، 'ايشيا ۾ هميشه کان پالٽڪس (Politics) مذهب جي آڙ ورتي آهي ۽ هزارين خونريزيون، جي پوليٽيڪل سبب ڪري ٿيون آهن، تن کي مذهب جي چادر ۾ ڇپايو ويو آهي'" (۱)

ادا، تو کي منهنجي تحرير بي ربط تہ نٿي لڳي؟ گوئرنگ، اقبال، سرمد، اورنگزيب، ملا قوي ـ آخر تون پڇندين تہ انهن جي ذڪر ۾ ڪهڙو منطقي تعلق آهي؟ جي تون تاريخ ۾ ٽپي هڻي ڏسندين تہ ان ۾ تو کي اُنهيءَ ذهنيت جو تسلسل ملندو، جنهن سان دؤر دؤر ۾، ڪنهن نہ ڪنهن سچي فنڪار، پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي، ٽڪر ڪاڏو آهي. مون کي مفڪر ۽ فنڪار جي انانيت وٽندي آهي، ڇو تہ اها جبر جي احساس برتريءَ خلاف ڍال آهي. جنهن انسان موت جي جبر کي للڪاريو آهي، ۽ جو پنهنجيءَ تخليق کي جاودان ڪري سگهيو آهي، ان لاءِ زندگيءَ جي جبر اڳيان سر جهڪائڻ اسهائيندڙ آهي. مشرق ۽ مغرب جي فن ۽ ادب ۾ اهڙا ڪيئي

(۱) "رودِ ڪوثر" ـــ محمد اڪرام، صفحا ۲۶۴ ـ ۲۶۵

مثال آهن، جڏهن سرجٹهار، ڏاڍ ۽ ڏمر اڳيان ڳات اوچو رکيو آهي ۽ زماني سازيءَ جي ذلت برداشت نه ڪئي آهي. مون کي روسي شاعر يوتوشينڪو جي آتم-ڪهاڻيءَ ۾ اهو پڙهي حيرت نه آئي ته پرولتاري انقلاب کان پنجاهه سال پوءِ به شاعر کي افسر-شاهيءَ خلاف جدوجهد جي ضرورت نظر اچي رهي آهي. مان پاڻيان ٿو ته اهو ڪرسيءَ ۽ وردي۽ وارو جانور، جنهن کي ڏڳي جي منڊي ۽ چيتي جا چنبا آهن، ڪنهن به سماج ۾ مرڻو نه آهي ۽ شاعر کي سڌائين پنهنجو قلم ان تي ڏڦو ڪري ڪم آڻڻو آهي.

مارڪسي فلسفي موجب طبقي جو مفاد اهو زنجير آهي، جنهن ۾ هر انسان جڪڙيو پيو آهي ۽ هن جي فڪر ۽ عمل جي ڪڙي ڪڙيءَ ۾ جڙي پئي آهي. پر ساڳئي فلسفي لاطبقاتي (Declassed) مفڪر جي وجود کي به ڪافي اهميت ڏني آهي. جاگيرداري طبقي منجهان هوندي، ان طبقي جو ڪسان تي بي انتها ظلم ڏسي، جيڪڏهن ڪنهن مفڪر کو بورجوا انقلاب جي چاهنا ٿئي ۽ هو ان لاءِ وڙهي؛ يا سرمايدار طبقي منجهان هوندي، پرولتاريت جي بدحالي ۽ بورجوا نظام جي خونريزي ۽ سفاڪي ڏسي، جيڪڏهن هو پرولتاري انقلاب جو حامي ٿئي؛ ته هن جي لاطبقاتي شعور جي سمجهاڻي مارڪسواد ۾ آهي ۽ ان سمجهاڻيءَ لاءِ هستي واد (وجوديت-Existentialism) جي سهاري جي ضرورت نه آهي. پر اڄا تائين اهو طبقاتي جدوجهد جو نظريو مون کي تاريخ جي پوري سمجهاڻي نه ڏيئي سگهيو آهي. اڪبر جي دور کان وٺي، هندستان ۾ صنعتي انقلاب جا آثار ته نظر اچن ٿا؛ پر ڇا، اورنگزيب جا رجعت-پسند نظريا تاريخ جي ڌارا کي پٺ تي موٽائي رهيا هئا ۽ صنعتي انقلاب ۽ ان کان پوءِ لازمي بورجوا انقلاب لاءِ رڪاوٽ پيدا ڪري رهيا هئا؟ ڇا، دارا شڪوه ۽ سرمد انهيءَ انقلاب لاءِ غيرشعوري ڪوشش ڪري رهيا هئا؟ ڇا هي ضمير جو آواز فقط اُنهيءَ طبقاتي سنداڻ جو آواز آهي، جا انسان کي جدوجهد لاءِ اُڀي رهي آهي؟ يا انساني زندگي هڪ گوناگون حقيقت آهي، ۽ حسن، صداقت ۽ نيڪي اُهي مستقل قدر (Absolute values) آهن، جن لاءِ انسان سڌائين وڙهندو رهيو آهي ۽ جن سان طبقاتي جدوجهد جو لازم ۽ ملزوم وارو واسطو نه آهي؟ ڪيئن به هجي، اُهي انسان، جي حسن، صداقت ۽ نيڪيءَ جي حمايت ۾ جان جي بازي لڳائي ويا، تاريخ جي عظيم حقيقت آهن ۽ انهن کان سواءِ طبقاتي جدوجهد جي ارتقا ناممڪن هئي. مون ان تي به سوچيو آهي ته ڇا سرمد ۽ دارا شڪوه جي شهادت اجائي ويئي آهي يا اُها تاريخ جي ضمير ۾ ڪجهه صديون سُڻ ۾ اچي ويئي آهي ۽ نيٺ ان جي صدا آپري ايندي ۽ ڪشمير کان ڪارو منڊل تائين ڪيتري وقت لاءِ گونجندي رهندي؟ مون کي يقين آهي ته ڪوبه سچو انسان مرندو نه آهي ۽ اهو تاريخ جي وهڪري ۾ هڪ ابدي لهر ٿي رهندو آهي. موت، ويرَ جو ڪوڙو سنسو آهي ۽ ڪائنر جي سايبا آهي؛ ۽ ڪائنر

اتهاس ۾ سدائين ڪوڙ جو ساڻي رهيو آهي.

توکي خبر آهي تہ جيل ۾ مون سان گڏ ٻيو ڪير نظربند هو؟ - سوپو گيانچنداڻي، جنهن جهڙي آزاد طبيعت ۽ گهري صداقت، مون ٻئي ڪنهن مائيءَ جي لال ۾ ورلي ڏٺي آهي. جڏ ٻهاڙ آهي، جو هر آندي، هر طوفان ۾ اڏول بيٺو آهي. نہ جاڻان ڪيترا اهڙا انسان، پنهنجيءَ چاتيءَ جا چيهر چُٻائي، گهات اوچو رکي، ظلم جو مقابلو ڪندا آهن ۽ گمناميءَ جي گهٽيءَ ۾ چوٽ کائي، ڪري، لهو لهان ٿي، گهٽيءَ جي متيءَ ۾ ملي ويندا آهن، ۽ جڏهن ظلم جو انت ايندو آهي ۽ زندگيءَ جي سجي سجائي، ڪنوار پنهنجيءَ ڊولي ۾ اڳتي وڌندي آهي، تڏهن اُها گهٽيءَ جي متي، ڪنوار جي کهنبي ۽ کهارن جي جتيءَ کي چنبڙي، پنهنجيءَ ستياناسيءَ جو اجر گهرندي آهي يا نہ! ڪجهہ سال ٿيا تہ پاڪستان جو هڪ سياستدان، جنهن کي برٽرانڊ رسيل ۽ سارتري جهڙين هستين سان گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو آهي، لاڙڪاڻي وڃي رهيو هو، تہ سکر ۾ ڪنهن هن کان پڇيو، "اوهان موهن جو دڙو ڏسڻ وڃو؟" هن جواب ڏنو، "مان موهن جي دڙي کان بہ وڏيڪ عظيم حقيقت ڏسڻ ٿو وڃان!"

"اهڙي کهڙي حقيقت آهي!"

"سوپو، سوپو گيانچنداڻي!"

سچ پچ اڄ سوپو موهن جو دڙو آهي، جو چوڏاري سر ۽ ڪلر ڏسي اُداس آهي. توکي اهو پڌري حيرت ايندي تہ سوپو، جي. ايم. سيد وانگر، ڪيتري وقت کان سياست کان ڪناره ڪشي ڪري چڪو آهي، ۽ ٻندين نالي هڪ واهڻ ۾، اڻي پينهڻ جي مشين تي وقت گذاريندو آهي، جڏ هماليہ ڪوئي جبل ۾ بند آهي. معلوم ناهي تہ هن کي پوءِ بہ چا لاءِ نظربند ڪيو هٿائون؟ شايد واڳهہ جا ڏند ڪڍي چڏيا ۽ ننهن ڪپي ڦٽي ڪيا، تڏهن بہ واڳهہ واڳهہ رهندو ۽ هن جي هيبت هاڻيءَ جي هانوَ کي جهڪائي وجهندي. مون لاءِ هن جي صحبت وڏي غنيمت هئي. اسان جي وارد ۾، هوائي حملي کان تحفظ لاءِ هڪ وڏي کاهي کنيل هئي ۽ ان مان نڪتل متي، ان جي چوڏاري ڍير ٿي چمي ويئي هئي. وارد ۾ گهمي گهمي، اسان پوياڙيءَ جي پاڇاون ۾ ٽڏ کان ڪٿا ويڙهي، جڏهن انهيءَ ڍير تي ويهندا هئاسين، تہ بہ ابوالهول لڳندا هئاسين، جن جو راز اڃا تائين ڪنهن نہ چاتو آهي. مان خود، ڪنهن وقت هن جي اجنبي چهري ڏانهن ڏسي سوچيندو هوس تہ هي انسان، جو هن ڌرتيءَ جي پنجاهہ سالن جي تاريخ آهي، ان جون غلطيون بہ آهي ۽ ان جي عظمت بہ آهي، مون کان ڪيترو نہ دور آهي!

هن کي شام جو ڇهين بجي ڪوليءَ ۾ بند ڪندا هئا ۽ مان پوءِ ڪوليءَ جي باهران وڃي ويهندو هوس. اسان جي وچ ۾ لوهي سيخن سان دري هوندي هئي. هڪ دفعي مينهن ۽ گجگاٽ ڪري وسي رهيو هو ۽ بجلي بتيون وسامي ويون هيون. سوپو ڪوليءَ

۾ بند هو ۽ مان دريءَ جي ٻاهران ويٺو هوس ۽ هن کي سنڌي ادب جي جديد رجحانن تي ڪجهه ٻڌائي رهيو هوس. ان وقت مون هن کي چيو: ”سوپا، مون ڪٿي پڙهيو آهي ته ڪبير ۽ نانڪ جي پوئلڳن، هنن جي موت کان پوءِ هنن جي چادر ورهائي ڪنئي هئي. مون کي به اهوئي انديشو آهي ته منهنجي موت کان پوءِ منهنجي ڪفن کي اڌ اڌ ڪيو ويندو؛ پر مان سوچيان ٿو ته جي مان پنهنجي جيئري، ان کي هڪ جهنڊو ٻڌايان ۽ ان کي پنهنجي رت ۾ رينگو ڪري اوچو ڪيان، ته ان کي منهنجي موت کان پوءِ ورهائڻ جي ضرورت نه پوندي!“

ان وقت ڪنوڻ به چار ڪڇڪا ڪيا ۽ مون ڏٺو ته سوپو اُٺي بيٺو آهي ۽ دريءَ جي سيخن ۾ منهنجن هٿن کان ڪجهه مٿي، پنهنجا هٿ ڪپائي چڌيا اٽائين. اوچتو هن چيو هو، ”مون کي پنهنجو جهونو نظم ’او باغي، او راج دروهي!‘ ٻڌاءِ. مون کي اهو ڏسي عجب ايندو آهي ته تون ڪيتري وقت کان، جوالا جي مٽيءَ ۾ رابيل جا ٻوٽا پوکيندو رهيو آهين!“

وري ڪنوڻ ڪجي هئي ۽ مون ڏٺو هو ته هو مرڪي رهيو هو. اها مرڪ مون کان ڪڏهن به نه وسرندي. اها مرڪ هڪ جهوني، جانباز بولشيوڪ جي مرڪ هئي. جڏ آرڙهه جي اُس ۾ رڪ جو چاقو چمڪي رهيو هو. پوءِ مون سيخن کي زور سان چڪي، بلند آواز سان، ’او باغي، او راج دروهي....‘ پڙهيو هو ۽ جيل جا پهريدار وائڙا ٿي ويا هئا. مون کي محسوس ٿيو ته جنهن لوهه ۾ اسان جا هٿ پيا هئا، ان ۾ چقمق جو اثر پيدا ٿي چڪو هو. اُن رات کان وٺي، اسان ۾ ڪائي اجنبيت نه رهي هئي ۽ مون کي هن کان سواءِ مانيءَ گرهه نڙيءَ ۾ ڪنڊو ٿي لڳندو هو.

مان ان رات جڏهن سوپي کي چڏي پنهنجيءَ ڪوليءَ ڏانهن موٽيو هوس، تڏهن مون سوچيو هو ته واريءَ جي گل جي اهميت ٿي گهڙي آهي! نه اُهو ڪنهن جي چوٽيءَ ۾ لڳندو آهي ۽ نه ڪنهن مالها ۾ پوئبو آهي! واهوندو ورندو آهي تہ اهو لهڪندو به اڇاتو آهي ۽ لُريءَ ۾ مرجهائيندو به اڇاتو آهي ۽ ڪاريءَ رات ۾ رڳو آڪاس جا نَو لک نيٺ ان جي مرجهايل پتين کي رائي تي رلندو ڏسندا آهن. مون کوليءَ ۾ موٽي پنهنجيءَ ڀاڙيءَ ۾ لکيو هو:-

”تون، جو اڇٻو به آهين ۽ جنهن کي مون ڏٺو به نه آهي؛
تون، جنهن جي زلف جو سلسلو، هن زندان تائين پهتو
آهي ۽ منهنجي ضمير کي وکوڙي چُڪو آهي- هائي آءُ،
چو ته ڪافي دير ٿي وئي آهي ۽ عمر تي ڪوئي اعتبار
نه آهي!“

ادا، تون ته چائين ٿو ته مون هن انڌير نگريءَ ۾ چا چا نه سٺو آهي! منهنجيءَ نظربنديءَ جي دوران ۾، ڪڏهن مون کي مُلحد ۽ غدار ٿي سڏيائون، ڪڏهن گهر کي

تي گل تي پري رهيو هو. مون ان کي ٻڪ ۾ پکڙي، ننهي ترين جي وچ ۾ چيپاٽيو هو ۽ منهنجا هٿ هن جي لويل نچويل ڪيڙاڻين ۾ لڪجي، گندا ٽي ويا هئا. پوءِ مون آهو گيندي جو گل پٽي، ان جي پتري پتري چپڙين ۾ مروڙي هئي ۽ اُن جي ڏانڊيءَ کي لتون هٽي، ان کي جڙ ڪان جهونجهاڙي، ڇڪي ڪيو هو. جڏهن پوءِ به مون کي چين نه آيو هو، تڏهن ڪيسي مان چاقو ڪڍي، مون ان کي ناريل جي ٽڙ ۾ ڪيئي پيرا هنيو هو. "ڪانئر، ڪمينا، نيچ!" مون پاڻ کي بار بار گاريون ڏنيون هيون. جڏهن رات ٿي هئي، تڏهن مون کي ستارا ائين لڳا هئا، جڻ ڪنهن ازلي بادفرنگ جون قرڙيون ڦسي پيون هيون.

ادا، ان ڪان پوءِ زندگيءَ ڪيتريون نه قلابازيون ڪاڌيون هُيون! مون کي اها رات ياد اچي رهي آهي، جڏهن مون سستي رَم جي بوتل پنهنجي ۽ حشوءَ جي (مرحوم) دوست مُونس اڳيان آڻي رکي هئي ۽ هن کي چيو هو، "آءُ ته پيئون! اڄوڪي رات نجات جي رات آهي!"

"هر باده نوشيءَ جي رات نجات جي رات ٿيندي آهي." مونس چيو هو.

"نه، اڳي ائين نه هو، پر هاڻي شايد ائين ٿئي!"

"اڳي ڇو نه ۽ هاڻي ڇو؟"

"ڇو ته هاڻي شراب شاعريءَ لاءِ نه، شراب شراب لاءِ پيئڻو آهي!"

"يعني؟"

"اڄ مان ڏهين ورهئين جي عمر کان وٺي هن وقت تائين لکيل پنهنجو پورو ڪلام جلائي رهيو آهيان!"

"ٺيڪ، شراب زنده باد!"

"شاعري مرده باد!"

پوءِ مون پنهنجن قلمي سخن جي ڍير تي ڪجهه رم پيٽيو هو ۽ ان کي تيلي ڏني هئي ۽ اسان انهن جي آڳ تي هٿ سيڪيندي رم پيئندا رهيا هئاسين. جڏهن اهو ڍير رک ٿي ويو هو، تڏهن مونس ٿڪ ڏئي چيو هو-

"پر، تو کي ته پنهنجو پورو ڪلام ياد آهي؛ جيستائين اُنهيءَ ياد کي جلائي رک نه ڪندين، تيستائين تنهنجي نجات ناممڪن آهي."

مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر ان ياد کي رک ڪري نه سگهيس؛ اها چٽنگ بٽجي دڪندي رهي ۽ ڪجهه سالن کان وڃ بٽجي منهنجي وجود کي وکوڙي چڪي آهي. شاعريءَ کان فرارَ مون کي ڪٽي ڪٽي پٽڪايو ۽ منهنجي روپوش روح ڪٽي ڪٽي پناهه ورتي، اهو هڪ لمبو داستان آهي ۽ ان جي وستار لاءِ هڪ پوري ڪتاب جي ضرورت آهي. پر اهو لهُو-ترنگ جنهن 'او باغي، او راج درو هي!....' سرجيو هو، ڪيتري وقت کان وري وچي رهيو آهي ۽ مون کي پنهنجي نجات شاعريءَ

کان فرار ۾ نہ، شاعريءَ جي آغوش ۾ ملي چڪي آهي.

هاڻي مان جڏهن به انهيءَ فراري دؤر تي سوچيندو آهيان، تڏهن مون کي يوتوشينڪو جو هيٺيون نظم ياد ايندو آهي:

"مون کي آها ڏورانهين ماڻري ياد اچي رهي آهي،
آها پٽي پراڻي پل -
۽ آها گهوڙي تي تکو تکو ويندڙ مڙ،
ڏڏڙ جي ميرانجهيءَ لڙات ۾ هيڊي، ايڏنگي -
'خون'
هن رڙ ڪئي!
مون کان اها ڳالهه ڪٽي به نه وسري آهي.
ڪيترائي ماڻهو هن جي ڪيڏ ڇڏندا آيا هئا،
پنهنجا ڏاڍا گاهه ۾ ڦٽي ڪري؛
۽ اداس ۽ اجنبي 'هُو' پيو هو،
ٽڪريءَ جي پرئين پاسي،
پنهنجيءَ پاسريءَ ۾ لڪل گهوڙ سان،
ڏاڙي ۾ بيڏوهه مارجي ويل.
مون کي چيڪٽ جي ڪاري چپيٽ ياد آهي،
۽ گهوڙي جا سُنب ڪنن ۾ وڄي رهيا آهن،
۽ ڏڏڙ ۾ انهيءَ مڙ جو دهو اڃا تائين مون تي پٽجي رهيو آهي.
'خون'
اها رڙ اڃا تائين منهنجي هانوَ کي چيري رهي آهي.
مون کي هن دنيا ۾ رهڻ ڏکيو ٿو لڳي،
اها دانهن آسَهه آهي؛
مان انسان جي موت تي اڃا هيريو نه آهيان.
وڻي يا نه وڻي، مون اڪثر روح جي غير محسوس تباهي ڏٺي آهي.
ڪنهن جهوني سائيءَ کي پنهنجي پورهئي ۾ ڏسي،
مون کي هن جي موت جي اڻڪٽي ڪنبائي چڏيندي آهي —
موت، جو هن جي ديل ديول کي پڙائون ڪري چڏيندو؛
مان ايترو پڪو نه آهيان،
مان ڏند پيڪوڙي ماڻ ٿي ويندو آهيان —
'خون'
مان ڏري گهٽ رڙ ڪندو آهيان!"

کالھ ھو نادان مون کان پڇي رھيو ھو تہ ”ماڻ ھيئن ڇو ٿو لکان ۽ ھون ڇو ٿو لکان!“ ھن کي ڪھڙي خبر تہ ماڻ ازلي باغي آھيان ۽ جي آدم ڪڪ جو داڏو نہ ڪائي ھا تہ مون کي ھن جو اولاد سڏائيندي شرم اچي ھا. ھُو ڇا ڇاڻي تہ شاعر پنھنجيءَ آزاديءَ ماڻ آزاد ٿي نہ سگھندو آھي. جنھن پگھار جا ڇار سڪا وڻي ضمير وڪيو آھي، تنھن کي ڪھڙو علم تہ اديب جي زبان ۾ھو ضربخانو آھي، جتان لفظ لفظ چانديءَ سوني جي نئين سڪي وانگر نڪرندو آھي ۽ ان تي ھن جي مُھر ھوندي آھي! ھن ۾ ڪجھ ادبي ذوق ھجي ھا تہ ھن کي فرانسي شاعر پرورت (Jacues Prevert) جو ھي نظم ٻڌايان ھا:

مون پنھنجي ٽوپي پڇري ۾ رکي،
۽ پکي مٿي تي رکي ٻاھر نڪتس—
”سو ھاڻي ڪوبہ ٽوپي لاھي سلام نٿو ڪري؟“ ڪماندر پڇيو.
”نہ، ھاڻي ڪوبہ ٽوپي لاھي سلام نٿو ڪري!“ پکيءَ جواب ڏنو.
”اوھ! ٺيڪ،
”مون سمجھيو ھو تہ اڃا ٽوپي لاھي سلام ڪبو آھي!“ ڪماندر چيو.
”تو کي معافي آھي. ھر ڪوئي ڪانہ ڪا غلطي ڪندو آھي!“
پکيءَ چيو.

مون جڏھن مٿيون نظم پڙھيو ھو، تڏھن الاجي ڇو اُردوءَ جا ترقي پسند شاعر ياد آيا ھئا. شايد ان ڪري جو ھنن پکي پڇري ۾ موڙائي رکيو آھي ۽ ٽوپيءَ ۾ سنھري ڦندڻ لڳائي گھمي رھيا آھن. پيارا، پنھنجي مٿي تي تہ عقاب آھي، جو ڪنھن بہ ڪماندر جون اکيون ڪيڻ سگھندو آھي.— تنھنجو پنھنجو.

# هڪ کاڻي

شهر جي لڳ، اتر ۾ اسانجي ٻني آهي. ان جي ٻنهي ٻني سان چوڌري جي. اونهاري جي موسم هئي. ڪڇڙي منجهند جو وقت هو. ٽڪ ۾ چور، مان پنهنجي ٻنيءَ تي انب جي وڻ جي ڇانوَ هيٺان پٽر مٿي ڪي ڏيو سمهيو پيو هوس. چوڌري پنهنجي ڪم ڪي لڳو پيو هو. منهنجي مٿي ڪان ڪجهه پنڌ تي پراسرار آواز آيو:

آواز: هي دريا خان جو ديس آهي. هتي هيموءَ جي هاڪ هلندي آهي.

مان خاموش ٻڌندو رهيس.

"سمهيل نوجوان انهن مان ٿي،" آواز ايندو رهيو، "هي هتي سمهيو پيو اٿي، هن جا ٻيا ڀائر ڪي گهر ۾ بستري تي ليٽيل هوندئي ته ڪي چڪلي ۽ شراب خانن ۾. اهو ۽ ٻيا نوجوان زور زور سان تقريرون ڪندا آهن، 'چوڌري اسان کان ٻيون ڪسي ويا آهن، نوڪريون ۾، اسانجو پاڻي بند ڪيو اٿن، اسان تباهه ٿي ويندا سين.' هرڪنهن کي موهن جي درّي جو ٽل ڊيڪارينداآهن. شاهه جا بيت ۽ دودي چنيسر جو قصو ٻڌائيندا آهن. چوڌري پنهنجن ڀائرن سان گڏ خاموش خاموش ڪم ڪندو آهي."

"بس ڪيو." مان جوش مان ٽپو ڏئي اٿيس.

ٻه ڀوائٽيون شڪليون منهنجي سامهون هيون. هڪ ڏاڙ ست ميڊيون. چوڏهن ٽنگون ۽ چوڏهن ٻانهون. نديي هوندي اما مونکي ملائڪن جون ڪالهيون ٻڌائيندي هئي، 'ملائڪن کي هڪ ڏاڙ، ستن کان مٿي مٿا ٿيندا آهن.' اما ٻڌايو هو. مان اصل نه ڏٺس.

"مان سندي آهيان." مون ڏاڍيان رڙ ڪئي.

"تون دانهون ڪندو رهندين." ملائڪ چيو.

"مان ڪم ڪندس ــ موچڪو ۽ ڪڙمڪو، اسپتال ۽ آفيس جو. بابا دڪان تي آهي، مان ٻنيءَ ۾. سياڻي سومر آهي، مان اسڪول ويندس."

چوڌري ڪوڙ تي سڙي آيو، هو مونٽي ڪلي رهيو هو.

"سندي آفيسر ڪائي سمهن ٿا. سڄ جي تڙڪي تي اٿن ٿا. وري گتي ۾ وڃن ٿا. سندي جاهل آهن، ڪاهل ۽ ڪمچور." ملائڪ چيو.

چوڌري وڏو ٽهڪ ڏنو.

"مان گتن کي باهه ڏئي چڏيندس. سندين جي نند حرام ڪري چڏيندس. سندين جا بسترا ساڙي چڏيندس."

مان ڏڪي رهيو هوس.

هوا جي جهوٽي تي پڪل انب اڇي منهنجي آڏو ڪريو، "شينهن ماري ڪائيندو آهي، مڙل نه ڪائيندو آهي، هوا جو ٽورو نه ڪٽندس. مان ٻيو انب پٽيندس." انب ڪٽي اڇلي چڏيم.

ملائڪ هليا ويا.

مون چوڌري کي گهوري ڏنو. ان وقت هو دل هو ۽ هرٽي وانگر ڏڪي رهيو هو.

اعجاز قريشي

رپورٽ

# سنڌي شام

هر سال جيان هن دفعي به سنڌ يونيورسٽي هاسٽل ۾ رهندڙ شاگردن ۾ ساڳيو جذبو هو. هڪ رات جو سڀ گڏ ٿياسين ۽ اهو فيصلو ڪيوسين ته "سنڌي شام" ملهائجي. اتي جو اتي هڪ ڪاميٽي بحال ڪئي سين. پي رات ڪان وٺي شاگردن ڪان چندو وٺڻ شروع ڪيوسين. جئي سنڌ جو نعرو هٺي هڪ جي ڪمري تي وياسين ۽ هڪ پنج پنج روپيه ڏنا، ڪيترن ته ڏهه به ڏنا. شاگرد سائين جي جذبي جو ذڪر بالڪل نٿو ڪري سگهان. هفتي ڪن ۾ ڪافي پئسا گڏ ٿي ويا. تاريخ مقرر ٿي وئي، بندوبست شروع ٿي ويو، شاگردن ۾ قوت وجهندڙ دشمن عناصرن هڪ چال کيڏي،



(ساڄي) مسعود نوراني مقالن ۽ تقريرن جي نشست ۾ صدارتي تقرير ڪري رهيو آهي، سندس ڪاپي پاسي اعجاز قريشي سيڪريٽري سنڌي شام ڪاميٽي ۽ ساڄي پاسي عبدالشڪور دائود پوٽو صدر سنڌي شام ڪاميٽي ويٺو آهي. (وچ۾) مهمان خصوصي آغا عبدالنبي صاحب تقرير ڪري رهيو آهي. (ڪاپي) معزز مهمان ويٺل نظر اچي رهيا آهن.

---

شاگرد پاڻ ۾ وڙهيا، يونيورسٽي بند ٿي، سڀ ڪوٺ ويا. ڪوٺان موٽيا، امتحان ٿيا، نتيجا نڪتا، جذبا تازا ٿيا، جتان ڪٽان سنڌي شام لاءِ آواز آيو. ڪم ڪي لڳي وياسين.

تاريخ پهرين ڊسمبر جشن لاءِ مقرر ڪئي وئي، دعوت نامه ڇپرائي ورهايا ويا، سونهاري سنڌ جي ڪيترن ادبين ۽ شاعرن ڏي موڪليا ويا. تاريخ پهرين صبح جو انٽر نيشنل هاسٽل ۾ جتي "شام" ملهائڻي هئي، اتي اسٽيج ڪي عاليشان نموني ۾ سينگاريو

ويو. صبح کان وٺي اسان مان کيترا ئي ساڻي اتي ڪم ڪي لڳا پيا هئا، منجهند جو هڪ بجي تائين پنڊال ٺهي مڪمل ٿي ويو. ان وقت چار وڳا هئا، هاڻي اسان کي صرف مهمانن جو انتظار هو، اسان جون اکيون انهن لاءِ واجهائي رهيون هيون، حيدرآباد کان جامشوري تائين اسان بندوبست ڪري ڇڏيو هو، پوري چئين بجي مهمانن اچڻ شروع ڪيو، ساڍي چئين بجي تائين سونهاري سنڌڙيءَ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان سؤن جي تعداد ۾ مهربان مهمان ايندا رهيا. پوري پنجين بجي اسان پروگرام شروع ڪيو. هن مجلس جو افتتاح وائيس چانسلر صاحب کي ڪرڻو هو، پر ڪارروائي پوري وقت تي شروع نه ٿيڻ ڪري پاڻ واپس ويا هليا جو ڪين هڪ ٻئي جلسي جي صدارت ڪرڻي هئي. اسان محفل جي افتتاح لاءِ محترمہ بيگم زينت عبدالله چنہ صاحبہ جن کي عرض ڪيو پاڻ وڏي مهرباني فرمائي افتتاح ڪرڻ فرمايو. پهرين محفل هئي مقالن ۽ تقريرن جي. انهيءَ مجلس جي صدارت اسان جي يونيورسٽيءَ جي نوجوان، باهمت شاگرد مسعود نوراني ڪئي. سنڌي شام جا مهمان خصوصي هئا محترم آغا عبدالنبي صاحب جن. سڀ کان اول اسان جي ڪاميٽيءَ جي نائب صدر عبدالشڪور داؤد پوٽہ خطبہ استقباليہ پيش ڪيو، جنهن ۾ هن مهمانن جي آجيان ڪئي ۽ ڪيترائي حڪومت کان مطالبا ڪيا ۽ آخر ۾ وائيس چانسلر ۽ پين مهربانن جا ٿورا مڃيا. تنهن کان پوءِ اسان جي يونيورسٽي انجنيرنگ ڪاليج ۽ پين ڪاليج جي شاگردن تقريرون ڪيون ۽ سنڌي شام ملهائڻ جي مقصد تي روشني وڌي ۽ اهو چيو تہ سنڌي شام هڪ مقصد آهي، هڪ تحريڪ آهي جنهن جي منزل اڃا دور آهي ۽ اسان ان ۾ ڪامياب ٿيندا سين. سڀ کان آخر ۾ دوستن پاڻ تقريرون ڪيون. تنهن کان پوءِ محترم رسول بخش پليجو محترم غلام محمد گرامي، محترم محمد عثمان ڈيپلائي، محترم سيد باقر شاه صاحب جن تقريرون ڪيون ۽ مختلف پهلوئن تي روشني وڌي. انهيءَ بعد مسعود نوراني صدارتي تقرير ڪئي، صدارتي تقرير کان پوءِ آغا صاحب جن پنهن جي تقرير ڪئي، آغا صاحب جن جي تقرير کانپوءِ اسانجي پهرين محفل ختم ٿي ۽ پي محفل، جا مشاعري جي هئي، ان جو آغاز ٿيو. هن محفل جي صدارت سونهاري سنڌڙيءَ جي عظيم شاعر شيخ ايار ڪرڻ فرمائي، پاڻ اسان تي خاص مهرباني ڪري سکر مان آيا هئا. محفل شروع ٿيڻ سان پهرين پاڻ پنهنجي صدارتي تقرير ڪيائون ۽ بعد ۾ هنن شاعرن پنهنجو ڪلام پيش ڪيو: پهرين مس نظير ٽيپو شيخ ايار جي هڪ وائي ۽ ڪجهہ بيت پيش ڪيا، تنهن کانپوءِ قاضي خضر حيات، دوست محمد دوست، منير گوزائي، جام ساقي، آسودو مل، اسلم آزاد، نبي بخش، عبدالغفور، قاضي نذير، ابراهيم ميراڻي، پريو ناشاد، خير محمد قريشي، ابن حيات، سيف پنوي، پروانو پٺي ۽ حيدر بخش جتوئي شعر پڙهيا. آخر ۾ محفل جي ميز محترم شيخ ايار پنهنجا بيت، نظم ۽ وايون ٻڌائي سامعين کان ڪافي داد حاصل ڪيو.

انهيءَ ڪانپوءَ آخري نشست راڳ جي هئي، ان جو مهمان خصوصي هو مولانا گرامي صاحب. هن محفل ۾ شمس الدين، بدر سومرو، رجب علي، عنايت عباسي، منور، غلام حيدر ۽ لکاني بلوچ، شاه، سچل، شيخ اياز ۽ ٻين مختلف شاعرن جا ڪلام ڳائي ونڊرايو.



محفل مشاعره جو صدر شيخ اياز صدارتي تقرير ڪري رهيو آهي.

---

انهيءَ ڪانپوءَ سنڌ جي مقبول فنڪاره روبينه ڪافيون ٻڌايون، تنهن کان پوءِ ريڊيو پاڪستان جي مشهور فنڪارن عبدالغفور ۽ خادم حسين، سچل سرمست، شيخ اياز ۽ طالب المولىٰ جا ڪلام ٻڌائي محفل کي مٿي ڪيو. محفل موسيقيءَ کان اڳ اسان جي هڪ شاگرد قاضي خضر حيات ۽ ٻين سائين هڪ فيچر 'الامان' پيش ڪيو جو ڏاڍو پسند ڪيو ويو.

اهڙي طرح اسان جي هي محفل رات جو ۱۲ بجي ختم ٿي ۽ شاگرد نئين عزم، نئين جذبي ۽ جوش سان پنهنجي منزل ڏانهن هڪ قدم اڳتي وڌيا! "جئي سنڌ"

●


شيخ اياز جو نئون نثري مجموعو

## لامون ڪنهن وٽ سنديون

(پيغام، تقرير ۽ به خط)

جلد ڪتابي صورت ۾ شائع ٿي رهيو آهي

زندگي پبليڪيشن انڊس پرنٽرس حيدرآباد

Regd No. S. 2400 MONTHLY January 1968
"ROOH-REHAN"
HYDERABAD SIND

زندگي پبليڪيشنس جا ڪي نوان ۽ سڀا ڪتاب

غلام ربباني، جي ڪهاڻين جو هڪ مجموعو

# آب حيات

قيمت: ٠٠ ٠ صفحا: ١٨٠

●

حميد سنڌي، جي نون ڪهاڻين جو هڪ مجموعو

# اُداس وادئون

قيمت ٠ روپيه صفحا: ٠٤

●

شيخ اياز جي شعر جو هڪ مجموعو

# جل جل مشعل جل جل

قيمت: هڪ روپو صفحا: ٠٤ (ديل ڪراڻ مائنر)

ملڻ جو هنڌ:

زندگي پبليڪيشنس، ١٩- روپ محل، هيرآباد، حيدرآباد

Edited & published by Hameed Sindhi from office of the Monthly "Rooh-Rehan," Mukhi Garden, Hyderabad.
Printed by Muti-ur-Rahman Siddiqui
at Indus Printers, Rasala Road, Society, Hyderabad.

Regd No. S. 2400 MONTHLY January 1968
"ROOH-REHAN"
HYDERABAD SIND

## زندگي پبليڪيشنس جا ڪي نوان ۽ سٺا ڪتاب

غلام رباني ۽ جي ڪهاڻين جو هڪ مجموعو

# آب حيات

قيمت: ۲-۵۰ صفحا: ۱۸۰

•

حميد سنڌي ۽ جي نين ڪهاڻين جو هڪ مجموعو

# اُداس وادئون

قيمت ٻہ روپيہ صفحا: ۱۴۰

•

شيخ ايار جي شعر جو هڪ مجموعو

# جل جل مشعل جل جل

قيمت: هڪ روپيو صفحا: ۴۰ (ڊبل ڪراؤن سائيز)

ملڻ جو هنڌ:

زندگي پبليڪيشنس، ۱۹- روپ محل، هيرآباد، حيدرآباد

Edited & published by Hameed Sindhi from office of the Monthly 'Rooh-Rehan,' Mukhi Garden, Hyderabad.
Printed by Muti-ur-Rahman Siddiqui
at Indus Printers, Rasala Road, Society, Hyderabad.

# روح رهبانية

فيبروري ١٩٦٨ع

# رهاڻ

چيو سچ اٿن تہ "جت باهم پري اُت سيڪ آوي، ڪي سيڪ آوي پاڙي والايانون" جيڪي بہ صاحب ٻاهران اچن ٿا، هن ٽڪر ۾ انهن ڪي اسانجي ڏکاين ۽ اهنجن جي ڪهڙي خبر. انهن ڪي اِها بہ تہ خبر ناهي تہ ديس، ديس جي پنهنجي روايت، پنهنجا اصول، پنهنجي ڏموني جي غيرت هوندي آهي. انهن ڪي اها بہ خبر نہ آهي تہ هن ٽڪر هن وادي۽ جا ماڻهو زبان هوندي بہ گونگا آهن، پر سندن گونگن اشارن ۽ ڪوڙهن ۾ جيڪي ڪجهہ لڪل آهي، اهو ڪو انسان پرست انسان ڏي پر ڪي سگهي ٿو يا وري هن وادي۽ جو ڪي حساس رهواسي.

هتي آيلن ۽ پاڙي وارن ڪي اڙدو جو تہ وڏو احساس ٿيو آهي. پر انهن ڪي اهو ڪڏهن احساس نہ ٿيو آهي تہ هت صدين کان دلين تي حڪومت ڪندڙ پولي۽ جو ڪهڙو اثر آهي ۽ اُن جي اهميت قدر و قيمت ڇا آهي.

اسين حيران آهيون تہ اردو جا وڏا چاڙو ۽ دانشور جيڪي گلبہ جي جلسن ۾ ائين تہ چئي وڃن ٿا تہ 'اسين سڀ عالمي پائي چاري ۾ يقين رکون ٿا، جيڪو الله جي وحدت هيٺ رنگ، نسل جي فرقن کان آزاد آهي' پر اهو ڪڏهن سوچي نہ سگهيا آهن تہ انهي الله جي وحدت هيٺ مختلف نسلن جا مختلف گهالهائڻ جا طريقا آهن ۽ انهن نسلن جي زبان وڌي رکڻ انسان ذات سان ايڏو وڏو ناحق آهي جو ڪابہ تاريخ انهي ڪي معاف نہ ڪندي.

اسين هت انهي۽ زبان لاء ضرور چونداسين جا هتي جي پيدائشي نسل جي گهالهائڻ جو ذريعو ۽ حق آهي، انهي۽ حق ڪي هڪ پاسي ماريو وڃي ۽ ٻئي پاسي ٻي زبان ڪي ترقي ونڊائي وڃي ۽ انهن گهالهائيندڙن مٿان ان ڪي زوري مڙهيو وڃي، اهو ڪهڙو پائي چارو آهي، اها ڪهڙي وحدت آهي.

تازو هتي حيدرآباد جي ميونسپالٽي جي ميمبرن کان ٻاهران آيل چيئرمن صاحب جيڪو فيصلو ڪرايو آهي تہ هاڻي ميونسپالٽي۽ جو ڪم ڪار اڙدو۽ ۾ هلندو، ڪهڙي سمجهہ ۽ ڪهڙي اصول تحت اِهو فيصلو مڙهيو ويو آهي. اُنجي سمجهہ لاء اسين اُنهن ادبين دانشورن ڪي عرض ڪنداسين جيڪي تازو رائٽرس گلبہ جي سالگرهہ تي گڏ ٿيا هئا. اُنهن لاء جي اِهو انصاف آهي تہ جت اڌ کان مٿي عملو سنڌي آهي، جتي جا رهواسي گهڻا سنڌي آهن، جتي اڌ کان مٿي ميمبر سنڌي خواندا آهن، اُت اڙدو ڪم ڪار جي پولي قرار ڏني وڃي تہ پوء اسان جا عقيدا انهي۽ يقين مان لڏي وڃن ٿا تہ هتي هڪجهڙائي وارو اصول ورتايو ويندو. اهو پڻ احساس ٿئي ٿو تہ ڏاريا آفيسر نيٺ ڏاريا آهن اُنهن ڪي اسان جي ڏکاين، اهنجن، روايتن جو ڪهڙو احساس. اسين مڃيون ٿا تہ اڙدو قومي پولي آهي، پر سرڪاري ڪم ڪار لاء ڪم آڻڻ لاء خود سرڪار اڃان ڪو فيصلو ڪونہ ورتو آهي، تہ پوء هي۽ ٽڪڙا فيصلا گمراه ڪندڙ ۽ ڪينو وڌائيندڙ نہ آهن تہ ٻيو ڇا آهي. ڇا اسان جي حڪومت ڪجهہ انهي طرف توجہ ڏيندي ۽ سنڌي پولي۽ گهالهائيندڙن ڪي انهن ٽڪڙن فيصلن کان بچائيندي ۽ ڪين اهي سڀ حق ڏيندي جيڪي هر قوم، هر نسل ڪي خلقڻهار ٻڌ ڏنا آهن.

— حميد

# اسانجو ساڻ ڏڪي

ڪي رَسُ رهائي، رهيو پئون، ڪي رَسُ ئي رَسُ ۾ آڻي ڪڙا ٽين، ڪي ته اهڙي رَسُ رسائي وڃيو عرش رسن، جو سندن رس رهاڻ، سندن ساڻ پريو ساڻ وسريو نه وسري، هر وقت سندن اِحساس ئي هنئين اندر هَرُ بٽيو پيو ڦاڪون ڪندو، يا ته ڏري ۽ ڪُهري ڏي جا پها ٽيو رڳ رڳ ناري ڇڏيندو.

محترم قاضي سڄيڏنو، اسانجي هن پٽڪيل قافلي جو اهو ساڻي هو، جيڪو رس ئي رس ۾ ساڻ نپايو، وڃي عرش رسيو. سندس سونهي ذات اسان کي گهٽو ڪجهه ڏنو. سندس صلاحون، قرب پريا هول وک وک وڌ لاءِ سرهائي ۽ ساڻ بنهه وسرڻ جو ناهي.

سندس نوڪري وارو زمانو، جڏهن هو ڊپٽي ڪمشنر هو، ايڊيشنل ڪمشنر هو، ۽ مختلف وڏين جاين تي رهيو، تڏهن به سندس نرم سياڻ، پين لاءِ جيئڻ جي آس، قوميت پريا جذبا ۽ هرڪنهن جي دڪ سڪ جو اِحساس سندس وڏيون خوبيون هيون. نوڪري هلندي ئي سندس صحت ڪري پئي، انهي ئي زماني ۾ سندس جذبن نوان لاڙا پسيا ۽ هُن پنهنجي نينگرن اشفاق حسين، ابرار حسين، اعجاز حسين ۽ ڪڪين نسيم ڪوثر ۽ نشاط تبسم کي هن قافلي سان ساڻ ڪري ڇڏيو ۽ ڪين هروقت سنڌيت جي جذبن جي اونهاين ۾ نيندو رهيو ۽ همٿائيندو رهيو، جنهن جي نتيجي ۾ سندس اولاد سنڌي ادب جو سرمايو آهي.

سندس اهو ساڻ وسريو نه ٽو وسري جو بستري داخل هوندي به هو اسان سيني کي گڏ ڪري، همٿ نه هارڻ جي قوت بخشيندو رهيو. نوان طريقا، نيون روشنيون رسائيندو رهيو. اسان هُن مرد مجاهد کي ڪڏهن به مايوس نه ڏنو. سندس آڏو مايوسي گناهه هئي ۽ مايوسي جا اهڃاڻ پُرخطر اهڃاڻ هئا. اهو ئي سندس وڏو ساڻ هو، جو 'روح رهاڻ' اڄ تائين مايوسي جو منهن نه ڏٺو آهي ۽ سنڌيت جي جذبن جي تحريڪ ٻڌجي جڳ جڳ ۾ ڦهلجي وئي آهي.

اسين انهي ساڻ ڏڪي جا ٿورائتا آهيون، شال ڏڪي ڪيس انهن نيڪين ۽ پلاين جا پاڙا ڏئي ۽ آڻي ڪيس سگهيو رکي، ۽ سندس پونئيرن کي اها همٿ ۽ قوت بخشي جا سندن وڏو خانداني اهڃاڻ آهي.

امداد حسيني

# مرثيو ڪنهنجو لکان؟

(پاڻ مختيار جي وفات جي ورسيءَ جي موقعي تي)

مرثيو ڪنهنجو لکان؟
'مختيار' جو
پنهنجو ـ امان جو
مرثيو بيمار بابا جو لکان
يا 'بدر' جو 'شمس' جو 'جبران' جو
'روح افزا' جو ظفر جو
مرثيو ڪنهن جو لکان؟
لڙڪ جو يا مرڪ جو
ڳوٺ جو يا شهر جو
رات جو يا ڏينهن جو
حسن جو يا عشق جو
موت جو زندگيءَ جو
مرثيو ڪنهنجو لکان؟
ڪنهنجو لکان؟
ڪنهنجو لکان؟

●

# لوڪ ـ گيت

اوءِ ڪَجري گُجَر پيرُ هوريان تہ ڏَر
هاءِ گهاگهرَ نہ چُلڪي پوي!
مـــورَ هن ٿورَ تـــي وائـــڙا ٿـــي ويا
ڪَنهن چَيُئِہ ايتريِ ڊيل سان ريسَ ڪَر
پير هوريان تہ ڏَر
هاءِ گهاگهر نہ چُلڪي پوي!

آئٽ جي پَٽَ تـي گهوٽ گهائي گهٽا
مُرڪندي ٿي وَرين تون بہ پهتينءِ گهرِ!
پير هوريان تہ ڏَر
هاءِ گهاگهر نہ چُلڪي پوي!

باڪَ جي لاڪَ سان سِڃَ لـوئـي رَڳي
لَڃَ آهـــي چڱي، نينگري هـــن نگَر
پير هوريان تہ ڏَر
هاءِ گهاگهر نہ چُلڪي پوي!

اوءِ ڪَجري گُجَر!
ڪيرُ توکي چـوي!
هاءِ گهاگهر نہ چُلڪي پوي!

---

ڪجري ـ ڪَجلي، ڪارين اکين واري.

# لولیون

لولیون
او آبا!
لولیون! لولیون!

شال دولھ ٹئین! شال دودو ٹئین!
شال سورھیہ ٹئین سنڌ تي سير ڏئين!

لولیون
او آبا!
لولیون! لولیون!

پير تنھنجي بہ شل مارئي ٹي جيئي!
سورمي ٹي مري سورمي ٹي جيئي!

لولیون!
او آبا!
لولیون! لولیون!

سو اسان مان نہ آ جو جيئي جڻ ۾؟
گھاءُ کو تو ڏنو پيءُ کي پٽ ۾؟

لولیون!
او آبا!
لولیون! لولیون!

ديس سڀ جو پرين واس جنھنجو وڃين
رت جنھنجو رڳين ٽڇ جنھنجي ٽٽين

لولیون!
او آبا!
لولیون! لولیون!

سنڌ جي سڏ تي شال گھوريو وڃين!
کاکو ھندي رھي تون ڪوريو وڃين!

---

وڃين - وڃن ۾، رڳين - رڳن ۾، ٽٽين - ٽٽن ۾

نوٽ - متين لولي ۾ هر پوري سٽ وڌيڪ ماترائن ۾ ترنم لاءِ، چار پيرا فاعلن جي وزن تي پڙھي وڃي. لفظ لولیون، لام ھيٺان زير ڏئي، فاعلنِ جي وزن تي (لو + لِ + يون) پڙھيو وڃي.

لوليون!
او آبا!
لوليون! لوليون!

• ● •

لولي لالَ
جيئين شال!
پنهنجي پاءُ پنهنجيءَ ماءُ
پنهنجي پيءُ سان شل جيءُ!
لولي لالَ!
لولي!

ساريءَ ڏرتيءَ تي آ سپ کان سُندر تنهنجو ديسُ
آنَّ بہ آجرو، مَنَّ بہ آجرو، وَنَّ بہ آجرو ويسُ
لولي لالَ!
لولي!

تُنهنجيءَ ڏرتيءَ کالھ نپايا دودي جھڙا ڏڪَّ
منهنجي ڏيچَّ بہ ساڳي آھي ساڳيا تنهنجا لڳَّ
لولي لالَ
لولي!

تو کي آھي ہاروتَن ۾ ہاڳهيءَ جھڙي پيڙَ
تنهنجي ڏرتي سڳَّ سچاڻي ڏاريا کھڙا سيڙ!
لولي لالَ!
لولي!

ھي بَکَّر کان کيٽي بندر تائين ساڳيو ساءُ
سَپ کي تَنهجو جَرُ جيئاري، سنڌو سَپ جي ماءُ
لولي لال!
لولي!

سَڇَّل جي سؤنهاري ڏرتي، ساميءَ جو ساڻيھ
تنهنجا پاڳَ پَلارا، تُنهنجو پيتَّ ڏٺيءَ جو ڏيھ
لولي لال!
لولي!

سِندُ بہ تُنھنجي اھڙيِ جيجل، جھڙيِ جيجل آنءُ
جي تون پنھنجي پوڻء چُمينديں، ھُرندءِ مون لَيءِ ھانءُ
لولِيي لالَ!
لولي!
اُن جا ڪوڙھا منھنجا ڪوڙھا، اُن جي مُرڪ بہ ايئَن
تُنھنجون آڏ۾ـ اُجايل چَڪڙِن، آڻن مون تي جيئَن
لولِيي لالَ!
لولي!
لولي لال!
جيئين شال!
جيئي سِندُ تنھنجي سِندُ
جيئي جِندُ تنھنجي جِندُ
لولي لالَ!
لولي!

## نظم

تون مـــان دوُر نہ آھيون پيارا!
تـوکـي مـــون کـي روز مِلائي
سنڌوءَ جو سُڀنو.
منھنجي جوتِ ڪٽي جَلَ ـ ڏارا
تـــو تـــائين پـھـچ ي پھچائـــي
سِنڌوءَ جو سڀنو.
ڪـــاري رات ڏَئـــي لامـــارا
چـنـدرمـــا جـھـڙو ڪِـــرڪائي
سِنڌوءَ جو سُڀنو.
پَـــر ھِـي تنھنجا منھنجا تـــارا
جـــن ۾ ويٺو جـــوت جـلائـي
سِنڌوءَ جـو سُڀنو.

## وائي

بي گھر ٺڙا گھر جا مالڪ،
ڪير ٻڌي پاڪار،

لڙڪ لڙي پيا، حال ڏسي هيءَ،
هنيڙي هول هزار،
بي گھر ٺڙا .....!

ڪين زمينون تن ڪي مليون،
جيڪي هاري هئا حقدار،
بي گھر ٺڙا .....!

در در پٽڪن ديوانن جيان،
ديس سندا دلدار
بي گھر ٺڙا .....!

هيڻن جا حق هاءِ! هٿي وئي،
دولت جي ڇڪار،
بي گھر ٺڙا .....!

قائم رهندي ڪيسين يا رب!
مسڪينن تي مار،
بي گھر ٺڙا .....!

روز نوان پيا 'مجرم' ڏسجن،
ايرن تي آزار،
بي گھر ٺڙا .....!





## وائي

سنڌڙي خاطر ڪنڌ ڪپائڻ
ڪانهي ڳالهه ڳوري او سائڻ

منصور بنجي سوري سجائڻ
ڪانهي ڳالهه ڳوري او سائڻ

ويراڳي بنجي جهنگ وسائڻ
ڪانهي ڳالهه ڳوري او سائڻ

مومل ماڻي سيج وڇائڻ
ڪانهي ڳالهه ڳوري او سائڻ

گڏجي ڪانئين جوت جلائڻ
ڪانهي ڳالهه ڳوري او سائڻ

دل ۾ سنڌ جو درد سمائڻ
ڪانهي ڳالهه ڳوري او سائڻ

ڦيهنن سنڌا سي نغمه ڳائڻ
ڪانهي ڳالهه ڳوري او سائڻ

تدبير سان تقدير مٽائڻ
ڪانهي ڳالهه ڳوري او سائڻ.

سومرو غلام رسول 'مسرور'

# وايون

سنڌڙي تنهنجي سانگيڙن کي سوز مان ساز سڻايان وي
پنهنجو نينهن نپايان وي
راءُ ڏنو هو سرڙو جنهن تي، ساڳي تند تپايان وي
پنهنجو نينهن نپايان وي
کوڙ کپت ۽ ڪينو ڪوري، پردو هي تہ هٽايان وي
پنهنجو نينهن نپايان وي
صاف سچائي ۽ سڪ واري درد جو دود ڪايان وي
پنهنجو نينهن نپايان وي
هوشوءَ واري هوڏ وئي ڇو ورق اهو تہ ورايان وي
پنهنجو نينهن نپايان وي
سر جو سانگو لاهي پاهي، سچ جا پول پڌايان وي
پنهنجو نينهن نپايان وي
ماڻهو هر 'مسرور' هجي اهڙو رنگ رچايان وي
پنهنجو نينهن نپايان وي

●

منظور پرواز

جيءَ ۾ ڏس تون جهاتي پائي، هاڻي چڙهندين سگهو ڦاهي
جيءَ ۾ ڏس تون جهاتي پائي
چند رنگن ۾ رڳجي ووءِ، "ديس" پچين ٿو ڇاهي
جيءَ ۾ ڏس تون جهاتي پائي
نالي خاطر ديس کي وڪڻي، ڇو ڪيئ پٽڪو هٿ ۾ لاهي
جيءَ ۾ ڏس تون جهاتي پائي
هڪ جو انگ سدائين ساڳيو، هت سپ جو انگ اگهاڙو آهي
جيءَ ۾ ڏس تون جهاتي پائي.

مئڈم ارمگارڈ ليوپڪي گريف

سنڌيڪار: پريو "ناشاد"

# پيار پختو هڪ بنياد

[نوٽ: مئڈم ارمگارڈ ليوپڪي گريف (Irmgard Lupke Greiff)، جنهن جي هڪ تازي نظم، (Love is the base) جو سنڌيءَ ۾ آزاد-منظوم ترجمو هن هيٺ ڏجي ٿو، سا اولهه جرمنيءَ جي مشهور شاعر ۽ اديب عورت آهي. پاڻ هڪ ئي وقت ناول نويس، افسانه نگار، مضمون نويس، مزاح نگار، نقاد ۽ ريڊيو آرٽسٽ آهي، ۽ سندس گيت موسيقيءَ جي محفلن ۾ اڪثر گڻايا ويندا آهن. هوءَ، ۲۹- جولاءِ ۱۹۲۰ع تي، وٽريل شهر ۾ جائي، ۽ هينئر اُتي پنهنجي مڙس، پروفيسر گرڊ ليوپڪي سان گڏ رهي ٿي، جو خود به جرمني هوليءَ جو هڪ وڏو شاعر آهي. بنهي کي سنڌي شاعريءَ سان گهڻو چاهه ۽ اُنس آهي. ڊاڪٽر گرڊ، هن وقت، شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ بين صوفي شاعرن کان سواءِ، ڪن جديد شاعرن کي جرمنيءَ ۾ متعارف ڪرائڻ لاءِ سندن ڪلام جو ترجمو ڪري رهيو آهي، جو عنقريب، ڪتابي صورت ۾، جرمني هوليءَ ۾ شايع ٿيندو. سنڌي زبان سان سندن انهيءَ قرب لاءِ اسان کي بيحد عزت آهي.

مئڈم گريف جي جرمني زبان ۾ لکيل "پيار جا ٻ گيت" جا سنڌيءَ ۾ ترجما هن کان اڳ، "روح رهاڻ" جي سپٽمبر ۱۹۶۵ع پرچي ۾ شايع ٿي چڪا آهن.

— پ. ن.]

پيار، خوشي ۽ سونهن جو آهي، پختو هڪ بنياد
پيار، اسان جو جيءَ - جياپو، پيار اسان لئه رحمت:
جڏهين سڪ سان سجدي اندر، نيوڙايان ٿي ڪنڌ،
تڏهن منهنجي سيني ۾ دل ڏڙڪي ٿي، دَڪ دَڪ!
حيات جي اونداهه ۾، هُڄ ساڻ هميشه، دلبر!
تُنهنجي قسمت مُنهنجي آهي، مُنهنجي قسمت تُنهنجي،
جڏهين آپ" تان ٽمڪي، برسي، پيار ڪري پالوٽ:
دک درد سڀ دُور ٿين ٿا، ۽ نه رهيو نقصان!
لَذت، راحت جا پو ڪيئي، رنگ چؤڌن ٽا مون تي
دل خوشيءَ ۾ جهومي ٿي، ۽ ناچ ڪريان ٿي، گايان:
جڏهين دل جي مندر اندر، پيار ٿئي ٿو داخل،
پيار منهنجو آ جيءَ - جياپو، پيار منهنجي لئه رحمت!

# هي شهر به ڪڏهين شهر هيو!

هـي شهر به ڪڏهين شهر هيو!
هـن شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟

چـا مهر پريا هت ماڻهو هـا،
هر دل ۾ راڄ هـو الفت جو،
هن شهر جي ماڻهن جي دل ۾،
هو نانءُ نه هرگز نفرت جـو،
هڪڙي جـا درد وندينداهـا،
هي شهر هو، شهر محبت جو،
هي شهر به ڪڏهين شهر هيو،
هن شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟

هن شهر جـا ماڻهو مور هوا،
چـا سوره هـا شهزور هـوا،
هي ماڪيءَ کان پيو منڙا هـا،
همدرد هـوا، چيتَ چور هوا،
جي ويل ڏکي ڪا ايندي هئي،
هڪڙي تـي ٿيندا گهور هوا،
هي شهر به ڪڏهن شهر هيو،
هن شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟

هت نفرت جي ديوار نه هئي،
سڀ پاڻ ۾ ڪير ۽ ڪنڌ هوا،
هر دل ۾ پيار جي چانبوڪي،
هي ماڻهو چوڏهينءَ چنڊ هوا،
هر ڪنهن وٽ پيار جو سودو هو،
سڀ هڪڙي جـا دلبند هوا،
هي شهر به ڪڏهين شهر هيو،
هن شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟

گو زنگ نه ذاتين اتين جو،
سڀ الفت سان سرشار هـوا،
ڪو ڪوڙ ڪپت جو نانءُ نه هو،
سڀ ساڻي هـا دلـدار هـوا،
هر ڏک ۾ سک ۾ مشڪل ۾،
سڀ هڪڙي جا غم خوار هوا،
هي شهر به ڪڏهين شهر هيو،
هن شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟

هت بڌهه جي گهٽ بڙسائن ۾،
چا واهه تي پڳٽيون لڳنديون هون،
مندر وٽ پيپلن جـي هيٺان،
ڪيئن مست جوانيون ملنديون هون،
ٿهڪن ۾ گهنٽيون وڄنديون هون،
چا ٽور عجب سان ٽلنديون هون،
هي شهر به ڪڏهين شهر هيو،
هن شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟

ساوڻ ۾ ٻـرن جـي هيٺان،
هت چا چئويارون ٽيندیون هون!
چـا ڏينهن سهانـا ٽيندا هـا!
چا راتيون پياريون ٽيندیون هون!
چـا ڪانـا گانـا ٽيندا هـا!
چا چا نه بهاريون ٽيندیون هون!
هي شهر به ڪڏهين شهر هيو،
هن شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟

هت هوليءَ جـي ٺهوارن تي،
چـا رنگ رچايا ويندا هـا،
سؤ روپ سجايـا ويندا هـا،
سؤ سانگ بڻايـا ويندا هـا،
چـا رنگ تماشا ٽيندا هـا،
چـا ساز وڄايـا ويندا هـا،
هي شهر به ڪڏهين شهر هيو،
هن شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟

فيبروري ۱۹۶۸

هت چيٽ جي پورنماسيءَ جو،
چـا ٽـولا ٽلندا ايندا هـا.
ڦ واهه جي ڪومل واريءَ تي،
گهوريون ڦ ٻلهاڙا ٽيندا هـا.
سپ ڪلندا ڪلندا ايندا هـا،
ڦ ڪلندا ڪلندا ويندا هـا.

هي شهر به ڪڏهين شهر هيو،
هن شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟

سنسان گهٽين ۾ راتين جـو،
هت ڪٿين افسانا ڦهندا هـا.
ڪنهن ڪنڊ پاسي، ڪنهن وڻ هيٺان،
ڪي پاڇا ڇرندا پرندا هـا.
خاموش، نگهه سان هڪٻئي ڪي،
ڪجهه ڏيندا ها، ڪجهه ونندا ها.

هي شهر به ڪڏهين شهر هيو،
هن شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟

هن شهر جي ماڻهن جي دل ۾،
ڪو ڪينو هو نه ڪدورت هئي.
هو پريم ڦ پيار جو راڄ رڳو،
هڪٻئي جي لاءِ محبّت هئي.
هـي پاڻ ۾ رسندا ڦهندا هـا.
پر دل ۾ ڪابه نه نفرت هئي.

هي شهر به ڪڏهين شهر هيو،
هن شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟

هڪ ڏينهن مگر طـوفان اٿيو،
هن شهر جي صورت مٽجي وئي!
هڪٻئي تي ڀروسو ڪين رهيو،
ڦ مهر مـروّت گهٽجي وئـي!
انسان ۾ ڀرجي زهـر ويـو،
دل ڪوڙ ڪپت سان ڪٽجي وئي!

هي شهر به ڪڏهين شهر هيو،
هن شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟

ڪو اهـڙو اوکو واءُ اڳيو،
ويـو ٻيڙو پـرزا پـرزا ٿي.
تختو نـه ملیو ڪو تختي سان،
ويو ماڻهو ٽڪرا ٽڪرا ٿـي
ڪو ڪاڏي ويو ڪو ڪيڏ ويو
هـيءَ درتي پاڳا پاڳا ٿـي

هي شهر به ڪڏهين شهر هيو،
هن شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟

سپ صـدين وارا سات ويـا،
هن شهر جو روپ نه رنگ رهيو.
سپ رشتا نـاتا ڪٽجي ويـا،
هـر دل ۾ باقي زنگ رهيو.
هن شهر جـو پهرين وارو سو،
نـا اوج رهيو نـه امنگ رهيو.

هي شهر به ڪڏهين شهر هيو،
هن شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟

هي شهر تـه ساڳيو شهر آهي،
پـر مهر محبّت ڪانه رهـي.
ڪو اهـڙو زهر ڀريو ويو جو،
مـاڻهن ۾ محبّت ڪانه رهـي.
هن شهر جي ماڻهن جي دل ۾،
ڪا ميٺ مـروّت ڪانه رهي.

هي شهر پي ڪڏهن شهر هيو،
هن شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟

اي ڪاش! 'گدائي' وقت اڇي!
هن شهر جو ساڳيو رنگ ٿئي!
انسان مان غير وڃـي نڪري!
ڦ سـاڳيو اوج امنگ ٿئي!
ڪو پيار ڦ پريت جو دور اڇي!
ڦ دور دوئي جـو زنگ ٿئي!

هي شهر پي ڪڏهن شهر هيو!
هن شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟

# نظم

اسانجي دل ۾ آهي گهاڻ،
اسانجي سر ۾ آ سوداڻ
اسين مستانا!

اسانجو سوريءَ سان سرچاڻ،
اسانجو شمع سان پرچاڻ
اسين پروانا!

اسانجي ڪليءَ ڪليءَ سان پريت،
اسانجي بلبل جهڙي ريت،
اسين ٿي گل جو رنگ هگاڻ،
اسانجو سَرهو آهي سپاڻ،
اسين ويرانا!

جهڪائي نظرون پيئندا ڪيئن؟
پلائي غم کي جيئندا ڪيئن؟
اسان کان کهڙو لڪ لڪاڻ،
اسان وٽ ڪونهي ڪو پچتاڻ،
اسين ميخانا!

اسان جا سهڻا سهڻا انگ،
اسين هر دل جا رنگ اُمنگ،
اسانجو نرمل آهي ڇهاڻ،
لڳي جئن هلڪو هلڪو واڻ،
اسين نذرانا!

زماني پانو آهي قرار،
اسان ۾ اهڙو آهي خمار،
اسانجو سهڻو چٽ چٽاڻ،
ڇهڻ ۾ کهڙو آهي وڻاڻ،
اسين پيمانا!

ڏسي هين هُن جي هرمشڪل،
اسانجي رُئندي آهي دل،
توهانکي اينو آ ايذاڻ،
اسانکي پوندو آ کهڪاڻ،
اسين دبوانا!

اسين ٿي آهيون آدجگاد،
اسين هر دل ۾ آهيون ياد،
اسانجي تات اسانجو تاڻ،
بڻيو يگ يگ جو آهي آلاڻ،
اسين افسانا!

اسانجو ڪو نه نه آهي نانڻ،
اسانجو ڪو نه نه آهي گانڻ،
اسانجي ڏرتي آهي ماڻ،
اسانجو هرڪو آهي پاڻ،
اسين بيگانا!

# اڳڪٿي

اُٿي لهر جـــا آ، ڪنارو: ڇڏيندي،
نه رهندو، نه رهندو، اڃا سمنڊ مانو!

جلايا ديپ چوڌر، هي آزادگيءَ لئه،
وطن ٿيندو روشن، نه رهندو انڌيرو!

نـويد مُسرّت، اڃا چـــاڻ پهتي،
ڪنجي وَر، ٿيو تيار، گاڏيون جمالو!

نه ديـر آهي هاڻي، بهاري اچڻ ۾،
چمن ٿيندو خوشتر، نه ڏينهن ترسو!

هوُ اوير ڏسو ٿا، اڃا باڪ ڦُٽندي:
هي جذبا ڏسو ٿا، اڃا رات ڪُٽندي!

○

ساز ملاڪاتياري

ڪيستائين تو مان وڻندا فرحتون،
ڪيترو ماڻيندا تنهنجون جنتون.
ڪيستائين تنهنجا سڏبا حڪمران،
ڪيستائين توسان هلندا هجتون.
ڪيستائين ماس تنهنجو ڪائيندا،
ڪيستائين پيا لٽيندا دولتون.
ڪيترو هلندو پلا چورن جو راڄ،
ڪيتريون هلنديون هن جون حرفتون.
نيٺ ٽٽندو غلاميءَ جو هيءَ زنجير،
نيٺ جاڳي پونديون تنهنجو قسمتون.
سڏ پٺائي جا جي پهتا عرش تي،
توتي وسنديون پو سدائين رحمتون.

# پهتم نياپا ديير

پهتم نياپا ديير،
آءٌ اچـــان ڪيئن؟ ٽيون بند راهون،
ٻيا سوڙها گهٽ گهيرَ، پهتم نياپا ديرا!

هـوليءَ، اڏ گوليءَ جـون راتيون، تڙڦائن ٽيون جيءُ،
هڪ ڏڪڻيءَ جـــو ملڻ مسافر، ٻيو ڏاڻـن جو سيءُ،
پهتم نياپا ديرا!

هڪ گهر جـي لوڙهي جو گهيرو، هيانءُ ۾ ٻيو ٻيو گهيرو،
ماندو مـــن ٽيو مٽيءَ جـو ڏاڏو، ڏَنگڻ آيـم ڏيرو!
لـونءَ لـونءَ چغلي مارڻ ويني، اکـــڙين باڙيم ويرَ،
پهتم نياپا ديرا!

ايڏا غـمَ ڪاڏا ٿَـم، جو اڄ ملـڻ مهانگا ٿـــي پيا،
سُورن ڏاران جئندين ڪيئن جي درد ڇڏي پاسو ويا،
دُکَ آهن، مون وٽ، تون آنهين، نه تہ 'دُ'کايل' ڪير،
پهتم نياپا ديرا....!

★

منوَ تولا رام گدواڻي

# سنڌو ڏارا

هلي آڻي هيءَ سنڌو ڏارا۔ سنڌ سنڌ جي سَڻن تان۔
وهندي وڃي ڪلڪل ڪندي۔ ميدان پهاڙين پنڌن تان۔

جئن پري ٿئن زور پري۔ ڪٽلاش ڪراين ڪَنڌن تان،
ساحل سمندر برپٽ بندر۔ جهنگ جهاڙي هر هنڌن تان۔

جتان هلي آئي سبر ڪري۔ جل نرمل ۽ چَر چارين سان۔
آباد ڪري، زرخيز ڪري۔ ميدان ڪڏي آبشرن سان۔

سنڌ جا آريہ، سنڌ جا رشي۔ سنڌ جا جوڌا، سنڌي هوليون،
سنڌ سپيتا، سنڌي عالم، سنڌو گيانـــي، سنڌي لوليون۔

دؤر دؤر ويا ديس ۾ سي- سگھڙ سنڌين جون ٽوليون:
آجا آهن سي زنده نالا، جن جون ويون چوليون چوليون.

آهـــا قديمي قـــدرت واري- پٽ پاون دريـــا سنڌو،
'نانهڪ' پسندي ڪوسو واءُ شل- جيئي جيڱان جڳ دريا سنڌو.

○

## گورڌن پارٽي

چوڌاري چؤماسو
تہ بہ مَنُ پياسو پياسو!

وڃڻي جڻ ڪا بوند ڪڪر ڪان، تڻ مان توکان وڃڻيس سائيي،
وڃ وانگر ٽيي پل پل تڙڦان، ساجن! توکان آءٌ جدا ٽيي،
پـــريت پچاڻان مَنَ ۾ مڙڻا!- وَرَهَ ڪيو آ واسو،
هاءِ! مَنُ پياسو پياسو!

سؤر هزارين، پؤر هـزارين، ليڪن منهنجي جـــانِ اڪيلي،
هـــاءِ! ڏکن ۽ ڏولاوَن ۾، ساٿ نہ ڏيندي ڪابہ سهيلي،
سنڪٽ ويلي پنهنجن ڪان پيي- پنهنجا ڪن ٽـــا پاسو،
هاءِ! مَنُ پياسو پياسو!

او پرديسي! تـــو لَءِ ڪيسين، واجهايان واڻن تي ويهي،
سانوَڻ آيو، بـــادل آيا، آءُ پرين! تون پيي گَهرِ پيهي،
تـــو بـــن مڙڻا! منهنجي دل ڪـــي- ڏيندو ڪير دلاسو؟
هاءِ! مَنُ پياسو پياسو!

●

# او وطن، او سڄڻ

پلا ڪيئن اسين توکي ويهون وساري
اسان کي ته تنهنجي جدائي ٿي ماري

ڪڏهن واڳهه ٻڌجي ٿي هوءِ وات ڦاڙي
ڪڏهن نڪ ٻڌجي نظر نهاري

ڏلون ڏينهن جو ٿا اسان سڄَرَ سڳَرَ تي
رُلون رات جو ٿا اسين چَنڊَ چاري

جلائي تنهنجي نانءِ جو سوَ قنديلون
اسين واري واري سيني تان ٿيون واري

اميدن جا ڏينهن هي مرادن جون راتيون
گنوائي چڊيونسين غمن ۾ گذاري

ڪٿي آن ڪٿي آن - آ هر دل اکيڊي
الله سونهن هي ساهه توکي ڏاڍو ٿو ساري

پَڙِي ٻوڙ مونکي ڪنجهرَ پنهنجي ڪَن ۾
سوا تڙ ڏٺيءِ هيءِ نه گندري گذاري

اٿيون منهنجون آهون - رهيون تنهنجون راهون
هليون هيج مان اڄ هي ڪونجون قطاري

ويو جنهن به جوءِ مان گهمائي هو پيرا
اڏر خاڪ انئين اسان جي اوتاري

خدا جو قسم سَر هي ڏينداسين سڏ تي
رڳو تنهنجو پانڊي اسان کي پڪاري

پڪا تنهنجا اڳئين موئن جي ڏڙي مٽ
سنڌي ڪونه سگهندو توکي موت ماري





# غزل

توتان سنڌڙي سرڙو گهوريان،
ڏاڍ جا ڏاري ڏونگر ڏوريان.

تو لئه سر جي سئين هٿي مان،
چنگ اٿي ڪو هيڪر چوريان.

ننڊ نياڳي نهوڙي ويندي،
جاڳي جاڳي آڏيءِ اوريان.

مادر تنهن جي ماڻڻ خاطر،
چونه پلا پو جندڙي جهوريان.

مات مٽيءِ سان سارو سائين!،
ڪوڙ ڪنياءُ هي ڪاٿي ڪوريان.

ڪيئن پلا هي ڪچ مان سارو،
سون برابر تنهن جو توريان.

جوت سدا ٿي جنهن جي جرڪي،
سا وٽ ساڻي ويٺو سوريان.

●

تنوير عباسي جي هيءَ تقرير سچل سائينءَ جي سالانہ ميڙ تي منعقد ڪيل ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهي وئي. اسين اُنجي اهميت کي محسوس ڪندي اُها تقرير هت ڏئي رهيا آهيون. (ادارو)

سنڌي زبان جا روشن ضمير اديبو، ۽ روشن خيال شاعرو. هن موقعي تي اوهان جي آجيان ڪندي مونکي خوشي ٿي ٿئي.

سچل سرمست ۽ اسان جا پيا: صوفي شاعر، اسان لاءِ ڪهڙيون فني ۽ فڪري روايتون ڇڏي ويا آهن، هنن ادبي مجلسن ۾ انهن جي چنڊ چاڻ ڪرڻ ضروري آهي. ڇو تہ اڄڪلهہ اسانجي جديد ادب ۾، پنهنجي ڪلاسيڪي ورثي کي سانڍڻ، ۽ ان جي پيڙهہ تي جديد ادب جي عمارت ٺاهڻ جا لاڙا پيدا ٿي ويا آهن. انڪري اسانجي لاءِ پنهنجي ڪلاسيڪي شاعرن جي فن، فڪر ۽ اسلوب جو ڳوڙهو مطالعو ڪرڻ ضروري آهي.

سچل جو دور، سنڌ ۾ فارسي شاعريءَ جي عام هجڻ جو دور هو. خود سچل سائينءَ فارسي ديوان لکيو. پر ان هوندي بہ شاهہ عنايت ۽ شاهہ لطيف جي روايتن کي آڏو رکي سچل سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام چيو. سچل جي سنڌي ڪلام متعلق جيڪا گالهہ گهڻ جهڙي آهي، سا اها، تہ سچل پهريون شاعر هو، جنهن جي شعر جي هيئت تي فارسي غزل جو اثر پوڻ باقاعدي شروع ٿيو. عالمن ۾ ان متعلق اختلاف آهي. ڪي سچل جي اهڙن شعرن کي سڏو سنئون غزل ٿا چون، ڇو تہ انهن جي هيئت فارسي غزل جي آهي، مطلع، مقطع، قافيہ جي بيهڪ، توڙي وزن بحر موجب غزل آهن. حالانڪ انهن کي ڪافيءَ وانگر گائي سگهجي ٿو، ۽ گايو وڃي ٿو. موضوع، مضمون، پس منظر ۽ ماحول، ساڳيو ڪافيءَ وارو اٿن. انڪري کي عالم انهن کي غزل مڃڻ کان انڪار ٿا ڪن ۽ انهن کي ڪافيون ٿا سڏن. حقيقت ۾، سچل جا اهڙا شعر نہ غزل آهن، ۽ نہ ڪافيون، بلڪ بنهي جو حسين امتزاج آهن.

ڪنهن به ڏاريءَ صنف کي پنهنجي هوليءَ ۾ مروج ڪرڻ جو تجربو ڪرڻ ته سولو آهي، پر ان سان گڏوگڏ انڪي پنهنجي هوليءَ جي مزاج، لب و لهجي، آهنگ، ماحول، ۽ سمورين شاعرانين روايتن کي ان ۾ سمائڻ ڪنهن قادرالڪلام شاعر جو ڪم آهي. مثال طور سچل جا هينيان شعر ونو. انهن جي ساخت غزل جهڙي آهي، پر ان ۾ ڪٿي به لالہ، سرو شمشاد، پيراهن وغيره جهڙيون ترڪيبون موجود ناهن، جيڪي بعد ۾ فارسيءَ جي اهل ڪندڙ شاعرن ورجائڻ شروع ڪيون ۽ سنڌس زبان جو اصلي رس سنڌي شعر مان گم ٿي ويو. ان جي برعڪس سچل جي شعر ۾ جتي ڪٿي سنڌيءَ جو سڱندڙ آهي، ۽ سواءِ صوفيانہ تلميحن جي، ٻئي ڪنهن بہ هنڌ غير سنڌي ماحول ناهي—

عاشق ڏسڻ ۾ آهو محبوب گل سناسي،
عبرت عجب عجائب اسرار رنگ عباسي،
ثابت سچل سچاري يارن جي ياد ياري،
جيوڻ ته دم ڀلائي نہ ته تحت نحس ناسي.

—

سچا جي سخن هادي‌ءَ جا يارو اڄ ياد آيا سي،
تنهين ڏينهن لاکون اڄ تائين اهي برچشم چايا سي.

—

رد ڪر فنا فڪر کي اميدوار ٿي رهہ،
هيٺ هنٺ يقين چائڄ آهيان امام تنهنجو.

—

اوڏانهن آئين ڪانگل ادا لنو تون چگي اڄ لات کا،
کي هت هئي محبوب کي مشتاق جي مصلحات کا،
هيڪند هٿ جي هوت سان سائين ڪندم ساعات سا،
دلبر ٻاجهون هڪدم سچو بيهي اها برسات کا.

—

شاهہ نہ، ته سچل جي باري ۾ ته يقين سان چئي سگهبو، ته پنهنجي دور جو اعليٰ تعليم يافتہ بزرگ هو. سنڌس فارسي ديوان، سنڌس حافظ قرآن هجڻ، ۽ سنڌس شعر ۾ حوالي طور آيتن جو اچڻ، ان ڳالهہ جا پڪا دليل آهن. ان هوندي به هن فارسي سان حرفي لفظن کي سنڌي تلفظ ۾ ادا ڪيو آهي. انڪري، جو سنڌي زبان جي مزاج سان، وچ واريءَ جزم وارا ٽي اکرا لفظ نہ ٽا ٿهڪن. انڪري مٿين شعرن ۾، اُڪُر ڦري فِڪِرُ ٿيو آهي. شاهہ لطيف ۽ فارسيءَ جي ٽي اکرن لفظن کي ائين سنڌي تلفظ ۾ ادا ڪيو آهي. مثلاً

عقل، مت، شرم، ٽيئي نينهن نهوڙيا

عقل ڦري عَقْلٌ، ۽ شرم ڦري شَرَمٌ ٿي ويو آهي. پٽائيءَ جي ان روايت کي سچل سائين قائم رکيو آهي.

اردوءَ وارا غالب جي هن شعر تي تڏندا آهن—

تماشا کر اي محو آئينه داري،
تجهي کس تمنا سي هم ديکتي هئن.

'آئيني ۾ پنهنجو عکس ڏسي تماشو کر.' پر سچل سائينءَ جي هيءَ سٽ ڏسو—

صورت ۾ سلطان، پنهنجو تماشو پاڻ ڏسي ٿو.

کا هستي، پنهنجو وجود قائم رکندي به پنهنجي وجود کان الڳ ٿي، پوءِ به متحرک ۽ سرگرم عمل رهي، ۽ ان سڄي عمل جو پاڻ مشاهدو کري— غالب وانگر آئيني ۾ عکس جو تہ — پر حقيقت جو.

سچل هن کائنات ۾ تضاد ڏٺو— سندس سڄي شاعريءَ ۾ متضاد چيزن جو ذکر آهي، قطرو ۽ سمنڊ، موج ۽ بحر، عبد ۽ الله، وحدت ۽ کثرت، جز ۽ کل، وغيره— پر ان تضاد ۾ هن يگانگي ڏٺي— هن Theisis ۽ Antithesis مان Synthesis ڳولي — کافر مومن ٻئي هک — جز ۽ کل، ٻئي کونهن— نہ کو عبد، نہ خالق نہ مخلوق— Antithesis جي کثرت ۾ وحدت.

هو انسان کي وحدت ۾ مدغم ٿيڻ جي ترغيب تہ ڏئي ٿو. اوچ نيچ جا، تعصب جا، پردا تہ کڻي ٿو، پر ان هوندي به هو هر فرد جي انفرادي اهميت تي زور ڏئي ٿو—

ٻئي ڇڄ ۾ ڇل منجهه تماشي نہ ٻوين.

جن، کل ۾ سمائجي به اصليت نہ وڃائي، اهو عظيم فلسفو آهي. پر سچل سائينءَ وٽ عظيم کان عظيم تخيل آهن.

هيءَ سٽ تہ پڙهو—

مين نہ کوئي خيال هان، ملسان نال خيال دي.

سندس نظر ۾ انسان جو وجود آهي ئي پيار کرڻ لاءِ —

آيو ورهه ورهائڻ آيو،
کم نہ هيڙس کو ٻيو.
سوريءَ تي منصور تي سر وڃائڻ آيو،
مصر جي بازار ۾ ملهه وکامڻ آيو.

هن دنيا ۾ اهوئي آدرياءُ لائق آهي، جيکو پيار ورهائڻ آيو آهي، ۽ پيار لاءِ، منصور جان سر وڃائڻ، ۽ بازار ۾ نيلام ٿيڻ لاءِ تيار آهي.

●

# داستان هڪ ماستر جو

جمع جو ڏينهن هو، دستور موجب اسڪول ۾ سوير موڪل ٿي. شام جو چئين بجي گاڏي ۾ هڪ دل وارو دوست اچڻو هو انهيءَ لاءِ پوري وقت تي اسٽيشن تي پهچي ويس. گاڏي به اچي آهستي ٿي ۽ بهي رهي. مان جلدي جلدي ريل جي هڪ هڪ گاڏي کي ڏسڻ لڳس. هڪ چڪر پورو ڪيم، دوست نظر ڪين آيم، پي چڪر تي جيئن مان سيڪنڊ ڪلاس جي دروازي وٽان لانگهائو ٿيس تہ اوچتو هڪ ٽڪاءُ ٿيو، نگاه ڦيرائي ڏٺم تہ قدم بهي ويا، نظرون دري منهن وڃي آٽڪيون. هڪ چاٽل سڃاتل چهرو هو. گهڙي کن وري جاچيم، جيسين حواس قابو ۾ ٿين. سامهون نظرون به مون کي گهورڻ لڳيون، جهڙوڪر مان به چگي طرح سڃاتل هوس. مون تي هڪ عجيب قسم جي ڪيفيت چانئجي ويئي. ڪنهن ڪشمڪش ۾ مبتلا ٿي ويس. هڪ پل ۾ سوچيم تہ صرف سلام ٿي ڪافي نہ آهي، ڪجهہ ڪلام پڻ ڪجي، اهڙو موقعو وري شايد ملي. گهڙي ڏانهن ڏٺم، آنجڻ کي پاڻي وڻي ٻئي پاسي وڃي لڳڻ تائين گهٽ ۾ گهٽ ويهہ منٽ هن جنڪشن تي بيهڻو پوندو.

اِهو سڀ سوچڻ ۾ صرف چند سيڪنڊ مس لڳا.

منهنجا قدم آهستي آهستي اُن دري ڏانهن وڌيا، نيٺ وڃي سلام ڪيم، دري مان سلام جو جواب ڏيندي اهـو به پڇي ورتائون تہ "ڪهڙو حال آهي." مون به "شڪر آهي" چوندي ويچار ڪيو تہ اسان جوصاحب ڪيڏو نہ پلو آدمي ٿو پائنجي. وري چيم، "بس! قبلا دعا ڏيا گهرون!"

"ڪهڙي دعا بابا؟"

"جي! اهائي تہ شل خدا اسان جي جان ڇڏائي."

"چو، چو؟ ڪهڙي تڪليف پهتي اٿئي."

"جناب، تڪليف ڪهڙي ٿئي ٿي! پر هن ڪاتي ۾ انصاف اچـڻ پسند ڏـي نٿو ڪري، اهائي گاله آهي."

"توسان وري ڪهڙي بي انصافي ٿي آهي، ٻڌاءِ."

"سائين: مان سچ ٻڌايان .... يا ائين!"

"جيڪا صحيح گالهه هجي سا ئي ٻڌاءِ."

"قبلا! صحيح گالهه ڪندس ته توهان جي .... آفيس جي مطلب ته ڪاتي جي گيلا ۽ شمار ٿيندي ۽ ڪوڙ چوندس ته مون کي ئي نقصان ٿو پوي، هاڻي توهان پڇو ٿا ته عرض هيءَ پهريون، امان کي پگهار تمام دير سان ملن ٿا، پيو ته منهنجو اضافو رهيل آهي تنهنکي اڄ ٽيون سال هلي رهيو آهي، ئي گالهه وري هي آهي ته منهنجو هڪ تفاوت جيڪو واجب ادا ۽ جلد ملڻو هو، تنهنکي ته "ستون سال" گذرڻ وارو آهي پر .... پر افسوس! آهو آهي اڃان نه ملیو به، چا ڪريان، ڪنهنکي ٻڌايان."

"تو اُنهي لاءِ ڪا درخواست به ڏني؟"

"جناب! مان درخواست لکي ڪين ڇاڻان."

"پلا پڙهيل ڪيترو آهين؟"

"حضور! مان صرف B.A ، بي-اي تائين پڙهي سگهيو آهيان."

"B. A، پڙهيل آهين ۽ درخواست نه لکي ڇاڻين پوءِ ته توکي نوڪري مان به ڪيڏ گهرجي-ڪيئن ٺيڪ آهي نه!"

"سائين، عرض ته B.A وارن جون درخواستون اڄ آفيس ۾ ڪم ڪندڙن وٽ ڪارگر ثابت نه ٽيون آهن. هونئن ته مون ڏهه درخواستون توهان جي آفيس ۾ موڪليون ۽ يارهين انسپيڪٽر آف اسڪولس جن کي ڪئي اٿم، تن سڀني جا آئوٽ ورڊ نمبر به مان پيش ڪري سگهان ٿو."

"چڱو پلا، انسپيڪٽر صاحب کي چڏ، ڪڏهن آفيس ۾ اڄ مان ويٺو آهيان ۽ درخواستون ڪيائي ڏي ته مان تنهنجو ڪم ڪري ڏيندس."

"جناب! توهان ته هُن آفيس ۾ وڏا صاحب آهيو ۽ ڊويزن ۾ مجيل المعروف صاحب تنهنکي به مان اڇي ڪاغذ ڪيائي ڏيان ته پوءِ توهان ڪم به ڪيئن ڪري سگهندا. تنهن کان سواءِ ڪلارڪ ته مون کي آفيس ۾ داخل ئي ڪين ٿيڻ ڏيندا."

"مان تنهنجي انداز مان سمجهان ٿو ته توکان ڪلارڪن تمام گهڻي رشوت گهري آهي، ٿوري گهرن ته جيڪر ڪم ڪيائي سگهين ها."

"نه سائين نه، مون وٽ ته رشوت ڏيڻ ۽ وٺڻ وارو پئي ڪافر آهي، ان کان سواءِ مان ته پاڙو به سنگت کان وڃي آفيس ۾ ايندو هوس. آفيس ۾ پهچڻ شرط ڪلارڪ صاحبان نيچ لفظن سان آجيان ڪندا آهن ۽ الوداعي ٿي ڪيڙي جو پرندو هٽندا آهن، تنهنکري هاڻي ته آفيس ۾ اچڻ ئي ڏوهه ٿا سمجهون."

"هاڻ تون هن سان نه گالهائج، سڏو مون وٽ اچج بس مان پنجويهين تاريخ تي ويندل هوندس ۽ ڪلارڪ به بل (Bill) ناهيندا هوندا، تنهنجو ڪم روبرو ڪبو."

"سائين مون وٽ ته پاڙو به نه آهي، ڪيئن اڃان."

"پاڙو پاڻهي ٿي پوندو، تون هڪ دفعو وري اڃ."

ايترو گالهايوسين ته گاڏي جي سيٽي وڳي، پويان ڏٺم ته گارڊ صاحب سائي جهنڊي جهولائي رهيو آهي. گاڏي آهستي آهستي اڳتي وڌڻ شروع ڪيو. ٿوري دير ۾ منهنجي اکين کان ٻري بلڪل پري هلي ويئي، پر جيئن مون صاحب کي موڪلائيندي سلام ڪيو تيئن منهنجو هٿ سيني تائين اڇي بهي رهيو، آهو آتيئي رهيو. مان نه ڄاڻان ڪهڙن ڪٽنين جي گهوڙن تي سوار ٿي روانو ٿيس ۽ ڪهڙي ڪَن ۾ وڃي پيس. انهي سوچ ۾ غرق هوس ته هڪ هوش ۾ آڏيندڙ آواز آيو.

"استاد صاحب! اسلام وعليڪم."

"وعليڪم وسلام! بابا ڪهڙو حال آهي. ڪيئن آئين، گاڏي ۾ ڏسڻ ۾ ڪونه آئين ۽ ڪٿي هٽين؟"

"استاد، مان ته گاڏي جي ٽپال واري خاني ۾ خط آڇلڻ آيو هوس، پر جناب توهان صاحبن اڄ معمول جي آبتڙ، هڪ ئي دم ۾ هيترا سارا سوال پڇيا آهن، سڀ مون ته پورو سمجهيو ئي ڪين."

"نه ڄڃا! ڪجهه نه آهي، بس توکي ڏسي خوش ٿيس تنهنڪري، پي ڪابه گالهه نه آهي."

"سائين حڪم ڪار هجي ته بندو حاضر آهي، چگو سائين سلام."

شاگرد ته سلام ڪري هليو ويو پر سڄو هي ٿيو جو مون کي سجاڳ ڪري ويو، نه ته جيڪر ڪيترو وقت آتي واڙڻو ٿو ٻيٽو هجان ها. خير مون جاءِ ڏانهن هلڻ شروع ڪيو، وات ويندي ۾ اهيئي گالهيون سوچيندو ويس ته مان اڳي ۾ ڪيترا دفعا پاڙا پري خواه مخواه خرچ ڪري، آفيس ۾ ڏڪا ڪائي مايوس موٽيو آهيان. هاڻي ڇا وڃي ڪندس، ڪم ته ڪونه ٿيندو، پر خبر صاحب ڇيو آهي ته هاڻي هڪ دفعو وري ۾ وڃڻو پوندو. پنجويهين تاريخ کي ۾ اڃان ڏهه ڏينهن پيا آهن. اڳي ۾ هڪ هڪ ڏينهن سالن جهڙو هو ويتر اهي ڏهه ڏينهن ته صدين جهڙا پئي لڳا.

انهن ئي خيالن ۾ وقت گذرندو رهيو. ڪلاس ۾ ويندو هوس ته گهروٗ پريشانيون هر شئي جي تيز مهنگائي، قرض، قرضدار، اولاد، آئينو، بيحال زندگي جو دڳهو ۽ ڏکيو سفر، پگهار، اضافو، تفاوت، دوکاندارن جا ڏيڙا سلام، ڪٽنيون گهٽي فڪر سان صحت خراب، علاج ۽ ڊاڪٽري ظلم بهرحال ڪهڙيون ڪهڙيون گالهيون ۽ سوچ ويچار دل ۽ دماغ ۾ پئدا ٿيندا رهيا. وري خيال ٿيندو هو ته ٻارن کي اهڙي طرح نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي، وري سوچيندو هوس، مون کي ته ڪنهن به طرح دماغي سڪون حاصل نه آهي پوءِ مان پلا ڪري ئي ڇا سگهندس.

انهي هفتي جي وچ ڌاري ڪوئٽا هڪ خط آيو جنهن ۾ ته وڌيڪ دل ڊاريندڙ مضمون پڙهيم، اجهو هي ڏسو:-

بابا !

گھٹن ڈينهن کان توهان اسان کي وساري ڇڏيو آهي، ۽ هڪ مهنو گذري چڪو توهان نہ آيا. مون کي خرچي لاءِ هڪ آنو ب نصيب نہ ٿيو آهي، گهران گهرندو آهيان تہ جواب ۾ توهان جو انتظار ڪرڻو پوندو آهي. سيءُ ب ڏاڍو پون ٿا. ڪلهہ ب اسڪول ۾ اُستاد صاحب چيو، ”پٽ سوئيٽر يا ڪوٽ پائي ايندو ڪر، سردي تمام سخت آهي، متان ڪٿي ٽڏ جي چوٽ نہ لڳي ۽ ڪاڻي پگا علاج ويجهائي ڪين ايندا ۽ غريب جو بار مصيبت ۾ ڦاسي پوندين.“ مون گهر اچي ڳالهہ ڪئي تہ پين سيني کي سڀا سڀا رنگين سوئيٽر پائل آهن هڪڙو مون کي ب ونڻي ڏيو. گهڻو چيم تہ مار ملي. بابا هاڻي اچو تہ منهنجي واسطي هڪ تمام سٺو سوئيٽر ضرور ونڻي ايندا. مون کي هينئر ب زڪام لڳل آهي اسان وٽ گوليون ب نہ آهن. ٻيو مڙيوئي خير. توهان جو نورچشم.....

اڄ ڪهڙو خط پڙهيم، هي منهنجي دل ٽي چاڻي دنيا ۾ هڪ سڪيلڌو اولاد تنهنجو ب هي حال، ڪاش ڪو اولادي آفيسر هجي ـ پر ڪين هر شئي معمولي اشاري تي ميسّر آهي. اهي پريشاني مان چا چاڻن.

هفتو تہ گذري ويو پر ياد باقي ڇڏي ويو جيڪا پئي نانگ وانگي ڏنگي. پئي ڏينهن آپر هـو ۽ تاريخ چوويهين، خيال کيم تہ سياڻي هيڊ آفيس وڃڻو اٿـم. هتي تہ پيٽ تـي پٿر رکي بـ، ڏينهن وڃايم پـر، پرديس ۾ ڪيئن ڪيو. منجهند ڏاري هيڊ ماستر صاحب جي گهر ويس ڪجهہ قدر حال اوريم پر ونس ب پگهار جو انتظار هو. چيائين تہ مهرباني ڪئي جي جيڪو اوڏر تي ڪپڙا اڇا ڪري ڏئي ٿـو. باقي سڀ خيريت. اتان تہ نااُميد موٽيس مگر هاڻي ڪيڏانهن وڃان ڪا راه ب نٿي سُجهي. ڪنهن ب مقصد کان سواءِ بازار مان لنگهيس، اوچتو انهي ساڳي شاگرد تـي نظر پيم، ڪيس هڪ هٿ ۾ ٽيلهي ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪجهہ پئسا پئي ڳڻيائين. مون ب موقع ڏسي هڪدم وڏي وڃي چيو، ”پٽ ڪيترا پئسا آهن“.

”ساڻين سلام ـ مون وٽ چار روپيہ ڪن ٿيندا، باقي هڪ روپئي جي ڪنڊ ورتم، اڇڪلهہ ڏاڍي مهانگائي آهي.“

”چڱو پلا، في‌الحال اهي تہ ڏي تہ مان هڪ وي ـ پي ڇڏايان، شايد ڪو ڪورس وارو ڪتاب هوندو، تو کي صبح جو ڪلاس ۾ موڪلي ڏيندس.“

اڏين ڀهانو ڪري شاگرد کان چار روپيہ ورتم. ڪيس ڪهڙي خبر تہ استاد صبح جو ڪٿي ۽ ڪهڙن حالن ۾ هوندو ۽ پئسا ڪڍهن ڏيندو. مون وري ب ڪيسي مـان هڪ پنو ڪيڏيو ان تي هڪ ڏينهن جي موڪل لکي، درخواست بند ڪري شاگرد کي ڏنم تہ سياڻي شايد ڪلاڪ ڪن دير ٿيندي سو هي اطلاع هيڊ ماستر صاحب کي

ڈج ائين چئي پنو سندس حوالي ڪري مان ٽڪڙو استيشن تي پهتس. گاڏي اڃا پر صرف ٽي منٽ باقي هئا. ٽڪيٽ واري دري مان جانچ ڪيم تہ اندر ڪرسي خالي پيئي هئي ۽ ٽڪيٽ خانو قرفيل هو. ٽورو هٿيس تہ نظر پيئي جتي لکيل هو، "اِدھر ڇوبيس گھنٽي خدمت ڪي جاتي هئے." اتيئي زبان مان پيا اکر نڪتا تہ اڇي پگ پر پس اندر مڙئي اکڙيون پيو ڪو وسيلو نہ ڏسي باهر پليٽ فارم ڏانهن ويس، جتي چار ڪرسيون هيون جن تي ٽڪيٽ ڪلارڪ کان سواءِ ريلوي ۽ عوام جا ماڻهو بہ ويٺل هئا. مون وڏي سلام ڪري چيو بابو! هلي ٽڪيٽ تہ ڏيو. ان صاحب هڪدم چيو، "او تون ڪتو مرياسي، چل ٽُرجا هُن جيڙيان ٽِڪٽان بند هوگئيان، تي تون S.T دے نال چلا جائين." اڃان هن چئي بس ڪيو تہ گاڏي بہ منهنجي پرسان اچي بهي رهي. خيال ڪيم تہ بنا ٽڪيٽ سفر ڪرڻ هڪ تہ ڏوهہ جو ڪم پيو قومي ملڪيت سان ٽڳي ۽ ٽيون نمبر ضمير جي سراسر خلاف گاڻهہ، چو نہ S.T صاحب کان ٽڪيٽ ڦهرائي اهو ويچار ڪري ٽڪيٽ انسپيڪٽر صاحب وٽ ويس ۽ پنهنجي منزل واري استيشن جو نالو وٺي ٽڪيٽ ناهڻ لاءِ عرض ڪيم. ٽڪيٽ جي قيمت صرف پارنهن آنا هئي پر مون وٽ هڪ روپئي جو نوٽ هو، خير هن صاحب مون کان نوٽ وٺندي چيو،

"هان جي! هان جي!! ڪيون نهين، آئيے اور بڑے شوق سے چلئے، يہ گاڑي آپ کے لئے تو ہے۔ ہم تو خادم ہئين آپکے، لائيے يہ نوٹ مجھے ديجئے اور آپ کسي ايک ڈبي ميں گھس جائيے."

"ليکن صاحب! ذرا اپي بنائيے، تو ڦر مين بيٹھ جاؤنگا."

"اپي کيا ضروري ہئے مئين جو چلتا ہون."

"تو کيا ميئن ايسئے هي بيٹھ جاؤن."

"هان هان!! کون تمارا نام ليگا، هماري شهنشايت ہر."

بس ادا، بادشاهي جو نالو اڳي بہ ٻڌو هوم پر شهشايت جو نالو ٻڌي، مون کي وڃي ڪنهن گاڏي ۾ ويهڻو ٿي پيو. ريپو تہ وڃايم پر ٽڪيٽ بہ ڪين مليو اڳتي چا ٽيندو سو توهان سمجهو ٿا. اڳي ڪهڙو گهٽ گهٽيون هيون جو هي اضافو ٿيو هو، پر خير مڙيوئي مون ڏي، هوتن ڏي هڪ بہ نہ. نيٺ گاڏي رواني ٿي، مان بہ انتظار ڪندو رهيس. هڪ ڪلاڪ گذري ويو، گاڏي منزل تي پهچي چڪي پر ايس-ٽي نہ آيو، سو نہ آيو. مان هيٺ لٿس ۽ ڪولي وڃي اشاري طور سلام ڪيم. هن بہ يار ڪٽي پانهن کان ورتو ۽ سڌو گيٽ تي وٺي ويو، دروازو کولي مون کي باهر روانو ڪري ٻيٺو رهيو. مون ڪنڌ ورائي ڏنو تہ گيٽ ڪيپر ڪچيوئي ڪين. مون جهڙا ڪئين جوان رڳو اشاري تي هليا آيا. گيٽ ڪيپر جي هٿ ۾ ويهارو ٽڪيٽ هئا ۽ اسين سائيڪو مڙس گيٽ پاس ڪري آياسين. منهنجي تعجب کائڻ تي هڪ ايندڙ مسافر چئي ڏنو، "ادا

تون پهراڙي جو چٽ ڏو پائنجين، هي ڪا نئين ڳالهه نه آهي، اها ڳالهه ڪين نوڪري سان ورٽي ۾ آئي آهي. هل تہ هلون." مان هي پٽڻ کان پوءِ هن سان گڏجي اڪثر وڏي ويس.

اُن وقت منهنجي دولت جو انداز صرف ٽي روپيا هو، توهان سمجهو ٿا تہ مون ۾ ڪي عيش ڪيا هوندا، فرسٽ ڪلاس هوٽل تي مانيءَ ڪاڏي هوندي، تفريح لاءِ سئنيما جو باڪس حاصل ڪيو هوندو ۽ پيا به ڪي نندا ياراڻا خرچ ڪيا هوندا، ڪاش ائين هجي ها. پر اهو تہ اهڙو وقت هو جو مون کي ٻک ۽ فوٽ پاٽ کان سواءِ ٻيو ڪجهه نظر ئي نٿي آيو. ڏکيو سُکيو، ڪچي ڪڪي ماني ۽ ڪنهن چنل منجي تي رات ڪاڻي پوري ڪيم.

صبح جو سوير اُٺي بجاءِ چانهه ۽ ناشتي جي صرف هڪ گلاس ٺڏو پاڻي پي وڃي آفيس جو در جهليم. ويٺي ويٺي نَوَ لڳي ويا، آفيس ۾ خير ڪو ماڻهو هجي لڳ ڀڳ ڏهين بجي ڏاري آفيس جا ڪارڪُن آيا. تيستائين مان خاموش، هر ايندڙ ويندڙ جو منهن تڪي رهيو هوس . نيٺ پٽيوالي کان صاحب جو پڇيم. هن ٻڌايو تہ هاڻي آفيس ۾ آيو آهي، پر مون کي اندر وڃڻ جي اجازت نہ ملي.

آخر تنگ اچي پٽيوالي جي غير موجودگيءَ ۾ دروازي تي بهي صاحب کي سلام ڪري اجازت وٺي اندر ويس. گهڙڻ سان اميد ۽ خوف ٻئي برابر نظر اچي رهيا هئا. ڪنهن ڪنهن وقت ٻئي زور ٿيندا محسوس پيا ٿيا. جيئن تيئن چئي ڏنم "حضور توهان جي حڪم موجب اڄ مان بلڪل پنجويهين تاريخ تي حاضر ٿيو آهيان."

"تون ..... اسڪول مان آيو آهين نہ؟"

"جي ها سائين." مون اڃان جواب ڏنو تہ صاحب جون اکيون بدلجي ويون.

"بابا تون واپس وڃ، مان توجو ڪم ڪري ڇڏيو آه. هن ئي پگهار سان گڏ توکي اضافو ۽ نفاوت ٻئي ملندو. مان کي بلڪل ياد آه، تون تہ اجايو آيو آن، خير وري نہ اچج." پچاڙي وارو فقرو ڪجهه زور سان چيائين.

"پر سائين." پر صاحب کي وچ ۾ ڪٽي حڪم فرمايو.

"مان توکي چيو هليو وڃ، ڪم ٿي ويو آهي. بس هل! هل!! تہ ٻيو ڪو اچي، چگو نڪر ٻاهر."

"جي سائين."

توهان ئي ٻڌايو تہ هڪ زماني جو ستايل ماڻهو سواءِ وڃڻ جي ٻيو ڇا ٿو ڪري سگهي. بغاوت ڪجي تہ سر تي ڏنبو ٿو گهمي. جهانگير ۽ وڪرماجيت تہ نہ آهن جو شينهن جو دوست گهيٽو هجي ۽ بگهڙ ٻڪر گڏ ڪائين. خير مون کي تہ ٻاهر نڪرڻو ئي ٻيو. اڳيان وراندي ۾ جناب ڪلارڪ صاحب گڏيو، جيڪو اڳيئي ٻڌي رهيو هو. تنهن هڪدم رُعب سان چيو.

"اڑي! بنا ڏيتي ليتي جي پڇين جا پئسا اٿئي جو گھڙي گھڙي ٿو اچين، ڇڙ ڏراوت آهي ويچاري جي."

اهي لفظ پڏڻ سان مون کي سراپا باه لڳي ويئي ۽ مون باغياڻ انداز سان جواب ڏنو، "خاموش بي ادب، کميڻا، وري هڪ لفظ به زبان مان ڳٽو ڪيو اٿئي ته مٽل هوندين، تو کي ڪهڙي خبر ته مان ڪير آهيان، ذليل ڪٽي جا تعليم ڪاتي جي آفيس آهي يا رشوت زور ڪاتو!"

اٿين چئي مان ٽڪڙو ٽڪڙو آفيس کان ٻاهر هليو ويس، مون خيال ڪيو ته، جھگڙو ٿئي ته به آفيس کان ٻاهر هجان، نه ته خواهمخواه ڏوهاري ٿيندس. ٻاهر نڪري سوچيم ته هونئن به ڪم نٿي ٿيو پر هاڻي ته اصل نه ٿيندو پيو سڀ ڏهيو پر واپس ڪيئن پهچندس ۽ شاگرد کي چار روپيه ڪٿان ڏيندس. ماني ته اصل وهم ٿي لڳي. جلدي هلڻ لڳس پر جوش ختم ٿي ويو ڇو ته بک زور ٿيڻ لڳي هئي، تنهنڪري آهستي هلڻ پيو. اهو شڪر جو گاڏي جو ٽائيم به پريو پيو هو سو وڃي ٽڪيٽ ورتم پر ڪيسي کي هٿ هنيم ته پاڙي جا پئسا به پورا نه ٿيا. مون وٽ تڏهن ستر پئسا هئا ۽ ٽڪيٽ لاءِ پنجهتر پئسن جي ضرورت هئي. چانهه وچي ڪڏ ۾ پوي؛ اٿين ڪري تيزي سان پئسا دري جي اندرين پاسي رکندي ٽڪيٽ گھريم. هن صاحب به ڏسڻ کان سواءِ دانهن ڪئي، "ارے پائي کهاں جانا هے؟ کچھ منهه سے بولو تو."

"ادا بولڻ ۽ بکڻ جي طاقت به ڪنهي ڇڏي اٿن. منهنجن چپن وٽ ڪن ڪندين ته شايد آواز پڏي سگھين. پر ٽڪيٽ ..... جو ڪپي."

"اڑي!!! تون سنڌيئڙو آهين."

"جي ها ما!! ما!!! سن... سنڌ .... سنڌي آهيان."

سچ پچو ته منهنجو گلو پرجي آيو هو ۽ شرم به پي آيو ايتري ۾ هڻن پئسا ڪٽي ورتا جنهن ۾ پنج پئسا گھٽ هئا.

"ادا پنج پئسا ڪٿيا ڪونه اٿئي چا؟ چڱو يار سنڌي ياءُ آهين، توسان وري ڪهڙا ليکا. چڱو پلا هي وٽ ٽڪيٽ."

"ادا، وڏي مهرباني چئو ته ڪليا آڻي ڏيان؟ البت پڏو نوٽ هو تنهنڪري اٿين ڪيم. پر توهان جي مهرباني."

حقيقت هي آهي جو اتان به خدا جان بچائي توهان خيال ڪريو ته جيڪڏهن هو پنج پئسا گھري ها ته منهنجو ڪهڙو حشر ٿئي ها، اتي ڪنهن کي ڪنهن استاد لاءِ به خيال ٿئي ها؟ مان سمجهان ٿو ته اهو ظاهر ٿئي ها ته ماٺهو وڏيڪ ڪلن ها ۽ ٺٽوليون به ڪن ها ۽ مان به شرمسار ٿيان ها. آخر اهو سڀ ڪجهه ڪير ٿو ڪرائي. خير، گاڏي مون کي منهنجي منزل تي چڏي اڳتي هلي ويئي. آءُ به دستور موجب پريشانين

سان دل وندرائيندو رهيس. انهي ۾ پهرين تاريخ به گذري ويئي. پگهار لاءِ مون کان وڌيڪ دوکاندارن کي شديد انتظار هو. مون کي ته شاگرد ئي دل تي چڙهيل هو جو سندس قرض موٽائي عزت بچايان آ نيٺ اُن مهيني جي اڻين تاريخ مون کي پگهار نصيب ٿيو، انهي خوشي ۾ سيني کان اڳ، ڊي-شيٽ کولي پڙهيم، هاڻي توهانکي اندازو هوندو ته چا هئڻ گهرجي. نہ ادا نہ اڻين به ڪين هو، اتي ته پاڻ ويهہ روپيا ڪٽ ڪيل هئا، جي ها ڪٽ ٿيل هئا. هيٺ وڏي صحيح سان لکيل هو ته ويهہ روپيا زيد ڪراس فنڊ لاءِ ڪٽي باقي ساڳيو پگهار موڪلجي ٿو.

سچ ته هي آهي جو مونکي واپس گهر تائين پهچڻ ڏکيو ٿي پيو. ان وقت مون کي هڪ رهبر جي ضرورت محسوس پي ٿي، جيڪو گهر چڏي اچي. توهان سوچيندا ته چو؟ پر ادا، منهنجين اکين اڳيان ڪاري رات جو چائنجي ويئي هئي مون کي پنهنجو آئيندو همیشه همیشه لاءِ ڪارو ۽ پياڪ نظر جو اچڻ لڳو هو. انهي صدمي جي چوٽ اهڙو اثر ڪيو جو، ان کان پوءِ ٻن مهڻن جو ٻيو به پگهار ڪنهو آهي ۽ مٿيئن مهيني ۾ هڪ وڌيڪ اضافو به گڏ ٿيندو ۽ مان ڏ ڪ پچائي ويو آهيان ۽ هاڻي ڪجهہ هوش ۾ اچي، هن وقت پنهنجو روئڻ روئي توهان کي درد جو داستان ٿو ٻڌايان. پر جي توهان صرف داستان ٻڌڻ ڪين ٻڌندا ته منهنجو ڪهڙو حال ٿيندو سو ته توهان سيني کان وڌيڪ اُهو استاد سمجهندو جنهن جي مون جهڙي حالت هوندي.

دوستو! آهي ڪو علاج هن گهاڻ، جو يا توهان ٻه هڪ دوست جيان مينٽل هاسپيٽل جو ڏس ڏيندا.

شل ڪا منهنجي آه، ڪيرائي هن ڪوٽ کي.

○


شيخ اياز جو نئون نثري مجموعو

## لامون ڪنهن وڻ سنديون

( پيغام، تقرير ۽ به خط )

جلد ڪتابي صورت ۾ شائع ٿي رهيو آهي

زندگي پبليڪيشن انڊس پرنٽرس حيدرآباد

# جانورن جي دنيا

ڏڏهن مان ٻيون سنڌي پڙهندو هئس. مونکي گدڙن- بگهڙن پولڙن جون کهاڻيون ڏاڍيون وٺنديون هيون، اما مونکي روز کا نہ کا کهاڻي پڙائيندي هئي. ڏڏهن اهي جانور مون رکهو کتابن ۾ تصويرن ۾ ڏٺا هئا.

هک پيرو مان پنهنجي ماءُ سان گڏجي کراچيءَ پنهنجي نائي جي گهر ويس منهنجو نانو تازو ئي حيدرآباد مان بدلي ٿي کراچيءَ آيو هو. ڏاڍو اديب ۽ فيلسوف قسم جو ماڻهو هو، مونکي ڏاڍو پائيندو هو. کراچيءَ پهچڻ جي پي ڏينهن نانو مونکي کراچيءَ جو چڙيا گهر گهمائڻ وئي ويو.

چڙيا گهر ۾ ايندي ئي سڀ کان پهرين منهنجي نظر زنجيرن سان وڻ ۾ ٻڌل هاٿيءَ تي پئي. مون زندگيءَ ۾ پهريون پيرو ايڏو وڏو جانور ڏٺو هو. تنهنکري هاٿيءَ جي ويجهو ويندي مان ڊپ محسوس کري رهيو هئس، نانو شايد صحيح کري ويو ۽ مشکي موڏانهن نهاري چيائين، "ڊڄين ٿو چا؟" مون کنڊ ڏوٿي نہ کئي، نانو مونکي هاٿيءَ جي بلکل ويجهو وئي ويو ۽ چيائين "پٽ، هيءُ هاٿي آهي. دنيا جو سڀ کان وڏو ۽ عظيم جانور هي تمام هوشيار ۽ امن پسند جانور آهي. تنهنکري هن کان ڊڄڻ نہ گهرجي. هي سدائين وڏن ٻيلن ۾ چراگاهن ۾ ڍنڍن ۽ ندين جي ڪناري پيو ٽلدو آهي. سڀني ننڍڙن ٽوڙي وڏن جانورن کي پيار جي نظر سان ڏسندو آهي. سونڍ لوڏي کين سلام کندو آهي ۽ چوندو آهي تہ هن جهنگ ۾ اسان سڀني کي هک جيترو حق حاصل آهي. مان پنهنجي حصي جو گاهہ کائيندو آهيان. هرڻ پنهنجي حصي جو ۽ سهو پنهنجي حصو جو، جڏهن بہ جهنگ ۾ ننڍڙن جانورن کي خطرو درپيش ايندو آهي تہ هي سڀني جي اگواڻي کندو آهي سونڊ مٿي کڻي زور زور سان لوڏي دشمنن کي للکاريندو آهي. شينهن سندس سڀ کان وڏو ويري هوندو آهي. سدائين لکي مٿائنس حملو کندو آهي ۽ سندس ميڃالو کڍي کائيندو آهي." مون نائي جي ڳالهہ حيرت سان ٻڌي ۽ چيو، "نانا! پنهنجي ملک ۾ بہ هاٿي ٿيندا آهن؟" منهنجي ڳالهہ تي نائي کجهہ سوچيندي وراٽيو، "پنهنجي ملک ۾ هاٿي سوين سالن کانپوءِ پئدا ٿيندا آهن، پر هتي جي آب هوا کين پاڻءِ کونہ پوي. جهٽ مريو وڃن، هاٿيءَ جي بدران هتي سوئر گهڻا پيدا ٿيندا آهن. انهن کي بہ هاٿيءَ وانگي پاسن کان ڏڍا هوندا آهن." مان حيرت سان هاٿيءَ کي ڏسندو رهيس. امان سچي چوندي هئي تہ پٽ هاٿي پنهنجي گهر کان بہ وڏو ٿيندو آهي.

پوءِ نانو مونکي ٻانهن کان جهلي شينهن جا پڇرا ڏيکاريا ۽ چيائين، "پٽ، هي پيلائي شينهن آهي. هي ٻئي واگهه آهن ۽ هي هن پاسي واري پڇري ۾ چيتو آهي."
مان ڪيتري دير تائين انهن خوفناڪ جانورن کي ڏسندو رهيس پيلائي شينهن جي چوڌاري گوشت جا ٽڪرا پکڙيا پيا هئا ۽ هو ايندڙ ويندڙ ڏانهن جوهه ڏي نهاري گُرِي، پڇري جي اندران لوهون پائي رهيو هو. نانو چيو "پٽ! هي سڀ هڪ ئي نسل جا جانور آهن پاڻ ۾ چاچا ڀائٽيا. جهنگ جا حڪمران. هنن حون نظرون شڪار جي گولا ۾ سدائين موٽر جي لائيٽ وانگي پيون ٻوڙنديون آهن. سدائين پنهنجو پيٽ ڀرڻ جو الڪو هوندو اٽن. جتي به ڪو شڪار ڏسندا ڪڪر وانگي گوڙ ڪري وٺي مٿاهن روڙ ڪندا، اک ڇنپ ۾ وڃي نڙ گهٽ مان جهليندس. سڄو رت چوسي ڪڍي پٽ سان اڇلائيندس. ويڇارن هرڻن ڦاڙهن، سهن جو ته هن جي ڪجگوڙ ڏي کان ڏي ساه سڪڙ ويندو آهي، مان ڪيتري دير تائين خوفناڪ شينهن جا پڇرا ڏسندو رهيس. انڪانپوءِ نانو مونکي بگهڙن گدڙن رڇ ۽ چراخ جا پڇرا ڏيکاريا ۽ چيائين، "پٽ! هي جهنگ جا انتهائي چاپلوس چالاڪ ۽ خوفناڪ جانور آهن. هي سدائين شينهن جي پٺيان پيرن ۽ وزيرن وانگي هلندا آهن. شينهن جتي به ڪو شڪار ڪندو آهي ته هي ان جي بچايل ڏونڊ ۽ هڏن کي اچي پاسو ڏيندا آهن. هي جانور جهنگ ۾ سدائين ڇتن ڪتن وانگي پيا لوهون پائيندا آهن. هن جي خوفناڪ اوناڙين ۽ آوازن کان سڄو جهنگ ڏڪي ويندو آهي. سيني ننڍڙن جانورن جو ساهه مٽ ۾ اچي ويندو آهي." مان هڪ هڪ جانور کي غور سان ڏسندو رهيس. پوءِ نانو جي هٿ ۾ هٿ ڏئي اڳتي وڌيس. نانو مونکي هڪ وڏي پڇري وٽ آئي بيهاريو. مون غور سان ڏٺو، هڪ وڏي ڇٽ ڪمري بلا ترپال وانگي ويڙهيو سڀڙهيو ڪُنڊلي هنيو ويٺي هئي. نانا صاحب چيو، "پٽ ارڙ نانگ ڏٺو اٿئي نه، اهو ارڙ نانگ آهي. دنيا جو سڀ کان وڏو ۽ خوفناڪ زهريلو نانگ. هي نانگ سدائين دولت جي تلاش ۾ هوندو آهي، جتي به ڪو خزانو ڏسندو آتي ڪُنڊلي هڻي کوڙپو کوڙي وهندو آهي. هي نانگ جڏهن به ڪو شڪار ڏسندو آهي، پهرين ڇپ هڻندو آهي، جيئن شڪار هنجي ويجهو ايندو آهي ته هي ڦڙ ڪيي غار جهڙو خوفناڪ وات ڦاڙي ڪنوڙ جي تيزي سان مٿس حملو ڪندو آهي ۽ اک ڇنپ ۾ سڄي جو سڄو شڪار گڙڪائي ويندو آهي. هي نانگ پنهنجي ملڪ ۾ تمام گهٽا پئدا ٿيندا آهن ۽ سڀ ٿر بر ويران ڪري ڇڏيندا آهن."
"نانا! اما چوي ٿي، ٿر ۾ پيئڻ بلا به پئدا ٿيندي آهي، جا ماڻهوءِ جو ساهه پي ويندي آهي."
"ها پٽ، ٿر بلائن جو گهر آهي. تون وڏو ٿي انهن سيني بلائن کي مارائي ڇڏجان." مون ڪنڌ ڏوڪي ها ڪئي.
ان ڪانپوءِ پولڙن جا پڇرا آيا. پولڙا ڏسي خوشي کان منهنجون واڇون ٽڙي

ويون ۽ ناني ڏي نهاري چيم، "نانا! پولڙا ۾ ماڻهو ڪائيندا آهن؟" ناني چيو، "نہ پٽ! پولڙا جهنگ جا سڀ کان هوشيار، سڀا ۽ سياڻهڙا جانور آهن. البت اسڪولي ٻارڙن وانگي ٿورو شرارتي هوندا آهن. شينهن، گدڙن، بگهڙن سان سندن اصل ڪاڻ پوي، جتي به ڪين ڏسندا چهرا ڏيندا. وڻ جا ٽار پڇي ڪين مٿائين اڇلائي هڻندا. ارڙ نانگ کي جتي به ڏسندا سونڌا ڪٽي اڇي وڃندس، هٿي مٿو مڇ ڪري رکندس. وڃي ايڏو ته هُل مچائيندا جو سڄي جهنگ کي خبر پئجي ويندي ته ڪا وڏي مصيبت آئي آهي، سو سڀ پنهنجي گهرڙن ۾ لڪي ڇپي ويندا آهن." مان حيرت مان ناني جون جون ڳالهيون ٻڌندو رهيس. اما ته اهڙيون ڳالهيون ته مونکي ڪڏهن به ڪونہ ٻڌايون.

ان ڪانپوءِ ناني مونکي روجهڻ، اٺ پکي، زبيرا، قسمين قسمين جا سها ۽ هرڻ ڏيکاريا. مان هرڻن جي نندڙن ٻچڙن کي ٽونڪيون هٿي ٻوڙندو ۽ مائن کي ڏائيندو ڏسي خوش ٿي ويس. ناني چيو، "پٽ، هيءُ آهي جهنگ جو غريب نماڻو عوام. سڀ کان هيٺو، سڀ کان ڪمزور. سدائين ويچارن کي ساهم سان لڳي پئي هوندي آهي. نہ پوڻي طرح گاهہ چري سگهن، نہ پاڻي پي سگهن. سدائين اڌ ڀاوا، اڌ بکيا پنهنجي اوندهہ اجهن ۾ وڃي ڍهندا آهن. ڪوبہ سندن داد ۽ فرياد ٻڌڻ وارو ڪونهي. ڪوبہ کين ڏيڻ وارو ڪونهي." ان ڏي مهل هڪ آواز ايريو. مون حيرت سان ناني ڏانهن نهارينديِ چيو، "نانا هيءُ ڇا جو آواز آهي؟"

"پٽ، اهو مور جو آواز آهي. هل ته توکي مور ڏيکاريان. هن باغ ۾ جنهن ماڻهو مور نہ ڏٺو آهي، تنهن سمجهہ ڪجهہ نہ ڏٺو آهي."

پوءِ ناني مونکي قسمين قسمين جي پکين، ملڪ ملڪ جي ڪڙين، تترن، مٿن جا ٻچرا ڏيکاريا ۽ پوءِ اسان مور جي پڇري وٽ اچي بيٺاسين. مور ڏسي مان دنگ رهجي ويس. پاڻان ته ڏسانس ئي نہ. ناني چيو، "هيءُ آهي مور. دنيا جو سڀ کان حسين پکي. هي انتهائي جوشيلو ۽ شاعراڻي فطرت جو پکي آهي. شاعر سمجهين ٿو نہ پٽ؟"

"ها! جيڪي بيت چوندا آهن، جيئن شاهہ عبداللطيف."

"شاباس!" ناني خوش ٿيندي چيو، "پٽ، تيئن هي مور جهنگ جي جانورن ۽ پکين جو شاعر هوندو آهي. جڏهن جهنگ ۾ خوفناڪ جانورن جون ڪارروايون وڏي ويندين آهن ۽ هر طرف جهنگ ۾ هاءِ واويلا مچي ويندي آهي، تڏهن هي پکي پنهنجا انبلٽ جهڙا رنگين پر ڦهلائي اڏامندو آهي ۽ رکي رکي رڙ ڪري ايڏين هڪليون ڏيندو آهي، جو سڄو جهنگ گونجي ويندو آهي. هن جي ازغيبي آواز جو پڙالو ٻڌي شينهن جهڙو بي ڊپو جانور به ڇرڪي، ڊڄي، ڇڄي ويندو آهي."

مون ناني جي ڳالهہ حيرت سان ٻڌي ۽ چيم، "نانا! مور پنهنجي ملڪ ۾ به پٽندا ٿيندا آهن."

"ها پٽ! مور پکي اسانجي ملڪ کي ازل کان انعام مليو آهي."

ان کانپوءِ ٻ نانو مونکي کيتري دير تائين باغ ۾ گهمائيندو رهيو ۽ پوءِ اسان پنهنجي گهر موٽياسين.

ان رات الائي مونکي کڻڙي هوا لڳي وئي. گهر پڄندي ئي مونکي تيز بخار اچي ويو. اما ۽ نانيِ سڄي رات منهنجي سيراندي ويٺيون رهيون. مان تمام رات ننڊ ۾ وڪلندو رهيس. صبح جو نانو مونکي ڏسڻ آيو ته نانيِ مٿس چڑهي وئي. چيو، "واه جو چوکري کي گهمائي آيو آهين. سڄي رات چوکري چرڪ پريا آهن. ڏنڊ وڄي پوي تنهنجي اها فلاسافي. مونکي چوکرو مارائڻو کونهي. خبردار جو منهنجي چوکري کي کيڏاتهن گهمائڻ وڃي ويو آهين."

نانو هڪدم هُڪل ڪري نانيءَ تي چڑهي ويو. چيائين، "وات بند ڪر! آهي گدڙ جو ڏنو آهي. رن، توکي کڻڙي خبر. اڄ هي ننڍو آهي، سياڻ هنکي هڪ وڏي جهنگ ۾ وڃڻو آهي. هينئر ئي ٿو پڪو ڪيانس، سمجهيءَ؟"

"ڏوڙ سمجهيم." نانيِ کاوڙ مان ٻئي ڪمري ۾ هلي وئي.

نانيِ مونڊانهن پيار سان نهاري چيو، "رات تون ڏنو هئين ڇا؟"

"نہ، نانيِ غلط ٿي چوي. رات خواب ۾ مون ٻہ شينهن ماريا هئا."

"شاباس،" نانيِ هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو ۽ چيائين، "هنن رنن جي چوڻ تي ڪڏهن نہ هلجان ۽ ڪڏهن ٻہ ڪنهن کان نہ ڊڄجان."

ان ڳالهہ کي ڪي ۱۵ سال گذري ويا آهن. هاڻ منهنجي عمر ۲۶ سال آهي. منهنجو نانو ويچارو گذاري ويو آهي. هاڻ مان هڪ وڏي اونداهي گهاٽي جهنگ ۾ رهندو آهيان، جو سڄو خوفناڪ جانورن سان ڀريو پيو آهي. منهنجي سانيڙ ۾ ئي ان جهنگ ۾ هڪ هاٿي ٻڌا ٿيو آهي، پر جهنگ جا جيتاڻا جانور اڃا هن سان ايترو هريا مريا ڪونهن. خوفناڪ جانور سدائين جهنگ ۾ ڇتن ڪتن وانگي لوهون پيا پائيندا آهن. ڪڏهن اوچتو پولڙن ۾ ٻاکر ڪوٽو پڄي ويندو آهي. سڀ ننڍڙا جانور پکي ۽ پسون پنهنجي گهرڙن ۾ لڪي ويندا آهن ۽ سڄو جهنگ سنسان ٿي ويندو آهي. ڪڏهن ڀري جهنگ جي ڪنهن ڪنڊ مان مور جي رڙ جو آواز ايندو آهي، سڄو جهنگ ان جي پڙالي سان گونجي ويندو آهي. پولڙا وڻن جي ٽارن تي چڑهي زور زور سان هل مچائيندا آهن. مان پنهنجي اونداهي غار مان نڪري حيرت سان مور جي آڏام ڏسندو آهيان. ڏنڊ جي ڪناري کان هاٿي سونڈ مٿي ڪڍي سلام ڪري سيني ننڍڙن جانورن کي پاڻ ڏي سڏيندو آهي. ڀر ويچارا سوڙن جي ڍهن جا ستيل هڏ، ڦاڙها، سها، هاٿي جي پير ۾ ويندي ڊڄندا آهن.

●

گل محمد 'گل'

# پيڇرو

گلان جي شادي ٿئي اچان پنج سال ٿي مس گذريا هٿا تہ سندس گل جـي گاڙهاڻ جهڙ پل جو ڪيل ٿي ويئي، ڪيس ائين محسوس ٿيو ڄڻ ڪاري رات، ٻاٽ ٻڏجي وڃ ويڙهيءَ جيان جندڙيءَ کي ويڙهي ويئي هيس. پل پل جهانگيءَ جي اڳئين پيار جا پور پچائيندي ڪن ڪن سوچيندي هئي تہ گذريل ڏهاڙا ڪاڏي ويا؟ چوڏاري اوندهہ ٿـي اوندهہ نظر پي آيس، وسوسا واسينگ ٻڏجي ڦڙ ڪٽي انگ انگ کي ڏنگ پيا هڻنس.

ويٺي ويٺي هن جون نگاهون آئيني تي وڃي پيون، پنهنجي شڪل کـي غور سان ڏسڻ لڳي. ڪالهہ ڪالهوئي انهيءَ شڪل جي سونهن جـي هاڪ گهر گهر ۾ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ڳائبي هئي، ڇو اڄ اها شڪل ٽڪر ٿي پيجي. ڄڻ ڪنهي مونهن ٿي ڏٺي، آسري ۽ تڙڪي ٿي. جهٽ پل جو ڪيل ٽيو، گلان هانءَ تي هٿ رکي وٽ ڪائي ويهي رهي.

جهانگي اڳڻ ۾ سمهيو آڪاش ۾ ترندڙن ڪرن کي تکي رهيو هو. دونهائيل ڪرن کي ڏسي هڪدم گلان جو خيال ذهن ۾ اچي ويس، سوچي ٻيو تہ گلان جي جواني ٻہ تہ انهي تڪڙي چال چلندڙ ڪرن جيان گذري ويئي، جيئن انهن جـي سونهن نظر جو فريب آهي؛ تيئن گلان جي جواني ٻ.....! ۽ شايد هر اها شيءَ جا من کي موهيندڙ هوندي آهي. جلد گذري ويندي آهي، ڄڻ تہ ڪنهہ جي ٽڪرن جيان سهٽا ڪر، وچ جا چڪا چوند ڪرڻ وارا چمڪاٽ، جواني سڀ هڪجهڙائي تہ آهـن، اُن لاءِ ٿي تہ اڪ چنبي ۾ گذري ويندا آهن ۽ وياڪل نظرون تڪيندیون ٿي رهجي ويندیون آهن.

هو دير تائين ڪنگهندو رهيو، سستا سگريٽ پيئڻ ڪري ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪنگهندو رهيو هيو، ڪڏهن ڪڏهن ڪنگهہ جو غلبو ايترو تہ سخت ٿـي ويندو هئس جو گلان جي جواني کيءَ وساري پهنجي ڪنگهہ سلهہ پريل هستي ۾ گم ٿي ويندو هيو، ڪيس پنهنجي هڏائين پڇري کان سخت نفرت هئي، سڄو بت بيد جيان ڏڪڻ لڳندو هئيس، ڪنگهہ جو دورو اُن گهڙيءَ ايترو تہ وڌي ويندو هيس جـو جسم انگ انگ ڪنبي ويندو هيس، گلان دڙڪو ڏيندي چوندي هيس تہ "لک دفعا تو کي جهليو اٿم تہ اهي ڪنا سگريٽ نہ پيئندو ڪر، پر تون آ جو مڙين ٿي ڪونہ ٿو!" جهانگي گلان کـي ڪاوڙيل نظرن سـان ڏسي رت جـا ڏڪ پري چپ ٿـي ويندو هيو، دل چوندي هيس تہ جيڪر چئي ڏيانس، "اهـي ڪنا سگريٽ نہ پيان تہ چا ٿري ڪيسل جا سگريٽ تنهنجي پيڪن ڪان ايندا؟"

جهانگي چگيءَ ريت چائندو هيو تہ اها ڪنگهہ ڇو ٿـي آڻي، معاشي ڪٽنيون ڪنگهہ ڏيندیون آهن، ٿهڪ تہ نہ جنهہ ونندا آهـن. ڪٽنين ذري گهٽ چريو ٻٽائـي وڏو

هوس، پر ڪيس ان ڳالهه جي چڱيءَ ريت پروڙ هئي تہ هيڏي وڏي جهان ۾ هڪڙو مان ئي اڪيلو ڪنگهه جو شڪار نہ آهيان. چڙو مان ئي سلهه وگهيل نہ آهيان، پر ٻيا بہ لکين انسان آهن جيڪي سلهه ۾ هن وانگيان ڪنگهن ٿا، پنهنجي تصورات جي سهاري دل وندرائڻ خاطر سستن سگريٽن جا سوٽا هڻي دل کي آٿت ڏين ٿا.

پر آخر هڪڙو ڏينهن ايندو جو سندن ڪنگهه ٿهڪن ۾ بدلجي ويندي، سندن منهن تي رت جي گهٽائي سبب ڳاڙهاڻ ظاهر ٿيندي. ۽ هو بہ ٽري ڪيسل جا اڏڻ وڏي شان وچان پنهنجي چلڪندڙ ٻوٽ سان وسائي فخر سان هيڏي هوڏي ٻيئل ماڻهن ڏانهن واجهائيندا. ان گهڙي سچ پچ ڪنگهه هيڪاري ٻيهجي ويندي هئس. وري ڪنگهه جي دوري شروع ٿيندي هو گلان بابت سوچڻ لڳندو هيو، "منهنجون نظرون ٽڪجي ڇو ٻيون آهن؟ ڇو ڪ ٽي ٻيون آهن."

وري جڏهن ننڍڙين معصوم هستين جو خيال آيس تہ هن پاسو ورايو. 'ابول! — هي ٽي هار — ڇا گلان جي جوانيءَ جو نچوڙ نہ آهن. عورت کان جيڪڏهن سونهن ۽ جاذبيت کسي وڃي تہ ڇا اڃان بہ هوءَ عورت سڏائڻي آهي.' ان سوال جو وٽس ڪوبہ جواب ڪين هو. محبت ۽ نفرت جي جذبن ۾ وکوڙيل هو. سوچيندو رهيو. هار هاهر ڪيڏي رهيا هئا. هن کي هانءَ تي جڏ ڪنهن هٿوڙو وهائي ڪيو هجي. ٽي هار. اهي ڇا اڃان ٿورا هئا، جو گلان ڇوٽين بابت تيارين ڪري رهي هئي. محبت جو نالو وٺي پيار پئدا ڪرڻ کان ڪيس سخت ڪراهت هئي. هينئر ڪيس اهڙي محبت جي گهرج ڪانہ هئي جنهن جو نتيجو صرف اولاد هجي.

گلان جهانگيءَ کي اهڙين نظرن سان تڪيو ڇڏ تہ ڪيس اڃان بہ ساڻس محبت هئي. ڪيس ساڳي گرمجوشيءَ سان چاهي پئي، سهاڳ رات وانگر.

جهانگي گلان جي نظرن ۾ بہ محبت جي وڃ چمڪندي ڏسي مرڪڻ جي اجائي ڪوشش ڪئي. سندس جذبن ڦيرو ڪاڏو تہ اقتصادي بدحالي هن کان محبت جو احساس ڇني ڇڏيو هو. سندس نس نس ۾ نراسائيءَ جا جيوڙا پلجي رهيا هئا. نہ تہ هونءَ گلان تہ ساڳي جوان آهي، پهرين رات وانگر. جڏهن جهانگي سندس منهن ڏسڻ خاطر هيٺ جهڪيو هو.

جهانگي سارو ڏينهن آفيس ۾ فائلن کي اٽلائڻ پٽلائڻ بعد شام جو جڏهن گهر ۾ گهڙيو تہ هميشه جيان سندس منهن تي ٽڪ جا گهنج ظاهر هئا.

جڏهن بہ هو ٻاهران ايندو هو، سندس مٿو سدائين جهڪيل هوندو هيو. ٽڪ ۽ وڏندڙ ضرورتن هن کي چٿي پاسن کان وکوڙي ويون هيون، نظرون پنهنجو پاڻ جهڪي ويندیون هيون. هو گلان سان گڻهائڻ بنان ٻارن کي پيار ڪرڻ کانسواءِ ٽي وڃي ڪٽ ٽي ڪرندو هو ۽ ڪٽنين جي اٽاهه گهراين ۾ ٻڏي ويندو هو.

هونءَ تہ هو ريلوي اسٽيشن تي هيڊ ڪلارڪ هو. پي، ڊبليو، ڊي ۾ اسسٽنٽ هو.

هڪ پرائيويٽ فرم ۾ سڀي عهدي تي هو. ڪن سببن ڪري ريلوي اسٽيشن واري نوڪري هن پاڻ ڇڏي. پي، ڊبليو، ڊي جي نوڪري انڪري هٿان ويس جو هن انجنيئر جي زال کي سلام نه ڪيو هو. فرم جي مالڪ ان لاءِ ڪيئن چاڪاڻ ته سندس جوان نينگريءَ جون ڳالهيون هو سمجهي نه سگهيو هو.

جهانگيءَ کي ٽڪل ٽئل ڏسي گلان هميشه اها تانگهه ڪندي هئي ته جهانگي روزگار جي ڳڻتي وساري سندس پيار ۾ ٻڏي وڃي. ان گهڙين هوءَ جهانگي جي ڳچيءَ ۾ ٻانهن جي پينگهه ٽاهي لڙکي پوندي هئي. پنهنجي محبت هٿ جي پوري پڪ ڄاڻائيندي هئي. پر جهانگي سدائين اهڙين ڳالهين کان ونڊن پيو ويندو هو ۽ ڪيس پڪ اصل کانه ٿيندي هئي ته ٿن هارن جي ماءُ ۽ ڪنوارين جيان نينهن.

لاچار هو گلان کي ٽارڻ جا وس ڪندو هو. ڪلي ڳالهائيندو ٻولهائيندو هو گلان ائين سمجهندي هئي. جهانگي ساڻس ساڳي ريت پيار ڪري ٿو پوءِ سندس اکين جي شوخي جهانگي کي مرحبا چوندي هئي.

پر جهانگي کي ان مٽاڻ ۾ ڪوڙاڻ جو احساس ٿيندو هو. هن جي مرڪ زهر ٻڏل معلوم ٿيندي هئي. هو چاهيندو هو ته گلان کي گرم گرم هنج مان اڻي پڄي اڇي ۽ اڻٽ چئي ڏيس ۽ سچ پچ ته مونکي توسان محبت اصل ڪانهي. پر آواز سندس نڙگهٽ ۾ ڦاسي پوندو هوس.

جڏهن به هو گهر مان ٻاهر وڃڻ جي ڪندو هو ته گلان مونجهي ٿي ويندي جڻ ته ڪنهن سندس سر ۾ مان ساهه ڪيي ورتو هجيس يا وري عرصي کان بيمار هجي. ان وقت هو جهانگي جي پراڻي ڪوٽ جي ڪالر کي وڻي ٻيهندي هئي. سندس سيني ۾ سمائجڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. نيزاري سان چوندي هئي ــ "جهانگي خدا واسطي رحم ڪر! ايڏي دير نه لائيندو ڪر ــ وعدو ڪر ته دير نه ڪندين؟"

جهانگي سندس ڳالهين جو خيال نه ڪندو هو يا وري اجايو مرڪي ٽاري ڇڏيندو هو. گهٽو ڪري رات جو دير تائين گهر کان غائب رهندو. وري جڏهن واپس ورندو هو ته گلان پينجي پوندي هئس، رسي ويندي هئس. هڪ ڏينهن هن روئي چيس،

"جي تون مونسان نباهي نه پيو سگهين ته چاڪاڻ مونسان شادي ڪئي هيئي. ڇا منهنجي سونهن، جواني ۽ سوپيا سڀ ختم ٿي ويو آهي ــ مونکان ايڏي ڪراهت ڇو پيو ڪرين؟ هاڻ وڏيڪ مان سهي ڪين سگهندس ــ ايڏو سارو وقت رات جو گهر کان ٻاهر رهين ۽ مان اڪيلي سير تنهنجي راهه ويٺي تڪيان، جاڳندي رهان. مان ته تنهنجي زال آهيان، ڏک سک جي ساٿي. زندگي ٻنهي کي گڏ گهارڻي آهي پوءِ ڇو تون مونکي اڳ جهڙو ڪين ٿو پائين. جي هار ٿيا آهن ته ان ۾ منهنجو کهڙو ڏوهه. ڏوهه ته ــ! مونکي توسان محبت آهي، حقيقي محبت. حقيقت کان تون منهن نه موڙ. ڇا تو کي خدا مرد ان لاءِ ٻڌايو آهي ته عورت جي جسم جي

تارن کي جھنجھوڑي پوءِ چئي ڇڏ؟ ۽ چپ ڪرائي ڇڏ. ۽ وري ڪنھن نئين ساز سان ورونھ ڪر. نہ، ھاڻ مان ايڏو سھي ڪين سگھندس. ڇا تون ائين ٿو چاھين تہ مان تو لاءِ ٽڙڪندي رھان ۽ تنھنجي لاءِ تڪيندي انڊي ٿي وڃان يا وري لاچار ٿي پيڪين ھلي وڃان تہ اھا ٻي ڳالھ آ!"

جھانگي زوري مرڪي گلان ڏانھن نھاريو، جڏ تہ ھو سندس جذبن کي لتاڙڻ نہ ٻيو چاھي. ڪيس گلان جي معصوميت تي روئڻ اچي رھيو ھو.

ھن گلان کي پنھنجي ٻانھن جي گول ڪندي ۾ ڦاسائي ڪاوڙ ۽ پيار جي ملميل جليل نوع ۾ جھنجھوڙي وڌو. گلان ان ڪاوڙ ۾ بہ ھاڪو ھاڪو سرور محسوس ڪيو ۽ موقعو تاڙيندي ڪجھ وقت تائين ساڻس شڪايتون ڪندي رھي. "ٿوري پگھار ۾ پورت ڪانہ ٿي پوي ــ ڪپڙا تہ ڏس سڀ ڦاٽي ويا آھن ــ ھارن جا پير بہ اگھاڙا آھن ــ چگو تہ ائين ٿيندو جو صاحب کان قرض وٺ ــ"

قرض جي نالي جھانگيءَ کان رڙ نڪري ويئي.

"مان بک وگھي مري ويندس پر صاحب اڳيان ھٿ نہ ٽنگيندس. اھڙن ماڻھن منجھان تون ھمدرديءَ جي اميد رکين ٿي جيڪي صبح کان وٺي شام تائين ھمدرديءَ بجاءِ ڦڑڪ لاءِ ھيڏي ھوڏي واجھائيندا وتندا آھن."

گلان جون اکيون آليون ٿي ويون.

جھانگيءَ جون وکوڙيل ٻانھون ديرين ٽيندين ويون پر اندر جي اڻمن سبب ھن گلان جي گلن تان گڙندڙ گوڙھن کي ايئن اڇي ڇڏيو، جيئن ڪنھن صاحب پنھنجي بوٽ تي مڻيءَ جي ھاڪي دز صفا ڪري ڇڏي ھجي. پوءِ گلان جون اکيون بند ٿي ويون. ڏڃن اکيون کليس جڏھن ٽيئي ٻار ڪيس چوڌاري وکوڙي ويس.

نئين نئين جوابدارين جي بار سبب جھانگيءَ کي سندس زندگي جڏ تہ کائڻ پئي آئي. سچ ڪري پچوتہ گلان جھانگي جي حياتيءَ جي مختلف پھلوئن کي ايمانداريءَ سان سمجھڻ جي ڪوشش ٿي ڪانہ ڪئي ھئي. ھوءَ گلاب جي نازڪ مکڙيءَ منجھان ڦري گلاب جو تازو گل بني ھئي ۽ جھانگيءَ مان اھا اميد جي رکيائين تہ ھو پنور جيان ديوانو ٿي سڀ ڪجھ وساري سندس دل ڪش ۽ حسين وجود ۾ گم ٿي وڃي.

ڪلنديون کائينديون پنج بھارون گلان جھانگيءَ سان گڏ گھاريون ھيون ۽ اڃان بہ انھن بھارن جا ساڪيا سپنا ڏسندي رھندي ھئي.

پر جھانگيءَ جي حياتي جي صاف ميدان ۾ بي مزي زندگيءَ جون چٽگون اڏامي رھيون ھيون. جھانگي ان حياتيءَ مان ڪڍ ٿي پيو ھو جا واڇ جي سٿي وانگر ھڪ ٿي دائري اندر گول ڦري رھي ھئي. اھوئي ڪارڻ ھو جو ھو ھڪ ٿي نوع ۾ گذرندڙ زندگي، ھڪجھڙن مردہ جذبن جي دنيا مان ڪڍ ٿي پيو ھو. رات جو ديرِ تائين

گھر کان ٻاهر رهي، دوستن سان غم غلط ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ چاهيندو هو ته ڪجهه ڏينهن گهريلو ڳڻتين کان آزاد ٿي زماني جي ظلم سان اڪيلو سر مقابلو ڪري. هو زندگيءَ ۾ هڪ انقلاب پيو چاهي. هڪ نئون دور، هڪ نئين امنگ، جنهن مان سندس مرده حياتيءَ ۾ بهار اچي وڃي ۽ سندس وڃايل جذبا ڪيس ملي وڃن.

هڪ ڏينهن موٽڻ تي گهر جي حالت عجب ڏٺائين. ڪمري ۾ اها ساڳي رونق ڪانه هئي، اڳڻ سڃو لڳو پيو هو، گهر ۾ رڙين وغيره جا آواز ڪين هئا، چوڌاري سانت ديرو ڇايو ويٺي هئي، سامان هيڏي هوڏي پکڙيل ڪنهن جي جدائي جو ماتم ڪري رهيو هو. اداسي ۽ بربادي‌ءَ جو پورو نقشو موجود هو.

ڪيس ائين لڳو جيئن ڪنهن سرير منجهان سمورو رت هڪدم چوسي ورتو هجيس. گهر ڏاڍو جيان کائڻ لاءِ اچي رهيو هئس. حياتي اونداهي راتين جيان اداس ۽ پوائتي پي لڳس.

گلان جي ان زوراوريءَ ڪيس سخت صدمو رسايو. دل ۾ نفرت جا جذبا تيزيءَ سان اٿلي پٿلي دل ۽ دماغ ۾ پکڙجي ويا. گلان جو اهڙي ريت پڪين وڃڻ ڪيس ڏاڍو ڏکيو لڳو. هاڻ سچ پچ ڪيس گلان کان نفرت ٿي ويٺي، زهريلي نفرت، جا سندس رڳ رڳ ۾ سمائجي چڪي هئي. هاڻ هو غمن کان آزاد لاغرضي واري زندگي گذارڻ لڳو.

عرصي کانپوءِ جڏهن گلان واپس وري ته سندس ڇڻن ٽي عجيب قسم جي چپ هئي.

گلان سندس سامهون ويٺي هئي. اداس اداس، هڪ واري ٻني جون نظرون ملیون ۽ وري جهڪي ويون، جڏ ته گلان سڀ ڪجهه سمجهي ويئي هجي ۽ ڪجهه چوڻ پئي چاهي. اداس جهڪيل جهڪيل نگاهن سان هن ڪڏهن ڪڏهن جهانگيءَ کي تڪي پئي ورتو، پر ڪجهه ڪچي ڪين سگهي.

جهانگي اهو بلڪل وساري ڇڏيو ته ڪيس گلان کي ڪجهه چوڻو هو يا خوشامد ڪرڻي هئي، سامهون زوري ٿهڪ ڏيئي ڪيس خوش ڪرڻو هو، پر ڪوشش ڪندي به ڪجهه اڪلي نه سگهيس ۽ اهو سوچيندو رهيو ته ڪاش هو گلان لاءِ زور زور سان ڪوڙا ٿهڪ ڏئي سگهي پر هو هلڪو مرڪي به ڪين سگهيو. هنجي منهن تي گهري گنهيرتا پکڙجي وئي ۽ هو خاموش هو.

گلان ائين چاتو جڏ ته جهانگي هينئر اهڙي قالب ۾ گهڙجي ويو آهي جو ان کي پيو دفعو گهڙڻ جي ڪوشش ۾ هو ويتر بگڙجي ويندو. گلان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. جهانگي ڪلهي تي پراڻو ڪوٽ لاڙي گهر کان ٻاهر نڪري ويو. گلان دريءَ جي پر ۾ بيهي پيچري کي تڪيندي رهي جو ورڪڙ ڪائيندو شهر جي ڪوڙ گهمسان ۾ گم ٿي ويو هو. ●

# پيار، پيڙا ۽ پڇتاءُ

اهين هڪ ئي ماڳ ڏانهن ويندڙ واٽهڙو هئاسين، اسان درياءَ جا ٻ ڪنارا هئاسين، لهرن ذريعي لٺون لاتي هئي سين.

ڪيس سڪ پريا سنيها موڪليا هئم، جن کي هن ساڻ سان سانديو هو. منهنجن سپنن جي ايوانن جي هيڪلائي دور ڪئي هئي. تمام گهڻي پولي هئي، سچ ڳالهائي ويئي. مونکي دوکو ڏيئي سگهي ٿي، پر هن ائين نه ڪيو. روپا کي ڏکن سکن جو ساٿي گهربو هو، هن مونکي چونڊيو هو. منهنجي پريتما هئي. شاعر جو تخيل ۽ گيتن جو سنگيت هئي. آشائن جي شمع هئي. مونکي جيون سهارو بنائڻ چاهيائين، مان سندس پيار اپنائي نه سگهيس. مون محبت جا مينار کيرائي ڇڏيا، اسانجي محبت کي ماڳ، ماڻڻ لاءِ ڪابه مجبوري نه هئي، رڳو سماج جون لوهي سيخون هيون، جن کي آءٌ موڙي نه سگهيس. مون موڙڻ نٿي چاهيو. موڙي سگهيس ٿي، پر مان دل جهلي نه سگهيس. مون ۾ سماج سان ٽڪرجڻ جي همٿ نه هئي، شڪتي نه هئي. روپا جرئت جو جبل هئي ۽ مان بزدليءَ جو بت هوس. هن جو ڪوبه ڏوهه نه هو، غلطي منهنجي هئي. غلطي، جيڪا جيون ۾ هر جوان دل ڪندي آهي. مون ساڻس محبت ڪئي هئي. هن مون لاءِ دل جا دروازا کولي ڇڏيا هئا. ڪيس خوابن جي راڻي بنايو هئم. سپنن جي سندر ديويءَ جيان سندس پوڄا ڪئي هئم. مون ڪيس پريت پريا پتر موڪليا، موٽ ۾ هن پنهنجو چاهت پريو هانوَ منهنجي هنج ۾ وجهي ڇڏيو.

اسان جا سبجيڪٽس ساڳيا هئا، روز سندس درشن ڪندو هوس. ڪاليج جي لان تي ويهي پيار پڄائيندا هئاسين. سندس نماڻن نيٽن جي مڌ جا ڏڪ پريندو هوس. سندس چمپاڪليءَ جهڙا چپ چميا هئم. اڳئين سومر تي ٻ اسان ڪاليج جي لان تي ويهي ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين.

مون کيس چيو هو، "روپا! تون منهنجي آتما جي ڪلپنا آهين، اڄ ڪان پوءِ آءٌ تو کي ڪلپنا ڪري ڪونيان ته؟"

"ته پوءِ آءٌ رسي ويندس."

"چو؟"

"چو جو پوءِ توهان مونکي پرچائيندا." هن شرارتي ٿي چيو، "۽ آءٌ وڏيڪ ڪاوڙ ظاهر ڪنديس، پوءِ توهان وري اهوئي چوندا ته، روپا! تون ڪاوڙ ۾ وڏيڪ سهڻي ٿي لڳين ۽ پوءِ آءٌ ڪلي ويهنديس."

”چا تون سچ ۾ ايتري سندر آهين، جيترو مان سمجهان ٿو.“
”آءٌ ڪجهه ۽ نه آهيان.“
”تون منهنجي قرب جي ڪينجهر جي نوري آهين. تون شاهه جي رائي آهين.“
”آءٌ ڪجهه ناهيان.“
”تون سڀ ڪجهه آهين. منهنجي جيون جي جوت آهين، منهنجي آتما جي اڇيا آهين.“
”توهان منهنجي جيون جا سهارا آهيو.“
”تون منهنجي من جي ملير جي ماروي آهين.“
”آءٌ خواب آهيان.“
”تون منهنجي خوابن جي ايوانن جي شهزادي آهين.“
”اوهين منهنجن آشائن جا تارا آهيون.“
”تون سونهن ۽ سوڀيا جي ديوي آهين.“
”اوهان منهنجي من جا مهاراجا آهيو.“
”نه روپا! آءٌ پرجا آهيان.“
”توهين منهنجي هئين جا حاڪم آهيو.“ هن چيو.
”تون چري آهين.“
”توهانجي چاهت ئي ته چريو ڪيو آهي.“
”ڪيوپڊ جو قسم، تون پيار جي پتلي آهين.“
”آءٌ درد جو درياءَ آهيان.“
”مان سمنڊ جيان ٻانهون کولي تنهنجو آدرياءَ ڪندس.“ مون چيومانس.
”توهان منهنجي من جا مينڊرا آهيو.“
”مان اُس جو پاڇو آهيان روپا!“
”روپا روپ بدلائي ان پاڇي جو پيڇو ڪندي.“
”چو؟“
”چو جو توهان منهنجيءَ دل جا ديوتا آهيو.“
”نه، مان پوڄاري آهيان.“
”توهان غلط ٿا چئو.“ هن چيو.
”سچ ٿو چوان، مان ڪجهه ۽ ناهيان.“
”توهين سڀ ڪجهه آهيو.“
”ها، مان تنهنجي پيار جو پوڄاري آهيان.“

"اهو پاپ ٿيندو، آءٌ پوڃا جي قابل ناهيان."
"ڪير ٿو چوي؟"
"دنيا چوندي."
"مان دنيا جي منهن ۾ ڏوڙ وجهندس."
"اسان جو ميلن سماج قبول نه ڪندو." هن چيو.
"مان مقابلو ڪندس، سماج جي پاڙن کي پيهي ڇڏيندس."
"ڪنهنجي لاءِ؟" هن پڇيو.
"تنهنجي لاءِ روپا! صرف تنهنجي لاءِ، پنهنجي ڪلپنا لاءِ، پنهنجي من جي مومل لاءِ."
"هڪ وٺشيا لاءِ." سندس سڄ منهنجي جسم ڪي نيپام بم جيان ساڙي ڇڏيو.
"تون چوين ڇا پئي روپا؟" مون حيرانيءَ مان پڇيو.
"آءٌ سڄ ٿي چوان." سندس نيٽن مان ۾ موتين جهڙا لڙڪ لڙي آيا.
"نه روپا، اهو ڪوڙ آهي."
"نه اجيت، اهو سڄ آهي. آءٌ سماج جي هٿين جو ڪنڊو آهيان. مونکي ڪوبه عزت وارو ماڻهو اپنائڻ نه چاهيندو. آءٌ هڪ طوائف جي ڌيءَ آهيان. منهنجي ماءُ غربت کان لاچار ۽ بک کان بيحال ٿي، هي بيعزتيءَ جو پيشو اپنايو. منهنجو پتا ڪنهن ڪپڙي جي مل ۾ فورمٽن هو. هڪ ڀيري مل ڪي باهه لڳي هئي ۽ منهنجو پتا به ان آڳ ۾ پسر ٿي ويو. اسان جو ٻيو ڪوبه مٽر ڪونه هو. اميءَ لاءِ ٻي ڪابه واه ڪانه هئي. ايشور اسان جي قسمت جا سڀ دروازا بند ڪري ڇڏيا هٿا. صرف هڪ دروازو کليل هو، کليل آهي، جتان روز ڪيترا گراهڪ اينداآهن. اميءَ بک کان مجبور ٿي، پاڻ کي بيعزتيءَ جي باهه ۾ اڇلايو. پر مونکي اڃا لهس به نه آئي آهي. مونکي تنهن ڪري اما اسڪول ۾ داخل ڪرائي ڇڏيو آهي. منهنجو ست اڃا سلامت آهي. مون وٽ عصمت جي دولت کان سواءِ ٻيو ڪي به ڪينهي. آءٌ اها دولت وڃائڻ نٿي گهران. آءٌ پنهنجي مزور ٻيءَ جي امانت وڃائڻ نٿي چاهيان. آءٌ گناهه جي زندگي گهارڻ نٿي گهران. مونکي عزت گهرجي. مونکي پنهنجي پيار جي پناهه ڏي. مونکي اتي وٺي هل، جتي گناهه جي بستي به نه هجي."
هوءَ سڏڪا پرڻ لڳي.
سندس سڏڪن ۾ منهنجو سرير سڙڻ لڳو. مون چيو هو، "تو مونکي اڳ چو نه ٻڌايو هو؟"
"مون توهانجي دل ٽوڙڻ نٿي چاهي."
"پوءِ هينئر چو ظاهر ڪئي؟"
"انڪري جو آءٌ اوهان کي دوکو نٿي ڏيئي سگهان، توهان ۾ ۽ پاڻ ۾ ڪوبه فرق نٿي سمجهان، توهان سان ڪوڙ ڪالهائي پنهنجو پاڻ کي هميشه لاءِ دردن جي اوڙاهه ۾ اڇلڻ نٿي گهران، تون مونکي هن اوڙاهه مان نه ڪيڏين؟"

"... ....."

"تون چپ چو آهين؟" هن پڇيو.

"آءٌ ڪجهه به چئي نٿو سگهان."

"تو اهو ته چيو هو نه، ته مان تنهنجي قرب جي ڪينجهر جي نوري آهيان. شاهه جي وائي آهيان، تنهنجي من جي ملير جي ماروي آهيان."

"ها."

"تو چيو هو نه ته تون دنيا جون ديوارون ڊاري ڇڏيندين."

"ها، مون چيو هو."

"تو اهو به ته چيو هو نه ته تون سماج جي پهاڙ کي پيهي ڇڏيندين، پراڻين رسمن جا رسا ساڙي ڇڏيندين."

"ها، مون اهو به چيو هو."

"پوءِ هينئر چپ چو آهين، ڪجهه ته چئو، منهنجي چوڌاري هرندڙ باهه کي نه وسائيندين؟"

"مان ڪجهه نٿو ڪري سگهان."

"چو؟"

"چو جو اهو منهنجي وس کان ٻاهر آهي."

"چو وس کان ٻاهر آهي؟"

"روپا.... مان.... مان...."

"توهين منهنجي من جا مينڊرا آهيو، پنهنجي نوريءَ جا تماچي ۽ ماروئ جا ڪيت آهيو."

"مان ڪجهه به نه آهيان."

"توهين منهنجا سڀ ڪجهه آهيو، جيون جـي جوت آهيو، منهنجي آتما جي اڇيا ۽ دل جا ديوتا آهيو."

"مان ڪجهه به ٿيڻ نٿو چاهيان."

"ته پوءِ تو اڳ اهو چو چيو هو ته آءٌ توکي اپنائڻ لاءِ سڀ ڪجهه ڪندس، تنهنجي لاءِ سماج سان مقابلو ڪندس، پنهنجي وجود کي وڃائي توکي حاصل ڪندس، پنهنجي دل جي ديوي کي اپنائڻ لاءِ هر درد لاءِ دل جا دروازا کولي ڇڏيندس، ڪوڙ جا ڪوٽ ڪيرائي ڇڏيندس." هوءِ روئي رهي هئي.

"اهو سڀ ڪوڙ هو، بناوٽ هئي، آءٌ ڪجهه به نٿو ڪري سگهان."

"ته چا تون مونکي نه اپنائيندين؟" هن پنهنجن ڳلن تان لڙڪ اگهندي پڇيو.

"نه." اهو منهنجو اٽل جواب هو.

"ته پوءِ تو وچن ڇـو ڏنا هئا، مونکي دلاسا ڇـو ڏنا، پيار جو سوگهنڊ ڇو ڪنيو هو."

"مان اهو سڀ ڪجهه جذبات ۾ چئي ويو هوس."

"۽ هينئر آءٌ جذبات جي وهڪري ۾ لڙهان پئي، زندگيءَ جي درياءَ جي وچ سير ۾ بيٺي آهيان، مونکي پڌرڻ ڪان بچاءِ."

"آءٌ پاڻ پڌرڻ نٿو گهران."

"مونکي هن گندگيءَ مان ڪڍ، مونکي جيئڊان ڏي."

"مان پنهنجو جيئڻ حرام نٿو ڪرڻ چاهيان."

"اجيت! مونکي عزت گهرجي."

"توکي عزت ڏيئي، پنهنجي عزت متيءَ ۾ ملائي نٿو سگهان."

"آءٌ وٺشيا جي ڏيءَ آهيان ته ڇا ٿيو، عورت به ته آهيان." هن سڌڪا پريندي چيو.

"تون عورت جي پيشانيءَ جو بدنما داغ آهين."

"تون اهو داغ ڏوئي سگهين ٿو اجيت."

"داغ ڏوئي پاڻ کي داغدار ڪرڻ نٿو چاهيان."

"توکي ته مون سان محبت هئي نہ؟" هن رئندي چيو.

"مونکي روپا سان پريم هو، وٺشيا سان نہ."

"آءٌ روپا آهيان، عورت آهيان، مون اڃا عورت جو زيور هٿان نہ وڃايو آهي."

"پر ذات ۽ بدناميءَ جو هار ته ڪڇيءَ ۾ پاتو اٿئي." مون چيو هو.

"اهو منهنجي ڪڇيءَ ۾ وڌو ويو آهي."

"تون اپنائڻ جي قابل نہ آهين، تو پاڻ ٺي چيو هو، توکي ڪوبه عزت وارو شخص اپنائي نہ سگهندو."

"آءٌ بي گناهه آهيان اجيت." هن رئي جي پلاند سان ڳوڙها اگهندي چيو.

"مان تو لاءِ گناهه ڪري سگهان ٿو، پر توکي اپنائي نٿو سگهان روپا! توسان وهانوَ نٿو ڪري سگهان."

"تون بزدل آهين." هوءَ روئڻ لڳي.

"ها، مان بزدل آهيان، پر بي غيرت ناهيان." مون ڪاوڙ ۾ چيو، "مونکي سوسائٽيءَ ۾ ڪنڌ ڪٽي هلڻو آهي، سماج سان گڏ رهڻو آهي، سنسار جي پرواهه رکڻي آهي، مان سماج جي ريتن خلاف ڪوبه قدم کڻڻ لاءِ تيار نہ آهيان."

هوءَ اوچنگارون ڏيندي هلي وئي. مون منهن ڦيري ورتو. منهنجيءَ چاهت جو چند چور چور ٿي چڪو هو. قرب جي ڪاڪ-قلعي جون ڪنگريون ڪري پيون. منهنجي ارسانن جا احرام ڍهي ويا. محبت جو قطب مينار ڪري پيو. پيار پڇتاءُ ۾ بدلجي ويو. مان پيار ۽ جيون جي پيڙا ۾ پيڙجڻ لڳس. پنهنجي ظاهري عزت خاطر، سڙيل سوسائٽيءَ واسطي، ڪوڪلي سماج جي لاءِ، مون پنهنجي پيار جو پتلو پرزا پرزا ڪري ڇڏيو. حسرت ريگستان جي رڄ بنجي وئي. ○

# مان ۽ شيطان

پلا ماڻهو خدا جي نانءَ تي خيرات ڪندا آهن. مان ٽڪ هوس. انهي ڪري شيطان جي نانءَ تي بابا مون کي آنڪي خرچي ڏيندو هو. هڪ ڏينگر پئسو شيطان جي نالي تي خيرات ڏيندو هوس، باقي ٽي پئسا پاڻ کپائيندو هوس.

نديءِ لاءِ ڏنگو هوندو هوس. حرڪت ڪانسواءِ بس ڪونہ ايندي هئي، انهي ڏينهن پاڙي واري دائي جي پٽ کي مار ڏنم. هن وچي امان کي دانهن ڏني. "تون شيطان آهين، شيطان جو دوست،" امان مون کي پهاري جا سٽڪا لائي ڏنا. "نڪري وڃ گهران."

"مان جائي ٿي شيطان جو دوست آهيان. شيطان ٿي خدا جو چوڻ نہ مڃيو تہ خدا لعنت وجهي ڪيڏي ڇڏيس. مونکي ٿي امان پهارا هٽي ڪيڏي ڇڏيو." پوءِ مون شيطان جي نالي ٽڪو ڏيڻ شروع ڪيو.

"شيطان وڏي بلا آهي." مسجد جي مولوي واعظ ڪندي چيو، "ريهي ريهي اوهان کي ڦاسائيندو اهڙو جو اوهان ڇڏائي ٻہ نہ سگهندا. شيطان وڏي طاقت آهي. اڪ پورپٽ ۾ دنيا جي چوڏاري ست چڪر ڏئي اچي ٿو."

"شيطان مون کي ريجهائي ٿو، مان شيطان کي. اسانجي دوستي پڪي آهي." مون سوچيو، "شيطان اڪ ڇنڀ ۾ دنيا جي چوڏاري ست دفعا ڦري اچي ٿو. مان ٻہ گهمڻ ڦرڻ جو شوقين. سڄي دنيا گهمائيندو. شيطان منهنجو دوست آهي". مان ڏاڏيان ڇڪي ٻاهر ڇڄي ويس.

مون شيطان جي نالي ٽي پئسا ڏيڻ شروع ڪيا.

روزانو صبح جو ڪوهہ پنڌ جو ڪري اسڪول ويندو هوس. جنهن ڏينهن مون شيطان جي دوستي جي ڪلئي ميدان دعويٰ ڪئي، ان جي ٻئي ڏينهن مان اسڪول ٻيو وڃان.

"ڪڙوتڪڙو ٻيو وڃين؟" پٽيان ڪو آواز آيو.

"هاڻ اڄ دير ٿي وئي آهي. تون ڪير آهين." مون پوئتي ڏسندي پڇيو.

"مان تنهنجو دوست آهيان- شيطان، جنهن جي نالي تون خيرات ڪندو آهين."

"شيطان! منهنجا دوست!!" مون ڏوڙي وڃي هن کي ڀاڪر پاتو. "مون کي سير ڪراءِ!" مون کيس چيو.

مان هن سان گڏ شهر گهمي رهيو هوس. وڏيون وڏيون جايون ڏسي منهنجو مٿو ڦري رهيو هو. هڪ گهٽيءَ ۾ پلن کڻڻ سان، سهڻيون سهڻيون مايون درن وٽ بيٺيون هيون، ڪي موڙهن تي ويٺيون هيون. "هتي جا رهاڪو بيغيرت آهن. هتي جيڪي اچن ٿا، اهي به بيغيرت آهن" مان پوئتي موٽان پيو. پر شيطان منهنجي پاڻهن کان وٺي هڪ گهر ۾ گهليو ويو. منهنجون اکيون ڦوٽارجي ويون. اسان جي ڳوٺ وارو وڏيرو هڪ چوڪريءَ سان مسخري ڪري رهيو هو. "هي وڏيري جو گهر آهي".

مون شيطان چيو ڪي. "موت، وڏيرو خون ڪري وجهندو".

"هي گاڙهي بازار آهي. ڊج نه توکي ڪو به نه ڏسندو". شيطان چيو.

"وڏيرو گاڙهي بازار ۾!" منهنجو وات ڦاٽي ويو. "اسان عرض ڪيو هوس - ڳوٺ ۾ سندي اسڪول کولائي. تہ لٽ ڪٽي ڊڪائي پيو هو. چي: "ڳوٺ ۾ ملو رکيو اٿسي. خدا جو ڪلام ٿو پڙهائي. ننڍي وهي ۾ئي ڪفر ٿا بڪو".

بي گهڙيءَ اسان ماٺهن جي مڙ ۾ هئاسين. وڏيري جي هنج ۾ موتي هو. موتي جي ڇڇي ۾ نوٽن جون ڪنڊيون هيون. موتيءَ رڇ ڪي اڪيلو دسيو هو. وڏيري موتيءَ کي: چميون ڏئي نوڪر جي حوالي ڪيو. پاڻ ميدان ۾ ٽپڻ لڳو.

اسان وساڻو پير جي مقبري ۾ بيٺا هئاسين. عورتون روا لاهيو گوگها ڪيو بيٺيون هيون. مردن جي هٿن ۾ پٽڪا، اکيون ٻوٽيل، ڪنڌ جهڪيل، ٻاهر ڏنڊي جي گهرڙ گهٽ ۽ چرس تي دَم لڳي رهيا هئا. "پيون ٿا چرس وڃون ٿا عرش، منجهند موسي وٽ رات الله وٽ، صبح جو لعل جي پڙ تي".

"پنگ ناهي ڏهي آهي، پيٽ جي وهي آهي".

"هي تنهنجو ديس آٿي" شيطان چيو. "ٻئي واري پرديس گهمائيندو مان. اتي راڪيٽ ۽ ميزائيل نهندا آهن".

"راڪيٽ ۽ ميزائيل! منهنجي ديس ۾ چرس جون سُلفيون ۽ پنگ جا ڪوندا نهندا آهن".

منهنجو ڪنڌ شرم کان هيٺ ٿي ويو، مون شيطان سان دوستي ڦٽائي ڇڏي.

●

# پيهي منجهه پاڌار

[ تبصري لاءِ هر ڪتاب جا ٻه جلد موڪليا وڃن. ]

**ڪليات ڪمال:** فقير ڪمال

صفحا ۲۱۲، قيمت چار روپيه

سنڌي ادبي بورڊ، امين منزل، گاڌي ڪاتو، حيدرآباد

نوشهري فيروز جي فقير ڪمال جو ڪلام ۽ سوانح حيات، هن ڪتاب ۾ جامع نموني سان ڏنل آهي. ڪتاب تـي ڪافي محنت ڪيل ٿي ڏسجي. ان جي ترتيب توڙي تصحيح نهايت ئي احتياط ۽ عمدي نموني سان ڪئي وئي آهي. ڪمال فقير جون ڪافيون هونئن ٻه اسان جي ٿر ۾ ڪافي مشهور آهن. ٻر مڪمل ڪلام ڪان ناآشنا هئاسين. هن مجموعي ۾ ڪافيون، سه حرفيون، ٽنهه اکريون، مولود ۽ بيت شامل آهن. وڏي خوبي ڪلام جي اها آهي جو هر ڪلام سان سُر ٻه ڏنل آهن جهڙوڪ ڪوهياري سورٺ، راڻي، پٽ مجري، پيروين وغيره. فقير ڪمال جـو ڪلام موضوع جي لحاظ ڪان اونهو ۽ فڪر سان ڀرپور آهي. گهڻو ڪري سندس ڪلام ۾ صوفيانه انداز نمايان آهي. سندس ٻولي اهڙي تہ وٽندڙ ۽ مٺي آهي جو ڪٿي ڪٿي تہ ماڻهو وجد ۾ اچي ووڃي ۽ ٻولي ۽ جي وسعت تي حيران ٿيو وڃي. هيڏي محنت ۽ جاکوڙ ڪان پوءِ ٻه ڪي بنيادي ڳالهيون رهجي ويون آهن، تن تي تحقيق ڪرڻ لازمي هو. ڪلام ۾ مختلف هنڌن تي مختلف نالا شعر چوندڙن جا نظر اچن ٿا، جهڙوڪ پيرل، نصير، مير وغيره. سمجهه ۾ نٿو اچي تہ اِهي نالا ڪنهن جا آهن ۽ مرتب ڪان ڪيئن نظرانداز ٿي ويا آهن. هونئن ٻه ڪن هنڌن تي ڪلام جو انداز مختلف ٿيو ٿو وڃي ۽ ڪٿي ٻولي نهايت ئي سليس ۽ موجوده دور واري استعمال ڪيل آهي ۽ ڪٿي تمام ٿيٺ ۽ پراڻي سنڌي اچيو ٿي وڃي.

بهتر ائين هو تہ سڄي ڪلام تي تحقيق ڪئي وڃي ها ۽ ڪلام چنڊي چاڻي ٻيهارجي ها تہ وڌيڪ ڪارائتي ڳالهه ٿئي ها. سوانح حيات ۾ ٻڌ ڪي مونجهارا آهن. خاص طور فقير ڪمال جي حسب نسب جي باري ۾. ڪيس عدر فقير جو اولاد چاڻايو ويو آهـي ۽ وري اني ئي چيو ويو آهـي تہ مخدوم عبدالرحمان ئي ميان عدر هو يا ڪو ٻيو بزرگ هو. انهي باري ۾ ٻڌ تحقيق ڪرڻ ضروري هئي. چاڪاڻ تہ ميان عدر سان وابستہ ڳالهيون مخدوم عبدالرحمان کي ميان عدر نہ ٿيون ٿهرائن، وڌيڪ معلوم چاڻن کي.

مجموعي طور سنڌي ادبي بورڊ جي انهي ڏس ۾ هيءَ وک تہ سنڌ ۾ لکل گوهرن کي گڏ ڪيو وڃي، نهايت ئي ڪامياب ۽ همٿ پري آهي. هونئن ٻه سنڌي ادبي بورڊ جون سنڌي ادب جي بهتري ۽ واڌاري لاءِ ڪيل ڪوششون اڃا نقش آهن. سندس ماضي نهايت سهڻو ۽ تابناڪ رهيو آهي، اميدون مستقبل مان ٻڌ اهڙيون ئي آهن.

**عجيب جواهر:** شمس‌العلماء ميرزا قليچ بيگ مرحوم

صفحا: ٧٦، قيمت: ڏيڍ روپيو

سنڌي ادبي بورڊ، امين منزل گاڏي کاتو، حيدرآباد

هن ڪتاب جو هيءَ ٻيو ڇاپو آهي. پهريون ڇاپو ١٩١٥ ۾ ڇپيو هو. ان جي اهميت کي محسوس ڪندي سنڌي ادبي بورڊ ان کي وري ڇاپيو آهي.

هن ڪتاب ۾ انگريزي شاعرن جو شعر مختلف هنڌان گڏ ڪري، اُنجو سنڌي ۾ ترجمو ڪري، ميرزا قليچ بيگ وڏي محنت سان انهن کي عجيب جواهرن جو روپ ڏنو آهي. هن ڪتاب ۾ انگريزي ادب جي وڏن شاعرن جهڙوڪ، شيڪسپيئر، بائرن، ٽينيسن، ڪالرج، ورڊس ورٿ، شلر وغيره جو چونڊ شعر ڏنو ويو آهي.

آخر ۾ متفرق شعر پڻ ڏنو ويو آهي ۽ هڪ هنڌ مقابلي لاءِ نظاميءَ جي پارسي ڪلام جو ترجمو پڻ ڏنو ويو آهي.

ميرزا قليچ گهڻو ڪري اهو ڪلام چونڊيو آهي، جنهن ۾ زندگي جي سڀائي، ڪائنات جون خوبيون، مذهبي عقيدا ۽ روحاني ڪيفيتون نمايان آهن. هيءُ ڪتاب ڪورس لاءِ نهايت ئي موزون ۽ عمدو آهي.

**مهراڻ:** سهماهي رسالو، ايڊيٽر: مولانا غلام محمد گرامي

جلد: ١٦، نمبر٤، سال ١٩٦٧

سنڌي ادبي بورڊ، امين منزل گاڏي کاتو، حيدرآباد

نيٺ سنڌي ادبي بورڊ جي ميمبر صاحبن ۽ چيئرمن صاحب کي فيصلو بدلائڻو پيو ۽ 'مهراڻ' وري انهيءَ پيچري، انهي واڪ، موٽي آيو جنهن کي ماڻڻ ٽي نيٺون. هن پرچي ۾ شعر، افسانا، ناٽڪ، مضمون، ۽ مستقل ڪالم جهڙوڪ مهراڻ جا موتي، تبصرا، علمي ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون وغيره شامل آهن.

شعر جي حصي تي واقعي محنت ڪيل آهي. خاص طور بيت، دوها، ڪافيون، وايون، لوڪ گيت، نظم ۽ غزل عمدا آهن ۽ انهن جي چونڊ واقعي وڻندڙ آهي. هن دفعي اڻ ڇپيل شيون گهڻيون شامل آهن جنهن لاءِ واقعي گرامي صاحب داد لهڻو.

افسانن جو حصو ٿورو آهي پر اهم آهي، ۽ اصلوڪا افسانا شوڪت ۽ عبدالقادر جوٽيجي جا ڪافي گهرا ۽ تکا آهن. ترجما پڻ سٺا آهن. ممتاز مرزا جو ناٽڪ موضوع ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان نهايت وڻندڙ آهي.

مضمون هن دفعي دلچسپ ڏنل آهن. جسٽس اي آر ڪارنيليس، لطف‌الله بدوي، مرحوم احسان بدوي، منگهارام ملڪاڻي، فضل الاهي انصاري ۽ ليلو رچنداڻي نهايت ئي محققانه ليک ڏئي پاڻ موڪيو آهي.

'علمي ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون' هڪ اهڙو دستاويز آهي جنهن جي اهميت اڳتي هلي محسوس ٿيندي. انهيءَ جي ترتيب ۽ گڏ ڪرڻ لاءِ گرامي صاحب جا ٿورا.

مهراڻ جو هيءُ پرچو واقعي مثالي پرچو آهي، جنهن جي جيتري تعريف ڪجي اوتري ٿوري.

# تڪيون منيون گالهڙيون

گذريل ٽن چئن مهنن کان تنهنجو ماهوار رسالو 'روح رهاڻ' دل لائي پڙهندو آهيان ۽ پڙهي دل کي هڪ قسم جي خوشي ۽ فرحت ايندي آهي. انهي ڏينهن کنهن پرديسي دوست مونکان خط رستي پڇيو ته سنڌ ۾ سنڌي ادبي رسالا کهڙا کهڙا آهن؟ لکيومانس ته فقط 'روح رهاڻ' ئي واحد سنڌي رسالو آهي. انهي لکندي تنهنجي خوشامند کانئ ڪئي اٿم. تحقيق تو وارو ئي رسالو آهي، جو نج، ٺيٽ ۽ چيدي سنڌي ٻوليءَ ۾ نڪري ٿو. تنهنجي رسالي جا سڀ ليکڪ سولي، سوادي ۽ صحيح سنڌي ٻولي ڪتب ٿا آڻين، جن ۾ ٻين کان وڌيڪ ميناج، موج ۽ مذاق آهي. منهنجي دعا آهي ته شل توهين سڀ پنهنجي جنني (امڙ) جا وڌيڪ ۽ وڌيڪ گهڙا پريو.

هن مهيني جي 'روح رهاڻ' ۾ امر جليل ته پنهنجو مٺ پاڻ هو، پر گهٽ نياز همايوني واري ليک "ڀ شاعر ۽ شخص" ۾ به نه هئي. ٻولي جي چيدائي سان گڏ وري چيڙهائي هن مرد مومن ۾ ڏسان ٿو. سندس 'ڀروان' (لاڙي: ڀرون)، 'مڇان' (لاڙي: مڇون)، 'سڪان' (لاڙي: سڪون)، 'سڪان' (لاڙي: سڪائون) سندس ليک کي اسان لاڙ وارن ماڻهن وٽ وڌيڪ لذيذ ڪيو. اترادي 'هيو' (لاڙي: هو) لاءِ گهٽو ئي سندس ليک ۾ نهاريم، مگر لاڙي 'هو' نظر چڙهيم. مطلب ته سندس ليک ۾ اتر ۽ ڏکڻ جي نئرپائي ڪونه رهي. اتر ۽ ڏکڻ کي ميناج ۾ هڪ ٻي ۾ جذب ڪري ڇڏيو اٿس. توهان جا ليکڪ هڪ ٻي کان اتر لهن، کهڙن جا نالا ونئي کهڙن جا وٺان. توهان جي ساري سنگت کي سلام. توهان کي ڏسي اسان جا ٻيا رسالا ضرور ريس ڪندا ۽ سنڌي ٻولي کي اڳين اوج تي آڻيندا.

جيڪڏهن چاهيو ته توهان جو رسالو ويرهان ويرهان وڌ ٽئي ته عرض ڪندس ته هرهڪ ليک، تي توهان جي ايڊٽنگ ضرور هئڻ گهرجي ۽ پروف ريڊنگ پرزور هئڻ گهرجي. مثلاً ميان منير احمد جي کهاڙي کهڙي نه سئي، پر هڪ ئي صفحي ۾ لفظ "مصنوعي" پنج ڇهه دفعا ڪتب آيو آهي. ٻي هنڌ "سگريٽ جو آخري ڪش هڻي" تنهن لاءِ مان جيڪر لکان "سگريٽ جو آخري سوٽو هڻي." ٻي هنڌ "ڏاڍي خار لڳم" جي بدران هئڻ گهرجي "ڏاڍا خار لڳم"، ڇو جو خار مذکر ۽ جمع آهي. ٽين هنڌ "مذهبي ڪٽرپڻي مخالف نه ڪئي آهي" ٽيڻ گهرجي "مذهبي ڪٽرپڻي جي مخالفت نه ڪئي آهي." چوٿين هنڌ "سندس چڇين اکين تي" جي بدران "سندس چوڇين اکين تي" هئڻ گهرجي. هي فقط مثال طور ڏنا اٿم، جيئن هرڪو ليک لاجواب

ڏسڻ ۽ پڙهڻ ۾ اچي ۽ سنڌي نثر ۾ مثال ٿي رهن. بي حو هٿ لڳڻ فائديمند ٿيندو آهي: ۽ ته ٻارهان.
— تيرٿداس هوتچند، حيدرآباد

● ابا حميد! شال منهنجي عمر ۽ ٽون ماڻين! ڊسمبر ۽ جنوري 'روح رهاڻ' جا ٻيئي پرچا پڙهي يقين ٿي ويو آهي ته توڙي ساڻيهه جو سنڌ سنڌ سورن ۾ ورتل آهي، پر ان جو روح مري ڪونه ويو آهي، پر نئين يقين سان ۽ نئين امنگ سان ڪر موڙي جاڳي اٿيو آهي ۽ شاعر-سنڌ جي "چراغ-شام ٻرڻ سان گڏ ساڻيهه جي شام به ٻري اُٿي آهي" ۽ هن ٻيٽ ۽ سُن جي مست موالي شاعر جي الهامي گبتن اسان جي نئين نسل ۾ پنهنجي ٻولي، ثقافت، تهذيب ۽ زندگي سان پيار جو جيڪو جذبو ۽ جنون پيدا ڪيو آهي، ان کي ڏسندي هڪ ڳالهه ته روز روشن وانگر صاف آهي ته —

سنڌ ايـاز نـه مرڻي آ،
آخر هي رات گذرڻي آ.

جنهن ڪمال سچائي ۽ بي باڪي سان ٽـون 'روح رهاڻ' رستي پنهنجي جيجل ڏرتيءَ ۽ ان جي مٽن ماروئڙن جي جذبن ۽ امنگن جي ترجماني ڪري رهيو آهين ان لاءِ دعا آهي ته شال خدا منهنجي عمر جـا ٦٧ سال به توکي عطا ڪري. شال هن ڏرتيءَ جـا سڀ سپوت ۽ سپتريون تو وانگر پنهنجي جيجل ماءُ جـي ڏاڍل ٿيڻ حلال ڪن! جيئي سنڌ!
— عبدالڪريم گدائي، جيڪب‌آباد

● ڇا لکان؟ ايترو عرض ڪندس ته اسانجي روح رهاڻ جـي پويان ڇو اچي هٿ ڏوئي پيا آهيو؟ روح رهاڻ جي اڃا سنڌڙي کي ضرورت آهي. اڃا اهو وقت نه آيـو آهـي جـو ڪُلي طـرح علم بلند ڪجي. يـوسف جـي چـوڻ مـوجب جـي روح رهاڻ بند ٿي ويو ته آگرين تي ڪٽڻ جيترا سنڌي سورهيه ڇـا ڪري سگهندا ۽ سنڌڙي پنهنجي آواز کان محروم ٿي ويندي. ڪهاڻيون ۽ ايڊيٽوريل پڙهي خوشي ٿيم پر ان خلاف متوقع قدم کڻڻ جي خوف کان دل ڏڪيو وڃي. جس هجيئي پر ڪجهه خيال ڪندو ڪر. منهنجي خيال موجب ته —

"ڪرندا ڪنڌ هزار، سنڌڙي کي سر ڪير نه ڏيندو."

وارو وقت اڃا پري آهي، وقت جـو انتظار ڪريو، اهـي قربانيون رائگان نه ويندیون.
— محمد ايـاز پنهور، جهول ضلع سانگهڙ

● لغاري صاحب جو خط پڙهيم. ادا، جيڪو اسان جي زبان ڪپڻ لاءِ هٿ وڌائيندو ته پوءِ اسان اُن جا هٿ ڪاراين کان نه پر ڪلهن کان ڪپي ڇڏيندا سين. اسان کي ته رڳو هينئر منزل جو پتو پيو آهي ته هي سڌو رستو آهـي. اڄ تائين ته اسان غلط رهبرن جي ڪيڙ هياسين. سنڌ ساڳي سنڌ آهي. تاريخ هميشه پاڻ ڏهرائيندي آهي ۽ اُهو ڏينهن دور نه آهـي. اسانجي نوجوانن کي گهڻو ڪجهه ڪرڻو آهي، نوان

انتخاب دور نہ آهن، جيڪڏهن هن پيري ۾ اسان اڳ وانگي اهڙا اڳواڻ چونڊيا جن جي وچ سان لاهور جي هيرا منڊي جو اڳهه چڙهي ٿي ويو، ۽ اهڙا بيباڪ جو جڏهن سنڌ جي ڊلن تي بحث ٿي هليو تہ پاڻ ناچ گهرن ۾ راڪ ۽ رول ۾ مصروف هيا ۽ پوءِ اسان جي قسمت جو سج هميشه هميشه لاءِ غروب ٿـي ويندو ۽ نالو نشان ئي مٽجي ويندو، پر سچ نشان رهيو ڪهڙو آهي. "روح رهاڻ" هڪ رسالو نہ پر تحريڪ آهي،" پر اڄ زماني ۾ "تحريڪ" کي ڪامياب بنائڻ لاءِ پيسي جـي ضرورت آهي. منهنجي خيال ۾ جيڪر ائين ڪهڙو نہ سڏ ٿئي جو هر شاگرد دوست "روح رهاڻ" جا چار خريدار بنائي، جن کان ساليانو چندو ورتو وڃي ۽ اهڙي طرح اوهان جو رسالو هر گوٺ ۾ پهچي ۽ پڙهيو وڃي، ڇو تہ اِهي گهوٽاڻ ئي اسان جي همٽ ۽ قوت آهن ۽ اسان جي ڪاميابي سندن تعاون تي مدار رکي ٿي. الله تعاليٰ اوهان کـي اجر عطا ڪندو، جو هن بيڪس قوم جو آواز بنجي نمودار ٿيا آهيو.

ـــ محمد شريف ڪلهوڙو

● معاف ڪجين؛ تـو جـي خلاف ڪجهه تو کي چيم. تو جـا عزيز دوست ناراض ڪيم.

دراصل يارن جي اِها شڪايت آهي. عرصي کان سور سانديي تو کي چيم. پر ايترو هارڻ هري ويو، جو مجبورا مونکي دل ٿي تو کان معافي گهرڻ جي. ڪاش اهي جوڌا جوان جيڪي توهان جي واکاڻ کان ڊاپيا نٿي، ڪجهه سنڌ لاءِ ۾ سوچين. اهي رسالي ۾ خط ڇپائڻ بدران ڪجهه سٺو مواد ڏين. حقيقت ۾ ڪي اهڙا ۾ جوان آهن صرف پنهنجو نالو رسالي ۾ ڇپائڻ جا شوقين آهن. منهنجي محبت جو اندازو اهي پليل پائر ڪين لڳائي سگهندا جو توهان سان آهي. ادا ڪنهن کي پيئي آهي جو هروپرو پنهنجو آرام قربان ڪين لاءِ متاڪٽ ڪري. جو ماڻهو پنهنجي پاڻ کي باه ۾ اڇلي شمع ٻاري ويٺو آهي. حيئن ٻهراڙي ۾ تيل جي ڏيئي ۾ ڪپڙي جي ڪَس ٿي لات ڪري؛ پري انهن ماڻهن کي ڏيئي جـي تيل يا وَٽ سان ڪهڙي غرض، انهن کي روشني کپي، صرف روشني کپي!

معاف ڪجين ادا، جي منهنجي ڏڏل زبان کي غلط سمجهين ٿـو، آءٌ شاعر نہ آهيان جو تو کي نظمي نموني سيکاريان، آءٌ اديب نہ آهيان جـو ادب جي آڙ ونان. آءٌ هوت آهيان، آهو هوت جو سسئي کي وڃائي ويٺو، پنهنجي مجبوري جـي ڪري هن کي ستل چڏي ويو.

اسين محسوس ڪريون ٿا تہ هر مهني هن ازلي تيل جي ڏيئي ۾ هروقت تون لات ڪيـن ٿو، پاڻ جلائي اسان جي لاءِ راه روشن ڪرين ٿو، هوا جا طوفان جيڪا وڏا وڏا ٻيڙا اٿلائي چڏن ٿا، پر ان ۾ تون خاموشي سان ٻرڻ ۾ مشغول آهين. تون

ڪيئن ٿو سمجهين ته تون اجايو پيو هرين. تو جـو هرڻ اجايو نه آهـي، طوفان جو لڳڻ اجايو نه آهي.

اهي طوفان، حميد، تو جو وجود آهن، اهي طوفان اسان جا سڄڻ آهن، اهي طوفان اسان جا پونگڙا اڏائي اسانکي خبردار ڪري رهيا آهن.

ادا، اهي طوفان هر هنڌ هوندا آهـن، اهي ڏيئا جتي هوندا آهـن، اتي راڻون ڏينهن سمجهي اڳتي وڌندا ويندا آهـن. اهي خوش نصيب، جنهن کي تو جهڙا سستا 'هارڻ' ملي وڃن. خير، مون کان وڌيڪ جذبات جو وڏو حصو تو وٽ آهي. هروپرو آءٌ تو جهڙو ڇو ٿيان.

منهنجي اڳيان ۾ پڇا روح رهاڻ جا جيڪي ڊسمبر ۱۹۶۷ ۽ جنوري ۱۹۶۸ جا آهـن. روح رهاڻ، هڪ امن پسند نالو آهـي، انهي ڪري هرڪنهن کـي فڪر آهي. متان امن جو نالو هلندي هلندي صرف امن رهـي، پر انهن کي خبر نه آهي ته هت هڪ ساگر آهي، جنهن کي پرٿوي تـي گنهير ۽ گنهير سياڻ وارو سمجهي ويندو آهي، جنهن ۾ پاڻي ڪٿڻ وارو نه آهي. نه مون جي صرف، پر هن قوم جي ڇڇي جي توکي دعا آهي ته تون ڊرو تاري وانگي سدائين هڪ ئي ڊس ۾ ٽمڪندو رهين اسين پليل مسافر انهي ڊس هلندا اچون، من کو منزل ملي.

ايار، شاهه جي علم جو محافظ ڪڏهن عاجز ٿي ٻين جي رام ڪهاڻين جا مثال پيو ڏيئي، ڪڏهن اهڙا اعلان پيو ڪري جو ٻڌي ڪجهه هنيانءُ پيو دهلجي وڃي.

ايار جي ٻهرين دلداري "هاري گيت" ۾ ڏنم، تنهن کي اٽڪل تيرنهن سال ٿي ويا آهن، مون تڏهن به شيخ ايار کي نه ڏٺو هو ۽ نڪي هينئر. صرف هن جي سُر مان پتو پيئي ٿو، ته اهي ڏند ڪيايل ننهن ڪپايل واڳهه جي دل جو ڏڙڪنون آهن. "هاري گيت" ۾ (اڳتي قدم) لاءِ ايار چيو پئي—

تقدير ڪڏهن به نه ٿهندي آهه
تدبير هميشه ڏهندي آهه
دل پو به نه پنهنجي رهندي آهه
هي قيد اسان کي پيڙو آهه
هن پار يقينا وڃڻو آهه

هاڻ ته هو وجد ۾ اچي چڪو آهـي، ايار جـو ۱۱ آڪٽوبر ۱۹۶۶ جو خط، جنوري واري پرچي ۾ شايع ڪيو، انهي جا لک شڪريه.

ايار ملئي ته چئجين، حميد، ته هڪ هوت سنڌي نالي چريو موالي توهان ٻنهي جو شيدائي آهي، توهان کـي نڙ سمجهي سر ٿي پويان هلي ٿو، توهان جـي ٻولي ته گهٽي نڙو سمجهي. پر توهان جا گرم گرم شوڪارا هن کي سمجهه ۾ اچن ٿـا، ته

آهي شوڪارا انهي نانگ ڪ ، پين کي خوف ڊيارڻ لاءِ سڪندا آهن. مونکي خطرو آهي
ته اياز مونکي پاڻ کي چاه وارن جي لسٽ ۾ نه اچڻ ڏي. جنهن پڇڻ واري شيخ ايياز
کي پڇيو ته تون ائين ڇو ڊچين، تنهن کي اها خبر نه آهي ته شيخ ايياز انسان
نه آهي، شيخ ايياز صدا آهي ن جو نعرو آهي، قوميت جو جذبو آهي، جيئن ته شيخ ايياز
کي مات ڪرائڻ ڪنهن ج وس جي گالهه نه آهي، تيئن ئي مات ڪرڻ شيخ ايياز
جي وس جي گالهه نه آهي. ي آدمي، بن ڪروڙ ماروئڙن جو دانهون آهن، جيئي سنڌ.

— سنڌ جو نڪمو پٽ، هوت سنڌي

● پهلي خدا توکي د رکي، ڪو ڪوسو واءُ نه لڳي. اڄ اوهان جو پرچو
ماه ڊسمبر جو ڏنم. پڙهيم ، سرد دانهن ڪئي. پين ڪٽي پڪار ڪيم. ته اکر لکي
رهيو آهيان. تـو جهڙن مجـ دن جـي هـن وقت سخت ضرورت آهـي. توهان جيڪا
تحريڪ جاري ڪئي آهي، ـا تحريڪ ناهي پر جهاد آهي. لکڻ ۾ اهڙي گرمي اڻو،
جو مون جهڙي موالي کي، جيڪو سڄو ڏينهن سلفي پيو، اوتاري ۾ ستو رهندو آهي
سو به حيدري ڏنبو ڪڍي، ف گنجي ۽ گوڏ ۾ باهر نڪتو آهـي ۽ ايتري سردي
هوندي به بدن ۾ باهم لڳي و ، رهي نه سگهيس. سڄڻ ڏي سنيهو موڪلڻ فرض سمجهيم
پاڻو لکڻي توهانجي تلوار آهـ ، جا منافقن کي مات ڪندي. علي نگهبان اڻئي. سفر
اڻانگو اڻـو، سوچي سمجهي ـم ڪڍو. جـن سنڌين کي پڪاريو پيا سي مادرن بنجي
"ڪيا حال هے" ۾ ڪاهي پيا آهن. پنهنجي روايتن کان منهن موڙي ويا آهن. شاهه لطيف
۽ سچل سرمست جي ڪلام بدران مرزا غالب انهن تي غالب ٿي ويو آهي. جن کي
هو سڄڻ سمجهي ۽ لاري لڳ آهن، سي تن کي بيوقوف سمجهي نچائي رهيا آهن ۽ انهن
جي بيوقوفيءَ جي مذاق اڏا رهيا آهن. پر ٽيڊي يارن کي ڪير سمجهائي. من کو
ڏڻي پت سان ٻوٽ لڳائين ۽ پاڻهي اچن پير تي. — امان‌الله 'موالي' ميرپورخاص

● روح رهاڻ جو ـهد، نظريو ۽ نصب‌العين ڏينهون ڏينهن وڌيڪ واضح ٿيندو
پيو وڃي. سالم دماغ، سگهـ ي دل ۽ سڄين اکين وارا اڄا به هٿوراڙيون ڏيندا وتن
ته پوءِ حيف هجين! — آٿم ناٿن شاهي

● ڪوشش ڪندو ـيان ته 'بادل' ۾ به اهڙو مواد ڏيئي سگهان، پر توهان
جهڙي جرئت ڪٽي!! هي ـهم ته الطاف شيخ جي ڪهاڻي "گناهه جي دز" ساڳي
جهڙي امر جليل جي ڪهاڻ 'ڏرتيءَ جي ڏوڙ، آسمان جا تارا.' مرڪزي خيال ساڳيو
اٿس، باقي ڪردار بدليل آ شعر تمام پسند آيا. ايياز بلوچ جي ڪهاڻي به سٺي هئي.
— اسلم 'آزاد'، حيدرآباد

○

Regd No. S. 3400 MONTHLY February 1968

# "ROOH-REHAN"

HYDERABAD SIND

نئين ادب جي نئين تحريڪ



جو نئون سالنامو

اپريل ۾ شايع ٿي رهيو آهي

هيءَ پرچو ڪاڪي پرچو ٿي نڪرندو

جا توهان اُن لاءِ ڪاڪي موڪلي آهي

جي نه ته اڄ ئي موڪليو

لکڻين موڪلڻ جي آخري تاريخ ۲۵ فبروري آهي

اپريل مهيني ۾ جشن "روح رهاڻ" ملهايو ويندو

اُنجي تاريخ جو اعلان آئيندڙ مهيني ۾ ڪيو ويندو

تفصيل لاءِ لکو:

"روح رهاڻ" پوسٽ باڪس ۲۱۶ حيدرآباد

Edited & published by Hameed Sindhi from office of the
Monthly 'Rooh-Rehan,' Mukhi Garden, Hyderabad.
Printed by Muti-ur-Rahman Siddiqui
at Indus Printers, Rasala Road, Society, Hyderabad.

Regd No. S. 2400 MONTHLY March 1968

# "ROOH-REHAN"

HYDERABAD SIND

نئين ادب جي نئين تحريڪ

# روح رهاڻ

جو نئون سالنامو

اپريل ۾ شايع ٿيڻ رهيو آهي

هن پرچي ۾ شيخ ايياز جي گيتن جو

نئون مجموعو پڻ شامل آهي

مشهور ڪهاڻيڪار

هن پرچي کي سينگاري رهيا آهن

اپريل مهيني ۾ جشن "روح رهاڻ" ملهايو ويندو

اُنجي تاريخ جو اعلان اخبارن رستي ڪيو ويندو

تفصيل لاءِ لکو:

"روح رهاڻ" پوسٹ باڪس ۲۱۶ حيدرآباد

Edited & published by Hameed Sindhi from office of the Monthly 'Rooh-Rehan,' Mukhi Garden, Hyderabad.
Printed by Muti-ur-Rahman Siddiqui at Indus Printers, Rasal Road, Society, Hyderabad.

# روح رهاڻ

مارچ ۱۹۶۸ع

واجهه نه وجهه ٿون وَڌي ڏي، رت وهي ته به رڙهه،
پوئين ۽ ويڙ به وڙهه، ويريءَ سان وجود جي.

"زندگي پبليڪيشنس" جو
ترجمان

# روح رهاڻ

جلد:٦] مارچ ١٩٦٨ [پرچو:١٢

ايڊيٽر: حميد سنڌي

هانهن پيلي: اشفاق قاضي

امداد حسيني

سليم احمد

سرڪيوليشن مئنيجر: ليلا رام خانواڻي

قيمت: هاڻ پئسا

سالياڻو: سوا ست رپيا

ايڊريس:
ماهوار 'روح رهاڻ'،
گاڏي کاتو
پوسٽ باڪس نمبر ٢١٦
حيدرآباد سنڌ.

رهاڻ: ايڊيٽر

شعر:
اياز، قمر، قطب، نياز، محسن، امداد، شاد، ارشد، آڻم، پرواز، اديب، سيف، مجيب، تنوير، عابد، بيوس، درگاهي، نرمل، ناشاد.

آڻم کهاڻي:
داستان هڪ ڪلارڪ جو: امان الله موالي

کهاڻيون:
ساڳيو ڏڻ، ساڳي لٽ، ساڳيو ڏنار: علي بابا
منهنجي ڪرت: م-ر
سرڪاري نڪاح: عبدالله چنه
انٽرويو: پگهوان ٽلواڻي
اٿين نه ماريو يار: پٿر
پ نديڙيون کهاڻيون: شوڪت حسين

ترجمو:
وچڙو: سنڌيڪار، آڻم

ٽڪيون منيون گالهڙيون:
پڙهندڙن جا خط

سرورق:
واجهه نه وجهه تون وَيڏي،
رت وهي ته به رڙهه،
پوئينءَ ويرَ ٻه وڙهه،
ويريءَ ساڻ وجود جي.
— شيخ اياز

فنڪار: ظفر ڪاظمي

# رهاڻ

**مسئلا ۽ اعتماد:**

وقت، وقت جو قاتل آ، حالتون حالتن جون ويري آهن. زندگي جا رنگ، رنگيني کان پري عجيب پاڇا بڻجي، انسان ذات جي جسم کي چهٽي ويا آهن. هر پاڇو. هڪ خيال آهي، هر خيال هڪ مسئلو آهي، هر مسئلي جو پنهنجو حل آهي ۽ هر حل کي پنهنجو مونجهارو آهي. انهي مونجهاري، انهن پاڇن اسانجي پاسپرين مان ٺڪاءُ ڪيو ڇڏيا آهن، پر جيءُ آهي جيءُ کي جو پيو سهي ۽ سنپاري. سهڻ جي قوت ختم ٿي وئي جڏهن گذريل مارچ منهن ۾ آيو.

جيڪي به ٿيو جذبات هيٺ نه ٿيو. ان ۾ کي سچايون هيون، کي اونها راز هيا جيڪي نڪري نروار ٿيا. حقيقتن تان پردا کنيا ويا، بس پوءِ ته جيڪي ڪجهه ٿيو سو توهان جي سامهون آهي. جوان رت وهيو، ڳوڙها وهيا، نينگرن جيل سٺو، عقوبتون سٺيون، سڀ ڪجهه سهندي به ڏوهاري پاڻ ثابت ٿيا. ۽ مٽن ڪيس هليا، سندن هڪ به ڪيس داخل ٿي هلي نه سگهيو. سرڪار اسان جي مهر ڪري ڪيس واپس ورتا ۽ نينگر ڏڪ پچائي چپڙي ڪري وڃي پڙهڻ لڳا ۽ سندن وڏا خوش ٿي بغليون هڻڻ لڳا ۽ سرڪار جا ٿورا مڃڻ لڳا.

خوش ته اسين به آهيون پر اِنهي نموني نه، صرف نينگرن جي اهميت جي مڃوتيءَ جي ڪري، پر ان سان گڏ رنج اهو اٿئون ته نه اڇا پڏرا ٿيا نه ڪارا. سرڪار جي انهي مسئلي ۾ اونهو وڃي، انهن گُرن کي هٿ ڪري ها جيڪي هن واقعي جي لاءِ ذميوار هئا ته جيڪر سرڪار جو نظريو ئي ڦري وڃي ها، ڪين نينگر سندس سڃڻ ۽ گهٽگهرا ڏسڻ ۾ اچن ها. پر سوال آهي ته سرڪار ٿائين حقيقت پهچائي ڪير. خابروبه ته اهي ئي گُر ۽ گهاڳ آهن. جن کي پنهنجي ئي انسان ذات جو خون وهائيندي لوڏو ئي نه آيو. اسين اڄ به منٽائو آهيون ته نينگرن جو کوبه مسئلو ڏاڍ ۽ ڏمر سان حل نه ڪيو وڃي. سندن ڪنهن به ڏڪ ۽ درد ۾ استعمال ٿيل ۽ آزمايل گُر ۽ گهاڳ وچ ۾ نه آندا وڃن نه وري انهن جي زبان ۽ هٿڪنڊن تي اعتبار ڪيو وڃي. اعتبار انهن تڪليف سهندڙن تي ڪيو وڃي ته جيئن سندن اعتماد وڌي سرڪار ۾ اعتماد وڌيو ته کوبه مسئلو وڌي وڻ نه ٿيندو. اڄان به هن علائقي جي نينگرن جا اڻ ڳٽيا مسئلا آهن ۽ سرڪار کي گهٽي ئي موقعا آهن شاگردن جي اعتماد حاصل ڪرڻ جا. ڪاش سرڪار اسانجي هن طرف توجه ڏئي.

اعتماد، مسئلن ۽ سرڪار جي ذڪر تي مونکي هن سال جو پيو اهم مسئلو ياد اچي ويو جنهن جو اڄان ته کوبه حل ڏسڻ ۾ نه آيو آهي.

سرڪار جو چوڻ آهي تہ اها پاڻ علاقائي هولي ۽ ان جي واڌاري لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪري رهي آهي. انهي واڌاري کان اڳ سنڌي هوليءَ جي گهڳهرن، پنهنجي ليکي، رت ست ڏئي، سنڌي هوليءَ ۽ ادب جي پڌل پيڙي جي تارڻ جو بار ڪلهن تي کنيو. گذريل پن ٽن سالن جي اندر ڪايا ئي پلٽجي وئي. ڪتابن مٿان ڪتاب ڏيڻ لڳي ويا. سرڪار ڊڪليريشن ڏيڻ بند ڪيا تہ ڪتابي سلسلا نڪري پيا جيڪي ادبي رسالن جو خال پورڻ لڳا. احساس زور ونڊو ويو تہ سنڌي هولي ايتري گهڻي ادب سان مالا مال هئي ۽ اوڏي رفتار سان وڌيڪ شاهوڪار ٿيندي پئي وڃي.

پر ڪنهن ڪي ڪا سجهي آئي ۽ هڪ ئي ڏڪ سان ڪتابي سلسلن جو سلسلو ختم ڪيو ويو. چي، 'انهي لاءِ ڊڪليريشن هٽڻ ضروري آهي.' چگو پلا تہ ڏيو ڊڪليريشن، چي، 'اهو ب نہ ڏيندا سين.'

هاڻي اهي ماڻهو ڪاڏي وڃن جن هن معاملي کي روزگار جو سوال بنائي ڪنيو هو، اهو ادب ڪاڏي وڃي، جيڪو ميز جي خانن ۽ سنڌي اديبن جي سينن ۾ سڙي رهيو آهي.

ڇا اسان جي سرڪار کي انهن سنڌي اديبن، پبلشرن ۽ عوام جي اعتماد جي ضرورت نہ آهي؟ ڇا اُن لاءِ کي آفيسر غلط قسم جـون خبرون پهچائي سرڪار ۽ سنڌي عوام جي وچ ۾ ويڇا نہ وجهرائي رهيا آهن؟ ڇا انهن سلسلن کي وري جاري ڪري نہ ٿو سگهجي؟ انهن کي ڊڪليريشن ملي نہ ٿا سگهن؟ ڇا انهيءَ مسئلي جو ڪو حل نہ آهي؟

سائين، هر مسئلي جو حل نيٽ تي آهي، فيصلي جي قوت تي آهي. جيڪر عوام ۽ سرڪار جي وچ ۾ مواصلاتي نظام کو درست هجي ۽ سرڪار کي عوام جي اعتماد حاصل ڪرڻ جو ڪو صحيح موقعو ملي. ڇا اسان جي سرڪار انهيءَ نظام تي غور ڪندي، انهن غلط فهمين تي سوچيندي، انهن مونجهارن کي منجهائڻ کان روڪيندي.

هت تہ سنڌي عوام ۽ شاگردن جا گهڻا مسئلا آهن، جن جـي حل ڪرڻ جا ب گهڻا ئي طريقا آهن. سندن اعتماد حاصل ڪرڻ کو وڏي ڳالهہ نہ آهي. اسين وري ب ورجايون ٿا،

جنهنجي رم جهم سان سنڌوءَ ۾ قائم آس اُمنگ!
سنڌي اهم سوال
صدق صداقت ڌاران آهـي، جنهنجو حل محال!

**ڪجهہ پنهنجي متعلق:**

مان نڙي انهن قوتن کي سلام ڪيان ٿو جيڪي 'روح رهاڻ' جي هنن ڏکين ڇهن سالن ۾ پرجهلائو بڻجي اسان سان شامل حال پي رهيون آهن.

'روح رهاڻ' سال ۱۹۶۰ع کان هن مهل تائين کهڙو ميدان ۾ هموار ڪيو آهي، اهو اوهان کان ڳجهو نه آهي. سنڌي ٻولي، ادب ۽ عوام جي بهتري ۽ هڏ ڏوکائي ۾ هر وقت بلند آواز بڌجي هر هنڌ ڦهلجي وئي آهي. 'روح رهاڻ' جو آواز هر گهٽيل ٻوساڻيل جي ٻڌل دانهن يا رڙ جو پڙاڏو آهي، جيڪو اسان تائين انهن سچ جي علمبردارن ۽ قومن وطنان ڦري گهري پهچي ٿو.

'روح رهاڻ' جو گذريل سال اچانڪ موڙ وارو سال هو. انهي سال ۾ 'روح رهاڻ' هرڪا ڳالهه ڪٽي پٽ پڌري ڪئي. ائين ڪونه هو ته ڪو 'روح رهاڻ' کا نواڻ آندي يا نئين مان ڳالهه ڪئي هئي. 'روح رهاڻ' ورهين کان ٻي گهٽو ڪجهه ڪيو ۽ جڏهن وقت ڏنائين، تڏهن سڀني 'روح' سٽ ڏني ۽ انهي 'رهاڻ' کانسواءِ نه مڙي جو سڀني فرض ۽ وقت جي تقاضا هئي.

اسان جا همسفر ۽ پاڻ ٻڌڻ يقين رکن ته 'روح رهاڻ' سچ چوڻ لاءِ آئي آهي ۽ چوندي رهندي. سچ کي ڪوبه دٻ نه ڏاءُ آهي، قدرت جو اٽل قانون هنجو محافظ آهي، انساني قوتون سچ جي جذبي ۽ پيغام کي ختم ڪري نه ٽيون سگهن.

اپريل ۾ جشن آهي. کهڙي تاريخ تي ان لاءِ مان ڪجهه به چئي نٿو سگهان مارچ جي آخر ۾ اخبارن رستي کيل اعلان اوهان وٽ پهچي ويندو. اميد اٿم ته هر سنڌي ٻاءُ ٻيڻ، بنا ڪنهن دعوت نامي پهچڻ جي، اُن اعلان کي قرب پريو سڏ سمجهيي اچي مڙندا ۽ مونکي هٽ ونڊائيندا.

مان هميشه اوهانجي ساڻ، قرب ۽ پيار جو آسائتو رهيو آهيان ۽ شايد هميشه رهان. چاڪاڻ ته انهن آسائتين اکين ۾ اميد جي چمڪ آهي ۽ اميد جا ڪرٽا منهنجا پنهنجا سنڌي آهن.

— حميد



شيخ اياز

# گيت

تون جو مون کان اڇين،
ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين منهنجا گيت ٻڌين،
مون کي ياد ڪرين!
سنڌڙي ساري ڳاڙهو ڪهنبو ٿي ويندي تيسين،
۽ جي اُن تي منهنجي ڦڙيون ڦڙيون ڏات ڏسين،
شال اهو سمجهين!
ڏات وڏي شيءَ ناهي،
پر سچ وڏي شيءَ آهي،
۽ جو سچ مچائي،
سو سچ وڏي شيءَ آهي!

● ● ●

سچل، سامي، پٽ ڏڏي
جنهن ۾ پي قرب ڪڍي
آءُ انهيءَ جي پير-پڇي:
ڇو ته آهو هيءَ ڏرتي آ،
ڇو ته ڇپر مان ڇات ڇڇي—
هونءَ ته مون ۾ آنءُ گهڻي،
هونءَ ته مون ۾ آنءُ گهڻي.

## قمر شهباز

جي پيار هجي ها پرچائين، مان گليءَ گليءَ ۾ گوليان ها،
مان نيٽن نير وهايان ها، مان دل جا موتي رولبان ها،
جي پيار هجي ها پرچائين!
جي پيار هجي ها پرچائين، مان راتيون جاڳي روئان ها،
مان تارن کي ترسايان ها، مان ڪوڙهن سان ڪل ڏوئان ها،
جي پيار هجي ها پرچائين!
جي پيار هجي ها پرچائين، مان سکين کي سمجهايان ها،
اندر جي اوسات الا! مان آنسن سان ڏي پجهايان ها،
جي پيار هجي ها پرچائين!
پر پيار تہ ناهي پرچائين، هيءَ جيون ۾ جي جهوري آ،
پنهنجي سيني کي چيري مون، پنهنجي دل ئي ڪوري آ،
هن دل جي بستي اجڙي آ، مون ساري دنيا گهوري آ!
پر پيار تہ ناهي پرچائين!

●

## قطب صديقي

گهر ۾ چوڙين جي جهنڪار
آئي آ شرميلي ڪنوار
پلڪ منهن تان ڪين هٽي ٿو
من صورت ساجن جي چٽي ٿو
ڏينهن تہ گذريو رات به ڏيندي
نيٺ تہ ايندو ساجن دئار .... آئي آ ...
سُر پازيين جي چم چم ۾
ڏينهن گذري رات جي غم ۾
سج لٿو ۽ سيج تي ويئي
سڄڻ سندي آ هن کي سار.... آئي آ ....
ساجن هن جا هٿ چُمي ٿو
خوشيءَ ۾ تن من جهومي ٿو
من پوپٽ جان جهومي جهومي
ساجن ساڻ ڪري ٿو پيار .... آئي آ ....

امداد حسيني

# هڪ نظم

تنهنجو منهنجو نالو
ڪوبہ نہ آهي
ڇو تہ اسين ٻئي
آرسين جي اندر آهيون
ٻئي بي معنيٰ
ليڪي جي گهيري کان ٻاهر آهيون
ليڪن
تون ۽ آءٌ هڪجون نہ هڪجون
پٿر جي اوسيڑي ۾
آهن آرسيون.

●

سروپچندر 'شاد'

هيرن جهڙو هيو حسين،
جڳ سڄو جرڪائي ويو.
سڄ ڪي جيئن جيئدان ملي،
ڪونڊر ڪنڊ ڪپائي ويو.
ڪنڊ ڪريو ۽ نيسريو نور،
جڳ مڳ جوت جلائي ويو.
رت وهيو، رابيل ٽيڙيا،
بر ۾ باغ لڳائي ويو.
سڄ تان گهوري سُرهو ساهہ،
ٻئي جهان ٻهڪائي ويو.
رت-قڙن جو ڏيئي دان،
متيءَ کي مُرڪائي ويو.
ڪلندي ڪلندي جان ڏيئي،
موت جو مانَ وڌائي ويو.
هيرن جهڙو هيو حسين،
جڳ سڄو جرڪائي ويو.

نياز همايوني [لوڪ گيت]

# ڊاڊيئڙو

ڏاڏا ميڻهن وَنا ٽي، ڊاڊيئڙا،
وَيا وڇڙيا ڪَنا ٽي، ڊاڊيئڙا:
هيلوڪو، وري آءُ!
سُهڻا ٽوهُ پَٽن ۾، ڊاڊيئڙا،
وِلهي آهيان وَطن ۾، ڊاڊيئڙا:
هيلوڪو، وري آءُ!
پيا پارا آڪن ٽي، ڊاڊيئڙا،
ڪانهي وندر وڻن ٽي، ڊاڊيئڙا:
هيلوڪو، وري آءُ!
ڪهڙي اربع خطا ٽي، ڊاڊيئڙا،
ڇاڪون ويڇا وڌا ٽي، ڊاڊيئڙا:
هيلوڪو، وري آءُ!

محسن ڪڪڙائي

# پاراتو

وڻجاري جي ماءُ ڏهاڙي،
منهنجي ويهي ڪوڙ نه ڪياڙي،
ڪوڙا آڻت ڏيئي ڏيئي:
روز ڪرين ٿي ڪيس،
تتي شل قهر پوئي!
وڻجاري جي وَني آهيان،
ور هوندي پي رَني آهيان،
عمر اجائي ويئي ويئي:
جاڙَ ڪري ويو جيس،
تتي شل قهر پوئي!
پاڙي واريون وار سڪائن،
ٿهڪن، ڪچڪن ۽ شرمائن،
جڏيون سرتيون ساڳيون سيئي:
سو گهو منهنجو سيس،
تتي شل قهر پوئي!
قهر پوئي شل قهر پوئي!

کٹي آس جا لاش پنهنجن کلهن تي،
اسان کي به 'چپ' جا اشارا ڪندا ويا!
سڄو شهر خاموش، خاموش آهي:
اتر کان ٽڏي هير آئي ڪٽي،
نياپو نئون،
ع چپ چاپ اڳتي وڌي وئي هلي!
مگر- ڪابه ٽاري نه جهومي سگهي، نه ڪو پن به کڙڪيو،
نه کڙڪي ڪلي ع نه سٽيات ان ساڻ ڪنهن پي ڪيو!
ائين ٿو لڳي:
جڙ تہ سينن اندر، سدا زندهه، تابندهه ع ڏڙڪندڙ،
دلين تي، ڪي جاندهه جي پڙ ڪان به ڳورا ع مضبوط پٿر،
ٽٽي پيا
ائين ٿو لڳي:
جڙ وفا جي چمن تي،
'مقامن جو چهرو' ڪو نازل ٿيو!
ائين ٿو لڳي:
جڙ تہ 'راڪاس' ڪوئي، سر- راهه شهر- وفا مان لنگهي ويو!
ائين ٿو لڳي:
جڙ 'مدد خان' جي ٻي ڪو اولاد مان،
وري مڇ مروڙي،
ڪٽي پاڻ سان ويو آ دولت وطن جي ع رونق چمن جي!
لٽي ويو گلن جي سڄي تاز گي ع مکڙين جا مٺڪا به ٽوڙي ويو،
ع بلبل کي گل کان وڇوڙي ويو،
هٽي ويو سو ڏاڙو وفا جي وطن ۾،
ع مادر- وطن کي ڇڻ کان ڇني ويو!
اسين جي هياسين نگهبان وطن جا، وفا جي چمن جا،
اسين سڀ انهيءَ رات پي ڀنگ ڏاڍي سمهي پيا هئاسين!

عبدالحڪيم 'ارشد'

# مقامن جو چپرو

سڄو شهر خاموش، خاموش آهي:
محبت جي راهن تي چانيو سناٽو،
افق تي ستارن جون سرگوشيون، خطرناڪ چرپر، نيون سازشون،
زمين تي آ اوندهه ۽ انڌوڪار،
فضا آهه بنجي وئي سوگوار،
مهانڊا لٽل!
۽ شهر-وفا جون سيئي رونقون،
خبر ناهه ڇا ٿيو، جو پامال ٿيون؟
زمانو لنگهي ويو:
ته راهه-وفا تي،
وري ڪنهن به 'سقراط' کي وهه جو پيالو، پياريو نه ويو!
گهٽا ڏينهن ٿي ويا:
وري ڪنهن به 'عيسيٰ' کي ڦاسي جي تختي تي، چاڙهيو نه ويو!
وري وقت جي ڪنهن به 'منصور' کي، سچائيءَ جي خاطر،
سر-راهه سنگسار ٿيڻو نه پيو!
محبت جي خاموش راهن تي توڙي،
ڪي ديوانا ڪڏهن ٿي آيا نظر،
مگر ـــ منتشر!
سندن حال ڇا هو؟
تحريڪ، تنظيم، شورش، نه هلچل،
نه ڪعبو، نه قبلو، نه مقصد، نه منزل،
نه تن وٽ جنون، جوش، جذبا هيا،
نه آسون، اميدون، ارادا هيا!

## منظور 'پرواز'

اسان کي پنهنجا ساز موٽائي ڏيو،
اسان پنهنجي سازن کي نہ شامل ڪنداسون.
اسان جو اوهان سان نڪو واسطو،
اسان جو نہ رستو نہ ڪا ڪي روا،
اسان جا تنبورا، سريلا ۽ مڌرا،
توهان جا اهي ساز پاڙا ئي پاڙا،
اسان جون بينون ماڻهو جهومائن،
توهان کي ٻيو آهي انهيءَ کان سواءِ،
چيرين جي چمڪن تي زالون نچايو،
اسان جا مٺا، دهل ۽ شرنايون،
ڪارا ۽ ڪوجها توهان کي لڇايون،
اسان پنهنجي چنگن تي سرمست آهيون،
اسان کي نہ گهرجن ڪٽارون ستارون،
اسان کي پنهنجا ساز موٽائي ڏيو،
اسان پنهنجي سازن کي نہ شامل ڪنداسون.
اسان جا ساز، اهي ئي سادا سڌا،
توهان جا ساز، اهي بڪ بڪ ۽ ٽان ٽان،
توهان جي دل سادن سازن لاءِ آهي،
سازن ٽپائڻ جو جنهن رستو ڏنو، ان پاتي ڇڏي،
اسان کي پنهنجون تهذيبون ۽ روايتون،
تهذيب ۽ روايت مطابق اسان ڏا پڌايون،
اسان کي پنهنجا ساز موٽائي ڏيو،
اسان پنهنجي سازن کي نہ شامل ڪنداسون.
اسان جو هڪ هڪ چنگ چرندو اچي ٿو،
اسان جو هڪ هڪ چارڻ ڪڌندو اچي ٿو،
منصور وانگر سچ تي سرندو اچي ٿو،
اسان جو هڪ هڪ مگ مڙندو اچي ٿو،
اسان جي سازن جا آواز سوڪا،
تپ ڪان پوءِ توهان لاءِ ئي اوڪا،
اسان جي اڃان پي آ ساڳي شرافت،
وري پي اوهان کي صلاح ڏيون ٿا،
اسان کي پنهنجا ساز موٽائي ڏيو،
اسان پنهنجي سازن کي نہ شامل ڪنداسون.

# آئينو

تنهنجي اک: جـــڻ تہ 'تنوير' جـــي تـــازه تخليق،
تنهنجو نڪ: جڻ تہ ڪو 'شمشير' جو نظر آهہ ٿهيل،
تنهنجا چپ: جڻ ٿئون دوهو ڪو لکيو آهہ 'ايـاز'،
تنهنجا ڳل: جڻ ڪوئي 'امداد حسينيءَ' جـو غزل.

تنهنجي هيءَ سنهڙي، صراحيءَ جي ڳچيءَ جهڙي ڳچي،
جـڻ تـہ 'سُهڻيءَ' ۾ ڇَپي آهہ 'قمر' جـي وائـي،
تنهنجا هـي ڪاڪ جـي اڻي مان ٿهيل هٿ ۽ پير،
جـڻ تـہ 'مهراڻ' ۾ 'محسن' جـي ربـــائي آئـــي.

۽ وري تنهنجي سڄي جسم جـــي بيهڪ اهـــڙي،
جـڻ 'امر' جـــي ڪا ڪهاڻي، ڪو افسانو آهـي،
تنهنجي هـر انـگ ۾، هـر صنف سخن جـا موضوع،
تنهنجو قد-بُت ڏسي سڄو 'سنڌ جـو نقشو' آهـي.

ايـــڏي تهذيـب، تـمـدن ۽ ثقافـت هونـدي،
سونهن پنهنجي تـــو اڃـــا تـائين سڃاتي ناهـــي،
يـا تـہ تـو ساڻ محبت نـہ ڪئي آهـــي ڪنهن،
يـــا تـہ آئينی ۾ جهاتي ڏي تـــو پاتـي ناهـــي.
ڪاش! تو ڏانهن محبت جـي نظر سان ڪو ڏسي،
ڪاش! آئينو ڪٽي تنهجي اڳيان ڪوئـي رکـي.

عبدالمجيب پيرزاده

# شاگرد ساڻيءَ ڏانهن

اڻي جاڳ ساڻي، ٿي سنڌڙي پڪاري

زمين آهي تنهن جـي تنهنجو آسمان - هجن بس! رڳو تنهن جا جذبـ جوان،
اچي ڏاڍ جي ڪوبـ تنهنجي اڳيان - تہ هڪڙي ٿي ٽوڪر سان چڏ ٽون ڏڪاري،
اڻي جاڳ ساڻي، ٿي سنڌڙي پڪاري.

غيرن جي وس ۾ تنهنجي آهي ٻولي - وساري چڏيئي ڪيئن جيجل جي لولي،
حقن ڪاڻ پنهنجي جهلين ڇو ٿو جهولي - لهي اڄ تون هوشوءَ سندو هوش ڏاري،
اڻي جاڳ ساڻي، ٿي سنڌڙي پڪاري.

اڄا توکي اکين ۾ آه نند غفلت - وڃائين ٿـو تون ٻاڻ پنهنجي ٿي عظمت،
ڪيري بغض دل مان نہ ڪر ڪنهن کان نفرت - ملي وڃ سڀن سان تون ويڇا وساري،
اڻي جاڳ ساڻي، ٿي سنڌڙي پڪاري.

آهي تنهن جي هٿ قوم جي واڳ ساڻي - اجهو ڇاڻ آيو سندءِ ماڳ ساڻي،
ٻڌيءَ ۾ سراسر آهـي پاڳ ساڻي - هـي مـزدور هـاري بـ تنهنجي پناري،
اڻي جاڳ ساڻي، ٿي سنڌڙي پڪاري.

●

دلدار احمد ادیب

## خواب ۽ حقيقت

اڄا ڪلهه ئي گذري،
جو منهنجي مٿي،
مون ڏٺو خواب ۾،
تو ڪي مردي مثل —
ڏٺي مون هٿي،
مثل هڪ ڇڄي،
ڇڻ ته ڦاٽي هئي،
۽ ڇاري ۾ اڏڪيل،
هوبهو ڇڻ ته هٿي،
بس تنهنجي شڪل —
ٻڌايائون ٽي:
ته شاعر جي ملڪ،
سندس دل جي راڻي
گذاري ويئي،
۽ ڇڏي ويئي،
شايد هي دارالفنا،
ڏيئي ويئي شاعر کي،
بس ياس وحرمان،
مون رنو زار زار
۽ زار و قطار
۽ جاڳڻ کان پوءِ،
جو مون ڇهرو ڏٺو،
ته هو اشڪبار،
۽ وري اڄ ڏسان پيو،
تنهنجي بي رخي،
تون زندهه ته آهين،
پر مون لاءِ مُرده!

روح رهاڻ

سُيف' ٻنوي

## مان وڃندو ئي رهان

راهه ڀلي اونداهي هجي،
۽ ڪوبه پري کان مونکي نظر،
روشن ڏيئو ڪونه اچي،
منهنجا سيبٽي سنگتي ساڻي،
راهه انهي جا واڪاڻو،
مون کان سيبٽي تنگ اچي،
اوندهه ڪاري ڀاڪ ڏسي،
وحشت کان هو ڀڄي ڀون،
۽ مونکي اڪيلو ڇڏي ڏين،
مان ٿو سوچيان،
منهنجا ساڻي!
ريران ويران دل ڪٽي،
اونداهي ۾ ٽٽڪي ٽٽڪي،
هلندو ئي رهان — وڃندو ئي رهان،
شايد اڳيئن موڙ مٿي،
منهنجو توسان ميل ٿئي،
۽ تنهنجو مون سان ساٿ ٿئي،
تون ئي منهنجي منزل آهين، تون ئي منهنجو ماڳ،
سان منزل جي طرف،
وڃندو ئي رهان — هلندو ئي رهان.

## تاجل 'بيوس'

گهر ۾ گهوري رات ڏئي،
رت ۾ ريتو جـواڻ جماڻ.
ڪيسين رهندي ڪارا هانءَ،
روح روح جـي رتو-چاڻ.
اونـداهـا ماروڙ-ڙن ماڳ،
تنهنجي در تي ڇو چانڊاڻ!
اوڳـا مـوڳا ڙي انسان،
دکياري ٿڻن داڻـي ڪاڻ.
مانجهي وانجهي ڏيندءِ ويڻ،
ڇولين ۾ اڇلي ڇـڏ پاڻ.
ڏڪڙن مان اڄ ڪين لٿي،
منهن تـي مٽڙا مائـي آڻ.
پاڻ پنهون آن، پر ڪي ڏس،
ڪيڏوجين تي ڪنهنجي ڪاڻ.
پاپي جڳ ڪـان پاسو ڇـو؟
مـرڪي مٽڙا منزل مـاڻ.
ڙڪي پڙڪي 'بوس' نيٺ،
ڏرتـي ٻڌي ڪاڻ-ڪـاڻ.

●

## درگاهي

اسان جـو نيهہ آ نرمل وري نروار ٿيندا سون،
الستي عشق آ پنهنجو پرين اظهار ٿيندا سون.
ڪيون فڪرات کي حيراني، پري ڏي جام اي جاني!
ڏئي دنيا کـي حيراني، عجب اسرار ٿيندا سون.
ارادو جيڪڏهن پختو عمل آهـي اگـر عمدو،
سڄڻ سڄ ۾، توڙي رڄ ۾، گل و گلزار ٿيندا سون.
اسين انصاف جي خاطر پرين سر جي رکون بازي،
سدا ناحـق مٽائـڻ لئہ تـکي تلوار ٿيندا سون.
'درگاهي' دل لـڳي آهي، اسان جي ديس وارن سان،
راهہ دشمن ۾ ديـوانا! پکي ديـوار ٿيندا سون.

تنوير عباسي

# غزل

نينهن وارن جـو انهي ساڻ کو رستو ناهي،
چٽنگ چولي ۾ نہ آ جنهن کي سو پنهنجو ناهي،
هـيءَ سڄي وات جـي پير جـو کـڙکو ناهي
سڀ چـون ٿـا تہ انهي جـو کوئي ڇڙو ناهي.
عشق آسـان بـہ ڇڄي تـہ انهـي لئہ ڇڄي
جنهن جـي لئہ ساهہ ڏيـڻ سهل آ اوکـو ناهي.
تنهنجي چـانئٹ تي رسڻ لاءِ سڏون ڪيئن ڪري
دار جـي دور کـان شيدائـي جو گـذريو ناهي.
قطرو دريـاءَ نـہ ٿيو جيڪو سو کڙو قـطـرو
جيڪو پـڙکي نـہ پيڙ ٿـيـو اهـو شعلو ناهي.
هڪڙي پڇري ۾ سپيئي بـانـد ڪيا ويـا آهيون
هـرڪو آ بـانـد مگر پـوءِ بـہ اڪيلو نـاهي.
عشق ۾ تنهنجي هـي تنويـر کـي ڇـا ٿي ويو آ
جهڙو هـونـدو هئو، هـاڻـي رهيو اهـڙو نـاهي.

○

عبدالغفور 'عابد'

ساڻي مَـن جا سات ڇڏي ويا،
پيارا ڏاڏو ڏُور لَڏي ويـا.
ڏاهي پيڄي سڀ محل خوشين جا،
سورن جـا سؤ ڪوٽ آڏي ويـا.
ويندڙ ائين چپ چاپ هليا ويـا،
جو هڪ پيري پي نـہ سڏي ويا.
ڪوبہ ڪيو تن قياس نہ مون تي،
دردن ۾ سورن ۾ گـڏي ويـا!
هـاڻ ملڻ مشڪل پيو ڈسجي،
'عابد' سي هي ديس ڇڏي ويا!

# داستان هک کلارک جو

دستور موجب اڄ به نظير دوستيءَ جو دم پرڻ آيو. طبيعت اڄ وڌيڪ خراب هئي- جڏهن منهنجي نوڪري هئي، تڏهن نڙڪو دوستن جا سلام مٿي سلام هئا. کائي پي جڏهن موڪلائي رستي تي پهچندا هئا تڏهن هڪڙي کي چوندا هئا ته، "ديکهو آج بهاڻو کو کيسا چوتيا بنايا، سگريٽ بهي پيئي، کهانا بهي کهايا اور به کيمرا بهي لے لي" وري ٽهڪڙو مچي ويندو هو. نظير مونکي ڏاڍو سمجهائيندو هو ته بابا هي ماڻهو کائڻ وارا آهن. وفادار ناهن. وقت جا يار يار آهن.

مان جواب ۾ چوندو هوس ته يار نظير ڏس "اسان يار ويس ماڻهو آهيون، کارائيندا سين پر کنهنجو کائيندا سين هرگز نه." نظير ويچارو منهنجي تباهي ڏسي مون کان منهن موڙي ويو.

هي ٽين جا دوست هرروز کنهنکي نه کنهنکي وٽيو پيا اچن. "آپ سے ملیے آپ هیں....." مان وري پنهنجي خانداني ڏيکاريان. "آپ کی میں کیا خدمت کروں" ته جهٽ ۾ پيو چوي "اور کچھ نهیں دو مرغی شیخ منگائیں اور هاں دو پاکیٹ تهری کیسل سگریٹ بهی منگائیں کیوں که آپ تهری کیسل سگریٹ سے کم نهیں پیتے" ۱۰-۱۲ روپيه جو بل هرروز پريان. کچهرين جا کوٽ هجن. هتي کائي باهر نڪرن ته وري ساڳي پچار "ديکها هم تو ايسے بهاڻو پهساتے هیں"-

صبوح جو جيئن آفس پهچان ته اتي به حاضر ٿي وڃن. مان وري دل ۾ گدگد پيو ٿيان ته اهڙا يار ڪٿان ملن جو ۲۴ ڪلاڪ گڏ. اتي آفيس ۾ وري مان هنجي واقفيت پنهنجي آفيسرن سان پيو ڪرايان. هنن واقفيت جو ناجائز فائدو وٺڻ شروع ڪيو. مون سان مون جهڙا، وري اڪيلائيءَ ۾ صاحب کي وڃي پرين جو خود ۽ هنن جي گهالهين ۾ اچي ويو. مونکي اجايو سجايو ڏهائڻ شروع ڪيو. مون وارا يار شام جو دستور موجب ائين اچي حاضر ٿين جيئن ڏوند تي گڇهون. کايو پيو جوگي نه کنهنجا مٽ.

هک ڏينهن جو ذڪر آهي ته مان مامون جي هوٽل تي اڪيلائي ۾ سگريٽ جو ڪش لڳائي رهيو هوس ته هي همراه جيڪي جاءِ بند ڏسي مونکي جوابدار وانگر تلاش ڪري رهيا هئا، اچي ڦهڪو ڪيو. مون چانهه جو آرڊر ڏنو. پرسان هک پائي. ڏسڻ ۾ زنده مردو، هک اکه ۾ ور، وار ڪٽل، گل چپڪيل، ڪن ٽوپيل، ميبل سگريٽ جو پاڪيٽ هٿ ۾، مونکي چيائين "بهائي ذرا ماچس دينا". مون ماچيس ڏنو. هن سگريٽ ڪائي دانهن ڪري چيائين، "سندهه کے آدمی بهت هرامی هیں، چور هیں، لوفر هیں، بدمعاش هیں، ديکهو سامنے والا سندهی بهاڻو کتنی

واسديو 'نرمل'

سڀوسين چا چا نہ، سينو سپر ٿيڻ تائين،
جگر تي چوٽ سهڻ جو جگر ٿيڻ تائين.
تون هڪڙي شمع وسامڻ جو ذڪر چو ٿو ڪرين؟
ڪئين ستارا ٽٽي ويا، سحر ٿيڻ تائين!
اِهو به شڪر، ڪا ارمان ڪيڻ جي راهه ته ٿي،
دل آهه سرد پري، چشم تر ٿيڻ تائين.
ڪا شمع گل ٿي جلڻ شرط، ڪا ٿي ٿورو پوءِ،
ڪا ورلي شمع جلي آ سحر ٿيڻ تائين!
نہ پڇ تہ ڪيڏو سين جي نظر ۾ ٿي پياسين،
نظر عقابي سان اهل نظر ٿيڻ تائين.
وهائي آب اکيئن، پنهنجو غم غلط ٿو ڪريان،
جهان جي غم کي سهڻ جو جگر ٿيڻ تائين.
اِئين وڏي نہ پوي مات ۾ سفر، 'نرمل'،
ڪو نغمو چيڙ نہ، طيءِ رهگذر ٿيڻ تائين.

پريو 'ناشاد'

وطن وساري، ويهي رهان،
آهي ڪٿي جو هي فرمان!
ياد ڪندي ڪي ٽپڪيالڙڪ،
تنهنجيَ ڪري ٿي ٿيم نقصان.
سچ آمر آهه سونهن مثل،
منهنجو يقين ۾ آهه ايمان.
ڪاهيان هَر، ڪوڏر ڪا، يا،
اوير اولهه ٽَڪندو رهان؟
منهنجو گهر به ڪو گهر آهي؟
سامهون دريءَ جو نانءُ نہ نشان!
سنڌ کي ساه ۾ رکڻ گناهه،
دنيا ڏاهي يا نادان!
تند تند ڪاٽيندين جي تون،
ٽٽيا رهبا ڪيئي تانَ.
چو ٿو وڙهين مون سان جيڏا،
آهيان مان جڳ ۾ مهمان!

# ساڳيو ڏڻ، ساڳي لٽ، ساڳيو ڏنار

ڳالهه ٿا ڪن ته اڄ کان هزارين سال اڳي جڏهن اڄا ماڻهو ڏڻ ڏارڻ، هڄ ڇڏڻ، سٽ ڪٽ مس سکيا هئا، جڏهن اڄا نڪي شهر هئا نه راجا نه راڄڌانيون. ڇون ٿا، اهو ڏاڍو سکن جو دور هو. ماڻهو پاڻ ۾ ڏاڍيءَ صلح سانت ۽ پيار محبت سان رهندا هئا. تڏهن نڪي چوريون ٿيندڙيون هيون، نڪو گهر کي دروازا هڻڻ جي ضرورت پوندي هئي، نه سڪا جڙندا هئا، نڪي ٻنڪون هيون، نه سپاهي هوندا هئا نه کي جنگيون لڳندڙيون هيون، نه جاگيرداريون هيون نه زمينداريون، نه ڪو ڪنهنجو مالڪ هو نه ڪو ڪنهنجو ٻانهون. سڄي زمين الله جي هئي. جيڪو ماڻهو جتي سهنج ڏسندو هو، اُتي اچي پنهنجا ٻڪا اڏيندو هو، ٻهو پنهنجو مالڙو ساڻ ويڙهين ۾ چاريندو هو، ۽ وس ۽ درياه جي اڇل تي ڇڄ پنهنجي ڇڄڻ جي گذران لاءِ اناج پئدا ڪندو هو. ڪنهنکي ڪنهنجي ڪاڻ ڪيڏي ڪانءِ پوندي هئي. هرڪو ماڻهو پنهنجي گهر جو راجا ۽ هرڪا مُنڊ پنهنجي گهر جي راڻي هئي.

ڇون ٿا انهن ئي ڏينهن ۾ روه جبل جي ڏاڪڻي پاسي کان راڄ گڏو پال نالي هڪ ڏنار رهندو هو. هو رڳو گڏو پال نه پر مينهون، ريڍون ۽ ٻڪريون ٻ پالينڊو هو. واڙي ۾ سدائين هزارين جانورن جو ٻيڪرات ڏيو پوندو هئس. ايڏي مال هوندي ٻ هو ساڻ ويڙهين، چراگاهن ۽ درياهن جا ڪمارا ڇڏي جابلو لڪن، واريءَ ۽ پڙپاڻگ ٻر پٽن ۾ رهندو هو، سا ماڻهن لاءِ حيرت جهڙي ڳالهه هئي. هنجو مال پورو گاهه ۽ پاڻي نه ملڻ ڪري سدائين ڏهرو ۽ ڏڪار جو ماريل لڳندو هو. راڄ گڏپال سان سدائين هڪ خوفناڪ بگهڙ جي نسل جو ڪتو ساڻ هوندو هئس جو مال ورائڻ ۾ سندس مدد ڪندو هو. سدائين لٽ ڪلهي تي ڪتي سان گڏ هڄڻات ڏيو پوندو هئس.

راڄ گڏوپال نه رڍن ڪٽن مينهن مان کير ڪيندو هو نه ئي ڪا وٽس واوڙي لاءِ مائي هئي. صبح شام ڏورن جا ڪر ڏيو جاچيندو هو ۽ منجهن لوه جا نال ڏيو ٽوڪيندو هو. صبح ٿيندي ئي مال کي واڙي مان ڪيڏي ويڙهين ۽ چراگاهن ڏي ڪاهي وڃڻ جي بجاءِ اوش اوش ڪندو روهه جبل ڏي ڪاهيو ويندو هو. جتي سدائين رڄ سڄ بڪ ۽ ڀينگ پيئي واڪا ڪندي هئي: سڄو ڏينهن سڏاريل ڪتو مال ورائڻ ۾ ڏيو سندس مدد ڪندو هو.

راڄ گڏوپال جي روز هڪ اڌ ٻڪري گاءِ يا مينهن اڄ بڪ ڪاڻ رڙ پٽ ۾

بھاری شلوار پھنے ہوئے ہوٹل میں آیا ہے" تنھن تي مون چيومانس، "آپ کو کيا تکليف ہے۔ يہ زندہ دل آدمی ہيں کہ آپ جيسوں کو انہوں نے خوش آمديد کہی اور دل ميں جگہ دی"۔ بس منھنجا اهي لفظ چوڻ پوءِ مون وارا چمچا ۾ ڏيڻ گز بشرت وارا سپ اٿي کڙا ٿيا۔ هوٽل پاڻيپٽ جو ميدان ٿي وئي۔ پريان ڪائونٽر وارو ٻہ هڪلون پيو ڪري "مارو سندهيون کو" يہ هوٽل ميں بھی حرامپن سے باز نہيں آتے" ۽ ٿي جيڪي سنڌي هوٽل ۾ ويٺا هٿا سي ۽ پاڻ ۾ سس پس ڪري رهيا هٿا تہ يار هي اترادي ٿو ڏسجي چگي ڇيهہ آيس۔ ٽيليفونون کڙڪي وئون مونکي گهلي وڃي جيل ۾ وڌن۔

منھنجي آفيسر کان رپورٽ گهرائي ويئي جنھن ايترو اثر ڪيو جو هونئن سزا ٣ مهنا پيئي اچي پر هينئر نئون مهنا ٿي ويئي۔ نوڪري چٽ۔ جيل ڪمائي باهر نڪتس۔ پراڻا يار منھن موڙي ويا۔ جتي ۽ ڏسن پيا هوٽنگ شروع۔ هلڻ چلڻ بند۔ پي کا گهالهہ نہ ڏسي هينئر اوتاري ني ويٺو آهيان۔ چرش جو دم هڻي ويٺو رئندو آهيان۔ علیءَ کي، ياد ڪندو آهيان۔ پنھنجي بادشاهي بربادي ۾ تبديل ٿي ويئي۔ قصور صرف اهو هو جو سنڌي هوس۔

شڪوه ڪرڻ بيڪار آهي۔ ماڻهو ڪہ جو آهيان۔ هينئر چرس جو سهارو آهي پڙهيل ۽ چگو آهيان۔ بی۔ اے يا ايم۔ اے وارو گهالهائي نہ سگهندو۔ زماني جو ستايل آهيان۔ بيماري ۽ هينئر آهستي آهستي قبضو ڪندي پيئي وڃي۔ نذير يار جنھن کي ڪجهہ گهٽ وڌ گهالهائيندو ٻہ هوس، اڄ ڏينھن تائين نينھن نباهي پيو۔ موت کي پڪاريان پيو پر هو ۽ وقت کان اڳ اچڻ کان گسائي پيو۔ ڪنھن وقت ۾ پاڻ ۽ جينٽل مئن هئاسين، هينئر موالي ٿيو پيا واڻڻ وانگر ڦرون۔

پڙهندڙ ويچار ڪيو۔ پاڻ سياڻا آهيو۔ وڌيڪ لکڻ مناسب ناهي۔ اکيون پاڻيءَ سان پرجي آيون آهن۔ وڌيڪ قلم لکڻ کان قاصر آهي۔ مان تہ جيڪر سيني سنڌي پائرن کي ائين چوان تہ پاڻ ۾ نہ وڙهو۔ جيڪي ۽ اوڙايون پوڙايون اٿوَ سي دور ڪيو۔ هينئر توهانجي هٿ ۾ آهي ۽ چا؟ زمينون اوهان کان ويون۔ ڏنڊا اوهان کان ويا۔ نوڪريون اوهان کان ويون باقي چا رهيو اٿو جو اڃان ۽ پيا پاڻ ۾ وڙهو۔ خدا جي واسطي دنيا کي ڪجهہ ڪري ڏيکاريو تہ سنڌي چا آهن؟ جي هو يار آهن تہ غيرتمند ۽ آهن۔ ٻوليءَ ۽ وطن پويان جان ڏنو تہ ٺيڪ آ، نہ تہ قبر جو ٽکر ۽ ملڻ مشڪل اٿو۔ شاه عبداللطيف، سچل سرمست، سامي ساڌو، شاه عنايت جيڪي پنھنجا شاعر آهن اهي اوهان جون اڍ نگيون حالتون ڏسي سخت پريشان آهن۔ هو زنده آهن ۽ اوهان کي پڪارين پيا تہ ڪٿي آهيو اوهان سنڌي سپاجهڙا۔ اوهان ڪجهہ ڪريو۔ هو اوهان سان ڀانھن ٻيلي ٿيڻ لاءِ تيار آهن۔ متان انھن کي مئل سمجهو۔ هو اڄ ۽ ساڳيا آهن۔ همٿ ڪريو۔ فتح اوهان جي آهي۔

نست ٽي ڪري پوندي هئي، ۽ سندس بيشمار لئين سان به اٽي نہ سگهندي هئي. بئي ڏينهن روهہ جبل جون ڳڇهون پيون مٿس لامارا ڏيندیرن هيون؛ پر تڏهن بہ راج گئوپال جي ڏاڙ ۾ ڪڏهن به ڪوٽ نہ پيئي. جيئن پوءِ تيئن سندس مال ويندو هو وڌندو ڇو ته هر جشن يا خوشيءَ جي موقعي تي جڏهن سڀ ماڻهو هڪ هنڌ اچي گڏ ٿيندا هئا ته راج گئوپال هڪ پيتيءَ ۾ سونا هار، ڪنگڻ، ڪيوٽيون، ڦل، جهومڪ، ايرنگ، وجهي اچي وچ ۾ وهندو هو. جي مالونـد عورتون هار سينگار لاءِ ڪائنس ونديون هيون، ۽ ان جي بدلي ڪيس ڇيلا، پڪر، گابا، گاڏون، مينهون، ريڍون ڏيندیون هيون. هو سدائين سونن زيورن جي عيوض تازا ٽلها ٽٻرا جانور ڪاهيو پنهنجي آستان ڏي ويندو هو. سڄي ملڪ ۾ جيترو به سون هو سو پوڙهي راج گئوپال يا سندس ابن ڏاڏن جي وگهي هو، پر هنن اهو قيمتي ڌاتو آندو ڪٿان ٿي، سا ڪل رڳو راج گئوپال يا سندس مري ويل ابن ڏاڏن ڪي هئي.

چون ٿا انهن ٽي ڏينهن ۾ روهہ جبل حي سُڪارين پاسن ۾ ڏڳ ديو نالي هڪ پهلواڻ مڙس رهندو هو. سڄي ڌرتيءَ تي هن جي مقابلي وارو مڙس اڃا ماءُ ڄڻيو ڪونہ هو، پر تڏهن به رهڻ لاءِ نہ اڇهو هئس نہ هر لاءِ ڪو ڏاند، نہ ڪير لاءِ ڪا رڍ يا ٻڪري، نہ ڪنهن ڪم ڪار لاءِ دل چوندي هيس. سڄو ڏينهن پيو پنهنجي وڻيل بدن کي جاچيندو هو ۽ سدائين پراون ٽڪرن تي پوندو هو. جتي به ڪو ميڙو ملاکڙو ٻڌندو هو اتي سپني ڪان ٻهرين پڄي ويندو هو. ڪڏهن ڪٿي ڪڏهن ڪٿي پيو زور آزمائيندو هو. اصل ڏيکي جي طاقت هيس. جيڪو به پهلواڻ سامهون ايندو هوس واري تي وارو پٺتي ڏو اڇي پٺ تي هٽندو هئس. ماڻهو سندس طاقت ڏسي حيرت ۾ پئجي ويندا هئا ۽ عجب به لڳندو هئن ته ايڏي طاقت هوندي به نہ هو هر هلائي سگهي ٿو، نہ ٻنيءَ ۾ پاڻي ورائي سگهي ٿو، نہ پنهنجي رهڻ لاءِ پيڙهہ کوڙي چار پڪا هٽي سگهي ٿو.

چون ٿا هڪ ڀيرو هڪ وڏي جشن جي موقعي تي ڏڳ ديو هڪ نڇٽي نينگريءَ تي عاشق ٿي پيو ۽ ڪيس شاديءَ لاءِ چيائين. نڇٽي ڪلي چيس:

"ڏڳ ديوا! تون آهين ٿوٽي ۽ ڪمچور. مان تہ انهيءَ مڙس سان شادي ڪنديس جيڪو مونکي سونا زيور پهرائي. پاڻ ٻاهران ڪمائي اچي مان گهر ۾ ويٺي لاکس ماڻي پچايان ۽ سندس ننڍڙن ٻارڙن جي شيوا ڪيان. توسان وهاڻ ڪري مونکي بک ڪونہ مرڻو آهي".

نڇٽي نينگريءَ جي ڳالهہ تي ڏڳ ديو کي باهہ وٽي ويئي. سونا زيور ۽ گهر هٽ ڪرڻ لاءِ لوهن ۾ ٽي آيو. ايتري به خبر هيس ته سون جو راز رڳو روهہ جبل وارو پوڙهو ڏنار راج گئوپال ڄاڻي ٿو. سو سڌو روهہ جبل واري واٽ ورتائين ۽ رات ڏينهن جي پنڌ پٺ ڪانپوءِ راج گئوپال جي واڙي ۾ آيو.

ان ويل رات جو ٽاڻو هو. راج گڻپال پنهنجيءَ پٿڻ واري کوڙيءَ ۾ متيءَ جي ٽلهي تي ڏمڻ ڏکايو مترکي سان سون ٽپي رهيو هو. ٻاهر ڪتو زور زور سان ٻونکيو ۽ ان سان گڏ ئي هڪ پير مڇريل مڙس کهاڙي سان در تي بيٺل ڏسڻ ۾ آيس. راج گڻپال ڏڃڻ جي بجاءِ مرکي چيس "پلي ڪري آئين پهلواڻ! تنهنجي آئي منهنجون اکيون ٺڏيون پڏاءِ ڪيئن اڃڻ ٽيو آهي." ڏگ ديو اک ٽيڊي ڪري ڏاڍي کهرائي سان چيس "راج گڻپال! مان سون جي گولا ۾ آيو آهيان. مونکي پڏاءِ تون سون ڪٽان آڻيندو آهين"؟

ڏگ ديو جي ان گهالهه تي راج گڻپال کان هڪ وڏو ٽهڪ نڪري ويو ۽ چيائين "ڏگ ديو تنهنجي وات مان اڃا ماءُ جي ٽڄ جي بوءِ پئي اچي. سون طاقت پئدا ڪندي آهي طاقت". ڏگ ديو سندس گهالهه اڏ ۾ ڪاڻيندي ڪاوڙ مان هڪل ڪري چيس، "بڪ نه پوڙها! تون نڙو سڃاڻين مان ڪير آهيان. منهنجي مقابلي وارو مڙس اڃان ماءُ ڇٽيوئي ڪونهي. ڪير آهي جو مونکي سندرو ڏئي. مان هن ڏرتيءَ جو سڀ کان طاقتور ماڻهو آهيان."

"ڏگ ديو! تون سچو آهين- مون توکي ڪيترن ميڙن ۽ ملاکڙن ۾ زور آزمائيندي ڏٺو آهي. سچي ٻ تون ڏرتيءَ تي سڀ کان طاقتور ماڻهو آهين. پر تنهنجو جسم جيترو ئي طاقتور آهي تنهنجو دماغ اوتروئي ڪمزور ۽ سون اهوئي اپائيندو آهي جنهن وٽ اهي ٻئي طاقتون هجن".

"۽ تو وٽ اهي ٻئي طاقتون ڪونهن پوءِ ٻ تون سون آپائين ٿو. اي مرڳهيل پوڙها، مونکي بيوقوف نه بناءِ. اها گوٽناکي مونسان ڪانه هلنديءِ. مان توکان اڃ سون جو راز ڇڪي رهندس. ياد رک منهنجي کهاڙي جو هڪڙو ڏڪ توکي موت جي اوڙاهه ۾ اڇلائي ڇڏيندو".

ڏگ ديو جي ان گهالهه تي راج گڻپال هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو ۽ چيائين: "ڏگ ديو! تو منهنجي باري ۾ غلط راءِ قائم ڪئي آهي. ٺيڪ آ مان پوڙهو ۽ ڪمزور آهيان، پر پوءِ ٻ منهنجو جسم جيتروئي ڪمزور آهي منهنجو دماغ اوتروئي طاقتور. مان ڏرتي تي سڀ کان عقلمند ماڻهو آهيان. مان پنهنجي دماغ جي طاقت سان سون پيدا ڪندو آهيان. منهنجو جسم سڪل ۽ ڪمزور آهي پوءِ ٻ مان طاقتور آهيان. منهنجي لٽ ۾ ايتري طاقت آهي جو مان پنهنجو ڏڻ پنهنجي مرضيءَ مطابق جيڏانهن چاهيان ورائي سگهان. منهنجي ديورن مان ڪنهنکي بـ طاقت نـ آهي جو مونڊانهن ڪُرڙي اک ڪري نهاري سگهن. مان جڏهن جنهن مهل چاهيندو آهيان ڪين روهه جبل جي رڙ پٽن ۽ بيابانن ڏي وڃي ويندو آهيان، جتي نـ گـاهه هوندو آهي نه پاڻي. اتي ڏرتي سدائين تندور وانگي ٻري پرندي آهي، پر منهنجي جانورن مان ڪنهنکي مجال آهي جو ٻڙڪ ڪڍي: ان لاءِ تـ منهنجي لٽ ۾ طاقت هوندي آهي.

مان لٺ سان اڳيان هوندو آهيان ۽ سون پاڻهي منهنجي گهر پڇي ويندو آهي- سمجهيئه !"

"تون الائي ڪهڙي ڇاڙ هڻي رهيو آهين مان ڏوڙ بـ ڪونه سمجهيس."

ڏڳ ديو بيزاريءَ سان وراڻيو.

"ڏڌهن ته مان چوان ٿو تنهنجو جسم جيترو ئي طاقتور آهي، تنهنجو دماغ اوترو ئي ڪمزور. اڙي عقل جا انڌا! تون دنيا جو سڀ کان طاقتور انسان آهين. تون جي چاهين ته پنهنجي لٺ جي ظاقت سان سڀني ماڻهن کي پنهنجي مرضيءَ سان هلائي سگهين ٿو. سون جو راز رڳو روهه جبل آهي. جڏهن مون ڪمزور ٻڌي کي رڳو مال تي لٺ هلائيندي سون ملندو آهي، تـ توکي ڇا ملندو! تون پارس آهين پارس..... بس مان جيئن چوان تيئن ڪر، پوء تون جنهن شيءَ کي ڇهندين اها سون ٿي پوندي .... سون ٿي پوندي."

راج گٹوپال جي واتان سون.... سون.... سون ٻڌي ڏڳ ديو انڌو ٿي پيو هو. رڙ ڪري چيائين، تون جيئن چوندين تيئن مان ڪندس. ٻڌاء مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي !"

راج گٹوپال چيو "ته پوء ٻڌ! توکي ماڻهن کي پنهنجي مٺ ۾ قابو ڪرڻو پوندو. تون دنيا جو سڀ کان طاقتور ماڻهو آهين ۽ مان دنيا جو سڀ کان عقلمند. اڄ کان تون راجا آهين ۽ مان تنهنجو سيناپتي. بس مان جيئن چوندو ويندس، تيئن تون ڪندو وڃ پوء سڄي دنيا جي دولت اسانجي پيرن ۾ هوندي".

ڏڳ ديو سون هٺ ڪرڻ لاء سڀ ڪجهه ڪرڻ لاء تيار هو. چيائين،

"مونکي منظور آهي، تون جيئن چوندين تيئن ٿيندو".

"ته پوء ٻڌ". راج گٹوپال چيو، "سڀ کان پهرين توکي پاڻ جهڙا طاقتور، ٿوٿي، ڪمچور ۽ لالچي ماڻهو هٺ ڪرڻا پوندا جي سڏائين سڀي ٽڪر لاء منهنجي وفادار ڪٽي وانگر لور لور ڪندا رهن. پهرين پاڻ جهڙن طاقتور لالچي ۽ بيڪار ماڻهن جو وڏو ٽولو سون جي لالچ ڏئي مونڊانهن وٽي اڇ. مان تنهنجو انتظار ڪندس. سون هٺ ڪرڻ لاء اهو تنهنجو پهريون ڏاڪو آهي. وڃ...."

ڏڳ ديو لاء اها کا وڏي ڳالهه ڪانه هئي، چيائين "مان .هني جي اندر سوين پهلوانن کي تنهنجي آڏو پيش ڪندس". ۽ ڪائنس موڪلائي پنهنجي ڪم سان روانو ٿيو. ان رات راج گٹوپال پنهنجو سمورو سون پيتيءَ ۾ بند ڪيو ۽ سونن زيورن جي بجاء لوهه جا ڪات ۽ کهاڙا ٽپڻ لڳو.

چوندا آهن چنڊو چنڊي کي سو ڪوهه تي ڳولي لهي. هڪ مهني کان پوء جڏهن ڏڳ ديو روهه جبل ۾ راج گٹوپال جي گهر آيو هن سان گڏ سوين پهلوانن جو ڪٽڪ هو.

راج گئوپال ٻانهن مٿي لوڏي سندن آءٔ پڳٽ ڪئي ۽ وڏي آواز سان چيائين:
"اي طاقتور پهلواٽو! اوهان سڀ جاڻو ٿا ته هن ڌرتي تي جيترو به سون آهي سو سڀ منهنجن ابن ڏاڏن ۽ منهنجي بدولت آهي. اهو رکو مان ئي آهيان جو سون جو راز جاڻان ٿو. سون، جو دنيا جي سڀ کان وڏي دولت آهي. اوهان مان ڪير آهي جنهنکي سون نه گهرجي!"

راج گئوپال جي آواز تي سيني هڪ آواز ٿي چيو:
"اسانکي سون گهرجي.... اسانکي سون گهرجي."

راج گئوپال پنهنجي تقرير جاري رکندي چيو:
"ته پوء ٻڌو! هن ڌرتيء تي سون جو راز رکو مان ئي جاڻان ٿو. اهو مان ئي آهيان جو توهان کي سون ڏئي سگهان ٿو؛ پر سون هٿ ڪرڻ لاء اوهانکي ڏڳ ڏيو ۽ منهنجو حڪم مڃڻو پوندو. جيڏن اسان چونداسين تيڏن ڪندؤ. اڄ ڏينهن کان ڏڳ ڏيو. جو ڌرتيء تي سڀ کان طاقتور آهي، توهانجو راجا، ۽ مان جو ڌرتيء تي سڀ کان عقلمند آهيان، توهانجو وزير آهيان. اسانجو هر حڪم توهانکي مڃڻو پوندو. بس پوء اوهانکي سون ۾ توريو ويندو." راج گئوپال جي آواز تي وري سيني هڪ آواز ٿي چيو:
"اسانکي اوهانجو هر حڪم منظور آهي."

راج گئوپال ٻانهن لوڏي سيني کي مات ڪرائي چيو "ته پوء ٻڌو: صبح ٽيندي ئي اسان هتان ڪوچ ڪنداسين ۽ وستي وستي گهر گهر جو گهمرو ڪنداسين ۽ ماڻهن کي پنهنجي نئين راجا ۽ پنهنجي طاقت آڏو جهڪائيندا سين. جيڪو بـ اسانجو حڪم نه مڃندو ان کي پنهنجن ڪاتن کهاڙن سان ماريندا سين ۽ ان جي گهر کي باهم لڳائي ڇڏيندا سين، بس سون جو راز اهوئي آهي."
"ڇا! پوء اسانکي سون ملي ويندو؟" ڪٽڪ مان هڪ پهلواڻ زور سان چيو.
"بس اسانجو حڪم مڃيندا هلو. مان اوهانکي سڄو روهم جبل سون ڪري ڏيندس. ياد رکو مان دنيا جو سڀ کان وڏو عقلمند ماڻهو آهيان. ڌرتيء تي اهو مان ئي آهيان جو سون جو راز جاڻان ٿو."
"اسانکي منظور آهي .... اسانکي منظور آهي،" سيني پهلواڻن هڪ آواز ٿي چيو ۽ ڏڳ ڏيو ۽ راج گئوپال آڏو سر نوائڻ لڳا.

صبح ٽيندي ئي راج گئوپال هر هڪ پهلواڻ کي ڪات ۽ کهاڙو ڏنو ۽ سيني کي پنهنجي پٺيان هلڻ جو حڪم ڏنائين. سڀ کان اڳيان ڏڳ ڏيو هو ان جي پٺيان راج گئوپال ۽ ان جي پٺيان سوين ڪاتن ۽ کهاڙن سان پهلواڻن جـو ڪٽڪ، جي وستي وستي گهر گهر ووڙيندا ويا. جتي ٽي ڏڳ ڏيو جو ڪٽڪ پهتو اتي ماڻهن ۾

مانڈاڻون ٿي پڄجي ويو. سوين گهر ساڙيا ويا سوين ماڻهو ماريا ويا. راج گڏوپال هڪ هڪ ماڻهو کي ڏڳ ديو جي آڏو جهڪايو ۽ چيائين:

"ڏڳ ديو هن ڌرتيءَ تي سڀ کان طاقتور ماڻهو آهي. اڄ کان ڏڳ ديو اوهانجو راجا آهي. اڄ کان ڏڳ ديو جو هر حڪم اوهانکي مڃڻو پوندو. اڄ کان هي سموري ڌرتي ڏڳ ديو جي آهي. اوهانکي هر سال پنهنجي فصل ۽ مال جو هڪ حصو راجا ڏڳ ديو کي ڏيڻو پوندو ۽ اوهانکي روهم جبل جي مٿان راجا لاءِ وڏا عاليشان محل ۽ رنگ رتول ٺاهڻا پوندا ۽ ان جي چوڌاري راجا جي حفاظت لاءِ ڪوٽ ٻڌڻو پوندو. ياد رکو! اوهان مان جيڪو به راجا ڏڳ ديو جو حڪم نه مڃيندو يا يا بغاوت ڪندو ان کي جڙ پڄي گهاڻن ۾ پيڙايو وڃبو ۽ ان جي گهر کي باهم لڳائي ويندي."

ماڻهو ويچارا ان اوچتو اجل کان اڻڄا ته وڻي ڏڻا جو ساهم ٿي سگي وين. ڪير ڪڇي سيني ڪٽي پنهنجي نئين راجا آڏو ڪنڌ جهڪايو. ڏڳ ديو جو ڏهڪاءُ سڄي ڌرتيءَ تي پري پري تائين پڄي ويو ڪنهنکي به همٿ نه هئي جو هنجي اڳيان ڪنڌ ڪٽي.

روهم جبل جي مٿان هڪ وڏو ڪنگرن سان ڪوٽ اڏجڻ لڳو، جنهنکي ڏسڻ سان هوند پٽڪو ڪري پوي ۽ ان جي اندر راجا ۽ ان جي ڪٽڪ لاءِ وڏا وڏا عاليشان محل ۽ رتول ٺهڻ لڳا. راتو ڏينهن هزارين ماڻهو ڪم ۾ گڏهن وانگي جٽيا پيا هوندا هٿا ۽ مٿاهن راجا جي سپاهين جا چهڪ پيا ڪاريهر نانگ وانگي ڪڙڪندا هٿا. جي ڪو پورو ڪاڏو ۽ پاڻي نه ملڻ ۽ گهٽي ڪم ڪرڻ جي ڪري نست ٿي ڪري پوندو هو ته ان کي به پهٽن ۽ سرن سان گڏ ڪوٽ جي ٽلهي مائي واري پٽ ۾ لمبيو ويندو هو. تانجو اهو ڏينهن به آيو جو واريامن رڻ پٽن واري روهم جبل جي مٿان هڪ نئين راجڌاني اپري آئي ۽ راجا جي تاجپوشي جي جشن جي تاريخ مقرر ڪئي وئي. راج گڏوپال پنهنجي ڀڄايل سموري سون سان راجا لاءِ هڪ سونو تخت، تاج، بڇ ۽ هزارين سڪا ٺاهيا جن تي راجا جي تصوير اڪريل هئي.

راجا جي جشن جي تاجپوشيءَ واري رات سوين حسين ڪامڻين نرتڪين نينگرين راجا جي اڳيان ناچ ڪيا. راجا کي سوني تخت تي وهاري مٿي تي سونو تاج پهرايو ويو ۽ سندس هٿ ۾ سونو بڇ ڏنو ويو ۽ سيني ڪٽڪ جي پهلوانن ۾ سونا سڪا ورهايا ويا ۽ ان خوشي ۾ راج گڏوپال پنهنجي سمورن جانورن جو روهم جبل جي رڻ ۾ بليدان ڏيڻ جو حڪم ڏنو.

چونڊا اها روهم جبل جي راجڌاني دنيا جي پهرين راجڌاني هئي. جن جو رواج اڄو اڄ تائين هليو اچي. اڄو اڄ تائين روهم جبل وارو اهو رڻ هزارين جاندارن جي قرباني گهرندو آهي. سدائين ڪجهون پيون لامارا ڏيندیون آهن. ساڳيو روه جبل آهي. ساڳيو راجا، ساڳيو سڪو، ساڳيو تخت، ساڳيو تاج، ساڳيو بڇ ۽ ساڳي پرجا.

# منهنجي ڪرت

مان ڪرت ڪهڙي ڪندو آهيان، اهو ڪونہ ٻڌائيندو سانءِ. چاهي چا ٻہ ٽي پوي. چو نہ ڪيا ڪري ڇڏين. هونئن سوسائٽيءَ ۾ منهنجو مان مرتبو، شان و شوڪت تمام اوچو آهي. ماڻهو مونکي عزت جي نگاه سان ڏسندا آهن. جتي ٻہ ويندو آهيان، اتي آجيان ڪندا آهن. چوندا آهن تہ سائين اچو، وهو، خوش آهيو چگا پلا. ٻار ٻچا سڀ ٺيڪ. چانه اڇي وڃي. موٽرڪار اٿم. ٽيليفون، ٽيليوزن وغيره وغيره پڻ اٿم. ٻار وڏن اسڪولن ۾ پڙهندا آهن. سٺا ڪپڙا پهرين. ائين ٻہ چون تہ ڏڏي اسين ولائت ۾ پڙهڻ ويناسين. ايتري آمدني اٿم جو سڀني ٻارن کي ولائت پڙهڻ لاءِ موڪليان ۽ خود ٻہ گهمي ڦري اچان. وڏين وڏين ڪلبن جو ميمبر آهيان. ڪم ٻہ قانوني دائري ۾ آهي. ڪابہ بي قاعدگي ڪونہ آهي. پر اهو ڪونہ ٻڌائيندس تہ ڪرت ڪهڙي ڪندو آهيان.

روز صبح جو اڇا صاف سترا ڪپڑا، نيڪ ٽاءِ ۽ بلڪل زور سان استري ٿيل ڪارو ڪوٽ ۽ چمڪندڙ بوٽ پائي موٽر ۾ ويهي ڊرائيور کي چوندو آهيان تہ هل اتي جتي روز ويندو آهيان. ٽي چار ڪلاڪ ويهي ٻٽ شٽ هٽندو آهيان يا ڪا دليل بازي ڪندو آهيان. هڪ وڏي جاءِ آهي، جتي مون جهڙا چگا مڙس گهٽيئي ايندا آهن. ڪرسيون، ميزون ۽ ڪتاب پنا جام. سيئي مون وانگر وڏا ماڻهو ليکيا ويندا آهن. سڀ اڇا استري ٿيل ڪپڑا پائي ايندا آهن. سيني جي ڪمائي جام. سيني جي ڪرت ساڳي. آهي ٻہ ڪم قاعده موجب بيقاعدي بنهہ نہ. ڪليو ڪلايو ڪم ڪريون. پوليس اسانکي هٿ ٻہ نٿي لائي سگهي. پر اهو ڪون ٻڌائيندس تہ ڪرت ڪهڙي ڪندو آهيان.

هڪ ڏينهن جي ڳالهہ آهي تہ حسبِ معمول شام جو پنهنجي آفس ۾ ويٺو هوس. باقاعده ڪلارڪ ڪڙا، منشي مڙا ويٺا هئا. بنيون پيئون پرن پنکا پيا هلن، ٽيليفون جي ٽرن ٽرن پيئي ٿئي تہ نہ ڄاڻان هڪ غريب کي اچي ڪٽي ڪنيئن. سو چڙهي آيو مونوٽ. چيائين تہ تڪليف ۾ اچي ويو آهيان، ڪا واهر ڪر. مون چيومانس تہ ابا واهر تہ ضرور ڪندس. حاضر آهيان. پهرين پنهنجي واقفيت ڪراءِ. مونوٽ ڪيئن لنگهي آيو آهين. چيائين تہ هن علاقي جو باشندو آهيان. ڏهہ ايڪڙ زمين اٿم. صدين کان هن ملڪ جي مٽي آهيان. ڄائو ئي ان زمين تي آهيان. بابا چوندو هو تہ هو ٻہ اِن زمين تي ڄائو هو. منهنجا مائٽ مٽ، ابا ڏاڏا سڀ ان زمين ۾ دفن ٿيل آهن.

آخر ان متيءَ جا ٿهيل هٿا ۽ آٿي ٽي ويا. هر روز پنيرڪي جو آٿي نماز پڙهي وڃي زمين تي لڳان، ويندي جيستائين اونده ٿئي. وڃڻ صرف اڌ ڪلاڪ آرام ڪريان نه ته سڄو ڏينهن آهيان پگهر ۾. رات جو چڪناچور ٿي وڃي لت کوڙي سمهي پوان. وري صبح جو نت نئون، سڄ سٽون ڏڪي وانگر نار ۾. نه ڏسان ڏينهن نه ٿهوار نه سيءَ نه لڪ، نه جهڙ نه مينهن. آخر ان زمين جي خدمت ته ڪرڻي آهي. ڪير ڪندو مونکانسواءِ. پيار نديا اٿم. ڏٽي ڏينهن ڏيندن. هر روز پيٽ جي چڪر ۾ سائين چا ڪريان آن ته آپائٽون آهي. ڪجهه پاڻ کان ڪجهه خلق خدا جي کائي. اڳي ته آپت گهٽ هٿي. پاڻي به گهٽ هو. هينئر الحمدالله شڪر آهي. جديد طريقا، نوان بج، پاڻي جهجهو. الله جو شڪر آهي. پر تڏهن به آٽيون ۽ چاڙهيون. اڳي ته سدائين قرض ۾ هوندو هوس پر هينئر شڪر الله جو ته قرض کان آجو آهيان.

ها، سائين ڳالهه ٽي ڪيم تڪليف جي. اڄ صبح جو ڪي چڳا مڙس هڪ ڪاغذ ڪڍي آيا. چيائون ته هن تي صحيح ڪر. سوٽ بوٽ پيل هئن. انگريزيءَ ۾ پي گٽ مٽ ڪيائون. ماٺهون چڳا پي لڳا. ساڻن گڏ هڪ ٽپيدار هو، جنهن پي منهنجي زمين ڏانهن اشارا ڪيا. آخر مان واڌو ۽ حيران ته هي ڪير آهن جي منهنجي مائٽاڻي زمين ۽ اباڻي اجهي ڏانهن پيا نهارين. سندن مطلب چا آهي. نيت کهڙي اٿن. منجهي پيس. سلام ورائي چيو مان ته خانصاحب ماجرا کهڙي آهي. منهنجو ته اکر به نه سمجهائون نه مون ٻي سندن. الائي کهڙي ٻولي پي ٻوليائون. آخر مون ٽپيدار ڏانهن منهن ڪري چيو. "کهڙي ڳالهه آهي. الل صبح هتي کهڙي هڇا وڻي آيو آهين. هيءَ منهنجي زمين هي منهنجا اجها. هيءَ منهنجو قبرستان سڀ پيا تڪين. چيائين ته ميان چپ ڪر ته ڪٿي چيلهه ۾ رسا ۽ هٿن ۾ ڪڙيون نه وجهنين. اصل ڇڪائي رلائي ڇڏيندءِ. تمام وڏا ماٺهون اٿيئي. هلنديءَ پڇنديءَ وارا. اڙ رسوخ وارا. اشرافت سان هن پني تي صحيح ڪر.

آخر اهو پنون آهي کهڙي بلا مون ٽپيدار کان پڇيو. چيائين ته هيءَ زمين آهي تنهنجي پر سرڪارِ موجب هيءَ زمين واڻين جي آهي. ويهه سال ٿي ويا ته لڪائي پيو زمين کي چورن وانگر لٽين. هاڻي ڳالهه پڌري ٿي پيئي آهي. جي توکي هن زمين تي هاري ٿيڻ رهڻو هجي ته هن ڪاغذ تي صحي ڪر. هيءَ زمين هنن ڇڳن مڙسن کي الات ٿي آهي. ڏاڍا سٽا ماٺهون اٿيئي. اصل جهڙا شهزادا. صرف پڏاش جو اڌ وٺندءِ. پوءِ توکي هتي رهڻ جو حق هوندو صرف تون صحيح ڪر. مون چيو ته جي نه صحي ڪريان. جواب ڏنائين ته پوءِ توکي هن زمين تان زوريءَ ڪڍيو ويندو. ٽريڪٽر ۽ بل ڊوزر هلائي هيءَ تو وارا گهر متيءَ سان ملايا ويندا. بي گهر ڪيو ويندي. رلايو ويندي. شايد باقي زندگي پنڻون پوندءِ. ڇڳو مڙس ٽي صحي ڪر. سائين مون انڪار ڪيو. ڪيئن ان ڏرتيءَ کي ڇڏيان جنهن هزارها سال مونکي منهنجي وڏن کي نپايو.

توهان چڱا مڙس آهيو، وڏا ماڻهون آهيو، توهان جي ناموس ٻڌي توهان وٽ لنگهي آيو آهيان. تڪليف ۾ آهيان کا واهر ڪريو. مون سندس ڪاغذ پٽ ڏنا. دماغ ڊوڙايم. ڪتاب کوليم غور ڪيم. ڏٺم ته اڄ کان پنجاه سال اڳي هنجي وڏن واڻين وٽ زمين گروي رکي هئي. گهر جا زيور وڪڻي، پيٽ کي پٿيون ٻڌي، ڏينهن رات محنت ڪري قرض وياج سميت ادا ڪيو. رسيدون هڻن. واڻين ٻه دستاويز جي پٽ پري کين واپس ڪيو. پر سرڪاري رڪارڊ واڻين جي نالي ئي رهيو.

پڇيو مانس ته هيءُ قرض ته چاليه سال اڳي توهان چڪايو آهي. پوءِ ڪاتو چو نه بدلايو. چياڻين سائين ڪهڙيون ٿا ڳالهيون پڇو. انگريز سرڪار جو زمانو هو. ڪو اڄ وانگر پنهنجو راج ٿورو ئي هو. اصل شينهن ٻڪري پيا گڏ ڪائين. وڏن کي ايترا پئسا ڪون هٿا جو تپيدار جو پيٽ پرين. سائين تڪليف ۾ آهيان کا واهر ڪريو. الله بچن ۾ برڪت وجهندو.

مون هن ڏانهن ٽيڏي اک سان نهاريو. ڏٺم ته آهي ڪنل. پر جي ڏهن ايڪڙن مان پنج ايڪڙ زمين وڪيائين ته مڙيوئي خير. ڪو مرندو ڪون. ڪڪ جهجهي ٿو ٿو پئدا ڪري. زمين ٻه دو فصلي اٿس. پاڻي ٻه جام اٿس. ڦٽيون ٻه ضرور پئدا ڪندو هوندو. ڪو بڪ ڪون مرندو. پنج ايڪڙ ڪافي اٿس. اڻين چئي دل کي ڏي ڏٺم. پر دل اندر طوفان کڙو ٿيو. پاڪي چيم ته هن غريب وٽ آهي ڇا؟ ڪل ڏهم ايڪڙ ان مان آباد ٿيندا ٿي يا چار ايڪڙ. اُن مان ٻه اڏ وڪڻي. پوءِ توبهه. پوءِ هن غريب جو ڇا ٿيندو. سندس زال، ٻار ٻچا اهي سڀ ڪيڏانهن ويندا. ڪيئن هنن جي پورت تيندي. اهو سڀ منهنجي دل چيو. پر دل ڪانسواءِ مونکي دماغ ٻه آهي. آخر منهنجا ٻار ٻچا ڪٿان پلجندا. هيءُ موٽر، هيءُ ٽيليفون، هيءُ سڀ ڪجهه ڪٿان هلندا هن جي مرڻ جيئڻ ۾ منهنجو کهڙو واسطو. هن جي ٻارن پالڻ جو ٺيڪو ڪو مون ته ڪون کنيو آهي. آخر رب‌العالمين ٻه ته آهي، اُهو سڀني جي سنڀال ڪندو اڻين چئي مون دل کي دلاسو ڏنو. پر دل ۾ آڌ ماڻڌ. هيءُ غريب ڪٿان پئسا آڻيندو. هن وقت ته سندس زمين وڪامندي ٻه اڏ ناڻي. پر ان سڀ ڳالهه ۾ منهنجو ڇا. مونکي ٻه ته پورائي ڪرڻي آهي.

آخر دل تي پٿر رکي، دماغ جا دروازه کولي چيومانس ته رئيس مان فقير ونندو سانءِ هڪ هزار. روئي ڏنائين. پٽڪو ڪري پيرن تي رکيائين. چياڻين ته خانصاحب مهل ڪريو. توهانجو نالو ٻڌي آيو آهيان. مونتي رحم ڪريو. اُن الله، الله جي رسول جي نالي. ڪربلا جي شهيدن جي واسطي، مون مظلوم جي ڪا واهر ڪريو. اصل مري ويندس. حياتي آهي ته گولي ٿي گذاريندس. سڄو قرض لاهيندس. قسط ڪري هزار ڇا جا ٻه ٻه ڏيندس. هينئر ڪا واهر ڪر. ان سڀ ڳالهه ۾ منهنجو ڇا. ڇٽ جي پٽ جو دماغ خراب ٿي ڀيو آهي.

منهنجو هڪ دوست آهي. انڪي ڪو به سال ڏنڏو ڪون لڳو. سندس پٽ کان سندس ساڻي پڇندا هئا ته تنهنجو پيءُ ڇا ڪندو آهي ته ويچاري کي لڄ اچي ويندي هئي. مان پانيان ٿو ته منهنجو پٽ جيڪر ڏسي ته هر روز موٽر ۾ چڙهي مان ڪٽي ويندو آهيان ۽ ڇا ڪندو آهيان ته جيڪر هن کي به .....
اهو ڪون ٻڌائيندو سانءِ 'مان ڪرت ڪهڙي ڪندو آهيان'.

○


# ايسٽرن فيڊرل جي ويمي جي

# * پاليسي *

## ضمانت آهي هنن سهوليتن جي

اوهان لاءِ

رٽائر ٿيڻ کانپوءِ گهر ويٺي هر مهيني چيڪ

جاءِ ٺاهڻ لاءِ پيسا

ڪاروبار لاءِ ناڻو

گروي رکيل شين جي ڇڏائڻ لاءِ روپيا

اوهان جي خاندان لاءِ

گهريلو خرچ لاءِ روپيا

ڏيءُ جي شادي لاءِ روپيا

هارن جي تعليم لاءِ روپيا

اچانڪ گهرجز لاءِ روپيا

ايسٽرن فيڊرل حياتي ويمي ڪانسواءِ، باهه، بحري چرپر، حادثا، جسماني نقصان، چوري، مشينن جي لڳائڻ ۽ ڀڳڻ، ٽوٽ وغيره جو به ويمو ڪندي آهي.

## ايسٽرن فيڊرل يونين انشورنس ڪمپني لميٽيڊ

عبدالله چنہ

# سرڪاري نڪاح

پھراڙيءَ جي ڪنهن ڳوٺ لڳ، ڪچي رستي تان پوکن جي وچان جيپ ڊوڙ آڏائيندي اچي هڪڙي ڳوٺ لڳ بيٺي. جيپ ۾ ويٺل صاحب جيپ جي ڊرائيور کي ڳوٺ جي ٻاهران هڪ پکي جاءِ سرڪاري نموني جي ٺهيل لڳ ٻيهارڻ لاءِ چيو جتي ڪن ماڻهن جو ميڙ هو. جيپ بيٺي تہ هڪ پھراڙيءَ جي ماڻهوءَ عمر ۵۰-۵۵ ورهين رنگ جو سانورو پر قداور ڏاڙهيءَ ۽ ٿورا اڇا متي جا وار ڪارا، ڪاري ڪانچ، سنڌي پھراڻ ۽ اجرڪ ٻڌل جيپ جي پاسي ٻيهندي چيو. "ساءِ مون غريب جي ٻاڪين اچي اوچتو هت نڪتو آهين، منهنجو خدا ڪارڻ ڳهو تار، خداءَ تنهنجو پلو ڪندو"، ڪرڙوڙ هڪ ساهيءَ ۽ چوندو ويو. هن سمجهو تہ جيپ ۾ ڪو آفيسر ويٺل آهي. جيپ جي مسافر عجب مان پڇو، "ڇاجو ميڙ آهي، هيءَ ڪهڙي جاءِ آهي، انهن جو ڪهڙو ڪم آهي". ڳوناڻي وراڻيو، "پلو ٽيئي هي 'هڪيس' آهي 'يورن' 'مبرن' جي. اڄ چون ٽا تہ ميڙ آهي ماڻهن جون 'درڪاسون' ٻڌندا." "پر تنهن جي ٻ ڪا درخواست آهي ڇا"، جيپ جي مسافر پڇو. "هائو سائين، ڪيترن ڏينهن کان درڪاس لکائڻي ڏني اٿم. لکڻ واري کي پارت ڪئي هيم تہ چگي درڪاس لکي ڏجاءِ ان ڪري ٻ روپيا لکائي ڏني هئي مانس پر جو 'چرمن' کي ڏنم تہ چياءِ تہ منڇي صاحب کي ڏي پر اهو تہ اڃا گوڏي هيٺان رکيون ويٺو آهي. ٻڌم تہ اڄ ميڙ ڪندا ۽ درڪاسون ٻڌندا سو مان آيو آهيان درڪاس لاءِ پر اڄان تہ سڏوائي ئي ڪانہ ٿي ٿئي، هوڏانهن وهانوَ جا ڏينهن اچي ويڄها پيا آهن، اسين ڪڙمي ماڻهو پوک کي جهار ڪايو ٿي وڃي اها ٻ چڏي آيو آهيان". يڪ ساهيءَ ڳوناڻو پنهنجو احوال ڪندو ويو. جيپ جي مسافر پڇو، "پوءِ وهانوَ ڪان پوءِ اچي درخواست نيڪال ڪرائيءِ ها". "پر سائين درڪاس تہ وهانوَ لاءِ آهي تہ موڪل ملي. سرڪاري ملي نڪاح واري وٽ ويس تہ تٽ ورتي اٽئون ڪنواريتن ڪان اچي نڪاح پڙهجاءِ پر ملي چيو تہ سرڪاري نڪاح ائين ڪونہ هلي پڙهندس موڪل وٺي اڄ تہ پوءِ هلندس". واڻهڙو مسافر جيپ واري سمجهو تہ ڳوناڻو ٻي شاديءَ جي اجازت ٿو شايد گهري سو وڌيڪ احوال معلوم خاطر پڇائينس، "ٻلا ٻهرين زال جي خبر ڏي".

"ساءِ مان تہ ڪونہ ٿو پرڻجان پنهنجي نينگر جو وهانوَ ٿو ڪيان پنهنجي ٻاٽيجيءَ سان، ٻهرين شادي آهي، نينگر بہ وڏي آهي ۽ مون وارو ڇوڪر بہ. جڏهن واٽيا هتان لڏيا ٽي ويا تڏهن ڇوڪر ڄڻو هو ۽ ٻہ فصل پوءِ منهنجي ٻاٽيجي ڄائي ساءِ تون ڪٽي ليکو ڪر تہ ننڍا ٽيا!

"وڃي وهانو ڪر نه ڪير ٿو توکي منع ڪري." اطمينان سان مسافر وراڻيو.
"پر ساڻ جو ملو سرڪاري نڪاح نٽو پڙهي ته پوءِ ڇا ڪجي. درڪاس ۾ لکائي ڏنم؛ منڇي صاحب چون ٿو ته سَوَ جو نوٽ آڻي ڏي. هاڻي مان ڪٿان آڻيان سَوءُ. وهانو ۾ ڪونه ٿو ڪيان پير جي خيرات ڪندس. پَرُ سال فصل ۾ ٻڏي ويو هو ٻيو ته اسان وٽ ڪيڙي جو مرض؛ ڪيڏي وڃون ڪنهن کي دانهن ڏيون. جيڪي مير ڪياسين سي ته اڄ نهارن ۾ ڪونه مورڳو اسان سان ناحق آهي." ڇوڪر جي پيءُ مايوس ٿي چيو. ايتري ۾ پڪيءَ جاءِ مان ۱۰-۱۲ ماڻهو اندران نڪتا ۽ ٻاهر بيٺل وڏي انهن کي ويجهو ٽيڻ لڳا ۽ پنهنجن ڪمن لاءِ ڏنل درخواستن جو شايد احوال پڇڻ لڳا. ڳوناڻي ڪهوٽ پيءُ ۾ وڏي وڃي هڪڙي نوجوان جي پرسان ٻيٺو جنهن کي ڪي ڪاغذ هٿ ۾ هوا. ڪاراڪليءَ جي ٽوپي سونا بٽڻ قميص ۾، بوسڪيءَ جي قميص ڪالر ڪليل، سوڙهي پتلون ۽ سنڈيل وارو ڪارو بوٽ. "وڏا! تنهنجي درخواست اڃا زير ويچار آهي"، ٽوپيءَ واري چيو جو يونين ڪائونسل جو سيڪريٽري ٿي ڏٺو. ڳوناڻو ٻڏي پريشانيءَ مان چوڻ لڳو، "ساءِ مون نه سمجهيو." سيڪريٽريءَ چڙ مان چيو، "نه سمجهئي ته وڃي سمجهه جو علاج ڪراءِ. چير ته اڃا فيصلي ۾ دير آهي هروپيرو متو نه ڪپائيم. توهان ماڻهو هيءَ قاعدي قانون جون گاڙهيون ڇا سمجهو. نه خرچ پريو نه ڇا باقي رڳو زور ٽڪڙ تي". ڳوناڻو ٻڏي ٽٻيءَ ۾ پڄي ويو. نيٺ ٻئي هٿ ٻڏي چوڻ لڳو، "ساءِ مون سا واهر ڪر سپاڻي ڇاڃي اچي ويندا پوءِ ڇا ٿيندو. پلا اڄ جي مهلت ڏنم ته وڃي ڪو ڏور ڏڳو ڪپايان ته پوءِ اچي تنهنجي خرچ ڪي ڪو منهن ڏيان." "ميان خرچ رڳو ڪو منهنجو ته نه آهي. مان به ڇا ڪيان وڏن جو حڪم ائين ٿيندو ته پوءِ مان ڇا ڪيان"، سيڪريٽري مجبوري ڏيکاريندي وراڻيو ۽ ساڃي هٿ جي آڱرين سان پنهنجي قميص جي سونن ٻيڙن ڪي ڦيرائڻ لڳو. "ڪجهه منهنجي اچي ڏاڙهي ڪي ڏس، ڪجهه ونواهه ۾ ويٺل نياڻيءَ جو خيال ڪر، جي تون اجاجت نه ڏيندي ته هنجو ڇا ٿيندو، هو ويچاري ورهين ڪان ——————
"اڙي پوڙهي ٽي وڃي ته پوءِ ڪٽي تون پرڃانس، ٻيو ڇا ——"
سيڪريٽري ٿهه ٿهه ڪري ڪلڻ لڳو ۽ چوڏاري بيٺل ماڻهو به ڪلڻ لڳا. اچانڪ پوڙهي جا هٿ سيڪريٽري جي گلي ۾ ڪپي ويا، سندس منهن مان رت پي ٽميو. گڏ پي وهيس، "سرڪاري نڪاح جا ڦر، مان توکي جيئرو نه ڇڏيندس. تون ڏي ڪير ٿيندو آهين، ڪميٽا رت نه پيان تنهنجو —— ڏسان ته هاڻي مونکي شادي ڪرائڻ ڪان ڪير ٿو روڪي —— پوڙهو وڦلندو رهيو، سيڪريٽري متي ۾ ليٽڙيون پائيندو ڪُهٽڪا ڪائيندو رهيو، سندس دفتر، پنا ۽ ڪاڳر متي ۾ لتن ۾ چيپاٽبا رهيا، ماڻهو انهن کي ڇڏائيندا رهيا ۽ مسافر الائجي ڇو هڪ اطمينان واري مرڪ مرڪندو جيپ ۾ چڙهي رمندو رهيو.

پڳوان ٽلواڻي

# اِنٽرويو

لٽڪندڙ ٽنهين چئنين بوربڊن تي نظر اڇلي، هو، سڀ کان هيٺ هڪ پراڻي بورڊ تي نالو پڙهي پڪ ڪري ٿو ۽ هڪدم ٽلهي جا ڏاڪا چڙهي، پراڻي چاريدار دروازي جي چوکٽ ۾ نهاري ٿو. ڪٽي ۾ گهنٽيءَ جو بٽن نظر نه ٿو اچي ۽ اتي هٽ سان آڱرين جي ڏوڏن سان دروازي تي ٽڪ ٽڪ ڪري ٿو. دروازو هڪ ڪڙڪو ڪري کلي ٿو پوي ۽ منجهس ڪڙتو پائجامو پهريل هڪ ڀـيڙو بيٺو، سوالي نگاهن سان ڪمل ڏانهن نهاري رهيو آهي.

ڪمل ٻڌي جي شخصيت، خوبصورتي ڏسي پڪ ئي پڪ سمجهي ٿو وڃي ته مسٽر ڪپور هيءُ ئي آهي. مگر ڪيس مسٽر ڪپور ڪري سڏي يا مسٽر ڪوپر ڪري سڏي. پاڻ ٻاهر لٽڪندڙ پراڻي بوربڊن سان ڪنهن ٻ هڪ نالي واري بورڊ تي خاص غور نه ڪيو هٽائين ۽ شرما ڪيس چيو هٿو ته مسٽر ڪپور کي مسٽر ڪوپر ڪري سڏڻ سان، هو خوش ٿيندو آهي. پر الائي ڇو هو هن کي مسٽر ڪوپر ڪري ڇڄي نه سگهيو.

"ڇٿو مسٽر! ڪنهن ۾ ڪم اٿو؟"

"اوه! مان مسٽر ڪپور..... هيءَ ڇڻي مسٽر شرما آن لاءِ ڏني آهي."

"مان ئي ڪپور آهيان. اڇ اڇ اندر اڇ!" ۽ مسٽر ڪپور جو هٽ اڇي ڪمل جي هٽ سان ملايو. هڙو نرم، هڙو ملائم هٽ هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن جو ٻ نه ڏٺو هو.

۽ ڪمل مسٽر ڪپور جي ٻڌيان ٻڌيان ڪاهي پاسي واري در اندر هليو وڃي ٿو. ڪمري ۾ گهرڻ سان ئي ڪمل جو دماغ هڪ تمام مٺيءَ خوشبوءَ سان معطر ٿي ٿو وڃي. هڪ تمام وڏو عاليشان در ڊرائنگ روم بلڪل پراڻي ڊنگ جي فرنيچر سان سينگاريل آهي ۽ مٿي ڇت ۾ تمام پراڻا ۽ خوبصورت جهاڙ ۽ فانوس لٽڪي رهيا آهن.

"ويهو نا!" ڪوچ طرف اشارو ڪندي مسٽر ڪپور چوي ٿو ۽ ڪمل ڪوچ تي ويهندي سامهون نهاري ٿو. سامهون وڏو جارو آهي جنهن ۾ ٽي طاق آهـن، جي ڏرمي تصويرن سان ڀريا پيا آهن.

گاڊ جيسس سان گڏ ڪرشن ۽ رام جون مورتون لڳل آهـن. ماتا مريم سان گڏ لڪشمي ۽ سرسوتي ويٺيون آهـن. شيو، برهما، گڻيش ۽ هنومان ٻ براجمان آهن

۽ انهن سيني تي تازا گل چڙهيل آهن. سيني جي اڳيان هڪ وڏو ڏوپدان رکيل آهي جنهن ۾ ڏوپ جلي سڄي ڪمري ۾ هڪار ڦهلائي رهيو آهي.

ڪمل سوچي ٿو ته عجيب ميل آهي ديوتائن جو. هن ديوتائن جو اهڙو ميل ڪڏهن به نه ڏٺو هو.

مسٽر ڪوپر چئي پڙهي، سامهون ٽيبل تي رکندي چوي ٿو، "ها! ته مسٽر ڪمل! توهان به ريلوي جي اڪائونٽس ڊپارٽمينٽ ۾ ئي آهيون."

"ها!"

"۽ مان به ريلوي ۾ هوس. ڏهه سال ٿيا رٽائر ڪئي. سينئر اڪائونٽس آفيسر ٿي رٽائر ڪيم. توکي گهڻا سال ٿيا آهن ريلوي ۾ نوڪريءَ ڪندي؟"

"اِهي ئي ڏهاڪو ڪن سال!"

"ڏهه سال! تنهنجي معنيٰ منهنجي ريلوي چڙڻ ۽ تنهنجي اچڻ جي عمر ساڳي آهي! پلا ڪوڊ پارٽمينل امتحان پاس ڪيو اٿو!"

"ها! هاڻي مان سينئر اڪائونٽنٽ آهيان!"

"اوه ويري گڊ، ويري گڊ! ايتريءَ ننڍيءَ ۾ ايتري ترقي. تون مسٽر ڪنا ڪي ته سڃاڻندو هوندين؟"

"نه! پر نالو ٻڌو اٿم. اڄ ڪلهه هو به سينئر اڪائونٽس آفيسر آهي."

"ها، هو مون ڪان ڪافي جونيئر هو. پر ماڻهو واه جو هو. توکي خبر آهي ڪارفڪ برج، جو وڏي ۾ وڏو فراڊ پڪڙيو هو، جو برابر ڏهن سالن ڪان فراڊ ٿيندو رهيو ۽ ان ڪان اڳ ڪنهن به نه پڪڙيو. پر بدقسمتي! آفرين، پروموشن وغيره ته ڇڏو. هيءُ ئي چارج شيٽ ڏئي، ڪيس رورٽ ڪيو ويو. هيءُ آهي اسان جي پنهنجي سرڪار! نه ته هينئر هو ڊپٽي هجي ..... اوه! ڊارلنگ! هي آهي مسٽر ڪمل!"

ڪمل نهاري ٿو. هڪ ڪاري ۽ ٽلهي ٻڌي! سڪرٽ ۽ بلائوز ۾ بيٺي آهي ۽ ٻئي هٿ جوڙي ڪمل "نمستي" ڪري ٿو.

"نمستي" ۽ هوءَ ويهي ٽي رهي ۽ مسٽر ڪپور هن کي ٻڌائي ٿو، "هيءُ ريلوي ۾ سينئر اڪائونٽنٽ آهي ۽ مسٽر شرما موڪليو اٿس."

"ها! ته مسٽر ڪمل، توهان بمبئيءَ ۾ رهندا آهيو؟"

"ها!"

"هت ڪڏهن بدلي ٿيو؟"

"اڪل چار مهنا ٿيا!"

"شادي شده آهيو؟"

"نه؟"

"چو پلا شادي چو نه ڪئي اٿو. عمر گهٽي ٿيندو."

"اِهي ئي اوٽيهه ٽيهه سال!"

"۽ تعليم."

"ايم-ڪام آهيان."

"اڙي پائي واه! تون ته تمام هوشيار ٿو ڏسجين. نوڪري، ريلوي جا امتحان ۽ هي سڀ پرائيويٽ ۾ پڙهائي. ڏسجانءِ رٽائرمينٽ تائين پڪ ئي پڪ تون ڊپٽي ٿي ويندي. پر هاڻي توکي شادي ڪرڻ ئي گهرجي."

"ڪٻي!"

"اڙي پائي ٻيو ٽي ڪندين چا!" ۽ مسٽر ڪپور ڪلي ٽو ۽ ان سان گڏ ڪمل به ڪلي ٿو.

"باءِ د وي. مسٽر ڪمل هڪ سوال پڇانو . برو ته نه مڃيندا....."

"ڊيڊي ڊيڊي! اسان جي ڪڪڙ ڪي سولومن جي ڪتي ٽنگ ۾ چڪ هڻي ڪيڏو آهي، ڏسو نه!"

ڪمل نهاري ٿو. هڪ سو سيڪڙو ڪرسچن جوان چوڪري پنهنجي هنج ۾ ڪڪڙ ڪٽي بيٺي آهي ۽ مسٽر ڪوپر تڙڪڙ ۾ اٿي ٿو. "ڏسان ڏسان! ان سولومن جي پٽ ڪي هزار ٻيرا چيو اٿم ته ڪتي ڪي ڪيڏي چڏ نه ته تون ئي منهنجي جڳهه چڏي وڃ، مگر هو ٻڌي ڪونه ٿو. پر هاڻي ڪيس ڪنهن به حالت ۾ ڪونه چڏيندس. ڪتي جو پٽ!" ۽ ڪڪڙ کي ڏاڍي لاڏ سان پچڪاري ٿو، پيار ڪري ٿو ۽ وري اڇي صوفا تي ويهي ٿو، "ها ته مسٽر ڪمل! مون ٽي چيو، توهان جو انٽرڪاسٽ شادين لاءِ چا رايو آهي؟"

ڪمل اهو سوال ٻڌي، پهرين ته وائڙو ٿي ٽو وڃي. مگر هڪدم پاڻ کي نارمل ڪندي چوي ٿو، "مان بلڪل آزاد طبع آهيان. اڄ جي زماني ۾ اهي تنگدليءَ جون گالهيون؟ واه واه! بس چوڪرو چوڪري رڳو پاڻ ۾ ٺهڪي اچن پوءِ جات پات کي چا ڪيو؟"

"شاباس! مسٽر ڪمل! مان به تو جيان بلڪل آزاد طبع آهيان. ڏس نه مان به ڪرسچن سان شادي ڪئي ۽ هو ڏس سامهون جاري ۾ هن جا پگهوان ۽ منهنجا پگهوان گڏ ويٺا آهن. ٻنهين کي هڪ ٻئي جي ديوي ديوتائن لاءِ عزت آهي ۽ روزيءَ جي به ساڳي حالت آهي. اسان ٻنهين مان ڏرم جي معاملي ۾ ڪنهن جو به منهن نه ڏٺائ ڪونهي. هوءَ آرتوار ڏينهن چرچ ۾ وڃي ته سومر ڏينهن شوَ تي لوٽي چاڙهي ۽ منهنجا مٽ مائٽ مونکي ڪپور ڪري سڏين ۽ هن جا مٽ مائٽ ڪوپر ڪري سڏين."

ڪمل ڪجهه به وڌيڪ ڪڇڻ نه ٿي چاهيو مگر هڪ نگاهه پهرين مس روزيءَ تي وجهي، وري مسٽر ڪپور ڏانهن نهاري ٿو.

مسٽر ڪپور پنهنجي چيڙيل ڳالهه ڪي جـڻ اڃا بـه واضع ڪندي چوي ٿو، "ڀ ٻڌ! هيءُ جيڪا بلڊنگ آهي نه، سا به بمبئيءَ جيان ڪاسمو پوليٽن آهي. هن ۾ هر مذهب ۽ هر طبقي جا ماڻهو آهن. اٽڪل پنجاهه ڪن گهر آهن."

ڪمل پنهنجي پاڻ ڪي ڪچ ان ايزي محسوس ٿو ڪري ۽ مسٽر ڪپور هڪ نظر روزيءَ تي وجهي جڏ ڪجهه ياد ڪندي چوي ٿو، "اڙي، آءِ-ايم-ساري مون توهان جي واقفيت ٿي ڪونه ڪرائي. هيءُ آهي منهنجي ڏيءَ روزي! ۽ هيءُ آهي مسٽر ڪمل ريلوي اڪائونٽس آفيس ۾ سينئر اڪائونٽنٽ آهي! بس ٽن چئن سالن ۾ اڪائونٽس آفيسر ٿي ويندو."

روزيءَ اکين جي پتلين کي نچائي، لبن تي مسڪراهٽ آڻي، 'هيلو' ڪري ٿي.

"هيلو!" ڪمل به اوترو ئي ننڍڙو جواب ٿو ڏئي.

"اڙي، پر روزي پٽ! رڳو 'هيلو' مان ڪجهه ڪونه ورندو. مسٽر ڪمل لاءِ ڪجهه چانهه وغيره جو بندوبست ته ڪري وڃ."

۽ روزي هڪ نظر ڪمل ڏي اڇلندي، ڪڙ ڪي چمي ڏيندي اٿي ٽـي ۽ ڪمر کي لچڪائيندي هلي ٿي وڃي.

"مسٽر ڪمل، توهان کي هاڻي شادي ڪري ڇڏڻ گهرجي."

"هون! ها!!" ڪمل جڏ ڪٽان موٽي آيو.

"ڏس نه! مون جڏهن شادي ڪئي .... واه! ڏهن ته زمانو ٿي اور هو. منهنجو روزيءَ جي ماءُ سان لُو ٿي ويو هـو. پر سائين لُو لُو کي ڪير ٿو پڇي. منهنجا مائٽ چون ته ڪرسچن سان شادي ڪئين ڪبي ۽ ڪرسچن چـون ته ڏرم بدلائي، پـوءِ شادي پلي ڪر. پائي عشق انڌو! پلا پيار ۾ ڪهڙو ڳچوان. مـان ته ڪرسچن بنجي ويس. پهرين مائٽ ٽورو ناراض ٿيا ۽ آخر ۾ سڀ ڏهي وياسين. پلا لٽ ۽ پاڻي ڪڏهن جدا ٿيا؟ هونءَ به اسان جون ڪپور فئملیز فارورڈ آهن.

ڪمل کي ڪجهه ياد ٿو اچي. شرما جـي هڪ دوست هڪ پيري چيو هو، 'هي جيڪي ڪپور هتي ڏسين ٿو نه، جيڪي لکنو جي نوابن ۽ پينشنبردارن کان پاڻ کي ڪنهن به حالت ۾ گهٽ نه ٿا سمجهن. اهي سڀ مسٽر فريزر جو جو اولاد آهن! فريزر آهـو جنهن جـي نالي سان هـيءُ مال روڊ کي ڪراس ڪندڙ روڊ آهي ۽ هو پٺيان گاه جو بنگلا ٺاهي ٿيئي، ان ۾ هر رات هڪ محفل ٿيندي هئي ۽ هر رات هڪ جنم ونندو هو.'

"هاڻي ته زمانو ڏاڍو فارورڈ ٿي ويو آهي. ماءُ پيءُ، مٽن مائٽن ۽ خاندان وغيره کي ڪير ٿو پڇي، اپني گهوٽ تـو نشا هووئي." ڪپور جو ڳالهائڻ بدستور جاري رهيو، "ڏس نه! جن مٽن مائٽن منهنجي مخالفت ٿي ڪئي، اڄ اهي منهنجو مائٽ سڏائڻ ۾ فخر ٿا ونن."

”منهنجو هڪ پائٽيو آهي، پائٽيو چا آهي، وڏو آواره آهي. پٽيان اچي پيو آهي ته گود جو پٽ ڪري ڪٽانس. هن جون اکيون منهنجي هن بلڊنگ ۾ آهن، جنهن جي مسواڙ پورا پارهن سؤ اچن ٿا. پر مان ته سڀ ڪجهه پنهنجي ڏيءُ جي نالي ڪري ڇڏيو آهي. هڪ ئي ته ڏيءُ اٿر.“

ڪمل واچ ۾ ٽائر ڏسي ٿو. ڪيس پڪچر تي ۾ وڇٽو آهي. دير ٿي رهي آهي.

”ڊئڊي، ڊئڊي! هاڻ چانهه پيئو.“ ۽ روزيءَ اکين جي پتلين کي نچائيندي چوي ٿي ۽ نوڪر کي ٽري رکڻ لاءِ اشارو ڪري ٿي. نوڪر جي وڃڻ بعد. هڪدم پليٽون هنن اڳيان رکي چانهه ٺاهڻ لڳي ٿي.

”ها ته مسٽر ڪمل هن وقت ڪٿي رهندا آهيو.“

”پلازا روڊ تي.“

”اڇا! ته پوءِ اتي.....“

”ڊئڊي! ڇڏيو انهن گالهين کي. پهرين چانهه پيئو.“

”چگو چگو! تون ناراض نه ٿيءُ!“ مسٽر ڪپور ڪلندي چوي ٿو ۽ چمچو وات ۾ وجهندي وري چوي ٿو. روزي! ناشتي بعد مسٽر ڪمل کي جاءِ ته ڏيکاري اچج.“

”اوڪي، ڊئڊي!“ چنچل روزي ڪنڌ کي هڪ عجيب انداز سان لوڏو ڏئي ٿي.

۽ چانهه پوري ٿيڻ شرط ئي روزي بنا ٽائر وڃائڻ جي ڪمل کي چوي ٿي.

”آئو مسٽر ڪمل! مان توهان کي گهمائي اچان.“

۽ ڪمل روزيءَ سان گڏ گڏ بلڊنگ ۾ اندر وڃي ٿو. ”ڪيئن ڊئڊي سان خوب گالهيون ڪيون، اسان جو ڊئڊي ۽ ڊئڊي اٿو. اگر مان نه اچان هان ته اڄ سڄو ڏينهن توهان سان گالهيون ڪندو رهي ها.“

”ها! ڪمل مسڪرائي روزيءَ جي اکين ۾ نهارندي چوي ٿو. روزيءَ جي اکين ۾ هڪ عجيب چمڪ آهي.

”او ـ هو سامهون مٽي پروفيسر گپتا رهندو آهي ۽ ان جي هيٺان ورڪشاپ جو احمد خان ۽ هت .... پلا توهان ناول پڙهندا آهيو. پيريميسن، پي - جي - وڊ هائوس ۽ هنديءَ ۾ گلشن نندا واه! چا ته رومانٽڪ لڪندو آهي. مزو اچي ويندو آهي.“

۽ ڪمل صرف هن جي چنچل اکين ڏانهن نهارندو ٿو رهي.

”ائين وندر جي خيال کان هرقسم جون پڪچر ڏسندو آهيان. ان معاملي ۾ مون هرويرو پاڻ تي ڪو خاص پنڌ نه رکيو آهي.

”پلا توهان کڙڪيءَ ڪلب ۾ ويندا آهيو؟ اسان جي ڪلب ۾ هر روز نئون پروگرام ٿيندو آهي ..... هيءُ اسان جي جگه جو پورشن خالي آهي. هن ۾ هڪ مسواڙي تمام گهٽي وقت کان رهندو هئو. ڏاڍو خراب ماڻهو هئو. سيني کي ڏاڍو

تنگ ڪيائين..... شايد هن حصي ڪي ئي ڪو ور مليل آهي. جيڪو مسواڙي وهي، سو پڪ ئي پڪ ڏنگو هجي. ڪا نہ ڪا منجهس ضرور خرابي هوندي ۽ هاڻي ته ڀڏبيءَ سوچي ڇڏيو آهي ته اِهو حصو ڪنهن ڪي بہ مسواڙ تي ناهي ڏيڻو! ان ڪري ڪيتري وقت ڪان خالي پيو آهي." ۽ هوءَ اڳتي وڌي دروازو کولي ٿي، "ڏس پـ ڪمرا، هو هن طرف بہ دروازو، هي ڪِچن، سڀ ڪجهہ اٿس. مگر ڪا تہ گڙبڙ آهي جو ڪير بہ اچي ٿو ۽ جهڳڙو ڪڍي اچي ٿو."

"هون!" ۽ ڪمل چٽي طرف نهاري ٿو ۽ باهر نڪري ٿو اچي.

"توهان کي گل ڪهڙا وٽندا آهن؟"

"....."

"سچي دنيا کي گلاب وٽندو آهي، مگر مونکي موتيو وٽندو آهي."

ڪمل هڪ پيرو وري هن حي اکين ۾ نهاري ٿو.

"توهين تمام سرد نيچر جا آهيو! ڳالهايو ڪي ڪونہ ٿا! بمبئيءَ ۾ رهي اڃا بہ فارملٽيز ۽ ڪمپنيءَ ..... توهان جي اهڙا ڪولڊ رهيا تہ اڳتي ڪيئن نيندي؟ مان تہ سمجهو تہ مزو اچي ويندو...." ۽ جڳهہ جو چڪر پورو ڪري، هو واپس ڊرائنگ روم ۾ پهچي وڃن ٿا.

ڪمل واچ ڏسندي چوي ٿو، "چگو پلا مسٽر ڪپور! هاڻي اجازت هجي تہ....!" ۽ دروازي طرف وڌي وڃي ٿو.

مسٽر ڪپور اٽندي چوي ٿـو، "چگو، پر تـو ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو. مان ڇا سمجهان؟"

"..... ....."

"اڙي پائي پنهنجي ارادي کان تہ واقف ڪر نہ!"

".... مونکي نہ وڻي!"

"تو کي پسند نہ پيئي.... پر ڇو؟ ڪهڙي ڪمي آهي منجهس!" مسٽر ڪپور ويجهو اچي پڇي ٿو.

ڪمل ٿورو پٽتي مڙي هڪ پيرو روزيءَ ڏي نهاري ٿـو ۽ پـوءِ مسٽر ڪپور ڏي سڌو نهاريندي چوي ٿو، "اندر اوندهہ آهي ۽ منجهس هوا جو بہ پورو گذر ناهي...." ۽ ڪمل ٽڪڙو ٽڪڙو ڏاڪا لهي هليو ٿو وڃي، ۽ مسٽر ڪپور بہ ڦ قدم هيٺ لهي اچـي ٿو ۽ ان جـي پٺيان روزي بہ. مسٽر ڪپور مڙي پٺ ڏي نهاري ٿـو، جتي Tolet جو ڀراٽو بورڊ لٽڪي رهيو آهي.

# ائين نہ ماريو يار

رات جا ڏهه آهن، ميري بستري تي سيءَ ۾ ٽونٽڙو ويٺو آهيان، پنهنجي سنڌ ۽ دنيا جي ڦرندڙ حالتن تي ويٺو سوچيان. ڪمري ۾ هڪ ڪاٺ جي ڪرسي آهي، ٽيبل تي ميرو پوش پيل آهي. پرواري ڪٽ تي به ڪيڙيون هڪ زال بستري پوري نہ هڻڻ ڪري گڏ ستيون پيون آهن.

مونکي نند نٿي اچي، ڪوشش ڪيو ڪريان تہ ڪيئن بہ ڪري سمهان، انهن ڳالهين کي وساري ڇڏيان، زندگيءَ ۾ اهڙا ڪيترا اتفاق ٿين ٿا، انسان ويچارو خبر نہ آهي ڪهڙا ڪهڙا ڏک پيو وڃي. دل ۾ ڪئين ڳالهيون سانديو بہ پيو هلي، اها ڳالهہ بہ انهن سان، پر حساس طبيعت وري اهڙي آهي جو لڙڪ پرجيو اچن، پنهنجا ويڙ وڌيو وجهن جيڪو نہ چاڻي انهن تي ڪهڙي ميار.

ڳالهہ پراڻي ڪانهي، گذريل تاريخ، سنڌ جي آزاديءَ بابت سڃڻ سڌ ڪيو. بہ روپيہ کيسي ۾ هئا، چار روپيہ پيڙ کان اڳارا وٽي صبح جو سيءَ ۾ ڏکندو، ست ميل ڪري اچي حيدرآباد پهتس. پتو پيو تہ اهو ميڙ سنڌ جي وڏي هوٽل ۾ ٽي رهيو آهي. ٽائيلس تان ترکندو، مضمون جو سلسلو جوڙيندو تہ قومون ڪيئن مرنديون آهن، زبانون ڪڏهن ختم ٿينديون آهن، سو بہ هن دور ۾ جت سٺ لک تہ پري ٿيا، پر هزارن جي ڳاڙهتي واريون قومون بہ فخر سان ڳٽجي رهيون آهن، اسان کان تہ جت جتوئي، خاصخيلي، گبول، مهاڻا، ميربحر بہ ختم ڪونہ ٿا ٿين، انهن کي بہ صديون ٿي ويون آهن. رهيو پوليءَ جو معاملو، سنڌي زبان جي ختم ڪرڻ وارڻ جي وس ۾ آهي تہ چا بہ سوچين پر اسان تہ ڏسندا آيا آهيون تہ پيو ڪهيو ڪوڪڙي زبان جن کي ڪوبہ اسڪول پڙهائيءَ لاءِ ڪونہ آهي، اها بہ صدين کان زندهہ آهي ۽ رهندي، پر جڏهن هي رت پئندڙ دور ختم ٿيندو، جڏهن آدم جي، سهگل ۽ داؤد نہ رهندا. جڏهن سنڌ ايگريڪلچر فارم هوندا، سنڌ ٽيڪسٽائيل ملز هونديون، سنڌ شگر ملز هونديون، سنڌ ريلوي، سنڌ ٽرانسپورٽ وغيره. ائين سوچيندو دروازي وٽ پهتس. حال ڪچاڪچ سٽيو پيو هو، 'سنڌ جي تهذيب ثقافت' هڪ همراهہ ٽائيءَ سان لفظن جي وهڪري کي نڙيءَ کان ٻاهر ڪڍندي ٽي ويو. مونکي لکنو جي تهذيب بہ نظر نہ آئي، نہ ڪا دکن جي شيرواني، عجيب پهروپي هئي دنيا. باهہ ڪٽان پري آهي، جهيڙو ڪهڙي ڳالهہ تان آهي. ڀڙو وم تہ نوڪرين تان همراهہ لڳا آهن.

مون تي رضاڪار دوست جي نظر پئي. چاتل سچاتل هوس. سنڌ جي تباهيءَ تي راتيون بحث ڪيو هئوسين. گويرا، لومبا، هوچي، ريڊگارڊس، دنيا جي ڪهڑي تحريڪ هئي جنهن تي اسان راتين جون راتيون بحث نه ڪيو هجي. خاص طرح پٽن اگهاڙا سنڌي، بنا اجهي ان پيدا ڪندڙ هاري، ساري زندگي چوديواريءَ ۾ گذارينڊڙ سنڌي عورت. هي رڙهي مون تائين آيو. پتلون تائيءَ ساٿيءَ جو ذهني حسن وڌائي ڇڏيو هو، خوشيءَ ۾ نه پئي ماپيو، ڇڪ سنڌ جي آزاديءَ جو جشن هو. چيائين، "اوهان دير سان پهتا آهيو، دل ۾ نه ڪج، بيهڻو پوندءِ." چيومانس، "ڪائي گاله نه آهي."

انهيءَ محل همراهه هڪڙي ڪاري ڪوٺ ۾ گاڙهيءَ تائيءَ واري ڪي پنهنجي اڳواڻيءَ ۾ وٺي وڃي پهرين صف ۾ ويهاريو. مون هن ۾ نگاه ڪئي پاڻ ۾ به. منهنجي قميص جو هڪ بٽڻ ٽٽل هو. گلي ڪي هٽ سان ناهي ٽڏو ساه پري قوميت تي ٻيهي ليڪچر ٻڌم. منهنجي دوست هڪ پيرو وري به پنهنجي مجبوريءَ جو اظهار ڪيو. مون ڪوبه جواب ڪونه ڏنو. ڪجهه دير ڪان پوءِ ٽن ڏهيل جڙيل صاحبن جي اڳواڻي ڪندو پئي ويو، جن مان هڪ برٽ ڪنٽرول جو صاحب هو، ٻيو ريڊئي جو، ٽيون اخبار جو، جيڪي لاهور کان پهتا هئا. انهيءَ گهڙيءَ جيڪو دوست قوميت تي گاله‌ائي رهيو هو سو به "زنده شل سنڌ رهي، اسين نه رهياسين ته ڇا ٿيو" شعر چئي اچي انهن جي پاسي ۾ ٽهڪ ڏيڻ ويٺو.

مون وري پاڻ ۾ نهاريو. سليپر پالش ٿيل نه هو، سلوار قميص گهر جا ڌوتل هئا، وارن ۾ تيل نه هو، ادیب ٿيس ته ڇا ٿيو، سنڌيت ڪهڑي ڪم جي. ڏنل وائدل ماٺهن تان نظر ڦيرائيندو، ترڪندو، هڪ پاڻين جا رڦندو راتو واهه اچي گهر پهتو آهيان، ويٺو سوچيان ته هن جڳه ۾ ڪير پنهنجو آهي، ڪير پرائو.

---

شوڪت حسين

# ٻہ نندڙيون ڪهاڻيون

## جئي سنڌ:

مان جيئن ئي سندس ڪمري ۾ گهڙيس، تہ حيران رهجي ويس. هو اڪيون پوري تمام گهٽي سادگي ۽ نماڻائي سان، هٿن ۾ تسبيح جهلي ڪجهہ پڙهي رهيو هو. هن جو اهو نئون روپ ڏسي مان پل کن جي لاءِ وائڙو بنجي بيهي رهيس. مان ڪيس گهٽي وقت کان سڃاڻندو هوس، هو منهنجو ويجهو دوست هو؛ پر مونکي اها خبر ڪانہ هئي تہ هن ڪڏهن کان وظيفا پڙهڻ شروع ڪيا!

"سبحان الله!"

هن چرڪي مون ڏانهن نهاريو، ۽ تسبح هيٺ لڪائي چڏيائين.

مون ڪلي چيو، "لڪائين ڇو ٿو؟ تو کو خراب ڪم تہ ڪونہ ٻڌي ڪيو. اهو تہ ٻڌاءِ، وظيفو ڪهڙو هو؟"

هن گهٽي نٽائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر نيٺ منهنجي ضد ڪرڻ تي ٻڌايائين تہ پاڻ تسبيح تي 'جئي سنڌ' جو وظيفو پڙهي رهيو هو. مونکي ڪل اچي ويئي، پر وري يڪدم ڪاوڙ وٺي ويئي.

"اهو ڪم سيد ۽ پير صدين کان ڪندا پيا اچن ۽ سنڌين کي انڌو، گونگو ۽ ٻوڙو بنائي ڪين ڦريندا لٽيندا رهيا آهن. باقي سنڌين ۾ رهيو ڇا آهي!"

هن وراٽيو، "تو غلط سمجهيو آهي، ياءُ! 'جئي سنڌ' جو وظيفو انڌن، گونگن ۽ ٻوڙن سنڌين کي سجاڳ ڪري چڏيندو."

مون ڪاوڙ مان چيو، "مونکي خبر ڪانہ هئي، تہ تون نہ رڳو بيوقوف آهين، پر گيدي پڻ آهين. سنڌ انهن ڪالهين ۽ طريقن هيٺ تہ ڏيجي ويئي آهي. تون 'جئي سنڌ' تسبيح تي پڙهي، جڏ ان جي جنازي نماز ٿو پڙهين. ٻڌندڙ کي بچائيو يا هٽ سان ٻوڙيو آهي! اسان ۾ ايتري جرئت ڪانهي جو 'جئي سنڌ' جو نعرو ڏاڍيان هٽي سگهون."

هن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي سانتيڪي آواز ۾ چيو، "تون صحيح آهين ادا! پر اهو ڇو ٿو وسارين تہ اسان جي انڌن، گونگن ۽ ٻوڙن وڏن اسان کي سواءِ تسبيح جي ٻيو ڇا هي ڏنو؟ مان چاهيان ٿو تہ اسين 'جئي سنڌ' جا اکر تسبيح تي پڙهي پڙهي ڪمزور دلين کي ايترو پڪو ۽ مضبوط بنايون، جو هڪ ئي دڙڪي سان اسان جو نعرو بند نہ ٿي وڃي، ۽ تڏهن اسين پنهنجي پوري طاقت سان اهو نعرو هٽنداسين، پوءِ سمورا ڪوٽ ۽ ڪڙا ٽٽي پوندا."

## آزادي:

هڪڙو طوطو آزاد ۽ ڪلي فضائن ۾ اڏامندو ڪنهن گهر تي اچي ويٺو. اوچتو هن جي نظر اڳڻ ۾ ٽنگيل پنجري ۾ بند ٽيل طوطي تي پيئي. پنهنجي هڪ پاءُ کي باندي ڏسي هن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. ويجهو ٿـي، ڏک ڀريل آواز ۾ چيائين، "قدرت انسان کي آزاد رهڻ جي لاءِ خلقيو آهي، پر هـي ڪهڙو نہ ظلم آهي، جو ماڻهو انسان جا قدرتي حق کسي انسان کي ائين غلامي جـي پنجري ۾ بند ڪريو ڇڏين."

غلام طوطي، جنهن پنجري ۾ جهوڻا پئي کاڌا، آواز تي ڪنڌ مٿي کڻي، اکيون ڦرڦائي هن ڏي ڏٺو، پوءِ هڪ رڙ ڪري چيائين، "چا ٿو چئين! مونکي اهي بغاوتي ۽ سياسي ڳالهيون بلڪل پسند ڪونہ آهن."

آزاد طوطي چيو، "اهي اکر تہ ماڻهو استعمال ڪندا آهن، ۽ هنن جي غلاميءَ ۾ رهي تون اهي اکر سکي ويو آهين. مون جهڙي آزاد طوطي کي انهن جـي ڪابہ ضرورت ڪانهي. منهنجي دل تہ هڪ پاءُ کي باندي ڏسي ڪڙهي ٿـي. مان پنهنجن پائرن سان گڏجي هـن پنجري کي ٽوڙي توکي آزاد ڪرائيندس."

غلام طوطي پنجري ۾ پڙڪو کائـي رڙ ڪئي، "بند ڪر پنهنجي اها بڪواس! مان هن پنجري جو انوٺ، ڪڏهن بہ ڏار نہ ٿيندڙ حصو آهيان. تون آزادي ۽ بغاوت جي نالي ۾ مون جهڙن نمڪ حلال طوطن کي پڙڪائڻ ۽ استعمال ڪرڻ چاهين ٿو. هڻڙي سهڻي پنجري کـي ٽٽڻ ڪيئن ڏبو.... ڪيئن ٽٽڻ ڏبو!"

آزاد طوطي کان هڪ وڏو ٿهڪ نڪري ويو. هن چيو، "دوست، آزاديءَ جي زندگي جو هڪ ڏينهن، غلاميءَ واري حياتيءَ جي سؤ سالن کان وڌيڪ بهتر آهي، ۽ جيڪو آزاديءَ خاطر نٿو ڪسي، سو انسان جي ڪڙم مان ناهي. تون تہ نمڪ حلالي جي نالي ۾ پنهنجن آقائن جي اشاري تي هوليون هولين ۽ نچين ٽپين ٿو. منهنجا پاءُ، تنهنجو ڏهن غلاميءَ ۾ رنگجي چڪو آهي. تـون پنجري جي گهٽ پوسات ۽ ڪني بوءِ تي اهڙو هري ويو آهين، جو رگـو آزادي جي ڳالهہ جـو هلڪو جهوٽو توکي ڪيڏي تڪليف ٿو پهچائي! مبارڪ هجن توکي اهـي پنجري جون سيخون، انسان جي منزل تہ آزاد فضائن ۾ آهي."

غلام طوطي بيزار ٿي چيو، "چگو چگو، گهٽ پوسات ۽ ڪني بوءِ هن سهڻي پنجري جـو پنهنجو مسئلو آهي، تنهنجو ان سان ڪوبہ تعلق ڪونهي. وڏو آيـو آهي آزادي ڏيارڻ، سواءِ بڪواس ڪرڻ ۽ هيڏانهن هوڏانهن رلڻ جـي ٻيو اوهان ڇـا ٿا ڪريو! اوهان جاهل آهيو، نڪما آهيو، ڪاهل آهيو، ڪم چور آهيو، هليو وڃ هتان، هون." پوءِ هو اکيون پوٽي، ڪنڌ لاڙي جهوٽا کائڻ لڳو. آزاد طوطي جي اکين مان لڙڪ ڪري پيا، ۽ پوءِ هو آزاد فضائن ۾ اڏامي ويو.

# وڇڙو

هيءُ ڪهاڻي دنيا جي مشهور روسي افسانه ۽ ناول نگار ميخائيل شولوخوف جي لکيل آهي، جنهن جي فن جي عظمت کي خود مغربي دنيا به تسليم ڪيو آهي ۽ ڪيس ادب جو عالمي شهرت وارو نوبل انعام ڏنو آهي. شولوخوف هن دنيا جي اعليٰ اديبن جي پهرين صف ۾ شمار ٿئي ٿو ۽ سوويت يونين ۾ ڪيس 'تالستاءِ' وارو رتبو ڏنو وڃي ٿو. ڪهاڻيءَ جو سنڌي ترجمو اسان جي پياري پاڻ آتم ڪيو آهي، جو سنڌي زبان جو مشهور ادب ۽ رسالي "نئين دنيا" جو ايڊيٽر آهي. هيءُ ڪهاڻي "نئين دنيا" مارچ ۱۹۶۷ع تان شڪريي سان ورتل آهي.

— ادارو

ٽروفم جڏهن ٻيو دفعو آواز ٻڌو، تڏهن هو گهران نڪري طبيلي ڏانهن هليو. جڏهن گهوڙي جي تازي جنم ڏنل وڇڙي کي ڏسندو ۽ ڏائيندو ڏٺائين، تڏهن زبان مان اکر نہ آکليس ۽ پنهنجا ڪيسا قوليندي سگريٽ ڪيي ڏکايائين، "سو نيٺ تو ٻچو ڇٽيو؟ ڏاڍو سٺو وقت ڳوليئم!" ٽروفم جي آواز ۾ ذرا ڪوڙاڻ هئي.

گهوڙيءَ جي پاسن کان ڪک کانا ۽ گاهه پيا هئا. هوءَ ڏاڍي سنهي سيپٽ ۽ ڪمزور ٿي لڳي، ليڪن اکيون ڪنهن فخر لائق ٽڪ گاڏڙ خوشيءَ وچان ٿي چمڪيس. سندس مٿئين ريشمي چپ تي مرڪ نمودار هئي يا شايد ٽروفم کي ائين ٿي لڳي. جڏهن گهوڙيءَ کاڏي جي ڪوٽري سان پڌل منهن سان هڪار ڪئي، تڏهن ٽروفم دروازي وٽ جهڪي گهوڙيءَ جي ٻچي کي دشمناڻي ۽ حيرت پري نظر سان گهوري ڏٺو، "مان هاڻي هن کي ڪيڏانهن ڪندس؟"

نيم اونداهي طبيلي جي خاموشيءَ کي هڪ سنهي ٽڙٽڙ جـي آواز پئي ٽوڙيو ۽ در جي چوُرٽ مان سڄ جا سونهري ڪرڻا گهسڻ لاءِ ماندا هئا. انهن ڪرڻن جي روشنيءَ ۾ ٽروفر جون ناسيريون مڇون ۽ ڏاڙهيءَ جا سنها وار مشعلن وانگر ٽي ٻريا.

وڇڙو پنهنجين سنهڙين مخملي ٽنگن تي ائين بيٺو هو، جڙ ڪو راندیڪو هو.

ٽروفر سگريٽ جي رک چنڊيندي پاڻ کي چيو، "چو نہ ماري ڇڏيانس؟"

گهوڙيءَ پنهنجي مشعال جهڙين اکين جـي ٽيڏي نظر سان پنهنجي مالڪ ڏانهن نهاريو.

پلٽڻ جو مهندار پنهنجي هٿ ۾ چانهه پريل پتل جـو ڪوپ جهلي بيٺو هو، ائين جيئن ڪنهن تي حملو ڪرڻ لاءِ بندوق جهلينڊو هجي. هو بتيءَ ڏانهن ننڊاکڙو نهاري رهيو هو.

"مونکي هن کي مارڻو ئي پوندو. هن وڇڙي کـي ڪٽي هلڻ سان اسين جهڙا خانہ بدوش پيا لـڳنداسين." ٽروفر جڙ اعلان ڪيو.

"هون؟ مون پڙ ائين ئي ٽـي چيو، برابر جهڙا خانہ بدوش، ۽ جيڪڏهن وڏو آفيسر اچي وڃي تہ؟"

"برابر آفيسر پلٽڻ چڪاسڻ لاءِ اچي ۽ اوڏيءَ مهل جي هـي وڇڙو ٽينگ ٽپا ڏيڻ شروع ڪري تہ اها سڄي لال فوج ۾ اسان لاءِ شرم جي ڳالهہ ٿيندي."

"ٽروفر، مون کي تہ سمجهہ ۾ ئي نٿو اچي تہ تو هـي سڀ ڪيئن ٿيڻ ڏنو. جنگ هلندي هيءَ ڳالهہ ڏاڍي بڇڙي لڳندي! مون کي آرڊر ڪيڏو پوندو."

پئي ڏينهن پيرڪي جو ماڪ پيئي تہ ٽروفر بندوق ڪٽي ٻاهر نڪتو.

"شوٽ ٽو ڪرينس؟" مهندار پڇيس.

ٽروفر رڳـو طبيلي ڏانهن وڃڻ جـو اشارو ڪيو ۽ مهندار ڪنڌ هيٺ ڪيو رپورٽ جي انتظار ۾ ويٺو رهيو. منٽ منٽ ڪري وقت گذرندو رهيو، پر رپورٽ نہ آئي. آخر ٽروفر لٽل منهن سان آيو.

"چو ڇاهي؟"

"مان سمجهان ٽو تہ بندوق خراب آهي."

"مونکي ڏي ڏسان."

ٽروفر ڪيبائيندي بندوق ڪٽي مهندار کي ڏني. ڇڳيءَ طرح ڇڪاسي چيائين، "اڙي هن ۾ تہ گارتوس ئي ڪونهن!"

"ناممڪن!" ٽروفر رڙ ڪئي.

"سچ ٽو چوان، ڪونهن!"

"مون .... مون اهي طبيلي پنيان ڪٽي ڦٽا ڪيا."

مهندار بندوق رکي چيو، ”چگو چڏيس. پل ته ڪجهه وقت جيئرو رهي!“
”جڏهن جنگ ختم ٿيندي، نڏهن شايد هر ڪاهڻ ۾ ڪم اچي،“ ٽروفم چيو.
هڪ مهيني بعد ٽروفم جي ٽولي، آست ـ ڪوپر سڪايا گوٺ پرسان جنگ ۾ رڌل هئي. اڃا پوري پرهه ڦٽي نه ٿي هئي. ٽروفم پنهنجي پلٽڻ کان ٽورو پٺتي رهجي ويو. ٽروفم گهوڙيءَ کي ڪيترا به ڪٽي چهبوڪن جا سٽڪارا ڏيڻ، پر هوءَ ٽڪڙي هلي ئي نه. هوءَ بيهي رهي جيستائين سندس وڇڙو نه اچي مليس. ٽروفم يڪدم لهي، بندوق کلهي تان لاهي، غصي ۾ دشمن جو مقابلو ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو. ماڻ ماڻ ۾ زبردست جنگ لڳي. چوگرد ميدان گهوڙن جي ڪڙن سان سٽجي ويو.
ٽروفم ڪن پل ۾ پنهنجي بندوق وڇڙي ٽي تاڻي. الاجي سندس هٿ ڏيکيو، ڪي ٻڌي ڪنهن سبب نشان گسي ويس. وڇڙو ڏکندو، مٿي اڏائيندو، ٽورو پري وڃي ٻيٺو.
ان رات پلٽڻ پاسي ۾ ٽي ڪنهن سوڙهي وڪڙ وٽ ڊاهو ڪيو. سپاهي نه پنهنجن گهوڙن تان لٿا، نڪو وري پورا سگريٽ چڪيائون. ڊان ندي تان هيءَ گهوڙيسوار پلٽڻ اچي هن کي اطلاع ڏنو ته دشمن ندياڻ ڪناري فوج ڪٽي ڪئي آهي.
ينيرڪي جو مهندار ٽروفم وٽ اچي ويٺو. ”ننڍ اٿيئي ٽروفم؟“
”نه، ليٽيو پيو آهيان.“
”تون ان وڇڙي کي ته ختم ڪر. جنگ هلندي هو هراس ٿو پيدا ڪري.“
”مان جنهن به وقت کيس ڏسان ٿو ته منهنجو هٿ ڪنبي وڃي ٿو ۽ بندوق جو نشان پورو نٿو وڃي. انڪري جو هو ڏاڍو پيارو پالتو جانور ٿو لڳي.“
”هتي لڙائيءَ ۾ منهنجي دل سسي ٿي وڃي. ڪٽي هيءُ وڇڙو حملي ۾ ڪچلجي نه وڃي،“ چوندي مهندار مشڪڻ لڳو، ليڪن ٽروفم اها مرڪ پسي نه سگهيو.
”ٽروفم، هن جو پڇ ته ڏس.... ڪهڙو نه عجيب آهي! اهو به ڏس کيئن نه لوڙ وانگر پيو ان کي اڏائي.“
ٽروفم ڪجهه نه ڪڇيو ۽ پاڻ کي ماڪ کان بچائڻ لاءِ ڪوٺ اوڀي سمهي پيو.
منجهند جو ندي پار ڪرڻي هئي. پهرين پهريں مهندار ندي پار ڪرڻ لاءِ لٿو. هن جي ٻيٽيان سڄي پٺتي ڪوچ ڪيو. ۱۰۸ اڏ ننگا ماٿهو هٿا ۽ اوترائي گهوڙا. سڀ سنڄ ٽن ٻيڙين ۾ رکيائون. هڪ ٻيڙي ٽروفم هلائڻ لڳو. سندس گهوڙي نائب مهندار نيچپرينڪو جي حوالي ٿي. ٽروفم ٻيڙي هلائيندي چوگرد نهاريندي، پنهنجي گهوڙيءَ جي مٿي کي ڏسي پئي سگهيو. سڄي پلٽڻ جهنگلي هنسن جي ڏڻ وانگر ٿي لڳي جيڪي شڪارين جي ڊپ کان آڪاس تي ٽڙي پکڙجي ويا هٿا. اڳيان اڳيان مهندار جي ٻيڙي پئي هلي ۽ پٽيان پٽيان ڪارا ڪارا گهوڙا پئي هليا، سيني جي پٽيان هو

نيچپرينڪو، جنهنجي ڏاڙي پاسي هڻي ٽروفم جي گهوڙي. ٽروفم جي نظر ڦرندي ڦرندي وڃي وڇڙي تي ٽڪي، جيڪو لڏندو لمندو تري رهيو هو. عين انوقت ٽروفم جي ڪنن تي وڇڙي جي درد ڪ دانهن، "هي.... اي.... اي....!" پهتي. اها هنجي دل ۾ چپي ويئي. لڳاتار پنجن سالن جي جنگ جي جيون ۾ هن ڪڏهن به ايڏي پيڙا نه سٺي هئي. هن ڪيترا پيرا بنا چون چرا جي موت جو به مقابلو ڪيو هو، ليڪن هاڻي هنجي شڪل پيڙا وچان اڇي جهڙي رڪ ٿي ويئي.

ٽروفم پيڙيءَ جو ونجهه پڪڙي ٽڪڙو ٽڪڙو ڪالف رخ ڏانهن هلڻ لڳو، جتي ڪن وٽ وڇڙو وڃي ڦاڙو هو. ٽورو پريان نيچپرينڪو گهوڙيءَ کي ڪن ڏانهن وڃڻ کان روڪي رهيو هو. ٽروفم جي دوست بيءَ پيڙيءَ مان رڙ ڪيس، "بيوقوف نه ٿيءُ! ڪناري ڏانهن هل! ڏسين نٿو ته هوڏانهن دشمن جي فوج ويئي آهي؟"

"مان هنکي شوٽ ڪندس!" ٽروفم وراڻيو ۽ پنهنجي بندوق سنياليائين.

پاڻيءَ جون چوليون، وڇڙي کي پلٽڻ کان پري ڪري ٻئي طرف ڏکي رهيون هيون. ڪن ۾ آهستي آهستي پاڻي ڦري رهيو هو. ٽروفم جي پيڙي لوڏا کائيندي ٽڪڙي ٽڪڙي تري رهي هئي. مشين گن ۽ بندوقن جو آواز ٻئي آيو ۽ پاڻيءَ ۾ گوليون ٻئي آيون. هڪ آفيسر قاتل ڏنل خميس پهريل رڙيون ٻ ڪري رهيو هو ته پستول ٻ صاف ڪري رهيو هو. هوڏانهن وڇڙو مشڪل سان هڪار ڪري ٿي سگهيو، هنجي نديي چينڊ ڪيڪ تمام جهيڻي جهيڻي ٿي ويئي هئي. هنجي ڪيڪ ڪنهن معصوم بالڪ جي دل ڊاريندڙ ڪيڪ ٿي لڳي.

نيچپرينڪو گهوڙي ڇڏي ڪناري طرف ترڻ لڳو.

ٽروفم ڏڪندي ڪنبندي پنهنجي بندوق جهلي ۽ وڇڙي جي مٿي کان هيٺ واري هنڌ ڏانهن شوٽ ڪيو ۽ ٻوءِ پنهنجو بوٽ لاهي ٻانهون ڦهلائي پاڻيءَ ۾ ٽپي پيو. ساڃي پاسي واري ڪناري تان هڪ آفيسر جو آواز آيو، "شوٽ نه ڪر."

ٽروفم ڪي، وڇڙي وٽ پهچڻ ۾ پنج منٽ لڳا. هن ڪي جهلي ڪٽي ڏاڙي پاسي واري ڪناري ڏانهن رخ رکيائين. ساڃي پاسي کان هاڻي بندوق جو هڪ به آواز نه آيو.

آڪاس، پيلو ۽ ريتي سڀ چمڪي رهيا هئا. ٽروفم جا پير، نيٺ اڇي ڏرتيءَ سان لڳا. هو وڇڙي کي ريتي ڏانهن گهليندو آيو. هن جا هٿ ريتيءَ تي ڏاڍي بي آراميءَ سان هلڻ لڳا. هو هاڻي پاسي واري پيلي مان ماڻهن جا آواز ٻڌي پٺي سگهيو، جن وٽ بندوقون هيون. ٽروفم جي پرسان ٿي گهوڙي بيٺي ڏکي رهي هئي ته پنهنجي وڇڙي کي چٽي چمي ب رهي هئي. اوڏي مهل کا تيز چيز هنجي پڇ سان لڳي، ريتي ۾ تنگ ڪري ڇڏيو. ٽروفم ٽورو ٽڙيو ٽاپڙيو، ڏکيو هٽکيو ۽ پوءِ اتي ٿي

ڪري ٻيو. هن پنهنجي ڇاتيءَ ۾ ڪو گرم خنجر ڇپيل محسوس ڪيو. جيئن هو ڪريو تيئن ئي هن گولي ڇٽڻ جو آواز ٻڌو ـــ ندي جي ساڃي ڪناري ڪان فقط هڪ ئي اڪيلو آواز.

ساڃي پاسي واري ڪناري تي ڦاٽل خميس واري آفيسر پنهنجي بندوق مان خالي ڪارتوس ڪڍي ڦٽو ڪيو. ريتيءَ تي وڇڙي ڪان هڪ ٻه وڪون پري ٽروفي ڦٽڪي رهيو هو. هن جي چيريل نيرتي چپن تي، جن پنجن سالن ڪان ڪنهن ٻار کي نه چميو هو، هڪ مرڪ ڦهلي ۽ رت ۾ رڳجي ويئي.

---

راز نائن شاهي (خاڪا)

**مجبوري:**

"ٻڌو اٿم تو شاعري ڇڏي ڏني آهي؟"

"في الحال صحيح ٻڌو اٿئي."

"ڇو!! هون؟"

"يار، بابا کي ڪنهن ٻڌايو ته منهنجو نالو بليڪ لسٽ تي اچي ويو آهي ۽ بابا 'روح رهاڻ' ۾ اڪثر منهنجا شعر پڙهندو هيو. وري جو ٻڌائين ته سي. آئي. ڊي وارا به پٺيان لڳا ٿا وتن، سو هڪ ڏينهن هاسٽل ۾ اچي منهنجي روم مان شاهه لطيف، سچل سرمست، ڪلهي پاتم ڪينرو ۽ روح رهاڻ جا سڀ پرچا ڪٽي ويو. ويندي ويندي اهو به فرمائي ويو ته وري ڪڏهن اهڙن ملڪدن جا ڪتاب پڙهندي يا اهڙن وڳوڙ پئدا ڪندڙ رسالن ۾ شعر شايع ٿيندي ڏٺو يا ٻڌو اٿم ته هٿ سان جيل موڪليندو سانءِ."

○

**گناهم:**

"استاد، توکي ڪهڙي ڏوهه ۾ جيل آندو ويو آهي؟"

"مان هڪ سست طبقي جو شاعر آهيان."

"هان!! تنهنجو ڏوهه فقط شاعر هجڻ آهي!!"

"ها، مان پنهنجي جهور پيڙي ماءُ جون دانهون پنهنجن گيتن ۾ سمائيندو آهيان. پنهنجي ستل پائرن کي سندن فرض ياد ڏيارينديو آهيان."

# ڏکيون منيون گالهڙيون

⊙ رسالہ "روح رهاڻ" جي تازي شماري ۾ "هڪ سنڌي شام لب مهراڻ" ۾ توهان جي پرزور دلائل پڙهي نهايت خوشي ٿي. هي رسالو جيڪا سنڌي قوم جي خدمت ڪري رهيو آهي. ان تي هر سنڌي کي فخر آهي. پر توهان جو روءِ سخن نهايت غلط آهي. غلط لفظ تي چڙ نہ ڪجو. مون چاڻي واڻي ڪم آندو آهي. غلط ان ڪري آهي جو مخاطب اهڙي عظيم رسالي جي توجہ جو لائق نہ آهي. مالڪ جو نوڪر سان خطاب ڪرڻ اصولاً هڪ غلطي آهي. ڪهاردار همیشہ هڪ ٻولهو آهي. هز ماسٹر وائس وارو ٻولهو. انگريزي سامراج جي دور جو اثر اڃا زائل نہ ٿيو آهي. انگريزي دور ۾ اسان کي ياد آهي تہ ڪيئن راڻي وڪٽوريا جي شان ۾ بيت هارن کي پڙهايا ويندا هئا. سنڌ جي غيور نامور فرزندن لاءِ ذليل قسم جو پرچار ڪيو ويندو هو. غازين ۽ شهيدن کي غدار، ڪم عقل، ظالم، زاني، فاسق فاجر ڪري ڏيکاريو ويندو هو. مير صاحبن تي چٽرون ڪيون ويندیون هيون. سنڌ جي ڪاريگر کي ڪوري، فنڪار کي مشڪهار، عالمن کي ملان جو نالو رکي مٿس مجلسن ۾ بازاري مسخرن کان ٺٹوليون ڪرايون ويندیون هيون. اهو سڀ انهيءَ نوڪر يعني ڪاموري ڪلاس جي همت افزائي ۽ معرفت ڪرايون ويندیون هيون. مطلب تہ سموري سنڌي قومن جي دل آزاري جو مڪمل پروگرام عمل ۾ ٿيندو رهيو. بلوچن ۽ مير صاحبن جي وطن دوستي، شجاعت، حق پرستي، ديانت ۽ انصاف کي لڪائڻ لاءِ هزارين بهتان تراشا ويندا هئا. ليڪن تاريخ هينئر انهن حرڪتن کي بي نقاب ڪري رهي آهي. پاڪستان ۾ انگريزي روايتن مان هي بہ هڪ روايت اسان کي ورثي ۾ ملي آهي تہ قوم جي خلاف مخبري ڪندڙن جي اولاد کي اسان تي حاڪم مقرر ڪيو ٿو وڃي. هي هڪ ڪلاس آهي. هي هڪ تحريڪ آهي جيڪا اڃا تائين قائم آهي.

پاڪستان ۽ هندوستان جي آزادي وقت انهن مخبرن ۽ قوم دشمن عناصرن کي بچائڻ لاءِ دهلي جي مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتن ۾ انهي ڪلاس جي اهڙن مخبرن جي ڪرتوتن سان پريل رکارڊ کي ساڙيو ويو هو.

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ بعد انهي ڪلاس جي منصوبي باز اهلڪارن مقامي اڳواڻن جي حيثيت گهٽ ڪرڻ، سنڌن خدمات کي لڪائڻ، سنڌن تذليل ڪرڻ، سنڌن وقار کي گهٽ ڪرڻ لاءِ مٿن ڪوڙيون، فرضي، هٿراڏو الزام هڻي ڪين قانون

جي گرفت ۾ آڻڻ جي کوشش ڪئي. ليڪن قوم ۾ سندن وقار گهٽائڻ ۾ ناڪامياب ٿيا. مقامي ماڻهو انهن شخصيتن کان باخبر آهن. هينئر به جڏهن پاڪستان جي قيام ۾ حصو ونڊڻ شخصيتن جـو ذڪر اچي ٿو ته قائد اعظم سان مقامي ليڊرن سان گـڏ نڪتل تصويرن کي شايع ڪيو وڃـي. قومي تحريڪ ۾ سندن خدمات ۽ قربانين کـي پس منظر ۾ رکڻ جي کوشش ڪئي وڃي ٿـي. خود عظيم سنڌي حضرت قائد اعظم کي سنڌي ڪري لکڻ کان ڪيڏيو وڃي ٿو. سنڌي ۽ سنڌ ته پاڪستان جـا باني آهن. سندس بنياد آهن، سندس پيڙهه آهي. پاڪستان جي جان آهي، روح آهي. ان کي نظرانداز ڪري نڪبن قسم جي سامراج کي جنم ڏنو وڃي ٿو. آءٌ ته چوندس ته توهان پنهنجي قيمتي رسالي جا ۾ پنا زيان ڪيا آهـن، جيڪي ڪنهن وڏيڪ سئي، وڏيڪ نيڪ، وڏيڪ ڪارآمد موضوع تي خرچ ڪرڻ گهربا هئا. اهي صفحا هوش محمد، دودي، مير نصير خان، مخدوم بلاول، رئيس غلام محمد پرگڙي، سر غلام حسين، سر سڪندر حيات، دولتانه، ايوب خان، عزيز مگسي، عبدالله هارون، اقبال، سردار نشتر جـي شان ۾ لکجن ها ته ڪيترو نه سٺو ٿئي ها.

اهڙي ڪلاس کي هٿ کان وڃي موهن جي دڙي تي وڃي وڃو. ڪيس ڊيڪاريو ته مسٽر هز ماسٽرس وائيس، سنڌي ازلي آهي ۽ ابد تائين قائم رهندي. سنڌي هولي عربي جي پيٽ آهي. سنڌي هولي اهڙي پاڪ آهي، جنهن ۾ ڪنهن به نفسانيت، شهوت پرستي، شعر چئي نٿو سگهجي. هن هولي ۾ ته فقط توحيد رسالت ۽ حق جا اشعار چئي سگهجن ٿا. هن هولي جو ڪلام گڏهه جي ڪل مان تيار ٿيل طبلي تي نه پر يڪتاري، ۽ گهڙي جهڙي پاڪ ساز تي گائي سگهجن ٿا. سنڌي ته ملائڪن جي هولي آهـي، جنهن ۾ حمد و ثنا جا موزون موضوع تي سگهن ٿا.

ان ڪري قرآن مجيد جو صحيح ترجمو فقط سنڌي هولي ادا ڪري سگهي ٿي. قرآن مجيد جي جامعت ۽ الهامي پيغام فقط سنڌي هولي ادا ڪري سگهي. ڪاش ڊاڪٽر اقبال کي سنڌي هولي تي عبور هجي ها ته هن کي اردو کي ڇڏي فارسي جو سهارو نه وٺڻو پوي ها. شاعر مشرق اردو کي خيرباد چئي، ان جـي پرستارن جي منهن تي زوردار ٿڦڙ هڻي آهي. جيڪڏهن هـو شاهه عبداللطيف پڙهي هـا ته رومي کـي مرشد وٺڻ جي درڪار نه ٿئي ها. پٽ کـان سواءِ چٽ نـه ٿهي سگهندو آهي. خود رومي کي سنڌي ڪلچر جي ديوار ملي ها ته هو وڏيڪ سهڻو چٽ ڪيڏي سگهي ها. شاهه جي ديوار رومي جي ديوار کان وڏيڪ اوچي، ۽ عوامي آهي. جئي سنڌ.

— ابوبڪر خان مگسي

⊙ جنوري ۽ فبروري "روح رهاڻ" جـا ٻئي پرچا وڏي جـاهت سان پڙهيم. جنوري توڙي فيبروري جي پرچي ۾ توهان جي "رهاڻ" تمام پسند آئي. پيو مواد پڻ

دلچسپ هو. شيخ اياز جي تقرير، منظور قريشي جي ڪهاڻي، ماستر جي آنم ڪهاڻي، هوت سنڌي جو خط لاجواب هئا. اميد ته اڳتي به "روح رهاڻ" ترقي جي رستي ڏانهن گامزن ٿيندو. آمين.

وڏيڪ عرض ته توهان جيڪو ساز وڄائڻ ويٺا آهيو، انجي سريلي آواز تي ڪيئن ڪونڊر ڪسڻ لاءِ تيار ٿيندا. توهان جي قلم ۽ شيخ جي لفظن ۾ جيڪا آتش آهي، انهيءَ کان ڏڃان ٿو ته ڪٿي منهنجي روح جي رهاڻ بند نه ٿي وڃي.

جيڪڏهن اجرڪ پڌندڙن، گج پائيندڙن، ڪنيون ڪائيندڙن تائين اهو آواز پهچي ته اهي لسي پياڪ لبيڪ لبيڪ چوندا اڇي سر اڏي تي رکن. پر افسوس جو تنهنجي بانگ جو آواز صرف شهر جي حدن تائين محدود آهي. پر ڪوشش ۾ ڪاميابي جو راز سمايل آهي. آءٌ پنهنجي وس کان وڌيڪ حق جي هوڪي ڏيڻ ۾ مشغول آهيان، اميد ته پٽڪي جي وڙي وڙي اڇي پاڻ سان پاڳي پائيوار ٿيندي.

ادا سائين، جيئي سنڌ هڪ نعرو ته آهي، پر مون ان کي سلام جي حيثيت ۾ بخشي آهي. جتي وڃان ٿو اتي چوان ٿو جيئي سنڌ، جواب ۾ پٽڪي پوش ۽ جيئي سنڌ چون ٿا.

— رسول بخش 'مجبور'، ٽنڊو الهيار

⊙ سنڌ پرست سنڌي! هن جيجل ۽ ان جي ڇڻن جو منهنجي طرفان توکي سلام. مون ته اهو سوچيو ته سنڌين جي زبان کي تالا چاڑهي ۽ انهن جي آوازن کي هميشه هميشه جي لاءِ گهٽيو ويو آهي. پر اڄ ڪاليج جي لائبريري ۾ منهنجي اها سوچ ان وقت غلط ثابت ٿي، جڏهن "روح رهاڻ" کي کولي انجي شعرن واري حصي تي نظر ڦيرايم. ادا سچ ڇڻين ته خوشيءَ کان منهنجي اکين مان ڳوڙها وهي آيا. ڪاش! اسان سنڌي پاڻ مان فرقا مٽائي متحد ٿي وڃون. ڀيو ڇا لڪان؟ خدا اوهان کي سلامت رکي ته ڪروڙين اوهان جهڙا ظاهر ٿي پوندا.

— عاشق علي بلوچ

⊙ سنڌ جي تاريخ سورهيه سومرن جي دليريءَ سان ڀرپور آهي، مخدوم بلاول کي ڪهڙي بيدرديءَ سان گهاٽي ۾ پيڙايو ويو.

سنڌڙي اسان جي ماءُ آهي. جيڪا هينئر غيرن جي لتن ۾ لتاڙجي رهي آهي. غيرن جي بوٽن جي ڪڙين ۾ لڳل ڪوڪن جيجل جي وجود کي چڇري چڏيو آهي. جن سنڌي سورمن خون مٽان خون ڏنو، انهن جو خون اڄ به اتي هاريو پيو آهي ۽ انهن جي غيرت جي گواهي ٿو ڏئي. پر انڌير ته ڏسو اهي جايون ۽ زمينون غيرن جي حوالي آهن ۽ اسان اهڙي صورتحال ڏسڻ کان پوءِ به چمچه گيريءَ ۾ مصروف آهيون. ادا، تون ياد رک، جيڪڏهن اهڙا حال آهن ته پڻ جهڙو مقدس پورهيو سنڌين جو مقدر بنجي ويندو.

— غلام عباس پنهور، هنگورجا ضلع خيرپور ميرس

⊙ اوهان جو جنوريءَ جو "روح رهاڻ" مليو، ان لاءِ اوهان مبارڪ جا مستحق آهيو جو ڪوشش ڪري سنڌي شام جا پروگرام تقريرون شايع ڪري ناظرين تي شفقت ڪئي اٿو. پڙهڻ سان جا هن مرده دل تي ڪيفيت طاري رهي، اها خبر هن خاڪي کي هوندي. خاص طرح مولانا غلام محمد گرامي صاحب جي تقرير ۽ شيخ ايار جا به خط عبرتناڪ نصيحت آهي. آءٌ ته ائين چوندس، جيڪڏهن ڪنهن سنڌي نماڻي جي دل پٿر هوندي اها به پڙهڻ سان پاڻي ٿي پوندي. گرامي صاحب جي هڪ روحاني ۽ پرزور تقرير هٿي جا هڪ سنڌي سلڇڻي جي قرباني آهي. برابر سنڌ زنده آهي ۽ زنده رهندي، جيڪڏهن اهڙا مرد غازي زنده آهن.

— گل بهار ڏاريجو مليهائي.

⊙ گهر ۾ "روح رهاڻ" باقاعده ايندو رهندو آهي. ان جو جيسين باقاعده مطالعو نه ڪريان، تيسين دل کي آرام نه ايندو. الائي ڇو مونکي پنهنجي سنڌي رسالو يا سنڌي ٻيو ڪوبه ڪتاب هجي، تنهن کي ڏاڍي حب ۽ چاهه سان اپياس ڪندي رهندي آهيان. پر دل ۾ ساڳئي وقت ڪڙهندي رهندي آهيان ته اسان سنڌين جي اهميت کي ايترو ڇوگهٽ ڪيو ٻيو وڃي. ان جو سبب شايد خود سنڌي به هجن. مون خود چگن وڏن جي گهر اردو جو استعمال ۽ پڙهائي وغيره بي اردو ۾ ڪندي ڏٺي آهي، پوءِ ڏوهه ڪنهن کي ڏجي؟ اوهين پنهنجي ڪوشش کي جاري رهندا. اسين اوهان سان سات نياڻيندا رهنداسين. جيسين دم ۾ دم آهي. پر اسين پنهنجي جيجل ماءُ جي ٻوليءَ کي زنده جاويد بڻائيندا سين.

— نجم شيخ، حيدرآباد

⊙ هر مهيني "روح رهاڻ" پڙهي دل چاهيندي آهي ته ٻيلي! ٻيو ڪجهه نڪو پڃي ته گهٽ ۾ گهٽ هي اسان جو دوست جو پنهنجي جان جو ڪي ۾ وڃي، ڪاربهرن جي پرن ۾ ٻيو هٿ وجهي ۽ هر دفعي بجاءِ ڏنگڻ جي، اڳي ڪان اڳرو ٿيو ٻيو پاڻ پتوڙي تنهن کي وات جون ڏي ڪيرون ڏجن، جو هو اسان کان لهڻي، پر هر دفعي ڪنهن نه ڪنهن مشغولي جي ڪري رهجي ويندو آهيان يا ائين ڪڻي سمجهه ته اسان سنڌي هڪ ٻئي جا سڄڻ نه پر ارها آهيون. بجاءِ انجي ته جيڪو هڪ اڳتي وڌي ته انجي پُرزور پٽيرائي ڪريون، اسان کي حسد جي آگ وکوڙي ويندي ۽ ويتر کو اهڙو موقعو پيا گوليندا آهيون ۽ جيئن ان وڌيل جا پير ڪٽجي وڃن. شايد اهو ئي سبب آهي جو اسان اڃا پنهنجا مقصد ماڻي نه سگهيا آهيون. اسان جا وڏا، ڪهڙا ويهي تن جا بيان لکان. هر طرح سان سهڻا، بهادر، دليرا، غيرت مند ۽ قوم جو ننگ سڃاڻڻ وارا هئا، پر اسان، الاجي ڇو اهي سڀ خاصيتون وڃائي صرف زنده لاش پيا پين جي اشاري تي نچون. ادا، ڪهڙيون ويهي سورن جون ڪهاڻيون لکان، ڪٿو ته هرڪو ٻيو آهي، پر ته به ڪري ڪجهه نڪو. بس مون جهڙا نعري باز ته جام ملندا، پر منصور ڪي ڪي.

— علي محمد پرويز، ٽنڊو جام

Regd No. S. 2400 MONTHLY March 1968
"ROOH-REHAN"
HYDERABAD SIND

نئين ادب جي نئين تحريڪ

جو نئون سالنامو

اپريل ۾ شايع ٿيڻ رهيو آهي

هن پرچي ۾ شيخ ايياز جي گيتن جو

نئون مجموعو پڻ شامل آهي

مشهور ڪاٽيڪار

هن پرچي کي سينگاري رهيا آهن

اپريل مهيني ۾ جشن "روح رهاڻ" ملهايو ويندو

اُنجي تاريخ جو اعلان اخبارن رستي ڪيو ويندو

تفصيل لاءِ لکو:

"روح رهاڻ" پوسٽ باڪس ۲۱۶ حيدرآباد

Edited & published by Hameed Sindhi from office of the
Monthly 'Rooh-Rehan,' Mukhi Garden, Hyderabad.
Printed by Muti-ur-Rahman Siddiqui
at Indus Printers, Rasal Road, Society, Hyderabad.

Regd No. S. 2400 MONTHLY March 1968
"ROOH-REHAN"
HYDERABAD SIND

نئين ادب جي نئين تحريڪ

# روح رهاڻ

جو نئون سالنامو

اپريل ۾ شايع ٿـي رهيو آهي

هن پرچي ۾ شيخ اياز جي گيتن جو

نئون مجموعو پڻ شامل آهي

مشهور ڪهاڻيڪار

هن پرچي کي سينگاري رهيا آهن

اپريل مهيني ۾ جشن "روح رهـاڻ" ملهايو ويندو

اُنجي تاريخ جو اعلان اخبارن رستي ڪيو ويندو

تفصيل لاءِ لکو:

"روح رهاڻ" پوسٹ باڪس ٢١٦ حيدرآباد

Edited & published by Hameed Sindhi from office of the
Monthly 'Rooh-Rehan,' Mukhi Garden, Hyderabad.
Printed by Muti-ur-Rahman Siddiqui
at Indus Printers, Rasal Road, Society, Hyderabad.

زندگي پبليڪيشنس:
سالنامو-۱۹۶۸

هي آگم آگم آنوٽ جا
هي گيت اُجايل مورن جا
ريتيءَ تي ڪنڌ ڪنورن جا
هي گيت سنهريءَ سندوءَ جا.

# روح رهاڻ



اپريل ۱۹۶۸

قيمت: ڏيڍ رپيو

"زندگي پبليڪيشنس" جو
ترجمان

# روح رهاڻ

جلد: ٧]  اپريل ١٩٦٨  [پرچو: ١

## سالنامو

ايڊيٽر (اعزازي): حميد سنڌي

سرڪيوليشن مئنيجر: ليلا رام خانواڻي

قيمت: ڏيڍ روپيو

سالياڻو: نَوَ رپيا

ايڊريس:
ماهوار 'روح رهاڻ'،
گاڏي کاتو
پوسٽ باڪس نمبر ٢١٦
حيدرآباد سنڌ.

رهاڻ: ايڊيٽر

شعر: (مجموعو)
هيءَ گيت آڇايل مورن جا: اياز

ڪيڏو ڏور ويا..... : حميد سنڌي

ڪهاڻيون:
سندر سپنا، پيانڪ سپنا: علي بابا
هڪ لاش راتين جا رولاڪ: امر جليل
اصلي روپ، نقلي روپ: ڪرشن ڪتواڻي
ساڳيو ڪيت ساڳي مارئي: مظهرالحق
قانون: چتر ٺاڪرداس
آف جيون، لغڙ ڪاٺا: منو تولا رام گدواڻي
پرهم ڦٽي ڪانپوءِ: نياز همايوني

ٽڪيون منيون ڳالهڙيون:
پڙهندڙن جا خط

سرورق:
هي آگم آگم آنوڻ جا
هي گيت آڇايل مورن جا
ريتيءَ تي ڪنڌ ڪنورن جا
هي گيت سنهريءَ سنڌوءَ جا
—— شيخ اياز

ڪلهه تائين ته اِئين هو ته چوڏاري ڀاڪ ئي ڀاڪ هئي، روشني جي ڇاڪ اسان ڪان گهٽو پري هئي، پر اڄ جڏهن حياتي ۾ اِحساس جاڳيو آهي، ۽ هيءَ حياتي ور ور ڪيو ٻئي جياپو آڇي ۽ اُميد جي ڪرڻن کي ٻئي ڦهلائي ته اسن سڀ هڪ هنڌ مڙيو گڏ ٿيو اڳتي وڌڻ جي سوچيون ٿا ۽ اسان ۾ پيدا ٿيل جياپي جا اهڃاڻ اسان کي احساس بخشين ٿا، عزت شان ۽ مان سان حيئڙ جو!

مان سمجهان ٿو جنهن انسان پنهنجي تهذيب، پنهنجي ثقافت، پنهنجي زمين، پنهنجي مڙيءَ ٻولي کي پنهنجو شان، پنهنجو مان، پنهنجي غيرت، پنهنجي موت نه ٻڌايو آهي، اُنهيءَ لاءِ حيئڙ اُها ذلت آهي، اُها خيرات آهي، جا اِنسان ذات جو نه وڙڻ‌نامي!

حياتي بخشڻ واري هن ڪائنات تي ڦهليل عجيب آٽاڻ سان اُئيل هن ڪارخاني کي اِئين چاهيو، گهريو ۽ پيار ڪيو آهي. جيئڙ هڪ فنڪار پنهنجي رت سان رنگيل هڪ مورت سان پيار ڪندو آهي. پر هُن فنڪار، مورتون خلقي، اُنهن ۾ ساهه پريو آهي، اِحساس پريو آهي ۽ اُها قوت ۽ اُها ذات بخشي آهي جا صرف ڪنهن ئي سونهي ۽ جڳائي ٿي. خلقٽهار جو خلقيل هيءُ ذهني انسان، اوترو ئي نرم، اوترو ئي مڙيو، اوترو ئي وڻندڙ ۽ سهڻو، اوترو ئي تکو ۽ تيز، اوترو ئي غصي وارو آهي. جهڙو هو پاڻ آهي. اهڙي طرح سڄي ڪائنات، سندس خلقيل هر ڪا شيءِ، ساڪت يا چرندڙ، زمين يا آسمان، سڀ اوتروئي عظيم ۽ بلند آهن جيترو هو پاڻ آهي. ۽ هن ڪائنات ۾ الائجي ڪيترا آسمان آهن ۽ ڪيترين زمينون آهن، ڪيترين وسعتون آهن، ڪيترين حدون آهن. زمين، زمين جي پنهنجي قوت، پنهنجو خمير آهي، ڪلراٽي، يا زرخيز؛ بهرحال هر زمين، ۽ اُن تي پلجڻ وارن جيوَن کي پنهنجي آزادي، پنهنجي نمونـي سان جياڻي جو حق حاصل آهي. هر زمين جي تي ۽ پاڻي، آتـان جي ٻولي، سڀ کي آهائي سڀائي، آهائـي قوت ۽ آهي ئي حق حاصل آهـن، جيڪي خالق هر ڪنهن هنڌ ٻين زمينن جـي ٽڪرن کي بخشيا آهن.

جڏهن آن زمين جو انسان جنهن جي حد سندس قوتن وانگر محدود آهي، پنهنجي بدن تي آها متي چاڙهي ٿو، آنان جو پاڻي پي، ارتقا جي منزل تائين پهچي ٿو ۽ کا زبان کا پولي هن کائنات کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاء ٺاهي ۽ گهالهائي ٿو ته پوء سائين! سندس اِنهيءَ متي ۽ پاڻيءَ مان ٺهيل، وڏيل جسر کي کيئن نه چئبو ته اِهوئي خمير، اِهوئي جياپو، اِهو ئي ضمير.

سندس ذات سندس ذهن ۽ سندس ذهن، اِحساس ۽ احساس سندس ضمير آهي. جيڪو سچ جو گهر ۽ ڏاڍ جو دشمن آهي ۽ ضمير ڏاڍو خوددار ۽ غيرت وارو هوندو آهي. ذهن وٽ جڏهن اِهو احساس پيدا ٿو ٿئي ته کيس جيئڻ جا، گهالهائڻ جا، قبضي جا، آهي ئي حق حاصل آهن، جيڪي مونکي ازل کان وٽي مليل آهن ته هو وڏي آهي سڀ حق وٺڻ ٿو چاهي ۽ جڏهن کانئس آها متي، آهو پاڻي، آها زبان کسي ٿي وڃي تڏهن سندس سچ واري قوت، ڏاڍ ۽ ڏمر سان لڙڻ واري قوت آهو خوددار ضمير نڪريو نروار ٿئي ۽ سائين اِهڙو هن ڌرتي جو آهو انسان اوهان آڏو موجود آهي. هيءُ اهو انسان آهي، جنهن کي پنهنجي زمين، پنهنجو پاڻي، پنهنجي زبان، پنهنجو وجود آهي. پر اڄ هو انهن کان وانجهيل آهي. سندس اِها بدنصيبي آن ڏينهن شروع ٿي، جنهن ڏينهن سندس انهي سچ جي پارکو قوت سمهي پئي— جنهن ڏينهن هُن سچائي، خلوص ۽ نيڪ نيتي کان منهن موڙي ڏاڍ، ڏمر ۽ کوڙ جي آجيان ڪئي ۽ پاڻ کي هر نعمت کان وانجهيو. پر چوندا آهن ته حياتي، حياتي آهي، جياپو، جياپو ۽ زندگي ڪڏهن به چرپر ۽ آيام جو سات نه ڇڏيندي، قوت مٿان قوت هميشه مخالف قوت پيدا ڪندي آهي، ۽ اڄ آها قوت پيدا ٿي چڪي آهي. انهي جياپي جا اهڃاڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جنهن جو بنياد، عزت، شان ۽ مان سان جيئڻ آهي. جنهن ۾ ضمير جي بلندي، قوم جي ذهن جي قوتن جي بلندي نمايان آهي.

مان ۽ وڪون وڏي چوندس ته انهي سچ چوڻ جي قوت ۽ هن ذهن ۽ ضمير جي سجاڳي لاء کيرون لهٽيون آن نئين ادب ۽ نوجوان اديب، جنهن پنهنجو خون جو هڪ هڪ قطرو سچائي جي علم کي بلند رکڻ لاء هن زمين، هن زبان کي پي پياريو آهي.

اڄ اها زمين ۽ ان جي زبان هڪ اهم مسئلو آهي. اسان ان مسئلي لاء اڄ هڪ اجتماعي طاقت سان پرپور نگاهه وڏي آهي، جو اِحساس جاڳيو آهي. اسان اڄ وڏندا ٿا هلون، جو ضمير جاڳيو آهي. اسان اڄ سوچيندا ٿا هلون، جو ذهن جاڳيو

آهي، اسان اڄ روشني لاءِ ٿا واجهايون، جو انسان جاڳيو آهي. اهو انسان جنهن جو جياپو، سندس وجود جي مڃوتيءَ، سندس زبان جي مڃوتيءَ، سندس رسمن رواجن جي مڃوتيءَ، ۽ سندس ذهن جي مڃوتيءَ ۾ آهي.

اُنهي زمين جي اڇوڪي انسان کي اهڙي هنڌ سچ جو علم بلند ڪرائڻ صرف هن نئين‌ذهن، نئين ادب ۽ نوجوان اديب جو ڪم هو. انهيءَ سڃائي واري تبليغ سان هر طبقي ۾ سڃاڳپي آئي ۽ جڏهن قوم جي آئندہ نسل ۾ سڃاڳپي آئي ته گهڻو ڪجهه ٿيو، قوم کي وڌيڪ سڃاڻ ڪيو ۽ دنيا کي پنهنجي وجود جو يقين ڏياريو.

هن سڃي سڃاڳپي ۾ اسانجي اديبن جيڪي رت ولوڙيو آهي، زبان ۽ ادب جي ترقي لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي، اهو سڀ توهان آڏو موجود آهي. ڏڪ ڪتاب، ڪيترائي ڪتابي سلسلا ڪيترائي رسالا ۽ ڪيترا ادارا آهن، جيڪي هن سڃاڳپي جو وڏو اهڃاڻ آهن.

'روح رهاڻ' انهي سڃاڳپيءَ، انهي جياپي، انهي حياتيءَ، انهي روشني جي هڪ ڪڙي آهي. 'روح رهاڻ' پاڻ سان نئون نياپو ڪٽي آئي هئي ۽ اڄ انهي نياپي جو پڙلاءُ ڏسي، انهيءَ جي هر وک، کي وڌاءُ ڏسي، هي سٽون ٿيون هُرن:

پرجي، گرجي، برسي، سرجي،
موتي سڀ سدوريءَ جهڙو.

"روح رهاڻ" جي هن ڪاميابي لاءِ مان هر اديب، هر نوجوان شاگرد، هر پرهمٽ مزور، هر پرأميد هاري ۽ هر سندي سپاجهڙي جو ٿورائتو آهيان، جنهن "روح رهاڻ" تي اعتماد ڪيو آهي ۽ يقيناً "روح رهاڻ" جو انهن تي مڪمل اعتماد آهي ۽ انهي اعتماد سان اسان پين قومن ۾ پنهنجو وجايل اعتماد ۽ اهميت حاصل ڪري سگهنداسين.

شال، اسان جا هٿ هڪ ٻئي جي هٿن ۾ سوگها رهن ۽ اِها هڪ اهڙي زنجير هجي، جنهن کي ڪوبه ناهه نڇڳي جا ناهي، ڀاهي نه سگهي ۽ اسين انهيءَ مضبوط چڪري اندر پنهنجي مٺڙي زبان ۽ جيجل جي وجود لاءِ آسرندا ۽ نسرندا رهون.

— حميد

هي گيت اُجايل مورن جا

— شيخ اياز

# مواڳ جا ٻه لفظ

ڏهه مهينا ٿيا ته "جل‌جل مشعل جل‌جل!" جا سدا ملوڪ ۽ روح ۾ آمر جوت جاڳائيندڙ گيت شايع ٿيا. اُهو اپريل جو مهينو هو. ٻه مهينا پوءِ، اُن سَٽَ مان رهجي ويل ٻه وايون ــ "پنهنجي رت ۾ ريتو جهنڊو، آپ تائين جهولينڊو، ــ اهڙو ڏينهن ٻه ايندو!" ۽ "هَيءِ هَيءِ ڪونج نه مار، ــ اڙي آهيڙي!" ۽ ٻه غزل ــ "وسٽو آهي، هانءُ نه لاهه، ــ چورا، هڄ ٻه ٽي ڪي چٽ!" ۽ "ڪهڙيءِ ڪوهه ــ ڪنيءِ جي لاءِ، ــ تون هي ڪيرائين ٽو ڪوت؟" ــ "روح رهاڻ" جي جولاءِ ۱۹۶۷ع واري پرچي ۾ شايع ٿيا. ان ڪانپوءِ "اياز" اسان کي ٽي 'لوڪ گيت' ــ "ڏيهه نه آيئي منهنجو ڏانءِ!"، "انبڙيون ڳول نه چورا، ــ ڏينهن نٽي ۾!" ۽ "اوءِ ڪَجَري گَجَر، پير هوريان ته ڏر!" ۽ ٻه گيت ــ هڪڙو ناڇ ڏن ٽي رچيل، "پريت پرينءِ جي پايل پايل، ــ آيل آيل! ــ گهايل گهايل ــ منهنجا پيرا!" ۽ ٻيو "هيءِ ويچاري ڪير؟ ــ پنهنجي! ڏاري! ڪير؟ ــ هيءِ پاٽياري ڪير؟" ۽ ٽي وايون ــ "لالي نيٺ ته لهٽي آهي! ــ هَيءِ هَيءِ ميندي‌ءِ ٻوٽو ڙي! ــ هاءِ جواني جهوٽو ڙي!" "منهنجي من ۾ ڪوئي سپنو، توکان سندر ڦول، موتيا!" ۽ "مانجهاندي جا ماڳ سوين، پر منهنجو پنڌ پري!" ۽ ٻه غزل ــ "ڪنهن ڪيئن چيو، ڪنهن ڪيئن چيو، ــ پر وائي سپ کي وات هئي!" ۽ "چارڻ سو جو چنگ سوا، ــ لاهي سپ لاڳاپا لڳ!" ۽ ٻه نظم ــ "منهنجي ڪوتا جاپ جُڳن جا، ــ اڻ ڳاڻل آلاپ جُڳن جا" ۽ "تون مان دور نه آهيون پيارا! ــ توکي مون کي روز ملائي، ــ سنڌ‌ءِ جو سپنو!" ۽ آخر ۾ ٻه بنهه نند مان جاڳائڻ هانو ۾ هَرڻ واريون لوليون ــ "شال دولهه ٽئين! شال دودو ٽئين! ــ شال سورهيه ٽيئين! سنڌ تي سر ڏيئين! ــ لوليون! او ابا! ــ لوليون! لوليون!" ۽ "لولي لال! جيئين شال! ــ جيئي سنڌ، تنهنجي سنڌ! ــ جيئي جند، تنهنجي جند! ــ لولي لال!" ــ اهي سپ اُجرا اُجرا، املهه گيت اسان جي شاعر هنن ڏهن مهينن ۾ اسان کي ڏنا آهن. اڄ اسان جي سامهون اياز جا "هي گيت اڇايل مورن جا" موجود آهن. ڪل ۴۷ گيت آهن. ۽ ڪيڏا نه مند ماس جا، رسيل ۽ رسيلا آهن هي سپيئي گيت! هيتري مختصر عرصي ۾ ڪو جوهري هيترا موتين جا ٽالهه پري آڻي اسان جي آڏو رکي، ۽ ٻوءِ اسان کان فقط انهن جي سڃاڻڻ ۽ سانڍڻ جو دام گهري ــ ته اسين پاڻ کي کيترو نه خوش نصيب سمجهي سگهون ٿا.

اياز پنهنجي شاعريءَ متعلق لکندي*، پاڻ کي هڪڙي اهڙي موتين جي ميڙيندڙ ٿوپي سان مشابهت ڏني آهي، "جو جڏهن ٿپي هڻي، مٽ پري، متاڇري تي ايندو آهي، تڏهن هن جون اکيون پاڻيءَ ۾ مڻيءَ سان ايترو تہ لڙاڀيل هونديون آهن، جو هن کي ٻيءَ ٿپيءَ لاءِ کافي ساهي پنڌي پوندي آهي." پنهنجيءَ شاعريءَ کي هن هڪ چڑهندڙ ويڑ سان ڀڙ پيٽيو آهي*، جا جڏهن لهندي آهي تہ پوئتان "فقط سڪل ٿوٽ پهاڙيون ڇڏي ويندي آهي." شعر جي آمد، يا لفظي پيراهن ۾ اجهل ۽ آمُل خيالن ۽ جذبن جي پَڌرجڻ، متعلق لکندي*، شاعر جي "تحت‌الشعور جي هيجان" کي گهاٽن جهنگن ۾ شڪار کيڏڙ وحشي آفريڪين جي ڏهلن سان پيٽيو اٿس، جن جي "هل‌هلاڇي تي شڪار هيڏانهن هوڏانهن پڇي، آخر انهن جي ڇار ۾ اٽڪي ڦاسي ويندا آهن، ۽ پوءِ ڏهل جو آواز ڏورو ٿيندو ويندو آهي ۽ نيٺ ان جي جهيڙي جهانءِ پاتار ۾ پيهي ويندي آهي؛ ۽ جيستائين اهو شڪار ونڊيو ورهائبو نہ آهي ۽ وري آهيڙين جا آنڊا بک ۾ وڌا نہ آهن، تيستائين اهي ڏهل ڀڙڻ ۾ نہ ايندا آهن." اياز هن سلسلي ۾ شاعر جي خود محويت کي بت تراش جي جنون سان ڀڙ پيٽيو آهي*، جنهن جا هٿ "چيٽيءَ تي زبرا ڏڪ هڻي، لهولهان ڏي پوندا آهن، ـ ۽ وري پٿر ۾ پيهي، ٻيءَ مورتيءَ کي چڪي اڇڻ لاءِ انهن چٽيل چڇريل هٿن کي ڪجهہ آرام جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي." ست سال اڳي پڙهڪ خط ۾ اياز فنڪار جي تخليقي جذبي جي انهيءَ ويڑ ۽ آلڙ، هل هلاڇي ۽ ماڻ، پالوٽ ۽ ٿوٽ سوکڙي جي ڪيفيت جو ذڪر ڪندي**، پنهنجي شاعريءَ جي ڏات کي "بيوفا سريت" کوڻيو هو، جيڪا "مونکي هميشه ڇڏي ويئي آهي!" ۽ ٻہ سال پوءِ جڏهن اها "بيوفاسريت" هڪ ٻيرو وري بہ وٽس موٽي آئي هئي ۽ ڪيس جاڳايو هئائين**، تڏهن ائين ٿي لڳو تہ "لکڻ وقت، هن جو ميندي‌ءَ رتو هٿ منهنجي هٿ تي رکيل هو ۽ گذريل واقعات رکيل انگوري شراب وانگر مدمستيءَ واري خوشبوءِ ڏيئي رهيا هئا. شمع تي شمع جلندي رهي ڪوئي پتنگ ڪونہ هو، فقط منهنجا خيال ڪنيڙاڻيون هڻي رهيا هئا ۽ منهنجيءَ جاڳ ۾ جرڪي رهيا هئا!"

"جل‌جل مشعل جل‌جل" جي پالوٽ کان پوءِ، ائين، وچ وچ ۾، ڪو ڪو شعرُ تخليق ٿيندو رهيو، نہ تہ شاعر جي دل جو ساگر سانت ۾ رهيو. پڇاڙيءَ ۾ "هي گيت اڃايل مورن جا" جبل تان لهندڙ ڪنهن مست نٽن وانگر، سپ جا سپ، اڻ ڏٺ ڏينهن ۾ جڙي راس ٽيا، جن جي رواني ۽ موج مون تقريباً هر روز ڏني ۽ جن جو مدمست آواز مون هر روز ٻڌو. اها منهنجي مخالفن جي مون سان مهر ٿي،

---

* "روح رهاڻ" جولاءِ ۱۹۶۷ع ـ "ڪانارئا ڪڪڻ"، ص۵۰

** "جي ڪاڪ ڪوريا ڪاڙي"، ـص ۲۷، ص‌ص ۶۲-۶۳

جو بيمار سنڌ جي پيراندين کان اٹاري ان جي سيراندين کان ويهڻ جو شرف ڏنائون، ۽ ائين، پيهر، عمر جي پوئين دور ۾، سنڌ جي هن اجهل ۽ امر آواز، منهنجي ماکيءَ کان مٿي ۽ موتين کان املهه دوست جي ايڏي قريب رهڻ جو وجهه ملير.

هڪ پيري، منهنجي هڪ ٻئي پياري دوست ۽ رفيق، محترم گرامي صاحب ويٺي ويٺي، شاعريءَ جي ڪرشمه آرائيءَ متعلق حيرت جو اظهار ڪندي، چيو ته 'هي آخر ڪهڙو اسرار آهي، جو صدين کان وٺي، سوين بلڪ هزارين شاعر محبوب جي حسن ۽ عشق جي هڪ ئي موضوع تي ايترين پولين ۾، ايترا نئين کان نوان خيال ۽ ايتري نئين کان نئين انداز ۾ چئي ٿا سگهن!' شعر ۽ شاعريءَ جو هيءُ اسرار واقعي حيرتناڪ آهي. محبوب ۽ ان جو حسن ۽ انساني دل ۾ عشق جو آڏمو - اِهي زمان ۽ مڪان سان واسطو رکندي به زمان ۽ مڪان کان آجا ۽ اوچا، سوچ جي دام ۾ ڪڏهن به نه ڦاسڻ جهڙا گهڻ - روپي ۽ گهڻ - رنگي ڪرشما آهن. ۽ شاعر جي انوکي ذات آنهن جي انهيءَ پهچ کان ٻاهر سراب ۾ جذب ٿي، جو ڪجهه اسان کي ڏئي ٿي، اهو نئين کان نئون آهي ۽ ان جي حيرتناڪي اسان جي عقل ۽ احساس کي عاجز ڪيو ڇڏي. هن مجموعي ۾، اياز جا ٻه گيت ــ "چاچا نه سمندر سرجي!" ۽ "پهريون پهريون لفظ خدا جو 'ڪُن فيَڪُون'" شاعر جي انهيءَ تخليقي هيجان ۽ شاعريءَ جي انهيءَ پراسرار ڪرشمه آرائيءَ تي ڪجهه روشني وجهن ٿا.

بهرحال، شاعر جي 'تحت‌الشعور جو هيجان'، جيڪو هن جي شعري تخليق جو فوري باعث بنجي ٿو، سو ڪو بي سبب ۽ ڪنهن سماجي خلا ۾ ڪونه ٿو پيدا ٿئي. شاعر پنهنجي سماج سان واڳيل انسان آهي، ــ ماضيءَ سان هن جو گانڍاپو ۽ مستقبل ڏانهن هن جي ذميداري ٿي هن کي حال جي فرض شناسيءَ ۽ فرض ادائيءَ لاءِ تيار ڪري ٿي ۽ ان ڏانهن آماده ڪري ٿي. تخليقي ڪيفيت ۾، شاعر جي ذات جي اظهار لاءِ "گذريل واقعات رکيل انگوري شراب وانگر مدمستيءَ واري خوشبوءِ" جو ڪم ڏين ٿا. "هي گيت اڃايل مورن جا" تخليق ٿيا، انهن جو سبب، انهن جو مواد ۽ پس منظر پنهنجي ديس ۽ ٻاهرئين عالم جا اهي دک ۽ پيڙا جا واقعائي معلوم ٿيندا، جيڪي گهٽي زماني جا پراڻا به آهن ۽ هلندڙ وقت جا تازا پڻ آهن. پنهنجي ديس توڙي ٻاهر، اڳي، ۽ هاڻي هن ٿوري وقت ۾، جو ڪجهه گذريو آهي، ۽ گذري رهيو آهي، اهو ڪنهن کان ڳجهو نه آهي. فردن کان قومن تائين جيترو ڪو هيٺو ٿي رهيو آهي، اوترو اُن سَٽو آهي. سنڌ ۾ اسين رهون ٿا ۽ دنيا جي بساط اسان جي اڳيان موجود آهي. آزاديءَ جي راهه ۾ ويٽنام جي بي مثل قوم جا بي مثال ڪارنامه هنن ڏهن مهينن ۾ پنهنجي معجزه‌نما حد کي پهتا. هن ئي عرصي ۾ عالمي انقلاب جو شير دل سرويچ، چي گئويرا شهيد ٿيو. هابيل ۽ قابيل، بابل جو شهر، دهليءَ جو سرمد شهيد، جهانسيءَ

جي راڻيءَ جو لاش، ٽيپوءَ جو ڪنڌ، مسدس حالي، شو جو ڪوڙو ناچ، ڦاسي گھات، ڪار مان لھندڙ نازنين، مزدور جو ھار، وردي‌ءَ وارا بوٽ، ڄيل جو بلڪ آئوٽ' جنھن ۾

بمباريءَ جي پَوَ ڪان بجلي
آھي روز وسائي ويندي،
پر ھو چوڏھينءَ چند ڪڍيو آ
(رات تہ ناھي ڏينھن ڏئو آ)
اُن کي ڇو نہ وسائي ٿو ڪو؟
اُن کي ڪير وسائي سگھندو!

ھي ۽ ٻيا سڀ اھڙا واقعا، جن جا بيان "ھي گيت اڃايل مورن جا" آھن ـــ اِھي اسان جي پنھنجي انساني زندگيءَ جي لاڳيتي ۽ اڪٽ داستان جا ڪي واقعا آھن. انھن ۾ ڪھڙا وقتي اھميت جا آھن ۽ ڪھڙا دائمي اھميت جا ـــ ان جو فيصلو ڪيئن ٿو ڪي سگھي! فن جو بھرحال ڪمال ھيءُ آھي تہ اُھو وقتي اھميت جو رول بہ ادا ڪري ۽ ان ۾ دائميت ۽ امرتا جو روح پڻ برقرار ھجي. سماجي ڪارج جي ڀرپور ادائگي فقط اھڙي پد تي پھتل فنڪار ۽ ان جو فن ڪي سر انجام ڏيئي سگھي ٿو. اياز جي ھر شعر ۾ انھيءَ قسم جي تاريخي ۽ سياسي ذميواريءَ جو احساس موجود ملي ٿو.

ھيءَ ذميواري، جيڪا ھر سچي فن جي تخليق لاءِ لازمي ۽ بنيادي شرط آھي، شاعر يا اديب محض وعظ ۽ نعريبازيءَ سان پوري ڪري ڪونہ سگھندو. ان لاءِ ھن کي فن جي اثر آفرينيءَ کان ڪم ونڊو پوي ٿو. چوندڙ ھولي، تشبيھ ۽ استعارو، علامت ۽ تمثيل ان اثر آفرينيءَ جا آزمايل وسيلا آھن، جيڪي شاعر کي استعمال ڪرڻا پون ٿا. اياز جي ھولين ۾ انھيءَ سلسلي جون نيون ترڪيبون بيشمار آھن ـــ ھن ڪي گيتن ۾ اوھان کي آواڪ آڄ، ڪنڌ ڪٻورن جا، سپني ول، تارونءَ ۾ تلوارون، آندڙيءَ ۾ آڪيرا، ڏرتيءَ تي دستارون، ڇپر مان ڇات، آڪيري جي اوٽ، ڏر جو ڏيڏ، ڏاڏ جي آڏ، چنگ جي چٽنگ، گلابي گھڙيون، ماڪ مھل، لھوءَ جي ندي، گھنڊ گناھن جا، ۽ ٻيون اھڙيون ڪيئي ترڪيبون ملنديون، جن مان اڪثر پنھنجي اصطلاحي مفھوم ٽوڙي علامتي مقصد ۾، شاعر پھريون پيرو استعمال ڪيون آھن. مثلاً "تارونءَ ۾ تلوارون" جي ترڪيب ("سرمد چا ٿو سوچي" واري گيت ۾) فتويٰ باز مُلن جي زبان لاءِ ڪم آيل آھي؛ زبان کي تلوارن سان تشبيھ ڏيئي (تلوار جو وڌ ڇڻي وڃي، زبان جو وڌ نہ ڇڻي ـــ) ۽ انھن جي چوٽين کي تارونءَ ۾ ڪتل ڇڻي، متعصب ملن جي انھيءَ پريشانيءَ ۽ حيرت کي ظاھر ڪيو ويو آھي، جنھن ۾

کين سرمد تڏهن ب وڏو هو ۽ هاڻي ب هو آهن، ۽ هو تارون ۾ تلوارون لڳايو، سوچ ۾ ورتا ويٺا آهن ته سرمد تي آخر کهڙي، ۽ کيئن کا يڪ تڪائي فتويٰ کيدي وڃي. فن جي ڪمال جو هيءَ گيت هڪ عجيب مثال آهي. هن سڄي گيت ۾ تاريخ جي ان پيانڪ ۽ روح مٿ ۾ آئيندڙ گهڙيءَ کي صديون گذريل وقت جي پاتال مان لفظن جي چار ۾ قاسائي، هڪ بت تراش يا رنگن جي چترڪار وانگر، اهڙي دائميت ڏني ويئي آهي، جو پڙهندي ائين ٿو محسوس ٿئي، جڏ اها هوبهو اڄ ب اسان جي آڏو بيٺي آهي.

هونئن ب، هر دور جو حقيقي شاعر پنهنجي مضطرب روح جي اظهار ۽ پنهنجي انقلاب آفرين پيغام جي بيان لاءِ پنهنجي جدا هولي پيدا ڪندو آهي. ان هوليءَ ۾ هن جي سچاڻپ هوندي آهي. هن جو هر لفظ ۽ ست درسي هوندي آهي، جنهن ۾ هن جي شخصيت جي جهلڪ ڏسبي آهي. ٻيا شاعر هن جي هولي استعمال ڪري سگهن ٿا، پر اها انهن جي هولي ٿي نٿي سگهي. دراصل، بين همعصر ۽ پوءِ ايندڙ شاعرن جي اهڙيءَ پيروءِ ڪاريءَ سان ئي ان اڳواڻ شاعر جي هولي مقبول عام ٿيندي آهي، ۽ قومي هوليءَ جي لفظي، اصطلاحي، ترڪيبي ۽ علامتي ذخيري جو حصو بنجي، ان جي اظهاري صلاحيت جي ايرڻ جو سبب بنبي آهي.

اياز جي هولي خالص سنڌي هولي آهي. سنڌي هوليءَ ۾ جيڪا پنهنجي خالص موڙي آهي، وس پچندي، هو ان کي ئي ڪم آڻي ٿو. "يونر پري آڪاس" جي ڪجهه اوائلي نظمن ۽ غزلن ڪانسواءِ، هن جي سڄي شعر ۾ اها ٽيٽ پنهنجي هولي ڪم آيل آهي. سنئين سنڌي ۽ سادي هوليءَ سان گڏ شعري رواني ۽ ميناج، جيڪو هن جي ڪلام ۾ موجود آهي، ۽ شعري خيالن ۽ صورتن لاءِ عام سنڌي ماحول جو استعمال، جيڪو هو بار بار ۽ هر موقعي تي ڪري ٿو، ان مان هن جي شعر ۾ بنهه موسيقيءَ جي پنهنجائپ سادگي ۽ معصوميت پيدا ٿئي ٿي ـــ ايتري قدر، جو پڙڻ سان ڪلام جي فڪري مواد ڏانهن پهرئين پيري ڌيان ئي نٿو وڃي. حقيقت ۾ هر فن جو ڪمال پڻ ان جي اها معصوميت، سادگي ۽ پنهنجائپ آهي ـــ اها سادگي ۽ معصوميت جا ساڳئي وقت بي انتها پيچيده جذبات ۽ گهريءَ فڪري ولوڙ جو اظهار ٿئي ٿي، ۽ اها پنهنجائپ، جنهن کي پڙهڻ سان ائين سمجهبو ۽ ائين دل ٿيندي ته اهڙو شعر آڳ ۾ ناهي سگهندس ۽ اجهو ناهي ٿو ونان!

شاعر جي هوليءَ جو خاص حصو اهي علامتون پڻ آهن، جيڪي هو پنهنجي مقصد جي ادائگيءَ لاءِ ڪم آڻي ٿو. غزل جي شاعريءَ جون علامتون ـــ ساقي ۽ ميخانو، گل ۽ بلبل، شمع ۽ پروانو وغيره، حسن و عشق ۽ تصوف جي ڪيفيتن کان سواءِ هاڻي سياسي ۽ سماجي خيالن جي اظهار لاءِ پڻ ڪم آنديون وڃن ٿيون. سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جون علامتون ـــ چانگو، ڪانگ، اٺ، ساموندي، چارڻ، ٽوپو،

کاهوڑي، جوڪي، وڻجارو وغيره، ۽ سنڌ جي روماني داستانن جا سڀ ڪردار، واقعا ۽ حالتون به عشقيه ۽ تصوف جي مضمونن کان علاوه هاڻي سماجي ۽ سياسي فڪر جي ترجماني ۽ لاءِ ڪم اچن ٿيون (۽ انهن کي ائين سماجي ۽ سياسي فڪر جي اظهار لاءِ علامت طور ڪم آڻڻ ۾ بہ اياز جو پهريون ۽ مکيه هٿ رهيو آهي). پر، تاريخ ۽ سياست جي هڪ ذميدار شاعر جي حيثيت ۾، پنهنجي فڪري اظهار لاءِ "سنڌي" ٻولي ۽ جي انهي ۽ سموري مروج اصطلاحي، تشبيهي ۽ علامتي ذخيري ۾ اياز ڪافي اضافا ڪيا آهن ـــ مثلا آرائين، چَرَ، اڇ، آهيڙي، مڌ ماتا، ناگاساکي، پنيٽ، سپنو ماڪ، مور، نڙ، گوري، گجري، پٽر پيٽ، هات، راڳي، سَرُ (نلاءُ)، چَر، ڪارونجهر، ڪينجهر، اروڙ، آمارو ـــ اهي ۽ ٻيا اهڙا ڪيئي لفظ ۽ نالا اياز پنهنجي قومي ۽ بين‌الاقوامي پيغام جي اظهار لاءِ علامتي انداز ۾ ڪم آندا آهن. اهي سڀ علامتون ڪيٽ سنڌي آهن، جيڪي هن پهريون ڀيرو ڪم آندیون آهن. هر اهڙي لفظ جي علامتي ڪارج جي ظاهر ڪرڻ لاءِ، هن جي شعر ۾ ڪنهن اهڙي رعايت جو اهتمام موجود رهي ٿو، جنهن سان اهو لفظ پنهنجي معمولي حيثيت مان ڦري علامتي حيثيت جو حامل بنجي وڃي ٿو ـــ مثلا، "او آرائين!" واري گيت جو هيءُ بند ـــ

"او آرائين!
تنهنجي ٻولي ۽ ڪهڙا گل؟"
"دوها، سائين!
ـــ پيار لڙتايا جيڪي پَل"

گيت جي هن بند ۾ "دوها" لفظ آڻي، ان جي رعايت سان "آرائين" کي شاعر، انقلابي مفڪر ۽ مبلغ جو درجو ڏنو ويو آهي؛ ۽ ان کان پوءِ سڄي گيت ۾ جيڪي ٻيا اهڙا لفظ ڪم آيا، مثلا "سر عام"، "ڳاڙها گل"، وغيره، ان پهرين ۽ مرڪزي رعايت سان پنهنجي پنهنجي علامتي حيثيت ۾ پڙهندڙ جي ذهن ۾ از خود ايري اچن ٿا.

گيتن جي هن مجموعي جو نالو ـــ "هي گيت اجايل مورن جا" ـــ خود علامتي اهميت رکي ٿو. "گيت" دانهن، فرياد يا سڏ جي علامت آهي؛ "مور" وطن دوست انقلابي ۽ جي علامت آهي؛ ۽ مور جي "اڇ" کي آزادي ۽ ۽ انقلاب جي پياس يا خواهش چئي سگهجي ٿو. ۽ ڇاڪاڻ ته هي گيت سنڌي ٻولي ۽ ۾ آهن، ۽ سنڌ جي شاعر پنهنجي وطن جي بيوسي ۽ ۽ مجبوري ۽ جي پس منظر ۾ ڇپيا آهن، تنهنڪري هي گويا سنڌ جي وطن دوست انقلابين جا آزادي ۽ ۽ انقلاب لاءِ فرياد يا سڏ آهن. هي گيت پنهنجي علامتي مفهوم سان وقتي ۽ مقامي اهميت کان سواءِ دائمي ۽ عالمي اهميت پڻ رکن ٿا، ڇاڪاڻ ته جن انساني اعليٰ قدرن جا آهي حامل آهن، آهي قدر زمان ۽ مڪان جي حدن کان بالاتر آهن. اياز جي فن جي عظمت انهي ۽ ۾ ئي آهي، جو سندس شاعرانہ علامتون نہ فقط پنهنجي معاشري ۽ حالات جي تصوير ڪشي ڪن

ٿيون، بلڪ انهن مان سندس پڙهندڙ ساري انسان ذات جي تاريخ ۽ تقدير جي جهلڪ پڻ ڏسي ونڻ ٿا. اياز جو هيٺيون نندڙو گيت انهيءَ سلسلي ۾ خاص ڌيان لهڻي ــ

ڪتا ڀؤنڪن
پاڳيا ڀؤنڪن
چور به ڀؤنڪن ٿا!
ڪيڏي آ اوناڙ هوا ۾!
هرهر هيئين ڦاڙ هوا ۾!
جارا چرڪن
چارا چرڪن
تارا چرڪن ٿا!
ڪير اويرو آيو آهي؟
هن وستيءَ ۾ چاڻو چاهي؟

ڪتا ــ ڏاڍ جا غلام ۽ چاري؛ پاڳيا ــ عوام؛ ۽ چور ــ ڏاڍ جا ڏٽي. جارا ــ آزاديءَ ۽ علم (هوا ۽ روشنيءَ) جا وسيلا (اخبارون، ڪتاب، تعليم گاهه وغيره)؛ چارا ــ سياسي (قومي) جدوجهد جا رستا (آئيني ۽ غير آئيني)؛ ۽ تارا ــ عظيم مقصد، اوچا آدرش. لفظ "ڀؤنڪڻ" ڏي ڀيرا ڪم آيو آهي ۽ ڏيئي ڀيرا ان جي اصطلاحي معنيٰ مختلف آهي. ڪتن جو ڀؤنڪڻ ڀؤنڪڻ ڏي آهي؛ پاڳين جو ڀؤنڪڻ معنيٰ انهن جو آزاديءَ ۽ انصاف جي حقن لاءِ بيسود رڙڻ، يا انهن مان ڪن جو خود ڏاڍ ۽ سان ملي حق جي آواز جي خلاف دانهڻ، ۽ چورن جو ڀونڪڻ معنيٰ سچ ڪي لڪائڻ، ننگ ۽ هيسائڻ لاءِ ڪوڙي پروپيگنڊا ڪرڻ. جارا، چارا ۽ تارا ڏي ڏي چرڪن ٿا (تفرقي ۽ تحرڪ ۾ اچن ٿا)، پر ڪنهي جو چرڪڻ الڳ الڳ سبب ڪان ۽ الڳ الڳ نوعيت جو آهي. اوناڙ ــ هانءُ پنوڙيندڙ رڙ آهي، جا رات جي سناٽي ۾ ڪنهن ماريل جانور تي ويهي، ڪو اڪيلو بگهڙ ڪندو آهي، ۽ "هرهر" انهيءَ ڪري، جو هڪڙي اوناڙ ڪان پوءِ ٻئي هنڌ ويئل ٻيو بگهڙ ٻئي ماريل جانور تي رڙي ٿو، ۽ ٽئين هنڌ ٽيون، وغيره. "ڪير اويرو آيو آهي، ــ هن وستيءَ ۾ ڇا ٿو چاهي؟" معنيٰ ــ هن ديس ۾ ۽ هن مهل آزاديءَ ۽ انقلاب لاءِ سڏيندڙ ڪوتاه آيو آهي! اهو ڪير آهي، ۽ اهو ڇا ٿو ڳهري؟"

هي نندڙو گيت ڀهراڙيءَ جي ڪنهن ڳوٺ جي ڪنهن به رات جو منظر چٽي ٿو. رات جي سناٽي ۾، ستي لوڪ، ان ۾ ڪو خير جو ڳهورو شخص لنگهي آيو آهي، ۽ هڪدم رڙورڙ ۽ سڏوسڏ پئجي ويئي آهي! هن، تقريباً هر روز واقع ٿيندڙ، صورتحال ڪي سڃي جو سڃو علامتي طور پنهنجي ملڪ، ڪنهن به ملڪ، بلڪ دنيا جي موجوده ٽوڙي آئنده واقع ٿيندڙ ڪنهن به فسطائي ظالمانه دور جي بيان لاءِ ڪم

آندو ويو آهي، ۽ ساڳئي وقت پڙهندڙ جي ذهن کي ڏونڊاڙي، پڌايو ويو آهي ته هو پاڻ ڳولي، سوچي ۽ سمجهي ته هڻي هانءَ هوساڻيندڙ ماحول ۾ ڪير شخص يا ڪهڙو فلسفو ۽ فڪر آهي، جو نجات ڏياريندڙ يا نجات جي راهه ڏيکاريندڙ آهي، ۽ اهو هر ڪنهن کان ۽ خود ڪائنس ڇا ٿو چاهي!

اياز پنهنجي شعر جي فني هيئت تي پاڻ هڪ جدا تفصيلي مضمون لکي رهيو آهي. هنن گيتن ۾ هڪ ٻن هنڌ حاشيي ۾ پڻ هن پنهنجي فن جي انهيءَ پهلوءَ ڏانهن اشارا ڏنا آهن. موضوع تي منهنجي پنهنجي پاڻ کا خاص ڪانهي، ۽ ان سلسلي ۾ ڪجهه وڌيڪ لکڻ مناسب نٿو سمجهان. بهرحال، ايتري ڳالهه ته صاف آهي ته شعر جي ترنمي سانچن ۾ اياز اڪثر فارسي بحروزن ۽ هندي ڇندن جو ميلاپ ڪيو آهي. مثلا هي زير نظر سڀ گيت ماترائن جي حساب سان ٻڌا ويا آهن، پر فارسي بحروزن تي به انهن مان اڪثر شعر ٺهڪي بيهن ٿا. سنڌي ٻوليءَ ۾ ماترائن جي حساب سان شعر چوڻ مان فائدو اهو ٿئي ته ان ۾ سنڌيءَ جي ڪنهن به متحرڪ حرف کي ساڪن ڪرڻو ڪونه ٿو پوي، جيئن فارسي بحروزن جي تقاضائن مطابق ڪرڻو پوندو آهي، ۽ اهڙيءَ طرح ٻوليءَ جي بگاڙي جو امڪان نٿو رهي. اياز جيتوڻيڪ شعر جي ماپن ۽ نمونن جا ڪيئي تجربا ڪيا آهن، پر انهن مان هرهڪ ۾ هن شعري هيئت جي خالص سنڌي روايتن کي بنيادي طور قائم رکيو آهي، بلڪ انهن کي اڳتي نيئي، انهن مان نوان شعري ماپا ۽ نمونا ايجاد ڪيا آهن. مثال طور، هنن گيتن ۾ وائيءَ ۽ پڻ غزل جي نمونن کي ٻوريءَ ڦيرگهير سان نظم لاءِ ڪم آندو اٿس ـــ"ڇاڇا نه سمندر سرجي!" وارو نظم غزل جي ڦيرگهير، ۽ "چٽندڙ پن، وڇوڙيل يار، ـــ ڳالهه ته هڪڙي آهي!" وارو نظم وائيءَ جي ڦيرگهير جا مثال چئي سگهجن ٿا.

هر فن جي اصلي ۽ آخري عظمت ان جي سچائي آهي. اياز کي ڪجهه چوڻو آهي، ۽ هو چوي ٿو. هن جي شعر، جو هيترو چؤ ٻول پيدا ڪيو آهي، ۽ سنڌي ادب جي دنيا ۾ ايتري پڪتائي حاصل ڪئي آهي، ان جو خاص سبب هن جي پنهنجي فڪر، پنهنجي اندر جي آواز ۽ پنهنجي فن سان سچائي آهي ۽ سچ جي هوندي ماڻهوءَ جي پي هر لياقت، جنهن کي ڏات ٿو سڏجي، ثانوي حيثيت وٺي ٿي ٻيهي ـــ سندس پنهنجي هڪ گيت جو بند آهي ته:

"ڏات وڏي شيءِ ناهي،
"پر سچ وڏي شيءِ آهي ـــ
"۽ جو سچ مچائي
"سو مچ وڏي شيءِ آهي!"

جيڪب آباد
۱۹-۲-۱۹۶۸ع

هي گيت أُجايل مورن جا

هي گيت جُدائيءَ جهوريءَ جا،
۽ لونءَ لونءَ ڪنهن جي لوريءَ جا،
۽ هَر هَر هنجون هارڻ جا؛
هي گيت آڪارڻ ڪارڻ جا ــ
ڪنهن وقت هَوا ڪان هَلڪا ها،
هي گيت جُهڙالييءَ جَهلڪا ها؛
ڪنهن وقت اهي گنبير هُيا،
ڪنهن اونهيءَ نَڻن جو نير هيا؛
هي گيت ڏياڻيءَ ڏرتيءَ جا،
۽ داڻي پاڻيءَ ڏرتيءَ جا؛
هي گيت لهوءَ جي لُڙڪن جا،
هي گيت سَلهاڙيل سُڏڪن جا؛
هي گيت آڏاڻل گهيرن جا،
۽ آندين ۾ آڪيرن جا؛
هي گيت بُڪايل هارن جا،
۽ مستقبل جي تارن جا؛
درماندن جا، مزدورن جا،
۽ ڪيتيءَ ڪيتيءَ ڪوُرن جا؛
زنجيرن جا، زندانن جا،
۽ لوهُ-ليڳين انسانن جا،
۽ سوريءَ تي سَرواڻن جا،
هي گيت آمر آهيڃاڻن جا؛
هي گيت ڪُليل ميدانن جا،
۽ جندڙيءَ جي جولانن جا،
هي گيت آجهلَ آزاديءَ جا،
۽ ڀانهن ۾ بَلَ آزاديءَ جا؛

---

درماندا ــ ڏُکي، پريشان

جو ڪيري ڪوت غلاميءَ جا
هي گيت اُنهيءَ هر عاميءَ جا ــــ
مون توکي ڇا ڇا گيت ڏنا!
ڇا شبنم شعلا گيت ڏنا!
ڇا سُپنا سُپنا گيت ڏنا!
ڇا سُندرتا جا گيت ڏنا!

مان توکي جيئَ ڏيان اي ڏرتي!
تون مون تي زنجير وجهين!

⊙

تون جو مون کان پوءِ اچين،
ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين منهنجا گيت پڏين،
مون کي ياد ڪرين!
سنڌڙي ساري گهاڙهو کهنبو ٿي ويندي تيسين،
۽ جي اُن ٿي منهنجي ڦڙيون ڦڙيون ڏات ڏسين،
شال اهو سمجهين!
ڏات وڏي شيءِ ناهي،
پر سچّ وڏي شيءِ آهي؛
۽ جو سچّ مچائي
سو سچّ وڏي شيءِ آهي!

⊙

"او آرائين!
تنهنجي جهوليءَ ڪهڙا گُلّ؟"
"موتيا، سائين!
ــــ ننڍ پڻيءَ نَؤ ورنيءَ گُلّ."

⊙

هي گهناؤنيون گهڙيون،
آگ آگ آسمانُ،
مورُ، ريهت تي رڙيون —
مينهن آءُ!
مينهن آءُ!
مينهن آءُ!

رولِ هئن نہ رُڄَ ۾،
آ مسين ڪُلي زبان
هن آواڪُ اُڄَ ۾ —
مينهن آءُ!
مينهن آءُ!
مينهن آءُ!

چَرڪندڙ ملير تي،
ٽاڪُ ٽاڪُ آ ٻلاءُ،
ڪَڇَ تي ڪنديَر تي —
مينهن آءُ!
مينهن آءُ!
مينهن آءُ!

آءُ وِڄَ، واڇَ، واءُ!
ٽا سَهي سگهون نہ تاءُ —
آءُ، آءُ، آءُ، آءُ!
مينهن آءُ!
مينهن آءُ!
مينهن آءُ!

---

آواڪُ — بي آواز

⊙

مان توکي گيتَ ڏيان اي ڌرتي!
تون مون تي زنجيرَ وجهين!

هي گيتَ گلابي جهڙ قڙ جا،
هي گيت شرابي جهڙ قڙ جا؛
هي سانوَڻ جا من پانوَڻ جا،
هي آگَم آگَم آنوَڻ جا؛
هي گيت آڇايل مورن جا،
ريتيءَ تي ڪَنڪ ـ ڪَنورن جا؛
هي گيت سُنهريءَ سنڌوءَ جا،
تنهن نيريِ گهريءَ سنڌوءَ جا،
جا سُپنا آهي سانجهيءَ جا ـــ
هي گَيت پَتڻ تي مانجهيءَ جا،
هي گيت ٽِکن طوفانن جا،
هي گيت آٿل انسانن جا؛
هي گيت روُپهري پانهن جا،
ءَ دوريءَ جا ءَ دانهنِ جا،
گهنگهور گهٽا جٽن جواني جا،
ٻُرشور هوا جٽن جوانيءَ جا؛
هي گيت رسيلن رنگن جا،
يا جهولا مست اُمنگن جا!
هي گيت نِڪورن ٿانوَن جا،
ءَ لانوَن جا ءَ ڇانوَن جا؛
هي گيت رُسڻ جي راتين جا،
ءَ آتَ اُڪنڊين باتين جا؛
هي گيت برهم جي باندي جا،
ءَ سُهڻين جي سيراندي جا،
ءَ وارن ڪارن ڪارن جا،
هي گيت سُڳنڌي سارن جا؛

"او آرائين!
تنهنجيءَ جهوليءَ کهڙا گُلَ ؟"
"ڏوهاڻ سائين!
ـــ پيار لُٽايا جيڪي پَلَ."
"او آرائين!
تنهنجيءَ جهوليءَ کهڙا گُلَ ؟"
"ڳوڙهاڻ سائين!
ـــ هن ڏرتيءَ جا لُڙڪَ آجَهلَ."
"او آرائين!
تنهنجيءَ جهوليءَ کهڙا گُلَ ؟"
"پياراڻ سائين!
واءُ سَرءُ جي جا چَل وَلَ."
"او آرائين!
نيٺ تہ ڪيڏندا ڳاڙها گُلَ!"
"هاڻ هاڻ سائين!
نيٺ تہ ڪيڏندا ڳاڙها گل!"

⊙

ڪامَهہ ۽ ڪَنگور نہ چاڻي،
اُن جو وَيَ هزارين واڪا
ٿي ويندو.
دنيا جو دستور نہ چاڻي،
شاعر اُن جا لوڻءَ لياڪا
ٿي ويندو.
هي جا گهايل ڇاتي آهي،
اُن جو موت حياتي آهي.

---

ڪامَهہ ـ اُتر اولهہ جي هوا
ڪَنگور ـ هڪ ٻوٽو، جنهن کي وڏي نڙ يا بنسري بڻائي ويندي آهي.
لياڪا ـ ليٻا

⊙

## 'سونهريءَ سَر سوهڻو، ڪينجهر ڳاڙهو ڳل'

(لوڪ-بيت جي هڪ سٽ)

—

اي ڪينجهر! تنهنجي ڪنڌيءَ تي
ڪوئي ته تماچي اچڻو آ!
۽ نوُرا پائي نوُريءَ ڪي
ٽي لهرون لهرون نچڻو آ!

مون ڪالهه پَتَڻَ جا پارَ پُڇي،
تِين لاءِ بتيلو ٺاهيو آ:
طوفان لڳا، سيڙهه ڪونه ڇڳا،
اُنَ ڪيڏو سينو ساهيو آ!

اڄ لامَ نِوائي نيري جي،
تِين لاءِ ستارا ٽوڙيان ٽو؛
تا جيهرمر جيهرمر هار لڳن،
جي گيت نوان مان جوڙيان ٽو.

اي ڪينجهر! تو تي ڳاڙهو گل،
جو واءُ ڦلاري وڃڻو آ؛
هن سونهريءَ جي سَرَ سَرَ جي،
سو سونهن اُجاري وڃڻو آ.

اي ڪينجهر! تنهنجي ڪنڌيءَ تي
ڪو ميلو نيٺ ته مچڻو آ!
ڪا نوُري نيٺ ته نچڻي آ—
ڪوئي ته تماچي اچڻو آ!

---

سونهري ـ ڪينجهر پرسان پهي ڏنيءِ. ڪينجهر کي گهوٽ ۽ سونهريءَ کي ڪنوار چيو ويندو آهي. ساوڻ ۾ جڏهن سونهري ۽ ڪينجهر پڻي پرجي، اُتل ڪائي، هڪٻئي سان ملي ويندڙيون آهن، تڏهن چيو ويندو آهي ته سونهريءَ ۽ ڪينجهر لاڙون لڏيون آهن.

⊙

سَردیءَ ۾ سنگینون آهن
وَردیءَ وارا بوٽ اچن ٿا۔
آؤنا پیر، پري کان پَڌرا
منهنجيءَ چانڊ تي ترسن ٿا۔
هیبسیل هانوَ، آپهرا اُلکا:
سارا پاتي ڏَڪ ڏَڪ کَن ٿا۔
ءَ هوُ دَر تي
ڏَڪ ڏَڪَ کَن ٿا
ڏَڪ ڏَڪ کَن ٿا!

—

"مون تہ چیو هو توکي، بابا!"
ءَ پو بوڑا لُڙڪَ لڙن ٿا—
"اهڙا گیت لکین چو تو تون،
"جو تو تي زنجیر وجهن ٿا!
"توکي دیسَ-دُروهي کوڻي،
"کوڙا کائڙ بَڪ بَڪ کن ٿا"—
ءَ هوُ در تي
ڏَڪ ڏَڪ کَن ٿا
ڏَڪ ڏَڪ کَنَ ٿا۔

⊙

هن دیسَ سڃي کي سائي آ
هر شام اُفق تي لیمي جڳن
چا هیڊي هیڊي آئي آ!
ءَ اُن جي کاريءَ ڪان کانَ ۾
چا وحشت! چا تنهائي آ!

---

آؤنو ـ ناپاڪ، پلید۔
دیس دروهي ـ وطن جو غدار۔

ڪو ديوُ ڦري ٿو ڏرتيءَ تي
جنهن منهن ۾ پاتي چائي آ
۽ ڪنڈُ ڪرنگهو ماٺهوءَ جو
تنهن رڙڪي، راڙ مچائي آ۔
جو ٻُڌڪو آهه پيانڪ آ،
هر ڇاٽوءَ جيءُ ڪنپائي آ،
ڪا جهاتي ناهه جهروڪي ۽،
ڇا هيبت هن ڦهلائي آ!
آ مڙهه جي ماڻ هوائن ۾،
هر شام هتان جي ڪائي آ۔
پر توسان ڪالهه آجائي آ!

—

هن ديس سڄي ڪي سائي آ
هر سپني ساڀيا ۾ اُن جي
ڪا هيڊي هڪجهڙائي آ۔

سڀ اُڏري ويا وهلوُر وَڳر
ڪا ڪوُنج نه موتي آئي آ،
سِڄُ ٽاري ٽاري ڪيچي ٿو
ڇا 'ڪان ڪان' جي ڪارائي آ!
هر وقت پيو راڪاسُ رڙي
تو ڪهڙي آس لڳائي آ؟
ڪو ڪنڈُ ڪرنگهو آهي ڇا
جنهن ۾ ڪا سڳنّهه سمائي آ؟
سي ڳاڙها ڦول ڪٽي آهن
تو جن لئه جهولَ وڃائي آ؟
ڪنهن باڪ ڦٽيءَ جي سپني ۾
تو ڪيڏي عمر گنوائي آ!
پر توسان ڪالهه اجائي آ...

⊙

چگو ٻڌائي آءٌ هلان ٿو-

مان تنهنجو احسان ورسارياں
سو ناممڪن آهي سائين!
تون ته اڳهي جو آڏر آهين
رهندي تنهنجي سار سدائين.

ساحل تي بيهوش هيس مان،
مون کي لهرون لوڙهي آيون:
جي مون سان تنهن وقت ڪيئن سي
ڪيئن ٻڌلايان آءٌ ٻڌلايون!

تو مون کي ٻي جندڙي بخشي،
ساهه وڏو تو، ستّرت ڏني تو،
مون سان ساريون راتيون جاڳي
ڏيکاري آ پيڃ-ٻيني تو.

پر هاڻي ڏسّ هو وانڱيون
جن ۾ ڪو سپنو سڻجي ٿو،
گهنگهور گهٽائون پرجن ٿيون،
پرشور سمندر گرجي ٿو...

هوءَ چاتي چوليءَ چوليءَ جي،
هؤ لوليون لهر هندوري ۾!
پر چا چا تارَن-ٽڙڪا ها
هِن ڪَنڌيءَ هيٺان ڏوري ۾!

ڇا چا وينجهَر واءُ جڙيون
ڪلهه منڌيون تنهنجي واريءَ تي!
.مان توسان پاڙيندو رهندس
جي ٻول ڪيم ٻيتاريءَ تي.

اڄ مون کي ٻيهر وڇڙو آ
طوفانن ۾، طغيانين ۾،
هن رت جي ريت نرالي آ
ٿي شور وجهي شيريانين ۾-

هوءَ ساحل ڏاڍو ڏُور سهين
پر اُن جا سَڏ ٻڌان ٿو مان!
هيءَ ڪشتي، جا تو جوڙي آ
اڄ اُن تي دوُر وڃان ٿو مان-

چڱو ٻڌائي، آءٌ هلان ٿو.

⊙

اي نند نڪاري! آءٌ نہ تون
هي گيت آڏورو آهِ اڃان.

اي لهرون لهرون نند، اڃان
مان پنهنجي ٻيڙي جوڙيان ٿو
۽ تنهنجيءَ ڪاريءَ ڪنڊيءَ تي
ڪجهه عرصو لنگر کوڙيان ٿو.

هي تنهنجا ڪارونيار ڏسيي
هرڪنهن جو هانءُ دهلجي ٿو،
پر وقت اُبهرو وانجهي آ
جو ڪنهن جي جَهلّ نہ جَهلجي ٿو.

هي سپنا سپنا سيڙهه منهنجا
ٿو پرکي تين جي سبّ ڏسان!
جا مهلت آهِ غنيمت آ،
هرڪنهن کي وڇڙو آهِ هتان.

هي وقت آپهرو وانجهي آ
جو ڪنهن جي موُر نہ ميڙو آ،
ڀ ٻيڙَن-ٻوڙُ هوائن ۾
جو مون سان گڏجي وڃڻو آ.

اي نند نِڪاري! آءٌ نہ ٿون
هي گيت آڏورو آهہ اڃان!

⊙

جنهن تـي بہ ٿيو، جنهن وقت ٿيو، جنهن جـاءِ ٿيو
سو مون تي ظلم ٿيو آهي.

ڪا ٻانهَن وِڙِي، مون دانهن ڪئي، "جو ڪانهن ڪيو
سو منهنجيءَ ڪنڈيءَ جو آهي!"

ڪوئي بہ ڪُنءِ، جيڪو بہ چرو، جنهن تي بہ هَليو
سو منهنجيءَ رَتّ-رتو آهي

جنهن وقت بہ ڪو، مون گيت چيو، هن ڌرتيءَ جو
جَڻ ڪوئي قرض چڪو آهي.

⊙

تو ڪيڏو قَهر ڪَيو آهي
هن بَند دَريءَ جي شيشي سان
جو هي گلدان رکيو آهي!
تون روز وڃين ٿو ماکَ اُگهي
هن بَند دَريءَ جي شيشي تان،
پر گل گل جي تو گهوُر ڏني؟

هي گل گل ڪائي اڪ آهي
هين بَند دَريءَ جي شيشي مان
جا دؤر ڏسي ٿي پونرن ڪي!
ڪو اُن ۾ لڙڪ رهيو ناهي
۽ بَند دَريءَ جي شيشي جان
گلدان پيو بي جان لڳي.
تون ڪولي ڇڏ هي بَند دَري!
ڇا هيَر لڳي ٿي ماڪ پري!

⊙

ڪَلهه بيهي ڪنهن نيم جي هيٺان،
مون سوچيو - آءُ به وَڻُ آهيان!
مون ۾ به نيموريون ورهُ جهڙيون
جي چڙچرن ويٺا نوريئڙا!
ٿو چانوَ ڪَيان مان ڏرتيءَ تي
پر مون تي اُپَ جا آرانيا!
هن ڪَلراٽيءَ ڏرتيءَ تي مان
پيو ٿي نہ سگهان، توڙي چاهيان -
ڪَلهه بيهي ڪنهن نيم جي هيٺان
مون سوچيو - آءُ به وَڻ آهيان!

⊙

ڏينهن جهڪيو هو ڏاڳهي جئن
جَهرڪي هئي سانجهيءَ جي جُهلَ،
گَهر ڪان ٻاهر ڪيتيءَ ۾
ڇا نه هيا ڪَس ڪَس جا گل!

مون تِن جي ڳاڙهاڻ ڏسي
سِڄَ-لٽي ۾ ووڙيو هو،
ڪالهه ڪَڪوريءَ ڪَڪريءَ تي
مون کو تَنبو جوڙيو هو.

پو هوءَ ڪائنر آيا ها
ڪولي مون لَٽِ هَٽّ-ڪَڙيون؛
ڪيئن وِساريان اي ساڻي،
آءٌ آهي گهنگهور گَهڙيون!

ائين لڳو هو جڏ ڪنهن ڪَڏ
پنهنجو واتُ پٽيو آهي
۽ مون کي ڪنهن واڳوءَ جئن
ڏيئي جَهڙپ جَهٽيو آهي.

ڪالهه ته ڳاڙها ڪَس ڪَس گل
ڪنهن نَشّي جي نِينَ هيا،
اَجُّ آهي ٿا ڪَٽنڊ لڳن
منهنجي ريٽي رَتُ-هاتا.

سانجهي ياد ڏياري ٿي
لَهندي سِڄَ جي هَٽّ-ڪڙي!
جنهن ۾ قيد ڪئي وئي آ
ڪائي سَرجٽهارَ گَهڙي!

---

جَهرڪڻ - چمڪڻ، جگمگائڻ
جُهلَ - ڪنهن به سواريءَ (اُٺ، گهوڙي وغيره)
جي پٺيءَ تي پاتل ڪَپڙو

⊙

هي واريءَ پَنڌَ نہ ڪُٽو آ...
اي رِڻَ جي رات! انڌيري ۾
هي منهنجو سپنو ٽٽو آ.

ڪنهن وقت وهائو ڳائي ٿو
ءِ چارو چمڪي، پيرن ڪي
ڪو ڏَيڻ ڏَئي ڏوڙائي ٿو.

ڪنهن وقت گَهٽا جي گهاٽيءَ ۾،
هي ڪارو نِيڻ پهاڙن جان
آ پنهنجيءَ چوما چاٽيءَ ۾؛

ڪو ڏائِڻ جَڻ ٻُڇڪار ڏَئي
ٿو چَپڻ چُمي ڪنهن ڏائِڻ جا،
ءِ ڏاڏَ ڪَري ٿو، ڏارَ ڏَئي—

تنهن وقت گهٽا گهوريان ٿو
ءِ جاچي پنهنجون لالَ لِڦُون،
مان آرتيون اکڙيون پوريان ٿو...

ءِ ڏُرڪي ڏُرڪي سوچان ٿو،
'هي واريءَ پَنڌَ نہ ڪٽو آ...
'مان ڇو لالَڻ-لَئِہ لوچان ٿو!'

---

نِيڻ — آپ
ڏاڏَ ڪرڻ — زور سان روئڻ
ڏارَ — سهارو

⊙

ٿو سڄڻ لهي، جَن ڏاکوڻءَ ۾
ڪَنهن ريتو رَتُ پَريو آهي!
۽ هَرڪو ڏُڪ ڏُک پيئي ٿو
اِئَن جيئي ٿو!

ٿي رات اچي، هَر تاروڻءَ ۾
ڪنهن تاري تيرُ هنيو آهي
پَر هرڪو لوڇَ ڇُٽائي ٿو
۽ ڳائي ٿو!

تون تون ناهين! مان مان ناهيان!
تون ڇا آهين؟ مان ڇا آهيان؟

⊙

ڪُتا پَوُنڪن
پاڳيا پَوُنڪن
چور به پَوُنڪن ٿا!
ڪيڏي آ اوناڙَ هوا ۾!
هَر هَر هيئين-قاڙَ هوا ۾!

جارا چرڪن
چارا چرڪن
تارا چرڪن ٿا!

ڪير اَويرو آيو آهي؟
هن وَستيءَ ۾ ڇا ٿو چاهي؟

⊙

هي شهر به جهڙو بابُل آ—
گهر گهر ۾ گهنڊ گناهن جا،
دِل دِل ۾ چڪلا چاهَن جا،
محراب آهي مُنبر به آهي،
جت گوڙ لڳا گمراهن جا.
آ ٿورو فرقُ، اُهو هي آ—
هت جو به فرشتو آيو آ،
پو ڏوهي آ بي ڏوهي آ،
هِنَ کوهَ اندر لٽڪايو آ.-
هي شهر به جهڙو بابُل آ.

⊙

ملاّن پنهنجي عَمّامي ۾
سوچي، ڏاڙهي نوچي
'سَرمد چا ٿو سوچي؟'

دِلّيءَ جون ديوارون سوچن:
چَندُ قُطب-مينارَ متان آ،
ڏرتيءَ تي دستارون سوچن:
مجري مجري جي پايل ۾،
چَم چَم جون چَنڪارون سوچن:
قِلعي قِلعي آڪَ نه جهڪي،
رات لڙيءَ للڪارون سوچن:
هَٿِ هَٿِ خوني خنجر سوچي،
تاروُنءَ ۾ تلوارون سوچن:
دارا جي تقدير نه سوچي،
هونءَ ته سڀ درباروُن سوچن—
'سرمد چا ٿو سوچي؟
'هِنَ عرياني جي جامي ۾،
'لونءَ پَٽي چا لوچي؟'
ملان پنهنجي عَمّامي ۾
سوچي، ڏاڙهي نوچي،
'سَرمد چا ٿو سوچي؟'

---

عَمّامو—پگڙي، دستار. عرياني—اُگهاڙپ

⊙

تون ديوانو آنهه مُصوّر!
هيءَ ڪائي تصوير ته ناهي،
ڇڏ هيءَ ڇا هي؟

ـ سو ته ڏسان ٿو سِڄُ لٿو آ،
رَتُ ـ وَرنو آ، دل جهڙو آهي،
پر هي ڪنهن جو لاش پيو آ؟

ڇا، هيءَ جهانسيءَ جي راڻي آ؟
ـ چِتر ته ناهي ڪُڙڏاڻي آ!
رَتُ آ، پَرلَئِي جو پاڻي آ؟

هي ٽيپوءَ جو ڪَنڈُ پيو آ،
ٽمپو ساڳيءَ جاءِ مُئو آ!
ءَ هي ڇا هي؟ ءَ هي ڇو آ؟

هي ته مُسدّس حالي آهي،
گاڙهي رَتُ ۾ آلي آهي؛
ءَ هيءَ ڪِيجهڙ نرالي آهي—

ڇا، ڪا ڪِيجهڙ به پڙهندي آهي؟
هيڏي چُهنب ته ڪنهن جي ناهي!
ٽيپوءَ تي پنهنجا پَرَ ساهي،
ٽي راڻيءَ جا نيڻ چِٻاڙي!
ءَ ڇڻ لهندي سِڄَ ڪي تاڙي،
ٽي نظرن سان چيري ڦاڙي!—

تون ديوانو آنهه مُصوّر!
هيءَ ڪائي تصوير ته ناهي،
ڇڏ هي ڇا هي؟

---

چِتر ـ تصوير.
پَرلَئِي ـ پوريءَ دنيا جي تباهي، ٻوڏ وغيره ۾ عام تباهي.
مُسدّس حالي ـ اُردوءَ جي مشهور شاعر ۽ اسلامي مبلغ الطاف حسين حاليءَ جو هڪ ڪتاب.

⊙

سِرُ هيٺ، ڏَڙُ متي،
شِوُ ناچُ ٿو ڪري؛
بَلُ ٻانهن ۾ نه، ۽
ٻَهه ٻَهه ڪَيو ٻري؛
ڇا هَٽَ ٿو هٽي!
ڇا پيَر ٿو ڏري!
انڌو ڏسي ڏري.

—

نَٽ - راج هيل ٿو
ڪو مسخرو لڳي؛
تانڊؤ ته نانوَ ۾،
آ ڪِلَ وڏي ڪڳي؛
هئن دُهل جنگ جو
تو ڪو ٻڌو اڳي؟
ٻوڙا ٻيو ڏڳي.

---

نوٽ: نٽ - راج (شِوُ) جڏهن تانڊؤ ناچ ڪندو آهي، تڏهن هر جي چڪري ۾ هوندو آهي. هن جون چار ٻانهون هن جي ننگن ڪُلهن وٽان وڃڻ وانگر ڦهليل هونديون آهن ۽ هن جي گوڏي وٽان مڙيل هڪ ٽنگ مٿي ڪڇيل هوندي آهي. هن جي انداز مان قهر ۽ غضب جي ڪيفيت ٽپڪندي آهي ۽ هن جي منهن تي ديو - لوڪ جي گنپيرتا ۽ پنهنجي پل ۾ پروسو بکندو آهي. اهو ناچ تباهيءَ جو ناچ هوندو آهي ۽ انسان ذات کي جنگ جي آڙاهه ۾ وچڙائي ڇڏيندو آهي.

⊙

هيڏانهن گَرَڻ، هوڏانهن گَرَڻ،
ڪو لاشُ پيو آ واريءَ تي،
۽ اُن جي لوهي ٽوپَ اڳيان
بندوق پئي آ ڏرتيءَ تي،
۽ جنگي تمغو ٽو جَرڪي
ڪو اُن جي خاڪي وَرديءَ تي.
۽ اُن جو ماسُ گَري ويو آ
پر بوٽُ پيو آ پيرن ۾،
ٽي شام-هڏائين پڃري کي
ويا ڪانوَ ڇڏي واهيرن ۾؛
ٽو گهوڙي هن کي حيرت مان
ڪو پيلو گُل ڪانديرَن ۾!

⊙

ڦاسي گهاٽ،
اوچي ڪاٽ،
باغيءَ کي آندائون
هوُ آڪاشُ
۽ هي لاشُ
ڪٿن نہ لَهن ٿا لاڏُون!
ٽوري ديرَ
پرسان پيرَ
ڏوُڻ ڏئي چاڻيائون؛
هوُ پڃندو
نوريڻو —
تنهن کي ٽوڙَ هنيائون؛
۽ پو هيٺن چيائون،
"ڏاڍي بُکَ لڳي آ
"پيرَ تہ پہ تي کائُون!
"پيرَ تہ پہ تي کائُون!"

---

گَرَڻ - ڏُهاڙ

⊙

(جيلَ ۾ بلڪ - آئوٽ)

جئن ڪوليءَ تي چنڊ ڪيڙي ٿو،
ڪوئي جهونو قَبّ ميڙي ٿو:
جو به هٽي ٿو ٻيڙيءَ سوڻو
تنهن تي چوڪيدارُ چيڙي ٿو:
ڪنهن جو من ڪُجهه وٺو لوچي،
ٽيٽيءَ اڻ - ٽيٽيءَ تي سوچي —
"بمباريءَ جي پَو ڪان بجلي
"آهي روز وسائي ويندي،
"پر هوءَ چوڏينهنءَ چنڊ ڪيڙيو آ،
"(رات ته ناهي، ڏينهن - ڏنو آ)
"آن کي ڇو نه وسائي ٿو ڪو؟
"آن کي ڪير وسائي سگهندو!"

⊙

(ساڳيءَ ڪوليءَ ۾ هڪ قيدي کي -)

هي قابيلُ
هو هابيلُ!
ساڳيءَ ڪُنڊ جا ٻئي رهواسي —
هڪڙو ٻئي جي رَت جو پياسي!
تو کي مُصحف پڙهڻو آهي،
دور ستارن جي ڏاڪڻ تي
جَنّت تائين چڙهڻو آهي:
مون لئه دوزخ ڪولي ڪولي،
مون کي ڏاڍي ننڊ اچي ٿي —
باهر وڃ
ڏٽيءَ کي مَڃ
پڙهين جو پَڙهه
قَلوبان ڪَڙهه
وسايان چَڏ ته اهو قنديل!
ها ها ها ها!
هي قابيل!
هوءَ هابيل!

⊙

پھريون پھريون
لفظ خُدا جو ”ڪُن فَيَڪُون!“
شاعر، موسيقار، مصوّر
سپ ۾ ساڳيو جوش جنون ـــ
ڪُن فَيَڪُون!
ڏات خزانو آهي،
پَل ته وراهي
موتي هيرا،
نيلم نِيرا!
پَل ته ڪَري سينگار صدين جا!
روڪِ نه تن ڪي
ٽوڪِ نه تن ڪي
هي جي سرجڻهار صدين جا ـــ
تن ڪي تون پنهنجي ساڃَهه جي،
چاڻي واڻي،
اهڙي بُڪيّ نه ڏي اي ڏرتي!
ايڏا ڏُک نه ڏي اي ڏرتي!

⊙

ڇا ڇا نه سمندر سَرجي!
ٿا بيتَ آڇوتا سيڃجن،
جنهن وقت گهٽا ٽي گرجي ـ
ڇا ڇا نه سَمندر سَرجي!
ڇا ويرُون ويرُون وايون!
هي جيءُ جڏهن ٿو پرجي،
ڇا ڇا نه سَمندر سَرجي!
پوءِ آدما آلُڙَ آلُڙَ،
پو ڇا ڇَر ۾ ڇا ڏَرجي!
ڇا ڇا نه سمندر سَرجي!

---

ڪُن فَيَڪُون ـ ٽيءُ، پوءِ ٽي ٿيو.
آلُڙَ ـ ياتا، جَڙ، ورڇَجي لهي وڃڻ ڪان پوءِ پاڻيءَ جي ڪَپر تي آلاڻ.

⊙

هُ ڪري ٿو ڏينهن رات
فاعلاتن فاعلات،
۽ آڏامي ٿي حيات ـ
عمر ڪي ڪهڙي ثبات!
ناهه هُن ڪي تانگهه تات
ديس جي ڇا ۾ نجات
ديس جو واڳوءَ وات.

—

جا اسان وٽ آهه ذات،
لوڻ جي ڪانبارَ لات،
موت سان ٽيندي نه مات ـ
ٿو گهڙي تنهن لاءِ گهات،
ڇو نه ڪائنر ـ ڪائنات
فاعلاتن فاعلات
فاعلاتن فاعلات

⊙

سَڇَل، سامي، پيٽ ڏُڻي،
جنهن ۾ پي ڪا قرب ـ ڪَٽي،
آءٌ اُنهيءَ جي پيرَ ـ پَٽي:
ڇو نه آهو هيءَ ڏرتي آ،
ڇو نه ڇَپر مان ڇاتَ ڇَٽي ـ
هوڻ نه مون ۾ 'آءٌ' گهٽي،
هوڻ نه مون ۾ 'آءٌ' گهٽي.

⊙

"ديسي سيڙ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين!"
(هڪ پهاڪو)

—

آ ڪيڏي پيڙ پهاڪي ۽
هن جهوني قبر جي ٽاڪي ۽!

اي ڌرتي، چا چا دانهن پڌي
مون تنهنجي واکي واکي ۽!

۽ تنهنجي گهايل مرڪ ڏني
مون پنهنجي اوڻ لياکي ۽!

۽ تنهنجي پيتل لڙڪ ڪيو
ڪو ناتو چٽاڪ چٽاکي ۽!

چڻ مون پنهنجي تصوير ڏني
اج پيٽ ڏٽيءَ جي خاکي ۽!

⊙

ڪالهه سنجاب ۽ سڄي ويڙهيل
ڪار مان ڪائي نازنين لٿي،
ڪيچ ۽ چڻ سيمور جو ڪٽڙو—
ٻڌڻ تي هٿ، ڏاڙهه ۽ نرمي.
روپ شو-ڪيس ۽ رکي جهڙو،
رنگ ۽ هڪ بهار بوند-پنل،
پير جهڙا پدم، اکيون پونرا،
وائڪي وڪي، لهر جئن چنچل.
ٿهلندي هڪ دڪان تي آئي،
وائڙا مڻهن نهار سان جهاڙي—

---

سنجاب ۽ سمور—پٽ جي ڪپڙي جا قسم.

⊙

(ٽَري پار جو گيت)

آ گدري جي ڪارَ، امان!
اڄ پورو ناهي چَنڊُ ــــ اسان کي بک ۽ ڏاڍي آ!
ڏاڙهونءَ ڪَٽِ چوڏار، امان!
هي تارا تارا مَنڊُ ــــ اسان کي بک ۽ ڏاڍي آ!
ڏُٽُ نہ ڏَوُنرَن ڏارَ، امان!
تون پينهين خالي جَنڊُ ــــ اسان کي بک ۽ ڏاڍي آ!
هي چَنڊُ امان! هي مَنڊُ امان!
پر سَڀ کان گورو جَنڊُ، امان!
هِي تنهنجو ڪورو جَنڊُ، امان!

⊙

تون ته چوين ٿو،
"تنهنجو پٽ تنهنجي ڏيءَ!"
آءٌ چوان ٿو،
"ڪهڙو پٽ ڪهڙي ڏيءَ؟"
هيءَ جا سنڌ سپاڳي آهي
(تو ته چيو ته نپاڳي آهي)
اُن جي هر اَبهر جي آؤسر
آهي منهنجي غم جي آؤسر،
هي جو سارو ديس ڏکيو آ،
انگَ-اَڳهاڙو، پيٽَ بکيو آ،
اُن جا پٽ، اُنهيءَ جون ڌِيئر،
اُن جون مائر، اُن جا پيئر،
سڀ سڀ منهنجو ناتو، بابا!
تنهنجو منهنجو سڀ دولابا.
جو به ڇپيءَ جو ڇاپو آهي
پنهنجو اهي، پرايو ناهي.
تون ته چوين ٿو،
"تنهنجو پٽ تنهنجي ڏيءَ!"
آءٌ چوان ٿو،
"ڪهڙو پٽ ڪهڙي ڏيءَ؟"

⊙

(ڪيوبا جي انقلابيءَ چي ڳئويرا جي موت تي ــ)

جنهن آزاد ڳڏاريو آهي،
تنهن لَئِي موت تہ ڪا شيءِ ناهي.

وِڪَ وِڪَ تي پنجوڙ ڏسي، ڇا
شينهن ڪڏهن ڳجگوڙ ڇڏي آ؟
ڪنهن بہ عقابي چنبي، پَوَ ۾
آکيري جي اوٽَ وَٽي آ؟
ڏَرِ جو ڏَيِّ ڳيڙَ ليءِ آهي،
جهرڪي جَهڙپ ڏسي ڏَرندي آ.
جنهن آزاد ڳڏاريو آهي،
تنهن لَيءِ موت تہ ڪا شيءِ ناهي.

ساريءِ عمر غلاميءَ جي ڪان
آزادي پل جي بہ چکي آ ــ
۽ تو پنهنجي پوري جندڙي
جنهن پَلَ ۾ پرپور پري آ،
سو پَلُ سَڳهِّ صدين جي آهي،
اُن جي سپ ڪان عمر وڏي آ.
جنهن آزاد ڳڏاريو آهي،
تنهن لئہ موت تہ ڪا شيءِ ناهي.

⊙

(ويٽ ڪانگ جو سائگان تي حملو—)

ڪوڪرا ڪَن پيا
سامراجي ڪُتا،
شيرَ جمهور جا گرجندا ٿا وڌن:

اي وطن! هيءَ خَبر
سچّ جهڙي، مگر
هِيَ تہ ڪارا ڪڪر پرجندا ٿا وڃن:

واءُ ۾ وَيّ آ،
پو بہ هي ڏَيّ آ—
ڏاڏَ جي آدَ ڏاري وڏي آهِ ڪَن:

ڪوڙ ڪيڏو ڪُڌبو!
سَچّ ناهي لُڌيو—
سَچّ جي ناوَ تاري وڏي آهِ ڪَن.

سامراجي گِدڙَ
هوُنءَ ڪيڏا بہ پَڙَ،
شير جمهور جا اڄ ڏَسي ٿا ڏَرن:

بي وطن، بي ڪفن
لاش تن جا، مَٽن
ائٽمي ڏَند ٿا جانسن جا ڏَکن.

سوپَ هر سَچّ جي
آسَ جي آرسِي—
هانءُ هارين متان اي وطن! اي وطن!

ڪوُڪرا ڪَن پيا
سامراجي ڪُتا،
شير جمهور جا گرجندا ٿا وَڌن.

⊙

(دانانگ تي ويٽ کانگ جي حملي جون خبرون پڙهندي، هوچي منهن جو هڪ نظم ياد آيو. اُن ياد جيڪو مون تي تاثر پيدا ڪيو، اُهو هيٺين نظم ۾ چٽيو ويو آهي.)

ڪنهن به آزادگي
ناهه روئي وَٽي—
تون ٽٽين تَلَ تي،
رات تارن پري.
جهاڳَ جُهڙ جي ته ڏس!
ڏات ڇا ٿمڪندي!
آگَ جي راڳ جي
ٽيءَ ڪائي ڇيي!
مشعلون مشعلون
ٽي وڄي شاعري:
سمنڊ جي شور ۾
ويڑ وانگر وڏِي،
تون پهاڙن مٿان
ڪَڙڪندڙ گَرج ٽي!
گيتَ جي جيِيتَ آ،
جيِيتَ جمهور جي.

—

دوُر ڪنهن ديس ۾
سُرخ پرچم ڪٽي،
شيرَ 'دانانگ' ڏي
ڪالهه آيا وڏي:
سامراجي ڪُتا
ڇيرجي، ڦاڙجي،
ديرَ ٽيندا وَيا،
ٽي ڏَنوي ڏرتي،
۽ ڪُجهون ٽيون لَمن
ڏونڊيَ تي ڏائجي.

—

دانانگ ـ ڏکڻ ويٽ نام ۾ هڪ شهر، جتي آمريڪا جو وڏو فوجي اڈو آهي.
تل ـ ٽلاءُ.

گيت قولاربا،
امن ايندو وري؛
شهر ٻَهه ٻَهه ڪندا،
چَهڪندي زندگي؛
هار جي ٿهڪ ۾
امن جي آرسي،
ماءُ جي مهڪ ۾
امن جي تازگي،
امن ايندو وري!
امن ايندو وري!

—

خوابَ هرڪو ڏسي—
تِن حقيقت ڏٺي،
موت سان داوَ ۾
جن رکي زندگي؛
نيٺ جيتي ويا
هارَ تن جي نه ٿي.

—

اي وطن! مون ڪٿي
دل-جَلي شاعري،
چَنگ جي چٽنگَ کا
ڪجهه تہ آهي ڏُکي،
خواب جرڪي پيا،
ڪا حقيقت ٻَري—
آگ جي راڳ جي
تون بہ ٿي ڪا ڇيي!
ٿون بہ ٿي ڪا ڇيي!
تون بہ ٿي ڪا ڇيي!

⊙

ڪالھ اهي ڪَوَنپل نہ ھُيا
ڏس، ڏس، ٽاريءَ ٽاريءَ تي
ھيءِ جھي راتو رات ڦُٽا!

ڪالھ اهي ڪَوَنپل نہ هيا،
ڪالھ هيا قلواريءَ تي
وَڻِ وَڻِ ڇَڻ ڇَڻ ۽ ڇوڏا!

ڏِس، هي ماڪَ رُنو آهي!
ڏِس، هي مُرڪن ٽا ڪِرٽا!
ڏِس هُو پوهُ پُنو آهي!

شالَ، سُپاٽي جھولَ پَري—
جي به لُريءَ ۾ لوچي ويا،
تن کي ڪوئي ياد ڪري!

⊙

ڇَٽندڙ پَنَ، وڇوڑيل يارَ—
ڳالھ تہ ھڪڙي ناهي!

جوُهيءَ ولڙيون، سرها وارَ—
ڳالھ تہ ھڪڙي ناهي!

چوڏينھنءَ چَندُ، پرينءَ جا پارَ—
ڳالھ تہ ھڪڙي ناهي!

گيت تُنهي ٽو سپ جي تارَ—
ڳالھ تہ ھڪڙي آهي:

سَڏَ پڙاڏو توڙي ڏارَ—
ڳالھ تہ ھڪڙي آهي:

ڇَٽندڙ پَنَ، وڇوڑيل يار—
ڳالھ تہ ھڪڙي آهي.

---

جوُهي ـ چنبيليءَ جھڙي خوشبودار وَل.

⊙

اڄا ڪيستائين رهون دور دور؟
سَرءُ ڪان رهي دور ٿو جڳ بسنتُ،
نہ ڪامَھ، نہ ڪَوَنپل، نہ ڦارا نہ ڦوڙ—
اڄا ڪيستائين رهون دور دور؟

جڳين دور آڪاس آهي آنَنتُ،
ائين دور رهندين تہ ملندين نہ موڙ—
اڄا ڪيستائين رهون دور دور؟

گھٽوئي گَھرن تي گھٽائون گجيون،
هلي آءُ هاڻي تہ نڪري بہ نوڙ—
اڄا ڪيستائين رهون دور دور؟

ڪٽي پاندِ پنهنجي گلابي گھڙيون،
سدا دل چَوي ٿي تہ ايندين ضرور—
اڄا ڪيستائين رهون دور دور؟

⊙

ديوار ڍَهي تہ مِلان توسان ـ
ڪو واجھہُ نہ آ، ڪا وِٿّ نہ آ،
مون جيڪو تنهنجو روپُ ڏٺو
هِت ريڪ تنهن جي ڪِٿّ نہ آ!

ديوار ڍهي تہ ملان توسان ـ
ٿو سَڏّ اڇي هر ڀِتّ ٽپي،
تون آيو آنھ پڙاڏي جان،
مون آهي تنهن جي جھانءِ جَھپي.

ديوار ڍهي تہ ملان توسان ـ
هِي ڏُوڙا تو لَئِہ ٿا ڏورن،
ڦ منهنجا هَٿّ هَٿوڙن جڳ
ٿا پَٿّر پَٿّر ڪي پورن.

ديوار ڍهي تہ ملان توسان ـ
هر پورءُ پَـگھر ۾ آلو آ،
آ ٿامي جھڙو سِڃّ تَتو ـ
پر مون وٽ جيءُ جھڙالو آ...

ديوار ڍهي تہ ملان توسان!

---

آنَنت ـ بي انت

⊙

مون تہ لڳائي سپني-وَلّ،
قولَ ڪڏهن ڦٽندا، ڇا ڄاڻان!

مان توکي هي گيت ڏيان ٿو،
هان، تون منهنجي مرَهم مَلّ—
گهاوَ ڪڏهن چٽندا، ڇا ڄاڻان!

مان هي آڏا ٽانوَ پڇان ٿو،
تون پي وڃهُ ڪان پاڻُ تہ پَلّ—
ڪيپَ ڪڏهن ٽٽندا، ڇا ڄاڻان!

وڇڙو آهيان، ڪجهہ ترسان ٿو،
هان هيءَ منهنجي گهوڙي جَهلّ—
ڏينهن ڪڏهن ڪٽندا، ڇا ڄاڻان!

⊙

ڪَنولَ ڪَنولَ تي تنهنجا ڳَلّ،
ٽيندي ماکَ-مَهَلّ.

جَهرڻا جَهرڻا گيت هوا ۾
جهونجهڪڙي کي ڪَهڙي جَهلّ،
ايندي ماکَ-مَهَلّ.

رات سَرءُ جي ڇا روڪيندي!
باک-ڦٽيءَ کي ڪَؤنپلَ-پَلّ
ڏيندي ماکَ-مَهَلّ.

آءٌ تہ سارو سپنو آهيان،
مون کي ساڀيا ڏي سانول—

نبِيندي ماکَ-مَهَلّ،
ايندي ماکَ-مَهَلّ،
ايندي ماکَ-مَهَلّ.

---

آڏو—'سڏو' جو ضد.

⊙

تون ايندي آن،
تون ايندي آن،
۽ سَنجها- سوڻي مندر ۾
تون ديپ ۽ جلائي ويندي آن-

تون ايندي آن،
تون ايندي آن،
۽ لاهي ڪَٽ ۽ ڪَتوري تان
تون سُرهو مَڏ ۽ پريندي آن-

تون ايندي آن،
تون ايندي آن،
۽ ڪِينَر ۽ لاهي ڪِيرِي تان
تون تاڻي تَند ۽ ڇڪيندي آن-

تون ايندي آن،
تون ايندي آن،
۽ منهنجي آتي اُج ۽ ڏسي،
تون سِپ ۽- سواتي ٽيندي آن-

تون ايندي آن،
تون ايندي آن،
تو پيرو ڪونہ پگهو آهي،
ٽاڻو نہ ڪڏهن ٽاريندي آن-

تون ايندي آن!
تون ايندي آن!

---

سوڻو - اُجاڙ، هيڪلو.
سڀاتي يا سواتي - برسات جي بوند، جا سِپيءَ ۾ موتي ٽيندي آهي.

⊙

"جتي برُجَ بادَلُ ڪيي، ڳاءِ تون،
"آتي آءٌ هوندَس، نہ ڳهراءِ تون."
چيئہ هي ہ ويندي،
تہ "هوُ برُجُ آهي،
"اتي روز ملبو، نہ ترساءِ تون!
"وڃان ٿي تہ ڇا، جيءَ ۾ جاءِ تون!"
مگر مون چيو هو،
"لهوءَ جي نديءَ جو
"ڪٿي پُارُ ڪونهي، نہ پرياءِ تون؛
"وڃي ڪونہ ورندينءَ ڪڏهن هاءِ تون."
نڏهن تو چيو هو،
"نہ ٿيندو وڇوڙو،
"جتي برُجَ بادل ڪَيي، ڳاءِ تون،
"آتي آءٌ هوندَس، نہ ڳهراءِ تون."

نوٽ: ٿعر جي هن مجموعي ۾ ڇپائيءَ جون ٿوريون غلطيون رهجي ويون آهن، اهي هيٺين موجب درست ڪري پڙهجن:

**هواڳ**

ص ۶، سٽ ۱۷: نند مان جاڳائڻ ۽ هانوَ ۾ هُرڻ...
ص ۷، سٽ ۱۹: "مون کي همیشه لاءِ ڇڏي ويئي آهي!"....
ص ۱۰، سٽ ۱۳: اهڙيءَ پيروُڪاريءَ سان ئي....
ص ۱۱، سٽ ۲۱: "سرعام" بدران "سرءُ" پڙهڻ گهرجي.
ص ۱۳، سٽ ۷ : هين موضوع تي....

**ٿعر**

(۱) ص ۱۹، نظم ۲، سٽ ۲:
ڪامهه ۾ ڪَنگورُ نه ڇائي

(۲) ص ۲۳، سٽ ۲۱:
هن ڪنڊيءَ هيٺان ڏوري ۾

(۳) ص ۲۷، سٽ ۲۰:
منهنجي ريٽي رَتُ ـ هاٿا

(۴) ص ۲۸، سٽ ۱۳:
تنهن وقت گهٽا ۾ گهوُريان ٿو.

(۵) ص ۲۹، نظم ۲، سٽ ۵ مان عجب
جي نشاني ڪيي ڇڏڻ گهرجي.

(۶) ص ۳۱، سٽ ۵:
رت ورنو آ، دل جهڙو آ

(۷) ص ۳۷، سٽ ۸:
مون ڪو تنبو ڪوڙيو هو

(۸) ص ۴۶، نظم ۲، سٽ ۴:
هن ريڪ ۾ تنهنجي ڪِيٽ" نه آ

(۹) ص ۴۶، نظم ۲، سٽ ۱۶:
پر مون وٽ جيءَ جهڙالو آ

Monthly "ROOH-REHAN" Hyderabad Sind. Regd. No. S. 2400


چاندنی کی طرح حسین۔ پھولوں کی طرح دلکش

KARIMS

ایمبرائیڈرڈ فیبرکس

شکنوں سے مبرّا۔ ملائم اور مضبوط

کریم سلک ملز لمیٹڈ۔ کراچی

KSM-9/68

Crescent


Edited & published by Hameed Sindhi from office of the Monthly 'Rooh-Rehan,' Mukhi Garden, Hyderabad.
Printed by Muti-ur-Rahman Siddiqui at Indus Printers, Rasal Road, Society, Hyd.

"زندگي پبليڪيشنس" جو
ترجمان

جلد:٧] مئي - جون ١٩٦٨ [پرچو:٢-٣

# جشن نمبر

○

ايڊيٽر (اعزازي): حميد سنڌي

○

سرڪيوليشن مئنيجر: ليلا رام خانواڻي

○

قيمت: سوا روپيو

سالياڻو: نئو روپيا

○

**ايڊريس:**
ماهوار 'روح رهاڻ'،
گاڏي کاتو
پوسٽ باڪس نمبر ٢١٦
حيدرآباد سنڌ.

○

رهاڻ: ايڊيٽر

**علامہ آءِ آءِ قاضي:**
هاءِ هاءِ قاضي: علي نواز کيڙو
تعزيتي ٺهراءُ
هڪ عظيم انسان: قاضي فيض محمد

**جشن:**
**صدارتي تقريرون:**
اي تاريخ جي تسلسل جا پاسبانو: شيخ ايياز
جهونا ڳڙهه جا جوڳي: علي بابا
روح رهاڻ ۽ سجاڳي: ابن حيات پنهور
سگهه ڏي اهڙي سچ: فتاح ملڪ

**ڪهاڻيون:**
جوءِ وٽ: پٿر
آءِس ڪهڙي سانگ: منظور قريشي

**شعر:**
اياز، فتاح، نياز، تنوير، امداد، سيف، پروانو، سرويچ، ساز، رنگرين، مجرم، يوسف، محسن، دوست، منظور، خاڪي ۽ ساڻي.

**راڳ رهاڻ:**
پيش ڪندڙ: 'روح رهاڻ' ميوزڪ سرڪل حيدرآباد

**ٽاڙ:**
ڏيئا ڏيئا ڳات اسان: رشيد پٽي
اکيون آليون اوچو ڳات: پروانو پٽي
هڪ خط: سحر بلوچ

**پيغام تن پرين جا:**

## تو در پٽ ڏڻي:-

پٽ ڏڻي جي ورسي ٽي گذري. آسين هيل ڪيس پنهنجو نذر نہ آڇي سگهيا سين. جنهن لاءِ آسين پاڻ کي گهٽو ئي هيٺون پيا سمجهون. پر پٽ ڏڻي جي باري ۾ هن سال ٽيل چند واقعن اسانجي آٽاريل آواز کي وڌي هٿي ڏني آهي.

هن سال چوڏاري شاه سائين جون ورسيون ملهايون ويون جيڪي روايت کان بغاوت جو ڪليل اظهار هيون. يونيورسٽي جي شاه لطيف جي محفل ان سلسلي جو وڏو يادگار آهي. پٽ جي ميلي تي ٽيندڙ هميشه وانگر اصولي ۽ غير واجبي گهالهين سان گڏ هن سال ڪن نين گهالهين بہ جنم ورتو. آهي گهالهيون هيون، نينگرن جو پنهنجي اندر جي آڏمن جو آلاپ، پرچار، سندن جذبن جي ڦهلاءُ، نعرن، گيتن ۽ تقريرن جو روپ ورتو ۽ اڄين هنن شاه سائين جو هر لفظ هر پيغام کي عوام تائين پهچايو. سندن سجاڳي وارو قدم پٽ ڏڻي کي گهٽو ئي سکون پهچائيندو ۽ اسان پٽ ڏڻي لاءِ هن سال اِهو ئي نذر رکون ٿا، ۽ اُميد اٿون تہ اُهو ضرور قبول پوندو چاڪاڻ تہ پٽ ڏڻيءَ ئي تہ اِهي خيال، اِهي جذبا اِهي روح جا ريلا، اسانکي بخشيا آهن. هن سال ميلي ٽي شاعرن ۽ اديبن سان ڪيل ناانصافين جو تہ ذڪر نہ ڪبو جيڪو ميلي ڪرائيندڙن جي مٿي تي ازلي بدنما داغ آهي پر ريڊيو پاڪستان جي ڪيل ارڏاين جو ذڪر ضرور ڪبو. سندن سنڌي ٻولي، سنڌي ادب، اديبن سان ڪيل تعدين جو تہ ڪاٿو ئي ڪونهي پر سندن اِها نااهليت تہ برداشت نہ ٽي ڪري سگهجي تہ پٽ ڏڻي جي ريڊيو رپورٽ صرف اڌ ڪلاڪ ڏني وڃي سا بہ آٿي رڪارڊ ڪيل چا هو عوام تائين سڌو پٽ شاه تان پکڙيل آواز پهچائي نہ ٿا سگهن. آسين حيران آهيون تہ اولمپڪ راندين جو پروگرام تہ ريلي ٽي سگهي ٿو پر ريڊيو پاڪستان حيدرآباد وارن کان پنجٽيهن ميلن تان پروگرام سڌو نشر ٽي نہ ٿو سگهي. اِها نااهليت آهي يا لاپرواهي اسين فيصلہ لاءِ ريڊيو جي ضمير تي ڇڏيون ٿا ۽ دعا ڪيون ٿا تہ ڏڻي سندن مرده ضمير کي زنده ڪندو.

## جشن کان اڳ ۽ جشن کانپوءِ:

هن سال مان هر سال وانگر جشن جو اکين ڏٺو احوال نہ لکي رهيو آهيان، اُن لاءِ صرف ايترو چوندس تہ جشن کان اڳ ۽ پوءِ جون گهالهيون ايترو تہ اکين ڏٺو احوال مهيا ڪن ٿيون جو جشن جي رپورٽ لکڻ لاءِ ڪنهن خاص اکين جي ضرورت پوندي. جشن کان اڳ ۽ پوءِ جيڪي ڏٺو اٿم تن جو منظر منهنجي اکين ۾ ايترو تہ سمائجي ويو آهي جو جشن ۾ جيڪي ڏٺو هيم سو ڏندلو ٽي، ذهن جي ڪنهن ٻي ڪنڊ هليو ويو آهي. ان لاءِ چند دوستن جون اکيون ۽ ذهن اڌارو وٺي سندن رپورٽ اندر ڏٺي رهيو آهيان.

هن سال جشن پنهنجي پر ۽ هر سال کان اڳرو هو، انجو تاثر، انجو آواز ايترو ته بلند هو، جو جيڪي باهمت هيا تن بلند آواز ٿي پڪاريو ۽ جيڪي ڪجهه حقيقت پسند هيا ۽ بي وسيءَ جو احساس هين تن رنو ٿئي، سندن وهيل ڪوڙها، اسانجي لاءِ وڏو احساس ۽ وڏي ڪاميابي جو ثبوت هيا. پر ان کان وڌ اهو آواز بلند هيو ۽ اهي رڙيون ۽ واڪا ٻريا ٿي جيڪي نينگرن جيل ۽ پوليس وٽ ٿي ڪيا. جشن کان اڳ مونتي اهي گڏيل آواز سڏڪن ۽ رت گاڏڙ ڪوڙهن سان ڄانيل رهيا. معاملو ڪورٽ ۽ پهتو ۽ اڄ تائين پهتل آهي. سرڪار ان کي جنهن نوع ۽ انداز سان ڪنيو آهي اهو نوع فيصلو ڪن نه ٿو ڏسجي. آسان اڳ ۾ چوندا رهيا آهيون ۽ چونداسين ته نينگرن جا معاملا ڪڏهن به زور ۽ زبردستيءَ سان حل ٿيا آهن نه حل ٿيندا. ان مان اگرا نتيجا نڪرندا آهن ۽ نڪرن پيا. ان لاءِ غيرجانبدارنه تحقيقات جي ضرورت آهي. وڌيڪ اسين پنهنجي سمجهو سرڪار کي ڇا ٿا چئي سگهون. جشن کانپوءِ جيڪي ٿيو تنهن ته ڇڳن خاصن ذهنن کي لوڏائي ڇڏيو.

جشن جنهن ڪاميابي سان ٿيو تنهن سنڌيت جي دشمنن جيڪي اسانجي پنهنجن منجهان ٿي آهن، کي سڪ وهڻ نه ڏنو ۽ انهن هڪ سرڪاري اداري سان ملي آفواهن جو سلسلو شروع ڪيو. انهن افواهن جو اثر، انهن جيل ۾ وڃڻ وارن تي ته نه پيو جيڪو افواهن مطابق جيل ۾ هيا پر ٽيندڙ اهڙا اثر ڪن، محفلين ۽ شامن تي ضرور پيو. ڪم جي رفتار گهٽجي وئي ۽ چوڌاري، افواهن جي پرچار هلڻ لڳي. ماحول ۾ هراس ۽ حيرت ڦهلجڻ لڳي. روز پيو ٻڌجي ته اڄ فلاڻو اندر ويو اڄ فلاڻو اندر ويو ۽ سپاڻي فلاڻا ويندا ۽ اهي فلاڻا پاڻ وينا ٻڌن. انهن فلاڻن جي همٿ ته ويتر بلند ٿي جو انهن کي احساس ٿيو ته هنن ڪجهه به نه ڪيو آهي ته ايتري اهميت، جي هو ڪجهه ڪري وجهن ته پوءِ الائي الائي ڪٿي پهچن. انهن دوست نما دشمن هر ڪاليج هر اسڪول، هر هوٽل، هر بس اسٽينڊ ۽ يونيورسٽيءَ تي افواهن جو پرپور حملو ڪيو. جنهن سان سائين ۽ همفڪر پاڻڌيڙن ۾ ڪافي بي چيني ٿي ۽ اُنجو نتيجو شايد بنهه ابتڙ نڪري ها ان نتيجي کان جيڪو دوست نما دشمنن ۽ سرڪاري اِداري سوچيو هو. پر پوءِ انهي ٿي جلسي ۾ سائين پنهنجن مبلغن کي ڏنو ۽ سڃاتو، جن جي لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪيو ويو هو ته جيئن ان جلسي ۾ اهي مبلغ، اهي سنڌي زبان ۽ سنڌين جا سڃڻ شريڪ ٿي نه سگهن. ان جلسي ۾ دوست نما دشمنن جي حوارين سان ٽيل تعدين مان هنن کي سبق حاصل ڪرڻ کپي. ۽ اهو يقين ڪرڻ کپي ته اِهي حرڪتون کين پوهي ۾ وجهندیون اهي حرڪتون انهن محبان وطن کي ڪجهه نه ڪري سگهنديون جيڪي نقادن جي حيثيت ۾ سرڪار جا صحيح دوست ۽ سڻا صلاحڪار آهن. اسان اُن لاءِ پنهنجي سرڪار جي ڏيان ۾ اُهي دوست نما دشمن، اسانجا به سرڪار جا نه ۽ انهي سرڪاري اداري جي مولانائن کي پڻ جلد ئي آڻي رهيا آهيون ته جيئن سرڪار

انهن افواهه آڏائيندڙ تخريب پسند افراد لاءِ کو جوڳو بندوبست ڪري جن ڪافي دوستن جي ذهنن کي ۽ عوام جي راءِ کي چيهو رسايو آهي. جشن هڪ امن پسند ذهنن جو ميڙ هو جنهن ۾ سنڌي ٻولي سنڌي ادب ۽ سنڌي عوام جي ذهن ڪي نمايان ڪيو ويو هو. اهڙن ميڙن لاءِ اسين هر سڄڻ سنڌي سائي کي عرض ڪنداسين ته هر شهر ۾ اهڙا ميڙ ڪرائي ۽ اهڙن ميڙن ۾ شريڪ ٿين. اسانجو آخر ۾ سرڪار سڳوري کي عرض به اهو آهي ته اهڙن ميڙن جي سرپرستي ڪري جن ۾ سنڌي ٻولي، سنڌي ادب، سنڌي تهذيب ۽ ثقافت سنڌي موسيقي جي صحيح، صحيح ترجماني ڪئي وڃي ٿي. اهڙا ادبي ۽ ثقافتي ميڙ اسانجو اوهانجو ۽ سرڪار جو منهن مٿي ڪندا جي سرڪار ۽ اوهان سڀ اهڙن ميڙن کي گڏجي همٿائيندا.

مان آخر ۾ انهن سائين، پانڊيڙن ۽ قرب وارن جو ٿورائتو آهيان جن وڏو وڙ ڪري، ٻيرون پٽ سٽي، ڪٽان ڪان ڪٽان ڪهي، اچي سڏ ٻڌيو. شال سندن اهو ساٿ ۽ جذبو قائم دائم رهي. مان هتي انهن هستين جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان جن هميشه وانگر جشن جي انتظام ۾ هٿ وٺايو ۽ وک وڌائي. دوست، سليم، شمس، پروانو، غلام رباني، امداد، مطيع الرحمان، قادري شاهه، يوسف لغاري، يوسف ٽالپر، جمال رند، لطيف امام بخش (پهلوان) ۽ ٻيا سائي تحسين لائق آهن، ڏٽي انهن کي پلائي جا پاڙا ڏيندو. "روح رهاڻ" ميوزڪ سرڪل جي اڳواڻن محترم عنايت عباسي ۽ نصرالله عباسي، سندن ساٿين ۽ نينگرن حا وڏا ٿورا چئبا جن هر سال وانگر محفل جا مور بنجي محفل لٽي ورتي. مان پنهنجي بزرگن کي به ضرور ياد ڪندس آهي هيا، مولانا غلام محمد گرامي، عبدالله چنه، حفيظ قريشي، علي محمد شيخ، جمال ابڙو، رسول بخش پليجو، غلام علي الانا ۽ ٻيا سڄڻ جن هر وک تي رهبري ڪئي.

اسان سيني جي جيجيءَ (بيگم زينت چنه) هن دفعي منجهند جي ماني ۽ هر ميڙ ۾ قربائتو سهڪار ڪيو. سندس وجود اسان لاءِ برڪت پريو آهي. شال سندس مهر پريي هٿ جو پاڇو اسان تان ڪڏهن نه هٽي. پنهنجين آدرڻين، نسيم ڪوثر، نگهت، نشاط تبسم، رشيده، سيما، سحر، آفتاب، ۽ ٻين بزرگ خواتين جو به ٿورائتو آهيان جن جا پير وڏا پاڪ پريا چئبا، جو جشن هيڏي وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي.

آخر ۾ مان پيڙ زرينه بلوچ کي خراج تحسين پيش ڪندس جنهن پنهنجن گيتن سان محفل منور ڪري ڇڏي. سندن "روح رهاڻ" سان ساٿ هاڻ نه ٽٽڻ وارو ساٿ آهي. شال هر روز هر هنڌ اهڙيون محفلون ۽ ميڙ ٿين جيئن اسين مڙون ۽ سوچيون، ڪجهه پنهنجي لاءِ ڪجهه ٻين لاءِ ۽ ڪجهه آئينده نسل لاءِ جنهن ۾ اسانجيون وڏيون اميدون آهن.

— حميد

ايچ-ايم- سلڪ ملس

جشن روح رهاڻ جي ڪاميابي تي
مبارڪون ۽ نيڪ تمنائون آڏو رکي ٿي

# H. M. Silk Mills Ltd.

**D/146, S.I.T.E.**
**K A R A C H I**

*Remember:* **Every Beauty is a Queen in Exquisite H. M. Fabrics.**

---

شادين توڙي عام موقعن تي ڊيڊ وڻڻ ۽ پائڻ لاءِ ياد رکو:

اقبال سلڪ ملس

جون آرٽ سلڪ ۽ سينٿيٽڪ فائبر فيبرڪس

# IQBAL SILK MILLS LTD.

**Manufacturers of Best Varieties of Art Silk and Synthetic Fibre Fabrics.**

محمد نواز کيڙو

# هاءِ هاءِ قاضي

او سنڌو!
ڪيڏا ستادرو، بياس، راوي، گنگا، ميونا
سڀ نديون
پنهنجي پوڄ پاڻيءَ سان
سوئا گهٽون وانگي رنيندیون
تو ڏانهن ڊوڙن ٿيون
ڦ گهاگهر وانگي چلنديون
تو ۾ پلٽ پون ٿيون
تہ بہ تنهنجي پياس نٽي پڄهي
او پياسي سنڌو
نيٺ تو اڄ
ان علم فڪر جي بيڪران
بي چين درياه کي
پنهنجي ڪشش ۾ آڻي ڇڏيو
پنهنجي ڪومل ٻانهن ۾ واڻي ڇڏيو
آهه .... توکي ڇا چوان
او ظالم سنڌو
تو هي ڇا ڪيو
هاءِ توکي ڇا چوان
واءِ توکي ڇا چوان
پٿر هٽاڻءِ
پارانا ڏيڻءِ
هاءِ توکي ڇا چوان
هاءِ تو هي ڇا ڪيو
واءِ تو هي ڇا ڪيو.

# "روح رهاڻ" جشن جي موقعي تي

## علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي وفات تي تعزيت جو ٺهراءُ

"سنڌي زبان جي اديبن ۽ شاعرن جو هي اجلاس سنڌ جي عظيم فرزند علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي وفات تي تعزيت جو اظهار ٿو ڪري ۽ ڪيس خراج عقيدت پيش ڪندي، ان حقيقت جي پڌرائي ٿو ڪري تہ علامہ آءِ آءِ قاضي هڪ عظيم مفڪر ۽ دانشور، هڪ جامع صفات انسان ۽ باڪمال شخصيت هو.

"هي اجلاس جناب اي.ڪي. بروهي صاحب جي انهيءَ تجويز جي حمايت ٿو ڪري تہ علامہ صاحب جي رهائش گاهہ، بنگلو نمبر ۳۷، سول لائينس ڪي سنڌس يادگيريءَ ۾، "علامہ قاضي ميوزيم ۽ لئبرري" بنايو وڃي ۽ انهيءَ مقصد جي حاصلات لاءِ هي اجلاس جناب بروهي صاحب کي پنهنجي مڪمل تعاون ۽ مدد جو يقين ٿو ڏياري.

# علامہ آءِ آءِ قاضي

## ھڪ عظيم انسان

الله سندو عاشق، مرسل منڌار جو محب، انسان ذات جو پروانو، محبت جو سمنڊ، سھڻي سنڌ جو سھڻو سجڻ، سوھڻي وانگي سھڻي سنڌو ۾ سمائجي ويو. آخري دم شايد درياءَ ۾ يا درياءَ جي ڪناري ختم ٿيو. خاڪي بدن اڳتي ھلي دادلي سنڌو درياءَ جي اندر وچي آرامي ٿيو.

ھي فيلسوف، مفڪر، فقير، فيض ۽ علم جو علمبردار، پنھنجن کي پرڏيھي ڪري، ڪنھن دور دور تمام دور ديس ڏانھن روانو ٿي ويو. مڙھيون، مڪان، جھنگ جبل، محل ماڙيون، باغ بھارون، لوڙھا لايون، سڀ اڄ اداس آھن. پرڏيھي پکيڙا پنھنجو آشيانو اشڪبار ڪري اوچتو اوچتو اڏامي ويا.

تمام تمام ڏور، ڏاڍو ڏور. اڃا تہ انھن آديسين جون آھون ۽ دانھون ڪنن تي کِنَ ڪي جاڳائڻ لاءِ اڃا تہ اڇي رھيون آھن.

قرآن ۽ اسلام جو قربدار، مئي مرسل منڌار جي محبت جو موھيل، مئي مولا جو، رحمت جو، قدرت جو بي بھا چمڪندڙ موتي، ھيرو جواھر، اڄ غائب ٿي ويو.

سڄي ڪائنات، انسان ذات جو محب، سڄي دنيا جي انسانن جي ڏکن جو آئينو. پاڪستان ۽ مسلمانن جو ھمدرد عزيز سيني کي وڇوڙو ڏئي ھليو ويو.

علامہ قاضي صاحب ملڪ، ملت، ذات پات جي زنجيرن کان آجو ھو. ھو محبت جي بوندن سان پريل بادل ھو. جنھن محبت کي دنيا جي ھر حصي ۾ وسائڻ جي ڪوشش ڪئي، مشرق ۽ مغرب کي ڳنڍڻ جي ڪوشش ۾ خليق، حسين ۽ حليم جرمن بيبيءَ سان روحاني ۽ علمي شادي ڪري، ھن روحن، يورپ ۽ ايشيا کي ھڪ قالب ۾ بند ڪيو. ھڪ آواز ٿي ھر وار پکاريو، محبت کي وسيع ڪرڻ لاءِ پکاريو. نئين زماني، ھن سائينسي دور کي اجارڻ لاءِ اسلامي محبت ۽ اخوت جي روح سان مالا مال ڪرڻ ٿي گھريو. ڪنھن ڏو يا نہ ڏو. پر ھو پنھنجو ڪلمہ حق چوندي

رمندو رهيو. ڏکار ۽ نفرت، رنگ ۽ روپ، اتر ۽ ڏيڇ جي نحوسيت کي هميشه دفنائڻ لاءِ پنهنجي کوشش ڪندي منزل طرف ڪوچ ڪري ويو.

افسوس، اسان ساڻ نه ڏنو. ڪيس بيوس، اڪيلو ۽ اداس ڇڏي ڏنوسين. هڪ نهايت نفيس ۽ نازڪ دل هئي. ٽوري ٽوري مسلمانن جي شڪايت، سندين جي شڪايت، انسانيت ۾ ڪوتاهي، ڪين مهينن جا مهينا بستري داخل ڪري ڇڏيندي هئي. سندن خليق ۽ بهترين ساٿي ساڻن گڏ هوندو هو، جنهن جي سهاري وري اٿي ڪڙا ٽيندا هئا. سنڌ جو وڇڻ، عربن جو ڪرڻ، جنگ ۾ ويڙ نام ۾ ماڻهن جو مرڻ، اسان جون مرده دليون، بي اثر دليون، ساٿي جو وڇڻ ڪافي صدما هئا. هن پنهنجي مٿي سنڌ، مٿي سنڌيءَ ۽ سنڌي تهذيب کي ڪڏهن نه وساريو. سندن اهائي يقيني راءِ هئي ته قرآن، مثنوي ۽ رسالو ٿي اهڙيون سچڙ جون سوڪڙيون آهن، جن مان هڪ به جڏهن جت هجي، اُت انسان ملائڪن جي درجي کي نه پهتو ته ان زمين جي وڏي بدبختي آهي.

"جن ماڻهن وٽ قرآن، مثنوي ۽ رسالو هجي، پوءِ جيڪڏهن انهن جو اولاد فرشتن صفت نه هجي ته هنن جي ڪم نصيبي آهي. سندي ويهين صدي جا رهبر ٿي سگهن ٿا، پر اڄ اهي سندي ڪٿي آهن."

If any people who have Quran, Masnavi, and Risala can not make their children grow as angels then it is their Cursed fate, that does it. Studies should like the teachers of the twentieth century world, and yet where are they? ——— May God have mercy on us with affectionate regards from us here

رسول صلعم ۽ سندن ساٿين کان پوءِ غزالي ۽ لطيف علامه صاحب جي دل جا پاڻ پهلو هئا، هڪ ڪاهو ته ٻيو ساڇو. لطيف لطيف، سنڌ سنڌ ۽ سنڌي سنڌي ڪندي، رڙندي رڙندي رڙندي رڙندي رمندا رهيا. نه انهيءَ لاءِ ته ٻين لاءِ ڪين حقارت هئي، مگر انهيءَ لاءِ ته رسالو هڪ عالمگير محبت جو پيغام آهي، سنڌ آها زمين آهي، جنهن رسالو ۽ رسالي جو آچارينڊ پئدا ڪيو. هن مٿيءَ ۾ وڏي جسارت آهي ۽ هن مٿيءَ مان دنيا جي نجات ٿي سگهي ٿي.

"مونکي خبر نہ آهي تہ
تون پٽ تي وڻين هئين يا نہ؟
اسان جي نوجوانن سنڌ جي پراڻين
روايتن ۽ تمدن کي چڏي ڏنو آهي.
هنن کي لطيف جي ايتري ڄاڻ
آهي، جيترو هو شيڪسپيئر ۽ هومر
کي ڄاڻن. ڏينهن بہ ڏينهن پوئتي
وڃي رهيا آهيون. کنهن کي بہ
انهيءَ گالهہ جو احساس کونہ
آهي. سنڌ کي ان جي گهري قيمت
ادا کرڻي پوندي. سنڌ جو اهو
کيڏو نہ نقصان ٿيندو، جو ان
جون تيرهن صديون ميسارجي وڃن!
اهو نقصان فقط سنڌ جي تاريخ
جو نہ، پر پوري انسان ذات جي
تاريخ جو ٿيندو."

I wonder if you realise that? Our younger generation has completely lost touch with the Sind tradition. They know as much of Latif as they know of Shakespeare or Homer. Day after day it is worse. No one seems to be concerned about this. The price for Sind will be very heavy. What a loss to the history of Sind when its glorious thirteen centuries will be wiped out. Not only to the history of Sind but history of humanity

Please accept the

سنڌ جي منجي وڃڻ جي امکان جو کين وڏو درد هو. سندن سيني ۾ کيڏي
نہ محبت سمايل هئي ۽ هن بي وفا بگڙيل دنيا جي بي وفائي جا سندن دل ۾ کيڏا
گهاؤ ها.

افسوس هيءَ هيڏي وڻ اسان وٽان کيڻن
اڏامي وئي. سندن جدا ٿيڻ جو طريقو بہ هڪ
عجيب آهي ۽ قدرت جي قرب جو معجزو بہ هڪ
عجيب آهي. گهٽو ڪري سڀ انسان دوست
'وائولينٽ' موت جو شڪار ٿيا آهن. سقراط، منصور،
شمس تبريز، گانڌي؛ قاضي صاحب بہ هڪ اهڙو ئي
انسان هو، جنهن کي سندس زندگي ۾ نہ سڃاتو
ويو، مگر اڳتي هلي دنيا کي ضرور خبر پوندي
تہ سنڌ وادي جي هيءُ صدين جي نچوڙ بہ انهن ئي
هستين مان هڪ هئي. کنهن پاڻهي زهر جو پيالو
پيتو، پاڻهي پاڻ کي سوريءَ تي سوار ڪيو ۽ کنهن
پاڻهي سينو سپر ڪري گولي کاڌي. قاضي صاحب
هڪ نهايت خوددار انسان هو، هن کي پين جي
دست ڪرم جي سهاري رهي، رلهيءَ ۽ مرڻ پسند

نہ هو. زهر جو پيالو به پياس بجهائڻ لاءِ ڪافي هو ۽ تمام آساني سان زهر جي ٽڪين ۽ زهريلي دوا پيئڻ سان دم ٽٽي سگهيو ٿي. مگر انهي ڪان به شايد وڌيڪ بهادري سان مرڻ جو ڪين شوق هو. لطيف جي سهڻيءَ واري سُرَ سان سندن ۽ مسز قاضي جي ڏاڍي دل هوندي هئي. پاڻ چوندا هئا ۽ ضرور ڪٽي لکي ان جو اقرار به ڪيو اٿن نہ روحاني ترقي جي اها آخري منزل آهي. جتي لطيف پهتو ۽ پهچي ان جو اظهار ڪيو:

"گهڙو ڀگو، منڊ مئي، وسيلا وياس،
تهان پوءِ سڀاس، سهڻي سڏ ميهار جا."
(شاه)

سڀ سهارا، سڀ لاڳاپا لاهي، جڏهن انسان پنهنجي زندگي، پنهنجي مولا جي سهاري اڇلائي آڏو رکي ٿو. تڏهن رب جي رحمت سندس ويجهو اچي ٿي ۽ پنهنجي رحمت جي آغوش ۾ وٺي ٿي.

بس انهيءَ قول کي پاڙڻ لاءِ، سنڌ جي سرزمين جي عظيم فرزند، لطيف جي نقش ڪيل نمائي نہل سهڻي، سراپا محبت جي صورت ۽ سيرت کي جان بخشڻ لاءِ، ۽ مثال پئدا ڪرڻ لاءِ، اسان ستلن ۽ بيڪارن جي دلين کي ڏڪائڻ لاءِ، جاڳائڻ لاءِ اسان کي پشيمان ڪرڻ لاءِ، انهيءَ سبق ڏيڻ لاءِ نہ جنهن وقت سڏ ٿئي تہ انسان کي گهرجي نہ سر تريءَ تي رکي ڏڙا ڏڙ طوفان ۾ ڪاهي سر ڏئي، خوددار ٿي انسان رهي. مگر جي خودداري ۾ فرق اچڻ جو امڪان هجي تہ زندگيءَ کان موت کي بهتر چائي. هنن پٿر دلين تي سندس تقريرن ۽ پاڪ عمل اثر نہ ڪيو، تڏهن جيئري جان ڏئي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪندي، آخر ۾ جيڪي ڪجهہ هوس اهو ڏيڻ لاءِ هي نہل، نماڻو ۸۲ سالن جو عمر رسيده انسان، دردن ۽ ڏکن جو گهايل انسان، پنهنجي تمام پياري رفيقہ کان وڇڙيل انسان، وهنجي سهنجي، بهترين پوشاڪ پهري، خوشبوءِ لڳائي پنهنجي يار جي ملڻ لاءِ واڳون واري ٿو. تتي منجهند جو اڪيلو ٿي اڪيلو، ڪٽان جتان ڏکئي ۾ ڏکيو درياءِ جو ڪپ آهي، اتي بيهي ٿو.

"سانيارا سڏ ڪيو، آيا چونہ آءٌ،
هڪ تکو ٿي تار وهي، ٻيو لڙلهريون ۽ واءُ،
ساڻي جن الله، ٻجهان، سي نہ ٻڏنديون."
(شاه)

هي سڏ ٻڌي بس ائين ٿو ڏسجي تہ هن سچي ۽ بهادر عاشق ٽپو ڏنو.

سهسين ساهڙ ٻوڙيون، منڊ ٻوڙيو مهراڻ،
وَهَ وڃايو پاڻ، هٿي ڪنڊ ڪپن سين.
(شاه)

افسوس صد افسوس اسان قدر نہ ڪيو. اسان هزارها ڪوتاهيون ڪيون، رنج ۽ ڏکي جو سبب بنياسين، پر جنهن جي اڳتان ۽ جنهن کي جان سپرد ڪيائين. تنهن ہڏڻ نہ ڏنس، سندس جان سندس هٿن ۾ ڪيي پنهنجا هٿ ۽ ڪيائين ۽ اهڙي طرح هيٺ لاڻائينس جو سڏو ڪپر ۽ پٽر تي بجلي جي جهاڪ وانگر سر جي پٹيان قرب جي ڪڙي لڳي، مکڻ مان وار وانگر ساهہ نڪري ويو ۽ سچڻ ڏانهن روانو ٿيو. سندن تمنا هئي تہ سندو جي پيٽ ۽ ٽڏي پاڻي جي تهن هيٺ سندس بدن رهي. اها بہ آس پوري ٿي. سچو بدن سيرڪي، ندي جي پيٽ ۽ روانو ٿي ويو.

جان جان هئي جئري، ورچي نہ ويئي،
وڃي پن پيئي، سڪندي کي سچٹين.

جان جان هئي جئري، ويئي نہ ويساند،
لڙهي لهرن پاند، ميائي ميهار ڏي.

هي سنڌ جي تاريخ جو ورق، هي سنڌ جو عظيم انسان پنهنجي مسافري پوري ڪري هليو ويو.

هيءُ سنڌ جو غزالي، اسان جي ڪوتاهين ۽ ڪمبختيءَ جي ڪري اسان کان نراس ٿي، شايد اسان کان رسي ويو!

هيءُ صدما دل کي ستائين ٿا!! اسان جي دلين تي ڪهڙا طوفان آيا. اسان سان ڪهڙي ويڌن ٿي. ڪهڙو ويل وهيو، ان جو ذکر ڪئين ڪجي! ڪٿي ڪجي!! ۽ ڪڏهن ڪجي!!!

# جشن

- افتتاح — شيخ ايار
- کهاڻين جي بينڪ — صدر: علي بابا
- مذاکرو — صدر: ابن حيات پنهور
- مشاعرو — صدر: فتاح ملڪ
- راڳ رهاڻ — مکيه موهان: حفيظ قريشي

# روح رهاڻ جي سالگرهه ڏي هڪ پيغام

'روح رهاڻ' جو مقصد سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جو پرچار ڪرڻ ۽ ان کي وڌائڻ آهي. 'روح رهاڻ' جو هر سنڌي جي هٿ ۾ هجڻ ضروري آهي. اُن لاءِ اسان هيٺ سالانه خريدارن لاءِ سهوليتن جو اعلان ڪريون ٿا.

**پهرين سهوليت:**

'روح رهاڻ' جي عام پرچي جي قيمت وڌائي ٻارهن آنا ڪئي وئي آهي. سالانه خريداري جي قيمت نو روپيا. پر جيڪو سائي اگسٽ ۳۰ تاريخ تائين خريدار ٿيندو، اُن کان صرف سوا ست روپيا ورتا ويندا. اُن لاءِ جيترو به جلد ٿي سگهي، سوا ست روپيا مني آرڊر رستي موڪلي سال جا ڈهه عام ۽ ٻه خاص نمبر حاصل ڪيو.

**بي سهوليت:**

هيءَ سهوليت صرف شاگردن لاءِ آهي. نائين ڪلاس کان ويندي يونيورسٽي تائين تعليم حاصل ڪندڙ شاگرد هن اسڪيم مان فاعدو وٺي سگهن ٿا.

هر اُنهي شاگرد کان نون روپين جي بجاءِ صرف پنج روپيا چندو ورتو ويندو، جيڪو هيٺيون ڪوپن پنهنجي اسڪول يا ڪاليج يا يونيورسٽي جي مهندار (هيڈ) کان صحيح ڪرائي ۽ مُهر لڳرائي موڪلينڈو. ڪوپن سان گڏ پنجين روپين جي مني آرڈر جو رسيد نمبر ڏياري موڪليو، اوهان کي خريدار بڻايو ويندو. — ادارو

**شاگردن لاءِ ڪوپن**

نالو.....

پتو .....

تصديق .....

مهندار جي صحيح
۽ مُهر

[افتتاحي تقرير]

شيخ اياز

# اي تاريخ جي تسلسل جا پاسبانو!

منهنجا رفيقو! ترقي پسند اديبو! سنڌڙيءَ جا سپوتو! هي دؤر تاريخي دؤر آهي؛ جو سنڌ صدين ۾ نه ڪري سگهي هئي، اهو اوهان ڪجهه سالن ۾ ڪري ڏيکاريو آهي. اوهان جي شعر ۽ ادب، پنهنجيءَ تاريخ ۽ ثقافت سان ڀرپور محبت پيدا ڪري، جنهن قومي شعور کي آياريو آهي، اُن لاءِ مستقبل جي تاريخ اوهان جي احسانمند رهندي. اوهان فن ۽ ادب ۾ جا اظهار جي آزادي ڏيکاري آهي ۽ ان آزاديءَ لاءِ جا قيمت ادا ڪئي آهي، اُن جو مثال پوري برصغير جي ادب ۾ ڪٿي به نه آهي.

هر سال هي ميڙ هڪ ماناري وانگر لڳندو آهي ۽ ڪا ماڪيءَ ڪان ميڙي رَسُ اوهان کي چکي، هتي آڻيندي آهي. اوهان جي پَٽ جُهڙ ۾ اُنهي اُکير جو رسيلو اُمنگ هوندو آهي، جنهن اُکير سنڌڙيءَ جي ساري سڳنڌ چوسي، اوهان جي ميڙيءَ هوليءَ کي ورسايو آهي. اسان ماڻ هرڪنهن جي فني انفراديت پنهنجو الڳ رستو ڳولي سگهي ٿي، پر اسان سڀني جي منزل هڪڙي آهي.

حُبّ الوطني، پنهنجي فن سان ديانتداري، عالمي امن، سماجي انصاف، سياسي ۽ اقتصادي برابريءَ لاءِ جدوجهد ۽ زندگيءَ جي هي هر ترقي پسند قدر جي حمايت ۽ اُن حمايت جو پنهنجي هر تخليق ۾، هر رُڪاوٽ جي باوجود، پوريءَ آزاديءَ سان اظهار، اهي سڀ مقصد اسان کي هر سال هن جشن روح رهاڻ ۾ ڪلو ڪن ٿا، ۽ اسان جي هن اجتماع کي پنهنجي مقصديت جي روشنيءَ سان منور ڪري، اُن کي ملڪ جي هيءَ هر ثقافتيءَ سرگرميءَ کان مختلف ۽ ممتاز ڪن ٿا. اڄ ڪلهه، جڏهن انعامن اڪرامن، سيرن سفرن، معاوضن ۽ وظيفن چوڌاري ادب ۾ ضمير فروشيءَ جي بازار گرم ڪري

چڏي آهي، تڏهن فقط اسان ئي، ڪنهن جماعتي تشڪيل کان سواءِ، هڪ ادبي جماعت آهيون، جن انسانيت ۽ انصاف جي پرپور حمايت ڪئي آهي ۽ رجعت پرست قوتن جي بي انتها مخالفت، جبر ۽ تشدد جي باوجود اڳي کان اڳرا آهيون.

اسان هڪ منظم تحريڪ نه آهيون، پوءِ به اسانجن ادبي ڪوششن ايتري جُنبش پيدا ڪئي آهي، جو ڪوڙ جو سارو ڪوٽ لڏي رهيو آهي ۽ اُن جي مورچن تي بيٺل پهريدار پنهنجو توازن رکي نه ٿا سگهن ۽ پنهنجا اُبتا سُٻتا تير هيڏانهن هوڏانهن اُڇلي رهيا آهن ۽ اسان اُهي تير پنهنجن هٿن سان مروڙي اُنهن جي ڦِڪي مُنهن ۾ هڻي رهيا آهيون. تاريخ جي ڌارا کي ڪوئي به وڪلي، وهلور وڃي اڳا تائين روڪي نه سگهيو آهي. ارتقا جي وهڪري رجعت پرست قوت کي لوڙهي ڦٽي چڏيو آهي؛ ڪوئي به ارتقا جي وهڪري کي روڪي نه سگهيو آهي. اِهو وهڪرو هڪ گونجندڙ گرجندڙ سمنڊ وانگر ڪيئي پهاڙ پاڙ کان پٽي ڦٽي ڪنڊو آهي. زندانن جون سيخون انسانن کي روڪي سگهنديون آهن، تاريخ کي ڪابه رڪاوٽ، ڪابه بندش، ڪوبه تشدد روڪي نه سگهيو آهي. تاريخ کي هڪ پَڪو وهي ڪاتو آهي ۽ اُها هر غدار کان گڏيل وياج سان قرض چُڪائي وٺندي آهي ۽ هر محب الوطن کي مَدي خارج ٻڌائي ڏيندي آهي. تاريخ وٽ دير آهي، انڌير نه آهي ۽ اُن جي ديگ، جڏهن به تپندي آهي، تڏهن هر حرامخور جي هَڏي هَڏي رَجهي ويندي آهي. تاريخ دؤر دؤر جا ڪيئي لاش مقدس مقبرن مان باهر ڪڍي اُڇلائي چڏيا آهن ۽ اُنهن جي هَڏاڻن پڄرن کي چؤنڪ چونڪ تي لٽڪندو ڏٺو ويو آهي. تاريخ لاءِ اها نئين ڳالهه نه آهي ته اڄ جو محب الوطن سڀاڻي جو غدار ليکيو وڃي، ۽ اڄ جو غدار سڀاڻي جو عظيم محب الوطن مڃيو وڃي.

اي تاريخ جي تسلسل جا پاسبانو! اي منهنجيءَ ڌرتيءَ جا سِرڪريا انسانو! ترقي پسند اديبو! سنڌڙيءَ جا سپوتو! اوهان شعر ۽ ادب ۾، اوهان پنهنجيءَ هر فني تخليق ۾، پنهنجيءَ هر تحرير ۽ تقرير ۾، انساني عظمت جو پرچم بلند رکندا اچو؛ هڪڙو ڪَٽجي ڪري، ته ٻيو هُن جي پرچم کي هن جي هٿ مان وٺي، اُن کي اڳي کان به وڌيڪ اوچو ڪري، اڳتي وڌي.

آخر ۾ علامه آءِ آءِ قاضي جي خوددار ۽ باضمير شخصيت کي، جا زندگيءَ ۾ عظيم هئي ۽ موت ۾ عظيم تر آهي، مان پنهنجو سلام ڪري، هن جشن جو افتتاح ڪريان ٿو.

●

# جهوڻا گڙهه جا جوگي

صدارت جي ڪرسيءَ
عزت افزائيءَ لاءِ مان حميد صاحب
۽ اوهان سڀني جو شڪريو ادا
ڪيان ٿو.

روح رهاڻ جي هن محفل
۾ دوستن جي افسانا پڙهيا، سي
وقت، حالتن، مقصد ۽ فن جي
لحاظ کان شاهڪار ڪهاڻيون آهن.

سنڌي شعر جي باري ۾
ته اهو مثل مشهور ٿيندو ٿو
وڃي ته هن پلاريءَ ڏرتي ڪي
اهو حسين شعر جو مور پکيڙڻو ازل کان قدرت طرفان انعام ۾ مليل آهي، جنهن جي رنگين پرن جي دلڪش ادام جي ڦهلاءُ ساري ڏرتيءَ ڪي واسي ڇڏيو آهي. قاضي قاضن کان لالڻ لال لطيف، سچل کان ايازتائين، سنڌيءَ شعر جي رنگا رنگ دنيا ايتري ته حسين آهي، جو اوشا ۽ سنڌيا جون ديويون به ان سونهن کي ڏسڻ ته هوند شرمائجي وڃن. ان بي بها خزاني کي دنيا جي ڪنهن به ٻوليءَ جي ساهميءَ ۾ تورينداسين ته لال لطيف جي ڪيچ مان ڪنبل ڪٽن وارو پاسو ئي سوايو ٿيندو.

اهڙيءَ طرح سنڌي ڪهاڻي به دنيا جي ادب ۾ پنهنجي لاءِ هڪ جن جاءِ پئدا ڪري رهي آهي.

سنڌي ڪهاڻيءَ جو پهريون ۽ عظيم دؤر سڀ ماهي رسالي مهراڻ کان شروع ٿئي ٿو، جو ان وقت سنڌي ٻوليءَ جو اڪيلو، اونهون عميق درياءَ هو، جنهن جي پاتال مان ئي سنڌي ٻوليءَ کي جمال ابڙي، غلام رباني، جمال رند، آغا سليم، ايازقادري، طارق اشرف، غلام نبي مغل، حميد سنڌي، سليم احمد، سراج ۽ امر جليل جهڙا املهه ماڻڪ مليا. جن مان خاص ڪري جمال ابڙي ۽ غلام ربانيءَ جا نالا سر فهرست تي اچن ٿا، جن سنڌي ادب ۾ سين کان پهرين، پنهنجي جوتي ذهڻ سان سنڌي ڪهاڻي جي پراڻين روايتن ۽ رستن کي ڇڏي، نون گسن ۽ پيچرن تان هلڻ شروع ڪيو. جمال ابڙو

انهن پيڇراهن تان هلندي سنڌي افساني جي تاريخ ۾ پاڻ ۾ هڪ روشن راهه ٻڌجي ويو. نوان ليکڪ، شاهه جي ڦر، پيراڻيءَ، خميسي جي ڪوٽ، بدمعاش ڪي حيرت سان ڏسڻ لڳا ۽ جمال جي نقش پا تي هلڻ لاءِ پنهنجو پاڻ پتوڙڻ لڳا. ٻئي طرف غلام رباني آب حيات آڻڻ لاءِ هڪ عظيم پل ٻڌي پاڻ پنهنجي نين راهن جو سنگ ميل ٿي بيهي رهيو.

انهن نين راهن تان هلندي ئي جمال رند مانيءَ گپي جي تلاش ۾ نڪتو، ڪيئن شيشي جا گهر ۽ تاج محل ٺهي ويا. سماهي مهراڻ سانوڻ جون ڇوليون هڻڻ لڳو.

ڏسندي ئي ڏسندي سماهي مهراڻ ۾ طوفان آيو ۽ منجهائنس هڪ ٻيو واهڙ روح جا ريلا ڏئي ڦٽي نڪتو. اهو نئون واهڙ هو 'روح رهاڻ' ۽ اتاهين سنڌي ڪهاڻيءَ جو ٻيو عظيم ۽ انقلابي دور شروع ٿيو. هر طرف مشعلون ٻرڻ لڳيون. سنڌوءَ جي هزارين پيراڻين، ممڙين ۽ خميسن کي ديس هين ديون، راکي نما راکاسن کان بچائڻ لاءِ سنڌي نوجوان اديبن جو هڪ وڏو ٽولو، بڇ نما نڪا قلم ڪٽي سنڌ باد سيلانين وانگر، جل جل مشعل جرڪائيندا، واچوڙن کي لات ڏيکارينداِ ڏاڍ جا ڏونگر ڏارينداِ واسينگن جي واڻن تان هلندا خوفناڪ ڏٺوتن ۽ راکاسن جي هٿن تي وار ڪندا، تيزي سان اڳتي وڌي رهيا آهن.

اهي سنڌو جا سنڌ باد هڪ نه هڪ ڏينهن پنهنجي منزل ماڻيندا. پوءِ ڪابه ممڙي ائين لتن سان ماري نه ويندي. پوءِ ڪابه پيراڻي ائين گسن تي ڪانه وڪامبي. پوءِ ڪوبه خميسو ائين سي سڪرات نه ڏيندو. هڪ نه هڪ ڏينهن اهي مهراڻي ميندرا ان ڪوڙي ڪاڪ جا ڪنگر ڍاهي وجهندا. اهي مهراڻي مورڙا ڪڍهن نه ڪڍهن ان ڪلاچ جي مانگر مچ کي ماري وجهندا. اهي سنڌوءَ جا مسيحا هڪ نه هڪ ڏينهن صدين مان ستل موئل جي دڙي جا مڙدا جاڳائي ويندا. اهي جهونا ڳڙهه جا جوڳي هڪ نه هڪ ڏينهن سورٺ ورن ڪان سر جو دان وٺي ويندا. هڪ نه هڪ ڏينهن سوريءَ سڌ ٽيندو ۽ سڌ سان ڏي پڙاڏو پڌا ٽيندو ۽ ان پڙاڏي کي دنيا جي ڪابه طاقت روڪي نه سگهندي.

مان ان روح رهاڻ جي روشن مشعل جي پاسبان، روشن راهن جي سنگ ميلن، سنڌو ڌارا جي نوجوان سنڌ باد سيلانين، دڳ ڏڻن تي روح رهاڻيون ڪندڙ نوجوانن کي سو سو دلين سان خراج تحسين پيش ڪيان ٿو.

آخر ۾ مان وري به عزت افزائي لاءِ ياءِ حميد ۽ سڀني حاضرين مجلس جو شڪريو ادا ڪيان ٿو.

سنڌ ۽ سنڌ باد ـــ زنده باد

⊙

# جوءِ وٽ

هو چور هو، هاڻي هن کي چٽو چوندا آهن، چاپائنين ڏاڙهي، قداور مڙس، نالو سندس پنهون، ذات کونہ ٿو پڌايان. وڏيرن جو خاص ماڻهو، پوليس جو کاٽائو، پهراڙيءَ جي ماحول ۾ رڳيو، ننڍي مان وڏو ٿيو، ۽ پاسي اجرڪ جو پٽڪو، وڏي سلوار، قلين وارو اڇٽ، کهاڙي کلهي تي، ماني راڇن تي، مڙس جي هاڪ، هرڪو اٽيو پيو هٽ ڏئيس، پٽ ڏئي تہ "ادا، حرامي ماڻهو آهي." هرڪو ائين چئي چڏي، ڪوٽ جا سڀ ماڻهو منجهائنس بيزار.

ويهينءَ جي اونداهين ۾ ڪڏهن ڪنهن جي ٽڪ چوڑيو وٽي. ٻئي ڏينهن پنگ وٽيو، ڪجهہ پوليس جي رسائي، ڪجهہ دوستن جي چانهہ تي، پئسا پورا همراهہ وري سٽن ۾. ائين حياتيءَ کي ڏکيندي، مڙس جي ڏاڙهيءَ ۾ اڇا اچي پيا. پر هن زندگيءَ ۾ ڪابہ نئين گهالهہ نہ ڏني. حياتيءَ جو آزاريندڙ تجربو ۽ وڏي پيڙا آهي. سڀ ڪجهہ سمجهايو چڏي. هن ڪوٽ ۾ ماستر سان سنگت رکي. ماستر ۽ راءِ سهاسيءَ کان ويندي، چوڌري غلام محمد تائين پنا پڙهيو، سڙيو ويٺو هو، تنهن ٽوپي لاهي اجرڪ پڌڻ شروع ڪئي. اونداهيون راتيون، هنن جون وٽائن جي منگهن تي ڪچهريون.

ڪوٽ تي رستو ناهي، پهراڙيءَ ۾ روشني ناهي، ان جو اڳهہ چوٽ چڙهي ويو آهي. بک ڪري پار کونہ ٿا پڙهائي سگهون. هي وڏيرا حاڪم زميندارن جا ايجنٽ آهن، جيئن انگريزن جا خانبهادر هوندا هئا. ائين ڏينهن راتيون پيرن جي چانئن ۾، واهن جي ڪنارن تي، ڪهاڙيون ڪلهن تي، ماني راڇن تي، ويا ملڪ وادوڙيندا. خبر تڏهن پئي جڏهن بٽوري جي هوٽلن جو سينگار، وڏيرن جي اڳيان جهڪي هٽ پڌڻ وارو، پوليس جو کاٽائو نيڪ سڏجڻ لڳو، ڪنهن چيو، "يار پنهونءَ جي نالي ائين نہ چئو، هن سڀ عادتون بدلائي چڏيون آهن، ڪڏهن هن سان ڪچهري ڪئي اٽئي؟"

"نہ."

"هل تہ هلون."

پري کان پنهونءَ جي هٽ ۾ اخبار ڏٺائون. "پنهون تون ڪڏهن پڙهيئن؟"

"ادا، هن سنڌ جي عظيم استاد مونکي پڙهائڻ ۾ دير ئي نہ ڪئي. ويهو، کهڙا حال آهن، خوش تہ آهيو. پر گهالهہ پڌو، مڙس ٽيو. هاڻي ذليل زندگي نہ گذاريندا سين. هڻڙا سارا ڪنڌار مڙس، پوءِ ۽ لڇون اگهاڙيون، ڪاڏي لاءِ محتاج، اها آهي اسان

جي حياتي. يارو ائين نہ ٿيندو، مڙس ٿيو. اڻ قدرتي قانون، انڊو مئجسٽريٽ، سڌيل سوار پاڻ کي چا کندا. راڄن مان سائو ڪونہ ويو آهي. سپ هڪ ٻئي کي مان ڏيندا سين. فتح-واه وارا. لاشاري، شاه-واه وارا چانگ، چور-واه وارا جتوئي، گهاڙيءَ وارا زئور هڪ ٻئي کي ابن ڏاڏن کان سڃاڻون، اهي هڪ ٻئي لاءِ سر نہ ڏيندا؟ ڏاريا ماڻهو الائي ڪٿان جا، کهڙا سندن قانون، روز پيا پڙها گهمائن تہ اڄ سرڪار جو هي حڪم آهي تہ سڄ جون زمينون فوجن کي ملنديون، اڄ فلاڻي هينئن چيو آهي تہ ڪڇندا تہ ڪڇليا ويندا. اسين کي پاڙي آهيون چا؟ اسان ہ هن ملڪ جا آهيون، اسان کان ڪڏهن ہ نہ پڇيو ويو آهي تہ ٻيلي هيئن ٿا ڪريون، اوهان جي کهڙي مرضي آهي. باقي ان ڪٿي تہ سيني کي پڌائش وڌائش گهرجي. موٽر تي رکو اسين چڙهنداسين. رستا اوهين ٻاهيو." پنهون ٻڌ ساهيءَ سيئي گالهيون هنن جي ڏهن ہ اوتي ويو.

"ادا، ٻڌائي پنهون کي، اهو ائين پنهون."

"يار، گالهيون تہ دل واريون ڪيون ائس. باقي پاڻ سمجهون."

"ان ہ سمجهڻ جي کهڙي گالهہ آهي. کهڙي سقراط جي ڪيري واري گفتگو آهي، مڙئي حياتيءَ لاءِ سوچڻو آهي. جيڪو اسان لاءِ نڻو جئي، تنهن لاءِ اسين بہ واندا ڪونہ آهيون. پرينءَ شاهہ واه وارن چانگن جي هڙيءَ ہ ميٽنگ آهي، جتي سپ راڄ گڏ ٿي رهيا آهن. ساري سڄ ايندي، اوهان کي بہ ضرور اچڻ گهرجي."

"سائين، اکين سان."

"ہ رڻون سپ سوچي اچجو تہ اسان کي چا ڪرڻ گهرجي."

اهو ائو پنهون هاري، جنهن کي هيڏي سڄ ہ نہ ايڪڙ زمين جو، نہ رهڻ لاءِ اجهو، نہ ڏيڻ جو جوڙو، ڇتو نہ ٿيندو تہ جوٽس وٽ ويهندو.

●

# آيس ڪوڙي سانگ

ڪجهه گهڙيون اڳ ڪونڙيءَ ۾ قبر جهڙي سانت هئي. امالڪ هڪ ڪڙڪو ٿيو. آڏوهيءَ ڪاڏل ڪاڪ جي در وٽ رڪيل سائي تهه چڙيل مٽ تان، هليءَ جست جو مَرُ چڙهيل گلاس ڪيرائي وڌو. ديپوءَ جي اک ڪلي وئي. راڌا سندس پاسي ۾ ليٽيل نه هئي. هوءَ دريءَ وٽ بيٺي هئي. ٻاهر نهاري رهي هئي. شايد ڪيس ڪڙڪي جو به احساس نه ٿيو. پنڌ پهڻ بڻي بيٺي هئي. ديپوءَ ڪيس آهستي سڏ ڪيو.

"راڌا!"

"....."

"تون چا پئي ڪرين، راڌا؟"

"جي،" راڌا ڪان جڻ چرڪ نڪتو. لالٽين جي سوجهري ۾ سندس پيشانيءَ تي پگهر جون ڪجهه پريشان بوندون چلڪي رهيون هيون. ائين جيئن ڪنول تي مڌر ماڪ ڦڙا چمڪن.

ديپوءَ وري ڪانئس پڇيو، "تون منهنجي پاسي مان ڪيڏيءَ مهل ائينءَ؟"

"آءٌ .... الاجي.... خبر ناهي." راڌا اڃا دريءَ وٽ بيٺي هئي.

"تون دريءَ وٽ چا پئي ڪرين؟"

"آءٌ .... آءٌ هنن لوهي سيخن جي هن پار.... آڪاش ۾ تمنا جا تارا پئي ڳوليان."

"پوءِ، ڪجهه لڌا؟" ديپوءَ مشڪندي پڇيو.

"هنن تارن جي جهرمر ۾ منهنجي تمنا جا تارا الاجي ڪهڙا آهن.... پر ترس.... هينئر ضرور ڪو تارو ٽٽندو.... اهو منهنجو هوندو.... ۽ ان جي پرواري جرڪندڙ تارو.... تنهنجو هوندو."

ديپو ڪٽ تان اٿي هن جي پر ۾ وڃي بيٺو. ائين ئي خاموش رهيو.

راڌا چوڻ لڳي، "هوڏانهن، مندر واري پير جي وڻ مٿان چند ڏانهن نهار. ڏسين پيو نه ديپو؟"

"ها راڌا! آءٌ ڏسان پيو."

"ڇڳيءَ طرح ڏس. چند ڪنهن ڏاڪڻ جي پڳل ڪنگڻ وانگر پيو لڳي. ڪنهن گهايل آتما جي رت ۾ ٻڏل ڪٽاريءَ جيان پيو محسوس ٿئي. ديپو! مونکي پٿو ٿو ٿئي. پٿو ٿو ٿئي مونکي." راڌا ٻنهي هٿن سان پنهنجو منهن ڍڪي ڇڏيو.

"تو کي چا ٿي ويو آهي، راڌا؟"

"ديپو! منهنجي اندر هڪ اڌ مو ڪاڌل آهي. من اندر جي ساگر جون لهرون الاجي ڇو لڇي رهيون آهن."

"شايد چنڊ کي پنهنجيءَ جهوليءَ ۾ ڪٿ لاءِ راڌا."

"پر ڪين ڪهڙي ڪَلَ، تہ هو ڪڏهن بہ چنڊ جي سيني ۾ ليئو پائي نہ سگهنديون. سندن ڪلپنائون ڪوماڙجي ويندیون. سندن چاهت چور چور ٿي ويندي. سندن چاهت جي چيتّا جا اَلاَ بہ چنڊ تي رسي نہ سگهندا. هنن پڳلين کي ڪير سمجهائي تہ هو ڪڏهن بہ ان اناهينءَ تي پهچي نہ سگهنديون. سندن لوڇَ اجائي آهي." راڌا ٺڌا ساهہ ڀرڻ لڳي.

"پر چنڊ تہ پاڻ هيٺ لهي اچي ساگر جي سيني تي لهرن جي جهوليءَ ۾ پيو جهولندو آهي. پوءِ لهرن ۾ لوڇ ڇا جي؟"

"نہ ديپو! اهو دوکو آهي. ائين تہ سڄ بہ هيٺ لهي اچي، ساگر جو سينو ساڙيندو آهي. ڌرتيءَ جا لڳ ڪوسا ڪري ڇڏيندو آهي." راڌا ڇيو.

"پر چنڊ جنسار تي پنهنجيءَ سندرتا جي ورکا ڪندو آهي. پريمي دلين لاءِ رهاڻين جا سمان پيدا ڪندو آهي. پونہ راتين جي ورکا تي ڌرتيءَ جو ذرو ذرو ستارن جيان ٻهڪڻ لڳندو آهي." ديپوءَ چيو.

"اهو سڀ ڏيکاءُ آهي. چنڊ تمام گهٽو ڏور وسي ٿو. هو اسان جا درد ڇا ڄاڻي. هو تہ پاڻ سورج ديوتا کان دان ۾ ملیل روشنيءَ تي ٻهڪي ٿو. وٽس پنهنجو ڪجهہ بہ ناهي. چنڊ دولاب آهي. چنڊ جي چاهت کي ڪوبہ وجود ناهي. هو ڪٿين پيرا چڪور کي پاڻ ڏانهن اَڏامندو ڏسندو آهي. چاهت ماريل چڪور چنڊ تي رسڻ لاءِ اَڏامي اَڏامي ٽڪجي ڪري پوندو آهي، تڏهن بہ چنڊ اتي ئي ٻيٺو، خاموشيءَ سان چڪور جي بيوسيءَ ۽ ناڪاميءَ جو تماشو ڏسندو رهندو آهي. چنڊ ڪٺور آهي. چنڊ پاپي آهي. مونکي هن کان ڀئو ٿو ٿئي، ڀئو ٿو ٿئي ديپو! مونکي ڀئو ٿو ٿئي هن کان." راڌا رٺڻهارکي ٿيندي چيو.

"تو ضرور ڪو ڀوائتو خواب لڌو آهي راڌا."

"ها ديپو. مون هڪ سپنو لڌو آهي، جنهن منهنجي ستل احساس کي جاڳ ڏني آهي. منهنجا ٽڪل ويچار ڏونڊاڙي ڇڏيا آهن."

"تو ڇا ڏٺو؟" ديپوءَ چيو.

"مون ڏٺو، پريشان هوائون سانت ۾ اچي ويون هيون. چٽي پاسي ماناڻي چانيل هئي. آڪاش ڪرن شان ڏيکيل هو. هڪ سمي ليئا پائيندي، چنڊ پاڻ کي گهنگهور گهٽائن جي گهيري مان آجو ڪري ورتو ۽ آڪاش ڇڏي، لوهہ ڪري هيٺ لهڻ لڳو. تمام هيٺ لهي آيو. هن پير جي وڻ کان بہ هيٺ. تمام هيٺ. منهنجي ويجهو.

آءُ ڊپ کان ويڑهجي ويس. منهنجو سارو سريرُ پگهرجي ويو هو.... ۽ هو خنجر جهڑو سنهڑو چنڊ، ڪتاريءَ جهڙو تکو چنڊ. منهنجن لڳن ۾ هڪ ڳهاڻ ڳهائي.... واپس وڃي گهٽائن جي اوٽ ۾ لڪو. منهنجي سريرُ مان رت جي هڪ ڏارا وهڻ لڳي. ايڏاڻ ٽيو ۽ آءُ ربهہ ۾ نہ ڪري سگهيس. آواز منهنجي لڪيءَ ۾ اڪي پيو. منهنجا لڳ رت گاڏڙ پاڻي پاڻي ٿي ويا ۽ پوءِ .... مونکي خبر ناهي ڇا ٿيو." راڌا سهڪڻ لڳي، سڃي پگهرجي وئي هئي.

"نون وهمي آهين. اجايو پريشان ٿي ٿين." ديپوءَ چيو.

"آءُ پريشان ضرور آهيان، پر وهمي ناهيان. ڇا تو ڪي چنڊ تي منهنجي رت جا داغ ڏسڻ ۾ نٿا اچن." راڌا چيو.

"شايد چنڊ گرهڻ ۾ اچي ويو هوندو."

"اها گرهڻ ڪيستائين رهندي."

"پرهہ جي پَوتير ديويءَ جي اچڻ کان اڳ لهي ويندي آهي."

"۽ اهي داغ ٻ لهي ويندا؟"

"ها، اوشا جي ڪومل ڪرڻن سان اهي داغ ڏوپجي ويندا."

"پر منهنجو جيون شايد گرهڻ مان نہ نڪري سگهندو. مون تي لڳل داغ ڪڍهن ٻ ڏوپجي نہ سگهندا. ويلَ ويلَ ڪي ڪير ورائي. پٽيل گل ٻ ڪڍهن تاريءَ جڙيو آهي ديپو!" راڌا جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا.

"ڪهڙيون چرين جهڙيون ڳالهيون ٻڌي ڪرين راڌا!"

"ها ديپو! راڌا سچ ڇچ چري هئي. تڏهن ته تنهنجيءَ پَلَ جي پريت ڪارڻ پنهنجي ماتا پتا جو امر پيار ڇڏي پڄي آئي توسان."

"هي تون چا ٻڌي چوين راڌا!" ديپوءَ ڪجهہ ٽيندي چيو.

"آءُ سچ ٿي چوان ديپو! مونکي هن اونداهيءَ ۽ اجڙيل آکيري جهڙي ڪوڙيءَ ۾ هوسٽ ٿي ٿئي. آءُ هت هوسٽجي مري ويندس. آءُ پچتايان ٻڌي ته توسان ڇو آيس. تنهنجين مڙين مڙين ڳالهين ۾ ڇو ڦاٿيس. تنهنجي قرب جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڇو آڙيس. آءُ هڪ اڏڻل نتيجي جي ڊپ کان پريشان ٿي وئي آهيان. اڄ پيار جو انڌو ديوتا ب پريشان هوندو. باپو مون لاءِ روئي روئي انڌو ٿي ويو هوندو. امي دانهون ڪري پاڳل ٿي وئي هوندي. اميءَ جي ريهن پگوان جي پٽردل ب ڏاري وڏي هوندي. مون کان سواءِ هنن جو ٻيو ڪوبہ ڪونهي. آءُ ئي هنن جي جيون جو سهارو آهيان. آءُ ب هنن کي ڇڏي آيس. هو بي سهاري ٿي ويا هوندا. هاڻ هو ڪيئن جيئندا هوندا. هنن جي ورهين جو سانديل ڏن لٽجي ويو. هنن جا ڪنڊ ڪري پيا هوندا. هو پتين سان مٿو ٽڪرائي مري ويندا. سارو سنسار هنن تان چٽرون اڏائيندو هوندو. هو ڪيئن جيئندا. ڪنهن ڪارڻ جيئندا. مونکي واپس ڇڏي اڄ ديپو! واپس ڇڏي اڄ. آءُ پنهنجي

مانا پتا کان ڏار نٿي رهي سگهان. آءٌ هن شهر ۾ نه رهندس. هتي نه رهندیس. مونکي واپس چڏي اچ ديپو! هتي کير به کنهن جو کونهي. کير به منهنجو کونهي."
راڌا سڏکا پريندي چيو.
"پر آءٌ تہ تنهنجو آهيان سجني." ديپوءَ چيو.
"نہ.... تون به کجهہ ناهين. کير ٿيندو آهين تون. کير آهين تون."
"تون منهنجي پريتما ۽ آءٌ تنهنجو پريتم آهيان راڌا."
"نہ، تون منهنجو ميت ناهين. تون پٿونرو آهين. هر کليءَ جي جوبن جو شيدائي پٿونرو. تنهنجو منهنجو پريم ناهي."
"آهي سجني، آهي."
"ها، پنهنجو پيار سانوٽيءَ جي اُس آهي."
"نہ راڌا! پنهنجو پيار امر آهي. پنهنجو پيار سدائين روشن رهندو."
"پر منهنجي جيون جي انڌيري رات جي پاڻ ۾ پريات ناهي."
"آءٌ پنهنجي رت جا هزارين ڏيئا پياري تنهنجي جيون کي روشني ڏيندس." ديپوءَ چيو.
"تنهنجا وچن پاڻيءَ ڦوٽا آهن. جيڪي رڳو درد ئي درد ڏيئي سگهن ٿا. انهن وچن ئي منهنجي دل دردن ۾ دونهائي چڏي آهي." راڌا چيو.
"آءٌ توکان تنهنجا درد کسي پنهنجا سمورا سک تنهنجيءَ جهول ۾ وجهي چڏيندس."
"مون لاءِ تو وٽ کجهہ به کونهي ديپو! رڳو گهالهين جو چار آهي."
"منهنجن اکين جي اونهاين ۾ تو لاءِ اٹاهہ انس اوتيل آهي."
"منهنجن پاڻ ۾ لڙڪ لکيل آهن." راڌا چيو.
"آءٌ تنهنجن مڙ نيٹن مان نير وهڻ نه ڏيندس."
"تون ائين نٹو ڪري سگهين. کير به ائين نٹو ڪري سگهي، ديپو."
"انسان لاءِ کابہ گهالهہ ناممکن ناهي."
"پر پگوان لاءِ هر گهالهہ ممکن آهي."
"آءٌ ايشور سان اٹکي پوندس. کائنس منهن ڦيري وٺندس."
"جيون اسان کان منهن متي ويندو."
"پاڻ ٻيو جنم پائينداسين، راڌا."
"پر آءٌ توسان جيون نٹي گهاري سگهان. پنهنجي ماتا پتا کان سواءِ منهنجي ما شانتيءَ ۾ نه رهندي. آءٌ هنن کان پري نٹي رهي سگهان. آءٌ تنهنجي پل جي پريت کاڻ هنن کي نٹي وساري سگهان. هنن کي نٹي چڏي سگهان." راڌا روئڻ لڳي.
"راڌا!"

"جي."

"آءٌ ب، تہ تنهنجي ڪري پنهنجو سڀ ڪجهہ ڇڏي آيـو آهيان، پنهنجا متر ۽ سجڻ ساڻي. سڀني سان ناتا ٽوڙي، صرف تنهنجي ڪري ڪين ڇڏي آيو آهيان."

"تو ڪجهہ وڃائي، ڪافي پاتو آهي. مون وڃائڻ ڪـان پوءِ ب ڪجهہ وڃايو آهي ديپو!"

"ها، مون پنهنجو سڀ ڪجهہ وڃائي توکي پاتو آهـي. راڌا ڪي پاتو آهي، ۽ راڌا...."

"۽ راڌا ڪي پائي تو مونکي جيون پٽڙا ڏيئي ڇڏي آهي. تو منهنجي جيون ڪي الجهائي ڇڏيو آهي. مونکي جيئري ئي ماري اڇلائي ڇڏيو آهي. تو مونکي اجاڙي ڇڏيو ديپو! مونکي اجاڙي ڇڏيو." راڌا روئندي چيو.

"راڌا!!"

"ڇا؟"

"مون توکي موت نہ جيون ڏنو آهي. توکي اجاڙيو نہ اٿم، پر توکي وڏيڪ نکار ڏنو اٿم. تـون پاڻ ڪي ب پرک ۽ مونکي ب جانچ. تـون ڇا ۽ آءٌ ڪير. تون اڇوت ۽ آءٌ برهمڻ. تنهنجو منهنجو ڪوب سنڊ نہ هو. آءٌ آڪاش جـو تارو ۽ تون سماج جي نظرن ۾ ڌرتيءَ جي دز جو هڪ ذرو. هزارن حيلن ڪانپوءِ ب ڌرتي جي دز آڪاش تي نٽي رسي سگهي. ڪو تنهنجيءَ پر مان ب نہ لنگهندو هو. پر مون توکي پنهنجي ساهہ سمائي ڇڏيو. ذات پات جا ويچا وساري، نند وڏائيءَ جو فرق مٽي، پنهنجا مٽ مائٽ، ڌن دولت سڀ ڇڏي آيس. تون تہ رڳي پنهنجا ماڻ پيءُ ڇڏي آئي آهين. پيو تنهنجو آهي ب ڪير. پر آءٌ نہ پنهنجي سڄي سماجوادي ڦٽي ڪري آيـو آهيان راڌا! توکي منهنجو احساس ڪونهي. ڇا مونکي منهنجا متر ياد نہ ايندا هوندا. پنهنجي سماجواديءَ جي سڪ نہ لڳندي هوندي؟" ديپوءَ جذبات ۾ ايندي چيو.

"ها ديپو! پاڻ هڪ ئي وات جا واڻڪو آهيون. ساڳيءَ نائو جا ۾ پتوار آهيون."

راڌا آڪاش کي تڪيندي چيو.

"پر تو ۾ ۽ مون ۾ اوشا ۽ سنڌيہ جيترو فرق آهي."

"ڇا ديپو!!" راڌا اواڪ ٿيندي پڇيو.

"تو ۾ ۽ مون ۾ پورب ۽ پچم جيترو ويڇو آهي."

"ويڇو!.... اوشا ۽ سنڌيہ!... پورب ۽ پچم جيترو ويڇو!.... اهـو تون پيو چوين ديپا!.... جيون جي هن موڙ تي اڇي چوين ٿو تہ پاڻ ۾ فـرق آهي!.... ويڇو آهي!.... توکان اهو ڪيئن آڪليو ديپو؟" راڌا جي چهري تي حد حيرانيءَ جي لهر هئي.

"ها راڌا! اهو سچ آهي."

”ديپا!“ راڏا کان ذري گهٽ ريهه نڪتي هئي. سندس چپ ڏڪڻ لڳا. سندس اکين جي اداسي وڌيڪ اونهي ٿي وئي. هوءَ ڏيپوءَ کي تڪيندي رهي.

”راڏا آءٌ سچ ٿو چوان، تو ۽ مون ۾ تمام گهڻو فرق آهي. تون ناري آهين ۽ آءٌ پرش. ديپڪ جيڪڏهن واپس ورندو ته کيس ڪوبه ڪجهه چوڻ جي سگهه نه سارينڊو ۽ جيڪڏهن تون واپس ويندينءَ تہ نيچ ڪونائيندينءَ. سنسار واسي تو تي آڱريون ڪٽندا. ڪوبه تنهنجو آدر نہ ڪندو، تنهنجو باپو ۽ امي به تو کي پنهنجي چائٽ اورانگهڻ نہ ڏيندا!“ ديپوءَ کيس سمجهائيندي چيو.

”تون سچ ٿو چئين ديپو، هاڻ منهنجو ڪوبه ڪونہ رهيو آهي.“

”آءٌ تنهنجو آهيان ۽ تون منهنجي آهين. پاڻ سپاڻي ٿي ويڏي وجهنداسين. پاڻ هر جنم ڳڏ گذاريو آهي ۽ هي جنم به ڳڏ گذاريندا سين. ڪيئن آءٌ نيڪ ٿو چوان نہ راڏا.“

”.....“

”تون چپ چو آهين راڏا؟“

”چا ديپو؟“

”تون مان چو آهين. ڪجهه ته چئو نہ.“

”چا چوان.“

”تنهنجي منهنجي پريت آهي نہ؟“

”ديپو! ڪا شئي آهي ته سهي، جيڪا من ۾ ڇڄايو ويٺي آهي.“

”ها راڏا! پنهنجي پريت کي امرتا آهي. پاڻ جنم ٿي پيار ڪرڻ لاءِ ورتو آهي. جنم جنم پيار جون پينگهون جهوليون آهن. آدجڳاد جو ناتو ڪيئن ٽوڙيندا سين. مون کان سواءِ ڪيئن رهي سگهندينءَ راڏا؟“ ديپوءَ راڏا جي ڪنول گل جهڙي چهري تي لڙي آيل لڙڪ آگهندي چيو.

راڏا سڏڪڻ بند ڪري چڏيو. ٻئي کٽ تي اچي ليٽي پيا. ديپوءَ راڏا جي اکين ۾ ليئو پائيندي چيو، ”راڏا!“

”هون.“

”تون مونکي هيڪلو ڪري ڇڏي ويندينءَ؟“

”ڪيئن وڃان ديپو! وڃان بہ ڪيئن. ڪهڙي منهن سان وڃان. راڏا..... اها راڏا ناهي. هاڻي اها ساڳي راڏا نہ رهي آهيان ... ساڳي راڏا نہ رهي.... راڏا .... راڏا اجڙي وئي.... تمنا جا تارا ٽٽي پيا.... من اندر جي ساگر جي لهرن جي لوڇ بند ٿي وئي .... ڪلپنا ڪومائجي وئي .... امنگون اجڙي ويون .... راڏا اجڙي وئي .... راڏا لٽجي وئي.“ (جشن روح رهاڻ ۾ پڙهيل.)

ابن حيات پنهور

[صدارتي تقرير]

# "روح رهاڻ" ۽ سجاگپي

رسالي "روح رهاڻ" جي شروعات ڪيئن ٿي ۽ اُن سنڌ جي علمي ۽ ادبي حلقن جي سجاگپي آڻڻ ۾ ڪهڙو پارٽ ادا ڪيو؟ تہ انهيءَ سوال جو فقط هيءُ ئي جواب آهي، تہ "روح رهاڻ"، پنهنجي معصوماڻ خوابن جي دنيا ۾، هڪ البيلي ۽ وانگر چال ڏيندي، بنهہ اڻڄاڻل منزل ڈانهن وڪوڻ ڪڍندي ۽ وڌندي ٿي رهي. اُن جي اِها البيلائي ۽ اِها لاپرواهي، ڪنهن زميندار يا ڪارخانيدار جي ۽ وانگر ڪانہ هئي، جيڪو بد قسمتيءَ سبان، اکين کولڻ شرط، ائين محسوس ڪرڻ لڳندو آهي تہ قدرت هين ڪائنات جا ڪلي خزانا ۽ جاہ و جلال جا مڙيئي مرتبا، سمورن حقن ۽ واسطن سميت، منهنجي خاندان کي دائمي طور ورثي ۾ ڏيئي ڇڏيا آهن. پر، "روح رهاڻ" جي البيلائيءَ ۾، پنهنجي مفاد ۽ آندا ڪان الڳ، هڪ خواهش، هڪ مقصد هو. اُهو مقصد هيءُ هو تہ پنهنجي هوليءَ ۽ ادب جي خدمت ڪجي. شروعاتي دور ۾، هر آئي وئي ادب-دوست، توڙي انهن، جيڪي پنهنجي محفلن کي سينگارڻ خاطر، عملي تعاون بجاءِ، ڪلاڪن جا ڪلاڪ بي مقصد بحث ڪري، پنهنجي ادب-دوستيءَ ۽ قومي درد جون وڏي وات دعوائون ڪندا آهن، تن مڙين ڪڍجي پٺي ٽپري ۽ 'واہ واہ!' ڪئي.

سال ٻن کان پوءِ، جڏهن "روح رهاڻ" پاراٽيءَ منزل تان چلانگ هڻي، هڪ نڊر، سُڄن ريهہ، ڪيرو جوان جي عمر تي پهتي، تڏهن اُن، سنڌ جي مڙني اديبن، شاعرن، عالمن ۽ دانشورن جي سهڪار حاصل ڪرڻ لاءِ، پنهنجون مخلصانہ ٻانهون ڦهلايون—جواني جي جوش ۽ جذبي، وقت جي بيجا ارڏائن ۽ ناانصافين سان ٽڪرجڻ جي آمادگي ڏيکاري—پتو پيو تہ هوليءَ، ادب ۽ قوم جو معاملو پاراٽو کيل ڪينهي، موجوده ستر

لک سنڌي قوم ۽ ان جي آئنده نسلن جي حياتيءَ ۽ موت جو مسئلو آهي، انهن جي بچاءُ ۽ بقاءَ جو سوال آهي.

ان بعد، "روح رهاڻ" سان زباني همدرديءَ وارا، مخالفت جو طوفان ڏسي، گوشي نشين ٿيڻ لڳا. اتفاق سان رستي هلندي منجهانئن ڪن جي ڪا اوچتي منهن-ميل ٿيي ٿي، تہ هو اڳوڻيءَ همدرديءَ ۽ همت افزائيءَ بجاءِ حيرت جي نگاهن سان ڏسندا ٿي رهيا. گويا سندن خاموشي اهو سوال پڇي رهي هجي تہ تو ڪيئن هيڏي معاملي ۾ هٿ وڌو آهي؟ سنڌي زبان جا پيا بہ تہ رسالا آهن؟ تڏهن "روح رهاڻ" طرفان ڪين، سندن ٿي سوالين انداز ۾ اِها ورندي ڏني ٿي ويئي تہ 'حيرت جي ڪابہ ڳالهہ نہ آهي. ماضيءَ جي سموري تاريخ اهڙن مثالن سان پري پيئي آهي، تہ جڏهن بہ ڪنهن هيٺي ڪان هيٺي، پنهنجي وقت جي سچ ڪي مٿين ۾ مضبوط جهليو آهي، تڏهن هُن ظلم ۽ جبر جي سرڪش ڪان سرڪش ديو جو سٽ ڏيئي، ڪنڌ ڇڪي پئي وڌو آهي.' سچ پچ تہ "روح رهاڻ" هيلتائين انهيءَ صداقت تي ڪاربند آهي ۽ هوءَ پنهنجي قوم، سنڌي ٻوليءَ، ادب ۽ ٻين مسئلن کي صحيح روپ ۾ پيش ڪرڻ جو عزم ڪري چڪي آهي.

"روح رهاڻ" جي منتظمين، هڪ طرف نون اديبن ۽ شاعرن جي تخليقن کي شايع ڪرڻ فرض ڄاتو، تہ ٻئي طرف نئين ادب ۽ اديبن متعلق غلط پروپگنڊائن جي قلعي کولي، ساريءَ قوم جو ڌيان ڇڪائڻ ضروري ڄاتو. هنن سنڌ جي هر ڪ اديبن ۽ شاعرن جي تخليقن کي شايع ڪندي ۽ پنهنجي ادارتي نوٽن ۾ ادب متعلق بنيادي حقيقتن جي وضاحت ڪئي. هر اديب ۽ فنڪار کي اپيل ڪئي ويئي تہ هو مروج سماجي قدرن، عقيدن، خيالن ۽ رسمن رواجن کي جيئن آهن، تيئن قبول ڪرڻ بجاءِ، انهن جي اڇوڪيءَ عملي صورت کي، پنهنجيءَ دل جي ڪسوٽيءَ تي ديانتداريءَ سان پرکڻ جي ڪوشش ڪري.

ٽيو هيئن جو جڏهن "روح رهاڻ" ۾ ادب ۽ معاشري متعلق بنيادي حقيقتون عام منظر تي آيون، تڏهن اهي سمجهڻ ۽ ويچارڻ بجاءِ، مورڳو مخالفت جو هٿيار بنجي استعمال ٿيڻ لڳيون. ڪن مخصوص ذهنن طرفان اهي سوال پڇڻ شروع ٿيا، تہ "صحيح اديب ۽ فنڪار اهو آهي، جيڪو سماجي قدرن، عقيدن ۽ روايتن کان نفرت ڏيارائي؟ اهڙو اديب ۽ فنڪار پنهنجي معاشري کي هڪ اهڙيءَ رڄ ڏانهن وٺي ويندو، جتي حسن، حق ۽ روحاني مسرتن جو تہ ڪو نالو نشان ئي ڪين هوندو. انساني زندگي بنهہ خشڪ ۽ بي مزي بنجي ويندي؛ ان مان اها بالیدگي، اها لطافت ۽ آها ڇڪ تہ ڪاوڙجي بر منهن ڪري ويندي؟" انهيءَ مخالفت ۽ غلط پروپگنڊا، سنڌي زبان جي باهوش اديبن جون اکيون کوليون. هنن قلم سنبالیو ۽ جواب ڏنو، تہ "هائو،

زندگي واقعي بي مزي بنجي ويندي، انهيءَ کان انکار نہ آهي. البت، هيءَ سوال تشريح طلب آهي تہ کنهن جي زندگي بي مزي بنجي ويندي؟ معاشري جي اکثريت جي؟ سڀ لک پورهيت عوام جي؟ جهڙي هينئر بي مزي آهي، يا انهيءَ کان بہ وڌيڪ؟ ٻلا اقليت تي، يعني دولتمند طبقي جي زندگيءَ تي کهڙو اثر پوندو؟ هو جيئن اڄ ٻين جي پگهر ۽ پورهئي تي ڏاڙا هڻي، عيش ۽ مزن ۾ آهن، تيئن رهندا، يا نئين ادب جي ڦهلجڻ کري، سندن مفت خوريءَ جا سمورا ذريعا کسجي ويندا ۽ هو پنهنجن مبارڪ هٿن سان حلال جي ڪمائي کائڻ تي مجبور ٿيندا؟ ڇا، نئين ادب ۾ اِها خامي آهي، تہ هُو قدرت جي مڙني نعمتن کي، سڀني انسانن ۾ ونڊي ورڇي ڏيڻ جي پئيرائي ٿو کري؟ ڇا، ائين ٿيڻ سان حق، حسن ۽ خير جـي عظيم قدرن کي نقصان رسندو؟ انهن سوالن جا جواب مخالفن جي پنهنجي ضمير تي ڇڏيل آهن.

اهو صحيح آهي تہ سماجي قدر، روايتون، عادتون ۽ خصلتون، ذهني ۽ روحاني مصالو آهن، جن جي ٺي بنياد تي قومن جي تهذيبي عمارت جي اڏاوت ٿيندي آهي. پر، ساڳئي وقت اِها بہ حقيقت آهي تہ تهذيبي دور جي شروعات کان وٺي، کابہ تهذيب اڄ تائين ساڳئي رنگ ۽ روپ ۾ کانہ رهي آهي. هر دور بدلجڻ سان (پيداواري ذريعن ۾ تبديلي اچڻ سان) جڏهن بہ کي روايتون، سماجي قدر ۽ عقيدا پنهنجي موت مري ناس ٿيا آهن، تڏهن انهن جي جاءِ تي اڳين کان بہ وڌيڪ صحتمند ۽ جاندار قدرن ۽ روايتن جنم ورتو آهـي. هر انساني تهذيب ۾ اهـڙي نئين پراءِ، جڏهن بہ پنهنجي معاشري جي ڳاڻ ڳٽين کي ذهني اوکارن ۽ بدبودار ڳٽين جي مهلڪ مرض ۾ مبتلا ڪيو آهي، تڏهن انساني تهذيب، واويلا ڪندڙن کـي ڏسي، بيهي کانہ رهـي آهي، نکي ساڻن گڏجي کو ماتم ٺي ڪيو آهـي. هوءَ تہ هميشہ اڳتي وڌندي ۽ هلندي رهي آهي. مطلب تہ هر تهذيب جـي مقدس محل جون پاڙون، هر دور جـي تبديليءَ، وڏيءَ بيرحميءَ سان چنجور هڻي، پراڻيون سيرون پٽي، انهن جي جاءِ تي نيون سيرون ۽ نئون مصالو ڪم پٽي آندو آهي. اهڙيءَ ريت، اڄ جيڪڏهن کي سماجي قدر، عقيدا، رسمون ۽ روايتون، پنهنجي معاشري جـي اکثريت جي مفاد ۽ پلائيءَ جـي راهہ ۾ رکاوٽ آهن، تہ انهن سان بغاوت ٺي ڪرڻي پوندي. اهو انسانذات جو ايمان آهي ۽ انسانيت جي ترقيءَ جو بنيادي سرچشمو.

ان بعد ڏسڻو آهي تہ سنڌي تهذيب، جنهن سان اسين پنهنجي والهانہ محبت جو اظهار ٿا ڪريون، سا اڄ آهي ڪٿي؟ شهرن ۾؟ اندازاً ڏهن لکن سنڌين وٽ؟ يا سنڌ جي سڀ لک غريب هاري پورهيتن وٽ؟ سنڌي تهذيب تہ سنڌ جي پهراڙين جي عوام ۾ آهي. اسان جـا شهري پاڙ تہ سنڌي تهذيب کـان آهستي آهستي پنهنجا پلئہ آجا ڪندا، هر پنهنجي پرائي وهڪري ۾ اکيون ٻوٽيو لڙهندا وڃن. هُو ويچارا تہ سنڌي

لاس پهريندي عار ٿا محسوس ڪن ۽ گڏوگڏ احساس ڪمتريءَ ۾ گهلجيو وڃن.
اسان کي جيڪڏهن سنڌي تهذيب کي ترقي ونارائڻي آهي، تہ پهريائين سٽ لکڻ سنڌي عوام جي پيٽ جي مسئلي جو صحيح حل گهولڻو پوندو. کين موجوده قرلٽ واري سرشتي مان نجات ڏيارڻ لاءِ سوچڻو پوندو ۽ ان کان پوءِ ئي اسين سنڌي تهذيب کي بچائي ۽ وڌائي سگهنداسون.

"روح رهاڻ" ۾ اڄ تائين شايع ٿيل ادب ٿي سرسري نظر وجهبي تہ معلوم ٿيندو تہ اڪثر چمزون صحيح شعور کان وڌيڪ جذبات سان ڀرپور آهن: مثال طور جڏهن قوميت تي ڪا کهاڻي يا شعر پڙهيو وڃي ٿو، تڏهن ائين ٿو محسوس ٿئي تہ ليکڪ جي نگاهہ ۾ سڄي قوم هڪ پيءُ جو اولاد آهي ۽ منهنجن اختلافن ۽ طبقاتي گهٽ وڌاين جو ڪو وجود ئي ڪونهي. منجهن ڪو ڏاڍو ۽ هيٺو ڪونهي؛ ڪو ظالم ۽ مظلوم ڪونهي؛ ڪو پورهيت ۽ مفت خور ڪونهي، سڀ هڪجهڙا آهن—حالانڪ ائين ڪونهي. زميندار ۽ سرمائيداري سرشتي هيٺ هڪ ئي قوم جي فردن ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي—هڪڙا پورهيت آهن ۽ ٻيا پورهيتن جو خون چوسيندڙ. اهڙي سماج ۾، ساريءَ قوم کي هڪ پليٽ فارم تي آڻڻ لاءِ، طبقاتي مفادن کي نظرانداز ڪين ڪرڻو پوندو. سنڌي قوم ستر لک فردن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ پنجهٽ لک پورهيت طبقو آهي، جيڪو هين کان وڌيڪ مصيبتن ۾ مبتلا آهي. هيلتائين اڪثر لکيتن ۾، قومي مسئلي کي اهڙي گول مول انداز سان پيش ڪيو ويو آهي، جو پورهيت طبقي مان جڏهن کي فرد انهن لکيتن کي پڙهن ٿا، يا ڪنهن محفل، ڪنهن مشاعري، يا ڪنهن جلسي ۾ قومي برادري متعلق کي ڳالهيون ٻڌي گهر موٽن ٿا ۽ پنهنجن ڏاڙل رلين ۽ گودڙين تي نظر وجهن ٿا، يا جڏهن پنهنجن بکايل ۽ بيمار ٻچن جي چهرن ڏانهن نهارين ٿا، تڏهن سندن اکين مان جنسي رت جا ڳوڙها وهي ٿا هلن. ساڳيءَ ريت، جڏهن زندگيءَ جي وک وک تي، ظالم ۽ ڪٻور وڏيرن طرفان پاڻ تي اڪيچار ظلم ۽ زيادتيون ڏسن ٿا، يا جڏهن هڪ مزدور، سنڌي ڪارخانيدار جي ٽجوڙيءَ ۾ پنهنجو رت ۽ سٽ ڪٻو ٿيندو ڏسي ٿو، تڏهن هنن جون دليون پاري جيان تڙپي وڃن ٿيون. اهڙي وقت هنن جي اندر مان پنهنجي مظلوميت جي آگ، پڙڪو ڪائي، باهر اچڻ ٿي چاهي.

"روح رهاڻ" جا اڪثر ليکڪ، گهٽو ڪري پورهيت طبقي مان ئي آهن. ان ڪري تہ پاڻ مٿانئن وڌيڪ فرض ۽ جوابداريون عائد ٿين ٿيون. هو جنهن وقت پنهنجي تخليقن کي عوامي زندگيءَ جي سرچشمي مان جنم ڏيئي، پورهيت طبقي کي ٻڌيءَ ۽ اعتماد جي احساس ڏيارڻ سان گڏوگڏ، کين پنهنجن مسئلن کي گڏجي حل ڪرڻ جو رستو ڏيکاريندا، تڏهن اهڙو ادب هڪ طرف تصنع، لفظي جادوگريءَ، سمجهوتيبازيءَ ۽ منافقائي کان پاڪ ڏسڻ ۾ ايندو، تہ ٻئي طرف ان ادب کي، زندگيءَ جي انهيءَ

پيغام کي، هر انسان دوست، هر انصاف جـو گولائو، پنهنجي جيءَ ۾ جـاءِ ڏيندي ويرم ٿي کين کندو.

"روح رهاڻ" جا منتظم پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ کڏهن به پٺتي نه رهيا آهن. انهيءَ جو اهو ئي ثبوت آهي ته سندن سڏ تي، سوين اديب ۽ شاعر، سنڌ جي دور دراز هنڌن تان کـهي اچي شريڪ ٿيا آهن. اڄ "روح رهاڻ" کنهن فرد، ٽولي يا جماعت جو آواز نه آهي، بلڪ ستر لک سنڌين جي ميراث آهي، هڪ قومي آواز آهي، هڪ سڃاڻپ‌ءَ جي مشعل آهي، جنهن کي وڌيڪ روشن ڪرڻ لاءِ لکين دليون پنهنجي تعاون ۽ سهڪار جو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ يقين ۽ اعتماد ڏياري رهيون آهن ـــ جيئي سنڌ!

●

[اوهان هن جديد دور جا قابلِ فخر فرزند آهيو، اوهان جي جدوجهد ۾ خدمت، نئين نسل لاءِ مشعل راه آهي. اوهان جا علمي ۽ ادبي ڪارنامـا، سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ زرين لفظن ۾ لکيا ويندا. اوهان جـو هر قدم باطل سوز آهي، حقيقت افروز آهي، حيات آفرين آهي ۽ ولولہ انگيز آهي. اوهان تي الله جي رحمت هجي. اوهان موجوده سنڌي ادب ۽ ثقافت جو ست ۽ تت آهيو. اوهان جـو عزم بلند آهي، نگاهہ دوربين آهي، جان پرسوز آهي. اوهان ۾ زندگيءَ جو دم ۽ خم رقصان ۽ پيچان آهي. اوهان جي دل ۾ زندگيءَ لاءِ محبت ۽ خلوص آهي. اوهان ۾ ولولہ انگيز حدت ۽ حرارت آهي. اوهان پنهنجي قول ۽ عمل سان، زندگيءَ جو ثبوت ڏنو آهي. اوهان هن وقت زندگيءَ جي هڪ اهم موڙ تي پهچي چڪا آهيو. اهو 'موڙ' هڪ تاريخي تقاضا آهي. هن دور جي انسان ۽ ان جي عمراني ۽ تهذيبي، اقتصادي ۽ فڪري مشڪلات کي، حل ڪرڻ جي سلسلي ۾، اوهان جو هر مخلصانہ قـدم، هر والهانہ انداز، هر دانشمندانہ عمل، اهم ۽ افاديت واري حيثيت رکن ٿا. اوهان ان بزرگ ترين قـوم ۽ ملڪ جا نونهال آهيو، جا قوم پنهنجي حميت ۽ غيرت جي متلاطم ۽ جذبات انگيز مثال کان مشهور ۽ متعارف آهي.]

ـــ مولانا غلام محمد گرامي جي هڪ تقرير جو ٽڪر.

# روح رهاڻ ۽ سڃاڻپ

هر سمي جي ساهت ۾ انهي عرصي جو آواز هوندو آهي. پوءِ چاهي اهو آواز بصورت عمل هجي يا ردعمل .... ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان اُن دور جي حالتن سان ڳنڍيل هوندو آهي.

وقت، جيڪو اڻڪٽ ۽ اڻ موٽ آهي، تنهنجا نت نوان رنگ ۽ ڍنگ پنهنجي اظهار لاءِ اديبن جي اندر ۾ سمائجي ويندا آهن. اديب انهن اندر جي اُمنگن کي ڪرڙي روڙي، رڳي پڑهندڙن تائين پهچائيندو آهي.

حياتي جيتري مختصر آهي، اوتري اُونهي ۽ عجيب. اِها اُونهائي ۽ پراسراريت اديب جي لاءِ چئلينج جي حيثيت رکندي آهي. انهي ڪري هو به پاتال ۾ پيل موتين کي پائڻ لاءِ ٽهي هٿندو آهي. اهو پڇ ڏڪ جو سلسلو ۽ سرگرمي تحقيق ادين جو مقدر آهي. غرض تہ اِها اندر جي لوڇ پوڇ ۽ من جي ماند ڪنهن اڳ، وَسيل وات تي هلندي بس نہ ٽيندي آهي، پر ڪا نئين راهہ گهڙڻ سان ئي ان جي تسڪين ٽيندي آهي.

هي، حياتي جي اسرارن جو پارکو ڪڏهن محو حريرِ ناز هوندو آهي تہ ڪڏهن ڪارخانہ قدرت جي بي انت بحر ۾ غرق. ڪڏهن ماڻ ئي هن جي مُوڙي هوندي آهي تہ ڪڏهن ڪاڪ ڪنڊيءَ کسڻ لاءِ آڻو. هن جي دنيا هن جي موڙي محبت هوندي آهي. ماڻهو سان محبت ـ فطرت جي نظارن سان محبت. چلندڙ چولين سان محبت ۽ ڏيهہ و پرڏيهہ سان محبت. اِها حقيقت آهي تہ اديب جي اُڏام ايڏي اُوچي هوندي آهي، جو ڏرتي تي نڪتل ليکا هڪ لحظي ۾ متجي ويندا آهن، مگر اهو به ڪو ڪوڙ ڪونهي تہ جنهن مٿي جنهن ڏنو، تنهن جو حق به آڻاهون آهي. جنهن قوم ۾ رهي ٿو، جنهن خطي خطي سان تعلق رکي ٿو ۽ جيڪا زبان ڳالهائي ٿو، سا ان جي رت ۾ رچيل ۽ ساهہ ۾ سمايل آهي. انهي ڪري ئي ايليا اهرن برگ چيو تہ

"هڪ اديب کي صرف صدين لاءِ نہ لکڻ کپي، پر
هڪ گهڙي لاءِ به لکڻ گهرجي. اهڙي گهڙي، جنهن تي هن
جي قوم جي قسمت جو مدار آهي."

اِها گهڙي، جنهن ڏانهن اهرن برگ اشارو ڪيو، صدين تي ڀاري هوندي آهي. هونئن به صديون گهڙين جون ئي غلام هونديون آهن.

هر قوم جي تاريخ هميشه هڪ جهڙي ڪانه رهي، ڇو جو اِهو جيڪو ماڻهوءَ منجهه مرون اڳي ڪان اڳرو ٿيو، وارو حال تنهن سڀ سڪ چين چني ورتو آهي. اِهو نازڪ موقعو ڪا معمولي مزاح جي ڳالهه ڪانهي. هي ڪي اِهو ناڙو آهي، جت هن ادب جي آپ ڪي ٽيڙو ٽڙندا آهن. عظيم لکڻيون اِنهي وقت ڪي جنم ونديون آهن. انهي مهل ڪي تند تپندي آهي ۽ ڪنڌ ۽ ڪتاري پاڻ ۾ پرچنديون آهن.

وقت جي وهڪري ۽ حالات جي هوڏ سنڌي ادب ۾ به ساڳيو جوش جڳايو آهي. ڪجهه وقت اڳ جي حالتن ۽ موجوده ماحول ڪي ڏسندي اُميد پختي ٿيو وڃي. جڳهه جڳهه هنڌان هنڌان هي سڏ ته—

هي پنهنجي ڪرڻي پرڻي آهي، پر سنڌ ايياز نه مرڻي آ،
آخر هيءُ رات گذرڻي آ، تو ڇو گهبرايو آ پيارا.

آس نراس نه آهي. من ۾ جي پيڙائن جا انبار آهن ته پرهه جو يقين به آهي. غرض ته سنڌ جا نوجوان اديب، شاعر ۽ حقيقت پسند نقاد وغيره هڪ تاريخي حقيقت جا پَرستار آهن ۽ اها تاريخي حقيقت آهي. هن سلسلي ۾ سنڌي عوام تائين سنڌيت جي آواز پهچائڻ لاءِ جن به پاڻ پتوڙيو آهي، تن ۾ "روح رهاڻ" جو قدم سڀ کان اڳپرو آهي.

سنڌي ادب ۾ موجوده چرپر جا جتي ٻيا ڪارڻ آهن، اُتي هيءَ به هڪ حقيقت آهي ته هن مخزن تجارتي انداز ڪان قطعي پري رهي، صرف سنڌ ۽ سنڌ جي ڏٽڙيل ڏکويل گم گنديين ڪائيندڙ عوام جي اُمنگن جي ترجماني ڪئي آهي.

"روح رهاڻ" ئي اهو رسالو آهي، جنهن وقت جي تقاضا تي توجه ڏني ۽ هن گهٽجندڙ فضا ۾ سجاڳي جو پيغام پهچائيندو رهيو آهي. اسان جون اميدون آهن ته هي عمل جاري رهي ۽ سجاڳي جو سات گهر گهر گونجندو، جوئر ۽ ڪڪ جي سنگن کي ڇُهندو، سنڌو جي ڏارا کي سلام ڪندو، هر سنڌي جي ساهه ۾ سمائجي وڃي. 'امداد' جو آکيري ۾ پيل نديڙو پکي پَرن کي سيري پرهه جون باکون ڏسي. ۽ لطيف جي سنڌ سائي ٽي پوي ۽ ڏکاريا ڏيهه مان موڏي سڀ مَرن. سنڌ جون گُجريون گهاگهر ڪٽي هڪ ٻئي سان ڪڏنديون ٽپنديون هلن. ڪوٽ ڪوٽ ساڳئي سڪ سرود ساز ۽ جهڙ مکڙ جون ولوڙون ٽين. آس جا ماريل، آس آڇايل ماروئڙا ڪلي هڪ ٻئي کي کيرون ڏين. هيءُ خيال خام، هيءُ خواب، خواب نه پر هڪ حقيقت آهي.

"روح رهاڻ" جو هر عمل هن خيال جي تڪميل ۽ خواب جي حقيقت ۾ صرف ٿيو آهي. انهي ڪري تحسين آهي روح رهاڻ کي ۽ قربائتو سلام آهي هن پنڌ جي پانڌيئڙن کي. (جشن روح رهاڻ ۾ پڙهيو ويو.)

⊙

# سگھہ ڏي اهڙي سچ

دوستو، همسفرو ۽ سجڻو!

روح رهاڻ جي هن ميڙ ۾ همیشه جیان نوان نوان ساڻي، نون نون جذبن، امنگن ۽ همٿن سان اچي گڏ ٿيا آهن. هرڪنهن جي منهن تي هن هيسائيندڙ ماحول ۾ باڪ جهڙي لاڪ لڳل نظر اچي رهي آهي ۽ هر سال جي گذرڻ کانپوءِ ائين لڳندو آهي ته جڻ اسان مان هرهڪ ڪلهو ڪلهي سان ملائي هڪ ٻانهين ۾ ٿي وڌندو وڃڻندو ڪنهن اونده کي چيريندو، ڪنهن منزل لاءِ صدين جو پنڌ هڪ وک ۾ ڪٽيندو اچي ڪنهن ڪير پري ڪوهه جي پر تي ٽاڪ ڪندو آهي ۽ وري واچوڙن سان وچڙڻ لاءِ تيار ٿي هلندو آهي. وقت ڪٽبو وڃي ۽ دوستن جون محبتون ترارن کان تيز ۽ تيرن کان تکيون ۽ هو ڪنهن چاندوڪي جي چور کي ڪپل ڪپل ڪندو هلندو ٿو رهي. اسان مان ڪنهن کي به نراسائي ڪانه آهي، ڇاڪاڻ جو سڀني جي منزل ساڳي آهي ۽ خيالن جو مرڪز به ساڳيو آهي.

دوستو! اهو وقت به هو جڏهن اسان جو ماضي موهن جي ڏاڙي جيئن آرسي هو ۽ اهو وقت به هو جڏهن زماني جي لوڏن زندگي جي حقيقت کي ڪنهن اونهيءَ ڪڍ ۾ وڃي هنيو هو ۽ پوءِ ڪيترن همٿ به هاري وڌي هٿي ۽ پوءِ هن ڌرتيءَ جي سڪل ڇاتيءَ ۾ نئون رت آيو، نئون ڪير پيو ۽ زندگي ۾ نئون جوش ۽ ولولو پيدا ٿيو. ملڪان ملڪ بهار آيو، ڏڌ ٿيا، ڏونرا ٿيا، مارو سنرا ٿيا، مال ستابا ٿيا ۽ ماڻين ۾ مکڻ ولوڙڻ واريون چانديءَ جهڙيون ٻانهيون ڪير ورهائڻ لڳيون، پٽن تي حقيقتن جا غاليچا وڇائجي ويا، سانهن ۽ ڇانيي جي ورونهيندڙ ويڑ آئي. پر ڪنهن حاسد نظر اهي ڪوهن تي ڪجڪار ۽ پٽن تي آزاديءَ جون راندیون ڪونہ سڀيون ۽ پنهنجي

مڪارانا چالن سان ان آزاديءَ جي نرم ۽ نفيس ماحول کي ڪٽي پيڙي ۾ بند ڪيو ۽ چوطرف دل ڏڪائيندڙ خاموشيءَ جو ماحول پيدا ٿي ويو.

عزيزو! آزادي جو پکي هزارن سالن کان آڪاشن ۾ اڏرندو رهيو آهي ۽ بند ٿيندو رهيو آهي، پر ان جي هڻڙي نندڙي جيءَ ۾ ڪڏهن به پنهنجي پراڻي ماحول کي وساريڻ جي عادت ڪانه پئي آهي ۽ هو هر وقت پنهنجي پراڻي وقت کي ياد ڪري حال کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي ۽ مستقبل جا انيڪ حسين خواب سندس سامهون رهندا آهن ۽ اهو ڪڏهن به حال ۾ هيسجي مستقبل کي غلط چوڻ لاءِ تيار نه ٿيندو آهي. ان جي سامهون ان جو ماضي چنيءَ جي چٽ ۽ ان جو مستقبل چوليءَ تي ڪاوا هوندو آهي. اهڙي ريت هو هميشه پنهنجي نندڙي ۽ نفيس نڙيءَ سان پنهنجي ماضي جا گيت گائيندو رهندو آهي ۽ ان جي هرهڪ گيت، غزل، دوهي، وائي ۽ ڪافيءَ ۾ ظاهري جهونگار سان گڏوگڏ پنهنجن ساٿين کي سڏ به هوندا آهن ۽ پوءِ جي هيا پانهن پيلي ٿيا ته بس نه ته هو پنهنجي سير پنهنجي جيپ ۾ ڇيهون آڻي حال جي پنڇري جي تيلي تيلي ساڙي، ڳاري، چيري ڦاڙي پنهنجي پراڻي زندگيءَ کي نئين سري سان سينگاري آڪاشن ۾ اڏرندو آهي.

اسان سيني کي اها خبر آهي ته اسان کان ڪجهه ڪسيو ويو ۽ اها به خبر اٿون ته جيڪي ڪجهه اسان کان ڪسيو ويو آهي، سو ڪنهن پيڙي ۾ بند آهي ۽ ان جا دل ڏارينڊ آلاپ زندان جون ديوارون چيري اسان تائين اچن ٿيون.

دوستو، اسان سان جيڪڏهن هرهڪ ڪنهن مختلف پيڙي ۾ بند به هو، تڏهن به اسان مان هرهڪ پنهنجو پنهنجو پيڙو ٽوڙي ان هڪڙي ۽ هيڪل ساڻي کي آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون اٿون ۽ اڄ اهو وقت اوهان جي سامهون آهي، جڏهن زندان جون ديوارون اسان کي گڏ ڏسي ڏڪڻ لڳيون آهن ۽ اميد اٿون ته صبح ٿيڻ کان اڳ ئي اڳ اهي غلامي جا ڪوٽ ڪرندا، ڍهندا ۽ واريءَ دڙا ٿي ويندا ۽ متن کو ڪنگ به رڙڻ لاءِ ڪونه ملندو.

اسان جا شعر، ايماز چوائي مشاعرن جا محتاج نه آهن ۽ نه وري اسان جي شاعرن کي مشاعري جي داد وٺڻ جي لالچ هن ميدان ۾ آڻي ٿي، پر اسان مان هرهڪ شاعر هڪ سنيهو، هڪ نياپو، هڪ نيند ڪٽي ٿو اچي. ان دوست جي، جنهن کي واپس آڻڻو اٿون. تنهنڪري اچو ته اڄ عزم ڪريون:

سگهه ڏي اهڙي سچ منهنجي وڪڙيل جيءَ کي
ڪچي ٿئي ڪچ ته به چوان جو چوڻو هجي.

---

## شيخ اياز

منهنجو آگهہ پڇين ٿو آميرَ!
منهنجا گيت ڪنهي سگهندين تون؟
هٿ مٿان ڇا هلّ ٿيو آ
هرڪو موتيءَ ملّ ٿيو آ
ڪيڏي پيهه لڳي پئي آهي
گپاگيهه لڳي پئي آهي!
ڪيڏو پاڻ چڙهي ويو آهي!
هرڪو گيت پڙهي ويو آهي،
تنهنجا ڏُکّ پري ويو آهي
پَهه پَهه پُکّ پري ويو آهي.
ڪنهن ساڃهه کي سڪ نه آهي
آهي رَکّ وويڪ نه آهي
ڏات پريءَ بازار وڪاڻي
ڇڻ ڪا ننگي نار وڪاڻي
مان به ته هڪ وڻجارو آهيان
پر مان سڀ ڪان نيارو آهيان
گيت اندر جا گونجي آهي
سا شَيءِ منهنجي پونجي آهي
ميل مان جو مزدور اڇي ٿو
هَرُ هٿندي جيڪو ٽڪجي ٿو
۽ جو توسان سيمو ساهي
پير ڪڙين ۾ آيو آهي
تنهن سان گيت ورهايان ٻيٽو
ڇؤ واڻي تي گهايان ٻيٽو
جنهن وٽ ڪوئي لڙڪ ڦڙو آ
تنهن منهنجو هر گيت ڳڙو آ
تو وٽ لڙڪ ڪٿي ڪو آميرا!
منهنجا گيت ڪنهي سگهندين تون؟

---

آميرَ ـ ڊڪٽيٽر

⊙

تو جا ڳالهه به سوچي آهي
حَرم سَرا جي نوچي آهي
باهر پڙڪ نه ٿي اچڻي آ
تنهنجي پهري ۾ پچڻي آ
خواجه سَرا جئن ويٺو آهين
ويٺو ناهه ٽڳيءَ جا ٽاهين!
مون جا ڳالهه به ماڻي آهي
سا جهانسيءَ جي راڻي آهي
جنهنجي تيزُ ڪٽاري آهي
وارُ اُنهيءَ جو ڪاري آهي
ڇ اُن لَٽيه ميدانُ به آهي
جندڙيءَ جو جولانُ به آهي
جيءُ اُنهيءَ جو جوکي ۾ آ
پر جا گيت انوکي ۾ آ
سا ته بغاوت مرڻي ناهي—
تو جا ڳالهه به سوچي آهي
ساجي ڪَٽجي مَرڻي ناهي
ڪُهٽجي ڪُهٽجي مَرڻي آهي.
تون به وطن جو شاعر آهين
مون جئن گيت نه ٿو پر ٽاهين
منهنجو سَچُ به ساڃاهين ٿو،
پوءِ به هرڪنهن سان باهين ٿو،
"هي پَٽَڙ سان سيرُ ماري ٿو
"ڪَهڙيءَ دنيا ۾ گهاري ٿو!"

چوري چير وڃاء زمانو تنهنجو آ
محفل مست بڻاء زمانو تنهنجو آ
ڪالهه ٽي تو جي نير وهايا
مٽڙي تن مان موتي ڇايا
هار ڪچي ڪل لاء زمانو تنهنجو آ
ڪنوارا ڪنورا گيت ٻڌائي
جاڳرتا جي جوت جلائي
ناڻي تنڊ تپاء زمانو تنهنجو آ
تنهنجون اکڙيون ڏاڙهونءَ ڦلڙيون
مان ميڙندڙ ويري ويڙيون
گهوري گهوري گهاء زمانو تنهنجو آ
گيت اڏورا ڪاڪ هيا جي
پاڻهين پورا هاڻ ٽيا سي
جهڙا تهڙا گاء زمانو تنهنجو آ
تو ته لڳايون لونءَ لونءَ لاتيون
ڏاڍ ڏکن ٽا چرکن چاتيون
هيڏا هٿ وڌاء زمانو تنهنجو آ
جيئن سرنهن جا سنگ لڏن ٽا
تيئن چپن تي چنگ چڙن ٽا
لڳ لڳ لوهَ لڳاء زمانو تنهنجو آ
واڇوڙن جي وات وڻي آ
هيءَ نسورو ناهه نڳي آ
تون پي ڏوڙ اڏاء زمانو تنهنجو آ
گونگو ٻوڙو گهنگهرو ڇمڪي
تنهنجو آپ تي تارو ڇمڪي
پير ڪڙين ۾ پاء زمانو تنهنجو آ.

## نياز همايوني

آو سنڌو سونهاري سنڌو! توکي جُهڪي ٿا سلام ڪريون،
تون ئي اسان جو عشق ۽ مذهب توريءَ ٻيو نه ڪلام ڪريون.

جيڏي تو ۾ موج ۽ مستي، تيڏي هستي مانجهين ۾،
صبح جو نور پرين ٿا، جيڪي آونڌهه آيل سانجهين ۾.

هي ڏرتي هي سرجڻهاري، ڏرتي اسان جي ڏرتي آهي،
ڪير جو هن تي ڏاڪ چمائي، ڪنهن جي اڻي هستي آهي.

صدين کان پوءِ آئي سجاڳي، جاڳي اٿيا شهمير مڙئي،
مادر تنهنجو مان سلامت، مَهل ڪندا مهمير مڙئي.

سنڌڙي تنهنجا وارث جاڳيا، هاڻ متان دل لاهين تون،
تو لئه سرڙو آهه تريءَ تي، اڇلهه سپ ڪجهه آهين تون.

انڊلٽ وانگي رنگ بَرنگي، آجرڪ لونگيون مارُن جون،
ڳالهيون ۽ ڪُڻ ڳائڻ ويڻا، تنهنجين سوڀين هارن جون.

هيج ڪري ائين نڪرن جيڏيون، المست ٿي تنهنجي جهونگر ۾،
جڻ ته ستارا سونهريءَ تي، جڻ ڪنول قطارون ڪينجهر ۾.

هي سپ تو لئه آهه او سنڌڙي، ٿيا ڏاريا جنهن کان دنگ ڏسي،
ايندڙ نسل نه پُٺتي پوندو، هي پنهنجي مقدس جنگ ڏسي.

ڏاريا تنهنجي دال نه ڳرندي، چو ٿو خلق ڪيلائي وڃين،
سنڌ ڪو حلوو ناهي جو تون ڳيت ڏئي ڳڙڪائي وڃين.

سنڌ سڪندر کان به نه ٿي هئي، زبر ته توکان چا ٿيندي،
تو جهڙي جنجاليءَ جي هت جاءِ ڪڏهن به نه ڪا ٿيندي.

تون پي ٻڌ او چنيسر پارا! تنهنجي به هاڻ ڪٿي آهي،
تنهنجي مڙسي تنهنجي ڪرسي، ڪنهن کان کين ڳجهي آهي.

مئي - جون ۱۹۶۸ع

تو جـــي ڏاريـــن سائ ملي ۽ پـــال پلايـــا پنهنجن سان،
تـــن جـــا ڪيتا لـــوڙين ويئو، جُٽ قيٽ طعنن تنڪن سان.

ڪَر موڙي تـاريخ اٽـــي آهـ، دُهرائي ٽـــي پـــاڻ وري،
دُودي وارو درد ڪٽي، اڄ آڏـــي آهـــي ســـاڻ وري.

هاڻ نـ ڪوئي ڇوڙها ڇـاڙي، هـاڻ نـ ڪو دلگير ٿئي،
هـــاڻ اهائـــي همت گهرجـــي، تبديل جڳ تقديـر ٿئي.

آڏا ڏونگر ڏاڍ تـــڏهن پـــي ڇـــاتي تـــاڻي هلڻو آهـ،
گـولين سان منهن گهوٽ ٽـي ڏيندا، پٺتي پير نـ هٽڻو آهـ.

جنهن بـ شهادت ماڻـي آهـي، پنهنجي وطن جـي وَاهر هـ،
امـــر اهوئـــي رهجي ويندو، باطـــن تـــوڙي ظاهر هـ.

اڄ جـــو نعرو سڀان جـــي هلچل، ميڙو انت مَچي پوندو،
نيٺ تـ سنڌ جي ساري ٽيندي، نيٺ تـ جَبَرُ جُهڪي پوندو.

دريا خان ڄـي دل جـو قسم، اڄ هوشوءَ جهڙا جـوان هتي،
سوڀ جـو سودو سر سان ڪرن جـي اهڙا پـي انسان هتي.

تـون پـل ڀاهـ ۽ نـاهـ پيو، هـي دهشت جا دَستور ميان،
ڪنهن ڪي ڪهي پر ڪنهن ڪي ڪهندين ملڪ مڙئي منصور ميان.

سوريءَ تـي سر تـڏهن بـ پنهنجو نعرو هونـدو، جيئي سنڌ!
جيئي سنڌ تـ جيئي جـنـد، هرڪو چونـدو، جيئي سنڌ!

⊙

## تنوير عباسي

پڙ ۾ آيون آهن اڄ تقديرون پي تدبيرون پي،
ديوانا پي ناچ نچن ٿا، گهڙجن ٿيون زنجيرون پي.
آڏي رات چٽي چانڊوڪي ننڊ اڏامي وئي پل ۾،
اڄ ته پرينءَ جي پار کان آيون هيرون پي ته اکيرون پي.
جن کي خلقڻ کان پوءِ ڏات نه ٿي ويندي آهي حيران،
جن تي تعجب کائي مصور آهن سي تصويرون پي.
اهو زمانو ويو جو شاعر ڏسندا هٿا کي خالي خواب،
اڄ جا شاعر خواب ڏسن ٿا ۽ ٿا کن تعبيرون پي.
او تنوير هي تنهنجا شعر ته سڀ جو پاڻ مٽائيندا،
کي اهڙيون تحريرون آهن جي آهن تقديرون پي.

●

## امداد حسيني

رهزنو! رهبرو
رت جي آخري بوند جي روشني گل ڪريو
ڏوڙ جو ٻڪ پري چمڪندڙ اکڙين ۾ وجهو
دوستو! دشمنو
هٿ پري هانوَ ۾ ٽوڪ جو تيز چاقو هڻو
چنڊ جهڙي تمنا جي چهري تي دانگي ملهو
سائيو! قاتلو
گيت گهٽيو گلابن جا گاڏا مروڙي ڇڏيو
خون آهي ڪتوري نه لڪندو نه لڪندو ٻڌو
رهزنو! رهبرو
دوستو! دشمنو
سائيو! قاتلو

## سيف ٻنوي

اسان دل جا ڏيئا،
انڌيري ۾ ٻاري،
پنهنجو پاڻ ماري،
ٻين کي جياري،
هزارين ئي طوفان، آڌاري ڇڏياسين؛
اوهان جوت محسوس ڪريو نه ڪريو،
مگر منهنجا سائين!
اِها چٽنگ دُکندي ئي رهندي،
اِها باهه بکندي ئي رهندي،
انڌيري کي چيري،
ڏرتي کان آڪاس تائين؛
اِها لاٽ وڏندي ئي رهندي،
اِها لاٽ آخر ڪندي جڳ روشن؛
جلايو آ جنهن لئه اسان پنهنجو تن ۽ من؛
سدا ظلمتن جو انڌيرو نه رهندو!
سدا ڏاڍ مستيءَ جو ديرو نه رهندو.
وطن ڪنهن جي بابي جي جاگير ناهي،
نه رهندو نه رهندو، وڏيرو، نديرو نه رهندو؛
اسان جا قدم!
بس! فقط ئي گلن تي هلڻ جا نه هيراڪ ناهن،
جي رستي ۾ ڪنڊا به آيا لتاڙي سگهن ٿا!
اسان نوجوانن جا نازڪ هي هٿ،
رڳو ڪنهن جي وارن سنوارڻ لئه ناهن،
اگر وقت آيو ته گولي هلائي سگهن ٿا؛
اسان جو عزم آ سلامت،
اسان کي يقين آهي ڪامل،
نه اِها رات ڪٽندي،
وري باڪ ڦٽندي،
وري صبح ايندو،

وري ڏينهن ٽيندو،
وري ابنِ آدم،
منجهان نندِ غفلت،
جڏهن جاڳي اُٺندو
تہ پنهنجي فولاد جهڙن هٿن سان،
ٽڳي جا اِهي ٽاهه، ڌاهي ڦٽائي ڇڏيندو
پنهنجي پاڻ هستي مڃائي ڇڏيندو.

●

## پروانو پٽي

رات هڪ پيڙي ڏٺم جنهن جي هٿن ۾ هو ڏيو،
ڳڳهه اونداهي ۾ جا راهون ٽڪيندي ٽي رهي،
مون پڇيو اي ماءُ هي ڪنهن جي اڇ جي آس ۾،
تـو اکين جـو نور ۽ آهـي وڃائي سڀ وهي.
ڪهڙا ماڻهو ايندا جن جو تون ڪرين پئي انتظار،
رات گذري وئي مگر آيا نہ سي ڪيڇي ڪهي،
لڙڪ جيَ بدران اکين ۾ خـون آڻيندي چيئين،
اڄ اگـر آيـا نـہ مڙڻا ڪالهه سي ايندا سهي.

مان انهن جي آهيان گهوري سر ڏئي جيڪي ڪلن،
مان انهن جي آهيان جيجل جيڪي مرڪي ٽا ڪلن،
مان انهن جي ماءُ آهيان جيڪي مون لئہ ٽا جين،
مان انهن جي لاءِ آهيان جيڪي سوري تي چڙهن.
منهنجو نالـو سنڌ آهـي منهنجا پٽ هـوشو ٽيار،
منهنجي هرهڪ شير جو هيڏو جگر، هيڏي ڏَيار.

مون ڪري پيرن تـي روئي ڪيس ليلائي چيو،
"اي امڙ مون کي تنهنجي هوشو جي نعري جو قسم،
ان گهڙي تائين نہ ويهندس سک ڪري خاموش ٽي،
جيسين پنهنجي دشمنن جي دل نہ ڪٽي مون آ پسم.

مئي – جون ۱۹۶۸ع

جهوليءَ پائي، آندو مون هي، جهانگيڙن کان جو ڪجهه يار،
اُن ۾ ڪوڙ سلامن جا، ۽ اُن ۾ گڏجاڻيون گفتار،
اُن ۾ ويڙهيچن جا واڙا، اُن ۾ اوٽي ايلپنهوار،
اُن ۾ پاڙيچن جا پاڙا، پاڙن تي پهريدار:
منهنجي پياري سنڌ وطن جا ماڻهو جهڙا موتي لال،
ويهه ٻڌايان، توکي پنهنجن، ماروئڙن جي قيل مقال!

ڏاڍي ماڻين وارا ۽ هو مانڊاڻين سان مست مگير،
چانگون چوڙيو، چانپ چنن ۾، ڇيڪارون ڪن ڇيڪ ڇگير،
سانوڻ توڙي سياري ۾، ساڻيهه جي ڪن سي سار سويرَ،
دل جا داڻا، مَن جا موتي، سير جا سائين، پيارَ پليرَ:
قرب پريا ۽ قولن پورا، نيڪ نماڻا، نيڪ نهال،
ويهه ٻڌايان، توکي پنهنجن، ماروئڙن جي قيل مقال!

مڙي مڙي، محبوبن جي، ميٺ ڪنان پي مڙي، يار،
هوليي آ تن ٻاجهارن جي، ماڻهيءَ ماکيءَ جي ڪَر لار،
قول اُنهن جا، جهڙو ڪاريون مينهيَن ڪَڙهيل ڪير نمار،
"جي جي" تن جون قرب ڪچهريون، جوڏا جانب جان نثار:
وانگڻ پنهنجي ويڙهه وطن تان، گهوري ڇڏيو آل عيال،
ويهه ٻڌايان، توکي پنهنجن، ماروئڙن جي قيل مقال!

سٺڻ، صاف، سدورن، سياڻن، سانگين جو مَٽ ڪونه ڏسان،
جهوڻن ۾ جرنيل جَري، تن جهانگين جو مَٽ ڪونه ڏسان،
ماڻهن جي ڪنهن ميڙ وڏي ۾ مانجهين جو مَٽ ڪونه ڏسان،
سونهن، صداقت، صاف دليءَ ۾، سانبين جو مَٽ ڪونه ڏسان:
تن سان بيباڪيءَ ۾ پاڻو، شير ٻَبر جي ناهه مجال،
ويهه ٻڌايان، توکي پنهنجن، ماروئڙن جي قيل مقال!

جھڙا آھـــن ماڻڪ مـارُو، تھڙي تـــن جـــي ڏول زمين،
پيدا ٿيا ڪيئين تنھن جـي پيڻان، عارف، شاعر، نيڪ، آمين،
سونيءَ رُو سان سانگياڻيون جي، حُورن کان پڻ خوب حسين،
ڏينھن تتي ۽ مينھن وُٺـي ٽيون، جوئر، ٻـاجھر، ٻـات ڏرين:
نگھ پران يا نھري پر ھر، گڙ جون گڙيون، تن جي گال،
ويھ ٻڌايان، تو کي پنھنجن، ماروئڙن جي قيل مقال!

پٽ پَران يـــا پاڻـــي پَر ھر، پاگياڻين جـا پوڳ عجيب،
کا پئي کنھن کي قرب منجھان ڏي، گل تي سَڪَرُون پيئ غريب،
کا پئي حال اندر جو اوري، کا پئي پنھنجو روئـي نصيب،
گـــائن ويٺيون "لاکيٽي" جـا، لـوڙائو، سُر بيت، عجيب:
ميلا پو ۽ ميل اُنھن جـو، ملکن جي لئہ آھ مثال،
ويھ ٻڌايان، تو کي پنھنجن، ماروئڙن جي قيل مقال!

سايـــن سھڻين پَنين ھر بـــڌ، وَنھين جـــا ورلاپ، آلا!
"اُلٽي" جـو بـــڌ، البيلين کـان، اُلفت جـــا آلاپ، آلا!
مَڙو مـــوھي مست بنائـــن، محجوبـــي مـيـلاپ، آلا!
ڏيھ ڏَڻن تـــي ڏاڍ آھـــن، ڏوٽـيـن جـــا ڏوراپ، آلا!
پل پل پائن پيچ پَسھ ھر، پرين جـا ھو پکڙا پال،
ويھ ٻڌايان، تو کي پنھنجن، ماروئڙن جي قيل مقال،

"وو، وو، وَڙو.... وَڙو، وَڙو"، وانگياڻين کان کير ٻڌي؟
شاھ، سچل ۽ سانـوڻ جـا سُر، سانگياڻين کان کير ٻڌي؟
"مـورو - ڏاڻـي، ڏاڻـي - مـورو"، ڏاڻياڻين کان کير ٻڌي؟
لولي جـــي للکار، لَٽي جـــو، لوئيارين کـان کير ٻڌي؟
ڏوُنرن جي ڏڏکار ٻڌائي، "سيوھ وارو جھولي لال"،
ويھ ٻڌايان، تو کي پنھنجن، ماروئڙن جي قيل مقال!

گـورين گـورين گھوٽاڻين جـا گاگين تـي ھو گھات ڏسو،
پيرُن کاڑ پنھنوارين جـــا، سير تـــي سينھا پـــات ڏسو،
گرڙن، گولن، گگرين تـي ھـو گونديلين جـا گھات ڏسو،
وڻ وڻ جھڙو وُ وَلھوُ، تـن کـي ساھيڙيون ڪن سات ڏسو:
مَھندان منھن ماگھن جي ڏس، محبوبن جا مڙيا مال،
ويھ ٻڌايان، تو کي پنھنجن، ماروئڙن جي قيل مقال!

چوڑيلين جي چڙوڙن جا چمڪار ڏسو، ڪر چوڏينهنءَ چند،
ماڙيچين جي منهن تي آهي، مرم حيا جو مندير مند،
راڻو گهائي جيئن کو گائڪ، جيڏين جا تيئن گهائن جند،
ڪوهن تي خوشحال ڪيريون، ڪيليو ڪائن، ڪير ۽ ڪند:
مڙهراڻي جي ماڻهن مهندان، موتيو موتي، ٻئي بيحال،
ويهه ٻڌايان، توکي پنهنجن، ماروئڙن جي قيل مقال!

ديس مٿي جي ڏرتيءَ تي ڏس، نور نظارا، نيڻن نار،
وڻ وڻ ڪي چڻ واسي ويو کو واس ولاتيءَ سان وڻجار،
جهومي جهومي جهنگ خوشيءَ مان، جهڙو کو ٻيلو ٻار،
جهڙو کو ٻيلو ٻار ۽ جهڙي کا نخريلي نار:
ڏارين تي چڻ ڏونر ٽيکون ۽ لامن تي چڻ لوبون لال،
ويهه ٻڌايان، توکي پنهنجن، ماروئڙن جي قيل مقال!

گولاڙي ۾ گول پڪي يا آهه گجر جي گج جو گل،
چاريون جهڙا ڪر ڪي چاچي، شاديءَ جو ڪن شوق شغل،
ڪرڙن ڪنديلا پاتا، جهڙا ڦوهه جواليءَ جهليا ڦل،
ڀيرين، کيرين کڻنبا اوديا، جهاڻن واري پاتئون جهل:
جاري هرهنڌ، جهرمر جلوا، جلوا جهرمر، جوت جمال،
ويهه ٻڌايان، توکي پنهنجن، ماروئڙن جي قيل مقال!

"ڪينجهر" جا پرڪيف ڪنارا، تن تان ٽيا قربان گهٽا،
"موهن" جي محبوب مٿيءَ کان حاڪم ٽيا حيران گهٽا،
"سنڌوءَ" جي پرمست نظارن، ماڻهو ڪيا مستان گهٽا،
"گاج"، "ملير" ۽ "باران" جا ڏس، عام مٿي احسان گهٽا:
پورالي جي پاڻيءَ تي جي پلجن، تن ۾ قرب ڪمال،
ويهه ٻڌايان، توکي پنهنجن، ماروئڙن جي قيل مقال!

سانگيئڙا "سرويچ" سيبٽي، سرويچن جي پاڪ زمين،
ماروئڙا ماهينڊ مڙيٽي، محبوبن جي پاڪ زمين،
سائيئڙا سيرٺوڙ سيبٽي، سانبيئڙن جي پاڪ زمين،
ديوليا، موليهين سان سونهن ۽ ڏاتيئڙن جي پاڪ زمين:
هرهڪ 'ڏودو' ديس-دلاور، هرڪنهن جي آ هٿ ۾ ڍال،
ويهه ٻڌايان، توکي پنهنجن، ماروئڙن جي قيل مقال.

## ساز ملاکاتیاري

املھ ماڻکن جھڙي لڙکن جـي بوند،
گلابي گـلـن تـــي وسي پئي اچان.
گـرھجن پيا چـنـد سج جھڙا چھرا،
رھيل جوت تن جـي وچي پئي اچان.
پسل پانـــد پلجي نپوڙيـــان ڪنھن،
جيجل جـي جھولي پچي پئـي اچان.
اڻيا سڪل وار کـولي کـا رج ۾،
دردن جـــا نغمہ ڪچي پئـي اچان.
چوٽي کان جھليو ڪنھن چارڻ جي ٻانھن،
سون سورن کـــي ستي پئي اچـان.
اچـــان تـــائين اصغر لچن پيا لکين،
ونـي گھوٽ سوڏي ڪسي پئي اچان.
تتيءَ ۽ ٽـــڏي لـگ اگھاڙا ڪٽي،
ٻـري پئي اچان کا سڏي پئي اچان.
زبان مفلسن جـي نڏڪي ۽ چوري،
ٿي سـنـڌ سڏکا پـــري پئي اچان.

⊙

## غلام حسين رنگريز

ڪوڙ ڪري سچ زبـر ڪيئي
ڪيڏو ھـــي انڌيـــر ڪيئي
ٻـارن جھڙي عـادت تنھنجي
ڏاھـــي ڊينگا ۽ بر ڪيئي
ڪيڏو ھي انڌير ڪيئي
ڪاري ڪکري آڻي آپ تي
سج سان ڪھڙو ويـر ڪيئي
ڪيڏو ھي انڌير ڪيئي
ٻٽڪي ٻڌ ڪي رج ۾ رات
زخـمـي پنھنجا پيـــر ڪيئي
ڪيڏو ھي انڌير ڪيئي.

## 'مجرم' لغاري

جنهن گهر ۾ ويهي لکيئه چٽيئه،
انهي جو کميڻا! قدر کونه کيئه،
کٽائـي وئين "مارئي" کوهه تـان،
اڙي بي لڄا "ڦوڪ!" لڄ کانه ٽيئه.

(٠)

## يوسف لغاري

جيئي سنڌ جيئي سنڌ، منهنجي سڙي جيئي سنڌ،
جيئي سنڌ جيئي سنڌ، جيجـل مڙي جيئي سنڌ.
سچل سامي ۽ شاهه جي سنڌ دولهه درياه خان جي سنڌ،
گهوريان سنڌ تان پنهنجي جند جيئي سنڌ جيئي سنڌ.
جيجل سنڌو تنهنجي کاڻ تنهنجا پٽڑا آڻندا هـاڻ،
کاتي هيڻان تـن جـا کنڌ جيئي سنڌ جيئي سنڌ.
تنهنجي صبح لال پري، تنهنجي شام آ سون سـري،
مـاڻڪ جهڙي هرکا مند، جيئي سنڌ جيئي سنڌ.
سانوڻ ايندو ٽيندي موج، پوڻ ۽ تان لهندو پاري بوج،
هيرون هلنديون هرکنهن هنڌ، جيئي سنڌ جيئي سنڌ.
کاڪ کئور'ن ٽيندي خاڪ، ڏرتي ٽيندي پنهنجي پاڪ،
ٽٽندو آخـر ڏاڍ جـو بندڙ، جيئي سنڌ جيئي سنڌ.
جاڻ ختم ٿي کاري رات، پورب پاسي ڏس پريات،
رت تتو بس پـورو پـنـڌ، جيئي سنڌ جيئي سنڌ.

محسن عباسي

امڙ جو اولاد، هيڏو ٽي هيڻن ويهي؟
چور جهلي چوٽيءَ کان، نڪو داد نڪو فرياد!
دودو، دريان خان ۽ هوشو ها فولاد،
پر "اچوڪا" اتحاد، وڃائي ويهي رهيا.
آهي نديءَ ڇات، الڪو اڄ امڙ جو:
ٽڄ نہ بخشيندي بابلا، پري ڪريو ڪا بات،
ڪنڌ تي اچي ڪات، تہ بہ ڪيايو سا قيد مان.
سائي، سلج سپرڻين، ڪنهن ڪيڏ پيام،
ڪسندي جا قريب کي، سا پڙڪ پئي پڌيام،
سوين سور سٽ ڏيئي، اندر مان اٿيام،
وچن ويهي ڪيام، ويريءَ کي وڍڻ جا.
سائي سلج سپرين، کي آيا، کي ايندا،
ساهون ڏڪ سهڻ جي، پر بہ پارينداً،
مٿي مٽيندا، جانب سنڌ جوءَ جي.

⊙

'دوست' چانڊيو

اچي سنڌ تي ويا سوين بار سنڌي، ڏي هوشيار هوشيار بيدار سنڌي،
سدا سنڌ پنهنجي سان رک پيار سنڌي، ڪرئي ملڪ و ملت ٿو للڪار سنڌي.
وڏيرپ وڏيرا ڪڍهن ڪم نہ ايندا، عيوض فائدن جي سوين غم هي ڏيندا،
چوان سچ ٿو توکي اڙي يار سنڌي، ڪرئي ملڪ و ملت ٿو للڪار سنڌي.
پڌين جي تہ پڌ پنهنجو پڪو سنياڻي، جو پڳ تنهن جي آ اڄ ٻين جي حوالي،
وڏي غور سان پڌ اي پوتار سنڌي، ڪرئي ملڪ و ملت ٿو للڪار سنڌي.
تون سنڌي آ تنهنجو وطن سنڌ آهي، تون بلبل آ تنهنجو چمن سنڌ آهي،
وڃي ٿو هٿن مان هي گلزار سنڌي، ڪرئي ملڪ و ملت ٿو للڪار سنڌي.
زبان تنهنجي آ توکي محبوب سنڌي، دل و جان کان آهہ برغوب سنڌي،
وٺي ٿي، مٽي آهہ گفتار سنڌي، ڪرئي ملڪ و ملت ٿو للڪار سنڌي.
سڀئي 'دوست' دشمن تون پنهنجا سڃاڻج، بري ۽ پلي ۾ سگهو فرق چاڻج،
سدا رک نظر ۾ تون اغيار سنڌي، ڪرئي ملڪ و ملت ٿو للڪار سنڌي.

## منظور قريشي

سچ تي ڪوئي رسي تہ رسي پل،
پڌريون ٽيندیون دليون ڪاريون.
ساهہ ڏيئي ٽا وت ڪي سوريون،
رت ڏيئي ٽبا ڏيئا هاريون.
ڏاريا نيٺ بہ ڏاريا آهن،
پاڻ ئي سنڌڙيءَ سينڌ سنواريون.
ڪنهن جو لکنو، ڪهڙي دهلي،
آءٌ تہ ملير ڏي واڳون واريون.
سر جو سانگو لاهي پيارا،
آءٌ تہ ڏاڍ جا ڏونگر ڏاريون.
وائي پنهنجي مور نہ مٽبي،
سوريءَ سرچي سر سهسايون.
سچ جي سوپ سڏائين ٽيندي.
چا لئي ويهي نير وهايون.
پاند پسايون، لوڪ ڪلايون،
سنڌڙي ماڻيندي نيٺ ٻهاريون.

⊙

## خميسو خان 'خاڪي'

سچ جا سورهيہ سپ ڪي سهڻا ٻول ٻڌائي هلندو هل،
اٽ اي سائي ڏونگر ڏاري، حق ڪي مڃائي هلندو هل.
ٻيهہ نہ ٻر ۾ رڄ ڏسي تون، ظلم سندو هي ٽوڙ زندان،
جهر جهنگ جها ڳي جهرندو جهانگي، و ڪ وڌائي هلندو هل.
سنڌي ماڻهو سپ سڀاجها، سوريءَ تي پي چوندا سچ،
اکيان ٽي تون تن جي مانجهي، واڳ ورائي هلندو هل.
جيجل جي ٽا گود ۾ سونهن، جيجل جا ٽي ٻڇڙا هي،
غير نہ سونهن غيرت ڪر تون، تن ڪي هٿائي هلندو هل.

غير نہ پنهنجو ڪڍهن ٽيندو، قول اِهو رک دل ۾ تون،
نـاهـ پرايـو پنهنجو ٽيٽو، تـون سمجهائي هلندو هل.
سڪ بچايون سندڙيءَ جـو ٿا، سر ڪپن ٿا لک هزار،
بستيءَ بستيءَ نگر نگر ۾، گيت هي گهائي هلندو هل.
آڻ سجاڳي سندَ سچيءَ ۾، ظالم جـو هيي زور پچي،
جيئن وسائـل پنيٽ پڙڪي، دودُ ڏکـائي هلندو هل.
ڏکيا ڏونگر راهـ اٽانگي، پير سين جـا پٽون پٽون،
سائين ڪي تون سچ مان سويرو، جلد لنگهائي هلندو هل.
دريا خـان ۽ دودي جهڙا، هيمون هوشو هوش ڪري،
پتنگ پڇڻ لئہ پاڻهين ايندا، شمع جلائـي هلندو هل.
سورهيہ سودو آهـ سهانگو، سـر ڏنـي جـي سندَ ملي،
جان جگر جو جيجل جـي لئہ، رت وهائي هلندو هل.
سائي ڏسندو رهندي ڪيسين، ڏاڍي جـي هيي ڏاڍائي،
جيئي سندَ جو جڳ ۾ جويا، گهنڊ وڄائي هلندو هل.
سر ڏي سر ڏي سوريءَ تي تون، پلپل ماءُ پڪاري ٿي،
خوب خوشيءَ مان خوش ٿي 'خاڪي'، ڪندَ ڪپائي هلندو هل

⊙

محمد عباس 'سائي'

جت بـاغ هٿا بـازاريون،
جت گـل هٿا گلزاريون،
جت هيـر هئي هيڪاريون،
ات پينگ آ ۽ جهنگ آ،
افسوس جـهـڙو رنـگ آ.
جت بلبلين جـي بات هئي،
ڪوئل جي ڪوڪو لات هئي،
چيهن چتن جي نيات هئي،
شهباز جـي جت تات هئي،
ات ڪارڙو اڄ ڪنگ آ،
افسوس جـهـڙو رنـگ آ.

# ڏيئا ڏيئا گيت اسان!

"هيل نہ حميد اصلي وڃائي ڇڏيو!" فتاح منهنجي آفيس ۾ گهڙندي، ٽهڪجي مخصوص انداز ۾ منهن تي هٿ گهمائيندي ۽ کپي پير سان زمين وڃائيندي چيو، "اوچتو هڪ ڏينهن اڳ اعلان ڪري جشن هفتو پٺتي ڪري ڇڏيائين."

"وري کڙي تاريخ؟ ويهہ!"

"۲۱ اپريل."

مون ڊائري کولي. ۲۰ ۽ ۲۲ پٺي ڏينهن کي هوم. رکو آچر ۲۱ ٿي خالي هيم. فتاح به ساڳيو روئڙو رنو. هون۽ ۱۳ اپريل جو پروگرام هيو، جنهن ڪري اسان اڳواٽ ٿي ۱۳ کان اڳ پوء کي ڏينهن خالي ڇڏيا هياسين ته جيئن حيدرآباد جي يارن سان ڪو چگو چوکو وقت ڪچهريون ڪجن. پر هينئر ته گاله ٿي گڙ ٿي پئي هئي. رکو وڃي ۽ وري موٽڻو هو.

نہ وڃڻ جو سوال ٿي نٿي اٿيو. وڃڻ نہ رکو فرض هيو، پر مقدس فرض هيو. هي هڪ شخص جي ڪوٽ کانہ هئي. هي ته ساڳيهہ جو سڏ هيو؛ زندگي۽ جي مقدس ترين ۽ عزيز تر مقصد جي ڪوٽ هئي؛ سو ان کان ڪنڌ ڪيائڻ ته پنهنجي مذهب ۾ ڪفر جي برابر هيو.

هي "روح رهاڻ" جي ستين سالگره جو جشن هيو. جشن جو رکو جشن نہ رهيو آهي؛ ڪو ادبي اجتماع نہ آهي، پر هڪ تحريڪ آهي. تحريڪ جا سنڌ ديس جي پيڙائن ۽ پاڻ پتوڙڻ جي پيدائش آهي؛ تحريڪ جا ساڳيهہ جي سجاڳي۽ جو اُهجاڻ آهي؛ تحريڪ جنهن سنڌ جي هر فنڪار کي فن جا نوان قدر ۽ جيون جا نوان آدرش ڏنا آهن. اڄ جشن روح رهاڻ رکو هڪ رسالي جي سالگره نہ رهيو آهي، پر اسان لاء هڪ قومي ڏڻ ٿي چکو آهي؛ نئين نسل لاء نوروز ٿي چکو آهي ۽ سنڌ جي سنڌين لاء هڪ سالياڻو سنڌيت ڏينهن جو پد پائي چکو آهي. پوء پلا ڪير جو ان سنڌ

جي سڌ کان ڪنڌ ڪيائي. ڪرندا ڪنڌ هزار وارو معاملو هيو، ڪنهن کي ٻڌي، جو اهو موقعو هٿان وڃائي.

ويهين اپريل جي رات جا سادا نؤ ٽيا هيا، جو اسان جي ڪار ڪليليءَ جي پل تي چڙهي. سامهون حيدرآباد جو شهر سمورين رنگينين سان پاڻ پکيڙيو پيو هو. رنگا رنگي روشنائين جي مٿان سينو ساهي ايا بيئل منگهه ائين لڳي رهيا هيا، جڙ اڪيچار ساڻي هٿ ڪٽي ايندڙ رفيقن جي آجيان ڪري رهيا هجن. حيدرآباد سجاڳ هيو. حيدرآباد سنڌ جي ڏهلي، سنڌ جو لکنو، سنڌ جو اوڌ، سنڌ جو ڪاڪتو سجاڳ هو. سنڌ جي دل ۾ نئون ۽ گرم رت تيز ڊوڙي رهيو هيو. هوشوءَ جي قبر تي نيٺ گل ڦڙيا هيا. ڪليلي ۽ ولي مستيءَ ۾ اچي چڪي هئي، ۽ سنڌ پنهنجي شاندار ماضيءَ کي ڏهرائي رهي هئي.

اسان ان حيدرآباد جي رستن ۽ گهٽين مان ٽيندا، اچي رفيق "ر" جي جاءِ تي پهتاسين. ات اسان لاءِ نياپو رکيو هيو ته دوست "ج" جي جاءِ تي انتظار ڪري رهيا هيا. گرميءَ ۽ ٻـ سؤ ميل سفر ڇهه ڇني ڇڏيا هيا. دل ته چيو ٿي ته سمهي آرام ڪجي. پر سڪ ۽ سمهڻ جي پاڻ ۾ ڪهڙي پريت! اڏ ڪلاڪ کان پوءِ اتي پهتاسين ته پين دوستن سان گڏ حميد کي به هڪ صوفي تي ستل ڏٺوسين. پيا يار به اسان وانگر ٽڪا ٽڪا پيا هيا. صبح جو گهران نڪتا هيا ۽ مٿان اچي هيءَ مهل ٿي هين. ڪلاڪ کن ٽيو جو سياڻي جو انتظام وغيره ڪري اچي هتي گڏيا هيا. ڪين ڇا ڇا نه ڪرڻو پيو هيو! سچ پچ ته سندن ڪيل جاکوڙ تي داد ڏيڻو ٿي پيو. پنهنجي ٿي شهر ۾ رهي ڪين ڪيتري نه اوپرائپ محسوس ٿي هئي، اهو سندن بيان ڪيل رپورٽ مان ئي معلوم پئي ٽيو. اهو سڀ ڪجهه ان ڪري ٽيو، جو هو پنهنجي ڌرتيءَ تي، شاهه لطيف جي سنڌ ۾، سنڌين جو جشن تنظيم ڪري رهيا هيا ۽ مشرق جي ڪنهن نام نهاد نيم شاعر، نيم فيلسوف ۽ نيم سياستدان جو ڏينهن نه ملهائي رهيا هيا. سڪ، اهي ويلا به گذري ويندا! ڪيو ڪائي حالي احوالي ٿي اڪل ٻـي بجي ڌاري اچي جاءِ تي آرامي ٽياسين.

صبح جو ڏهين بجي بسنت هال، جنهن سنڌ جي، نيڪ تحريڪن ڪي خنده پيشانيءَ ۽ ڪشاده دليءَ سان پنهنجي جيءَ ۾ جاءِ ڏني آهي، اڄ به پنهنجي پر معنيٰ مرڪ سان گذريل سال جيان هن نئين تحريڪ ۽ ان جي ڪارڪنن جي آجيان ڪري رهيو هو. باهرين ڦاٽڪ کان اندر ٽياسين ته ڪيترن يارن، دوستن ۽ شيدائين کي آجيان لاءِ منتظر ڏٺوسين. سامهون "روح رهاڻ" مرڪي اڳتي وڌي. اياز ڪي پاڪر پائي حميد کان خوشيءَ جا ڳوڙها ڳڙي پيا. حميد جو "روح رهاڻ" آهي، حميد، جنهن جي دل به سنڌ جيان سادي ۽ سڀاجهي آهي، اڄ ڏاڍو سرهو ۽ خوش ٿي نظر آيو. هجي به ڇو نه! سندس سڀ ڪجهه روح رهاڻ ئي ته آهي، جيءُ، جان ۽ جاکوڙ.

مون کيس پنهنجي شاديءَ تي به ايترو خوشيءَ ۾ ماپندو نه ڏنو هو، جيترو روح رهاڻ جي جشن تي. سندس پويان خواجا سليم بيٺو مرڪي رهيو هيو. سليم، جنهن کي دوست نديءِ قد سبب قداور مڙس ۽ وڏي آواز پڌڻ سبب هوڙو چوندا آهن. پر سندس دل هوڙي نه آهي. هو قداور مڙس برابر نه آهي، پر قداور فنڪار ضرور آهي ۽ اوچو انسان پڻ! سندس چپن تي سندس سونيءَ دل جي چمڪ تري آئي هئي. ان جي پاسي ۾ ٽي امداد بيٺو هو. امداد جو پاڻ کي رول سمجهندو آهي، پر اسان لاءِ موتي انمول آهي. جنهن جي چمڪ دمڪ کي حياتيءَ پر جي آواره گرديءَ جي گرد به لٽي نه سگهي آهي. انهن ٻنهي جي پويان قداور ناصر مورائي بيٺو هيو، جو روح رهاڻ مان هليئي وڃڻ بعد به سدائين ان ۾ نظر ايندو آهي.

وڏي، عمارت طرف هلياسين تہ سامهون ڏاڪڻين تي ڪيترائي نوان ۽ پراڻا چهرا مرڪندا آڇيان لاءِ هٿ وڌائيندا ڏٺاسين. سيني جي اڳيان هڪ ڳيرو ٽٽي جي لنگي مٿي تي پڌيو، هٿ وڌايو بيٺو هيو. هي کو قديم ٽٽي جي گهٽين ۾ گشت ڪندڙ سنڌ جي علم ۽ تاريخ جو طالب علم نه هو، پر نئين سنڌ جو ڳولاؤ يوسف لغاري هيو. سنڌ ۾ شاگرد تحريڪ جو هڪ روح روان،— رت پنل رابيل. ساڻس گڏ ٻيا گل ٽڙيا بيٺا هيا. جن جا سينا فولاد جا هيا. هڪ ڇوڪري نعرو هڻايو، "نعرهِ سنڌ." ۽ ماحول "جيئي سنڌ" جي ورائيءَ سان اٿلون ڪائڻ لڳو.

هال اندر آئي اسان کي اڳيان سيڙاپل خالي ڪرسين تي ويهاريو ويو. هال پوئينءَ پت تائين ڪرسين سان ستيو پيو هيو، جي سپ والارجي چڪيون هيون. پوءِ ايندڙ ماڻهو هال ۾ پاس ڪان يا وراندي ۾ ئي بيهي ٽي رهيا. سامهون سادي نموني ۾ اسٽيج ٺهيل هئي، جنهن جي ڪپي پاسي اديبن ۽ شاعرن جي گهڻائي ويٺي هئي ۽ ساڄي پاسي سنڌ جون سپتريون مارئيءَ واري جذبي، سسئي واري عزم سان ويٺيون هيون. سندن اڳين قطار ۾ ويٺل جيجيءَ پنهنجي روايتي انداز ۽ پرخلوص مرڪ سان ڪنڌ لوڏي ڪيڪاريو. سنڌيت جي جذبي سان سرشار، "روح رهاڻ" جي ازلي ۽ ابدي ساهيڑي بيگم زينت چنا کي اسان مان ڪير آهي جو نه سڃاڻي. سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن ۾ "جيجي" جي نالي سان نامياريءَ هن سنڌ جي ڏيءَ "مارئي" رسالو ڪيي سنڌي عورت ۽ سڃاڻيءَ جي لهر ڊوڙائي. سرڪار سندس "مارئي" بند ڪئي، پر هن سوين ماريون پيدا ڪري ڇڏيون. اڄ هوءَ رڳو نگهت ۽ سيما جي جيجي نه آهي، پر سنڌي ادب جي جيجي آهي.

ٽاپر ٽي نہ حميد اسٽيج سنياڻي ۽ ڪارروائيءَ جي شروعات ڪئي. اول هن پنهنجي آدرياءَ واري تقرير پڙهي. هن جيجل ۽ ان جي ٻوليءَ تي آيل ڏکين ڏينهن جو ذڪر ڪيو، آيل قومي جذبي ۽ احساس جو اپٽار ڪيو، ان لاءِ اديبن ۽ شاعرن جي ڪيل رت ولوڙ کي ساراهيو ۽ انهن طرفان ڪڙي ڪيل سچ جي جهنڊي هيٺان

کئو ٹي اڳتي وڌڻ جي ضرورت تي زور ڏنو. هن جو خيال هو ته اسان جو هر عمل ۽ قول جيجل ۽ سندس زبان جي اوسر ۽ واڌاري لاءِ وقف هئڻ گهرجي. ان کان پوءِ هن جشن جي افتتاح ڪرڻ لاءِ سنڌ جي عظيم قومي شاعر شيخ اياز کي سڏ ڪيو. اياز جي نالي پڌڻ سان هال "شيخ اياز زنده باد" ۽ "جيئي سنڌ" جي نعرن سان ڀرجي اٿلون ڪائڻ لڳو. تاڙين جي آواز ۽ نعرن جي گونج ۾ سنڌ جو هي سورهيه سپوت ۽ سچ جو شاعر اسٽيج تي آيو.

هن اسٽيج تي اچي آپ مٿي تي ڪٽندڙ هجوم ڏانهن نهاريو. هن جي چهري تي آشا ۽ اعتماد جون پاوناؤن پيدا ٿي چڪيون هيون. هو سامهون پنهنجي ڪلا جو ڪاريه ۽ ڪاميابي پنهنجي جيئري ئي اکين ڏسي رهيو هيو. ڪا گهڙي هو پاڻ کان بي نياز ٿيو پنهنجي سچ مان پيدا ڪيل مچ جا ٻڌندا ڏسندو رهيو.

هن افتتاحي تقرير پڙهڻ شروع ڪئي. ساڻيهه جي سڏ جو پڙاڏو. سندس دل سنڌ جي دل سان گڏ ڏڪ ڪري رهي هئي. سندس نثر به نظم هيو. هو سندم ديس کي چا چا نه ڏئي رهيو هيو، ۽ ڪيس بدلي ۾ چا ٿي ملیو؟ اهو ته ڪڏهن هن پاڻ به نه سوچيو هو. سوچي به چو. هو ته اهو ڪرمي هيو، جنهن ڪڏهن ڦل جي سڌ ئي ڪانه ڪئي هئي. منهنجي ذهن آڏو ٻه هزار سال اڳ جي جيروسلم جون پهاڙيون تري آيون. هڪ پهاڙيءَ تي بيٺو عيسيٰ پنهنجي قوم کي سڏي سلامتي ۽ سڪ جو رستو ٻڌائي رهيو هيو. پوءِ جيروسلم جون سنهڙيون سوڙهيون پٽرايون گهٽيون اکين آڏو ڦري آيم. اڳبان اڳيان عيسيٰ ڪلهي تي صليب رکيو، جهڪيل، ڪنجهندو ڪنجهندو هلي رهيو هيو ۽ سندس پويان رومي سپاهي ٿهڪ ڏيندا وڌي رهيا هيا. سندس هر وطن بي وس ۽ لاچار ٿيو، جبر آڏو سر جهڪايون ٻيٺا هيا. اوچتو عيسيٰ جا چپ چرڻ لڳا. مون کي ائين لڳو، جڻ هو جهونگاري رهيو هجي:



مان تو کي گيت ڏيان اي ڌرتي!
تون مون تي زنجير وجهين!

تقرير پوري ڪري، تاڙين جي گونج ۾ اياز اسٽيج تان لٿو. ان بعد حميد سائيڪ تي اچي هڪ نعزيتي ٺهراءُ پيش ڪيو، جو سنڌ جي سچار ۽ سورهيه سپوت مرحوم علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي وفات بابت هيو. جيجل ۽ سندس زبان جو سچو هڏ ڏوکي،

مفکر ۽ ماهر تعليم، جو بقول اياز عظيم هو ۽ مرڻ بعد عظيم تر هو. ٿهراءِ بحال ٿيڻ بعد اياز هلي زندگي پبليڪيشنس جي مطبوعات جي نمائش جو افتتاح ڪيو.

نمائش مان چڪر ڏئي، مان هيٺ باغ ۾ لهي آيس. ڪي دوست ورانڊي ۾ ۽ ڊاڪ تي بيٺا رهيا، تہ ڪي وري هال ۾ ٽوليون ٺاهي وينا. نوجوان شاگرد آٽوگراف بڪ ڪنيو، ادبين ۽ شاعرن کان صحيحون وٺي رهيا هيا. گالهين ٻولهين ۽ خيالن جي ڏي وٺ جو موضوع اهوئي پنهنجا مسئلا ۽ انهن جو حل هيو. حال احوال ڏيندي وٺندي اهي خبرون ٻيون، جي پنهنجون اخبارون شايع ڪندي شرم محسوس ڪنديون آهن: فلاڻا فلاڻا شاگرد گرفتار ٿيا آهن؛— هو ڪو اعتراض جو گو پئمفليٽ ڇاپي رهيا هيا؛ فلاڻا شاگرد جهلجي ويا،— وٽانئن ڪجهہ لٽريچر هٿ آيو (حالانڪ انهن مطبوعات تي بندش اڃا نہ پئي آهي)، فلاڻن شاگرد اڳواڻن جي گولا ٽي رهي آهي. هيٺي سنڌي شام ٿي؛ هُتي سنڌي شام ٿي؛ هينءَ ٿيو؛ هونءَ ٿيو وغيره وغيره.

"ساڻيو! رفيقو! هي نشست شروع ٿيڻ واري آهي." حميد جو آواز فضا ۾ آپريو.

سڀ هال ڏانهن وڌياسين. يارهن وڄي چڪا هيا. هال ساڳي ڏي نموني ستجي ويو. حميد نشست جي شروعات جو اعلان ڪيو ۽ صدر کي صدارت جي ڪرسيءَ والارڻ لاءِ سڏيو. هڪ ڄاڻل سڃاتل ۽ ڏڻل وائڙل نوجوان استيج تي چڙهيو. هي علي بابا هيو. الف ليلىٰ جي رنگين داستانن وارو علي بابا نہ پر سنڌ جو علي بابا. چاليهن چورن سان مقابلو ڪندڙ علي بابا نہ، پر لکها لٽيرن سان سامهون پوندڙ علي بابا. هن جي "کل جا سم سم" خزانن جا در تہ نہ کوليندي آهي، پر ساڻيهہ جي گوندرن جي گندي۽ جو ليڙو ضرور لاهيندي آهي. شروع ۾ منظور قريشي افسانو پڙهيو. هي نوجوان گڏيل سال ٻن کان ادب جي افق تي آيو آهي. سندس افسانو ہ وقت جي حقيقت هو ۽ سندس زخمي ذهن جي پيڙا جو پرتو. ان بعد عبدالحق عالماڻي استيج تي آيو. هي ہ نون لکندڙن مان آهي. سندس روح ہ روئيندو آهي، دانهون ڪندو آهي. جو ڪجهہ لکندو آهي، جيجل جي جهوري هوندي آهي.

هائي پٽر سنڌي استيج تي آيو. پٽر؛— پنهنجن لاءِ پاڙي ۽ پراين لاءِ پٽر. پٽر جيان سخت جان ۽ نهرو. ماده پرست، پر ساڻيهہ جي سڪ ويل صوفي. آدرشي. آدرش ٿي سندس خدا ۽ مقصدِ حيات. ان لاءِ سڀ ڪجهہ ڇڏي ڏيندڙ، ويندي پنهنجي نالي تائين. پٽر افسانو پڌائي پورو ڪيو تہ حميد سالن کان سڃاتل شخص کي سڏ ڪيو. هي ڏيپلائي هو. مولوي محمد عثمان ڏيپلائي؛— "اکين وارن لاءِ عبرت" وارو ڏيپلائي "ڏاهري رنگ محل" وارو ڏيپلائي؛ "ڪارن ڪافرن" وارو ڏيپلائي، "سانگهڙ" وارو ڏيپلائي؛ گورکيءَ جي "ماءُ" وارو ڏيپلائي ۽ جشن روح رهاڻ وارو ڏيپلائي— هڪ حقيقت ڪيترائي پاڃا! ڪنهن وقت جو سنڌ جو صادق سردنوي، شرر ۽ نسيم حجازي، اڄ سنڌ ۾ گوگول ۽ ڊڪنس جون سڪون لاهي رهيو آهي. ماڻهوءَ جي منورتي

بدلجڻ جو نادر نمونو. سنڌس افسانو ڪي ان ڳالهه جو ثبوت هو ته هن وهيءَ ۾ وقت جون واڪيون وس رکيون آهن.

ڊيپلائي افسانو پورو ڪري لٽو ته نياز استيج تي پهتو. نياز همايوني،— سنڌ جو نياز، سنڌ جو سوداءُ. صدين کان پٽکندڙ سائيه، جو ستايل روح. سنڌ جي صدين جي پيڙائن کي پنهنجي سخن ۾ سر ۾ سمائيندڙ رمتو. ڳليءَ ڳليءَ ۾ گهٽيءَ گهٽيءَ سانگيڙڻ جي سورن جو ورتو ڪندڙ جوگيڙو. بي چين ويراڳي، نياز اڄ استيج تي پهريون دفعو افسانو نويس ٿي آيو. هن هڪ طويل منظوم ڪهاڻي "پرهه ڦٽيءَ کان پوءِ" پڙهي. هڪ لوڪ ڪهاڻي هئي، جنهن ۾ ڊيڪاريو ويو هو ته ..... ۽ پڌندڙن جي اکين آڏو گذريل ويهه سال ۾ ان جا اهم ڪردار ڦري آيا، جيئرا جاگندا. اڪل ڏيڍ ڪلاڪ جي ڏاري صدارتي تقرير سان هن نشست جي پڄاڻي ٿي، ۽ پوءِ ڪاراڻي وٺي منجهند جي ماني، جنهن جو بندوبست حميد سنڌي ۽ جيجيءَ ڪڍي ڪيو هو. هن قربائتي سادي به-پهري ۾ ڇا ڪجهه نه هو.

شام جو پنجين بجي ڏاري بسنت هال پهتاسين. هينئر حاضرين جو تعداد صبح کان گهٽو وڌيڪ هيو. اديب ۽ شاعر به ڪجهه وڌيڪ نظر آيا. جن کي صبح واري گاڏي نه ملي سگهي، سي شام جو ئي اچي پڳا هيا. پيرو ڪنهن به نه ٻڌي ڇڏڻ چاهيو. حاطي ۾ گهڙڻ سان ئي ملڻ سلڻ ۽ حال احوال جي ڏي وٺ شروع ٿي وئي. هڪ ٻئي کان سوين ميل پري رهي به هڪ ٻئي کي ڪيڏو نه ويجهو هئاسين. اصلي ڇڻ ٻاڻ ۾ هڪ هئاسين. سيني پنبان هڪڙي وحدت هئي، جا هئي "ڪارڻ" جي. ان ڪارڻ جي ڪاريه ئي ته ڪٽان ڪٽان ڪوٽي اچي هٽ ڪٽو ڪيو هو. آسن ۽ اميدن جو مهراڻ من ۾ موجون هڻڻ لڳو. نراسائي ۽ ناميد پر ڪري اڏامي وئي هئي. جو

اتل ارادو ۽ جذبو ات نظر پئي آيو، تنهن آڏو کابہ رکاوٽ بيهڻ واري نہ هئي. ميائي ۽ مکلي جاڳي پيون هيون. هوشو ۽ هيمو نکري پڌر تي آيا هيا.

اهوئي ڳالهائيندا، سو ئي سوچيندا اسين هال ۾ داخل ٿياسين مذاکري جي محفل شروع ٿي چڪي هئي. هن ميڙ جو مور ڪرسي والاري چڪو هو. ابن حيات پنهور پنهنجي دائمي روايتي گنبيرتا سان حاضرين ڏانهن نهاري رهيو هو. ابن حيات، ساڳي ئي وقت جو ابو حيات به آهي. سندس چهري جي سنجيدگي سنڌ جي صدين جي سچ جو نچوڙ لڳندي آهي. ورلي مرڪندو آهي، پر ان ۾ به ساڻيهہ جي زماني جي پيڙائن جي ڪوڙاڻ جهلڪون ڏيندي ڏيکاربي آهي. هن يار پنهنجي سموري پونجي ديس تي داؤ لڳائي آهي. "روح رهاڻ ۽ سجاڳي" جي موضوع تي منعقد ڪيل هن مذاکري ۾ ڪيترن ئي نون ۽ پراڻن ساڻين ڳالهايو.

غلام حسين رنگريز، نذير چني، ۽ محمد مٺل پارن نوجوانن به دل جي ڳالهہ زبان سان ڪئي. ڪنهن تحريڪ تي ڳالهايو، ان لاءِ پيدا ٿيل سجاڳيءَ تي سمجهاڻي ڏني ۽ ان سجاڳيءَ ۾ "روح رهاڻ" جي حصي تي راءِ زني ڪئي. محمد حسن ڪاشف چنبڙائيءَ به نيٺ سچ جي راهہ تي اچي پنهنجي جذبن ۽ جولانن جو اظهار ڪيو. پوءِ پروانو پڻي آيو. ساڻيهہ جي صدائن کي قطعن ۾ قيد ڪندڙ بي ڊپو شاعر. ذڪر ۾ به شعر جيان بي ڊپو ۽ دلير. ان کان پوءِ رسول بخش پليجو اسٽيج تي آيو. سنڌ

جي سرزمين جي قطب مينار جيان اڏول ۽ نرالي شخصيت وڪيل، افسانہ نويس، نقاد، اڳواڻ، مقرر ۽ مجنون. ايتري اوچي ۽ وشال هوندي به توهانکي منجهس نالي ماتر به جهول نظر نہ ايندي. مون کيس ڪڏهن ڪورٽ ۾ دليل بازي ڪندي نہ ڪونہ ڏٺو آهي، پر ادبي اجتماعن ۾ ضرور ڏٺو اٿم. نولکي موتين جي مالها چورينڊو آهي.

سندس وات مان آواز ائين نڪرندو آهي، جڏ ڪو پهاڙي چشمو ڦٽي نڪتو هجي. ٻڌندڙن جي اندر مان ٽي، اچي ڳالهائيندو آهي.

پليجي ڳالهائي پورو ڪيو تہ سنڌ جو محبان استيج تي آيو. عينڪ کي ڏاڙي هٿ جـي آڱرين سان مخصوص انداز ۾ نڪ جي مٿي حصي سان ٽهڪائي، فوڪس ٺيڪ ڪندي، سڄو هٿ هڪ تجربيڪار خطيب جيان اڳتي وڌائي. مولانا غلام محمد گراميء پنهنجي تقرير شروع ڪئي. منطق ۽ معلومات جـو درياه بند ٻڌي اٽلي پيو. مشرقي فلسفي ۽ ادب جي هن عالم ٻڌندڙن تي پنهنجو جادو ثابت ڪري ڏيکاريـو. هو استيج تان هيٺ لٿو تہ سائيڀ جو هڪ ٻيو سرويچ مٿي آيو. حفيظ قريشي؛ سندم سائيڀ جو وطن پرست ۽ قومي اڳواڻ. سنڌ جي سڪ جو سجايل. ادبن ۽ شاعرن جي مبهم ۽ منجهيل جذبن ۽ خيالن جو بي باڪ ترجمان. خود اعتماديء جـو مظهر. استيج جو بادشاهہ. ڳالهائيندو شينهن جي ٻوليء ۾. تقرير ۾ اياز کـي ڪوٽ ڪرڻ سندس محبوب مشغلو آهي. تقرير جو اختتام بہ اياز جي وائيء جـي هن سٽ سان ڪيائين، ”سهندو ڪير ميار او يار، سنڌڙيء کـي سر ڪير نہ ڏيندو.“ پـوءِ جواب ۾ سيني ٻڌندڙن يڪ آواز پڪاريو، ”اسان ڏينداسين.“ نعرن ۽ تاڙين جي گونج ۾ هي شير ببر استيج تان لٿو. ان بعد حميد سنڌيء ڳالهايو ۽ آخر صدر پنهنجي عالماڻي ۽ دليلن واري صدارتي تقرير سان هن نشست جي پوپاڙي ڪئي.

پروگرام موجب سادي ستين مشاعرو ٽيڻو هو ۽ ان کان اڳ، سنڌي ادبي سنگت طرفان ادبين ۽ شاعرن جـي اعزاز ۾ چانهہ هئي. پر هت تہ مذاڪري پـوري ٿيندي ٿيندي ٽي اٺ وڄي ويا. جيئن تہ ڪيترن مهمانن کي رات وارين گاڏين ۾ واپس ورڻو هـو، سو فيصلو ڪيو ويـو تہ مشاعرو شروع ڪيو وڃـي ۽ چانهہ ان دوران پيش ڪئي وڃي.

مشاعري جو انتظام اڳين سال جيان هال جي ٻئين پاسي واري اڳڻ ۾ ٽي ڪيو ويو هـو. مذاڪري دوران ٽي پـڙ ۾ پيل اڍ ڪرسيون ڀرجي چڪيون هيون. ماڻهو هال ۽ وراندي مان ڏسڻو ڏڪڻو وڏي لڳڻ ڏانهن هليا. پر پڙ ڀرجي ويو ۽ هال ۾ بہ ڪا ڪرسي خالي نظر نہ پئي آئي. پڙ ۾ ناهيل استيج ۽ بيئل وڻ ۽ حاطي جون پٽيون رنگين بلبن سان چمڪي رهيون هيون. استيج جي هڪ پاسي ڪان پيل ڪرسيون سنڌ جي سگهڙين سان سينگاريون پيون هيون. هيل جشن ۾ حاضرين جـو تعداد اڳين سال ڪان گهڻو گهڻو هيو. حميد جـي خوشيء جـي ڪا حد ڪانہ هئي. سچ پچ تہ اسان مان هرهڪ جـو هانءُ خوشيء سان ٽٻيو پيو هيو. حميد اڪين ۾ چمڪ آڻـي، مشاعري جي صدارت جو اعلان ڪندي فتاح ملڪ کي سڏ ڪيو. هڪ سنهڙو، سڪل بيد مجنون استيج تي چڙهيو. پڻي عاقل جو عبدالفتاح؛ سکر جو فتاح ملڪ وڪيل ۽ روح رهاڻ جـو شاعر فتاح. چار سال اڳ هـو جڏهن مـون سان پهريون دفعو سکر

جي ڪورٽ ۾ ملیو هو ۽ قانون بجاءِ ادب تي بحث ڪرڻ لڳو هو تہ مون کانئس پڇيو هو، "تہ قبلا! توهان ڇو هن جنجل ۾ پيا آهيو؟" تہ مون کي وڏيڪ متعجب ڪندي هن اعلان ڪيو هو تہ هو شاعر بہ هو! پر اڄ "سنڌڙيءَ جا سينگار اڃا پي ساڳيا ڏي،" "هي شهر الا ڪو شهر هيو ۽ "اهڙي جڳ ڪان بس پلي، جنهن ۾ جيءُ جهري" جي خالق کي صدارت جي ڪرسيءَ تي ڏسي مون کي ڪو عجب نہ لڳو. "روح رهاڻ" اسان کي جـي نوان فنڪار ڏنا آهـن، انهن ۾ فتاح ملڪ بہ هڪ آهي.

مشاعري ۾ پنجاهي ڪن شاعر آيـل هيا، پر وقت جي اڻاٽ سبب چاليهارو ڪن کي موقعو ملي سگهيو. جن پڙهيو تن مان سپني جا نالا تہ ياد نہ آهـن. جن جا ياد اچن ٿا، هي آهن (پيا خدارا دل ۾ نہ ڪن) علي نواز ناز، منظور قريشي، محسن عباسي، خيام ٽکڙاڻـي، مجـرم لغاري، ساز ملاڪاتياري، حيـدر، دوست چانڊيو، نياز جتوئـي، عطاءُ الله سرهندي، عباس سائيُ، غلام حسين رنـگريز، خميسو خاڪي، يوسف لغاري،

يوسف ٽالپر، دين محمد، حسن تنوير، مسڪين ملاڪاتياري، عبدالخالق شهيد، پير بخش پياسي، شمشير پليجو، اڪرم پورڙائي (هنن مـان گهڻا شاگرد ڪارڪن ۽ رهنما هيا)، عبدالله خواب، مقبول پٽي، سرويچ سجاولي، ابن حيات، پروانو پٽي، نياز همايوني، امداد، تنوير، ايار، ۽ فتاح وغيره وغيره. چاليهن شاعرن مان هڪ بہ اهڙو نہ هو، جنهن حسن و عشق يا گل و بلبل جو ذڪر ڪيو هجي. سپني ڪي هڪ ڳئي لنؤ هئي؛ هڪ ڳئي لوري هئي؛ جيجل جي جهوري هئي. سڀ ساڻيهہ جي سڪ جا سوداگر هئا. سپني جـو هڪ ڳئي پيغام ۽ هڪ ڳئي منزل هئي. سنڌ جي نالي سان ڳئي هال ۾ طوفان بپا ڪئي ويو.

مشاعري هلندي ڳئي چانهہ بہ پياري وئي. پرواني کي شايد سوير موڪلو هو، سو ستت ڳئي پنهنجا قطعا ۽ نڪون ڪلام ٻڌائي ويندو رهيو ۽ بين کـي بہ سڙڻ جو سبق ڏئي ويو. جنهن مهل نياز استيج تي آيو تہ رات ڪافي ڦري چڪي هئي. هـن کان "سنڌڙي" ترنم سان پڙهائي وئي. هن جڏهن اکيون هوٽي پڙهڻ شروع ڪيو تہ ٻڌندڙن جي دلين جا زخم ڪلي پيا ۽ اکيون آليون ڳئي پيون. ان کان پوءِ امداد آيو. اربيلو ۽ اردو امداد. ساڻيهہ جو حساس نبض شناس، جنهن جي شهر جي ڪندرن ۾ سنڌ جو روح ٻڌڪندو آهي. امداد لٽو تہ تنوير کـي سڏ ڏيو. تنوير عباسي؛ مڙو ماڻهو ۽ پيارو

شاعر، جنهن کي سنڌ جي هر شئي ساهه کان وڌيڪ پياري آهي. منڙو اهڙو جو هن لاءِ "هرڪو ماڻهو موتيءَ داڻو ۽ هرڪا دل هيرن جي کاڻ" آهي. شاعريءَ ۾ موهن جي دڙي جي عظمت کي اجاگر ڪندڙ ۽ شاهه سائينءَ جي ڪردارن مارئي، سسئي ۽ پيجل کي مرڪز مان آڌاري اڀيندڙ. سنڌ جي شاگردن جو محبوب شاعر، جنهن يونيورسٽيءَ واري ۴ مارچ جي حادثي تي ڪيڏارو لڪي، ان واقعي کي امر ڪري ڇڏيو. هن نئون غزل ٻڌائي موڙڻ جي ڪئي ته، پويان "ڪيڏاري" جي زوردار فرمائش ٿي. سائين جو سڏ نه ورائڻ هي يار ڇاڻي ئي نه، سو ڪيڏاري جا ڪجهه بيت ٻڌائي پوءِ ٿي لٿو.

تنوير مسڪرائيندو اسٽيج تان لٿو ته حميد ان شاعر کي سڏ ڪيو، جنهن کي ٻڌڻ لاءِ صبح کان شدت سان انتظار ٿي رهيو هو. نعرن ۽ تاڙين جي شور ۾ شيخ ايياز اسٽيج طرف وڌيو. ڏرتي کي گيت ۽ جيت ڏئي، زنجير وڻڻ وارو شاعر. گيت جيجل جي جهوريءَ ۽ لوريءَ جا، لڙڪن ۽ سڏڪن جا، مزدورن ۽ هارين جا، سوريءَ جي سروائن ۽ آجهل آزادي جي امر اهڃاڻن جا، ۽ امن ۽ انسانيت جا. هڪ ٻليان ٻئي شعر جي فرمائش ٽيندي رهي. حيدرآباد واسين شايد هن کان سڄي سال جي سڪ ٻئي لاهڻ چاهي. هو پڙهندو رهيو ۽ اسائيل زمين تي وڏڙي جيان وسندو رهيو. واءُ جي خنڪيءَ کان پوءِ سندس شعر شراب جو ڪم ڪيو ۽ سڄو ماحول خمار آلود ٿي ويو. هر نفس مستيءَ جي ڪيفيت کان بي قابو ٿي ويو. سندس نئين پراڻي ڪلام جي فرمائش مسين مسين پوري ٿي ته حميد آخر ۾ صاحب صدر کي شعر ٻڌائڻ لاءِ چيو. جنهن به حاضرين کي نئون پراڻو شعر ٻڌائي مسرور ڪيو.

مشاعري کان پوءِ راڳ جي محفل جو آغاز ٿيو. هن محفل جو مهندار حفيظ قريشي هيو. جڏهن کان سنڌ ۾ نئين لهر آئي آهي، تڏهن کان مون ڏٺو آهي ته اڪثر جشنن ۽ ثقافتي ۽ ادبي اجتماعن ۾ ڪلاسيڪي سنڌي ڪلام کان سواءِ نون شاعرن جو قومي ڪلام ڳائڻ ۽ ڳارائڻ ٽي ڪهڙو زور ٿو ڏنو وڃي. پڌندڙن جو لاڙو به ڪهڙو ان طرف آهي. شايد وقت جي تقاضا ٿي اها آهي. اڄ ڪلهه نون شاعرن جو قومي ڪلام ائين ٿو ڳايو وڃي، جيئن برصغير جي آزاديءَ جي هلندڙ تحريڪ ۾ ڳايو ويندو هو. "جشن روح رهاڻ" ۽ "سنڌي شام" جون ته اهي خاص خوبيون شمار ڪيون ويندڙون آهن. هت به هيل اهوئي ڏٺم. هن محفل جي شروعات به شيخ ايياز جي هڪ گيت سان ٿي. اڳئين ميوزڪ ڊورس ڪلب حيدرآباد جو روح روان ۽ هاڻوڪي روح رهاڻ ميوزڪ سرڪل جو اهم رڪن نصرالله عباسي پنهنجي سائيءَ شهمير خان ۽ ڇٽن معصوم نينگرن سان اسٽيج تي آيو. نصرالله ان ڏس ۾ گهڻن کان اڳرو آهي. سندس چوند کي به چا چٽجي! ڏن ته اها ڪيندو جو هٽي وڃي هنڌ ڪري! هن گيت جي ڪورس واري ڏن به سندس ٽي ٽاهيل هٿي. رات لڙي

چڪي هئي ۽ حيدرآباد جي خاموش فضا کي شاعر جي هيءَ صدا مور جـي ڪوڪ جيان چيري ڇاڙي وئي:

سنڌ ديس جي ڌرتي تو تي پنهنجو سبس نوايان،
مٽي مائي لايان.

ان کان پوءِ زرينہ بلوچ اسٽيج تي آئي. سنڌ جي اُم ڪلثوم. جنهن جـي آواز ۾ ڇيبون ۽ ڇر آهـي. جنهن جو آواز سندس جيءَ جـي جهوري ۽ زخمي روح جو ورلاپ هوندو آهي. هوءَ رڳو ڳائڻي نہ آهي، پر صحيح معنيٰ ۾ فنڪاره آهـي. ادب جن پارکو ۽ خود کو مقام رکندڙ ڪهاڻي ڪار، "جيجي" جهڙي اڻ مَٽ افساني جي خلقيندڙ. سندس فن آڏو پليجي جهڙو سخت جان ۽ پارکو بـہ سر جهڪائي ويٺو آهي. زرينہ هن جشن ۾ اوپري نہ هئي، ان جو هڪ ازلي ۽ ابدي حصو هئي. هـن ڪورس ۾ اياز جـي مشهور وائي "سهندو ڪير ميار او يار، سندڙيءَ کي سر ڪير نہ ڏيندو" ڳائي. هن جي ڏن زرينہ جي ئي ٺهيل هئي ۽ سائس سات ڏئـي رهيا هيا. ساڳيا ئي نينگر مشتاق، محمد علي، طالب حسين ۽ ..... (چوٽين نديڙي رفيق جو نالو ياد نٿو اچيم.) ان وائيءَ ۾ ڏندڙن تـي جيڪا ڪيفيت طاري ڪئي هوندي، ان جـو انـدازو پڙهندڙ شاعر ۽ ڳائيندڙ جي شخصيتن مان لڳائي سگهن ٿا، باقي لکڻ ڪـان ڏکي آهي.

ان بعد هڪ شوقيہ فنڪار نواب بلوچ شاهہ لطيف جي مشهور وائي "واڳ ڏئي تنهنجي وس، آءٌ ڪا پاڻ وهيٽي" ڪوهياريءَ ۾ ڏنائي. ان کان پوءِ ميوزڪ سرڪل

جي فنڪار شهمير خان کي وارو ڏنو ويو، جنهن فتاح جو پراڻو گيت "آءُ ڪبوتر سار سڏئي ٿو، محفل مست بڻايون يار" ڳايو. هن جي ڏن روح رهاڻ ميوزڪ سرڪل جي اڳواڻ عنايت الله عباسي ناهي هئي، جا وٽندڙ ۽ پياري هئي. محفل واقعي مست بڻجي وئي! واهُ ۾ خنڪي وڏندي پئي وئي. ان ۾ اضافو ڪيو امداد علي بلوچ، جنهن بنسريءَ تي ڪنيات آلاپيو. هاڻي وري زرينہ کي وارو ڏنو ويو، جنهن فتاح جو گيت "سنڌڙيءَ جا سينگار اڄا پي ساڳيا ڙي" ڳايو. واه جو ڏن ڪيي هيائينس! پيارا بول، پيارو آواز، مزو ڏئي ڇڏيائين.

پوءِ اوچتو روشني گل ٿي وئي. لائوڊ تان حميد جو آواز آيو، "هينئر مسٽر نصرالله عباسي شيخ اياز جي گيت کي 'ٽيبلي' ۾ پيش ڪندو." هيٺ مٿي اوندهہ ٿي اوندهہ هئي. پوءِ اڳئ جي ساڃي پاسي واري دروازي کان اوندهہ کي چيريندي ڏيئن جي لاٽ جي قطار اندر پيهي آئي. ڏيئن جي قطار سرندي سرندي اسٽيج طرف وڌي. اڳيان اڇ ٿي معلوم ٿيو تہ ساڳيا ئي چار معصومڙا ترين ٿي جوت جهلي اوندهہ کي چيريندا اڳتي وڌي رهيا هيا. اسٽيج تي پهچي هو سازندن جي پويان قطار ۾ بهي رهيا ۽ پاڻيءَ جي لهرن وانگر وائن کي لهرائڻ لڳا. حيدرآباد جي هوا ۾ به جوت جرڪندي ۽ جهومندي رهي ۽ اجهامي نہ. پوءِ نصرالله جو مڌر ۽ ماڻو آواز هوا جي لهرن جهٽيو:

انڌو آپ، انڌاري ڌرتي، ڏيئا ڏيئا ڳات اسان،
اوندهہ ۾ چمڪات اسان.

هن اسم کي، جنهن جي ڏن به نصرالله ناهي هئي، ڏاڍو پسند ڪيو ويو، ساراهيو ويو ۽ ڪيس پرپور داد ڏنو ويو.

ٽيبلي کان پوءِ عبدالله خان سارنگيءَ تي پاڪيسري ڳائي، جا به پسند ڪئي وئي. ان بعد وري زرينہ اسٽيج تي آئي. هيل هن ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي نظر:

جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!
جـام محبت پيئي سنڌ!!

ڳائي. نظر جي سرن تي زرينہ جو آواز، آتساهہ ۽ چاهہ سهاڳ جو ڪم ڪري رهيا هيا. من موهيندڙ ڏن تي ڳڏندڙ جهومڻ لڳا. هڪ هڪ ٿي سامعين ساڻس ساڻ ڏيڻ لڳا ۽ آخر ۾ سڄي پنڊال ساڻس گڏ ائي ٻيهي ڳائڻ ۽ جهومڻ شروع ڪيو. راڳ ۾ جادو هوندو آهي، سو آت ڏٺوسين. سڄي محفل پـاڻ وساري مستيءَ ۾ اچي چڪي هئي. زرينہ کان پوءِ وري شهمير خان کي وارو ڏنو ويو، جنهن هيل سڄل سرمست جو رندي ڪلام ڳائي ڳڏندڙن کان جس ورتو. ان بعد شرنائيءَ تي هڪ لوڪ ڏن پيش ڪئي وئي، جا به ڳڏندڙن کي ڏاڍو وڻي. هاڻي وري زرينہ جي فرمائش ٿيڻ لڳي. هوءَ آئي ۽ اياز جي هيءَ لولي پنهنجيءَ ڏن ۾ ڳايائين:

شال دولهه ٿئين! شال دوڊو ٿئين!
شال سورهيه ٿئين، سنڌ تي سر ڏئين!
لوليون،
او ابا
لوليون! لوليون!

ان کان پوءِ نصرالله عباسي آيو، جنهن پنهنجي مڌر ۽ مٺي آواز ۾ تنوير جو مشهور غزل گهايو:

جا پٿر کي پاڻي نه ڪري، تنهن ديده تر مان ڇا حاصل،
جو سينن ۾ محدود هجي، تنهن درد جگر مان ڇا حاصل.

سندس آواز ۽ سر سي-ايڇ آتما ۽ سڳل جون سڪون لاهي رهيو هيو. پيارو غزل نهايت ئي پياري انداز ۾ پڌوسين.

حميد آخري اسم جو اعلان ڪرڻ وارو هيو تہ پنڊال مان زوردار نموني ۾ "جمال جي لوليءَ" جي فرمائش ٿي. نيٺ جمال آيو. لولي پڌايائين. سندس لولي به سنڌ جي معصوم شاهه جي مناري جيان مشهور ٿي چڪي آهي. ڪنهن جشن يا گڏجاڻيءَ ۾ جمال هجي ۽ سندس لولي نه پڌي وڃي، سا ٽيٽي ئي ڪانه آهي. يار رند پروچ آهي، سو سازن ۽ سازندن جي ڪاڻ به ڪانه ڪيڙي! ۽ پوءِ اڄ جو آخري اسم "جمالو" پيش ٿيو. شرنائي تي ڏن ڇڙي ئي مس تہ ڪي زنده دلان حيدرآباد اسٽيج تي اچي گول ٽاهي ناچ ڪرڻ لڳا. انهن جو تعداد وڌندو ويو، اسٽيج پرجي وئي ۽ آخر ۾ اڳيون ڪرسيون هٽائڻيون پيون. سڄو اڳڻ اٽي ٻيٺو ۽ لوڏ ۽ تاڙين سان "هو جمالو" ۾ شريڪ ٿي ويو. عجيب نظارو هو. خوابن جي تعبير تي مسرت ۽ شادماني جو بي مثال مظاهرو هو.

جمالو پورو ٿيو تہ حميد حاضرين جو ۽ خاص ڪري مهمانن جو ٿورو مڃيو. هو اڄ ڏاڍو خوش هو، سندس آواز خوشيءَ وچان پرجي ويو هو. حاضرين هڪ هڪ ٿي وڃڻ لڳا. مون واڇ ڏانهن نهاريو تہ ٻہ وڇي ڏهه منٽ ٿيا هيا. هيل تائين بڪ جو احساس ٿي ڪونہ ٿيو هو. رات جي مانيءَ جو انتظام حفيظ قريشيءَ پاران ڪيو ويو هيو. مانيءَ کائي هڪ ٻئي کان موڪلائي هلياسين تہ يونيورسٽيءَ جي گهڙيال ڏڻ جا ٽڪاءَ هنيان.

هال مان نڪري ٻاهر آياسين. ٻاهر مات جو ملڪ هيو. شهر ستو پيو هو. رستا خاموش هيا. جايون جهوٽا کائي رهيون هيون. هال مان نڪتل ساٿيهه جا سودائي ستل رستن تي ائين پکڙجي ويا، جڻ سڪل رڳن ۾ نئون رت ڊوڙي ويو هجي. هو سنڌڙي جا گيت جهونگارينداَ ائين ڦهلجي ويا، جيئن تنتي سرشتي ۾ ڪا بجليءَ جي لهر ڊوڙي وڃي؛— ۽ مان گهر موٽندي سوچي رهيو هوس: ڇا اهو جذبو ۽ جوش ختم

ٽي سگهي ٿو، جو صبح جو ۱۰ کان صبح جو ۳ بجي تائين اسان کان گهر گهات، يار دوست ۽ ماني ٽکي ۽ وسارائي ٿو ڇڏي. سترهن ڪلاڪ سانده ويهڻ کان پوءِ ۽ چهرن ٽي اهائي رونق ۽ اهائي تازگي. اهو ڪجهه مون رڳو جشن روح رهاڻ ٽي نه ڏٺو هو، پر هر سنڌي ثقافتي ۽ ادبي اجتماع ۾ محسوس ڪيو هو. گرمي سردي، اڄ ڪلهه، ۽ ڏکن ڏولاون کان بي نياز ٿي سرويچ سچ جي راهه تي اڳتي وڌي رهيا هياء هنن کي ڪوبه روڪي نٿو سگهي، هنن کي ڪوبه ڏهائي نٿو سگهي. صدين کان بوتل ۾ بند ٿيل جن بوتل ۾جي ٻاهر نڪري چڪو آهي، هاڻي ڪوبه جادو، ڪوبه طلسم، ڪوبه اسم اعظم هن کي وري بند نٿو ڪري سگهي!

سادي ٽين بجي جاءِ تي پڳاسين. صبح جو ڇهين بجي سکر اسٽڊ هيو. سو سمهڻ بجاءِ اهي ادائي ڪلاڪ ۾ يارن سان رهاڻ جي بلي ڪياسين. ائين ٿي ڇهه وڳا. تنوير ڪار جو هارن ڏنو. يارن کان "جاني جدايون ناهن" جي جملن سان موڪلائي سکر جو رستو ورتوسين. ڪار جيل وٽان قومي شاهراه طرف ڦري ته تنوير بريڪ هنيو. منهنجون نظرون چوديواريءَ طرف ڪڇي ويون. ٻئي هڪ وقت جهڪياسين ۽ "جيئي سنڌ، ساٿيو!" چئي، اندر وارن ساٿين کي سلام ڪيوسين. ڪار چري، اڳتي وڌي. مون کي ائين لڳو، جڏ جيل جي ٻت تي اڪيچار ڏيئا ٽمڻ ڪندا هجن،— ۽ پوءِ مون کي انهن ڏيئن جي لات مان چاٽل سڃاتل چهرا ڏهندا نظر آيا. مان چپ هوس. ڪار جيل ٽپي ڪليليءَ جي پل تي چڙهي چڪي هئي. تنوير ٻ شايد ساڳي ڳالهه سوچي رهيو هيو. رڳو اسان ۾ ٿي نه، پر سڀ، اڄ ڪلهه هڪ ٿي سوچ جي وهڪري ۾ وهي رهيا آهيون. اهو مان ان ڪري ٿو چوان جو ٽورو اڳتي هلي ٿي تنوير منهنجي سانت کي ٽوڙيندي فيض جو شعر جهونگارڻ شروع ڪيو:

ستون دار پر رکتي چلو سرون کي چراغ،
جهان تلک ٻ ستم کي سياهه رات چلي

---


اسانجي ديس جي پيشڪش

# تاج برادر لالٽين

هر لحاظ کان عمديون ۽ بي مثال

ٺاهيندڙ:

خان برادرز، ٽريڊنگ ڪمپني، ڪراچي

# راڳ رهاڻ

پيش ڪندڙ: 'روح رهاڻ' ميوزڪ سرڪل حيدرآباد

● شيخ اياز جي واڻي: سنڌ ديس جي ڌرتي، تو تي سيس نوايان.

ڏن: ميان نصرالله عباسي ۽ عنايت الله عباسي.

ڳائيندڙ: شهمير خان ۽ نديڙا نينگر مشتاق علي، محمد علي ۽ طالب حسين.

● شيخ اياز جي واڻي: سهندو ڪير ميار، او يار، سنڌڙي تي سر ڪير نہ ڏيندو.

ڏن: زرينہ بلوچ.

ڳائيندڙ: زرينہ ۽ نينگر مشتاق علي، محمد علي ۽ طالب حسين.

● فتاح ملڪ جو گيت: آءٌ ڪبوتر ساز سڏي ٿو، محفل مست بنايون يار.

ڏن: عنايت الله عباسي. ڳائيندڙ: شهمير خان.

● بانسري تي ڪنپاٽ: وڃائيندڙ: امداد علي بلوچ.

● فتاح ملڪ جو گيت: سنڌڙي جا سينگار، اڃان پي ساڳيا ڙي.

ڏن: زرينہ بلوچ. ڳائيندڙ: زرينہ بلوچ.

● پٽائي گهوٽ جي ڪافي: واڳ ڏئي تنهنجي وس.

سر: ڪوهياري. ڳائيندڙ: نواب علي بلوچ.

اياز جي وائي (ٽيبليو جي رنگ ۾): انڌو آپ انڌاري ڏرتي، ڏيئا ڏيئا ڳات اسان.

ڏن: ميان نصرالله عباسي.

ڳائيندڙ: ميان نصرالله عباسي ۽ نينگر مشتاق، محمد علي ۽ طالب حسين.

سارنگيءَ تي پاڳيسري: وڃائيندڙ: عبدالله

● نياز جو گيت: مٿور ٽو ٽلي.

ڳائيندڙ: زرينہ بلوچ.

سچل جو ڪلام: ڳائيندڙ: شهمير خان.

حيدر بخش جتوئي جو نظم: جيئي سنڌ، جيئي سنڌ.

ڏن: زرينہ بلوچ. ڳائيندڙ: زرينہ بلوچ ۽ ننڍڙا نينگر.

● شرنائي تي ڏن: وڃائيندڙ: شرناءِ تي بخشو خان ۽ دهلاري لال محمد.

شيخ اياز جي لولي: شال دولهہ ٽئين! شال دودو ٽئين!

ڏن: زرينہ بلوچ. ڳائيندڙ: زرينہ بلوچ.

● تنوير جو گيت: جا پٽرڪي پاڻي نہ ڪري، آن ديدهِ تر مان ڇا حاصل.

ڏن: نصرالله عباسي. ڳائيندڙ: نصرالله عباسي.

● جمال جي لولي: "لوليان لو بگا لوليان...."

● لوڪ گيت ۽ ناچ: هو جمالو.

وڃائيندڙ شرناءِ تي: بخشو خان ۽ لال محمد.

نچندڙ: يوسف لغاري، يوسف ٽالپر، ناصر ۽ ٻيا شاگرد ۽ اديب.

✻

سازن تي سنگت: رمضان علي (هارمونيم)، عبدالله خان (سارنگي)، غلام عباس (طبلو) بخشو خان (شرناءِ) ۽ لال محمد (دهل).

# اکيون آليون اوچو گاٺ



"پيرن ۾ ڦاڪڙا ٽيا پر، اکيون آليون اوچو گاٺ." ۽ انهي شعر جي صحيح تشريح سنڌي زبان جي هرهڪ گهٽگهري ۽ ٻولي جي هرهڪ سرويچ کي جشن روح رهاڻ اندر ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

جشن روح رهاڻ جيڪو هر مشاعري، هر مذاکري کان وڌيڪ هڪ تحريڪ آهي. ان جو انتظار پورو سال جنهن ريت رهندو آهي، ان جو اندازو انهن دوستن ۽ سڀاجهڙن کي هوندو، جيڪي اپريل مهيني اچڻ جي آس ۾ مارچ کان پوءِ اهو پڇڻ شروع ڪندا آهن ته خبر ناهي هن پيري حميد ڇو خاموشي اختيار ڪئي آهي. اڃا تائين ته جشن جي تاريخ جو اعلان نه ڪيو اٿس، ۽ جڏهن جشن جي تاريخ جو اعلان ٿي ويندو آهي، تڏهن مقرر تاريخ تي سڀ دوست هي "سڏ" پرڻ لاءِ اچي حاضر ٿيندا آهن ۽ انهن مان ڪير به اهو روايتي احساس نه ڪندو آهي، "حميد وساري چڏيو. چڏيس ڪٿين. دعوت به ڪونه ڏني اٿس ته چو وڃون."

هن پيري جشن روح رهاڻ جنهن وقت ٿي رهيو هو، ان ۾ اڄ کان ۵ سال اڳ جي حالتن ۾ زمين آسمان جو فرق هو. اهو جشن روح رهاڻ ڏي هو، جنهن



"جيئي سنڌ" جي نعره لاءِ ميدان هموار ڪيو ۽ اڄ اهو نعره سنڌي قوم جي تقدير بنجي چڪو آهي. هڪ اهم سوال ٿي پوري قوم جي اڳيان اچي بيٺو آهي.

صبح جو بسنت هال جي چاڙهي چڙهندي، الاجي ڇو پاڻ کي ٽڪل ٿي محسوس ڪيم. احساس اهوئي هو ته جشن ۾ هن ڀري بہ اها ساڳي پين روايتي ادبي اجلاسن واري سٽا هوندي ۽ هروپرو کو نام ڪٽيو اديب ۽ تاجي ٿي فاعلاتن فاعلاتن قسم جو شاعر صدارت جي ٦ فوٽ ڊگهي ڪرسي تي هوندو، پر جڏهن هال ۾ اندر پهتس ته افسانن جي نشست شروع ٿي ۽ صدارت ڪري رهيو هو .... ... خير نالو ڪونہ ٿو وٺان ـ ڇو ته متان کي، وڏا اديب انهيءَ خيال کان نہ پاڻ کي ماري وجهن ته هاڻي انهن صدارتن جا پيا حقدار بہ پهچي ويا آهن. ها سائين، سو صدارت ٿي ڪئي علي بابا صدارت نوجوان افسانہ نگار علي بابا ڪري يا پيو ڪير، پر هڪ نئين روايت ضرور هئي. افسانن جي نشست انتهائي ڪامياب ٿي ته مذاڪري جي نشست جو اعلان ڪيو ويو. صدارت وري بہ نئين دوست ابن حيات پنهور جي پاڻ ۾ لکيل هئي، سو چشمي کي ٺيڪ ڪندو اڇي ڪرسي تي ويٺو.

مون اهي نظارا بہ اکين سان ڏٺا آهن ته چڱا چڱا استاد شاعر مشاعرن ۾ رڳو انڪري نہ پڙهندا آهن، سندن چوڻ موجب صدارت واري ڪرسي جو صاحب ڪانئن گهٽ علم رکي ٿو. پر هتي ته اهو جذبو بہ ڪونہ هو، مولانا گرامي، رسول بخش پليجو، حفيظ قريشي ۽ پين اديبن دل کولي ڳالهايو ۽ فن خطابت جو حق ادا ڪري ڇڏيو. خير، تيارين شروع ٿيون مشاعري جـون. شاعرن نالا لکرائڻ شروع ڪيا ۽ ڏسندي ڏسندي لسٽ ۾ ٥٠ کان بہ وڌيڪ نالا لکجي ويا.

اها خدمت منهنجي ذمہ هئي ته شعراءِ ڪرام جي لسٽ ٺاهي. ڏيان سو جڏهن نالن جي فهرست جو اعلان ڪيم ته مولانا گرامي کلندي چيو ته، "پوء ته ڏينهن ٿي ويندو." ۽ مون کين عرض ڪيو ته "سائين، لاڪيٽي لطيف جي ميلي جي موقعي تي



ٽيندڙ سرڪاري ادبي ڪانفرنس ۾ شاعر اچن ۴ ۽ جشن ۾ اچن ۵۰، هاڻي ڪٿن ٿا چئو ته اڄا لکندڙن ۾ صحيح جذبو پيدا نه ٿيو آهي." ڳالهه ڪل پوڳ ۾ اڏي وئي ٿي ويئي. مشاعرو ٿيو، ڪجهه عشق جون ڳالهيون، ڪجهه تارن سان رهاڻ پر دوست چانڊئي نوجوان شاعر استيج تي اچي "للڪار سنڌي" نظم پيش ڪيو. جنهن کان پوء مشاعري هڪدم رخ تبديل ڪيو ۽ پوء ته بس آلا هئا، اڌ ما هئا ۽ جوشيلا جذبا هئا، جيڪي شاعر جي ڪلام مان نڪري رهيا هئا.

مشاعري ۾ ڪهڙو شاعر هو، جنهن دل کولي نه پڙهيو. ۱۲ ٽيا ۽ مشاعري ختم ٿيڻ جي گهڙي اچي پهتي. شيخ ايار ۽ فتاح (صدر مجلس) جي ڪلام بعد راڳ جي نشست شروع ٿي. مهمان خصوصي جي تلاش ڪئي وئي ته ڪٿو حفيظ قريشيء جي نالي نڪتو. راڳ جي رهاڻ ۾ محترمه زرينه بلوچ جي پرخلوص جذبن کي نه ساراهڻ ۾ وڏي احسان فراموشي ٿيندي.

'جيئي سنڌ، جيئي سنڌ' جو نعرو نه هو، پر صدا هئي، جنهن کي سيني گڏجي لبيڪ چيو. عنايت الله عباسي، شهمير خان ۽ سندس پارٽن "ڏيئا ڏيئا گيان اسان" کي جنهن انداز ۾ پيش ڪيو، ان جو تاثر به ڪيترا سال ذهن ۾ رهندو. نيٺ "هو جمالو" بعد جشن ختم ٿيو.

سچ ته هي جشن جنهن کي ترتيب ڏيڻ ۾ اڪيلو منهنجو پاڻ حميد ذمه دار نه آهي، ان ۾ وڏو هٿ منهنجي خيال ۾ جي آهي ته اهڙين هستين جو به آهي جي ظاهر نه ٿيندي سپ ڪجهه ڪن ٿيون ۽ انهن ۾ محترم عبدالله چنا، بيگم زينت عبدالله چنا (جيجي)، مولانا گرامي، ڏيپلائي، شيخ علي محمد، ابراهيم جويو، غلام مصطفيٰ قاسمي، حفيظ قريشي، غلام علي الانا ۽ ٻين جا نالا سرفهرست اچن ٿا. هن تقريب ۾ نٽهڻ اس هجي يا رات جا ۲ هجن، پر اهي سائين موجود! ۽ اهو جذبو جنهن قوم جي بزرگن ۾ هجي، ان جي نوجوانن ۾ وڏيون اميدون ڪري سگهن ٿيون. خدا شال اسان کي اڳتي وڌي ڪم ڪرڻ جي همت ڏئي. جيئي سنڌ!

# هڪ خط

مٺڙا پاڻ،

مان اردو پڙهان ٿي، اردو لکان ٿي، اردو ڳالهان ٿي، پر.... اوهين حيران ٿيندؤ ته آخر هيءَ مهاجر چوڪريءَ مونکي سنڌيءَ خط ڇو لکي رهي. پر مون اڃا جملو پورو ڪٿي ڪيو آهي، پر..... مان سنڌي آهيان! مان بلوچ آهيان! اوهانکي وري حيرت ٿيندي، پر حيرت مان ڇا ورندو، ڇو ته جو ڪجهه مون بيان ڪيو آهي، سو حقيقت آهي ۽ حقيقت، حقيقت ئي هوندي آهي، پر تلخ ٻه.

ڪهڙو نه ڏک جو مقام آهي ته مان پنهنجي ٻولي کي چڏي، هڪ ٻاهران آيل زبان چمڙايو پئي هلان. پر انهيءَ ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه. نندپڻ ۾ انگلش ٽيچنگ اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو، جتي انگلش سان گڏ ٿوري گهڻي اردو پڙهائي وئي. ڇهين ڪان گورنمينٽ اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو، جتي اردو ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ اڄ ٽائين حاصل ڪري رهي آهيان، ۽ نه صرف مان، بلڪ منهنجا پنج ٻيا ڀاءُ ڀينُ ٻه اردو پڙهي رهيا آهن. اردو لکن ٿا، اردو ڳالهائين ٿا، ۽ آئنده به پڙهندا رهندا. ان ۾ اسان جو پلا ڪهڙو ڏوهه. جنهن وقت مونکي اسڪول پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو، ان وقت مان هڪ معصوم ٻارڙي هيس. پلا اوهين پاڻ ٻڌايو ته هڪ چار سال جي ٻار کي ڪهڙي سمجهه ڪهڙو شعور. ٻوءِ ته قصور سنئون سڏو ماءُ پيءُ تي اچي ٿو. پر منهنجي پيءُ جو ڏوهه ٻه ته نه هو. ڇو جو هو نندپڻ ڪان ڪراچي ۾ پليو. اردو ڳالهائيندو هو، ڇو ته ماءُ سنڌي نه پر ڪشميري هئي. جيڪا اردو ڳالهائيندي هئي. پاڻ تعليم ٻه اردو ۾ حاصل ڪيئين. پيءُ کي (منهنجو ڏاڏو) هروچڪي ايندي هئي، پر ٻارن کي سنڌي ٻه نه ايندي هئي. حالات جي خرابي سبب تعليم اڌ ۾ چڏي ملٽري ۾ هليو ويو ۽ زياده تر انڊيا سائڊ رهيو ۽ سنڌي نه سکي سگهيو. جڏهن بابا شادي ڪئي ته امڙ ويچاري ڇا ڪري، سس ۽ مڙس اردو ڳالهائيندا هئا، پاڻ کي اردو نه ايندي هئي، پر سکڻ جو شوق هو، ۽ مڙسس (منهنجو پيءُ) کي سنڌي نه ايندي هئي. لحاظ انهيءَ کي سنڌي سکڻ جو شوق هو ۽ ٻيو ته جنهن ڪاڻي ۾ بابا نوڪري ڪندو هو، اني سڀ سنڌي هيا ۽ حيرت ڪائيندا هئا ته بلوچ ماڻهو کي سنڌي ڳالهائڻ ڏاڍي اچي. لحاظ بابا اما سان سنڌي ڳالهائڻ لڳو ۽ اما اردو ڳالهائڻ لڳي، پر صرف سس ۽ ٻارن سان. پر ڏوهه انهن جو ٻه ناهي. انهن کي پنهنجي ٻارن جو مستقبل عزيز هو ۽ ائين ٻه سنڌي اسڪولن جي حالت ناگفته به هئي ۽ آهي. اخلاقي لحاظ سان ٻه ۽ تعليمي لحاظ سان ٻه، ۽ انهن کي پنهنجي ٻارن جو اخلاق خراب ڪرائڻ ۽ پڙهائي

کي قومي نغمہ گهاڙڻ تي ملڪڻ ترنر جو خطاب ملي سگهي ٿو. تہ اسين ب "جيئي سنڌ" گهاڙڻ تي زرينہ کي ملڪڻ ترنر سنڌ جو خطاب ڏيون ٿا. جيتوڻيڪ اهي آهن صرف الفاظ پر مان ان کان زياده پنهنجي احساسات جي وضاحت نٿي ڪري سگهان. رسالو جاري ڪيو وڃي.

اڄ صبح بابا ڪراچي کان آيو آهي ۽ مان هيءَ ستون وڌائي رهي آهيان. بابا مون لائي هڪ "سهڻي" پبليڪيشنس جي "دل ۾ درد هزار" ۽ هڪ "روح رهاڻ" اپريل ۱۹۶۸ع جو شمارو وٺي آيو هو. سهڻي تہ خير منهنجو پڙهيل هو. البتہ روح رهاڻ" ۽ ان جو ٽائيٽل ڏسي روح خوش ٿي ويو. ٽائيٽل جي ايار جي نظر "مان توکي گيت ڏيان اي ڏرتي تون مون تي زنجير وجهين" جا چار مصرعہ درج هيا. مور جي سائي ڪنب جي قلم کي هڪ انساني هٿ پنهنجي رت ۾ ٻوڙي "گيت، اڃايل مورن لائي" لکي رهيو آهي. اي ڪاش! انهي جي محنت رائيگان نہ وڃي. انهي جي پاڪيزه ۽ اعليٰ خيالن کي تعبير ملي. اي ڪاش! ..... نہ ..... نہ ..... اسان کي ناميد نہ ٿيڻ گهرجي. اسين انهن اعليٰ ۽ پاڪيزه انقلابي خيالن جي تعبير ضرور ڏسينداسين، ان جي محنت رائيگان نہ ويندي. مور گاڏي جو ٻيو ڦيٿو هلڻ جي قابل ٿي ويو آهي. ۽ جنهن ڏينهن اهو ڦيٿو پهرين ڦيٿي وانگي اڳڙي اي روانو سان هلڻ لڳو اُن ڏينهن اهو پٽرائون رستو پار ڪرڻ سڻاؤ ٿي ويندو.

آخر ۾ مان پنهنجي مخالفن لائي ب ڪجهہ چوڻ ٿي چاهيان، انهن لائي صرف ايترو عرض آهي- تہ:

ملڪ مڙوئي منصور کهي ڪندين ڪيترا

تمامتر نيڪ تمناؤن سان اوهانجي ٻيڻ
سحر بلوچ- حيدرآباد سنڌ

---

## "روح رهاڻ جي طرفان هڪ ٻيو مجموعو

# رت آئي گاڙهن ٻيرن جي

## شيخ ايار جو قلم

روح رهاڻ جي جولاءِ جي پرچي جا صفحا
اوهان لاءِ صرف اوهان لاءِ
جولاءِ جي پرچي لاءِ اڳواٽ ئي چڏيو.

# پيغام تن پرين جا

ڪر ڪنيو ڪانگ لٽي، منيءَ تي مضبوط،
آڻيو ڏي آٽن ۾ سينها ٽابوت
ڪانگل آڻون قوت، پيغام تن پرين جا. (لطيف)

○ جشن ٿيو. آءٌ آيس. ڏٺم. ٻڌم. موتي آيس- چا ڪٽي. جشن هلندي ته، ائين ٿئي لڳو، جڏ واڄ آ، ها روح جا صدين کان بند دروازا ٽڙاٽڙ کوليندي پئي وڃي. ڪو وڏ-ڦڙو آ جو ڪڙڪات ڪندو دل تي ايامن کان چڙهيل ڪٽ ڪورينڊو، ميسارينڊو پيو وڃي. ڪا ماٺهوءَ ٻوڙ ڇولي آ جا ڏوڪيندي ٽي اچي، لوڙهيندي ٽي اچي. ۽ هر نعرو اندر جي آسمان تي ڪنوڻ ٽئي لڳو.

پر هاڻي جڏهن آءٌ موتي آيو آهيان ته سوچيان ٿو، انهيءَ ڏوڪيندڙ لوڙهيندڙ ڇوليءَ جو ڪنارو ڪهڙو آ. نهروءَ ڪٽي لکيو آهي ته هڪ قوم جي ناڪاميءَ جو ڪارڻ اڪثر اهو هوندو آهي ته اُن پاڻ کان صحيح سوال نه پڇيا. ها، ادا، آءٌ پڇان ٿو، اِها ڏوڪيندڙ ڇولي، جا ڏسڻ ۾ ماٺهوءَ ٻوڙ ٽي اچي، سا ڪنهنکي ٻوڙيندي؟ چا چا لوڙهنيدي؟ ڪٽي ڪپر ڪندي؟ ڪهڙو ڪپر ڪندي؟

پر هڪ حيرت جهڙي ڳالهه. هن ڇوليءَ ۾ اهو زور، اها آڇل، اهو ڇوهه ڪٽان اچي ويو؟ ڪيئن اچي ويو؟ تو، مان ۽ اسان جهڙا ٻيا، جي پاڻ کي پنهنجيءَ پر سنڌ جي سوچ جو اسين سمجهندا آهيون، سي بہ ڇوليءَ جو اهڙو ڇوهه ڏسي هيسجي ويا هئاسون. هائو، ادا، اسان هيسجي ويا هئاسون، جو جيڏيءَ مهل ڇوليءَ پهريون آڇلون ڏنيون هيون، اوڏيءَ مهل مون اکينءَ قطار ۾ ڪيترين ٽي اکين جي جوت تي پاڇا ورندي ورندي ڏٺا هئا، ۽ اسان منجهان ڪو بہ نه هو، جنهن نعري جي موت ڏني هجي. چا اسان اهڙا ويل آهيون جو جرئت آڌاري وٺڻ کان بہ ٿهون ٿا؟

پر، ادا، تون ۽ آءٌ جرئت آڌاري وٺون نه وٺون، جي هن ڇوليءَ جو ڇوهه سچو ۽ ڪنارو ڏنل آهي ته اِها گهٽو ڪجهه ٻوڙيندي، گهٽو ڪجهه لوڙهيندي....

— سليم احمد، لاڪاڻو سنڌ

⊙ جشن روح رهاڻ، سجاڳيءَ جو جشن هئو- اسانجي سنڌي قوم جي ننڊ اکڙي اک جي ڪلڻ جو نشان — جتي، راتيون جاڳن جي، سي آءٌ ڪندي سيڻ وارو رنگ هئو— شال تون، اسان، ۽ ٻيا سڀ، گڏجي، سنڌ کي سرهو ڪريون.

— تنوير عباسي خيرپور ميرس سنڌ

⊙ وري هن سال بہ ساڳيون ويرون ۽ ساڳيو مهراڻ هو. سڙه سنوان ڪيو مهراڻ جا مانجهي سير سامهون بي ڏڙڪ آزاديءَ جا نعرا هڻندا ۽ جهربون جهاڳيندا

پنهنجي منزل جي طرف وڌندا پئي ويا. ائين معلوم پيو ٿئي ته حقيقي جشن ۽ روح رهاڻ بنهه ويجهو اچي پيا آهن.

ادا هنن کوششن ۾ هاڻ تون اڪيلو نه آهين. هن سال سڀ سائي شهرن جا، گوٺن جا ۽ اسانجو مستقبل اسانجا شاگرد به توسان پانهه پيلي هٿا. سائي توجا چٽنگ پاري آهي سا پنيٽ بڏجي چڪي آهي.

— حيدر علي ٽالپر حيدرآباد.

⊙ جشن کان هيل ڏاڍو متاثر ۽ پر اميد ٿيا آهيون. چاهيان ٿو ته سڄي جشن جي رپورٽ (اکين ڏٺو احوال) جيئين سڄل جي ميلي جو "جيئي سنڌ" بي عنوان سان لکيو هوم، لکان.

— رشيد پٽي سکر سنڌ

⊙ سالياڻو جشن روح رهاڻ. نهايت ڪامياب ويو، جنهن لاءِ آڻون ۽ منهنجو پاءُ عنايت الله عباسي، ۽ پيا دوست اوهان کي، ۽ اوهانجي ڪارڪنن کي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا. جيتوڻيڪ آرڪسترا نهايت مختصر هئي، جنهنڪري اسانجي محنت پوري طرح عيان نه ٿي سگهي. تنهن هوندي به جيڪا مختصر محنت ڪئي وئي اها اميد ته پسند پئي هوندي. انشاء الله تعالي آئنده هرڪو پروگرام نئين رنگ ۾ پيش ڪبو رهبو، جيئن عوام جي اڳيان نوجوان شاعرن جي خيالن کي جديد سُڻن جي لباس ۾ جيڙي جاڳندي تصوير جي صورت ۾ پيش ڪري انهن جي جذبات جي ترجماني ڪجي.

— نصرالله عباسي حيدرآباد سنڌ

⊙ جشن جي موقعي تي مان ڇا ڇا چوان، بس مون وٽ هيءُ اکر آهن.

جن رت ڏنو تن مان لڏو، جن ساهه ڏنو سي سرها ٿيا،
جن ڪرڻن هيڻان ڪنڌ ڏنو، تن جو لايو سجايو ٿيو.

— غياث جوٽيجو ڪراچي.

⊙ دادو مان آسين هيل گهٽائي ڪري گڏجي آيا هٿاسين منهنجا سائي هيا: مٺا خان مري، سعيد سنڌي، نظام صحرائي، قربان علي قريشي، مسٽر روشن ملڪاڻي، پان سيدآباد کان مسٽر غلام حسين ميمڻ جنهن جو مون اوهان سان تعارف به ڪرايو هٿو. جشن روح رهاڻ جي ڪاميابي جون دلي مبارڪون ڪندا.

— شوڪت سنڌي دادو سنڌ

⊙ سڀ کان اول جشن جي ڪاميابيءَ جون لک لک وڌايون. توهان جي چوڻ تي لکڻيون (جشن ۾ پڙهيل) روبرو ڏيڻي نه سگهيس ۽ هاڻي پوسٽ ڪري رهيو آهيان.

— حسن تنوير سجاول سنڌ.

———

⊙ شال توهان جو اهو جذبو سندَ لاءِ هٹي هندَ ڪري. ياءِ آءٌ چشمي وجائڻ سبب ڪجهه پڙهي ڪو نه سگهيس شايد ائين ٿيڻو هو! خير آهو دکيءَ دل جو آواز موڪلي رهيو آهيان.

بلبل تنهنجو باغ ڪانيرن ڪنو ڪيو
دڻن ايڏي درد جو توکي ڏنو داغ
سگهو ڳول سراغ ته ڪيون ڪانيرن کي

ـــ مسڪين ملاکاتياري، ملاکاتيار سندَ.

⊙ ادا! خدا جي فضل سان ماهه اپريل ۾ ٽيل "جشن روح رهاڻ" ۾ شريڪ ٿيڻ جو موقعو مليو. حفيظ قريشي صاحب جا گرافيءَ ۽ تاريخ جي وچ ۾ جنگ چيڙي چڏي. انهي کان سواءِ زرينه بلوچ، عباسي صاحب ۽ سندن پارٽي ته هيڪر ئي موسيقي جي محفل کي بهار بخشي. اها بيحد خوشي جي گهالهه آهي ته مشاعري جي محفل ۾ شعراءِ ڪرام وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ۽ پنهنجي لاجواب اشعار سان محفل کي نوازيو.

ـــ محمد حافظ منگريو، کاروڙو سندَ.

⊙ عرض ته توهان جي جشن روح رهاڻ ۾ شرڪت ڪئي سون توهان جي انتظام ۽ ماڻهن جي جوش مان ايترو ظاهر آهي ته اسين هينئر گهڻو ڪجهه آهيون ۽ ڪري سگهون ٿا. مولانا غلام محمد گرامي ۽ محترم حفيظ قريشي جون تقريرون نهايت شاندار هيون. مشاعري جو دور ڏاڍو پسند آيو، سين شاعرن پنهنجو پاڻ ملهايو، خاص ڪري دوست چانڊيي جو نظم "ڪرئي ملڪ و ملت ٿو للڪار سندي" سين کان وڌيڪ پسند آيو، جنهن ۾ وڏيرن کي چگي تنبيهه ڪئي هئائين، ڪيس منهنجي طرفان دلي مبارڪون ڏيندا ۽ ڪيس همٿائيندا جيئن اڳتي به پنهنجي سهاجهي سندَ جا نظم لکي.

ـــ نذير احمد بلوچ

⊙ جشن روح رهاڻ جي ڪاميابي تي دلي مبارڪباد پيش ڪيان ٿو. جشن روح رهاڻ جي جڏهن نينڊ مليم تڏهن رڙهي اچي پائرن پيڙو ٽيس. محفل ۾ سوين سوري جي سيج سنواريندڙ ڏسي ائين محسوس ٿيو ته اڄان ڪي آهن ڪلچڳ ۾ ڪاپڙي. راه ۾ لٽيل ڪاروان جا راهي جنم پون پٽڪي اچي منزل جي قريب پهتا آهن. ادا جس هجي توکي جر طرفان ۾ لات ڌاري ائي. جوگي جيان جوءِ مان نڪري سچ جهونگاري سهاجهڙن سندين کي منزل جو نشان ڏيائي رهيو آهين. ادا تو اسان کي اهو احساس ڏياريو آهي ته اسان آتم آهيون. اسان کي پنهنجو ديس، پنهنجي زبان آهي. پنهنجي ثقافت، پنهنجي تهذيب آهي اڄ به جيڪڏهن اسان اتحاد جي ڌاڳي ۾ پوئجي همت ڪري اڳيان وڌون ته ڏونگر ڏاري سگهون ٿا پوري دنيا ۾ پنهنجي عظمت مجرائي سگهون ٿا اسان کي ڪير مٽائي نه ٿو سگهي. اسان آدجڳاد کان آهيون. باقي سوين هميشه سر گهرن. سچائي جي صليب تي مصلوب ٿيڻ ته عشق جو ازل

Regd No. S. 2400 MONTHLY May-June 1968

# "ROOH-REHAN"

HYDERABAD SIND

مقدر آهي. ادا ڪو به سپاجهو سنڌي تنهنجي انهي جذبي جوانمردي کي واکائڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي مون کي خبر آهي ته ماءُ جو حق ادا ڪرڻ هر ڇڙي جو فرض آهي ماءُ جي سهاڳ بچائڻ خاطر سر وڃي ته به پرواه نه آهي. پر جهڙي طرح تو ۽ سائين اياز ادا ڪيو آهي، اهو سنهري حرفن ۾ لکيو ويندو، پلي اهي مائرون مرڪن جن سنڌ کي تو ۽ اياز ڏنو باقي ويچارين ته اوجاگائي اڃايا ڪيا. توهان نئين نسل کي بيدار ڪري سنڌ ۽ سنڌين تي احسان ڪيو آهي. آخر ۾ آگي اگيان اهو نمائو عرض آهي ته شل سنڌڙي جا ڪيت رسن ۽ سنڌڙي جو سهاڳ تاقيامت قائم رهي. "جئي سنڌ" — لياقت ٽنڈو محمد خان سنڌ.

⊙ "روح رهاڻ" جو جشن آپريل ۾ ٿي رهيو آهي، اِهو "روح رهاڻ" جي تازي پرچي ۾ پڙهي بيحد خوشي ٿي. شل اِهو جشن ڪامياب وڃي ۽ سنڌي سپاجهن کي پنهنجي منڙيءَ هوليءَ جا ٿورا لاهڻ لاءِ آماده ڪري منڙي سنڌڙي کي منهنجا سلام ڏجو. — واسديو ترمل بمبئي (انڊيا)

⊙ جشن- روح رهاڻ جي ڪاميابي لاءِ دلي مبارڪون قبول ڪندا. هن سال هن جشن ۾ شرڪت نه ڪري سگهڻ جو سخت ڏک اٿم. سائيڪل جي لاءِ جدوجهد ڪندڙ پائڊيئرن جي قافلي سان حيدرآباد ۾ گڏجڻ ۽ پاڻ ۾ ويهي ڏک سک اورڻ ڪجهه پڌڻ ۽ ڪجهه ٻڌائڻ جو ارمان دل ئي دل ۾ رهجي ويو جو عين وقت تي طبيعت ٺيڪ نه ٿي ٻيئي. حياتيءَ وفا ڪئي ته وري ٻئي موقعي تي شرڪت ڪجي. جشن-روح رهاڻ جي ڪاميابي لاءِ دلي دعائون. روح رهاڻ جو ساليانو جشن ناڪامياب ٿي ڏي نه سگهندو ڇو ته روح رهاڻ ته سنڌ جو روح آهي ۽ سرويچ سائي ان جا سرواڻ آهن. خدا ڪري ته روح رهاڻ جو چمڪندڙ سج نت نئين روشني سان چمڪندو رهي ۽ سنڌ سائيڪل جي ڪنڊ ڪڙڇ کي ڪشمور کان ڪيٽي بندر تائين نئين روشني سان منور ڪندو رهي ۽ روح رهاڻ جي سائين جو هي قافلو منزل تي پهچي ۽ مرادون ماڻي!

اونده وڻي اجيالا جاڳيا،
جيئرا جا متوالا جاڳيا،
ڏرتيءَ جا رکوالا جاڳيا،
ڏهن نئون ٽيو آ بيدار،
جاڳيا ويڙهن ۽ ولهار.

— عبدالڪريم گدائي

Edited & published by Hameed Sindhi from office of the Monthly 'Rooh-Rehan,' Mukhi Garden, Hyderabad.
Printed by Muti-ur-Rahman Siddiqui at Indus Printers, Risala Road, Society, Hyd.

Regd No. S. 2400 MONTHLY May-June 1968

# "ROOH-REHAN"

HYDERABAD SIND

مقدر آهي. ادا کوبہ سپاجهو سنڌي تنهنجي انهي جذبہ جوانمردي کي واکائڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي مون کي خبر آهي تہ ماءُ جو حق ادا کرڻ هر پڇڙي جو فرض آهي ماءُ جي سهاڳ بچائڻ خاطر سر وڃي تہ بہ پرواه نہ آهي. پر جهڙي طرح تو ۽ ساٿين اياز ادا کيو آهي، اهو سنهري حرفن ۾ لکيو ويندو، پلي اهي مائرون مرکن جن سنڌ کي تو ۽ اياز ڏنو باقي ويچارين تہ اوجاگائي انجايا کيا. توهان نئين نسل کي بيدار کري سنڌ ۽ سنڌين تي احسان کيو آهي. آخر ۾ آگي اکيان اهو نمائو عرض آهي تہ شل سنڌڙي جا کيت وسن ۽ سنڌڙي جو سهاڳ تاقيامت قائم رهي. "جئي سنڌ"

— لياقت تنيو محمد خان سنڌ.

⊙ "روح رهاڻ" جو جشن اپريل ۾ ٿي رهيو آهي، اهو "روح رهاڻ" جي تازي پرچي ۾ پڙهي بيحد خوشي ٿي. شل اهو جشن کامياب وڃي ۽ سنڌي سپاجهن کي پنهنجي مٽيءَ هوليءَ جا ٿورا لاهڻ لاءِ آماده کري مٽي سنڌڙي کي منهنجا سلام ڏجو.

— واسديو ترمل بمبئي (انديا)

⊙ جشن- روح رهاڻ جي کاميابي لاءِ دلي مبارکون قبول کندا. هن سال هن جشن ۾ شرکت نہ کري سگهڻ جو سخت ڏک اٿم- ساٿيهہ جي لاءِ جدوجهد کندڙ پاڻڌيئڙن جي قافلي سان حيدرآباد ۾ گڏجڻ ۽ پاڻ ۾ ويهي ڏک سک اوڙڻ کجهہ پڌڻ ۽ کجهہ پڌائڻ جو ارمان دل ٿي دل ۾ رهجي ويو جو عين وقت تي طبيعت ٺيک نہ ٿي پيئي. حياتيءَ وفا کئي تہ وري پئي موقعي تي شرکت کجي.

جشن-روح رهاڻ جي کاميابي لاءِ دلي دعائون. روح رهاڻ جو سالياڻو جشن ناکاميابي ٿي ڏي نہ سگهندو ڇو تہ روح رهاڻ تہ سنڌ جو روح آهي ۽ سرويچ ساٿي ان جا سرواڻ آهن. خدا کري تہ روح رهاڻ جو چمکندڙ سج نت نئين روشني سان چمکندو رهي ۽ سنڌ ساٿيهہ جي کنڊ کڙڇ کي کشمور کان کيٽي بندر تائين نئين روشني سان منور کندو رهي ۽ روح رهاڻ جي ساٿين جو هي قافلہ منزل تي پهچي ۽ مرادون ماڻي!

اونده وئي اجيالا جاگيا،
جيميل جا متوالا جاگيا،
ڏرتيءَ جا رکوالا جاگيا،
ڏهن نئون ٽيو آ بيدار،
جاگيا ويڙهيون ۽ ولهار.

— عبدالڪريم گدائي

ڊيجي لبريري جي
عبدالمجيد
بلوچ

Edited & published by Hameed Sindhi from office of the Monthly 'Rooh-Rehan,' Mukhi Garden, Hyderabad.
Printed by Muti-ur-Rahman Siddiqui at Indus Printers, Risala Road, Society, Hyd.

# روح راہاٹ

جولائی ۱۹۶۸

قیمت:
پنجہتر پیسا

مے مجسمہ

"زندگي پبليڪيشنس" جو
ترجمان

# روح رهاڻ

جلد:٧] جولائي ١٩٦٨ [پرچو:٤

○

ايڊيٽر (اعزازي): حميد سنڌي

○

سرڪيوليشن مئنيجر: ليلا رام خانواڻي

⊙

قيمت: پنجهتر پئسا

سالياڻو: نئو رپيا

○

ايڊريس:
ماهوار 'روح رهاڻ'،
گاڏي کاتو
پوسٽ باڪس نمبر ٢١٦
حيدرآباد سنڌ.

○

رهاڻ: ايڊيٽر

شعر:
اياز، قمر، ضيا، گرد، اديب، گدائي، اداسي، شهيد، اڪرم، مسڪين، عابد، حسن، بيوس، سوز، قلب.

ناول: (سلسليوار)
موهن جو دڙو: علي بابا

ڪهاڻيون:
پوياڙيءَ جي پچار: عبدالحق عالماڻي
هورو: عبدالقادر جوٽيجو
نوان نغما، ٽٽل تار: تارا ميرچنداڻي
ڪوڙهن جي ريکا: نسيم ٽيپو

تڪيون مٿيون ڳالهڙيون:
پڙهندڙن جا خط

سرورق:
'هڪ مجسمو'
بلاڪ ماهوار 'طلوع' ڪراچي
جي ٽورن سان.

# رهاڻ

چوندا آهن ته شل نه سوچ، پوءِ ڪٽجي، پوءِ دائمي فڪر ڪنهن جو گهر نه ڏسي ونڻ، بنهه چريو ڪري ماريندس.

اسين به گهڻو ئي سياڻا ٿيو پيا هلون، ڏڪ ته اِها ئي آهي، پر جيڪو هنيانءُ ڪاڏو پيو آهي، دماغ جا پڙدا خشڪ لڳا پيا آهن، زبان تي پيڙيون چمبون پيون آهن، اُن کي ڪيترو لڪايون. سوچ، ڪٽجي، فڪر هميشه لاءِ اسان جو گهر ڏسي ڇڏيو آهي. ڪهڙي گهالهه آهي جا اسان جي لاءِ اطمينان بخش آهي ۽ ڏاڍا سهڻا تصور پڻي بخشي. اسان جي حالت اُنهي ڏڳي مثل آهي، جيڪو پاڇاري ۾ وهي اچي ته وريو اچي گهاٽي ۾ هٽنس. اسين به سڄو ڏينهن ڳرون پيٽ جي هڃ هڃان ۾ جيڪا بنهه ڇڻ پٽ ناڻين پهتل آهي ۽ شام جو سوچڻ جا انبار، پوءِ سائين ڪٽجي ۽ فڪر. صبح ته ڇڻ ڏئي ڏي ڪونه. صبح به اسان لاءِ آهائي ڪاري ڪات آهي.

اسين اُهي فرد آهيون، جن جي روزگار جي پڪ نه آهي. اڄ مانيءَ پور ملیو آهي، سڀان ملندو الائي نه. اسين اُهي فرد آهيون، جن جي ڪڇ جي طاقت ڪسيل آهي. اسين اُهي فرد آهيون، جن جي زبان ڪپيل آهي ۽ اها گونگي ٻولي ڪير سمجهي ئي نٿو. اسين اُهو آدم آهيون، جنهن جو اولاد غمن ۽ فڪرن جو ماريل آهي. اسين اُهي انسان آهيون، جنهن جو مال متاع، ڇڇا ٻار ٻين جي حوالي آهن، جيڻن ٻين کي وڻي، تيڻن اُنهن سان ڪن. اسين بي گهر، بيسر، چورا ڇنا، ليڙون ٿيل حالتن ۾ ڦٽڪندڙ هڪ قوم آهيون، جنهن جو نه ڏڻي نه سائين.

اسان جا وڏا جيڪي ڪري ويا، اُن جو نتيجو اسان پوڳيون ويٺا. اسان جا ٻار به شايد گهڻو ڪجهه پوڳين ڇاڪاڻ ته اسان به ته انهن لاءِ ڪجهه ڪونه ڪري سگهيا آهيون. اسان واري نسل تي به اڃا اُهي پير ۽ رئيس پيا راڄ ڪن، جن جو تخت اُٻتو ڪرڻ هن ماريل قوم جي وس جي گهالهه نه آهي.

اُنهن پيرن ۽ مرشدن ملڪ لٽيو ۽ هاڻي اُنهيءَ لٽ ۾ پيا به پائيوار ڪيا اٿن. اسين ڪنهن کي روڪي ڪنهن کي روڪيون، اسين ته اشارا ڪري، ڪوڪون ڪري، نڙيون وڃائي ويٺا آهيون. نهاريون جو ٿا ڪٽي ته سائين، گهر ڪونهي، زمين ڪونهي، مزوري ڪونهي، نوڪريون ڪونهن، ٻولي ڪونهي، رسمون رواج ڪونهن، آن ڪونهي، پاڻي ڪونهي، تقدير ڪانهي، تدبير ڪانهي، شايد اسان جو خدا به ڪونهي.

سائين ڪيڏ ڪٽي ته اِجهو، فلاڻو زمينن جي ڪس لاءِ لڪيل پمفليٽ ضبط، فلاڻو شعر جو ڪتاب ضبط، فلاڻو ادبي رسالو ڏمڪي هيٺ، فلاڻي اخبار خطري ۾. ضبط

تہ سپ ڪجھ اڳيئي ٽيل آهي، پر هينئر جڏهن سڄي دنيا ۾ انڊ ۽ ناانصافي ٽئي پئي، پر آها به ڪنهن نموني سان ۽ ڪنهن جڙتو قاعدن هيٺ. اخبارن لاءِ تہ ڪورٽ آف آنر مقرر آهي ۽ انهن کي اشتهارن سان ورسائڻ لاءِ نيوز پيپرس سوسائٽي به آهي. پر ڪتابن جـي ضبطي لاءِ صرف ڪنهن سنڌي اڻ پڙهيل جي اشاري جي دير آهـي يا ڪنهن اسان جي پنهنجي وڪاميل ملازم فرد جـي ذاتي بغض ۽ ڪيني جي ڪري، صرف اڪ پيچ جي دير آهي.

اسين تہ مان ڪيو ويندا لقاءُ ڏسون تہ هيءَ قوم زندهه ڪيستائين رهندي، جنهن جي هولي خطري ۾ آهـي، جنهن جـو ادب پوين پساهن ۽ بندشن ۾ آهي، جنهن جي صحافت وڪامي پئي آهـي، جنهن جـو روز ٻين جـي هٿن ۾ آهي، جنجي چر پر تي بندش آهي، جن جو آئيندو نسل جيلن ۾ آهي، جن جو هر فڪر، هر سوچ سينسر هيٺ آهي. جنهن جو هر فرد جسماني طور جڪڙيل آهي ۽ روحاني طرح چيپائيل آهي.

مان تہ انهي قوم کي قوم مڃڻ لاءِ تيار نہ آهيان نہ انهن جي ستل، نشئي فردن کي سنڌي سڏائڻ جـو حق ڏي آهي. شايد اسان جـي بنيادي غلطين، ڏوهن، غدارين، عياشين ۽ لاپرواهين جي سزا اِهائي آهي.

## دلدار احمد اديب:

سوچن ۽ فڪرن جـو ذڪر تہ ٿي ڪري آيـو آهيان ۽ پوءِ جي ماڻهو اِهو سپ ڪجھ برداشت نہ ٿو ڪري سگهي تہ يا تہ چريو ٿيو پوي يا درياءَ جي حوالي. علامہ آءِ آءِ قاضي پنهنجي قوم جـو درد ڏاڍي ڏکي نموني لکايو ۽ هاڻي هڪ پئي نوجوان اديب پنهنجي فڪر کي ڌرتيءَ ۾ دفن ڪري ڇڏيو.

دلدار هڪ نوجوان ۽ اُپرندڙ شاعر هو. سندس تحريرن ۾ عجيب لاهيون چاڑهيون آهن. سندس جذبن سان ڀرپور خط ۽ لکڻيون اسان وٽ پهتل آهن (جيڪي آهستي آهستي شايع ڪيون) تن مان سندس قوم لاءِ ڏکندڙ ذهن جو چگهي ۾ پتو پيو پوي. سندس اِها مايوسي، شايد اسان جي شڪست آهي. پر چوندا آهن تہ هر شڪست ۾ ڪنهن نہ ڪنهن پهلو کان جيت ضرور سمايل هوندي آهي. ڪاش اسين اِنهيءَ شڪست کي پروڙي جيت حاصل ڪيون ۽ مايوسيءَ جي هن طوفان کي چدو ڪري ڇڏيون.

اسان جي ڏڍي در اِهائي دعا آهي تہ شال سندس روح بي چين نہ رهي ۽ ڪيس مڪمل سڪون ملي.

## علامہ آءِ آءِ قاضي نمبر:

سيپٽمبر جـو پرچو علامہ آءِ آءِ قاضي نمبر هوندو. اُن لاءِ سائين کـي عـرض آهي تہ هر قسم جو مواد قاضي صاحب جي هٿ لکڻين ۽ تصويرن سميت اسانکي موڪلين. اِنهي سلسلي ۾ تعاون لاءِ اسين هر پاڻ پنهن جا ٿورائتا رهنداسين.

— حميد

# روح رهاڻ جي سالگرهه تي هڪ پيغام

'روح رهاڻ' جو مقصد سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جو پرچار ڪرڻ ۽ ان کي وڌائڻ آهي. 'روح رهاڻ' جو هر سنڌي جي هٿ ۾ هجڻ ضروري آهي. اُن لاءِ اسان هيٺ سالانه خريدارن لاءِ سهوليتن جو اعلان ڪريون ٿا.

**پهرين سهوليت:**

'روح رهاڻ' جي عام پرچي جي قيمت وڌائي ٻارهن آنا ڪئي وئي آهي. سالانه خريداري جي قيمت نو روپيا. پر جيڪو سائي آگسٽ ۳۰ تاريخ تائين خريدار ٿيندو، اُن کان صرف سوا ست روپيا ورتا ويندا. اُن لاءِ جيترو به جلد ٿي سگهي، سوا ست روپيا مني آرڊر رستي موڪلي سال جا ڈهه عام ۽ به خاص نمبر حاصل ڪيو.

**بي سهوليت:**

هيءَ سهوليت صرف شاگردن لاءِ آهي. نائين ڪلاس کان ويندي يونيورسٽي تائين تعليم حاصل ڪندڙ شاگرد هن اسڪيم مان فائدو وٺي سگهن ٿا.

هر انهي شاگرد کان نون روپين جي بجاءِ صرف پنج روپيا چندو ورتو ويندو، جيڪو هيٺيون ڪوپن پنهنجي اسڪول يا ڪاليج يا يونيورسٽي جي مهندار (هيڈ) کان صحيح ڪرائي ۽ مُهر لڳرائي موڪلينڈو. ڪوپن سان گڏ پنجين روپين جي مني آرڈر جو رسيد نمبر ڏياري موڪليو، اوهان کي خريدار بڻايو ويندو. — ادارو

## شاگردن لاءِ ڪوپن

نالو.....

پتو.....

تصديق.....

مهندار جي صحيح

۽ مُهر

شيخ ايار

# وايون

گهلڻ ڏکيءَ آڙي، نيءَ ٿا نبيڏ ڪن!
گيتَ گونجار جي واءَ مان ٿا وَرَن
نيءَ ٿا نبيڏ ڪن!

جيءَ جا جهولٽا جهاڻءِ ۾ ٿا جُهلن
نيءَ ٿا نبيڏ ڪن!

سانت جي سيرَ ۾ ٿا تنبورا تَرَن
نيءَ ٿا نبيڏ ڪن!

چنڊ جا ناکٽا ناوَ مان ٿا ڏسن
نيءَ ٿا نبيڏ ڪن!

پٽڻ جهڙا پرين پار کان ٿا آڇن
نيءَ ٿا نبيڏ ڪن!

راتڙيون جاڳندي جهپڻ آئي نہ تن
نيءَ ٿا نبيڏ ڪن!

گهلڻ ڏکيءَ آڙي .....

---

ناوَ ـ ٻيڙي

●

ڪٿهڙو غيبُ شَهودُ؟
سڀ ڪجهه تون ئي آهين!

چَندُ به تنهنجي چاري آ توڪي سيجُ سجود
سڀ ڪجهه تون ئي آهين!

ماڻهوءَ ڪان وَڏ ڪوئي ناهي ماڻهوءَ جو معبود
سڀ ڪجهه تون ئي آهين!

آيو آهه عَدم کي جهاڳي تنهنجي لاءِ وجود
سڀ ڪجهه تون ئي آهين!

تون ئي صليب سجائين تون ئي آن موعود (۱)
سڀ ڪجهه تون ئي آهين!

تون ئي آهين پنهنجي مَنزل تون ئي لامحدود
سڀ ڪجهه تون ئي آهين!

---

(۱) موعود ـ وعدو ڪيل ـــ انجيل ۾ مسيح موعود جو تخيل آيو آهي، جنهن کي اسلام مهديءَ آخر زمان جي تخيل ۾ اپنايو آهي.

●

آپ جي اک ڇو آلي آهي،
وڃ پلا ڇو هر هر تڙپي ـ؟
ڪڪرن جي ڪيهڻ ۾ ڪهڙي
اڄ ڪا بات نرالي آهي؟
وڃ پلا ڇو هر هر تڙپي ـ؟
پل پل سُوري وانگر سمجهي،
رات اسان پي جاڳي آهي،
وڃ پلا ڇو هر هر تڙپي ـ؟
من جي بن ۾ مورُ اڪيلو،
ساڻيءَ لاءِ سوالي آهي،
وڃ پلا ڇو هر هر تڙپي ـ؟
سوچيان ٿو، مون ڪنهن جي ڪارڻ،
ڏات جي ڏائڻ پالي آهي ـ؟
وڃ پلا ڇو هر هر تڙپي ـ؟

⊙

هاءِ، پرانهون پنڌ،
پکيڙڙا ڪهڙي پار اڏاڻا ـــ وو!
ڏرتيءَ جي دل ڇاڻ ته دهلي،
آپ جـــا ديپ آجهاڻا ـــ وو!
هاءِ پرانهون پنڌ.

اک اک آلي، من من ماندو،
جـــاڳيا گهاءِ پراڻـــا ـــ وو!
هاءِ پرانهون پنڌ.

ڏاهَ ڪسي جـــن ڏنپ ڏنـا،
سي ڏـــي ساهـ سيباڻا ـــ وو!
هاءِ پرانهون پنڌ.

نيٺ ته منزل گـــولي لهجي،
سَنڌَ گهڙو ڏـــي ساڻا ـــ وو!
هاءِ پرانهون پنڌ.

[نظم]

●

جي ڪوڏيا ڪاڪ ڪوري ويا،
۽ ڇنگ ڇاه جو ڇوري ويا،
سي پيارا جيءَ جيارا ها،
جي سِرُ ساڻيهه تان گهوري ويا—!
هو سنڌڙيءَ جا ديوانا ها،
۽ محبت جا ميخانا ها،
هو ٻيجل ها، ٻاروچل ها،
جي خاڪ خون سان توري ويا—!
هو ڪنهن نه جهليا ۽ ڪنهن نه ٻليا،
جي سوريءَ تي سنجهي ئي هليا،
هو گهوٽ هئا، اڻ موٽ هئا،
جي بَرَ ۾ بڙڇي پوري ويا—!
هو ڏاڍ اڳيان ڏهڪاءُ هئا.
هو پاپي لئه پڇتاءُ هئا،
هو مست هئا، سرمست هئا،
جي آپ تي نانءُ آڪوري ويا—!
هو چانڊوڪيءَ جو ڇڪ هئا،
هو اونداهي ۾ ٽهڪ هئا،
سو سورهيه منهنجا ساڻي ها،
جي قاتل جو ڪنڌ ڪوري ويا—!

پيڙي وارا—
منهنجي سيني ۾ پي سمنڊ آ ڪوئي!
جنهن جي لهر لهر تي لڏندي رهندي آهي،
منهنجي من جي ڪشتي-
منهنجي من ۾ سمنڊ اٿئي!
موج موج کي مون پاليو آ،
طوفانن سان مون جاليو آ،
انڌيارن ۾،
واڇوڙن ۾،
چَرَ جي ڇوهن کان به ڇُپائي،
سچ جي ڏيئي لاٽ جلائي
ايندڙ جڳ کي،
دڳ ڏيکارڻ خاطر،
پنهنجي دل ۾
ڏيئي لاٽ لڪائي رکي آ—!
شل منهنجو نندپڻ پيهر موٽي،
منهنجي ڪک کي چيري،
شل رات ڪٽي،
شل لاٽ سدائين جلندي رهي،
پيڙي وارا،
منهنجي آئنده جا سهارا،
پيڙي وارا—!

# او پٽ ڏٽي

سلام سڏ جا رسن، او پٽ ڏٽي، او پٽ ڏٽي،
قبول شل اهي ٿون، او پٽ ڏٽي، او پٽ ڏٽي.
هي سبزه زار سڏ جا، هي ريگزار سڏ جا،
ڪمي ڪنهار سڏ جا، چون ٿا پيار سڏ جا،
سڀاجها يار سڏ جا، او پٽ ڏٽي، او پٽ ڏٽي.
لطيف تنهنجي لات ڏس، پچي پچي جي وات ڏس،
وجد ۽ ڪائنات ڏس، سندءِ سين ڪي ذات ڏس،
ڪڍهن نہ ٿيندي مات ڏس، او پٽ ڏٽي، او پٽ ڏٽي.
مگر منا اوهان اڳيان، ڇو تہ ڪجهہ اڃا چوان،
بيان تلخ پي ڪيان، ۽ حق جا راز کوليان،
ٻ ٽي ڪي ٻول ٻوليان، او پٽ ڏٽي، او پٽ ڏٽي.
اهائي سڏ آه ڇا، ڪئي ٽي جنهن کي تو دعا،
هتي تہ ڪوڙ ۽ دغا، وڙهن ٿا سچ سان سدا،
هتي تہ ظلم آ روا، او پٽ ڏٽي، او پٽ ڏٽي.
هتي غريب ٿا لڇن، ۽ حق پرست ٿا ڪسن،
زبان سان نٿا ڪڇن، مگر دليون پيون لڇن،
آ بند فڪر ۽ سخن، او پٽ ڏٽي، او پٽ ڏٽي.
لطيف تنهنجي پونيرن، ۽ ناهہ ڪوئي حسن ظن،
ٿا بيت تنهنجا اڄ رڙن، ۽ هي ٻڌيو سمهيو رهن،
الا منجهيل هنن جو من، او پٽ ڏٽي، او پٽ ڏٽي.
لطيف لات پياربي، سموري سڏ سنواربي،
غمن جي آگ ٺاربي، سکن جي مٽي پياربي
ڪڍهن نہ سڏ وساربي، او پٽ ڏٽي، او پٽ ڏٽي.
اي ذات جا سچا ڏٽي، 'ضيا' کي پي ڏيو ڪٽي،
ڪا مرڪٽي، ڪا پدمٽي، جو جنهن جي نور کي ڪٽي،
ڪيان وچي ڪو هڏ هٽي، او پٽ ڏٽي، او پٽ ڏٽي.

پروفيسر گرد لپوپکي

سنڌيڪار: پريو "ناشاد"

# شاعرن جو فرض

[نوٽ: پروفيسر ڊاڪٽر ايچ-سي-گرد ليوپکي (Prof. Dr: H. C. Gerd Lupke) جنهن جي هڪ نظم Poets' Duty جو سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو، هن هيٺ ڏجي ٿو، سو جرمن زبان جو مشهور مصنف، شاعر، ريڊيو آرٽسٽ، صحافي، افسانه ۽ ناول نگار، ڊرامه ۽ فيچر نويس آهي. هو ۱۹-مئي ۱۹۲۰ع تي، اوپر جرمنيءَ ۾ چائو ۽ هن وقت اولهه جرمنيءَ جي وُرپل شهر ۾، پنهنجي زال مٽيم ارمگارڊ ليوپکي گريف سان گڏ رهي ٿو، جا پاڻ به شاعره ۽ ريڊيو آرٽسٽ خاتون آهي، جنهن زبان کان سواءِ کيس انگريزي، فرينچ، ڊچ پولين تي به دسترس حاصل آهي ۽ هيل ٽائين جرمن، سئٽزرلئنڊ ۽ آسٽريا جي ريڊيو اسٽيشن تان سوين پروگرام نشر ڪري چڪو آهي. ۵۰ ڊرامن کان سواءِ ۱۹ ٽيليويزن فلمون ۽ ۲ گراموفون رڪارڊ به تيار ڪيل اٿس. مختلف موضوعن تي سندس ڏهن ڪتابن کان سواءِ تقريباً ڏيڍ هزار مضمون لکيل اٿس. ان طرح ڪيترائي ڪتاب ايڊٽ ڪيا اٿس ۽ سندس ۱۸ ڊراما، اسٽيج ٿي چڪا آهن. کيس ۱۹۵۷ع تي افسانن تي انعام ۽ ۱۹۶۵ع ۾ "فيرز رائٽر اوارڊ" مليو. ۱۹۶۶ع ۾ وري کيس شاعريءَ تي "ليٽرري اوارڊ" عطا ٿيو. سندس شعر، ريڊيو ۽ موسيقيءَ جي محفلن ۾ اڪثر گايا ويندا آهن.

پروفيسر گرد کي سنڌي شاعريءَ سان بيحد چاهه آهي، ۽ سندس جرمن زبان ۾ منظوم ترجمو کيل سنڌي شاعريءَ جو مجموعو، عنقريب شايع ٿي رهيو آهي. سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن ــ شاهه عبداللطيف، سچل سرمست سامي، بيدل، بيڪس، روحل ــ وغيره جي ڪلام کان سواءِ، جديد سنڌي شاعرن مان ڪشنچند بيوس، شيخ اياز، حيدر بخش جتوئي، جهامنداس پاٽيا، جئسنگهاڻي سام، شمشيرالحيدري ۽ پريو "ناشاد" جي نظمن جا ترجما شامل آهن. سنڌي شعر کي، جرمن قوم ۾ متعارف ڪرائڻ لاءِ، پروفيسر گرد جون ڪوششون عزت لائق آهن. "روح رهاڻ" جي پڙهندڙن جي دلچسپي قائم رهي تہ سندس وڌيڪ نظمن جا ترجما، وقت بوقت پيش ڪندو رهندس. ــ پ-ن.]

خدا جو حڪم، آهي شاعرن کي،
تہ خلقت جي دلين تان بار لاهيو،
مٽائي درد ۽ دُک، آدمين جا،
خدا جي حُسن جو جَلوو پَسايو!

گناهن جي ملندي کين معافي،
رڳو تخت محبت وٽ رسايو!
پڇا ٿيندي، انهن ڏي شاعرن ۾،
تہ ڪنهن جي سرس آهي فرض ادائي؟
ٻڌايو، عشق جي گرمي سان ڪهڙن:
ڏڏي دنيا، محبت سان رجائي؟
بهرحال، شاعرن تي آهي لازم،
مقام روح، ماڻهن کي پسائن؛
جتي روحانيت جا رهن رهبر—
اتي جي راهه، ماڻهن کي بتائن؛
جيئن ماڻهو، ڪٽي تي ٽي پشيمان،
شرم کان ڪنڌ پنهنجو سي جهڪائن؛
جڏهن پنهنجي ٻڙي سوچيندا حالت،
تڏهن هلندا سچائي راه الفت!

●

دلدار احمد اديب

## غم ۽ خوشي

روح جي تارن ۾ اٽڪيل
جي هجن غم جا زنجير
۽ بي سبب حالات سان
الجهي پوي پنهنجو ضمير
پو لازما ٿو سوچڻو
مونکي پوي پنهنجو ضمير
پنهنجو آهيان رهنما ۽
پنهنجو آهيان دستگير

—

لاشعور، تحت شعور ۽ شعور
پنهنجو غم، پنهنجي خوشي، پنهنجو سرور.

# گيرو ڪوئي گائي وينو

سانجهه سمي جو هيکل وڻ تي، گيرو ڪوئي گائي وينو،
ياد ڪري هو وڇڙيل ساڻي، نيٽين نير وهائي وينو،
پنهنجو من پرچائي وينو.

اڌب جي ٽاريءَ تي هڪ طوطو، مٺهن مٺن ۾ پائي وينو،
هر هر پنهنجو ڪنڌ ڪٽي هو، ڪنهن جي لئه واجهائي وينو،
پنهنجو من پرچائي وينو.

هڪ ٻکريءَ جي لاش تي ناهر، وات پٽي آونائي وينو،
هيٺو ماڻهو ڏکندي ڏکندي، پنهنجو ساهه سڪائي وينو،
پنهنجو من پرچائي وينو.

سيڻ مٽائي سون تي مورک، هٿ مهٽي پڇتائي وينو،
ماس مرونءَ تي لويي پنهنجو، ماڪ آهه مٽائي وينو،
پنهنجو من پرچائي وينو.

مارن جي لڄ لوٽيو ٻڌجي، ڪائنر ڦوڳ ڦرائي وينو،
جيجل وڪٽي، پيٽ پيري، ڪو موذي محل ٻڌائي وينو،
پنهنجو من پرچائي وينو.

ڪوڙو شاعر بلبل گل جا، گيت ترانا گائي وينو،
سچو شاعر سور وطن جا، وائيءَ ۾ ورجائي وينو،
پنهنجو من پرچائي وينو.

طوفانن ۾ هڪ ديوانو، آهي ديپ جلائي وينو،
ڀات اماوس رات ۾ پنهنجي، روشن جوت جڳائي وينو،
پنهنجو من پرچائي وينو.

قيد ڪڑولن ۾ بہ ڪوي، سچا بول سڀائي ويٺو،
ڦاسيءَ تي پي ڪلندي ڪلندي، ڏاڍن کي ڏهڪائي ويٺو،
پنهنجو من پرچائي ويٺو.

ٻيجل ٻڌجي، تند تپائي آنحد ساز وڄائي ويٺو،
ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين سر جي سين لڳائي ويٺو،
پنهنجو من پرچائي ويٺو.

ديس جو درد پري گيتن ۾، ويٺا منجهه وڄائي ويٺو،
وستي وستي پيٽ ٽي وئي، اهڙي آڳ لڳائي ويٺو،
پنهنجو من پرچائي ويٺو.

"چور گهري آيا ٽوڙ گهر ۾"، واڪ وڏي ورجائي ويٺو،
"جاڳو توڻي ننڊ ڪريو"، هو حق جو حرف ڏڻائي ويٺو،
پنهنجو من پرچائي ويٺو.

"ڪرندا ڪنڊ هزار" جي وائي، ونجهليءَ منجهه وڄائي ويٺو،
"دوکي جي ديوار نه رهندي"، ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳائي ويٺو،
پنهنجو من پرچائي ويٺو.

ڦوڳ نياڳو بيشڪ حيلا، لک هزار هلائي ويٺو،
سنڊ نه مرندي جيئري رهندي، پل کو قهر ڪمائي ويٺو،
پنهنجو من پرچائي ويٺو.

"ٻيجل ٽي ٻيهار" 'گدائي'، آيو، تند تپائي ويٺو،
جهول جهلي جنهن وقت ڏٺائي، هر کو ڪنڊ ڪپائي ويٺو،
پنهنجو من پرچائي ويٺو.

---

ٽوڙ ـ آڙو
توڻي ـ جيتوڻيڪ، با

## الهووايو 'اداسي'

هڪ هڪ ٿي حق گهرندو رهندين،
جهانگيئڙا پوءِ جهرندو رهندين!

مات جي معنيٰ موت آ مڙڻا
پوليندين تان پُرندو رهندين

ڪوٽ جي دل ۾ حق جا حامي
ڪندو بنجي ڪُرندو رهندين

سورن سان گڏ نام سچو جا
تون به تہ دل ۾ هُرندو رهندين

ڪوءِ جا آنسو، جذبي جا جل!
موتين سان گڏ ترندو رهندين.

●

## عبدالخالق 'شهيد'

دائم قائم شال هجين، اي منهنجي جيجل مادر سنڌ،
تو تہ سڀا آهن سور سدائين، پنهنجن ٻچڙن خاطر سنڌ.

ويـر جنين جـو توسان آهـي، ويـري سي برباد ٿين،
شال سدائين سک ڏسن، هـي ٻچڙا تنهنجا شـاد ٿين،
قيد عمر جـا ڪاٽي، آخـر مـارو سي آزاد ٿين،
تو تي خدا جي شال هجي، بس رحمت واري چادر سنڌ،
دائم قائم شال هجين، اي منهنجي جيجل مادر سنڌ.

جاڙ ڪئي جن توسان جيجل شاهي تن جو شان وڃي،
شاهي تـن جـو شان وڃـي ۽ فرعوني فـرمان وڃي،
قهري زهري تن جي دل ۾ ڪک وارو ڪوڪان وڃي،
موذي مرندا رئندا رڙندا، نيٺ ڪندو ڪم قادر سنڌ،
دائم قائم شال هجين، اي منهنجي جيجل مادر سنڌ.

ڪوڙ ڪپت جن توسان ڪئي آ، قاتل سي ڪمزور ٿين،
توسان پيار ڪرڻ وارا شل ڏينهان ڏينهون زور ٿين،
تنهنجا دشمن آڏوهيءَ ڪاڏل ڪانيءَ وانگر پور ٿين،
تنهنجو نگهبان هردم آهي، ڏيهه سندو هي ڏاتر سنڌ،
دائم قائم شال هجين، اي منهنجي جيجل مادر سنڌ.

ظلم و تشدد چا هي نعرا، عمر سندا ٿا روز پڇهن،
ڪوهن تان ۽ روهن مان، ٿا ظلم پريا آواز اڇن،
نياز منجهائون نوريون نڪريو، درد منجهان ٿيون دانهون،
ڪونهي تماچي تڙ تي، ڏهن ڪيهون ڪري ٿي ڪنجهر سنڌ،
دائم قائم شال هجين، اي منهنجي جيجل مادر سنڌ.

تو ۾ قلندر، تو ۾ پٽائي، تو ۾ سچل پڻ آهي مدام،
گونجي تن جو ساري جهان ۾، قرب پريو هي واهه ڪلام
امن سندو ڪو سمجهي يارو، پيار پريو هي آهي پيغام،
تنهنجا ليکڪ شال جيئن ۽ شال جيئن هي شاعر سنڌ؛
دائم قائم شال هجين، اي منهنجي جيجل مادر سنڌ.

هرهڪ تنهنجو پڇڙو هوشو، هرهڪ تنهنجو دودو دلير،
تنهنجو پڇڙو هرهڪ حُر، تنهنجو رهواسي آ متير،
ماري ميڙائي پوءِ وهنداسون، جن به رکيو آ توسان ويڙ،
تنهنجو اڳوڻو اوج ته ٿيندو ڏينهن ته هڪڙي ظلم سنڌ،
دائم قائم شال هجين، اي منهنجي جيجل مادر سنڌ.

مونکي مڪليءَ جو آ قسم، تن پٽڻ قبرن جو آ قسم،
مونکي تنهن تهذيب و ثقافت نقش و نگارن جو آ قسم،
مونکي تماچيءَ جو آ قسم، ڪينجهر جي ڪنارن جو آ قسم،
سوپ سراسر تنهنجي آهي، مٺڙي پياري صابر سنڌ،
دائم قائم شال هجين، اي منهنجي جيجل مادر سنڌ.

(جشن روح رهاڻ ۾ پڙهيل.)

فرزند اي وطن جا، جيجل ٽي ماڻ سڏ ٽي،
رکوال هن چمن جا، جيجل ٽي ماڻ سڏ ٽي.

هر دور ۾ دعاگو تو لئه امڙ رهي ٿي، ظلم و ستم نه تو تي هرگز امڙ سهي ٽي،
جيجل کان وڌين ڦيري تون تو کي اها ٺهي ٽي، افسوس پر زبان سان تو کي نه اف چوي ٽي،
آٿ مور انجمن جا، جيجل ٽي ماڻ سڏ ٽي،
فرزند اي وطن جا، جيجل ٽي ماڻ سڏ ٽي.

هن گود ۾ جي پليا اڪمل آهي ٽيا سڀ، هن گود ۾ جي پليا ڪامل آهي ٽيا سڀ،
هن گود ۾ جي پليا عاقل اهي ٽيا سڀ، هن گود ۾ جي پليا فاضل آهي ٽيا سڀ،
پٽ چوڏهين ته سن جا جيجل ٽي ماڻ سڏ ٽي،
فرزند اي وطن جا، جيجل ٽي ماڻ سڏ ٽي.

جذبات تو ۾ غيرت انسانيت هجي ها، دل ۾ قدر تنهنجي پو ممتا جو ڪجهه ٿئي ها،
مارايو تو کي لالچ نه ته غير چا ڪري ها، ممتا ڏي غير هرگز نظرون نه هيٺ کڻي ها،
ڪر هوش ٽڪرا من جا، جيجل ٽي ماڻ سڏ ٽي،
فرزند اي وطن جا، جيجل ٽي ماڻ سڏ ٽي.

ٺهندو ته هيٺ هو پر جيجل لئه تون رئين ها، جيجل رئي جو لئه هن کان نه تون همين ها،
زنده به تون مثل جن هن کان چگو مرين ها، من ڪارنامو اهڙو بچڙو نه تون ڪرين ها،
ڏوراپا پڌ ڏکن جا، جيجل ٽي ماڻ سڏ ٽي،
فرزند اي وطن جا، جيجل ٽي ماڻ سڏ ٽي.

اولاد بي چيو ته به جيجل جو آ پياروں، اولاد بي چيو ته به جيجل جو آ سهارو،
اولاد بي چيو ته به جيجل جو آ دلارو، اولاد بي چيو ته به جيجل جي اک جو تارو،
’اڪرم‘ سچا سخن جا، جيجل ٽي ماڻ سڏ ٽي،
فرزند اي وطن جا، جيجل ٽي ماڻ سڏ ٽي.

(حشن روح رهاڻ ۾ پڙهيل.)

# گيت

ڪنهن هي ڇيڙيو راڳ رباب، ڪهڙي چارڻ نئون چنگ چوريو

خواب ٿيا ۽ نڊ وڃائي، ڇڏ مينهن ڪيا ماندا ٿا
نيٺ ڇپن ٿي آيا ڪنهن جا پيارا گيت پراٿا
ڪنهن هي نئين سر ڇوريو ڇوريو، ڪهڙي چارڻ نئون چنگ چوريو

بادل وانگر پرجي گرجي نينهن ڏنو لامارو
ڏکندي ڏکندي درد اندر ۾ ڏيل ڏکايو سارو
سورن ساجهر سارنگ سوريو، ڪهڙي چارڻ نئون چنگ چوريو

آس نراس امنگ اجهاٿا قرب ڪنول جا گل ڪوماٿا
ياد پيون ڪي يادون ان جون ساڳيا نام نڪاٿا
جي ۽ جڏو ڪنهن منهنجو جهوريو، ڪهڙي چارڻ نئون چنگ چوريو

آشڪ وهائي تنهنجي سڪ ۾ نيٺ ڪيم نيزاري
داڻ پنيان مون داڻ لڳائي برهه جي بازي هاري
ٻڌهه سڃو مون ڪنهن لئه ڏوريو، ڪهڙي چارڻ نئون چنگ چوريو

چند ستارا چمڪن سي ڇڏ مون لئه بادل ڪارا
قطب ڪتيون سڀ پانيان ڪوڙا سال ٻه گذريا سارا
اڄ ڪيئن نئون نئون قرب ڪريو، ڪهڙي چارڻ نئون چنگ چوريو

ٽيڙو ٽانڊا بنجي منهنجي ٿهڪن سان ٽڪرائين
سور ستائين ساجن ري ۽ گهور وجهيو ٿا گهائين
حال اندر ٻو ڪنهن ٻه نه اوريو، ڪهڙي چارڻ نئون چنگ چوريو

تارا انهنجي جوت وڃائي وتن ڏسو ويڳاٿا
'مسڪين' حالت ساڳي منهنجي ساڳيا آٿا ٽاٿا
ماس محبت ڪوري ڪوريو، ڪهڙي چارڻ نئون چنگ چوريو.

(جشن روح رهاڻ ۾ پڙهيو ويو.)

عبدالغفور 'عابد'

ڪنهن مهل، ڪنهن گهڙي نڻو وسرين،
ياد پوندو رهين ٿو يار سڄڻ،
هيڪلائيءَ ۾ منهنجي ساهه مٽان،
ڪات ٻڌجي وهين ٿو يار سڄڻ.

مار! ڪيڏو ملول ٿو ڏسجين،
سور ڪهڙا سَهين ٿو يار سڄڻ،
صدقي ٽيان، مون لاءِ اهڙو حال نه ڪر،
مون جيها لک لهين ٿو يار سڄڻ.

هن زماني ملڻ ڏنو ڪنهن کي؟
ڳڻتي ۾ ڇو گهَهين ٿو يار سڄڻ،
تنهنجي ۽ منهنجي هاڻ راهه الڳ،
مون پويان ڇا پهين ٿو يار سڄڻ.

⊙

حسن تنوير

## قطعا

سر مٿي سپ سور ۽ سختيون سهڻ کان پوءِ ڀي
ظلم کي هر وقت ظالم! ظلم چونداسين پيا
پل جلي جوپن جواني ۽ ڪري ڪو قيد ته به
حق تان هر روز ڏاڍن ساڻ وڙهنداسين پيا.

ڏاڍ جا ڏونگر ڏکيا، ڏارڻ، اسان کان ڪو سکي
مشينن جهڙي زندگي، گهارڻ، اسان کان ڪو سکي
ڇا؟ ٻڌيون تو ڪين آهن همتون هوشو سنڌيون
ديس جا دشمن دَسي، مارڻ، اسان کان ڪو سکي.

(جشن روح رهاڻ ۾ پڙهيل.)

●

زماني جي ظلمن کان رنجور ٿي،
ڪچياسين تہ ٻڌي هٽ ڪچيءَ ۾ ٻيا.
اسان سنڌ وارا، سڀاجها ۽ سادا،
سرنهن جان رهون ٿا سدا پيڙيا.

اسان وقت جا ويڑ "منصور" ميان،
ڪيئي بار مرندا ۽ جيئندا رهياسين.
زماني گهٽو ئي ستايو مگر،
جو چوٽو ٻيو سو ئي چوندا رهياسين.

اسان اجهلَ، اڻوٽ، "منصور" ميان،
سوين مرتبا سر ڪٽائي چڏيوسين،
اي ملان! نہ هاڻي ڪو واعظ ڪپي،
اسان پنهنجو "مذهب" مٽائي چڏيوسين.

جو "انسانيت" جي آ چهري تي داغ،
ٻلا ڇو نہ دستور سو ٽوڙجي!
اٿو نوجوانو، وڌايو قدم،
زماني جي هر چال کي موڙجي.

اوهان ۽ اسان ۾ عجب ڪشمڪش!
سهون ٿا سزا هڪ، تہ ٻي راس آ،
اسان جي "صبر" جو تہ ڪو انت ناهي،
اوهان جي "ظلم" کي ٻي شاباس آ.

اوهان جون اسان تي عجب تهمتون!
اسان هر مصيبت کي سهندا رهون ٿا.
اسان هن جرم جا سزا وار آهيون،
جو ظالم کي "ظالم" ئي چوندا رهون ٿا.

(جشن روح رهاڻ ۾ پڙهيل.)

سوز ٽکڑائي

## غزل

الاجي اوهان ڇو وساري ڇڏيو،
ڪيل قول پنهنجا ته پاري ڇڏيو.
ڏکيو تون ئي ٿيندين زمانو خراب،
اسان وقت پنهنجو گذاري ڇڏيو.
پياس ڪي پيارڻ ته آهي ثواب،
اسان کي به اکڙين مان پياري ڇڏيو.
هٿاسين ته صوفي پيئڻ کان پري،
اسان کي پياري تو کاري ڇڏيو.
جئڻ جو ته هو آسرو گهٽ مگر،
وري تنهنجي مرڪ جياري ڇڏيو.
پلا ڪيترو وقت جئنديون رهن،
اسان آرزوئن کي ماري ڇڏيو.
اڙي هي ستم ڇو، جو پيالو پري،
اسان کي ڏيکاري تو هاري ڇڏيو.

●

خواجہ 'قلب'

هي دنيا جو ڏهڙو، ويندو هليو!
چند گهڙيون ڇهڇتو، ويندو هليو!
منهنجي زخمن کي ڏکيو اي دوستو،
رهبرن جو حوصلو ويندو هليو!
اڄ وري سوريءَ مٿي ٿيو سوجهرو،
اوچتو ڏي کو نہ کو ويندو هليو!
ڇو نگاهن کي جهکايو ٿا اوهين؟
سر جهکائي قافلو ويندو هليو!
بي خودي پڙکائي آندو بزم ۾،
هاڻ سجدن جو صلو ويندو هليو!
سر وڃي آڏيءَ تان 'قلب' جو
هاءِ مقتل جو مزو، ويندو هليو!

# موهن جو دڙو

سنڌ جي اونهن گهرن کي ڇهنن جي ڇاڙو ۽ پارکو مشهور افسانه نگار علي بابا جو هيءُ ناول 'روح رهاڻ' جي پڙهندڙن لاءِ قسط وار پيش ڪجي ٿو. هن ناول جي وڏي اهميت اِهائي آهي، جو روح رهاڻ ۾ هن کي مسلسل هلايو ويندو ۽ اُميد آهي ته هر سنڌي پاڻ ۽ پيڙ هن جي هر قسط جي تاثر کان متاثر ٿي، سنڌ جي عظيم ۽ مقدس ويڙهه ۾ ايمان پختو ڪندا.

— ادارو.

## ( باب پهريون )

اڄ کان گهڻو اڳي. هزارها ورهيه اڳي. جڏهن هن ڌرتيءَ تي ديوتائن جو راڄ هو. جڏهن سڄ، چنڊ، باهه، پاڻي، نانگن، ٻوٽن ۽ بتن کي پوڄيو ويندو هو. جڏهن هي دنيا هڪ ويران جهنگ هئي. جڏهن انسان جانور هو.

اهو دنيا جو هڪ عجيب دور هو. انهيءَ دور ۾ روشني ٿي روشني هئي. انهيءَ دور ۾ اوندهه ٿي اوندهه هئي. انهيءَ دور ۾ ٿهڪ ٿي ٿهڪ هئا. انهيءَ دور ۾ روڄ ٿي روڄ هو. انهيءَ دور ۾ اڻڪٽ خدا هئا. انهيءَ دور ۾ ڪو خدا نه هو- هيءَ انهيءَ دور جي کهاڻي آهي.

هيءَ کهاڻي هڪ پيڇري کان شروع ٿئي ٿي. هيءَ پيڇرو پنجن ندين واري ڌيهه جي هڪ زمين دوز شهر هري ٻاپا مان جاري ٿئي ٿو ۽ اڄ کان اڌڪل پنج هزار ورهيه اڳ جي زمين دوز شهر موئن جي دڙي جي کنڊرانن ۾ ختم ٿئي ٿو. هي پيڇرا به اسان جي زندگيءَ وڏي اهميت رکن ٿا. دنيا هڪ وڏي ڪتاب جيان آهي ۽ هي پيڇرا انهيءَ تي اکرن جيان جڙيل آهن. جن ۾ ابتدا کان اڄ تائين بيشمار قومن جون کهاڻيون دفنايل ٿيل آهن. عجيب عجيب پراسرار. هيبتناڪ کهاڻيون — جن کي پڌڻ

سان بت جا وار ٿي ڪانبارجي وڃن. هي پيڇرو ۽ اسان کي هڪ اهڙي ٿي پيائڪ ۽ پراسرار ڪهاڻي ٻڌائي ٿو.

تکي هوا لڳي لڳي پيڇري جي ذهن تان ڪن ورهين جي ڏنڊ ۽ ڏوڙ اڏائي هن جي ذهن ۾ ڏهيل ڪيترن پراڻن پيرن جا نشان پڌرا ڪري رهي آهي.

هن جي ذهن ۾ ڪيترا ورق وري ويا آهن. تهن هيٺان تهه ڪيترين ڇماڇر نڇندڙ ڏڪندڙ ڦرندڙ صديون. ڪيترا ادوار ڪيڏا مرحلا. سڀ ته ڪالهوڪا سپنا هٿا. محمد بن قاسم جا برق رفتار گهوڙا، پورس جا هاٿي، سڀ هن جي ذهن تان گذري ويا آهن. پر هو اڃا به ڪنهن آڪاڻي دور جي کوجنا ۾ آهي.

هاڻ هن جي ذهن ۾ هڪ ڏڳي جي ڪرن جا ڏندلبل نشان چمي ويا آهي. هي ڏڳي جي ڪرن جا نشان ـــ مهاراجا اشوڪا جي دور کان به پراڻا آهن. هي ڪنهن جو ڏگهو هو، هتان پيو ڪير گذريو هو؟ سندس ذهن تيزيءَ سان ڏڳي جي ڪرن جي نشانن پٺيان سرڪڻ لڳو آهي. پر ايتري پراڻي دور کي ايترو جهٽ پهچڻ به نه سوکو نه آهي. سڄ لهي ويو آهي. رات جي ڏنڊ ماڻ پيرن سان پيڇري تي چائجندي ٿي وڃي. پر هڪ پيڇرو به ڪڏهن سمهي سگهيو آهي. هو گذريل دور ڏانهن تيزيءَ سان ناڪ وانگي وٽ ڪائيندو سرڪندو ٿو وڃي.

ڪنهن مهل ڪان پوءِ رات جي اونداهيءَ ۾ هن کي پاڇولي وانگي ڏڳي تي ويٺل هڪ واڻڙو ڏسڻ ۾ آيو. پيڇرو تيزيءَ سان هن ڏانهن سرڪي ويو. هن انهيءَ رات جي پانڊيڙي کي سڃاڻي ورتو. نه ڄاڻي ڇو هو انهيءَ واڻڙوءَ کي ڏسي منجهي بيهي ويو. شايد ڪيس پنهنجي حال تي رحم اچي رهيو هو. ڪاش هو انهيءَ رات جي مسافر کي ڪا پل ترسائي سگهي. پر ويچارو پيڇرو به ڪڏهن ڪنهن مانجهي مسافر کي روڪي سگهيو آهي. پيڇرو چپ چاپ انهيءَ مانجهي مسافر جي ڏڳي جي لٽاڙ هيٺ سمهي رهيو آهي. ڏڳي جي لٽاڙ ڪيس ڏاڍو آرام پهچائي رهي آهي. هو انهيءَ ڏڳي ۽ انهيءَ مسافر کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهي. اهو رات جو پانڊي پنجن ندين واري ڏيهه ٽامي نگر جو نوجوان ويد آتم تارا سمبارا* هو. هن کي اڄ به انهيءَ نوجوان جي انهيءَ پيائڪ ۽ پراسرار پنڌ جو هڪ هڪ پل چٽيءَ طرح ياد هٿي. هو انهيءَ نوجوان جي انهيءَ پُر وشواس پنڌ کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهي.

آها پوهه جي پاري هاڻي رات انتهائي سرد هٿي. تارا به اونداهي آپ ۾ ڇڻ ٿرٿر ڪنبي جمي ٽڏا ٿي ويا هٿا. هو ڪپرو اوڍڻ ويڙهيو، ٻُڪل هنيو، پنهنجي ڳڏام تي نهايت ٿي سڪڙيو ويٺو هو. گذريل رات کان هو اوجاڳيل هو، سو گهڙي گهڙي ٿي نند جا گهيرت آيس. وري سجاڳ ٿي، اونداهي اڌ رات ۾ هيڏانهن هوڏانهن واجهايائين ۽ وري ڏڳن جي ڌار تي جهولندو جهوٽن ۾ ٿي پئجي ويو. سندس بکايل دسين جو ماريل ڪوپ مثل پير ڪٽندو وڏن سڳن کي ڌار سان لوڏيندو، ڪچيءَ ۾ پڌل

---

* سمبارا ـ دراوڙ قوم جو قبيلو.

ٽلي جو مدر آلاپ چيڑيندو ويو ٿي. اونداهيءَ ۾ اڇيرو ٿيندو ۽ رات جيئن پوءِ تيئن ويئي ٿي اڳهندي.

اوچتو ٿي اوچتو رڻ ۾ راڙو ٿيو. ڏڪو لڏو، واڌاڙو ڏيهو پري جاڳي پيو. رات جي نوائيءَ ۾ هڪ پيانڪ رڙ ڏرتيءَ کي ڏاريندي انگاس چڙهي ويئي ۽ ان سان گڏ ئي ڪئين پيانڪ آوازن جو پڙاڏو پيدا ٿي ويو. جڏ هڪ وقت ڪئين بد روح ڏرتيءَ تي لهي هاءِ-واويلا مچائي رهيا هجن. سارو اونداهو وايومنڊل اهڙو تہ پيانڪ ۽ پراسرار ٿي ويو، جو وڻ ٽڻ ٻوٽا پوت بڌجي ڪائڻ لاءِ ٻوڙي رهيا هئا. واڌاڙو واڌاڙو ٿيو، هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهيو هو تہ ڇا هاءِ-هلاڇو آهي.

ان ئي پٽيءَ، ان ئي پير، هڪ ٻي ڪهڻي، سنهي دل ڏاڙيندڙ، ريهہ آپري ۽ پيانڪ آوازن جي پڙاڏي ۾ ٻڏي ويئي. واڌاڙو آواز ڪڙوائي نهاريو. ٽورو ٿي پري، گهاڻن وٽن جي ڏارن مان ڪيس سوجهرو ڦٽندو ڏسڻ ۾ آيو. سو هڪدم ڏڪي تان لهي ٽلو ڪولي بجڪي ۾ وڏائين ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو ڏڪي ڪي واڳ ڪان ڳهليندو ڪس ڇڏي هيٺ اونداهي جهنگ ۾ گهڙي پيو ۽ گهاٽيءَ وڻڪار جي اوٽ وٺندو، لڪندو ڇپندو انهيءَ سهائيءَ ڏانهن وڌڻ لڳو، جتان پيانڪ آوازن جو پڙاڏو اڇي رهيو هو ۽ جيئن جيئن واڌاڙو ويجهو ٿيندو ٿي ويو، تيئن تيئن آواز ويا ٿي پيانڪ ٿيندا.

جان ڪٽيو ڏسي تہ ڪارن اگهاڙن شودرن جو هڪ ٽولو آهي، جو مڇ هاريو، انهيءَ جي چوڌاري ڦري رهيو آهي ۽ مڇ جي پرسان ڏي هڪ نندي نيٽي شودر مُنڊ ويہ جي ٻيڙا ڪان رڙي رهي آهي. ٻہ ڪارين ڪوجهين عورتون سندس ٽنگون سنياڻ جا وس ڪري رهيون آهن ۽ ٻہ ٽي اگهاڙين اڻاڻين عورتون هن جي سيراندي‌ءَ پيراندي‌ءَ جهڪيل آهن ۽ جيئن جيئن اها موڪاڻي مُنڊ ڪُهٽجيو ڪُهٽجيو رڙين ٿي ڪري، تيئن تيئن هن جا ننگا سائي هنبوچي هڻي، عجيب عجيب آلاپن سان، گدڙن وانگي اوناين ڏين، نئين سائيءَ جي خوشيءَ ۾ اوريان گهوريان پيا وڃن.

اوچتو ٿي اوچتو موڪاڻيءَ مُنڊ جي ٻيڙا وڏي ويئي، هانيارو هٽندي، وڏي زور سان ڪيڪ ڪيائين، سندس ڪارو ننگو اُپريل ڏڙ ڇڃ ڏهي پيو. سڄو بت پاڻيءَ ۾ تڑپندڙ ٻلهڙ وانگي هيٺ مٿي ٿي رهيو هئس. ڪنڊ کي ڏونڊاڙو ڏئي، وڏي اهڙي تہ چين پٽ ڪيائين، جو پاڻ تہ ساهہ ٿو وڃيس ۽ جيئن ڏي هن جي چين پٽ وڏندي ٿي ويئي، تيئن ٿي هن جي چوڌاري نچندڙ ننگا سائي، رنين آهرين پنهنجي اڏوتن وارن کي لمڪا ڏيئي، چين پٽ ڪري زور زور سان گدڙن وانگي اونارڙيون ڏين لڳا. ڪنهن جون ٻانهون آپ ڏانهن پٽي ويين، تہ ڪنهن جو ڳاٽو ڏرتيءَ تان جهولندي ٿي ويو، ڪو چڪريءَ ۾ هو، تہ ڪو جهمر ۾. ويندي هڪ ڦوهہ جوان نينگر، جنهن جو ڪارو سڀول ڏڙ سونهي ننگريءَ جي ڪنهن پوچاري نچٽيءَ وانگي پٽراهون هو، ٽڙڪندي ڦڙڪندي ڪيو ڪيو ڪندي مڇ ۾ ڪڏي پيئي ۽ ڪنوڻ وانگي جهڙپ

هٹي، ٽانڊن مان ٽلندي نڪتي ۽ واسينگ وانگي باهر جي چوڌاري وڃڻ لڳي. پاڻهون مٿي آپ ڏانهن ڪجي شيخ ٿيي ٿي ويس. چيلهه تائين مٿيون ڏڙ پنڌ پهڻ، تہ ننگن ۾ زرزلو، هوءَ ائين ٽڙڪندي ڦڙڪندي رهي.

واٽهڙو انهيءَ شودر ننگي نچڻيءَ جو ناچ ڏسي دنگ رهجي ويو. ڪيڏو نہ عجيب ڏيک هو. هڪ شودر جي جنم جي خوشيءَ جو ناچ، جو شايد هاڻي ڏرتي تي اچڻ لاءِ ٽڪڙا ٽڪڙا هٿ پير هٽي رهيو هو ۽ اهو سموزو منڊل هو بنهه ويجهي ڪان گهاٽن ڏارن مان سسي ڪيو ڏسي رهيو هو. هاڻ هو ڏاڍي بيچيني سان آن موڪلاڻيءَ منڊ ۾ نهاري رهيو هو، جنهن جو سڄو بت سيڌجي ويو هو. اکيون، نڪ، چپ، وات چنجها ۽ چٻا ٿي ويا هٿس ۽ رکي رکي اوکارا ڪري، وٽي اهڙي تہ هينئين ڦات رڙ ڪيائين، اکيون ۽ ٻاکو ڦاٽي ويس ۽ هن جي مٿان جهڪيل عورتن جي چرپر وڌي ويئي، چڻ هنن جي هٿن مان ڪا ترڪٽي شيءَ ترڪي ترڪي ٽي وئي ۽ ان سان گڏ ئي پڙاءَ ۾ نئين جيو جي پهرين دانهن آپري ۽ خوشيءَ جي پڙاڏي ۾ پڌي وئي.

ڦوهه جوان نچڻيءَ جي هٿن ۾ پرندڙ آماڙيون تبز ٿي ويون. هو جهولندي واسينگ وانگي وٽ ڪائيندي، ماءُ ۽ ويڻ جي مٿان ڦيريون پائڻ لڳي. هن جي ايندي ٿي مٿان جهڪيل عورتون پري هٽي ويون. ننگي نچڻيءَ ماءُ ۽ ويڻ جي مٿان ڪئين چڪر ڪاٽڻ ڪان پوءِ هڪ آماڙي هن جي سيراندي ۽ پيراندي ڪوڙي ۽ هڪ سنهي ڪيڪ ڪري، سٽ ڏيئي، ماءُ جي وارن مان چڳ پٽي ۽ ڦوڪارو هڻندي، اونڌي گوڏين اچي، پار جي مٿان نانگ وانگي جهولڻ لڳي ۽ هن ڪئين پيرا، پار جي مٿان اوريان گهوريان سر نيو ۽ هڪ وڏي سنهي ڪيڪ ڪري، هن پار جي مٿان جهڪي، چڪ سان پار جو ناڙو چڻي، وارن جي چڳ سان پڌي چڏيو.

آن پر، آهو ننڍڙو سرير ماءُ جي سرير ڪان چڇي، ڏرتيءَ سان ڳنڍجي ويو. سندس اڳهاڙا اڻاٻا ساٿي، خوشيءَ ڪان چڻ آڏاڻا ٿي ويا ۽ ماءُ ان پڌندڙ ماڻهوءَ جيئن جنهن کي گهوٽا ڪائيندي، اونهي ۾ ڪو ٽر ملي ويو هجي، نئين سنئين پئي ساٿي ٽيو هانيارو هٽي رهي هٽي.

هڪ شودر جي پيدائش، ڏرتيءَ جي پهرين رات، ڦوهه جي هٿين ڪاني هوا، ننگو - سٽيو - چلڪڻو نازڪ بت، نہ اوچڻ نہ اجهو، ننگا ساٿي، ننگي ڏرتي، ننگو آڪاس، ڏرتيءَ جي پهرين رات ايڏي هاڇي هاڻي. نہ نہ ايءَ جاڙ آ، ڪلور آ، واٽهڙوءَ جون اکيون پهڻ ٿي ويون: چڻ دل تي ڪنهن بڇڇ وهائي ڪيو هجس.

هو هڪدم سٽ ڏيئي، ڏڪي سوڏو شودرن جي پڙ ۾ نڪري آيو.

هڪ مهاپرش جو شودرن ۾ اچڻ، چڻ آڪاس ڏرتيءَ تي ڪري پيو. سمڻ مچي ويو، خوشيءَ جون ڪيڪون خوف ۾ بدلجي ويون، جنهن کي جيڏانهن منهن آيو،

وٹي پگو، رگو اها موگاٹي ماءُ ۽ سندس وياءِ پٽ پيا هئا. ماءُ ڏهڪاءُ کان ڏکٹي ٽيو پٽي هئي ۽ وياءِ ٽڏ کان.

واٹهڙوءِ چاتو ٽي ته هن جي ائين نکرڻ سان هنن اگهاڙن انسانن جي رنگ ۾ ڀنگ پوندو. پر هن ڪنهن به ملهه ان نندڙي ساهه ڪي پوهه لاٹا لوهه جي پليدان چاڙهڻ نٹي باسيو. هاڻ هو آن مٹندَ جي مٹان ٻيٹو هو، جا پنهنجي اوڙا پيڙا پلجي، پنهنجي وياءِ مٹان اوندي جهڪي ويئي هئي. سندس نست کوڻن ۾ گهڙيل ڏنل گونگيون اکيون ديا لاءِ دانهي رهيون هيون.

واٹهڙوءِ پنهنجي ڏگي جي جٹهل مان هڪ وڏو گهرو اوني اوچڻ ڪيي، هن جي مٹان ورائي چڏيو ۽ گوڏن پر بيهي، ڏاڍي گنبيرتا سان ڪيس ٻانهون ٻڌائين، جڻ هوءِ ڪا شودر عورت نه، ڪا مها ديوي هئي.

شودر عورت جي ڏنل قائل اکين مان، ٻه وڏا لڙڪ لڙي، هن جي ڳٹن تي چمڪڻ لڳا ۽ هن انهيءِ سپاجهي ديوتا جي اڳيان پنهنجي سسي ٽيڪي چڏي.

واٹهڙو ڪيتري دير تائين، ان اوندي پوٹ پيل عورت ڏانهن نهاريندو رهيو ۽ پنهنجي چوڏاري سجدي ۾ پيل اڇوتن ڏانهن، جي ٹوري دير پهرين سندس خوف کان ڏڇي پڇي لڪي ويا هئا، سندس نظرون هنن جي ڏکندڙن اگهاڙين پٹين تان ٽيندين ڏرتيءَ ۾ جهڪي ويون، ۽ هو جهڪيل ڪنڌ سان ڈگي جي واڳ جهلي هلڻ لڳو.

سڀ شودر ملي وڏا سجدا ڀري، پنهنجيءِ گونگيءِ ٻوليءِ ۾ انهيءِ سپاجهي ديوتا کي جس ڏيڻ لڳا.

هاڻ واٹهڙو هو، ڈگي جي ڳچيءِ ۾ ٽل ٽل وڄندڙ ٽلو، اونهي آپ ۾ ساڻيا ستارا ۽ سنسان وات.

## (باب ٻيو)

رات ڈينهن جهر جهنگ جهاڳيندو، لڪ لٹاڙيندو، واٹهڙو آڏيءِ ويل هڪ وسنديءِ پيڙو اڇي ٽيو. ساريءِ وسنديءِ ٽي رات جي ديوي آري ٽي ويئل ڪڙ جيان پنهنجا اونداها پر پکيڙيو ويني هئي. هر پاسي چرڦر ڪاري چاڪ لڳي پئي هئي. ماٹهو پنهنجي اجهن ۾ نند ۾ الوٹ هئا. هر پاسي موت جي مان لڳي پئي هئي. بنهه نه هونگ نه هون.

واٹهڙو پنهنجي پوٹيءِ تان لهي واڳ مان جهلي، چٹني پاسي اونداهين پتين مان واجهائيندو، هڪ وڏي ويڪري جاءِ اڳيان اچي بيٹو. جاءِ جي گڙ ڪين مان سهاڻو سيرون ڪيو پئي ڦٹو ۽ پايائين ته ڪو جاڳي پيو، سو وڏي ان رٹول جو ڪڙو ڪڙڪايائين. ٹوريءِ ٽي دير ۾ در جي تاڪ مان هڪ اڌروٹ مٹندَ مٹنهن ٻاهر ڪيي، اچرج سان ڈانهس نهارڻ لڳي.

واٿڙوءَ وڌي کيس چيو، "مان واٿڙو آيان، پراهين پنڌ ۽ پوهه جي سردي‌ءَ سيکاڻي وڌو ٿم. هت پيٽي ٿم نه پت. اجهو ڏسي تو گهر آيو آيان."

"پلي آئين راول! تو جا پير اسان جون آکيون." سپاجهي‌ءَ منڌ سندس اڇيان لاءِ ٻڌي پانهون سرڻ وانگي ڦهلائيندي کنڌ جهائي چيو.

"تو جي پلائي جيجل." واٿڙوءَ به سندس آڏو پانهون ٻڌي، نوڙت ڪئي ۽ چانوٽ چڙهي اندر آيو.

جاءِ اندران وڌي ويڪري ۽ ڪئين نندين وڌين کوڻين ۾ ورهايل ۽ ڪاٺ، ڪاشي‌ءَ، ڏاتو‌ءَ، عاج ۽ چمر جي سهڻي عاج، ٽاون ٽپن سان پريل پڪيل هئي. آٽڻ واري آسڻ تي چرخن ۽ ارڻن تي سٽ چڙهيو پيو هو. هر ڪا شي‌ءَ پنهنجي جڳهه تي سگهڙپائي‌ءَ سان سجائي رکيل هئي. اندر سگڙي ٻڙڻ ڪري جاءِ اندران ڪوسي هئي. واٿڙو ڪجهه دير سگڙي‌ءَ تي ٻيهي پنهنجي ڏگهن آپن کنڌ تائين لڙکندڙ وارن تان ٻڪل کولي پاڻ کي ٽئيندو رهيو. سپاجهي منڌ جهڙو ئي اندران کير جو ڪپو ٽامي جي ٽالهي تي رکي موڻي ته واٿڙوءَ جو مٽيادار مک ڏسي هاکو ڦاٽي ويس. هوءَ واٿڙوءَ کي هڪ عام ماڻهو سمجهي هئي ۽ ٻڪل مان سندس سپاجهي صورت کي چگي‌ءَ پيٽ نه ڏسي سگهي هئي ۽ هاڻ جو اوچتو سندس اک واٿڙوءَ جي نرڙ تي ٻڌل سوني سر تي جڙيل وڌي گاڙهي چمکندڙ مٽيي تي پئي، جو سون ميائي‌ءَ جي مهاتمائن جو نشان هو ۽ جڏهن چوڏهين‌ءَ جي چند جهڙي صورت سڃاتائين ته هٿن پيرن کي ڪنبڻي وئي ويس. ماڳهن خوشي‌ءَ ۽ خوف کان کير جو ڪپو هٿن مان ڇڏائي ويو هئس ۽ وات مان رڳو ايترو آکليس، "مهاويد لڇمڻ آتم تارا...." ۽ قاتل اکين سان هن جي مٽيادار مک ۾ نهارينديءَ سجدي ۾ پئجي وئي.

واٿڙوءَ هٿ ڏگهيري کيس آشيروار ڏنو ۽ چيائين، "اي سپاجهي سگهڙ! تو تي ديوتائين جي ديا هجي. اٺ، منهنجو بت ساڻو ۽ ٻڌ نندهاڻا آن. مونکي هاڻڏيڪو ڪر."

سپاجهي منڌ ٻڌي پانهون ٻڌي تپسيا سان آٽي ۽ پٽيري هلندي کيس هڪ وڌي‌ءَ سهڻي کوڻي‌ءَ ۾ وٽي آئي، جو ڪنهن راجا جي رتول وانگي سجايل هو. ساڻو اوجاڳيل ٽڪل ٽنڊل چور واٿڙو وڌو گاڙهو جوبان لوڏيندو جهولندو آڻڻندو اچي نرم سيج تي ڏهي پيو. ان کان پهرين جو سپاجهي منڌ کير جو ڪپو سوساندو ڪري اچي، واٿڙو نند ۾ الوٽ ٿي ويو. سپاجهي‌ءَ منڌ ڏکندڙ هٿن سان سيج جي پيراندي‌ءَ کان سندس سونن ڦلن واريون چاکڙيون سڌيون ڪيون ۽ مٽانس چگي طرح سان اوني اوچڻ ورائي چڏيو ۽ ڪيتري‌ءَ دير تائين سندس پيراندي‌ءَ کان تپسيا سا پانهون ٻڌي بيٺي رهي.

(هلندڙ)

---

# پوپاڙيءَ جي پڇار

سج لهي ويو آهي، اتر ڪان سرد هوا لڳڻ شروع ٿي آهي. پريان پيلي جا وڻ ڏنڊ ۽ ڪوهيڙي ۾ دونهاٽيل نظر پيا اچن. هو سَرَن جي گهاٽي ٿَرَ مان ٻاهر نڪري پنهنجي ڪئمپ ڏانهن روانو ٿيو آهي. سيءَ ڪان بچڻ لاءِ هن آجَرڪَ جو جُهڊ هنيو ۽ وک وڌائي اڳيرو ٿيندو ويو. اڄ رات يوسف کي پنهنجي همراهن سان گڏ ٿَرَ جي وڏي زميندار سان ملڻو هو. هو ڪئمپ ۾ پهتو ته سندس سپ ساڻي تيار هئا. سپني کهاڙيون ڪنيون ۽ گوٺ ڏانهن ڪاهي اٽيا. اڃا سهماڻي مس ٿي ته هو زميندار جي اوطاق پيڙا اچي ٽيا. ٻاهر جو مَڇَ پي دڳيو. همراهه ڪانيون ڪڍيو ويٺا هئا ۽ رئيس مَڇَ ڪان پريرو ڪٽ تي ليٽيل هو. يوسف اچڻ سان پنهنجي پَرَ ۾ سلام ڪيو. رئيس سلام مان ئي سمجهي ويو ته هي ڏاڙيل نه آهن؛ پوءِ بي ڏڙڪ ٿي ساڻن ملیو ۽ سپني کي ڪيڪارڻ ڪان پوءِ خبرون وٺندي چيائين، "ابا، جيڪا گاله اوهين چاهيو ٿا، سا هن ملڪ ۾ ملڻ مشڪل آهي. اسين ٻه ڪو وقت سنيرون، جيڪو واءُ لڳي، تنهن کي سامهون ٿيو. اڄ ڪلهه اهو وقت آهي، جو اشراف کي ڪپي ته پٽي هٽ پٽڪي ۾ هجنس. تنهن ڪري مان ڪري پنهنجن ڪکن ۾ گذارڻ جي ٻيو چاروئي ڪونهي. رب پاڪ! تي ننگ آهي، شل ڏکيو ڏينهن نه ڏسون، باقي جي وڌيڪ هٽ پير هٽنداسين ته رهي ڪهي مڇيءَ مانيءَ تان ٻه هٽ ڪٽڻو پوندو."

يوسف آجَرڪَ جو جُهڊ کولي رئيس ڏانهن سري آيو ۽ چيائين، "چاچا! اڃا ٻه مان ڪري ويهڻ اسان کي نٿو جڳائي، هاڻي وقت پرجي آيو آهي ته اٿي هٽ پير هڻون. اسين پنهنجي ڏرتيءَ جي سينڊ مان ڏهاڳ جا ڏنب رت ڏيئي ڏاهيندا سين. هي ڪوماڻل مهانڊا، (ويڙل هارين ڏانهن نهاري) لڳ لٽل، پيڙيل هڏ، صدين کان مرڪ لاءِ پيا سڪن. هتن ڪئين جڳن کان هن ڏرتيءَ کي رت جو ريج ڏنو آهي. اڄ اسين انهي ريج جا اپريل سَلاَ آهيون. اسين پنهنجي ماءُ کي پين جي حوالي نه ڪنداسين. هي جيڪا چٽنگ اسان ڏکائي آهي، انهي کي مَڇَ ڪرڻ ۾ اسان سان ڀانهن پيلي ٿيو. اسان جي مٺڙي ماءُ جيڪا صدين کان سٽڪندي رهي آهي، هينئر سندس زبان مان خوشي جا گيت ٻڌڻ ٿا گهرون. هن ايترا ته سور سَٺا آهن، جو هاڻي پنهنجو وجود به ختم ٿيندو پيئي محسوس ڪري. اڄ اسين ئي سندس آخري آس آهيون، هوءَ

مايوس كانهي، وارثن لاءِ پيئي واجهائي، ڪيس يقين آهي ته سندس ڇڙا سور سختيون سهي نيٺ ڪوڙ جا ڪوٽ ڊاهي وجهندا."

"ها ابا، تنهنجو چوڻ بلڪل صحيح آهي،" رئيس پنهنجي بي وسي بيان ڪندي وڌيڪ چوڻ لڳو، "هتي ته ريڊ ۽ ڪري وارو حساب لڳو پيو آهي. آ سر ر جون ٿا ته ڪير اسان جو ڳالهائڻ ٻي نٽو سمجهي، آفسر ڏڙڪا ڏيڻ ۽ ٻين سو اکين جا سور سڃهن پيا ته اسان سان چا ٿيڻ وارو آهي."

"پوءِ اچو ته گڏجي هن قافلي سان ڪاهي هلون (هارين ڏانهن اشارو ڪري) پنهنجا پوءِ به پنهنجا آهن، اسين جيڪڏهن هنن کي سنڀالينداسين ته هي اسان جي پڳ لهڻ نه ڏيندا، اسان کي گڏجي منزل ڏانهن وڌڻو آهي، اسين پنهنجا حق وٺڻ چاڻون ٿا، رڳو پنهنجن کي پنهنجو ڪري چاڻڻ جي سمجهه اچي سون." يوسف گنبيرٽي چيو.

"پيلي ائين بروبر آهي ته پنهنجا پوءِ به پنهنجا آهن،" رئيس حياتيءَ ۾ پهريون پيرو حقيقت سمجهندي وراڻيو، "لٽ هٽندي پاڻي جدا نه ٿيندو."

ڪچهري وارن جي مهاڏن مان لاچاري ۽ بي وسي ظاهر ٿي رهي هئي. سڀني جون اکيون مڇ ۾ ڪپي ويون هيون. يوسف ماٺ ٽوڙيندي چيو، "موجوده حالتن کي ڏسي هن سرزمين جو ننڍو وڏو سمجهي ويو آهي ته اسين ٽوريئي وقت ۾ بي موت ماريا ويناسين. اسين سڀ هاري ۽ زميندار آهيون. ڪنهن سان به وڙهڻ کان اڳ ۾ اسان کي پنهنجا ويچا ڪيڏا آهن. تعليم اسان ۾ ايتري هٿ گهرجي جو اسان جو هاري به چڱي طرح لکي پڙهي چاڻي. زمينداڻن کي گهرجي ته هارين کي قرضي ڪرڻ بدران کين سڌارڻ جي ڪوشش ڪن، ۽ کين اجرت پوري ڏين (هارين ڏانهن اشارو ڪندي) جيڪڏهن انهن ڳالهين تي عمل ٿيو ته هي اهڙا غيرتمند آهن، جو اسان کي پنهنجو سڀ ڪجهه واپس وٺي ڏيڻ ۾ پوئتي نه هٽندا."

"ابا! هائي وارو توهان جو آهي، ڪاليج پڙهيل آهيو، اسان کان وڌيڪ توهين سمجهي سگهو ٿا، جيڪا اماڙي توهان هٽ ۾ ڪئي آهي، سا هن سرزمين جي ڪوٽ ڪوٽ ۽ واهڻ واهڻ ۾ روشن ڪريو." ڪچهري ۾ ويٺل هڪ پرٿي مڙس چيو.

ڪچهري تي خاموشي ڇائجي ويئي هئي. ويٺلن جي منهن تي سوچ ۽ فڪر جا جذبا ظاهر ٿي ويا هٿا. يوسف سڀني ڏانهن نهاري سمجهيو ته هاڻي مقصد جي ڳالهه ڪرڻ جو وجهه آهي. ڪانپ سوگهي ٻڌندي، هن رئيس ڏانهن منهن وراڻيو ۽ چيائين، "توهين پلا هن معاملي ۾ اسان جي ڪهڙي مدد ڪري سگهو ٿا."

رئيس ڏڪ ڪائيندي چيو، "سچ ته حيف آهي هن سرزمين جي وڏيرن تي، جن هن ڀاجهاري ڏيهه کي ڏارين هٿان برباد ٿيندو ڏسي به اک نه پٽي. توهين ته پٽ سر جي سين هٽي نڪتا آهيو. ننڍا نيٽا اڃان جواڻي به ڪانه ماڻي اٿو ته هن ڏنڊيل ڏيهه تان قربان ٿيڻ ٿا گهرو، جيڪڏهن هينئر به اسان توهان جي واهر نه ڪئي ته اينڊڙ

بڻ اسان تي لعنت وجهندو. آءٌ پنهنجي سر توهان سان هرڪا مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. ڪهن به وقت ڪم وي ته بي ڏڙڪ ٿي هليا اچجو."

رئيس کي پنهنجو همدرد ڏسي هو ڏاڍو خوش ٿيو. سيني جون اکيون هن ۾ ڪتل هيون. سندس ڳالهين کي سيني ڪن لائي پئي ٻڌو. هن جڏهن ڳالهائي بس ڪيو ته سيني جا مهاندا ٻهڪڻ لڳا. هو اٿي اچي رئيس جي پر ۾ ٻيٺو ۽ موڪلائڻ جي ڪيائين. ڳوٺاڻا ساٿس پاڪرين پئي موڪلائڻ لڳا. پچاڙي جو سيني هڪ آواز ٿي پنهنجو مخصوص سلام ورايو ۽ رات جي اونداهي کي چيريندا ٻيلي ڏانهن روانا ٿي ويا.

●

هو سيئي ساڻي ڏينهن جو ٽڙي پکڙي ڳوٺن ۾ هليا ويندا هئا. رات ٽيڻ ڪانپوءِ گڏجي تر جي زميندارن سان ملندا هئا، ڪين سندن بي وسين ۽ لاچارين جي حقيقت کان واقف ڪري، پنهنجو هم خيال بنائيندا هئا. ٽورنٽ ٿي ڏينهن ۾ هو ڳوٺن ۾ مشهور ٿي ويا. تر جو وڏو زميندار ته سندن ڏاڍو گهٽگهرو هوندو هو. وڏيري جي مرضي سان هنن اتي جي هارين کي زمين جو هڪ وڏو حصو گڏجي آباد ڪرڻ لاءِ همتايو، پوءِ هڪ سوَ ايڪڙن جو ٻڪو پلاٽ ڳوٺ جي سيني هارين گڏجي آباد ڪيو. هو هر روز اتي پهچي ويندا هئا ۽ هارين سان گڏ بيهي ڪم ڪندا هئا. ڪين ڪم ڪندو ڏسي هارين جي دل بهار بهار ٿي پوندي هئي. سڄي تر ۾ هي نئين ڳالهه هئي، تنهن ڪري پري پري کان ماڻهو اچي هنن جي گڏيل محنت کي ڏسڻ لڳا. سوَ ايڪڙن جو سڄو ٽڪ هڪ مهني جي محنت کان پوءِ ڪڪ جي پوک سان رتل هو. پنهنجي پهرين ڪاميابي تي هو ڏاڍا خوش ٿيا هئا. ڪين يقين ٿي ويو ته واقعي هن سرزمين جا ماڻهو بي پناهه صلاحيتن جا مالڪ آهن. پوءِ آهستي آهستي اهو رواج ٻين ڳوٺن ۾ به شروع ٿي ويو ۽ هاري گڏجي زمين آباد ڪرڻ لڳا. رات جي وڪڙي ۾ هو ڳوٺن ۾ ڪچهري جي ٻهاني گڏ ٿي، برادري جا معاملا ۽ هڪ ٻئي ڏانهن ڪار وهنوار نبيريندا هئا. هاڻي منزل ڏانهن رستو گهڙجي چڪو هو، شهرن مان وڏيڪ ساڻي ساڻن اچي شامل ٿيا. نئون رت، نوان جذبا، آزاديءَ جا امنگ، آئيندي جا اهجاڻ ڏيڻ لڳا ۽ هو سيئي بار کلهن تي اڇلي زندگي جي پراڻن قدرن کي ڌاهيندا اڳتي وڌندا هليا.

●

رات ڪافي وهامي ويئي هئي. ڪتيون لهڻ ۾ هيون، چوطرف پاٽ اوندهه چانبل هئي. يوسف کي پاسا وارينديءَ کا مهل اچي ٿي هئي، ڪيس ننڊ اڃا نٿي آئي. هو اٿيو ۽ ٻيلي جي منهڙ واري پهي ڏانهن نڪري ويو. هو اڃا ٿورو اڳتي وڌيو ٿي مس ته پوياڻ ڪنهن هڪل ڪيس.

"ڪير آهين؟" هن پوئتي نهاريو ته پاڻ کي بندوقن ۾ گهيريل ڏٺائين.
"ڪير آهين؟" بندوق جو نال چاءِ ۾ چيڙ لڳس.
"شڪاري،" هن سامهون بيٺل کي گهوري چيو.
بندوقون هيٺ ٿي ويون، سيئي هن کي چٽائي ڏسڻ لڳا. هڪڙي هن کي نهاري چيو، "متان انهن جوانن مان ته نه آهين، جيڪي هن ٻيلي ۾ رهندا آهن."
"ها، آءٌ انهن مان آهيان، پر توهين پنهنجون خبرون ڏيو؟" هن ٻي ڀيرو ٿي چيو.
"اڇا کو ماءُ پٽ ٿي نه چڙيو آهي، جو ميري کان خبرون وٺي، ڪڙي چڙ، جلد هلي پاتاري ڏيکار، وڏيڪ خبرون اتي ٻڌيون." سردار اڳيان ٿي هلڻ لاءِ هن کي ڏکو ڏيندي چيو.
هو سيني کي پنهنجي مڏيءَ تي وٺي آيو. پرن جي ڀاڀي تي ٻيا همراهه به سجاڳ ٿي ٻيا، اوبرا ماڻهو ڏسي سيني کڻي هٿيار سيريا. يوسف اشاري سان کين بي الڪو ڪندي، همراهن کي مڇ جي پر ۾ اچي ويهاريو.
سردار ميري پٺڪي جو چاڙيءَ ورَ لاهيندي چيو، "توهان کي خبر آهي ته هي ٻيلو سالن کان اسان جي ٻيلي آهي. پوليس کان بچڻ لاءِ اسان لاءِ پناهه آهي. توهان جا ڪم حڪومت کي ڏکيا ٻيا لڳن. ٽيون ڏينهن وڏيري واري ڳوٺ ۾ پوليس وارن اچي ڇڄا ڪئي ته هتي هارين کي ڪير ٿا اچي برغلائين، هي ڳڌيل زمين آباد ڪرڻ جو ڏَسُ هارين کي ڪنهن ڏنو آهي. هاڻي شايد خبر پيئي اٿن ته توهان جو ماڳ ٻيلي ۾ آهي، ڏينهن ڦهر ۾ هتي ڦهچي ويندا، تنهن ڪري جلد هتان مڏي ڪٽو، هروپرو اسين نه ڏڇي ۾ اچي وڃون."
يوسف مرڪندي وراڻيو، "بس يڪدم ڏڇي ويا، توهين ته گولين جي ڇانوَ ۾ وڙهندا آهيو، سو به پنهنجن کي ڦري پوء."
ميري کيس اڏ ۾ ڪٽيندي چيو، "توهان سيني کي ڪهڙي خبر ته پنهنجن اسان سان ڪهڙا ويل ڪيا آهن، اسين جائي جهر کان ڏاڙيل ٿورو ٿي آهيون، پر جڏهن اسانجن مائرن، ٻارن، لڇن ۽ جاين جي عزت زميندار زوري لٽي اسان کي جيلن ۾ ٽاڙا هڻائين، تڏهن اسين ويري ٿي پنهنجو بدلو پيا وٺون. هاڻي ته سڄي عمر هنن ٻيلن ۾ ٿي ڪاٽڻي آهي، گهر گهاٽ ويا، ننگ ناموس ويئي، هاڻي حڪومت ڳولڻ ۾ ۽ اسين لڪڻ ۾ پورا."
يوسف ميري کي نهاريندي چيو، "توهين پنهنجي خيال موجب صحيح آهيو، پر انهي طريقن سان پنهنجو ويڑ ڪڏهن به پاڙي نه سگهندا، هيل تائين توهان جا وڏا به ويڑ وٺندي جيلن ۾ قاسين وگهي مري ويا، پر ٿيو ته ڪجهه به ڪونه. توهان جي لڇن جي عزت ساڳئي لٽجي پيئي، ٻنيون تباهه ٿي ويون، سڀ ڪجهه ڇڏي جهنگ پيڙا اچي ٽپا آهيو. تو کڻي ٻن ٽن کي ماريو هوندو، پر انهي سان ڇڙائي ته ختم

کانہ ٿي. اهو سمجهين ٿو تہ اڄ تنهنجي ڇڻ سان ڪهڙو ويل هوندو، توهين تہ زوري ب ٻڌي جي وات مان گرهہ ڪسي سگهو ٿا، پر هنن ولهن جا واهي ڪير هوندا. ڪيترن کي ماريندو، ڪيترن کي ڏاڙا هڻي پنهنجا ويڑ وڌندا رهندو. اهڙو ڪو طريقو وٺو جو ڇڙاين جو سڇو وهنوار ختم ٿي وڃي."

"آخر تون چوڻ چا ٿو گهرين؟" ميري اوندهہ ۾ گهوريندي چيو.

"منهنجي مرضي آهي تہ توهين اسان جو ساٿ ڏيو، جيڪا باهہ اسان ڏکائي آهي، تنهن کي گڏجي ٻارڻ ڏيون، اها جرڙ اسان جا ڏک، سور سڀ ساڙي راک ڪري ڇڏيندي. ٻوءِ اسان جون مائرون ۽ ڀينرون سک سان رهي سگهنديون، ٻوءِ اسين ڪنهن جا ب قرضي نہ رهنداسين. اسان کي اجهو، لٽو، اٽو سولائي سان ملي سگهندو، سيني کي هڪ جهڙو حق ملندو. هي زمين، هي ڌرتي سيني جي آهي. اسين انهي تي ڪنهن کي ب جاگير قائم ڪرڻ نہ ڏينداسين. منهنجا دوستو! هن ٽوري وقت ۾ اسان جيڪو ڪم ڪيو آهي، انهي جون خبرون توهان کي ضرور هونديون. هڪ ڏينهن اهو ب ايندو جو اسين ڪوڙ جا ڪوٽ ڍاهي رهنداسين. جيڪڏهن توهان جهڙا دلير اسان جو ساٿ ڏيندا تہ اڳتي وڌڻ ۾ تمام سولائي ٿي پوندي ۽ ظلم کي جلد ناس ڪري سگهنداسين."

يوسف جون خبرون ٻڌي ميري تي ماٺ ڇانئجي ويئي هئي. هو لڳاتار مڇ ۾ ڏاندن کي گهوري رهيو هو، نراڙ ۾ فڪر جا گهنج ايري آيس. هن نظرون ڪٽي پنهنجي هرهڪ ساٿي کي گهوري ڏٺو ۽ اکين ئي اکين ۾ سندن ارادا پروڙي ويو. ڪا ساعت ڪنهن نہ ڳالهايو، سڀئي ميري کي تڪي رهيا هئا. هن ڪنڌ مٿي ڪٽي يوسف ڏانهن نهاريو ۽ چيائين، "اڄ کان وٽي آءٌ پنهنجي همراهن سان توسان آهيان. تون جيڪو ب حڪم ڪندين، اسين مڃڻ لاءِ تيار آهيون. اسان سڄي عمر سور سٺا آهن، پنهنجي ملڪ ۾ رهي ب جهنگ ۾ پيا گذاريون. جيڪڏهن وري سک جو ساهہ ڪٽڻ نصيب ٿئي سون تہ سڀ ارڏيون ڇڏي ڏينداسون. آءٌ بين ڪاٽڪوٽن سان ب ملندس ۽ ڪين تو واريون ڳالهيون سمجهائيندس. هيءَ تہ حق ۽ انصاف لاءِ جڏ آهي، ان لاءِ ڪير نہ سر ڏيندو."

●

سال ڪن ۾ حالتون ٽي ڦري ويون هيون. هر هنڌ سجاڳي جو سڏ نينهن جو نياپو ٽي آيو هو. ڀهراڙي توڙي شهر ۾ ڪو ويڇو نہ رهيو. گاڏين ۽ لارين ۾ سفر ڪندي ميڙا ملاکڙا ڏسندي، محفلون ۽ مناظرا ڪندي اهائي تنوار هوندي هئي تہ ڪوڙ جا ڪوٽ ڇاڻ ڏنا ڪي ڏنا. ٿون واءُ ورندو، سک جو ساهہ ڪٽنداسين، وري لطيف جون لاتيون ٽيندين، وري سنڌوءَ کي پور پوندا، اروڙ کان ڪيٽيءَ تائين مهراڻ جون موجون هونديون، ٻوءِ ڪير ب ڪيس ڪڙڻ ۾ قابو ڪرڻ جي همت نہ ڪندو. صدين کان

پيڙها آيل، اڳڙين ٽڳڙين سان انگ ڏيکيندڙ، ڏٺ ۽ ڏونڙا ڪائيندڙ، اڄ ولهي جا وارث بنجي، ظلم ۽ ڏاڍ واري هٿ کي سڏائين لاءِ مروڙي پيچي چڏڻ لاءِ تيار ٿي بيٺا هئا. ماڻهن ۾ ايترو جذبو ڏسي يوسف کي ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي. ساڻين جي ڏکن ۽ تڪليفن کي ساري، هو جڏهن ڏرتي جي آئيندي کي واجهه وجهي ذهن ۾ آڻي سوچيندو هو ته سندس سڀ سور لهي ويندا هئا. ائين هي قافلي جي اڳيان ٿي منزل طرف وڌندو رهيو، ڏاڍ ۽ ظلم جي هٿن ۾ هن گهٽن ٿي ساڻين کي نچوڙجندي ڏٺو، پر کيس ڪڏهن به اهو محسوس نه ٿيو ته هو قربان ٿيڻ کان ڪيڀائين ٿا. هن کي يقين ٿي ويو هو ته هاڻي منزل پري نه آهي، وقت جا ويري گهٽو جٽاءُ ڪري نه سگهندا، هڪ ڏينهن هن مڙي ملڪ ۾ پنهنجون پچارون هونديون، مال وند ماروڙ و گهر ونڊي لوڙائو لونڊا، ظلم ۽ ڏاڍ وارا هٿ ٽنڊا ٿي سڪي پوندا ۽ پوءِ غلاميءَ جا گهاءُ ميٽجي امن جا اهجاڻ ٿي ظاهر ٿيندا.

(جشن روح رهاڻ ۾ پڙهيل.)

●

شعري مجموعا "روح رهاڻ" جي نئين روايت آهي
"جل جل مشعل جل" ۽ "هي گيت آڇايل مورن جا"
کان پوءِ "روح رهاڻ" فخر سان شيخ ايياز جي نون
مست ڪندڙ گيتن، واين ۽ نظمن جو مجموعو

## "رت آڳي گاڙهن ٻيرن جي"

آگسٽ ۾ پيش ڪري رهيو آهي
آگسٽ جو پرڇو اڳواڻ ڏي بک ڪرايو.

# هورو

سياري جي رات، ڇيهه نڪو سنڌو. هونئن ته رات جي رت هاڻي اونداهه صدين کان پنهنجو زهر هاريندي سرندي اڇي پرهيءَ سياري جي رات! سمهيو سمهيو پٽا پڇيو پون، جيسين وڃي ڪڙ پانگون ڏين. تنهن سوران ماڻهو سمهي ٿي ديو سان هروپرو پٽن ڇلائڻ سان ڪم ڪونهي. سو، سياري جي رات هئي، سيءَ جو ديو رات جي ڪاري پوتي اوڀي ڏرتيءَ تي رڙهڪي آيو، ڪَڪَر ڏينهن جو ٿي پئي آڏاڻا، رڳو 'ماڻهو بوءِ، ماڻهو بوءِ' جي دير هئي. لانڊيءَ جي پاهران ٽڏيءَ هوا جي ڊوڙ هئي، جهڙو 'ٽڪڙا نياپا' ڪٽيو ٿي ويئي. هوا جون ڪي ڪي سنهڙيون ليڪون لانڊيءَ جي ڪکن جي وچ مان ترنديون جسم اندر لهيو ٿي ويون. چلهه ۾ پيل ڪنڊيءَ جي ڪاڻيءَ جي ٽانڊن پنهنجون ڳاڙهيون اکيون پٽي چنيون. ڦوڪ ته ڪڏهن ڪڏهن باهه وٽيو ٿي پڙڪو ڪاڏو ۽ ڪر ڪنيو جهڙو اصيل نانگ. ڪاڪي سُڪڻي ڪنگهڪار ڪري ڪانءَ کي ڊرو ڪيو. ڪوٽريءَ مان سُلفي ڪڍي هيٺ ڪاڻيءَ تي اونڌي ڪري، چنڊي منجهس تماڪ ڦسائين، جهڪي نيڙو ٽانڊو ڪڍي سلفيءَ جي منهن تي رکي هڪڙو سوٽو هنيائين، ٻيو هنيائين، تماڪ ۾ باهه مُرڪ وانگر پکڙجي ويئي. ٽانڊو چنڊي، هاڻ هو اکيون پوري مزي سان تماڪ جو دونهون چاڙهڻ لڳو.

"ابا رسوليا! آئين پٽارين جا به رنگ آهن." ڪا پراڻي ياد سوٽي سان دماغ ۾ چڙهي آئي هيس. ماضيءَ جون يادون به اڻ لکا دونهان آهن، جي من جي مٽاچري تي پيا هيڏانهن هوڏانهن تيرکن. ڪڏهن ڪڏهن سوٽي سان چپن تي وڃايل مُرڪ وانگر اوچتو چڙهيو اچن. ڪڏهن ته ماڻهو آهي ليکا به ٽپي ويندو آهي، جتان ساڻس لڳ ڪارو وهڪرو ٻيو هلندو آهي، جنهن ۾ يادن جي پروڙي آڇلائڻي پوندي آهي.

"ابا، هيءَ مند اٿئي چئوڙ سياري جي. مٽس چٽي وهي هينئر چڙهي اٿئي. هن مند ۾ نه ـــ ڪنهن ويچاري منڊ جو وَر بکئي پيٽ جي پاپاري پير پيري ڪيڏانهن پاهر نه ويو هوندو ته ائين سمجهه ته ان منڊ جو من ڦاٽل تنر وانگر اندر جي ڪاري اونداهي رَڄ ۾ ٽپڪيون ڏيندو هوندو. هو پڌو ڪونه اٿئي ته ـــ 'سارو.... ها سارو تان سيارو مون گنديءَ ۾ گذاريو هيلوڪو وري آءٌ'."

"هاڻو ڪاڪا! سا اٽ جي ٿي ڳالهه ڪيئه."

"بچين، سو ٻڌايو مانءَ ٽي ته هيءَ مند اٽي هوري جي، سا ٻ جوانيءَ لاءِ الائي ڪٿان جا سڏ ترندا ويندا آهن، سڏ، اشارا، هورا ٻاهران گنگ ٻوڙ دوفان واري، اندر واڇوڙن جون گهمريون. انهيءَ ڳالهه ڪي ٻ ورهيه ٽي ويا آهن. رسوليا ابا، پوءِ...." ڪاڪي سڪئي جي آواز ۾ سندوءَ جو مستي اڇي ويئي. "آهي وقت اِهي هجن جڏهن مونکي ڏاڙهي مڇون ڦور هٽي آين. ڇٽو ته پنهنجي زور ۾ پاڻهين پيو ڇڇان. پير پٽ تي ڪيم ٽي نه، طاقت ٻ هيم، ڊوڙندي وهڙي ڪي پڇ مان جهلي سٽ ڏيندو هوس ته گوڏا اڇي ڪپندا هئس. هٽ هٽ زمان پيٽيان تنهنجا رنگ،" ماضيءَ جي ياد هميشه ٽڏا ساهه گهرندي آهي، "تون ابو ويٺو آهين، ڊڇيو ڊڇيو ٽوڳالهه ڪريان، انهي وڪت هن ڊوري جي ڪپ تي جهنگ هجن، جهنگ جو ڪنڊي ۽ چار ۽ ٽوهر. وڻ وڻ سان پاڪر وڇيو پيو هوندو هو. ميرن جو هڏڪارو. مجال آهي جو آئين کي هڪڙو ڏينهن ٻ او کو اڇي وڃي. هي جو اڄ جهنگ وڏي ميدان ڪري ڇڏيا اٽن، سڄ پڇين ته وٽن ڪان خالي ميدان ڏسي ڪڏهن ڪڏهن منهنجو هنئيون ٻڏندو آهي. دل چوندي آهي ته ڪري پوان، پر منهن پر نه، پانهن پٽن، ڇا سمڊين؟ پانهن پٽن.... هلا پيٽيان زمانا."

منهنجي من جي متاڇري تي Words Worth جا رت گاڏڙ لڙڪ سال سٽي اڇي ڪريا.

"سو ابا، اسان وٽ آئين جو ولر هجي، پٽاريون ڏونئريون، ڳاڙهيون جڏهن جهوڪ تي اڇي رڙهات ڪنديون هيون ۽ ٽپ ڏيندیون هيون. پلا آرينڊو مال، تڏهن اسين اڙي ڪاپ مڙس هٽاسين، جي ڪين ڏٺندا هٽاسين. ڪيرن جا هي دُوَرانَ وٽا! پر جڏهن نه گوڏا اونڌا ڪري پٽاري ڪير مٽان اڇي ويهندا هٽاسين، تڏهن ـــ رسوليا نه ڇڏيندا هٽاسين ڪو ڊڪ نالي جو. هينئر آن جهڙن جواٽن کي مرچن پيلي ڇڏيو آهي. اڳي ماڻهن جي رت ۾ مٺو ڪير ڊوڙندو هو ۽ اڄ کارا مرچ. سو ابا، انهن انين ۾ هڪڙي لاڙ جي آٽ هوندي هئي. ابي ورتي هئي سودي تي لاڙ مان. پٽاريءَ ڳاڙهيءَ جو ڪير اهو هوندو هو، جو پڇار ڇڏي ڏي. ڇٽ ته مصري پيو کان. آٽ پٽارين آئين سان انبل ٽي ويئي هجي. چار پنج سال ٽيا هٽا ولر ۾ گڏئي کي. سو ابي کي چوان هڙو ڇوڙ سيارو هجي. سياري جو لاڙ ۾ ٽٽي جام مڪ. گهٽا لاڙي چون ٽي مڪ جا ڏينهن. سو اِهي ڏينهن هجن جهنگ ۾ آتر آهي جو آتر. هوڻ پيئي پويس. اڪ سيءَ ۾ سڙي سڪي ڪٽي پيڙا ٽيا هجن، جهڙا موذيءَ جي دل. آئين پٽارين جي جهوڪ هجي اولي ۾ مڙيئي سيءَ جيءَ سڊيءَ وهڪ کان پاسيرو. انهيءَ رات پٽاري ڳاڙهيءَ لاڙڻ جو رڙهات پيو پئي، ٻئي نڪا ڪبر نڪا چار. دل ۾ چان ير اڄ ڪهڙي وڻل ڪنيو اٽس. اڪيون چنيبندي چنيبندي، اوهاسيون ڏيندي هليو نه وڃان، نند جيءَ هنج ۾ ته ڳاڙهيءَ کو راتودو ڇڪيو پنڊ کي، آتر ڪيو اٽس منهن الاڙي واهي، جو ڪي نه ميٽَ ڪنهن جا، وسيلو ڏٽيءَ جو. ابي کي هڪل ڪيم، 'ابا، ڳاڙهي ويئي.'

چي، 'ابا هورو ٽيس هاڻي جَهلُ ٻ ڏکيو ڏيندءِ، ڇڄ دير نہ ڪر.' پوءِ تہ اچي پير ڪنيومانس، پر ڏسين تہ آٽ رَڪيءَ ۾ ويئي آهي. هي ٽپ ڪتي ٻيهي چڪ نہ هنيو اٿس. پلا مُلڪ جي چڪ ڪٽيو ٻيئي هيس، ٻيهڻ ڪي نہ ڏٺيس، مـن سان گڏ پيڙ ٻ ترڪي ويس، ڪاڏو ئي وسري ويس. پوءِ تہ بابل، اِهو ڏهـ ڦٽو رستو ئي رستو هڪڙو پير ٻ گسي پاسي تي نہ پيو آهي. پٽارو مَٽي پرپرو ٽيس تہ پير لپيئي نہ. وچان جو ٻين آٽين جو ڪو ولر اڇي پيو آهي، تنهن هٽي پير ڌاهي چڏيو. اِتي مونکي ٻ ٻيهار اچي ٽيا، سڄ مَٽي مٽان ٻيٺو هجي، اندر پيو پريمر. ميل ڪن اڳتي هلي جو آهاڙ ڏيان تہ هي ٽپ اٿس، رستو ڪٽي چڏيو اٿس ۽ الهندي سنهڙي واٽ وٽيو ويئي آهي. بس ڙي ادا ڦٽبو، ڊوڙندو، ٽپ ڏيندو، طانقتون هجن، پير مٽان پير وچ سڄڻ پر آٽ ٻ پوريون ڪري چڏيون، بيهي ڪٽي ڪا ويساهين ڪائي پيو مڙئي ٽيو خير. سڄ هيٺ پرو رڙهندو وبو آڻون مڇندو ويس. سڄ ٻ سڄو ست هاري ساڻو ٿي وڃي جهڙن ۾ پيو. ڳاڙهو پيلا رنـگ وٽن تي هارجي ويا هجن، وٽن جا ڊگها پاڇولا جهڙا ڪـري جي هڪ ٿي ويا هجن. واءِ سيءَ سان پرجي ڪورو ٿي پيو هجي، آسپاس جي رستن تي ڏنڊ جا پٽا وڇائجي ويا. ڪيرن جا ولرن جا ولر وٽن جي چوٽين تي گڏ ٿي ويا. شام جو اِهي وڻ وري اڪيلا اڪيلا ڏسڻ ۾ ايندا آهن، جهڙا سائٽر. اِتي مونواري ستڻ گوڏن تائين ڊُسڙ ۾ پـرجي ويئي، ڏاڙهي، مڇون، ڪپڑا سڀ ڀيوت. انهن وختن ۾ پانجا، سندي ٽيئي ڪپڑا ڪارا پائيندا هٿا. هينئر تہ ڪٽين ڦيشن نڪري پيا آهن. بس ڙي ابا، پانيان ٿو تہ ملين ٻ مسيت اندر پير مس رکيو هوندو، مون ڏکاءُ وڃي پنگرئيءَ شهر ۾ ڪيو.

'سلامالیکم،' جي 'ڀلي آٽين جي ڪري آٽين مڙس!' هوٽل واري جو مونکي ٽکل ٽٽل ڏٺو، سو ڏسين تہ ذر ذر مون ڏانهن پيو نهاري. مون چيومانس، 'يار، چا ٿو ڏسين، پنڌ پيڄي چـڏيو آهيم.' 'ڪٽان پيو اچين؟' 'موهر مان.' 'وارهاڙي سان؟' 'هَٽو، آٽ رلي ويئي آهيم.' 'ٻيا همراهم؟' 'آءٌ هڪڙو آهيان، آٽ پڳي آهي.' 'پار پتا؟' 'ڳاڙهي، ڊگهي، ڪن ۾ ٽورو چير، ڪني جو داڳ.' 'اِها پٽاري اڳئينءَ جو هيتان ميٽي هت سيڙهم آٽر رواني ٽي اٽئي. آءٌ بدنو ڪٽي ويس ٻاهر، چا ڏسان پٽاري رئيءَ ۾ پيئي وڃي. دل چير هوري جي ماريل، وطن جي چڪ گهوڙن ڪي ٻ رس ڪاڻ ڏيندي.' چيومانس، 'يار، چانهم جو ڪوپ پيئار تہ اڳ، وٹانس آلهندان.' ادا ڙي چانهم پي اچي چانڊين جي ڳوٺ وارو رستو جهليم. مونکي ٻارهن آڻن جا سورهن آنـا پڪ ٿي تہ آٽ پڳي چانڊين جي ڳوٺ. ابي اِها آٽ مرحيات وروءِ چاندڻي ڪان ورتي هئي. اِنان ٻ منهنجي پنڌ جو سوڙهون. سيءُ ٻ چوي اڄ نہ پوان تہ ڪڏهن پوان. پر پنڌ ۾ ماڻهو سيءُ تي مڇ ٻ ڪونہ چنڊي. اِتي اچي آڏي ٿي. ٽيڙو تري اچي آشمان جي وچ ۾ ٽيا، ڪڙڻ آڏيءَ واريون ٻانگون ڏنيون. مون ٻ وڃي ڪڙڪو ڪيو، هاءِ هاءِ!"

ڪاڪي سڪئي ٽڏو ساھ پريو، جڏ ھينئر ڳالھ سان گڏ پاڻ ۾ ڊوڙيو ھجي.
"ھائو ڪاڪا؟"

"بس ابا، وروءَ واري پٽ ولوءَ کي ھڪل ڪيم. ھمراھ جڏھن ۾ ڪانھ پاتي ٻاھر نڪري آيو. ھٿ ھٿ تڏھوڪيون ھوڙھايون. اڄ ڏينھن ڏٺي جو ھمراھ ٻاھران وڃي سڏ ڪري، مجال آھي جو گھر ڏٺي چلھ جي ٻر چڏي. ھمراھ بک ڇو مري، جي اڄ مري وڃي. رسوليا! الائي ڪٿان ٻاھر جي اوپرين ھوائن مڙسن کي چلھ جو مارنگ ڪري چڏيو آھي. بس ٻايا ڪاڏيم ماڻي ٽڪي، رھيس سمھي. صبح جو ولوءَ جي ولر ۾ جانچ ڪئي سين. اٺ ڪانھ پگھي، ۽ ڏينھن ترسيس، ٻيو مڙئي خٽر. چيوسين يا تہ وئي وچ ۾ ٻڏجي يا ويئي رستو پلجي. بس پوء اڻيون ھيون جام، پرواھ ھئيسين ڪانھ. چڏيسينس پٽي، اڄ ٽي وڃي تہ سيڻ ۾ ٽي وڃي."

"ڪاڪا اٺ ھٽ ڪانھ اٿي؟"

"نہ ابو."

"تہ ڪاڪا وات پلجي ويئي، اڃا پيئي رلنئي."

"ابا، چڏ مشڪري، انھيءَ ٻٽاريءَ جي ھيستائين ھڏا ۽ سڙي ويا ھوندا."

"ڪاڪا! آءٌ يوگ ڪونہ ٿو ڪريان. سچ ٿو چوانء، اٺ رستو پلجي ويئي آھي ۽ اڃا پيئي گھاٽن جھنگن ۽ ويڑھن ۾ ڊوڙي ۽ رڙھات ڪري. ڪاڪا! ھورو سال چا صديون رلائيندو آھي، وٽن جا جھنگ، ميدان، ماڻھن جا ميڙ، بلبنگن جا جھڳٽا، ويران ڏوڙ پريا رستا، ٽيڪڻ جھڙا روڊ، گلوب تي نڪتل ليڪون سڀ ٽپي پوء گھر جي چائنٽ تي پير ڦٻندا آھن.

# نوان نغما، نئڻل تار

"مونکي تنهنجي سات جي ضرورت آهي، تروٽا."
هڪ هڪ اکر جا هزارين پڙاڏا تروٽا جي ڪنن ۾ گونجڻ لڳا.
"تروٽا .... تروٽا .... تروٽا!"
تروٽا جو من —
من جو چاهه —
جيون جي ترپتي.
سڄي سموري روپ ۾ اُن نندڙيءَ سٽ ۾ ئي تہ سمايل هئا.
تروٽا جو ساهه تيز ڪڍڻ لڳو —
سندس ساهه ساهه تڙڦڻ لڳو —
سندس انگ انگ ڦرڪڻ لڳو.
سندس من کي ڇڻ پَرَ لڳي ويا.
مَنُ پَرندو ٻڌجي اُڏامڻ لڳو.
دور دور ....
هن ديس کان دور....
هن سماج کان دور....
هن گهر کان دور....
گهر!
تروٽا جو من پنڇي ٽڪجي پيو.
ٽڪل، نَربل ۽ ويچارو ٻڌجي واپس موٽي آيو پنهنجي پڇري ۾!
"تروٽا!"
"تروٽا، تون ڪٿي وڃائجي ويئينءَ؟"
تروٽا جي نيٽن ۾ موتي ٽِمڪڻ لڳا.
ٽِمڪي ٽِمڪي، ٽَپڪڻ لڳا.
ٽَپڪ .... ٽَپڪ .... ٽَپڪ .
ريتيءَ ۾ ملي ريتي ٿي ويا.
راڄن ريت طرف نهارينڊو رهيو.

نهاريندو رهيو انهن بوندن ڏانهن ....
جي بار بار وجود ۾ اچي، ميتجي ٽي ويئون.
بوند .... بوند .... قطرو .... قطرو .
هڪ هڪ بوند ـــ
هڪ هڪ قطرو ـــ
راجن لاءِ امڙهه هو، انمول هو.
ان طرح متيءَ ۾ انمول موتي ملندا ڏسي، راجن جي دل ٽٽڻ لڳي.
"تروٽا!" راجن پڪاريو.
آن پڪار ۾ نه معلوم چا هو.
تروٽا راجن سان لپتجي ويئي.
راجن چاٽڻ ٽي چاهيو تروٽا کي ـــ
تروٽا جي انتر آتما کي ....
جا هميشه پيار جي متاهينءَ تي پهچي، پنهنجو پاڻ ۾ گم ٽيي ٽي ويئي.
راجن چيو، "تروٽا، ڪڏهن ڪڏهن ائين ڇو لڳندو آهي ته تون سون وٽ هوندي به سون وٽ ناهين؟"
تروٽا جي اکين ۾ ٻوڏ .
"تروٽا، تنهنجو مون ۾ وشواس ناهي؟ تنهنجو مون تي پروسو ناهي؟"
تروٽا پنهنجو پيءُل ڇهرو راجن جي سيني ۾ لڪائي ڇڏيو.
راجن سندس وارن کي چمندي چيو، "نه چاٽان ڇو تون راهه گناهه پاڻ کي ستائي رهي آهين.... نه چاٽان ڪهڙي ڪارڻ تون پاڻ کي پيڙي رهي آهين.... پنهنجي پيار ۽ جذبات جو گلو گهٽي رهي آهين!"
تروٽا ٻاڏائيندي چيو، "پليز راجن، وڌيڪ ڪجهه نه چئه . آخر مان به ته انسان آهيان ."
"مان به ته اهوئي ٿو چاهيان ته تون اهو نه پلجين ته تون به انسان آهين. فرشتو ڪونه آهين.... تروٽا، مان تو کي چاٽان ٿو.... تنهنجي تڙپ کي چاٽان ٿو... تنهنجي حذبات کي چاٽان ٿو.... تنهنجي ضرورت کي چاٽان ٿو."
تروٽا راجن جي ٻانهن ۾ ڦٽڪڻ لڳي.... چڪوريءَ جيان.
راجن تروٽا جي چهري تي ميڻين جو وسڪارو لائي ڏنو.
تروٽا جا گوڙها سڪي ويا.
تروٽا جو گلو سڪي ويو.
تروٽا جا چپ سڪي ويا.
پياس .... پياس .... سالن کان روکيل پياس .... اوسات ....

راجن پڪيو، "تروٽا! منهنجي زندگي!"

تروٽا چڀريل آواز ۾ چيو، "راجن، تون ڪجهه به نٿو چاڻين. منهنجي زندگيءَ جي باري ۾ ڪجهه به نٿو چاڻين."

راجن وشواس ڀرئي آواز ۾ چيو، "مونکي انهيءَ چاڻ جي ضرورت به ڪانهي ۽ نه ڪڏهن ٿيندي."

تروٽا چيو، "ٽي سگهي ٿو، چاڻ بعد تنهنجو ويچار بدلجي وڃي."

"تروٽا، ائين چئي تون منهنجي پيار جي توهين ڪري رهي آهين."

تروٽا تڙپندي چيو، "نه چاڻان ڇو منهنجو من بيچين ٿو رهي. نه چاڻان ڇو انديشو منهنجي دل کي ٽڪي رهيو آهي. راجن، هڪ دفعو تون منهنجي گذريل زندگي پڌ ته سهين..."

راجن سندس وات تي هٿ رکي چيو، "تروٽا! مون تي وشواس رک. وساري ڇڏ پنهنجي گذريل زندگي. تون جهڙي آهين، جيئن آهين، منهنجي آهين، صرف منهنجي آهين. توکي مون کان ڪير به الڳ ڪري ڪونه سگهندو." راجن ڀروسي سان چيو، "منهنجي پيار جي بنياد کي ڪوبه انسان، ڪوبه واقعو ڏوڏي نٿو سگهي."

تروٽا ٻاڏائيندي چيو، "راجن، اڳر ڪنهن به ڪارڻ مان تنهنجو پيار کوهي ويٺس ته مان، مان نه رهنديس. تروٽا مٽجي ويندي.... تنهنجي تروٽا مٽجي ويندي."

راجن تروٽا جي اکين ۾ اکيون وجهي چيو، "پڌ تروٽا، اسان ٻنهي کي هڪٻئي جي ضرورت آهي. اسان ٻنهي جي زندگي هڪٻئي کي پائي ئي مڪمل ٿي سگهندي. سمجهه تروٽا!"

تروٽا جا آنسون سڪي ويا.

"ٻڌاءِ تروٽا، منهنجي زندگيءَ جي سفر ۾ مونکي ساٿ ڏينديءَ؟"

تروٽا جي اکين ۾ نئين جوت جرڪڻ لڳي. آهستي چيائين، "سياڻي منهنجي گهر ايندين؟"

●

تروٽا نند ۾ هئي يا جاڳي پي، نند ۾ به جاڳي پي ۽ جاڳندي به نند ۾ هئي.

سپنا .... سپنا .... سپنا .

مٺا مٺا جذبا....

نٽل نٽل هردو....

ٻئيءَ مثل هي بت!

راجن جا اکر...."تروٽا، تنهنجو جسم تپي رهيو آهي."

آتما ۾ تہ تپي رهي هئي.
ملڻ جي هيءَ پياس....
ميلن جي رات ....
تروٽا جو تتل جسم يڪايڪ ٺڏو ٿي ويو.
ساري سريـر مان پسينو ڇٽڻ لڳس.
مَنُ ڊرڪڻ لڳس....
پنج سال اڳ جـون حقيقتون تروٽا جـي اردگـرد واڪا ۽ ڪيڪون ڪرڻ لڳيون، چلائڻ ۽ چيخڻ لڳيون.
اُن وقت تروٽا جي عمر هئي ۾ ڪيتري؟
صرف سترهن سال.
ننڍڙي، مٺڙي، سندر، سرل، معصوم، اپوجهه.
مائٽن جي سکيلڙي، اکين جو نور....
سڄ چڙهندو ۾ تروٽا مٽان هو تہ لهندو ۾ تروٽا مٽان هو.
سندس نيپاج ٿيو گلاب جي گل مثل.
تن ڏينهن ۾ ممي‌ءَ جو پري جو رشتيدار ديپڪ ولائت مان موٽيو هو. ٽاهوڪو جوان، چلتو پرزو. نوڪري لنڊن ۾. مائٽن کي گڏجڻ لاءِ موڪل تي هندستان آيو هو.
ديپڪ تروٽا کي ڏٺو.
تروٽا جي گهر ڪئي ويئي.
ممي‌ءَ چيو، "اڃا پار آهي."
۽ سڀ گهر ۽ سڀ وَرُ چڏيو نہ ٿيو.
تروٽا ۽ ديپڪ جي شادي ٿي ويئي.
شادي!
ملن جي رات!
سينگاريل ڪمرو....
سَجي سجايل تروٽا....
نوان نوان آمنگ....
نوان نوان ترانا....
بنسريءَ جي تان ...
سندر سندر ڪلپنا....
مٺا-مٺا خواب.
هڪ راجڪماري .... هڪ راجڪمار.

گلاب جي پنکڙيءَ کان به ڪومل ۽ نفيس پيار!
به مَدّ پريا نينءَ—
ساجن جو انتظار!
ديپڪ ڪمري ۾ ٻرڻ لڳو.
تروٽا جي ننڍڙي معصوم دل دڪ دڪ ڪرڻ لڳي.
دڪ دڪ جو آواز گھڙيال جي ٽِڪ ٽِڪ کان به وڌيڪ چٽو ٿو.
دروازي بند ٿيڻ جو آواز—
سُئچ آف ٿيڻ جو آواز....
تروٽا جو اڻ مکو چرڪ!
اوندھ انڌوڪار....
قدمن جي آھٽ ....
تروٽا جا سَواس .... گرم گرم .... تيز تيز ....
به مردانا ھٿ ....
مردانو جسم....
چيڙ چاڙ ....
ڪُڙي جسم جو بار....
ننگائپ!
وحشيپڻو!!
تروٽا—
تروٽا جو جسم—
تروٽا جا جذبا—
تروٽا جا سپنا—
نپوڙجندا رھيا....
رات لنبي ٿي ويئي.
ورھيم جيڏي لنبي!
بنسري ڇجي ويئي.
خواب ٽٽي پيا.
نازڪ ڪلپنا چور چور ٿي ويئي.
معصوم مکڙي....
ٽڙڻ کان اڳ مُرجھائجي ويئي.
رھجي ويئي ڦوٽ حقيقت.
ھڪ اڻ وٽندڙ سچ!

هني مون آن کان به وڌيڪ اڻ وٽندڙ هئي.
سندر سندر وادیون....
ٽڏيون ٽڏيون هوائون....
وٽندڙ آستان....
هڪ آپسرا ۽ هڪ حيوان!
ڏينهن به رات، ته رات به رات.
موڪل ٽوري هئي. لنڊن واپس ورڻ جو سمو پرجندو آهو.
ديپڪ ۽ تروٽا واپس موٽيا.
استيشن تي سندن سواگت ٿيو.
ممي۽ تروٽا ڏانهن نهاريو، ۽ تروٽا ممي۽ ڏانهن.
ماءُ جي اکين ڏي۽ جي دل کي پرکي ورتو.
لنڊن آسهڙ ۾ باقي هڪ ڏينهن.
تروٽا ماءُ کي چنبڙي پيئي.
تروٽا جي پڪار....
ممي۽ جي دل چيرجي پيئي.
"ممي، ممي.... مان هن سان گڏ نه ويندیس. ممي، مونکي وڃڻ لاء مجبور نه ڪر. هو انسان ڪونهي.... هن ۾ انسانيت جو مادو ڪونهي.... هن ۾ ٻئي انسان کي سمجهڻ جو احساس ڪونهي."
ممي۽ کان نڪري ويو، "پٽ، شادي۽ ۾ اهو سڀ ٿيندو آهي."
تروٽا جو مَنُ ڪڙهڻ لڳو.
تروٽا جي دل جلڻ لڳي....
"ممي، اگر شادي۽ جي معنيٰ جانورپڻو آهي ته مونکي آن شادي۽ لاء ڏڪار آهي. مونکي پنهنجي پاڻ لاء ڏڪار آهي. مونکي هر آن انسان لاء ڏڪار آهي، جو آن جانورپڻي کي جانورپڻو نٿو سمجهي!"
تروٽا جي ٻرندڙ ڇهري ۾.... ممي۽ جا ارمان جلي خاڪ ٿي ويا.
رهجي ويئي رڪ!
تروٽا، تروٽا ٿي رهي.... ۽ رهجي ويئي ديپڪ ۽ تروٽا ۾ سَٽن سمنڊن جيتري دوري.
تروٽا مهاساگر بڻجي ويئي.
ڏک سڪ .... جذبا .... ارمان ... جواني .... چاهه .... رنگت ....
سڀ آن ساگر ۾ سمائجي ويا ۽ نون مهنن بعد....
سيپَ جي وات مان نڪتو موتي!
تروٽا ۽ تروٽا جو لعل....

تروٹا ....
ہ جسم هڪ جان.
آسودگي!
ڀؤرنتا!
تروٹا چاهيو.... هوءَ سمهي ٿي پيئي هجي....
راجن جي تصوير سندس هردي ۾ هجي ۽ هوءَ سندس ويچارن ۾ کوهي کوهي رهي. ڀل اهو سپنو، سپنو ٿي رهي....
ممي تروٹا جي ڪمري ۾ آئي.
تروٹا جي چهري تي مدر مدر مُرڪ هئي.
سنتوش ڀري مُرڪ!
سالن بعد تروٹا جي چهري تي اِن طرح جي مرڪ پسي ماءُ جي دل باغ باغ ٿي ويئي.
ممي‌ءَ مٺي آواز ۾ چيو، "تروٹا، سڄ ڪافي چڙهي آيو آهي، پٽ."
"آڻان ٿي ممي،" تروٹا آرس پيچندي چيو، ۽ پي‌ءَ کن هوءَ آڻي ڪڙي ٿي.
"سڄو ڏينهن نہ چاڻان ڪٿين گذرندو؟ راجن تہ سانجهي‌ءَ جو ٿي ايندو....
آرتوار جو ڏينهن —
آفيس بند —
وقت ڪيئن گذرندو؟"
تروٹا چانهہ پيتي —
اخبار پڙهي —
مٺگزن ڏٺي —
اروڙ کي تيار ڪيو —
اروڙ کي پاڙهيو —
ٽورو سيو —
ڪمري کي ٺاهيو —
ڪپڙ ڦٽائي وري سڪيڙيو —
ليٽي .... آڻي .... وري ليٽي.
"وقت ہ ڪو دشمن ٿو ڀانئجي. اڄ ٿي ويو ونڊو اٽس." تروٹا جي هن خاموشي‌ءَ پرين نگاهن سان گهڙيال کي ڏوراپو ڏنو.
ڏوراپي پنهنجو ڪم ڪيو.
سانجهي‌ءَ سان گڏ راجن ہ اچي سهڙيو.
نگاهن نگاهن جو آدرياءُ ڪيو.

تروٹا چيو، "ممي، هي آهي راجن!"
ممي ۽ چيو، "جهڙو سوچيو هوم، تهڙو ئي نڪتو."
راجن جو چهرو چمڪيو.
تروٹا اک ٽيٽ ڪري نهاريو.
چانهه آئي....
گپا شپا ٿيا....
ممي بهانو ڪري پاڙي ۾ هلي ويئي.
رهجي ويا راجن ۽ تروٹا.
اڪيلا اڪيلا....
ڪوهيل ڪوهيل....
ٻئي چپ.
ڇڻ ممي ٻنهي جي ٻولي ۾ پاڻ سان ڪٿي ويئي هئي.
ڪيتري مهل ائين گذري ويئي.
ٻنهي کي سمڪ ئي نه رهي.
آخر راجن جي ئي اها موهه نندرا ٽٽي.
راجن ڏيمي چيو، "تروٹا!"
تروٹا جون نگاهون .... هزارين نياڻا....
راجن چيو، "نزديڪ آءُ تروٹا!"
تروٹا ۾ چرڻ جي شڪتي هئي ڪٿي!
هوءَ نه وڃائجي ويئي هئي.
"تروٹا!"
"هون."
"تروٹا! مان سڄو سمورو تو وٽ ويٺو آهيان، تون ڪٿي پيئي وسين؟"
"سپنن ۾."
"ساڪيات هوندي ۽ سپني سان پيار!"
"هون"
"تروٹا!" ۽ راجن پاڻ نه روڪي تروٹا کي پنهنجي ٻاهر ۾ ڀري ورتو!
"ممي!" اروڻ جو آواز.
تروٹا ۽ راجن جو چرڪ.
تروٹا پاڻ سنڀاليو.
"مما!" اروڻ ڊوڙندو اچي تروٹا کي چنبڙيو.
راجن جي منهن تي عجب جي نيشاني.

چپ اڏ کليل....
اکين ۾....
سوال؟
سوال؟؟
سوال؟؟؟
”راجن، هي منهنجو اروڻ آهي.“ تروٽا اتساهه وچان چيو.
راجن چپ.
تروٽا پنهنجي ڏي ڏن ۾ چيو، ”توکي اروڻ ڪيئن ٿو لڳي راجن؟“
راجن چپ.
تروٽا نند مان ڇڻ جاڳي آڻي، ”راجن، تون چپ ڇو آهين؟ هي اروڻ آهي. منهنجو اروڻ. ٻڌاءِ راجن، تون اروڻ کي اپنائي نه سگهندين؟“
راجن چپ.
تروٽا چيخيو، ”راجن!“
نديڙو اروڻ .... گهڙيءَ ممي ڏانهن نهارڻ لڳو ته گهڙيءَ اجنبيءَ ڏانهن.
ٻالڪ!
تروٽا جي اکين مان جهر جهر آنسن جو چشمو وهڻ لڳو.
اروڻ ممي جي اکين ۾ آنسون ڏسي ورسو ٽي ويو، پر پيءَ گهڙيءَ نئين آيل مهمان تي ناراض ٿي ويو.
”آپ ني هماري ممي کو کيون رلايا؟ ميري ممي کو کوئي بي رلائيگا، تو مين آس کو شوٽ کر دونگا.“ اروڻ جون ٻروڻ تاڻجي ويون.
تروٽا کان اوچنگار نڪري ويئي.
اروڻ جي وات تي هٿ رکي ٻاڪاريندڙ آواز ۾ چيائين، ”ايسا نهين کهتي بيٽا، ايسا نهين کهتي. اِن کا قصور نهين هئي، بيٽا .... بيٽا.... ڦير نهين کهنا.... انهين کچ نهين کهنا....“
ڇ ساڙهيءَ جو پلئه وات ۾ وجهي، جهٽڪي سان اروڻ کي گود ۾ کڻي اندرين ڪمري ۾ ويئي هلي.

---

# گوڙهن جي ريکا

ادا ويڻي ڪٽ ٽي ماني ڪاڏي. سندس نيرن ۾ چانورن جي پليٽ هڻي، ۽ گرم گرم آڦراڻا ۽ تريل پينديون، ۽ انب؛ جي وڻي ۾ ڳچل هڻا. زرد زرد انبن مٿان برف جا ٽڪر پيل هڻا ۽ هڪ پليٽ ۾ تريل مڇي ۽ پڻي هڻي. ادا ٽرماس مان پاڻي اوتڻ لڳو. ڏهن پارهن سالن جي ننڍڙي انور ويڻي ادا مٿان جهلي هلائيندي انور سڄو ٽي پڻي لڏيو، ڇو ته جهلي سندس وٽ ڪان گهٽو ڪوري هڻي. گهر ۾ چپ لڳي پئي هڻي. رکي رکي نم منجهان ڪانو جي ڪان....ڪان ٽي آڻي ۽ گهٽو پري ڪان سوڻيءَ جي ستڪي جو آواز ٽي آيو.

پرسان واري ٽيبل تي ادا جا ڪتاب رکيا هڻا، جيڪي تقريباً سڀئي فلسفي جا هڻا ۽ دنيا جي وڏن وڏن مفڪرن جا لکيل هڻا. مٿان ٽي مٿان خليل جبرآن جو ڪتاب "خدا ۽ ديوتا" رکيل هو.

مون ويڻي نم هيٺان "مشين ۽ مزور" پڙهيو. نم جي ٽارين ۽ پنن سان ٽڪرائجي ٽوري ٽوري آس ۾ ٽي آڻي ۽ هوا جي لڳڻ ڪري ٽاريون لڏن پيون ته ان سان گڏ آس جا پاڇولا ۾ هيڏي هوڏي ڦري رهيا هڻا.

"زبيده، ڇا ويڻي پڙهين؟" ادا جهرڪين جي نٽين آيل ولر کي ڏسندي چيو.

"مشين ۽ مزدور." مون فخر منجهان ادا کي ڏسندي چيو. فخر سان انهيءَ ڪري جو اهو ڪتاب ڏاڍو خشڪ هو ۽ خشڪ ڪتاب ڇوڪريون گهٽ ڏسي پڙهنديون آهن.

"اهو ڇا جي لاءِ ٽي پڙهين؟ انهيءَ ۾ ته ڪلهي بيوقوفي لکيل آهي."

"توهان جو ڪتاب پڙهيل آهي ڇا؟" مون کي تعجب لڳو، ڇو ته ڪتاب ۾ ته ڪا ٽي بيوقوفيءَ جي ڳالهه ڪانه لکيل هڻي. ڪتاب ۾ صنعتي انقلاب بابت لکيل هو ته پهريون ڪيئن نه مشين کي ۽ انهن جي اوزارن کي شيطاني ڪم سمجهيو ويندو هو. پلا هن تاريخي ڪتاب ۾ کهڙي بيوقوفي ٽيي ٽي سگهي؟

"نه، نه، مان ٽو اهڙا چريائپ جا ڪتاب پڙهان، جن ۾ ڪائي نالائق ڪانهي. رڳو پيٽ جي پوڄا هوندي آهي، ڪميونسٽن کي. هيڏي وڏي حسين ڪائنات ۾ رڳو ماني ٽي ٽي نظر اچين ڪميونسٽن کي."

"بکٽي جي لاءِ ماني ته سڀ ڪجهه ٽيندي آهي. ڪنهن بکءَ جي ماريل انسان کي فلاسافيءَ جا ڪتاب ڇا ڏيندا. قدرت جا حسين نظارا ڇا وندرائيندا، جن جو سڄو وقت ماني حاصل ڪرڻ ۾ ٽو گذري، سا به ان پوري ۽ سادي، ڪڏهن ته آها به نه."

”پر تون اِهي چا جي لاءِ ٿي پڙهين، تون جبرآن کي پڙهه، شيڪسپيئر ۽ نٽشي کي پڙهه، جن ۾ ڪلا آهي، ٻيوٽي آهي ۽ اهو پڻ چا نہ آهي انهن ڪتابن ۾.” ادا ٽيبل تي رکيل ڪتابن کي داد ڀرين نظرن سان ڏسندي چيو.

مون در مان سائڪ کي ايندو ڏٺو ۽ منهنجو سڄو ڏيان اوڏانهن هليو ويو. سندس هنج ۾ هڪ نپل ۽ ميرو هار هو، جنهن جي ميرن ڳلن تي مڪيون جهڙ جهڙ ڪندين ٿي آيون. سائڪ جي پٺيان ٿي سندس ننڍڙي ڏيءُ ڊوڙندي آئي، جنهن کي پراڻو چولو پيل هو ۽ ٽنگون اگهاڙيون هيس. ماءُ جي چوڌاري ٽنگن کي پکڙي ڦرڻ لڳي.

سائڪ ڏيءُ کي ڏڪ هڻي چيو، ”ائي چڊ تہ سهين، مٽي.“

”وڏيرا پگهار ڏي، ہن مهينن کان ڪانہ ملي آهي. ڇڙا بک ٿا مرن، راتوڪر لنگهڻ تي آهن.“

”هينئر تہ وڃ، پوءِ ملندئي، اڄا چئرمن جي آفيس مان ڪانہ آئي آهي.“

”وڏيرا ائين نہ ڪر، پنج رپيا ئي ڏي ڇڙا بک ٿا مرن.“

”ڀڏئي نہ! هينئر ڪونہ آهن، وڃ هلي،“ ادا ڪاوڙ ۾ لال ٿيندي چيو.

”آئي رن ڀڏئي نہ، وڏيرو پائئين تہ ڪوڙ ٿو ڳالهائي. رنون اوهان تہ جڏهن تڏهن بکيون آهيو، اوهان جو تہ پيٽ ئي نٽو پرجي، مانيءَ مٽان ڇو ٻيٽي آهين، نظر هٽنديئن ڇا؟ پوءِ اڇي ڳالهائجانس.“ ڀڳيءَ ٽانوَ ملينديِ رڙ ڪئي.

”جيجي تو کي چا هي، بک تہ اسان ٿا مرون،“ سائڪ ڇپن ۾ پڻ ڪندي اڇي منهنجي پرسان ٻيٽي. سندس اکيون جهڪيل هيون ۽ پنهنجي پير جي آڱوٽي سان مٽيءَ کي کوٽڻ لڳي، سندس اکين مان ہ ڳوڙها ڳڙي ڏرتيءَ تي اڇي پيا.

”سائڪ روئين ٿي! ويهہ، ٻيٽي ڇو آهين؟“

”نہ ادي، ڪٿي ٿي روئان.“ سائڪ منهن ڦيري رئي جي پلوَ سان ڳوڙها اگهڻ لڳي ۽ وري چپن تي زوري مرڪ آڻي چوڻ لڳي، ”ادي اوهين خوش تہ آهيو.“

سائڪ پنهنجي ڳالهہ کي ڇڏي وري چيو، ”ادي، ڪو پاروٽو ساروٽو مانيءَ پور پيل آهي؟ هجي تہ هن کي ڏيان.“ پنهنجي ڏيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، جيڪا ادا کي ڪائيندو ڏسي ماني گهري رهي هئي.

مون انڊي وڃي ڪيٽ ۾ ڏني، پيو تہ ڪجهہ ڪونہ هو، ميري ڏيکيءَ ۾ چانورن جي مانيءَ جو سڪل ٽڪر پيو هو، جيڪو بہ سڄو ڪيلن سان ڪارو لڳو پيو هو. مون جيئن ٿي ڏيکي ڪنئي، سڀ ڪيلين مانيءَ کي چڏي منهنجي ٻانهن تي چڙهي آيون. ماني پٽ سان چنڊي وڃي سائڪ کي ڏني ۽ ڪيلن کي هٿ سان چنڊڻ لڳس، جيڪي منهنجو ان وچ ۾ ماس ئي پٽي ويون هيون. سائڪ جي هٿ ۾ ماني ڏسندي ئي ڏيٺس سٽ ڏئي ڦري ورتي. ڊوڙي وڃي پري ڪائڻ لڳي. گهڙي هڪ پير تي ٻيٽي تہ گهڙي ٻئي تي. مانيءَ کي پنهنجي هٿن ۾ ڏسي خوشيءَ ۾ نہ پٽي ماپي.

"چوري، مانيءَ پور پاڻ کي ب ڏي." سائڻ ڏيءَ کي چيو. پر سائين هوءَ ڪٿي ٿي ڀڏي. هن کي ته ماني ملي هئي، جڏ خدا ملیو هو. سائڻ پٽ کي ويهاري ڏيءَ ڏانهن وئي، پر تيسين هوءَ ڊوڙي وڃي صندل تي ٻيٺي. ماڻس هڪ طرف کان اچي ته هوءَ صندل جي ٻئي طرف پڄي وڃي ٻيهي ۽ ماءُ کي شرير ترڇين نظرن سان ڏسي وٺي ٿهڪ ڏئي ڪلڻ لڳي. ڪلڻ سان سندس ڪارڻ معصوم ڳلن تي نديڙو چڳهه ٿي پيو ٿي.

"آئي چوري ڪرندينءَ، ڏائڻ، پاڻ کي ب ڏي نه مانيءَ پور، ڏس هو ليٽڙي پيو."

"هل، هل، سو ڏيانس؟ مان ڪانوان کي هن کي ڏيان، ٽڪل ته آهي."

"ڏس، ڏاهي ٿي، پلا مون کي ڏي، امڙ آهيانءِ.... مونکي ب ڪونه ڏيندينءَ."

سائڻ پنهنجي چيلهه تي هٿ رکندي چيو.

"نه، نه، سو ڏيان، تون ولي (وري) هن کي ڏين." نديڙيءَ چوکريءَ ٻئي هٿ پٽي ڪندي چيو، "وئي، ڪانءَ ڪني ويو."

"ڏس ادي، ڪيڏي سياڻي آهي، لکائي چوي ٿي ته ڪانءَ ڪڍي ويو."

ڏيٺس، پاڻ ۽ مانيءَ کي آزاد ڏسي، وري جهمر هڻڻ لڳي. مانيءَ جو ٽڪر هڪ هٿ ۾ جهلي ۽ ٻيو وات ۾ وجهي، هٿن ۽ پيرن کي ناچ جي انداز سان ناهي آ....آ....هو ڪري ڪائڻ ۽ نچڻ لڳي.

ادا ب ماني کائي بس ڪئي هئي، سو ب اڃي نه هيڻان سائڻ جي ڏيءَ کي ڏسڻ لڳو، "ڏس زبيده، اٿس کا پرواهه بک جي، ڪيتري نه خوش ٿئي لڳي. آهي اسان کي ايتري سڄي خوشي حاصل!" ادا سيتي وڄائيندي چيو ۽ ڇپن ۾ گاني جي ڏن گنگنائڻ لڳو. هيڪر آير ته چوانس ته انهن بکايل پورهيتن کي ننڍي ۽ جبران جو فلسفو ڇا خوشي ڏيندو، پر پوءِ ماڻ ڪٿي ڪيم.

سائڻ جي ڏيءَ اسان سپني کي پاڻ ڏانهن ڏسندو ڏسي نچڻ ڇڏي ٻيهي رهي ۽ پنهنجا ٻئي هٿ منهن تي رکي وٺين مان ماءُ کي ڏسڻ لڳي ۽ اوچتو ٽپ ڏئي صندل تان هيٺ لهي آئي ۽ اچي پاڻ جي پرسان ٻيٺي، جيڪو اڃا ٽائين مٽيءَ تي ستل هو ۽ سڏڪا ٻئي پريائين. "هان.... وٺ ماني....؟ وٺ نه ماني.... آئي سورا وٺ نه....؟ آئي الا وٺ نه.... سورا وٺين نٿو." هن پاڻ کي پانهن کان اڌارينديءَ چيو ۽ ماني ڪٿي پاڻ جي جهوليءَ وڌائين، پر هو تيئن زور زور سان روئڻ لڳو. نديڙيءَ چوکريءَ پاڻ جو مٿو پنهنجي گوڏن تي رکي، ٽڪي ڏيڻ لڳي، جنهن جي ڳلن تي هاڻي ڳوڙهن جي سڪل لڪير باقي وڃي رهي هئي.

○

# تڪيون متيون گالهڙيون

● سڄي ڏينهن جي هڙ هڙ کان فرصت حاصل ڪري، مس اڇي گهر پيڙو ٽيو آهيان ۽ توهان جو "جشن سالگره، نينڊ پتر" هٿن ۾ آهي ورَ ورَ ڪري پيو اُٿلايان ۽ پڙهان، هڪ هڪ اکر پڙهيو اٿم ۽ ائين پيو لڳي ته توهان لباڙون نٿا هڻو، پر جيڪي چئو ٿا، تنهن کي حقيقت جو جامو پهرائڻ لاءِ ڪوشان به آهيو. توهان جي سوچ ۽ فڪر به ڏٺائي ٿو ته هڪ تحريڪ روان آهي ۽ انهي تحريڪ جا روح به توهان ئي آهيو. اهي سڀ گالهيون مونکي توهان جي نينڊ پتر جي جوڙ ئي ڏٺائي رهي آهي. توهان جي نينڊ جو مضمون به ٺيڪ سنڌي اکرن ۾ اڏيل آهي. اهو ظاهر ڪري ٿو، توهان جو سنڌي زبان ۽ انهي بقا لاءِ پهرين ڪوشش. سٺاءِ ۽ وڳي، ۽ اهڙا نج سنڌي اکر آهن، جن جا نعم‌البدل اکر گهڻي ڪي لغات ۾ ملن ٿا ۽ اهڙن نعم‌البدل لفظن جي ڪثرت سان استعمال، انهن ۾ اکرن کي، هڪ ڪنڊ ۾ ئي ڏکي ڇڏيو آهي، جنهن سان نئين ٿهي جا اديب ته خير کي واقف هوندا، پر وري به شاباس آهي توهان کي، جو ڪنڊون ڪڍڻ کولهي، هر اها شيءِ ۾ين اکيان ٽا رکو، جا قيمتي هڙ جي باوجود به وقت جي، وٽي ۾ ميسارجي وئي آهي.

مونکي خبر نه آهي ته تحريڪ چا ٿيندي آهي، پر انهن حالتن کي ڏسي تحريڪ جي کڻڙي به معنيٰ هڙ جي باوجود ائين ڪي چوندس ته بيشڪ اها تحريڪ ڪي آهي، جنهن تي توهان عمل پيرا آهيو. توهان جي سوچ ۽ توهان جو فڪر مٽاڇرو نه ٿو لڳي، پر گهراين ۾ موتي کولهي رهيو آهي ۽ مونکي قوي اميد آهي ته اهي موتي توهان کي ضرور ملندا. توهان هر گالهه کي ترمنڊي کان کڻو ٿا ۽ اهوئي صحيح راز آهي، ڪاميابي جي منزل جو! هي ڏاڪڻ آهي، جنهن کي ٽپي چڙهي نه سگهبو، بلڪ هڪ هڪ ڏاڪي کي اورانگهڻ کان پوءِ ئي آخري ڏاڪي تي صحيح ۽ سلامت پهچي سگهجي ٿو.

توهان جي نينڊ پتر جي آخري صفحي تي ڏنل عورت جي تصوير جو اڌ چهرو اڇا گهونگهٽ جي اوٽ ۾ آهي؛ خبر نه آهي ته ڪڏهن باقي اڌ پردو لهندو، جيتري قدر حيا ۽ پاڪدامني جو تعلق آهي، هر سنڌي ماءُ، ڀيڻ ۽ ڌيءَ جي سر تي سايو سلامت رهي، بلڪ هاڻي ضرورت ان گالهه جي آهي ته هر سنڌي ماءُ، ڀيڻ ۽ ڌيءَ اهو ظاهري پردو چڏي صف ناهيندي، تڏهن ئي هي تحريڪ آخري ڏاڪي تي پهچندي. جڏهن هڪ ماءُ پنهنجي لال کي لولي ۾ اهي گيت ٻڌائيندي، تڏهن ئي اها صف تيار ٿيندي ۽ هر ڀيڻ پنهنجي ڀاءُ ۽ هر ونيِ پنهنجي ور کي گهور گهوريندي، تڏهن ئي هي هلچل ۽ ان جو نچوڙ، هوشو شهيد ۽ ويرَ هيمون ڪالاڻي جي روحن کي شانتي بخشيندو!

ڪريان اميد ته هر سنڌي سپوت، هر سنڌي ماءُ، هر سنڌي پٽ ۽ هر سنڌي ونيءَ ڪان، ته هو هن تحريڪ ۾ توهان سان ڪلهي سان ڪلهو ملائي هلڻ ۾ ساڻ نباهيندا.
هري موٽواڻي، لاهور

● گهڻا ڏينهن ٿيندا ته هڪ سلسليوار ڪتاب ۾ هڪ نوجوان جي ڪهاڻي پڙهيم، ظاهر آهي ته هو ڪهاڻيڪار هو ۽ سڀ ڪهاڻيڪار هو ۽ گهڻي تنقيد، اها به سخت لفظن ۾ فقط وڏن ڪهاڻيڪارن جي پاڳي ۾ ٿي ايندي آهي. هن جي ڪهاڻي تي ته سخت تنقيد ٿي، پر سندس ذات به ان کان نه بچي سگهي. ڪن وري سندس ڪهاڻيءَ جي ڏاڍي واکاڻ ڪئي. سچ پچ ته مون کي اها ڪهاڻي ڏاڍي وڻي ۽ انهيءَ تي به چار اکر لکي ڪتاب کي موڪليم. بدقسمتي سان اهو ڪهاڻيڪار منهنجو واقف به هو. مون جتي ڪٿي سندس ڪهاڻيءَ کي ساراهيو هو، جنهن کي هن پنهنجي همت افزائي سمجهي. هڪ ڏينهن هو وات تي ملي ويو، ڏاڍو اپاڪو ٿي ڏٺو. مونکي ڏسندي ئي چيائين، "توهان انهيءَ ڪتاب جي مرتب کي مون بابت تعريفي خط لکيو هو ڇا؟" مون حيرت مان چيو، "پر توهان اها گالهه ڇو ٿا پڇو؟ هن کي تنقيدي خط به ملڻا هوندا ته تعريفي به." هن جهيڻي آواز ۾ چيو، "پر هن مونکي چيو آهي ته جيئن ته خط لکندڙ منهنجو واقف آهي، تنهنڪري مون هن کي منٽ ڪري ڪانئس اهو خط لکرايو آهي." ۽ پاڻ، مون پنهنجي ذهن ۾ جيڪو "اديب" ۽ "ادب" لاءِ تصور قائم ڪيو هو، اهو ريت جي محل وانگيان ڍهي اچي پٽ پيو. انهيءَ مرتب هڪ بهترين ليکڪ ماري ڇڏيو ۽ انهيءَ ليکڪ جو موت انهيءَ مرتب جي ڪريل ذهنيت ۽ غير ذميدارانه گالهه سبب ٿيو. اسان کي سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جي اڻڻ جڙڻ خدمت ڪندڙن جي ضرورت نه آهي.

ڏک اٿم جو متي ڪجهه نڪبون ڪيون گالهيون ڪيون اٿم، پر ادا توهان ٻڌايو ته اسان اڻڄاڻ طرح ڪيستائين سڀا اديب وڃائيندا رهنداسين؟ مان "روح رهاڻ" ۾ ڇپيل فقط هڪ ڪهاڻيءَ جي ساراهه ڪندس، جا ساليانه نمبر ۾ سرگواسي چتر ٺاڪرداس "قانون" جي نالي سان لکي هئي. جيئن ته مان هڪ مرده پرست قوم جو فرد آهيان، تنهن ڪري ساراهيندس به انهيءَ ڪهاڻيءَ جي ليکڪ کي جيڪو هينئر جيئرو ڪونهي ڇاڪاڻ جو پڪ اٿم ته ڪيس ٻيهر ڪڍهن به نه ٿو ماري سگهجي! — مظهر، حيدرآباد

● 'روح رهاڻ' جو تازو پرچو (اپريل ۱۹۶۸) پڙهيم، اوهان جي همت کي آفرين آهي، جو جيڪي به گاريون ڪنهن ٻوليءَ ۾ ٿين ٿيون، اهي اوهان فخر سان امر جليل جي افساني 'هڪ لاش.....' ۾ ڏنيون آهن. وري چوندا ته حقيقت تلخ آهي. پنهنجي پرچي ۾ اگهاڙا فوٽو ڇو نٿا ڏيو. اها به تلخ حقيقت آهي. رسالو پاڻ وڌيڪ هلندو. دل ۾ نه ڪجو. منهنجو خط تعريفي ڪونهي، ان کري هڏوس ردي‌ءَ جي ٽوڪريءَ ۾.
— رشيده، حيدرآباد سنڌ

● روح رهاڻ جو سالنامو منهنجي اڳيان آهي. سنڌي ادب جي اهڙي جامع تصوير ڪڏهن به سامهون ڪانه آئي آهي. ايياز ايياز آهي. ايياز ڪون سڏاوي! ايياز جي ڪلام جو هي مجموعو فن جي سوغات آهي جا اوهان سنڌي زبان جي پڙهندڙن آڏو پيش ڪري سچ ته پنهنجو حق ادا ڪري چڪا آهيو. آئنده اوهانجون ۽ ايياز جون خدمتون اسانتي قرض ٿيندیون.

ڪهاڻين ۾ وري امر جي ڪهاڻي امر رهندي. سوسائٽي جي انهيءَ پهلو جي جاندار ۽ جانباز عڪاسي امر جليل ٿي ڪري سگهيو آهي سو حق ته جرائت به آهي ته سؤ في صد سچ به آهي.

—دلدار احمد اديب سکر سنڌ

● جون جو روح رهاڻ پڙهيم تمام گهڻو متاثر ٿيس. شيخ ايياز جو نظم، پٽر سنڌي جي افساني ۽ ادبي سحر جي خط گهڻو متاثر ڪيو. پين اديبن ۽ شاعرن جا مضمون ۽ نظم به بهترين هئا.

ادي سحر جو خط پڙهي مونکي ڏاڍي خوشي ٿي ته هڪ ڀيڻ کي اهو ته احساس ٿيو ته هوءَ هڪ سنڌي آهي پوءِ هوءَ چو باهران آيل زبان کي پاڻ سان چنڊائي پئي هلي. ادي سحر وانگر ٻون به اديون آهن جيڪي آهن ته سنڌي پر پڙهن ٿيون اردو. پر جهڙي طرح ادي سحر کي احساس ٿيو آهي اهڙي طرح منهنجي خيال ۾ پين پينرن ۽ پاڙن کي به احساس ٿيو هوندو ته هو سنڌي آهن، اهي، سنڌي جن جو مقصد منڊي سنڌ جي سورن مان جند ڇڏائڻي آهي.

توهان جي رهاڻ پڙهندي آهيان. رهاڻ نه هوندي آهي اسان جي دلين جي ترجماني هوندي آهي. ادا سچ ٿي چوان توهان هي رسالو ڪيڊي اسان سنڌين جي مرده روحن کي زنده ڪري ڇڏيو آهي. "جيئي سنڌ"

—نسيم نوراني نوابشاهه سنڌ

● سالنامو پهتو. پڙهيم، ڪافي دلچسپ نظر آيو. صرف امر جليل جي لکڻي ڪجهه بور ڪيو جو هو گهڻي وقت کان اها هڪ ٿي گهالهه لکندو ٿو اچي اهي ٿي سنڌي وڏيرا. وڏيرن جا پٽ. وڏيرن جا پاڻ مطلب ته سڀ صرف عياش. جو ڪڏهين پنگياڻين وٽ ٿو لکي ته ڪڏهين ڪولهين پويان.

—ڪيم چند - ايل - لالواڻي مٺي ضلع ٿرپارڪر

● امر جليل جي ڪهاڻي عرف 'امر ڪوڪ شاستر' پڙهين سين. امر جليل لاءِ بهتر ائين آهي ته هاڻي هو ڪوڪ شاستر لکي. ڪامياب جي نشي ۾ هاڻي سڀي ڪهاڻي لکڻ هن جي وس کان ٻاهر آهي. اهڙي بڪواس لکڻ کان چئوس ته وڃي ڪو ٻيو ڏندو ڪري. ايياز جو شعر ڏاڍو وٺيو. چتر ٺاڪر داس جي ڪهاڻي مونکي وڻي.

—محمد علي ڏاريجو، سکرنڊ سنڌ

● دودا حميد، توهان جيڪو اسان ننڍن پاڙن کي رسالي جي وسيلي قرض ڏئي رهيا آهيو سو اسان الائجي ڪڏهن حقن سان لاهينداسين. توهان جيڪو فرض

ادا ڪري حق لاءِ حرڪت ڪري رهيا آهيو سو "صليب تي هڏل مسيح جون رهيون ڪٿي رهيون آهن." ادا توهان جي محنت ۽ ڪوشش کي ڏسي ڪري ائون سوچيندو آهيان ته هن وقت هن جهڙو نوجوان جيڪو گهمي ڦري عيش ڪري ٻهنجي زندگي سنواري مستقبل لاءِ ڪم ڪري هارن لاءِ ڪجهه ڪري سو نند ڦٽائي، وقت وڃائي، عمر ڪاري رسالي لاءِ ڊوڙي ڏکي، جشن لاءِ منٽون ڪري، روحن جون رهاڻيون ڪٽيون ڪري ساري سنڌ جي نوجوان کي هڪ ئي سبق ڏئي ڇڏيو ائس سو ڪهڙو نه عجيب اورچ انسان آهي. بيشڪ پل سنڌ اهڙا سپوت پيدا ڪري.

آئون مڃيان ٿو هرهڪ مانجهي هينئر پنهنجي سگهه ۽ وت سارو ناممڪن کي ممڪن ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ جلدئي خدا ڪندو. سوپ پائيندا آمين.

اپريل جي پرچي جي پويان جيڪا "ايمبرائيڊ رڊفيبر ڪس" واري اردو ۾ ائيڊورٽائيز مينٽ ڏني آهي سا مونکي پسند نه آهي. ڇا انهن اکرن لاءِ سنڌي مترجم نه آهي؟ ڇا سنڌي پريس ۾ انهي لاءِ اکر نه آهر؟ ڇا اها هروپرو اردو ۾ ڏيڻ جو حڪم مليل هو؟ خير ڇا به هو مونکي اها گهالهه پسند نه آهي پوءِ اها فضلي ڪنهن کي وڻي يا نه وڻي پر اسان پنهنجي خيال کي توهان اڳيان حاضر رکيو آهي. امر جليل کي چوندا ته جهڳ ٿوري لکندا ڪريو. نياز همايوني "پرهه ڦٽي ڪانپوءِ" تي منهنجيون ساڻڪون ڏجوس جو لوڪ ڪهاڻي شعر ۾ لکي حقيقت ۾ آواز ۽ دل جي تنوار کي اڻاري ڇڏيو ائس ۽ وري نوان سور جاڳائي ڇڏيا ائس. اڄان به 'آدم جي اولاد' جا منتظر آهيون.

—عجيب سنڌي مٽياري شريف سنڌ

● "روح رهاڻ" لڳاتار. نم تڏهن به، مهني ماس- ڇڻيءَ ڇهه ماهي مڙيئي پئي نصيب ٿي. "سر ڪنهو- راڳ پرڪيو" وانگر گهالهه ته پهرين ئي مارڪي ۾ سمجهه ۾ اچي ويئي هيم. اندر ۾ آيم اڏما ته ڪنهن پر به "رهاڻ" جي رس بنائڻ ۽ مچائڻ ۾ پهچڻ ۽ پهچائڻ ۾، هڏڻ ۽ ٻڌائڻ ۾، سنوارڻ ۽ سينگارڻ ۾ پاڳي پائيوار ٿي، قربدارن سان ڪلهو ملائي پاڻ موڪيان. پر سائين! "ڇوڻ ۽ ڪرڻ ۾ الاهي تفاوت آهي. اڳ- پوءِ جاچيم، سوچيم ۽ سمجهيم ته "گهالهه ڪچ آهي." "پر صفا سچ آهي ۽ سچ نان مچ لڳندو" درياهه تي ويهي واڳن سان وير وجهو پر ابا! جي واڳو ٻاهر اچي ويئي رکن، ته پوءِ "منهن ويڙهي ويهي رهڻ" مانجهين جو مرڪ نه آهي. خلق ڏبو. ملاک نه ڏبو! پر جڏهن ڪو خلق ملڻ سان ملاک ٽڪي ته اهڙي بي محابي کي پاڪر ۾ پکوڙي پڇيون ڪيي ڇڏجنس، اصل ماءُ جو ڪير ياد ڏياري ڇڏجيس. پر اهڙن ڪوپلن کي وهڻ وهه ڪري ڏجي! ها! سو گهالهه پئي ڪيم ته "رهاڻ" رچائيندڙن مٽيرن سان هٽ، هٽ ۾ ڏيئي پنهنجي سهنجي ڪجي. پر ان وقت جي "رهاڻ" واري رس ۾ لوڻ جهجهو ڏسي چڪڻ کان پيو چڪن ڪندو هوس!

روح به نہ رهندو هو. تنهنکري، پيو واجهہ وجهندو هوس، تہ "رهاڻ" ۾ من روح رچندو رس پيدا ٿئي! پلا بندو گهري ۽ رب نہ ڏيئي! ائين تہ ٿيڻو ئي نہ آهي. "پوڻ پرندي پاڻ" تازيون "رهاڻيون" پسي جهومڻ لڳس. مٿان جو اپريل جي "رهاڻ" نصب ٿي، تنهن تہ اکين جا اولاڻي لاهي ڇڏيا "رهاڻ" جي دولهہ دلير ڪيرون لهڻيون. دعا آهي تہ شال سلامت هون منهنجا دانهہ ۽ دنهير. پر ادا حميد! گهر جي ٻيٽوڙي پٽن، پيٽ ڪارڻ ٻڌري پٽ. پراو نہ ٻئيان. پنهنجون پيشانيون پچي چڏيون آهن. ڪڏاتورا ڪچ ڪڍيو، اکين هوٽن سان گڏ ڪاڍو پيو، ڏاڍيون ڏڪارون ڏيو، وتن ڏيهين جا ڏيل تڪيندا. تنهنکري عرض آهي تہ "شي پنهنجي سوگهي ڪجي ۽ ڏوهہ ڪنهن کي نہ ڏجي." —م-ا-پلاڻي جي-ايم-بي ڪالوني چام شورو.

● اول تہ اشتهار ملڻ ئي سو اها به توهان جي ڪاميابي آهي. شيخ اياز جي شعر جو ٻيو (وڏو) ڳٽڪو ڏنو آڻو ۽ جويي صاحب جو وري به (ساهتيڪ) مهاڳ ڏيڻ ڪا گهٽ ڪاميابي ڪانهي. اياز صاحب جو شعر ڪنهن به سارا هہ جو سوال کو نہ ٻڌيو آهي. هن جي شعر سان سارا هہ جو ضميمو ازخود گڏيل هوندو آهي. ڪرشن ڪٽواڻيءَ جو "اصلي روپ" سندس سڀ رچنائن مان هڪڙو آهي. چترڪار داس جو "قانون" کوزي ۾ ساگر وانگر آهي ۽ جليل جو "لاش" هڪ سڀي فنڪار، سڌي ساهيتڪار ۽ معيار کهاڻي نويس جي شاهڪارن ڪانپوء هڪ فاحش افسانو آهي. جو کو ڪائنڊ ڪنهن سان طاقت آزمائي نہ سگهندو آهي ۽ گارين (فاحش) ڏيڻ جي غليظ واٽ اختيار ڪندو آهي. جنهن واڻي وٽ سپ وکر نہ هوندا آهن تنهن کي ڪن شين جي بعضي خبر به نہ هوندي آهي. سڀي ساهيتڪار کي فاحش اکر (اکثر ڪري) زبان ناڻن به آڻڻ نہ ايندا آهن، پر لکڻ وقت قلم جنبش ۾ اچي ويندس تڏهين کا قيامت پيدا ڪندڙ غضب جي هولي ڪير آڻيندو جنهن سان ڪنهن جو خون ٿهڪندو يا ڪنهن تي خنده زني ٿيل هوندي تہ اهو پنهنجو نڪ چپ ويندي سمجهندو. پر سڀو ۽ فضيلت وارو ساهيتڪار اهڙو ڏچ ڪونہ ٿيندو، جو سائين يا سائيناڻين وانگر فاحش الفاظ ڪير آڻي. شل توهين روح رهاڻ کي زنده رکي سگهو.

—ايم- آر- ماڻيداساڻي، انديا

● اپريل جي "رهاڻ" ڪجهہ دير سان ٿي پر واهہ جا ٿي- خدا هن ڪچهريءَ جي ڪوڏين کي سلامت رکي ۽ اسانکي عمل جي هدايت عطا ڪري جيئن هڪ ٻئي سان پنهنجا ڏکه سک وڌيندا رهون. پر يار! پي گهلهہ ٻڌ- حاسد ۽ قاصد به هتي گهٽا ائٿي- جي مت جا موڙها چاشنيءَ جي چسڪي ڏي "رهاڻ" لاءِ رڪاوٽ نہ ثابت ٿين. —"داد" ڪوهستاني، ٽاڻو بولاخان محال ڪوهستان سنڌ

○

Regd No S. 2400 MONTHLY July 1983

# "ROOH-REHAN"

HYDERABAD SIND

زندگي پبليڪيشنس جا سنڌي ادب ۾
آندل کي نوان ۽ سٺا ڪتاب

جمال انڙ جي ڪهاڻين جو مجموعو
پٿو پاڻا

•

نئلم رباڻي جي ڪهاڻين جو مجموعو
آب حيات

•

رحيد سنڌي جي ڪهاڻين جو مجموعو
اداس واڌيون

•

شيخ اياز جي شعر جو مجموعو
ڇل ڇل عشق جل جا

•

شيخ اياز جي خطن ۽ نظمن جو مجموعو
الجهن ڏينهن وڻ سنديون

زندگي پبليڪيشنس، پوسٽ باڪس ۲۶۶، حيدرآباد

Edited & published by Rameez Sindhi from office of the Monthly 'Rooh-Rehan' Mukhi Garden, Hyderabad
Printed by Mufti-ur-Rahman Siddiqui at Indus Printers, Risala Road Sarfraz, Hyd.

Regd No. S. 2400 MONTHLY July 1968

# "ROOH-REHAN"

HYDERABAD SIND

## زندگي پبليڪيشنس جا سنڌي ادب ۾
## آندل کي نوان ۽ سٺا ڪتاب

جمال ابڙي جي ڪهاڻين جو مجموعو

### پشو پاشا

قيمت: ۲-۰۰ روپيه صفحا: ۱۵۰

●

غلام رباني جي ڪهاڻين جو مجموعو

### آب حيات

قيمت: ۲-۵۰ روپيه صفحا: ۱۸۰

●

حميد سنڌي جي ڪهاڻين جو مجموعو

### اُداس وادیون

قيمت ۲-۰۰ روپيا صفحا: ۱۴۰

●

شيخ اياز جي شعر جو مجموعو

### جل جل مشعل جل جل

قيمت: ۱-۰۰ ريپا صفحا: ۴۰ (ڊبل ڪراؤن سائيز)

●

شيخ اياز جي خطن ۽ تقريرن جو مجموعو

### لامون تنهون وٽ سنديون

قيمت: پنجاهه پيسا صفحا: ۲۵ (ڊبل ڪراؤن سائيز)

ملڻ جو هنڌ:

زندگي پبليڪيشنس، پوسٽ باڪس ۲۱۶، حيدرآباد

Edited & published by Hameed Sindhi from office of the Monthly 'Rooh-Rehan,' Mukhi Garden, Hyderabad.
Printed by Muti-ur-Rahman Siddiqui at Indus Printers, Risala Road, Society, Hyd.

# روحانی ڈائجسٹ

آگست ۱۹۶۸ء

قیمت: پنجاہ پیسا

"زندگي پبليڪيشنس" جو
ترجمان

# روح رهاڻ

جلد:٧] آگسٽ ١٩٦٨ [پرچو:٥

○

ايڊيٽر (اعزازي): حميد سنڌي

○

سرڪيوليشن مئنيجر: ليلا رام خانواڻي

⊙

قيمت: پنجهتر پئسا

سالياڻو: نَوَ رپيا

○

ايڈريس:

ماهوار 'روح رهاڻ'،
گاڏي کاتو
پوسٽ باڪس نمبر ٢١٦
حيدرآباد سنڌ.

○

رهاڻ: ايڈيٽر

**شعر جو مجموعو:**
رُت آئي گاڙهن ٻيرن جي: شيخ ايار

**ناول:** (سلسليوار)
موهن جو دڙو: علي بابا

**هڪ خط:**
علامہ آءِ آءِ قاضي ڏانهن: قاضي فيض محمد

**کهاڻيون:**
چشم براهہ: سنڌيڪار، م-ا-ج
منجهيل ليکون: شيخ عزيز

**تڪيون منيون گالهڙيون:**
پڙهندڙن جا خط

**سرورق:**
رت آئي گاڙهن ٻيرن جي

# رهاڻ

وڏن کان ٻڌندا اچون، اڄ ٻ پيا ٻڌون ته ڪنهي آگر ويڙي پلي، پر جي سائين سڄو ئي جسم ٻڙ ٻڙ ڏکي هجي ته پوءِ آهو ويڙيو پلو يا رمندو پلو. وڏا انهيءَ ڏس ۾ آکن يا نہ آکن پر ماڻهوءَ جي فطرت آهي ته هو گندو، گدلو، ڇوت جون بيمارين ڦهلائيندڙ هجي پر هو جيئندو، هن جي جسم جو هر حصو ناڪاره ٻڌجي ٻ زندگي لاءِ پيو واجهائيندو. هن دور ۾ ماڻهو آويارِي آڇ ۽ لهواري لاڙ وارو رخ رکيو اچي، سندس ذهن هر آنهيءَ فائدي لاءِ پيو واجهائي، جنهن سان سندس ٻڙکندڙ ڪني ۽ ڪوڙي ضمير کي آئت ملي، سندس هر ڪوشش سڄ کي دٻائڻ ۽ منافقي وارو ڇار ڦهلائڻ ۽ ڪوٽ ڪوٽان واري عادت کي زور ونائڻ جي هوندي ۽ سندس ذهن جي اونهاين مان ڏپ وارا ۽ غليظ خيال گندي پوڻ وانگر ٻڙڪا ڏئي نڪرندا، آنهن خيالن کي ڏاڍا رنگين ۽ اوچا ويس پهريل هوندا، سندن لبن تي سرخي هوندي، سندن آچائي اها هوندي جو هر سچائي کي نيچو نوائيندا، سندن پستي اِها هوندي جو هو هر نيچ کي نوازيندا ۽ ذلت سندن عظمت هوندي. اهي خيال، اهي فڪر، اسان جي هن صدين جي ولوڙ، اوچائي کي اوچائي، نيچي کي نيچو سمجهڻ ۽ سمجهائڻ واري قوت ۽ طاقت، مٿان حاوي ٿي هن دور جي هوائن ٿي چڙهي اوچي آواز ۾ ٻڙهو ڏئي رهيا آهن ته ڪيرايو انهن جهوپڙين کي جي سڄ جي زمين تي ٺهيل آهن، جوڙايو اهي عمارتون جي انهن، تلخ سڄ کي ڏکي، ڪوڙ جا ڪنگرا اوچا ڪن. پٽي ڪيو اهي زبانون جي رئيس کي ظالم، پير کي ننگ، سرمايه دار کي نانگ ۽ هر اوچي طاقت جي منهن ۾ بيهي آواز بلند ڪن ٿيون. ڪيو اهي اکيون جن ۾ شرم ۽ حيا سان گڏ سچائي جو مشعلون ٿيون ٻرن. وات تي هٿ ڏئي چڏيون متان ڪا رڙ ڪا ڪوڪ بلند ٿي عرش نہ ڏاري وجهي.

ڪوڙو جسم، ڪوڙو ضمير، ڪوڙو وجود هن دور جي ڏاڍن جي تشريح آهي ڏاڍو ٻ اهو جو چوي ته ڏينهن ته سائين ڏينهن، جي رات آ ته رات آ. ڏاڍايون ارڏايون هر آنهي فرد جي عادت ٻڌجي وئي، جنهن ڏٺو ته سڄ ويچارو ازل کان مصيبت ۾ آهي ۽ انهيءَ ڪمزوري جو فائدو ماضي ۾ ماڻهن ورتو، پر قومن نہ ورتو. قومون جڏهن بي حيا ٿي بيهن ۽ ڏاڍيون ٻڌجي ڪمزور قومن جي نڙي تي ننهن ڏئي ڪين ڇپائي ماريون، نڏهن شايد انسان جي اشرف هجڻ جو تخيل ضرور پائمال ٿيندو هوندو ۽ هن

دور ۾ هر هنڌ آها قوم زور آ، جنهن ٽنگي، دولاب ۽ ڪوڙي زبان سان ڪوڙ جو چار پکيڙي نديين معصوم، عظيم ۽ بلند قومن کي ڦاسائي ۽ سندن گهالهائڻ واري قوت کسي چڏي آهي. سندن انهيءَ ڪردار، وجود جي سچائيءَ ۽ باضمير هجڻ ۾ کنهن جو اعتبار ڪيئن ٻيهندو.

پري ڇو ٽا وڃون، اچو تہ پنهنجي ويجهو آس پاس ڏسون. جتي گهٽي ٽي قومون رهن ٿيون. هرهڪ قوم پنهنجي ليکي پي هن ملڪ کي ڪاڏو آهي، جڏهن ڪنهن قوم جي زمين ٽڪر جي ايراضي ڪٽي پٽي تہ اها قوم وڏي آڻي پين قومن جي ٽڪرن ڏانهن ۽ پائيچاري ۽ مذهبي واسطن ۽ لاڳاپن سان هوءَ انهن نديين قومن جي وسيع ٽڪرن تي قابض ٽي وئي. ان سان گڏ انهن ٽڪرن ۾ جيڪا ٻاهران قوم آئي هئي، تنهن جو قبضو پڻ انهن ٽڪرن تي ٿيو. آهستي آهستي اقتصادي طور مقامي سڀاجهڙا ڏکيا، انهي اوڙاهه ۾ اڙيا، جت اڇوت قومون فاتح قومن کان شڪست کائڻ کانپوءِ وڃي پناهه ونديون آهن. انهي سر زمين جي سڀاجهڙن، بي وس ۽ بي همٽ انسانن منهن لڪايو مونن ۾ ۽ ٻاڏائڻ لڳا، پڪارڻ لڳا، آپ ڏري نہ ڏري، پٽ ڏٽي ۽ سچل سائين جي مقبرن جي ڪنگرن کي تہ لوڏو اچي ويو.

اقتصادي طور شڪست کائڻ کانپوءِ هنن جي تهذيبي ورثي تي حملو ٿيو، پوءِ هئي هنن جي آخري پونجي زبان. زبان تي جڏهن حملو ٿيو، تڏهن شڪست بہ آها شڪست آئي، جو بنهہ سر عام انهيءَ مقامي زبان کي ڦاهيءَ چاڙهيو ويو. اقتصادي شڪست وقت مقامي قوم ٻاهرين قوم کي گهٽو ٽي پنهنجي ڪرڻ جي ڪئي ۽ کين نوان مقامي ٻاڙ قرار ڏنو، پر پاڙي وارن انهن ٻاهرين کي سنهرا سپنا ڏيکاري مقامي وارن کي مڪمل اڇلي ڦٽو ڪيو ۽ هو پئي انهيءَ ڪري گڏجي پيا، جو سندن زبان هڪ هئي ۽ پاڙي وارا ساندي مثل زبانن بدلائڻ ۾ عيب نہ سمجهندا آهن. انهي پهرين شڪست کانپوءِ مقامي قوم بد دل ٽي پئي ۽ سمجهوتي لاءِ واجهائيندي ڪجهہ قدمن ۾ ڪري، ڪجهہ آپي ٻاڪاريندي رهي. ڪن تہ بنهہ وڃي اهو رنگ روپ اختيار ڪيو، سندن ضمير، ضمير نہ رهيو، سندن وجود، وجود نہ رهيو، سندن زبان، زبان نہ رهي ۽ ٻوليءَ واري حملي تي مقامي قوم مڪمل شڪست کاڏي ۽ سندس اڄ اها حالت آهي جو هو هٿيار ڦٽا ڪيو، ويچارا ٻڌجي، بي غيرتي وارو نمونو اختيار ڪيو ويٺا آهن. سندن گهرن ۾ اها زبان ختم ٽي وئي، جنهن جي عظمت، جنهن جي وڏائي ۽ ساراهہ جا ڏيڪ مختلف وقتن تي ايندڙ حڪمران قومن بہ پي ڀريا ۽ اها زبان ڪاهي پئي، جنهن کي ڪا زمين نہ هئي، جنهن کي ڪا قوم نہ هئي ۽ اڄ چيو وڃي ٿو تہ اها قائم زبان جا ڏکا ڏوما ڪائيندي هت پهتي، جنهن جي بدنامي کوڻن کان شروع ٽي هئي. آفاقي ٻولي آهي، ديني ٻولي آهي، اسلام جو وجود انهيءَ ٻوليءَ ڪري آهي،

خود هن پاڪ ملڪ جو وجود ان زبان ڪري آهي.' (ڏسو ايڊيٽوريل جنگ تاريخ ائين آگسٽ.)

زبان کي اسان زمينن مان ۽ قومن جي وجود مان نسرندو ڏٺو آهي. زبانن مان اسان قومن ۽ مذهبن کي آپرندو ڪڏهن ڪونہ ڏٺو آهي.

اسان حيران آهيون تہ اڄ اسلام عربي (قرآني) زبان تي بيهڻ بجاءِ هڪ بي بنياد ۽ بي پروسي بولي تي انحصار رکي ٿو ۽ اهو چوڻ ورا بنهہ هيڪن نٿا، جو اڄ سنڌن ساري آهي، سنڌن اوج آهي، سنڌن راج آهي. نہ تہ اها گهالهہ ماڻهو تہ ڇا پر سڄا سارا جڳ ڪلائي.

اهڙا شرانگيز بيان اسلام کي مضبوط تہ نہ پر لوڏي رهيا آهن. اهڙا طاقت جي اندر لکيل ايڊيٽوريل انهي زبان جا ترا ڪيي رهيا آهن. افسوس اهو آهي جو اسلامي پائيچاري جي پرچار ڪندڙ فرد اڄ اسلام جو علم ڪٿ بجاءِ زبان جو علم کڻي هليا آهن ۽ انهيءَ مخصوص زبان گهالهائڻ واري کي اها مخصوص قوم ۽ انهيءَ تهذيب، انهي رهڻي ڪرڻي، انهيءَ ئي مذهب وارو قرار ڏين ٿا. سنڌن نظر ۾ مقامي ماڻهن سان پائپي برادري ناهي جيسين هو مادري زبان چڏي نہ ٿا ڏين. مادري زبان بقول اخبار جنگ ڪا اهميت، ڪو وجود نہ ٿي رکي. پوءِ سائين، اها کهڙي پائپي چئبي، اها کهڙي مسلماني چئبي.

سو سائين، اها آهي هن دور جي حالت، ضمير جي حالت، انسانذات جي وجود جي حالت، زبانن جي حالت، قومن جي حالت ۽ اسانجي دين اسلام جي حالت.

بي وسي، قلم کي اجازت نہ ٿي ڏي ۽ مان سمجهان ٿو تہ سچ کي همٿ ۽ ايڏي نہ آهي جو اهي ڪوڙ جا ڪنگرا، غلط بيانيون، طاقت جي اندر زبردستيءَ زبان کي مڙهڻ ۽ مادري زبان کي ڪچلڻ وارا ايڊيٽورل ۽ انهن حڪمن کي ڏاهي سگهي.

اڄ بہ سچ سچي زبان بڌجي پٽن، ڪينجهر جي ڪنارن، درازن جي درن، پنيور ۽ موهن جي دڙن جي ويرانن ۾ پڌڪندو رهي ٿو. آهي ڪنهن ۾ همٿ جو ان سچ کي ڳل لائي ۽ دڳ لڳائي.

## پنهنجي متعلق:

پرچو دير سان نڪري پيو، اُنجي ميار وري بہ مان پاڻ تي نہ ڪنڊس. اُن لاءِ ذميوار ڪير آهي، اُها هڪ ڪهاڻي آهي، جا وقت هرهڪ کي ٻڌائي پيو ۽ ٻڌائيندو. علامہ آءِ آءِ قاضي نمبر ڪجهہ وقت پوئتي هٽايو ويو آهي، جو اُنجي لاءِ مناسب مواد ملي نہ سگهيو آهي. علامہ آءِ آءِ قاضي نمبر نڪرندو ۽ اُنجي عظمت ۽ شان مطابق. جنهن جي مهيني جو اعلان اينڊڙ پرچي ۾ ڪيو ويندو.

هن پرچي ۾ وري هڪ دفعو شيخ ايياز جو نئون مجموعو ڏيون پيا. اُنجي اهميت ۽ اثر لاءِ اوهان جي راين جو انتظار رهندو.

— حميد

# رُت آئي گاڙهن ٻيرن جي

— شيخ اياز

مون کي 'ادب براي ادب' جي ذهنيت کان هميشه انديشو رهندو آهي، جيڪو تہ اها ذهنيت شاعريءَ جي منافي آهي ۽ ان جي پيروريءَ ۾ شاعريءَ جو خاتمو آهي. شاعري ۾ قسمن جي موسيقيءَ جي باهمي عمل مان پيدا ٿيندي آهي ـ سرجيندڙ شخصيت جي موسيقي ۽ آها موسيقي جا عوامي روح جي گهرائيءَ ۾ گونجندي آهي. عظيم شاعري تڏهن پيدا ٿيندي آهي، جڏهن اهي ٻيئي بجليءَ جون لهرون ملي ويندیون آهن.

(روسي شاعر اليگزينڊر بلاڪ)

—

'مينڊو آهي هي جُڳاڻو ۽ مينڊي آهي اُن جي ميٽي'،
اهو عظيم گيت مان پنهنجي دل ۾ جهونگاريان ٿو.
اهو منهنجيءَ زندگيءَ کي معنيٰ ڏئي ٿو.
ڏينهون پوءِ مون کي سچ جا ماڻڪ موتي ملن ٿا،
سو ڪڙي ٿي ـــ ۽ اُنهن جي جوت جهڪي نہ ٿي ٿئي.
انڪري موت جي سرحد تي اهو عظيم گيت،
'مينڊو آهي هي جُڳاڻو ۽ مينڊي آهي اُن جي ميٽي'،
منهنجي دل ۾ مسرت جا پڙلاءَ آڻي ٿو.
جڏهن مان پاڻ سان ڏرتيءَ جو پويون ڇُهاءُ ڪٽي ويندس،
تڏهن مان اعلان ڪندس
تہ 'فتح جو نشان' خاڪ سان مُنهنجيءَ پيشانيءَ تي لکيل آهي'.
مايا جي پڙيان
مون ازل جي روشني ڏٺي آهي.
من-موهڻي سچ ڏرتيءَ جي متيءَ جو روپ' ڏاريو آهي ـــ
اهو ڄاڻي، مان متيءَ کي سلام ڪندس.

(مَهاڪَوي ٽئگور)

# غزل

پَلي آس ٽَر مان نہ آ ٽوهَرَن،
پتائي! ڏسين ٽُو وڃون ٽيون وَرَن؟

آتر ڏانهن بَکرال بَهکا کيا،
کَري ونگَ آگم اِجهو ٽا وَسن!

پَون ٽا نَوان گَنڌيءَ گنديـــر ۾،
پيٽَن تي وري کَر کنيا کوڻيٽَن.

جَهلن ٽـــا پيا جيءَ جا جهُولڻا،
چُلن ٽا، مٽاهان چَمر ٽا چُلن!

هَنا هوڙ وسنديون بَکَرهُوس تي،
گهٽي وقت کان ٽيون گهٽائون گَڻن.

سَوين کيت ٽُنهنجا، سَوين ماروِئون،
نہ زبريون نہ زنجير جن کي جَهلن!

پگهائون کَڙا کوڙ جي کوت جا،
پَلِيا کونہ پيرن مٽان پيکڙن!

ہ ٽي ڏينهن واهيت کندا هي وزير،
نہ چَوَگان رهندا، نہ چاري مٽن.

ڏِنڻِ سڏَ اهڙي، سَوين سيکڙوُ
مَٽَن ٽي مڙي ويا، پيو پيا پيڻ.

ڪٽي چَنگَ چارڻَ آچارڻ لڳا
آهي هولَ، ڪلهه هڪَ باقي نه جَن.

سَوين سڏَ، تن جا پڙاڏا هزار،
آيي کان لَمي گيت ٽا گونججَن.

ڏٺو ڏيهه آ ڏُرت، ڏاڍو ڏُکار،
ڪَرين ماڙَ ڪائي ٽه موڏي مَرَن!

سچو ڏيهه ڏاڍا ڪَري جي آيا،
لکين عيد جا چَندَ آيري پَوَن!

نه جهانگي جهيڙن ڪنهن به جهوريءَ هيٽي،
نه سانگي ڪنهين کي به سُنگيءِ ڏِيَن!

ڪَٽيريون مَٽيريون چَپر ڪٽَ ٽي،
ڏَئي حال احوال، ڦاٽا سيئَن!

وَهن ائٽ، ٻَهڙا ڪٽي ٻائِڙيون،
آسُر ويلَ نيوڙي گهَرن ۾ گهيرن!

سدا مامتا جي رکين لاج ٽون،
سدا چٽنگ ٻارين وساٽل چُلهن!

نه مارنگ تن جا آجهاميل ڏسان،
نه آونگ ٽن جا آيو گا لڳن!

گَيي لاءِ گولا ڪٽي ديس جي،
نه لولا لُڇائن، نه لولين لُڇن!

نه پورهيت ٻَڌن پيٽ کي هٿن پٽيون،
نه هاري ڪڏهن رَتَ سان ريجَ ڪَنِ!

جڏهن رات ٿئي، نند جي گود ۾
سجو وقت مارو ستابا سڀهن!

سدا هير ٽين جو هندورو ٿئي،
سدا آمن آزادگيءَ ۾ آٽن!

ڪڏهن سنڌ جي سينڌ ميري نه ٿئي،
ڪڏهن موڙ تنهن جا نه مرجهائجن!

وسي ٻيٽ تنهنجي پلارا سدا،
پلي ديس پردیس سارا وسن!

اسان سنڌ وارن ازل کان "اياز"
ڪنهين لاءِ مندي سمائي نه من.

—

پڪرال - آها وڃ، جا آتر اوپر جي گهتا ۾ چمڪندي آهي.
ڪونيٽ - ٽر جو هڪ وڻ.
بناهوڙ - گهٽيءَ بارش جو پوڻ.
پڪرهوس - زبردستيءَ سان ڪرايل چپ، جبر جو ماحول.
چمر - ڪکر.
زيري - زنجير، پير - ڪڙي.
پيڪڙو - بندُ.
واهيت ڪرڻ - چوڪيداري ڪرڻ؛ پٽائي جي ست ڀچاري چوڪگانن ۾، واهيت ڪن وزير ڏانهن اشارو آهي.
سيڪڙو - ڪانڪي، خواهشمند.
سنگي - محصول. آونگ - برتن.
آپوگا - بي مزي، ڦيڪا.
ڀهڙو - مٽي تي هڪٻئي مٿان رکيل ٻه گهڙا. 'ڀهڙو' بارگيريءَ ۽ ذميداريءَ جي علامت آهي، ۽ 'نيوڙي گهرن ۾ گهيرڻ' نهٽائيءَ جي علامت آهي.

⊙

هيتي لوءَ جي ڪانءِ پَوَنڊءِ لڳا،
آڏي ويهءِ مُنهنجي پَڌر ۾ پڳا!

وري سارَ دل تي تَري آئي آ،
وڏاسين اوهان لئه اکين جا آکا.

اُکيڑُن اُکيڑُن ڪَٽيريون ته ڏس!
آڙي ڏيهءِ تُنهنجا آجايا ڏُکا!

هَلو، پيٽَ پاسي وسايون وَليون،
ڏُناسين، ڏُناسين، وِلَهن جا وَکا!

"اياز" اڄ ڪَراچي ڏُني ڏينهن ٽيا،
ڏسي ڪيرُ ايڏا مُئيءَ تي مَڪا!

⊙

ٽيئي شال ڪوئي پُلِيءَ جو پَلو ڙي،
وري پيٽَ پاسي هَلو ڙي، هَلو ڙي!

رڳو هانوَ جو ڏَيڻَ، سو ڪيستائين؟
نه ڪا آهه پيٽي، نه ڪو پَرجَهلو ڙي!

سڄو سورَ آهيان، پَلا ڪٽن نه دانهيان!
اڃا ڪِيچ ڪَايان؟ ڪَهتين ٿو گلو ڙي!

ڏسان شال پيهر آڻي جون آڏارون،
ڏنو بُڻَ مُنهنجي وَلر کي وَلو ڙي!

اسان جون آنهن سان اکين جون آميريون،
پَهي! ڪيئن آندءِ پيرَن جو چَلو ڙي!

"اياز" اڄ پيا ياد وَرهين-وڇوڑيل،
اکين جي اڳيان ڪو ٽيلي ٿو ٽلو ڙي!

---

لوءَ ـ اونهاري جي گرم هوا.
آميري ـ هن ڏاڪڻ جون پُڇڙيون ملائي، ڏنل ڪَنڊ.

⊙

سَڪي! پيا ڪي ميلين تہ چَنڊجانءِ چاندني تو سَوا نہ ٿيندي،
اچين تہ منهنجيءَ آماسَ ۾ آءُ، چو تہ ٻي رات ڪانہ ايندي!

ڪڏهن بہ تو تي دُوار دل جا نہ ٻوٽيا، تون پَلي هَلي آ،
ٻہ لُڙڪ آلا ڪڏهن بہ هوندا، مَتان چَمين آڇيان نہ ٿيندي!

نہ ديپُ دوهانتجي ڪڏهن هيي، ليلاتَ جِي لاتَ شال جرڪي!
پرهہ پري آ، پَتو نہ آهي تہ رات ڪيسين ڏُهاڳَ ڏيندي!

پَڪي پَروڪا اڇا نہ آيا آڪير تن جي هُري رهي آ،
آداسُ سَر تي هَوا آڻي حيي، چَمي پَمي ڪا آڏارَ ايندي.

پَرار تي ڪا پُڪارَ آهي مگر اڳيان تيڪ تارَ آهي،
ڪٽي اسان جي آڪارَ آهي، "اياز" ڪيڏانهن ناوَ نيندي؟

⊙

هيءَ هُرڪُر رَين-بَسيرن جي
ٽي ويندي ساڪَ سَويرن جي.
جي واڳَ وٺين ها ڏاڳَهن جي،
چو ڪاڻ ڪڍين ها ڏيرن حي؟
او شال! عُقابن سان اڏڪان،
مان واهَر ٽي واهيرن جي!
آ رات لَڙي، هوءُ اڇو آ،
تون چوڙ نہ پايَل پيرن جي.
مون مُرڪي پنهنجو پاند ڏنو،
رُت آئي ڳاڙهن پيرن جي!
ميهارَ ميلَڻَ جي ويلا آ،
ڪَر ڳالهہ گهَڙن ۽ گهيرن جي.
ٽي ساري سنڌ "اياز" نچي.
چا چَم چَم آندءِ چيرن جي!

---

سَڪي ـ ساهيڙي
پيا ـ پرين
ليلاتَ ـ پيشاني، مُقدّر
پَرار ـ پَرين پير
رَينَ بَسيرو ـ رات گذارڻ جي جاءِ

○

مان پـارُ تہ ناهيان، اي جيجل،
جـــو چـنـڊ ڏسـان آئينو ٿـ!

کـــا آرتـــي آتـــرويلا آ،
ـجا گهاوَ وجهي ٿـي سيني ٿـ.

هـوُ بَرکـا بَرکـا اچڻو آ،
پـر کَـهڙي مـاسَ مَـهيني ٿـ؟

کو ساحلُ ساحلُ سُڃنو هان،
مـان ساري رات سَفيني ٿـ ـــ

هـي ديسُ هري ٿـو نفرت سان،
هي ديسُ کَـڙهي ٿو کيني ٿـ؛

ٿـو آمرت لاءِ "اياز" ڏسان،
مـان پنهنجي خـوُنَ پسيني ٿـ.

⊙

هِن انـڌي ديسَ انـڌيري جـي،
تون سورين گهالهہ سَويري جـي!

کو ڏوهي ـ گهاتُ ٿہ گولي ڏي،
ٽي آوُجَر هـن مَن ميري جـي.

هُوءَ هيلّ هَوا مـان جهپٽي آ،
مون گهالهہ کَئي مَسَ گيري جي!

کُجهہ وقت کَـکائين سارَ هُئي،
هِن اکڙين جـي آکيري جـي؛

آج وڃڻ وَراکا ڏئـي ساڙِي،
هَرَ هَرکُر هِن آهيري جـي.

---

سفينو ـ ڪشتي، ٻيڙو

چـو جـاءِ جُـوالا تـي گهوايي،
اي دل! تـو پنهنجي ديري جي؟

تون پَـتُ پرين، پر تنهنجي پَـڳ،
چا ڪَـندَ هٿي ڪانديري جـي!

چـا جَـر ۽ جـانَ "اياز" هُـٿي،
ڪنهن جيءَ جَـلي جي جيري جي!

⊙

اي قوم! پُـڌايا ٿي قِـصّا ڪلهه توکي مـون تقديرن جـا،
اڄ باغيءَ باغيءَ جي سير ني ٿو تاجَ ڏسان تعزيرن جـا.

ڪو ڪيئن نه ڏوڙي مقتل ڏي، آ رَتُ ۽ خوشبو ميندي جي!
ڪو ڪيئن نه موتي زندان ڏي، ٿا زُلف ڇِـڪن زنجيرن جا!

هوُ ڪوڙا ڪانئر ڪَـڙڪَـن ٿا ۽ لاشَ هَـوا ۽ لَـڙڪن ٿا،
پر گاڙها جهنڊا ڦَـڙڪَـن ٿا، چا رنگَ ڏئي رهگيرن جا!

اڄ لالُ لَـهوءَ جي سَـرگم تي، ٿي مُـنهنجي ڏرتي رقص ڪَـري،
مُـنهن هيڏَ ٿيا غَـدّارن جـا، بي شرم وڏيـرن پيرن جـا.

هيي ماڻهو وِهُـ جو ڊُـڪُ ٿيا، جئن لُـڪُ لـڳي تئن رُـڪُ ٿيا،
اڄ آزاديءَ جي نعري سان سپ دَردَ ويـا دلـگيرن جـا.

هَـر دوکي جي ديوار ڊَـڪي ۽ اُن جي سيرَ سيرَ سان نه ميلي.
اڄ ڏوڙي هرڪو ديـوانو ٿـو ڪولي بَـنَـد آسيرن جـا.

اڄ هَـرڪنهن جو هـي رايو آ تـو نينهُـن "اياز" نپايو آ،
تو ڳاتا گيتَ بَـغاوت جـا، تو لاٿا زنـگَ ضميرن جـا.

---

تعزير ـ سَـزا
مقتل ـ قتل گاهه
رهگير ـ واڌهڙو

⊙

جيجل! ڪهڙي ٻيجل آندي هيءَ ٽنبي جي تانَ؟
سير جي سَتّ ڏئي ٿو آڇي هرڪو دُهرا دانَ!

منهنجا گيت گُهٽيءَ ٽي ڪانئر، هاڻي ڪيئن ڪندين؟
گَرجي گونجي هن ڌرتيءَ جي ستّر لکَ زبانَ!

ميل مان ٿا مزدور آڇن يا واڳَهه ڪٽن ٿا وِڪي،
چيتي جٽن ڪُڄهه چيتي آيا ڪيڙي ڪيت ڪِسانَ.

گونگا ماڻهو، ٻوڙا ماڻهو، ماڻهو ٻُڌَ ٻَڌل،
للڪارون للڪارون ٽي ويا، لڏي ويا ايوانَ.

گهَڻن گهَڻن گهَڻن ڌرتي گونجي، جنتا جاڳي اڄ،
ڌَڻن ڌَڻن ڌَڻن ڌِڳي پيا ڪَن آزاديءَ اعلانَ.

جهَڻَن جهَڻَن جهڙڪار اڇي ٽي، ٽا زنجير ڦُٽن،
ڪَنَن ڪَنَن ۾ واڇٽ آيا، زوُمَ پگا زندانَ.

چَنَن چَنَن مان آگَ اُڏاڻي، يهتا آپ اَلا،
نَنَن مَنَن مان جَرڪي نڪتا آپي جا اپمانَ.

پَنَن پَنَن ۾ پَٽَ اڇي ٽي بهرين، ٻوءِ "اياز"،
بَنَن بَنَن ڪي ڏونڊاڙن ٽا تيزيءَ سان طوفانَ.

●

---

جنتا ـ عوام

زوُمَ ـ طاقت، تيز رفتاري

# لوڪ گيت

## لَمڪيان ڳي لو

[’لَمڪيان ڳي لو‘ هڪ ٽري لوڪ گيت آهي، جو پنج ستَ سَرتيون ڏُٽ چونڊيندي، نيرت سان چونديون آهن. اُن جي لَيءَ ڪجهه ’جَمالي‘ سان ملندي آهي. مون اُن جون سيٽون ’مُفتعلن فاعلن‘ جي وزن تي آڻي، اُن ۾ شعري صلاحيت ۽ اُن جي ناچ-ڏن ۾ تيزي پيدا ڪئي آهي. گيت جو فطري پس-منظر واريائي تي ڏُٽ نڙ، پر جوڙُ جو گيت آهي. ’لَمڪيان‘ لفظ ’لَمڪ‘ (لوڏَ سان هَلڻ، لچڪ) مان نڪتو آهي؛ نيرت ۾ چيلهه جي لوڏ ضروري آهي.]

آءُ اُتَر-هيرَ سان، لَمڪيان ڳي لو
لَمڪيان ڳي لو

ڪَنڌ ڪِنياتا ڪيرَن، لَمڪيان ڳي لو
پَٽُ-تيترَ پار جا

روز اُتر ڪان آڇَن، لَمڪيان ڳي لو

پنڌ پري هوءِ ڳي، لَمڪيان ڳي لو

پارِ پرينءَ لوءِ ڳي، لَمڪيان ڳي لو

تانگھ ڪئي تاوڙي لڪيان ڙي لو
ڪانگ ڏسي ڪامڻي
ڪاندڙ متان ڪاوڙي لڪيان ڙي لو
ڏور ڪتيءَ ڏينهڙا لڪيان ڙي لو
ڪالهه آنا مينهڙا لڪيان ڙي لو

ماڪ-ٻيڻا ڪانهن ڙي لڪيان ڙي لو
جهوميڪيون جوئريون
آءٌ ٻُڌي ٻانهن ڙي لڪيان ڙي لو
سوُنهن سيڻاپا پرين لڪيان ڙي لو
نينهن نيڻاپا پرين لڪيان ڙي لو

نيڻ پريان نيرَ سان لڪيان ڙي لو
آءٌ اُڏر-هيرَ سان لڪيان ڙي لو

---

ڪنياتا ـ خوشيءَ جو پيغام آڻيندڙ.
تاوڙي ـ غُصي ۾ آيل.
پٽ تتر ـ تتر جو هڪ قسم.

## سانوڻ - ٽيجَ

[ سانوڻ - ٽيج هڪ ٽري لوڪ گيت آهي، جو ڪُنواريون ۽ نَوُورنيون سانوڻ جي سُهائي پڪ ۽ اونداهي پڪ جي ٽيج تي گهائيندڙيون آهن. هن گيت ۾ ڪيفيت ٽري لوڪ گيت جي آهي، ترنم منهنجو آهي.]

آئي سانوڻ - ٽيجَ ڏي —

گجّ سوين تارڙا، واجهه وڃهي وڃّ ڏي!
چوريءَ نه ڇڇّ ڏي!
آئي سانوڻ - ٽيج ڏي—

هيڪلڙو هينڊرو، آپ ڪري گاج ڏي!
راڊو نه راج ڏي!
آئي سانوڻ - ٽيج ڏي—

ڏَتّ مٿي مينهڙا، ڇتّ ڪئي ڇاتَ ڏي!
تو ريءَ آساڻ ڏي!
آئي سانوڻ - ٽيج ڏي—

ڊولَ بنا ڊوڙڙو، ڪيئن لڳي بُڪ ڏي!
توريءَ نه سُڪ ڏي!
آئي سانوڻ - ٽيج ڏي—

ناتَ ڪري نيند ڏي، رَتّ ڪري رات ڏي!
تو ريءَ نه ناتِ ڏي!
آئي سانوڻ - ٽيج ڏي—

پُڃّ مٿان بادلو، پيڃَ پيڃَ وَسجو!
پائِر ٻه پَسجو!
آئي سانوڻ - ٽيجَ ڏي.

—

## مٽهيارُ

[ مٽهيارُ يا مٽهيارو هڪ ٽَري لوڪ گيت آهي. مٽهيارُ لفظ مٽيي مان نڪتو آهي ۽ ڦيريدار ويَاريءَ لاءِ ڪم ايندو آهي، جو ٻُولا، بينسر، چُوڙا، جهُومر، ڪَنڌال وغيره وڪڻندو آهي، ۽ سارو سامان آڻ تي لڏي، ڏَهر ڏَهر ۾ ڏاهو ڪندو آهي. سنڌي لوڪ گيتُ دنيا جي لوڪ-فن جي بي مثال حاصلات آهي ۽ سنڌي عوام جي اُجري اندر جو آئينو آهي. ٽَري مٽهياري جي هيٺين سِٽ تہ منهنجي اندر ۾ اُڪرجي ويئي آهي:

"سنڌڙي ري مارگي، اُڏتي جائي ڪيهَ"

(سنڌ جي مارگ تان ڪيهَ اُڏامندي ٽي وڃي)

سنڌ جو لوڪ ادب پڙهي، يقين ٽي وڃي ٽو تہ سنڌي ثقافت هر قيمت ڏيئي، بچائڻ جهڙي شيءِ آهي. مون هن لوڪ گيت ۾ جدت پيدا ڪئي آهي ۽ نہ فقط اُن کي موزون ترنم ڏنو آهي، پر اُن کي علامتي رنگ ۾ به رڱيو آهي.]

مٽهيارُ آيو، مٽهيارُ ڙي
مٽهيارُ ڙي!

آيو چَنن ۾ والا ڪَنن ۾
ڳانا گَلي ۾ جهونجهار ڙي!
مٽهيارُ ڙي!

موتيي لُٽائي جوتيي لُٽائي
ڇا ڇا سَجائي سنسارُ ڙي!
مٽهيارُ ڙي!

پانهن ۾ پُٽيءَ جو ويندي لُٽيءَ جو
چوريءَ چِنيءَ جو سينگار ڙي!
مٽهيارُ ڙي!

گھونگھٽ هٽائي جھوسَر ٽِڪائي
ڇا ڇا ورونھون واپار ڏي!
مَٺھيارُ ڏي!

ھانھون ڪچيءَ ۾ دانھون ڪچيءَ ۾
ڪَنڀال پائي مَنڌار ڏي!
مَٺھيارُ ڏي!

هيءَ هيءَ سھيلیون ڪيڏيون ڳھيليون!
هُن جو تہ سپ سان آ پيار ڏي!
مَٺھيارُ ڏي!

و ڇڙو ٻہ آهي مَڇڙو ٻہ ناهي
ٽو واڳَ واري هَسوار ڏي!
مَٺھيارُ ڏي!

اکڙيون نہ آڙجو ٻيءَ جاءِ جَڙجو
روئي نہ روکيو مَٺھيارُ ڏي!
مَٺھيارُ ڏي!

---

جھونجھار ـ سورمو، ٻلوان

## ڪَرهو

[ 'ڪَرهو' ڏَر جو هڪ لوڪ گيت آهي، جو آوٽي سفر ۾ گائيندا آهن. 'ڪَرهو' اوسيڑي ۽ وچوڙي جو گيت آهي ۽ اُن جي هر بند جي پوئين سٽ 'هُڙڪَ هلو هو، ڏيمان هلو هو' (هوريان هلو، ڏَرو هلو) هوندي آهي. هن گيت جو ستاءُ 'ڪَرهي' جو نہ آهي، پر اُن ۾ ساءُ 'ڪَرهي' جو آهي.]

هُڙڪ هَلو هو، ڏيمان هَلو هو—

پَنڌُ پَرايو هو
ڪيرُ ڪَرايو هو
واتَ آواٽي
ڏيلُ ڏَرايو هو
پو نہ پيرينءَ جو پَنڌُ پَلو هو
هُڙڪ هَلو هو، ڏيمان هَلو هو—

پارُ نہ پيرو
ڏَڪيُّ نہ ديرو
رات گهَٽائين
دُور سَويرو
ڪَرهَڙو ڏي جيءَ جهَلو هو!
هُڙڪ هلو هو، ڏيمان هلو هو—

سانَوليڑي جو
ڪِيچُ چَئو ڪو
سانٽِ ٻُري آ
سانٽِ ڪَيَوَ چو؟
ڳُونجَ اُيارِي ڪا تہ ڳَلو هو
هُڙڪ هلو هو، ڏيمان هلو هو—

—

O

ماٹھو آیاٹا دِلڑیوُن نہ جوڑِن—

پجرا پَکین جا
گھوڑھا اکین جا
ساروُن آڈارُون پَرڑا پتہ وڑِن
ماٹھو آیاٹا دِلڑیون نہ جوڑِن—

ٹاریون ٹھوُکَن
دِیاوُن نہ دوڑن
سانوڑ۔جھَڑیءِ جا سُپنا نھوڑِن
ماٹھو آیاٹا دِلڑیون نہ جوڑِن—

ٹاروُن تَرن ٹا
واگوُ وَرن ٹا
ٹا کَنّ کیڈا وانجھي وچوڑِن!
ماٹھو آیاٹا دِلڑیون نہ جوڑِن—

کنھن لاءِ گھایان،
آمرت وَسایان؟
ٹا وِھُہ نئینءَ لئیِ واسینگ ووڑِن
ماٹھو آیاٹا دِلڑیون نہ جوڑِن—

---

ٹھوکَن ۔ سور جو آواز کن، 'ٹھَوکي' مان فعل
سانوڑ۔جھَڑي ۔ سانوڑ جو لڳاتار مينھن

# وايون

گھلّ ڏکيءَ آڙي، نيءَ ٽا نيندَ کَن!

گيتَ گونجارجي واءُ مان ٽا وَرَن
نيءَ ٽا نند کَن!

جيءُ جا جھولٽا جھاڻءِ ۾ ٽا جھُلن
نيءَ ٽا نند کَن!

سانت جي سير ۾ ٽا تنبورا ٽَرَن
نيءَ ٽا نند کَن!

چَندَ جا ناکٽا ناوَ مان ٽا ڏِسَن
نيءَ ٽا نند کَن!

پَٽ جھڙا پرين پارَ کان ٽا آڇن
نيءَ ٽا نند کَن!

راتڙيون جاڳنديءَ جَھپ آئي نہ نَن
نيءَ ٽا نند کَر!

گھلّ ڏکيءَ آڙي، نيءَ ٽا نيندَ کَن!

---

ناوَ - ٻيڙي

○

ڏوپا ويچي، ڏار، پٽياڻي ڏوهيي پٽيي
پاڻيءَ تڻون نہ پار، آرڙاڻا ڪر اوتري (۱)
(هڪ پارڪري لوڪ-بيت)

—

گرج گرج اي گونگي ڏرتي! پرج پرج پٽياڻي!
پرج گرج پٽياڻي!

پڃ پيڻيءَ جو برسيو آهي، ورهڻ رات وهاڻي
پرج گرج پٽياڻي!

هر هر هلا هلا تنهنجا، ور ور وڃ-وراڻي
پرج گرج پٽياڻي!

ڪارونجهر ۾ پٽي پڪاري، پل پل پريت پراڻي (۲)
پرج گرج پٽياڻي!

ڏوپا ڏار نہ رهڻي آهي، آءُ اٽل ۾ پاڻي!
پرج گرج پٽياڻي!

پنهنجي اوليءَ ڪوبہ نہ اولو، سير انهيءَ جي ساڻي
پرج گرج پٽياڻي!

(۱) 'پٽياڻي' نگرپارکر جي اُتر ۾ برساڻي ندي آهي ۽ 'ڏوپا' ڏکڻ ۾.
ويچي - وهي ٽي، ڏوجهي - ٻي، تڻون - جو، آرڙاڻا - گجگوڙ، اوتري - لهي، اُتار ڏانهن وڃي.
لوڪ بيت جي معنيٰ آهي تہ ڏوپا ڏار وهي ٽي ۽ ٻي ندي پٽياڻي پلي آهي. پاڻيءَ جو ڪوئي پار نہ آهي ۽ آرڙاڻا ڪري لهي رهيو آهي.
(۲) سنڌ جي قديم بندر پاري نگر جي امر ڪهاڻيءَ 'سارنگا سڏونت' ڏانهن اشارو آهي. سارنگا ۽ سڏونت جي نديڙي جي پريت هئي، پر سارنگا جي ٻيءَ هُن جي شادي اُجين جي ڪنهن سيٺ سان ڪرائي هئي، جتان سڏونت، جوگيءَ جو ويس ڏاري، هُن جي ڪيڏ ويو هو. ڪارونجهر جي پٻ وٽ رهندڙ ريباري قوم جا ماڻهو چوندا آهن تہ جڏهن ساڻو جون گهنگهور گهٽائون گجمديون آهن، تڏهن پهاڙن ۾ سارنگا ۽ سڏونت جون وڇڙيل آتمائون هڪٻئي کي سڏيندڙيون آهن.

—

ورهڻ - برهن، پرين، پريءَ کان وڇڙيل
اوليي - ونجهه

⊙

ڪهڙو غيبُ شهودُ؟

سڀڪجهہ تون ئي آهين!

چنڊُ بہ تنهنجي چاري ۾ آ، تو ڪي سڄڻ سڄوُد
سڀڪجهہ تون ئي آهين!

ماڻهوءَ ڪان وڏ ڪوئي ناهي، ماڻهوءَ جو معبُود
سڀڪجهہ تون ئي آهين!

آيو آهہ عدم کي جهاڳي، تنهنجي لاءِ وجود
سڀڪجهہ تون ئي آهين!

تون ئي روزهُ صليب سڃاڻين، تون ئي آن موعود(۱)
سڀڪجهہ تون ئي آهين!

تون ئي آهين پنهنجي منزل، تون ئي لامحدود
سڀڪجهہ تون ئي آهين!

—

(۱) موعود ـ وعدو ڪيل؛ انجيل ۾ مسيح موعود جو تخيل آيو آهي، جنهن کي اسلام مهديءَ آخر زمان جي تخيل ۾ ورتو آهي.

ڪانگڙ لنوين، ڪانگڙ لنوين، ڪانگڙ لنوين وو
آءُ پـــرين! آءُ پـــرين! سانگڙ ڪَري ڪو
ڪانگڙ لنوين ووـــ

آءُ پـــرين! آپ ّ متان آهِ لَڳهَ-لَس ّ
چـاڻ ۽ ڏئـو مينهن، ڏنو وڃ ّ وراکو
ڪانگڙ لنوين ووـــ

آءُ پـــرين! ڪڪ ڪيا سَنگڙ سُنَهرا
ڪيتَ ٽيا ڪـاڻ، سچو سون ُ پـري ٿـو
ڪانگڙ لنوين ووـــ

آءُ پـــرين! واءُ وَري، آن ّ آجـــاريو
مُند ّ متان مُند ّ اچـي، تون نہ اچين چو؟
ڪانگڙ لنوين ووـــ

روز مِٺي لاتِ ڪري، ماتِ ڪري مَن ّ
پَڪِي ّ لـهـي لڪِي ّ ڏئِي نينهن-نياپو
ڪانگڙ لنوين ووـــ

هاءِ پـــرين! هاءِ پـــرين! ديـر ڪئي تـو
ڪانگ لنوين، ڪانگ لنوين، ڪانگڙ لنوين وو.

---

لَڳهَ ـ بادل

# نظم

⊙

ڪو سُڻو سيرجي آيري ٽو
هن تنبوري جي تارَن مان—
تون چندرما جي ناوَ جهلي،
ٿي نڪرين دور سيتارن مان؛

۽ منهنجيءَ سيراندي‌ءَ پرسان
هٿ ڦيري منهنجن وارن تي،
تون ڪوئي گيت ٻُڌائين ٿي
هيز تنبوري جي تارن تي؛

جو گيتُ 'آمارو' گهوليو هو،
جو ڪاليداسَ نہ پاتو هو،
ڪلهہ رات 'رَوي‌ءَ' سمپان جهلي
جو گيت آڏورو گهاتو هو؛

اڄ مان سنڌوءَ جي ڪنڌي تي
هر مانجهيءَ جو مونجهارو هان،
هر ڪوئي پڇي ٿو، "آڻين ٿو
هيءَ لهرون لهرون گيت ڪٿان؟"

آن وقت ڏسان ٿو حيرت مان
مان تنبوري جي تارن ۾،
۽ ياد اچن ٿيون آڱريون
هو تنهنجون منهنجن وارن ۾.

'تنبورو' سنڌيءَ ۾ 'ت' سان مستعمل آهي، آن جو 'ط' سان استعمال غلط آهي.
آمارو ـ سنسڪرت جو مشهور شاعر
رَوَي ـ رابيندرانات ٽئگور
سَمپان ـ بنگالي پيڙيءَ جو هڪ قسم

(٥)

(امير خسرو پاٹياريءَ کي)

—

"تنهنجو نالو؟" "کانتي."
"تنهنجو روپ آنوپ آ"
"مون وٽ رنگ نہ روپ آ"

"سونهن وٽي مون سانوري
"نون چا چاڻين بانوري!
"من-منديپ جي آگ آ
"تنهنجي کايا کانتي."

"منهنجو نالو کانتي
"منهنجو ويس بنارسي
"تنهنجي پولي پارسي
"منهنجي پولي پوربي
"ڀ مان پوچان مورتي.
"تنهنجو من گهنگهور، مان
"چندرما جي شانتي."

"ٿورو سمجهہ نہ کانتي!
"هي منهنجو بہ تہ ديس آ
"مون بہ تہ گيڙو ويس آ
"تنهنجي منهنجي گانوَ ۾
"پنهنجي پنهنجي ٺانوَ ۾
"ساڳي جر جي اوتَ آ—
"آڳ تہ هان ويدانتي."

---

گانوَ — ڳوٺ

٥

ڪالهه وڏو مون ڪوئي گُل
تنهنجي چوڻي ۾—

گُل جي خوشبو چوڻي ۾
يا چوڻي جي هُئي گُل ۾!
ڪهڙو گُل هو، ياد نہ آ
هاڻي مون کي هِن هَل ۾.

هاڻي جا زنجيرن جِي
روز پئي جهڙڪارَ اچي،
آن ۾ تنهنجي چوڻي حِي
مون کي پيئي سارَ اچي.

ڪهڙو گُل هو؟ ياد نہ آ
شايد ڪو رابيل هُيو!
يا ڇُپا هئي چوڻي ۾،
جنهن ۾ تيل ڦُلبل هُيو!

مون کي اڄ کا ياد نہ آ
زندان جي ديوارن ۾،
آدَ-مُئي جي جاءِ ڪٿي
ڪابہ سُڳندِي سارن ۾!

ڪالهه وڏو مون ڪوئي گُل
تنهنجي چوڻي ۾.

⊙

وَڃو، ڪنويلیو، وَڃو!
وڃي پرينءَ کي چئو،
"اڃا پيو جيئان
"اڃا پيو جيئان.

"آجو ڪُڪ هيءَ جاتَ آ
"آسات ئي آسات آ،
"ٻہ چار پيرڙا ڪٽان
"تہ پَنَ پَنَ ٿي ڇٽان!
"سَنيهَہ آ نہ سَنگُ آ
"نہ آسَ ۾ آمنگُ آ،
"ڏُهن ٻہ مارڏاڙ ۾
"آجاڙُ واڙ واڙ ۾
"رڙهي رڙهي وڙهان پيو
"وڙهي وڙهي رڙهان پيو."

وڃو، ڪَنويلیو، وڃو!
وڃي پرينءَ کي چئو،
"اڃا تہ هانوَ هيڪلو،
"اوهان بيگَر ڪَيو بلو،
"اڃا پيو جيئان
"اڃا پيو جيئان.

"ڪڏهن آڦَٽ مَران تہ پو
"ٻہ چار لڙڪَ هارجو،
"ڪڏهن ڪڏهن تہ سارجو
"تہ ڪير ماڳ ۾ مُئو!

”جڈھن ہ سانيوٹسون اچن
”چمڑ الوٹ ٹي نچن،
”جڈھن ہ پيٹ پيٹ ٹي
”گھٹا گجي گجي وسي،
”جڈھن ہ مور ٹور ہ
”ڈسو نہ کنھن ہ هور ہ،
”جڈھن ہ روجھ ريجھ ہ
”ڈسو اپوجھ ريجھ ہ،
”نڈھن نہ هي وسارجو
”تہ کير سچ ہ سڻو!
”اچا تہ جاڳ ٹي جلي،
”اچا تہ ويڑھ ٹي هلي،
”اچا تہ گھاو تاو ہ
”لھو لھو لڳاو ہ
”رڑھي رڑھي وڑھن پيا
”ورڑھي ورڑھي رڑھن پيا،
”اچا ٹيون نہ ماڻيون
”آچاتيريون، آپاڻيون،
”اچا گھڑي پني نہ آ
”اچا تہ رات ٹي نہ آ—
”اچا پيو جيئان
”اچا پيو جيئان.“

---

جات ـ سفر. سنيھ ـ پيار، سيڪ. روجھ ـ نيل گاءَ.

## هيروشيما

—

هي ڪير ڪَڙو آ ڪُنيءَ تي؟
حيرانُ هَوا ۾ ٽَهڪ ڏَئي
ٿو هيٺ نِهاري ڏرتيءَ تي!

هيءَ ڪنهن جي آڳَ لڳي جَر ۾،
جو پنهنجي پنهنجي موتيءَ سان
هر سِپ ۾ سَڙِي وئي ساگَر ۾!

ڪنهن مُرڪ پريءَ مَيءَ نوشيءَ ۾،
”مان تنهنجي هان“، ”مان تنهنجو هان“
ٿي رات چيو سَرگوشيءَ ۾.

آجُ ٽين جِي هيجَ ڪِٿي آهي؟
حِيتِ پاسا پيارَ وَرايا ها،
سا سُرهي سيجَ ڪِٿي آهي؟

ڪنهن چيو هو، ”پيارُ آمر آهي
بي هَر شيءِ اچڻي وَڃڻي آ“—
اڄ جَر ۾ ڪُجهه به آمر ناهي!

آجُ تو ۾ تنهنجي موتيءَ سان
ڪا سَرهِي سِپ ۾ سَڙي وَئي آ،
تو جِيءُ نہ آهين جوتيءَ سان!

۽ منهنجي پيارَ وِڃائِي آ
پنهنجي هر آسَ اَمرتا جِي—
هيءَ تنهنجي، منهنجي ڪائِي آ.

هي ڪير ڪَڙو آ ڪُنيءَ تي؟
هي تون آهين، هي مان آهيان،
جِن آمن نہ آندو ڏرتيءَ تي!

ها، هيءَ اسان جي ڪائي آ—
اِنَ اوچيءَ ڪائيءَ کي گَڏجي،
چا، تو مان آڳَ لڳائِي آ!

⊙

منهنجو اڳهه پڇڻ ٿو آميرَ:
منهنجا گيت ڪنهي سگهندين تون؟

هَٿَ مٿان ڇا هُلُ ٿيو آ!
هرڪو موتيءَ مُلَ ٿيو آ—
ڪيڏي پيهه لڳي پئي آهي!
گپا گيهه لڳي پئي آهي!
ڪيڏو پاڻُ چڙهي ويو آهي!
هرڪو گيت بڙهي ويو آهي،
تُنهنجا ڏُڪَ پري ويو آهي،
پَهه پَهه پُڪَ پري ويو آهي—
ڪنهن ساڃهه ڪي سيڪ نه آهي،
آهي رَڪ وويڪ نه آهي؛
ڏات پريءَ بازار وڪاڻي،
چڙ ڪا ننگي نار وڪاڻي—
مان به ته هڪ وڻجارو آهيان،
پر مان سڀ ڪان نيارو آهيان؛
گيت اندر جا گونجي آهي،
سا شيءَ منهنجي پونجي آهي؛
ميل مان جو مزدور اڇي ٿو
هَرُ هٽندي جيڪو ٽڪجي ٿو،
ڦ جو توسان سينو ساهي
پيرَ ڪڙين ۾ آيو آهي،
تنهن سان گيت ورهايان ٻيٺو!
چؤواڻي تي ڳايان ٻيٺو!
جنهن وٽ ڪوئي لڙڪ ڦڙو آ،
تنهن منهنجو هر گيت ڪڏو آ—

تو وٽ لڙڪ ڪٿي ڪو آميرَ!
منهنجا گيت ڪنهي سگهندين تون؟

---

آميرَ ـ ڊڪٽيٽر

⊙

هرڪنهن سان قانونُ ڏسيي،
مون انصافُ ڪيو آهي؛
ڪنهن کي ڦاهي چاڙهيو آ،
ڪنهن کي معافُ ڪيو آهي؛
ساري عمر حُڪومت لئي
رستو صاف ڪيو آهي.

ها، پر ڪلهه هوءَ شاعر، جو
پيرَ ڪَڙين ۾ آيو هو،
وَڏَ-ڦَڙي جئن وائيءَ ۾
چا هُن سوزُ سَمايو هو!
بادل ڀرجي آيا ها،
منهنجو مَن گهبرايو هو.

سَرڪاري ڏُر جي چَوٽيءَ
'هوءَ ڪو ديسَ-دُروهي هو،
'اختياريءَ جو باغي هو،
'اوندهه لاءِ آڏوهيي هو،
'باک-ڦُٽيءَ جو ڪانڪي هو،
'ڏوهي هو، هوءَ ڏوهي هو.'

اختياريءَ جي ٽنيي تي
مان به تہ ڪائي ٽوٽي هان،
اوندهه لاءِ آڏاوَت ۾
سپ ڪان سَگهڙ چَمَڙي هان—
هوڻءَ تہ پَوَتر پاڻي هان،
هوڻءَ تہ ڪومل ڪوڻي هان.

سڄُ آ، ڪنهن بہ بغاوت ڪان
باغي گيتُ ٻُرو آهي،
اونداهيءَ جي راڪي جي
ڇاتيءَ منجهہ ڇُرو آهي—
ہر جو هُن جو ساڪي هو
سو ڪو ڪَنّ ڪُرو آهي!

هُن ڪئن اهڙي ساک ڪئي،
"گيتُ ڇگو آ هر شيءَ ڪان،
"قَيءَ جهڙو قانون اِهو
"ڪيئن جهليندو هِن مَيءَ ڪان!
"ڏس، هرڪنهن جي وردي ۾
"لوڻ ڪنبي ٿي اڄ لَيءَ ڪان."

مون شاعر ۽ ساڪيءَ ڪي
اهڙي ٽيپَ ڏني آهي،
سارو ديسُ رُنو آهي
ساري قومَ ڏني آهي—
ڪويَل-ڪَنتُ ڇگو ناهي
آن ۾ ٻيڄ-ٻيني آهي.

---

ساڪي — شاهد، گواهہ

⊙

تو جا گالهه ۾ سوچي آهي،
حَرم سَرا جي نوچي آهي؛
باهر پڙڪ نه ٽيي اچڻي آ،
ٽُنهنجي پهري ۾ پڇڻي آ؛
خواجه سرا جئن ويٺو آهين،
ويٺو ناهه ڏڳيءَ حا ناهين.
.ون حا گالهه ۾ ماڻي آهي،
سا جهانسيءَ جي راڻي آهي؛
جنهن جي تن ڪتاري آهي
وارُ اُنهيءَ حو ڪاري آهي،
ءِ اُن لَئه ميدانُ ۾ آهي،
جنڊڙيءَ جو جولانُ ۾ آهي.
جيءُ اُنهيءَ حو جوکي ۾ آ،
پر جا گيت انوکي ۾ آ
سا تہ بغاوت مرڻي ناهي—
تو جا گالهه ۾ سوچي آهي
سا حي ڪَٽجي مرڻي ناهي،
گهُٽجي گهُٽجي مرڻي آهي؛
تون ۾ وطن جو شاعر آهين،
مون جئن گيت نہ ٽو پر ٽاهين؛
منهنجو سَچُ ۾ ساڃاهين ٽو
پوءِ ۾ هرڪنهن سان باهين ٽو،
"هي پٿر سان سيرُ ماري ٽو
"ڪهڙيءَ دنيا ۾ گهاري ٽو!"

⊙

هوڻءَ وڏيرو هيلّ ڏي!
ڏاڍي جو ڏَهڪارُ، تہ هُن جي جهڪيءَ جهڙي دِلّ ڏي!

هوڻ وڏيرو نانگُ ڏي!
بگڙي جو سَرڪار، تہ هُن جو ساڻي وارو سانگُ ڏي!

هوڻءَ وڏيرو واڇَ ڏي!
بود اڇي پوتارُ، تہ سمجهو هُن کي ڪُرسيءَ آڇَ ڏي!

هوڻءَ وڏيرو ڏَپّ ڏي!
ڪيئن نہ ڪَڇهريءَ ۾ ايندو آ لاڙي سُرهيي لَپّ ڏي!

هاڪَ تہ هُن جي هوڻءَ ڏي!
سَوڻن سُريتيون ڏاري، ها پَرَ جوءِ تہ هُن جي جوڻءَ ڏي!

پنهنجي ريٽي راند ڏي!
لالُ جهنڊي جي اڳتان ڏاڍو مَڇري ٿو هوُ ڏاند ڏي!
پنهنجي ريٽي راند ڏي!
ڇو تہ وڏيرو ڏاند ڏي!

⊙

چا تين ۾ آت ۾ اڪير هئي
جي دوها ڪالهه ڪبير چيا!
هُن رام رحيم ٿئي گهٽ تي
ڪنهن نام مٿان ٽي گهور ڪيا؛
هُن منڊ-ماتي جو متو هو،
جين پيار ڪيو، سي پار پيا.

ڪي درويش هيا،
تين جي به ته ساڳي واڻي هئي؛
۽ گور ڪنات گفا ۾ ڪلهه
جا پنهنجي جوت جلائي هئي،
سا جوت پٽائيءَ سنڌوءَ تي
ڪنهن ڏيئي ۾ ٽمڪائي هئي.

اڄ آءٌ پٽائيءَ جو پيدي
تنهن پيار مٿان پُل ٺاهيان ٿو—
جنهن وقت لهوءَ جي دريا تي
مان هيٺ ڏسي گهبرايان ٿو،
تنهن وقت پنواڻيءَ کي پنهنجي
ڪنهن پُڻ جهڻ سان بهلايان ٿو.

اُن پُڻ جهڻ ۾ هين ڏرتيءَ جي
ڪا صدين جي سنگيت به آ،
۽ اُن ۾ آهه ڏڪار آها
جا هار به آ ۽ جيت به آ،
۽ اُن ۾ آهي پيار آهو
جو پيار به آ پرتيت به آ.

پو آءٌ ڪُلهي تي هاريءَ جي
ٿو پنهنجا هيڻا هٿ رکان،
۽ ڪوڏر جا مزدور جهلي،
ٿو تنهن ۾ پنهنجي سڳهه ڏسان؛
جي دوها ڪالهه ڪبير چيا،
ٿو چيري پنهنجو هاڻ چوان.

## (نئون نسل)

—

نيٺهڻ آس ۽ وهائيل ويرا،
آرهڙ جا آڏاهه هوا ۾،
رڳو رت ۽ پراهان پيرا،
آت آجايل ساهه هوا ۾.

هين پٿرائين چپ ۾ ڪنهن کي
جهوراڻي جي جهاڻ نه گهرجي،
ٽنهنجو گيت ڪويرو آهي
۽ جي سچ ۽ چوان، نه گهرجي.

سير سير ۾ سنداڻ وڃي ٿي،
لوهه رڄي اڄ رڪ ٿيو آ؛
وڪي پٽيان ٻي وڪي ڪڍي ٿي،
ها، پر اڳتي پنڌ ٻيو آ.

گيت آهو جو وڪي وڏائي،
آن جو سنگ سجايو آهي؛
جانڻا جيءَ چڏي جو گهائي
اهڙو گيت اجايو آهي.

تنهنجي لءِ ڪهاوڪ ڪل آ،
تنهنجا قومي گيت نه گهرجن؛
نسل نئون فولاد ميڙل آ،
آن کي مومي گيت نه گهرجن.

---

ويرا – ويل
آت – بيحد
مومي – ميڻ جهڙا، ميڻ جا ٺهيل

⊙

سنڌو ديسُ مَهانُ سنڌو ديسُ مَهانُ
لازمُ وچولو آنڊر
ڪَچُّ، ڪراچي بندر
هيڏو سارو جَرڙَ!

ڪيڏو ڪوهستانُ!
سنڌو ديسُ مَهانُ۔

جيءُ جيءُ آن ۔ دانا!
تنهنجا سڏَّ سُڃاتا
آزاديءَ لَئِي آتا

تو ٿي سڀ قربانُ
سنڌو ديسُ مَهانُ۔

سَٽِير لڪ سَپوتو!
هوشو، هيمو بڪجو
هرڪو جهڙو دودو

دولَهو دريا خانُ
سنڌو ديسُ مَهانُ۔

سَچلَّ ساميءَ پارا
ڪيئي جيءَ جيارا
آڏيءَ رات اُمارا

بيڙَّ ڏڻيءَ جو پانُ
سنڌو ديسُ مَهانُ۔

پيڙو آهِ پَنهيرڪو
جَرَّ جَراڙو جرڪو!
آجو ٿيندو هَرڪو

هر مزدورُ ڪسانُ
سنڌو ديسُ مَهانُ سنڌو ديسُ مَهانُ.

---

مَهانُ ـ عظيم
پانُ ـ استان، جاءِ
جَرَاڙ ـ شعلو
پيڙو ـ ويجهو

# موهن جو ڏڙو

## ( باب ٻيو )

رات جو ڪامڻ ٽٽو. تارا تر تروڪٽيون هڪ هڪ ٽي، اونداهي آپ تان ڇڇي ويا. پورب ڪان پرهه جي ديوي رات جي ٻنيرڪن پردن مان پنهنجو لڇوڙو ڀهڪندڙ منهن ڪيڙي ڏرتيءَ ڏي جهاتيون پائي رهي هئي.

سڄ جي پهرين ڪرڻن ساڻ ساري وسنديءَ ۾ اهڙا خبر سرهاڻ وانگي پکڙي وئي ته وسنديءَ ۾ ڏاسي جو مهاويڙ آتم تارا آيو آهي. پوءِ ڇا هو، ماڻهو ڪٽان جو ڪٽان ڪهي آيا. ڇڻ ته ڪو وڏو جشن جو ڏينهن هو. ڪهريڙين پنهنجي گهرڻ جي هاڃ سويري اڪلائي پٽ پهاريا. وسنديءَ جي وڏوڙين پنهنجي نوجوانڙ ڏيئرن کي طرحين طرحين سوڻ ساڻ ڪيا. نوجوانن توڙي پوڙهن اوچا وڳا پهريا. جتان ڪٽان ڪنوار وانگي سجايل گهٽين مان پٽ پٽيهر وڳن ۾ ويڙهيل اپسرائن جهڙيون سهٽيون نينگريون سورهن سينگار ڪيو. چاڪ ۽ ڪلاڪارين ڪنديون، نوجوانڙ نينگرن جي دلين کي گهائيندڙيون، شرمائيندڙيون وسنديءَ جي مکيءَ پنڌاري سمبارا جي رتول ڏانهن ويون.

وسنديءَ جي مکي پنڌاري سمبارا جي رتول ۾ اندران توڙي ٻاهران ماڻهن جا ميڙ لڳي ويا هئا. پر تڏهن به سڄي رتول ۾ ماڻ لڳي پئي هئي. جيڪڏهن ڪنهن ڳالهايو ٽي ته ڦسڪن ۾ ته ڪٽي تان ننڍهاڙو ديوتا ڪڇيءَ ننڊ مان جاڳي نه پوي. هرڪو ماڻهو، هرڪا منڊ ڏاڍي بيچينيءَ سان ان سڀاڇهي ديوتا جي سڃاڻپ ٽيڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا ۽ رتول جو سڄو وڏو ورهاڀو پوچارن، پوچارڻين، وسندي جي وڏوڙين ۽ وڏگهراڻن سان پريو پيو هو.

ان ويل مهاويڙ لڇمڻ آتم تارا سرهيءَ سيڄ تي سپنن جي سنسار ۾ وهلور هو. هن جي ڪوٽيءَ ۾ هن جي پيراندين ڪان رڳو وسنديءَ جي مکي پنڌاريءَ سمبارا جي وڏور ڏيءَ پدمڻي شيوادياڄي سورهن سينگار ڪيو، ڪنهن سپني جي اپسرا وانگي گوڏن پر هانهون پڌيو، پنڌ پهڻ ٽيو ٻيٽي گهائيندڙ پونر نيڻن سان ستل مهاويڙ ڏي نهاري رهي هئي. هن جو سڄو نازڪ ڏڙ ڇڻ ٻيٽي ٻيٽي ڪُڙهي پيو هو. هوءَ جنسي لڇي رهي هئي. ستل ديوتا جي هر ڪروٽ سان هن جي دل ڏڙڪي ٽي وئي. هوءَ

ان ديوتا جي درشن لاءِ آندي ماندي ٿي رهي هئي. ديوتا جي جاڳڻ جي هڪ هڪ پل هن لاءِ صدين جو سوداءُ بڻجي ٿي وئي.

اڄ جڏهن وِهاڻيءَ ويل ماءُ ڪيس نند مان جاڳائي ٻڌايو تہ هنن جي نجهري ٽامي جو مهاويد آتم تارا آيو آهي تہ هن کي پنهنجي ڪنن تي ويساهہ نٿي آيو. هينئر به اڻين پٽي ڀانيائين تہ ڪو سندر سپنو ڏسي رهي آهي. ڀلا ڪٿي پورب ڪٿي پچم. هوءَ سوچي به نٿي سگهي تہ هوءَ ڪو پنهنجي جيون ۾ پنهنجي سپنن جي سپرينءَ کي ڪڏهن ايترو ويجهي کان پسي سگهندي. ان اربيلي راول کي، جنهن جي درشن لاءِ سون ميائي جون وڏيون وڏيون نٽ راڻيون لچميون مانديون آهن. اهو سونهن جو ڏڻي جنهن جي واٽن ۾ ٽامي ۽ سونيءَ جون نينگريون سجدا گهورينديون هيون، جنهن جي سپني ڪاٺ سهاڳڻيون پنهنجا ڳهٽا ڏرتي مانا تان گهورينديون هيون. هن پنهنجيءَ چمار ۾ ان سونهن جي سردار کي رڳو هڪ ڀيرو سوني نگريءَ جي هڪ وڏي جشن جي ڏينهن ڏٺو هو. مهاراجا سونيم پاوم جي چئن پاڻ ڏکڻ واريءَ سهڻي سجايل گاڏيءَ ۾ هو سونيءَ جي لچمڻ ۽ لچمين سان گڏ ويٺو پوڄاگهر وڃي رهيو هو، تڏهن کان هوءَ مٽس سو جان سان پلهار وئي. اها سهڻي صورت هميشه هميشه لاءِ سندس من مندر ۾ ڪپي وئي.

ان رات هن سوني نگريءَ جي وڏي پوڄاگهر ۾ ڏرتي ماتا جي وڏي مورتي تان پنهنجا سمورا ڳهٽا گهوريا ۽ مهاپوڄارڻ کي پنهنجو هٿ ڏيکاريو. مهاپوڄارڻ هن جي هٿ جون ريکائون ڏسندي چيو، "نينگري! هن ڏرتيءَ تي ديوتا فاني عورتن سان هميشه پيار ڪرڻ لاءِ لهندا رهندا آهن. پنهنجي ڏڙ جي ستيا ۽ رکيا ڪج، جو تنهنجو ڏڙ هڪ ديوتا جي مڏي آهي. تنهنجو لکيو هڪ ديوتا سان آهي."

"ديوتا!" خوشيءَ کان هن جي مٿ پيڙجي وئي ۽ ان ڏينهن کان هوءَ پاڻ کي ديوتا جي امانت سمجهڻ لڳي ۽ ان ڏينهن کان هن ڏينهن تائين هوءَ ان ديوتا جون واٽون نهاريندي رهي هوءَ سوچيندي هئي تہ اهو ديوتا ڏرتيءَ تي ڪڏهن لهندو. چا هن جي جواڻي اڻين ڏي ميڙ وانگي ٽمڪندي ڳرندي ويندي. هوءَ سوچيندي هئي اهو ديوتا ڪڏهن ايندو، ڪٿي لهندو، هن جو انتظار ڪهڙن رنگ رتولن ۾ ڪيو وڃي، ڪهڙن جهنگلن ۽ رڻ پٽن ۾ هن کي ڳوليو وڃي. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ راتين جو بيڇين ٿي پاڻمرادو ڳالهائيندي هئي ۽ پنهنجي ديوتا کي سڏيندي هئي، "او ديوتا! هاڻي اڄ به ڏس مان تڙپي رهي آهيان، هي ڏرتي تو بن سنسان آهي. ڏس مون ڏرتي جي سيني شين کي پنهنجي ڏڙ کان جدا ڪري ڇڏيو آهي ۽ مون پنهنجي من جا سڀ دربون در کولي ڇڏيا آهن. اڄ منهنجي ڪنواري پاڪ ڏڙ کي ڇهہ ۽ منهنجي نازڪ چپڙن جو امرت پيءُ، مان اوترو ٿي پاڪ آهيان، جيترو ماءُ جي ڪُک مان

نکرڻ ويل. اي ديوتا! توکي ڏرتي ماتا جو سوگهنڊ، مونکي وڏيڪ نہ نڑپاء، هاڻي لهي ٻہ آءُ."

هو سڄي رات سرهي سيج تي پاسا بدلايو پئي نڑپندي هئي ۽ اڄ آهو ديوتا الائي ڪهڙن ستارن جي گردش سان هن جي نجهري نوڙي آيو هو ۽ هوءَ اڪين ٻہ اوڙاهہ ڀريو سورهن سينگار ڪيو. ٻوچارڻين وانگي هن جي شيوا ٻہ ٻيٺي هئي.

ٻاهر وڏي ورهاڊي مان پوچارڻين جانجهہ ٽلين ۽ مڌر سنگيت ڇڻڻي ڇڏيو هو ۽ پوچارڻ ڪرتڪا* ڏيڄي ڪوئل جهڙا سريلا آلاپ ڪيي، پرهہ جو راڳ آلاپڻ لڳي.

"اي ديوتائن جا دادلا! سڄاڳ ٿي

"پرهہ ڦٽي آ

"آپ جي نياڻي نماڻي آوشا

"ڏوراهن ڏيهن مان

پنهنجي ڀهڪندڙ رٽ تي چڙهي آئي آ.

۽ ڏرتيءَ تي پنهنجا رنگا رنگ ڪرڻا ڦهلائي رهي آ

ستا سجاڳ ٿي ۽ لڇوڙيءَ ديوي جو درشن ڪر

آوشا جي ڇاتي روشن ۽ منهن ڀهڪندڙ آ.

سونا وار تجلا پيا ڏين.

هوءَ مرڪي رهي آ.

جيئن ڪا سندري پنهنجي سپرينءَ کي موهت ڪرڻ لاءِ سورهن سينگار ڪري پنهنجي سونهن جو اظهار ڪندي آهي.

جاڳو ۽ ديويءَ جو درشن ڪيو.

جيڪي پرياتيون لنگهي ويون آهن

۽ اڻڳڻيون پرياتيون جي اڇٽيون آهن

هن جي ڀهڪندڙ مک سان اونداهي ٻات ڏري ٿي

۽ جي نند ٻہ مثل آهن، تن کي سجاڳ ڪري ٿي

او سهڻي اوشا! تون اڻڳڻت جڳن کان جيئري آهين

تون هر ڀنيرڪي ويل نئون جنم وٺين ٿي

تنهن ڪري تون ٻڌي ٻہ آهين ۽ جواڻ ٻہ

اڇوڪي پريات اها وات وٺي ويندي

۽ هينان پوءِ جي پرياتون ايندیون

پراڻي ڪال ٻہ جن ماڻهن اوشا جي وات نهاري ٿي

اهي لاڏاٽا ڪري ويا

---

* ڪرتڪا ـ ڪٿي تارن جو ميڙ.

اڄ اسان اوشا جي وات پيا پسون
۽ اسان ب لڏي ويناسون
پاتال ڏي!
جتي نہ ڪو ڪم هوندو نہ ڪار.
جتي نہ وديا هوندي نہ اوديا
نہ ڪو ميڙو هوندو نہ منڊلي،
۽ اسان ڪان پوء جي ايندا
سي ان ديويءَ جا رنگين تروڙا پسندا
جاڳو: ديويءَ جو درشن ڪيو.
هو ڏسو!
آشا ديوي تيتري ڪڙ وانگي
سونو آنو لاهيو
ڪاڪاريندي پئي وڃي
نئون سڄ جنم وٺي رهيو آ
۽ ڏرتي تي روشنيءَ جو سمند پلتي رهيو آ
جاڳو، ديويءَ جو درشن ڪيو*

جانجهہ ٽلين ۽ جلترنگ جي مڌر ليء تي پوچارڻ جو الاپ گونجندو رهيو. مهاويد لچمڻ آتم تارا جي پيراندي ڪان ٻيئل شيوا ديجيءَ جو سڄو ڏڙ آهلبو ٿي ويو. جڏ راڳ پوچارڻ جي نہ هن جي روح مان ريلا ڏئي پئي نڪتو.

تڏهن ننداکي لچمڻ آتم تارا مسي مسي وڃي آرس پڳو ۽ جانجهہ ٽلين جي مڌر سنگيت تي پاسا وراڻيندي اک پٽي. هوريان هوريان هڪ حسين پدمڻيءَ جو ڏندلبل پاڇو سپني جي ڪنهن اپسرا وانگي آجاگر ٿيندو سندس اکين ۾ ڪپي ويو. هو ڪيتري دير تائين ان سونهن جي ديوي کي ڏسندو رهيو. تڏهن ان پدمڻي نينگر پنهنجا پونر ڏڻ ڪولي گهاڻيندڙ گهور وجهي، ڏاڍي تپسيا سان هٿ پڌي ڏکندڙ آواز سان چيو، "ٿامي جي مهاويد لچمڻ آتم تارا کي واهوندي وستيءَ جي مکيءَ پنداري سمبارا جي وڏور ڏيءَ شيوا ديجي پرنام ڪري ٿي." هن جو آواز ايڏو تہ مٺو ۽ سريلو هو جڏ ڪنهن پوچارڻ جلترنگ چيڙي چڏيو. لچمڻ آتم تارا موهجي پانهون پڌي اکين ۽ ڪنڌ جي اشاري سان ڪيس پرنام ڪيو. شيوا ديجيءَ وري پنهنجو ڪنڌ لچمڻ جي آڳيا ۾ جهڪايو ۽ پوء ادب سان پٺيري هلندي در جي سامهون ٽنگيل ٽالهہ جهڙي ٿامي

---

* آشا جي استتيءَ جا شلوڪ رگويد مان ورتل آهن.
(رگويد: منڊل پهريون، ۱۱۳، ۷-۱۱)
Dr. J. Muir: Original Sanskrit. texts Vol. V.P. 221

جي گهنڊ تي ڏونڪو هنيائين. گهنڊ جي مڌر آواز جي گونج سان ئي چار اڇين ساڙهين ۾ ويڙهيل ديوداسيون هٿن تي وڏا ٽالهه ڪنيو، جن تي تيل، ميٽ، سرهاڻ ۽ اوچو وڇو رکيل هو، اندر آيون ۽ مهاويد آتم تارا جي اڳيان نهايت ئي ادب سان ڪنڌ جهڪائي گوڏن ڀر بيٺيون. انهن جي پٺيان ئي راتوڪي سپاجهي منڌ ڏاڍي ادب ۽ پاڇوهه سان اندر آئي ۽ سندس اڳيان ٻانهون ٻڌي، وڏو سجدو گهوريندي چيائين، "اي ديوتائن جا دادلا! ٻانهي سوشوما ديجي توڪي پرنام ڪري ٿي. تيل، ميٽ ۽ سرهو پاڻي تيار آهي. آڻي تيل ميٽ ڪري توانو ٽيئ."

مهاويد ٻه ڪيس ٻانهون ٻڌي پرنام ڪيو ۽ اٽي ڪڙو ٿيو. چارئي ديوداسيون ادب سان اٽي بيٺيون ۽ ڪنڌ جهڪائي سندس پٺيان هلڻ لڳيون.

وهنجي سهنجي واندو ٿيڻ کان پوءِ مهاويد آتم تارا کي اشنان گهر جي اڳيان تڙڪي تي رکيل هڪ اوچي آسڻ تي ويهاريو ويو. سوشاما ديجي سندس ڪارن ڪلهي نائين لڙڪندڙ وارن تان ڦٽي گهمائي ۽ سندس اکين ۾ سرمون وڌو ۽ مٽانس سرهاڻ جي ورکا ڪئي ۽ سندس سونيءَ تي چمڪندڙ ڳاڙهي موتيءَ کي چمي، سندس متي تي سجائي رکيو. مهاويد آتم تارا آنهريءَ ۾ چڱيءَ طرح ٻاڻ کي جانچي ڏنو. ان مهل هڪ مهاپرش آيو، جنهن جي متي تي مکين وارو سونو چٽ ٻڌل هو. سندس اڳيان وڏا سجدا گهوريندي چيائين، "اي ديوتائن جا دادلا! تنهنجو ٻانهون مکي پنڌاري سمبارا توڪي پرنام ڪري ٿو. وسنديءَ جا سپ مهاپرش ۽ منڌيون تنهنجي درشن لاءِ آيا آهن. هل ۽ پنهنجي سپاجهي هٿ سان کين آشيرباد ڏي."

مهاويد کيس پرنام ڪيو ۽ آسڻ تان اٽي آڻيو ٿيو. هن جي آڏ سان سپ ديوداسيون ۽ پوچارٽيون جهڪي ويون.

مهاويد هڪ ڪلهي وارو وڏو قلفلو پرت پريل گهيردار وڇو لوڏيندو پنهنجي سهڻي لچڻ واري لوڏ سان مکي جي پٺيان هلندو، ٻاهر وڏي سجايل ورهانديءَ ۾ آيو، جتي وسندي جا سپ وڏگهراڻا سندس درشن لاءِ گڏ ٿيا هئا. سيني کيس ڏسي ٻانهون ٻڌي، وڏا سجدا گهوريا. مهاويد پنهنجي سونهي ڪڙي واري ٻانهن متي ڪٽي کين آشيرواد ڏنو، "اوهان سين تي ڌرتي ماتا جي ديا هجي. آءُ ٽامي جو ويچ آتم تارا اوهان سين کي پرنام ڪيان ٿو."

سيني وسنديءَ وارن سجدي مان ڪنڌ متي کيا ۽ هڪ آواز ٿي چيائون،

"اي ديوتائن جا دادلا توڪي پرنام
اي ڌرتيءَ جي اسرارن جا ڄاڻو توڪي پرنام
اي سون مياڻيءَ جا وڏگهراڻا توڪي پرنام."

سوين آوازن جو شور پئدا ٿي ويو.

مهاويد لچڻ آتم تارا وري هٿ متي ڪٽي کين آشيرواد ڏنو.

مهاويد کي سيني کان اوچي آسڻ تي ويهاريو ويو. سڀ وسندي وارا مڙس توڙي زالون، پوڄارٽيون توڙي پوڄارا پنهنجي مهاويد جي سڀاجهي صورت ڏسيو نٿي ڏاپيا. شيوا تہ پري پري کان ٻيئي ٻلهار ٻڌي وئي. مهاويد سيني سان گڏجي مکڻ ماني گيهہ ۾ چلها روٽلا، ماکيءَ ۽ طرحين طرحين جي مٺاين سان نيرڻ ڪئي ۽ ڪجھ دير تائين پاڻ ۾ روح رهاڻ ڪيائون.

ان ڏهاڙي مهاويد وسنديءَ جي مهاپوڄاريءَ پوپن ۽ پاڙهن سان گڏجي ڪيترن بيمارن کي ڏٺو، جي سندس اچڻ جو ٻڌي، ڪٽان ڪٽان کهي آيا هئا. مهاويد سيني کي چگي طرح ڏٺو ۽ مهاپوڄاريءَ ۽ پاڙهن کي انهن جي ستي ڦڪيءَ جا ڏس ڏنا. ان شام سڄي وسنديءَ ۾ پڙهو گهمايو ويو تہ اڄ رات مهاويد لڇمڻ آتم تارا جي اچڻ جي خوشيءَ ۾ پوڄاگهر ۾ جشن مناءِو ويندو.

(هلندڙ)

●

# هڪ خط

## علامہ آءِ آءِ قاضي ڏانهن

نوابشاهہ

۵ مئي ۶۸

منهنجا مٺا بابا!

السلام عليڪم بعد قدم بوسي جي عرض ته اڄ ٻيو مهينو ٿيو، جو خط لکيو اٿم، مگر جواب نه آيو.

جڏهن توهان کان موکلائيندو آهيان، تڏهن توهان قرب وارا قدم ٻري موڙ تي ويهاري ٻوءِ ويندا آهيو. چوندا آهيو ته "ابا! وسارجاءِ نہ!" سان ته توهان کي ڪونہ وساريو آهي. مگر توهان خط لکڻ ۾ الائي ڇو دير ڪئي آهي. هفتو ٻہ لاچار گذرندا آهن ته يا ته زيارت نصيب ٿيندي آهي يا توهان جو خط ضرور ايندو آهي.

مٺڙي امڙ جي وڃڻ کان ٻوءِ ٻہ ڪونہ وساريو. هاڻي الائي ڇا ٿيو، ڇو وساري ڇڏيو اٿو؟

ساري رات، سارو ڏينهن توهان منهنجي اکين اڳيان آهيو. اڳي ته اٿين چوندا هيو ته مان ٻہ توهان کي هميشه ياد هوندو آهيان. ٻوءِ اڄ ٻيو مهينو ٿيو آهي ته نہ خط نہ نياپو! ٻلا ٻڌايو ته ڇا ٿيو؟ اهڙي چپ، اڳي ته اٿين ڪونہ ٿيو، مگر هاڻ هٿين ڇو ٿيو آهي؟ ٻلا بابا! توکي خبر آهي ته منهنجي توهان سان ڪيڏي دل آهي! ٻوءِ هيتري دير ڇو، اوير ڇو!!

ڪهڙو قاصد موڪليان، ڪٿان خط لکان! ڪنهن جي معرفت لکان، ڪيئن ۽ ڪهڙو مضمون لکان، جو من ترس پوئي! من مون نجهڙيل جي ڳوڙهن تي رحم پئي! بابا! مون تنهنجي جدائي ۾ ڪهڙيون دانهون ڪريان! ڪهڙيون ڪوڪون ڪريان!! ڪهڙا جهنگ ڏوليان، ڪهڙا جبل ڳوليان!! بابا ڪٿي آهين! ڪو ڏس ته ڏي! بابا، تون مونکي صرف ڏس ڏي ته تون ڪٿي آهين ته مان اتي پڪ ايندس. چاهي اهي جبل هجن، پهاڙ هجن، دريا هجن، سمنڊ هجن! پر هڪ دفعو لک ته سهي! بابا! مان ٿر وڃان! ڪين بر وڃان! بابا، مارئي جي قبر تي وڃان! توکي شاهہ جي مارئي ٻہ ڏاڍي پياري آهي! ڇا اڄ ٿر ته ڪونہ ويو آهين!! ها، مان ٻہ ضرور ايندس. مارئي جي قبر تي اهڙو ته ڪوکاريندس! جو مارئي مون سان ضرور ڳالهائيندي! مونکي تنهنجو ڏس اتان ضرور ملندو!

پلا بابا! ائين ته نہ آهي ته شاهہ جي سسئي سان سورن جون گالهيون ڪرڻ ويو آهين!! هائو، سسئي به تنهنجي ساهہ سان هوندي هئي! هائو، ٽيڪ ڪيچ مڪران وڃان، سسئي جا پير ڪٽان! من سسئي رئندي پنهون! پنهون! ڪندي من مونکي ملي! هائو بابا! ايڏي جدائي، ايترو وقت! جن لاءِ ساعت نہ سري، تن لاءِ ايترو وقت، پهر مهينا پٽجي ويا. ڪٿي ٻيهان، ڪٽان لنگهندا! ٻڌايو ته سهي ته مان تنهنجي گسن پنڌن تي جهوپڙي ٺاهي جو گي ٿي ٻيهان. ڪهڙا هٿ ڏسان، ڪهڙا رند ڏسان توهان جو مٺڙو آواز توهان جي مٺڙي صورت، اکيون، موٽ ۾ قرب وارا اکر "ابا، ڪهڙو حال آهي" هي مئيون لاتيون ڪنن ۾ هميشه تازيون آهن! دل کي جهوري رهيون آهن! دل کي گهاري رهيون آهن! ڪهڙي دري کان جهاتي پايان! بابا، ٻڌاءِ ته سهي! بس صرف هڪڙو دفعو ٻڌاءِ، صرف هڪ دفعو خط لک، صرف هڪ دفعو تنهنجا اکر ڏسان! ها، ڪڪ ضرور ٽيندا هوندا. مگر منهنجي هن ڏٽل دل تي به ڪجهہ رحم ڪريو. فقط هڪ دفعو خط لکو! وري ٻيهر تڪليف ڪونہ ڏيندس.

بابا! ڪهڙا ڪهڙا نہ مٺا خط لکندو هئين. لنڊن مان به خط لکندو هئين. جڏهن ڏاڙيلن گهر ۾ گهڙي منهنجي جيجل امان کي ڏڪ هنيان، تڏهن تو لکيو هو ته "فيض محمد! مون کي خط ڀهتو، ڏن هفتن کان کوشش ڪئي اٿم ته خط لکان، پر قلم هٿن مان ڪري ٿو پوي. اڄ ٽيون هفتو رئندي گذريو اٿم، هاڻي ته پنڌڻ جو پاڻي به سکي ويو آهي. خدا ئي سڄڻ جو سائي آهي، تو تي رحم ڪندو." بابا، ڪهڙو پيءُ پنهنجي پٽ جي ڏکن ۾ هئين شريڪ ٽيندو. پوءِ مان ڇو نہ رئان! رئان! رئان! ۽ اهڙو رئان جو زمين آسمان لوڏي ڇڏيان! بس صرف منهنجو مٿو اگهاڙو! منهنجا ڪوڙها هجن، جبلن، ٽرن، برن ۾ ڪوڪون ڪندو، پنهل! پنهل! ڪندو وتان! اهڙو ته رئان! جو ساري باقي حياتي روئيندي گذريم!!

بابا! ڏاڍو اداس آهيان! تو ۾ ڪهڙيون ته قرب جون ڪڙيون آهن، اهي ميخون محبت جو رگ رگ ۾ لڳل آهن! پوءِ پلا مان توکان سواءِ تنهنجي خطن، ٻڌن دلدارين کان سواءِ جي ڇا ڪندس!

بابا! ضرور خط لک! پلا ڇا ڇا لکندين. ها لک، "پيارا پٽ! تنهنجو دردن ڀريو خط پهتو! توکي اسان ڪونہ ساريو آهي! تون وسرڻ جهڙو پٽ ڪونہ آهين!" ضرور لک، ڪجهہ ته لکو! نہ ته مان توهان کي سچ ٿو چوان ته هي پيرسن اکيون روئي روئي ڪٽي انڌيون نہ ٿي پون! بابا، پن مهينن کان وٽي مان توڏي خط نہ لکيو. سمجهيم ته من کو نياپو اڇي! مگر اڄ ڏينهن تائين کو نياپو سنيهو ڪونہ آيو. هٿ کي عادت آهي، اکين ۾ اشڪ آهي، دل ۾ درد آهي. پلا هي سڀ مونکي مجبور ڪندا رهن ٿا ته سڄڻ لکن نہ لکن، پر تون ته پنهنجو احوال لک! ها ضرور لک!

پلا هاڻي نيٺ ٻڌايو تہ ڪٺ ڳوليانوَ، ندي ڪناري ڳوليانوَ، سنڌ جي جهرن ۾ ڳوليانوَ. هائو هاڻي سمجهيم، وڃڻ وقت ٻہ سنڌ لاءِ لکي ڇڏيوَ، "سائينءِ سدائين ڪرين مٺي سنڌ سڪار." هائو، اسان سيني کان وڌيڪ الله، محمد، انسانذات کان پوءِ توهان کي همیشه سنڌ ياد هوندي هئي. مٺڙي امڙ تہ سنڌ لطيف جي پيغام تي عاشق هوندي هئي. ضرور توهان ٻئي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گهمندا هوندا! ڪڏهن لطيف جي ميخاني ۾ اينداَ هوندا، ڪڏهن سهڻي جي سڏڻ واريءَ جڳهه تي هوندا! پلا مان ٻہ سنڌ سنڌ ڪري جهرن جهنگن ۾ گهڙي پسوان! ها، اهو پورو ڏس آهي! هاڻي ضرور مان توهان ڏي ايندس، ضرور مان توهان کي گهولیندس! ضرور سنڌ ۾ ٽي هوندا! جرمني، انگلنڊ گهٽو اڳ ڇڏي آيا هئا. پرديسياڻي مٺڙي امڙ ديس ڇڏي پرديسن ٽي. سڄا سارا ست سال توهان سان سات ڏنو. ٻڌان ٿو تہ سفر تي ٻہ ڳڏ نڪتا آهيو!

شل خوش هجو شال، آباد هجو! شل توهان جي سنڌڙي آباد هجي!! برباد نہ ٿئي!!!

مان توهانجو اصلوڪو خادم،
"فيض"

●

روس ۾ ڪتابن جي ميلي ۾ روزانو چاليهہ لک روپين جي قيمت جا ڪتاب وڪرو ٿيندا رهيا. ڏ مٿي صحافت جي ڏينهن تي ان ميلي جي شروعات ٿي هئي. ڏي سؤ کان وڌيڪ ڪتاب بازاريون هڪ مهيني تائين کليون رهيون. جلسن کي ناشرن ۽ ادبين خطاب ڪيو، جنهن ۾ ماسڪو جي ڪيترن شهرين شرڪت ڪئي. ميلي جي انتظام هلائيندڙن ميلي جي نتيجن جو جائزو ورتو آهي، جنهن مان هنن محسوس ڪيو تہ روسي وفاق جي ٻين شهرن ۾ ٻہ ڪتاب جي طلب وڌي وئي آهي. رستن ۽ چونڪن تي ننڍو هٽي ڪتاب وڪڻڻ عام مروج طريقن ۾ هڪ اضافو آهي. ماسڪو ۾ ڪتاب جا هڪ سؤ ست دڪان آهن، جتان ڪتاب خريد ڪري سگهجن ٿا. ڪتاب پوسٽ ذريعي يا ڪارخانن ۾ ۽ رضاڪار ڪتاب فروش وٽان حاصل ٿي سگهن ٿا.

# چشم براهه

تمام وڏن ماڻهن جي استقبال جو بندوبست ڪرڻ سولو ڪم ڪونهي. سچ پچ ته هيءَ ڏاڍي جوکم جو ڪم آهي. ٻاهران جيترو ڏسڻ ۾ ايدو آهي، تنهن کان گهڻو ڪجهه اِن لاءِ ڪرڻو پوي ٿو.

خاص طرح جڏهن ڪو تمام وڏو ماڻهو ڪنهن نندڙي ڳوٺ ۾ اچڻ فرمائي ٿو، تڏهن ته اوسي پاسي جي تقريباً هر ماڻهوءَ کي معزز مهمان جي آدرپاءِ لاءِ سرزمين تي حاضر رهڻو پوي ٿو.

ٿورو وقت ٿيو ته هڪڙي جناب اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جو هِتان *ڪان ٿورو ويجهو هڪڙي نندڙي ڳوٺ ۾ اچڻ ٿيو. صاحب جي پروگرام جو اطلاع کافي ڏينهن اڳ ڳوٺ ۾ پهچي چڪو هو. ڳوٺ ڏانهن ايندڙ رستا صاف ٿيا. ڳوٺ جي گهٽين جو گند ڪچرو ميڙيو ويو. پنگين کي بيهاري، ڳوٺ جون نالیون ۽ هوديون ڏوڪاري صاف ڪرايون ويون. يونين ڪائونسل جي آفيس کي ٻاهي جوڙي، چندي ڦوڪي، هن يادگار موقعي لاءِ پوريءَ طرح تيار ڪيو ويو. ٻاهر اڳڻ ۾ هڪ ساريکن پٽرن کي پاسن کان، ڪُنڊن تي ۽ وچ تي، گول ۽ اڌ گول ۽ سڌين قطارن ۾ ڏاڍي ڏيان سان رکيو ويو، ۽ انهن کي اڇي چن جي پوچي ڏياري، ڪپهه جي پوڻين جهڙو اوجل ڪيو ويو.

هيڏانهن هوڏانهن گلدانن لاءِ ماڻهو پڇايا ويا. ترت ئي هِتان هُتان جا ڪيترائي نندا وڏا، رنگ برنگي گلدان اچي ڪٺا ٿيا. انهن کي پوءِ يونين ڪائونسل جي ڪمري ۾ جدا جدا جاين تي رکيو ويو. گلن جي ترتيب منجهن سهڻي بيهاريل ڪانءِ هئي، پر سيني ۾ گل بنهه ڏٺي ڏٺي پريا ويا هئا.

تمام وڏو ماڻهو پهر سڄ ڪان پوءِ دير دير سان ڳوٺ ۾ پهتو. ماڻهو عيد جهڙن سڻ صاف ڪپڑن ۾ يونين ڪائونسل جي ٻاهران رستي تي صاحب لاءِ ترسيا بيٺا هئا. ڪيترن جي مٿن تي تمام وڏا پٽڪا ٻڌل هئا. ڪيترن ۾ بت تي ۽ ڪپڑن تي خوب عطر عنبير مکيا هئا، ته جيئن پيو نه ته تمام وڏي ماڻهوءَ جي نڪ تي ئي سندن خوشبوءِ جي خبر پهچي سگهي.

---

*"پاڪستان ٽائيمس" لاهور-راولپنڊيءَ جي ۲۱ مئي، ۱۹۶۸ع جي پرچي ۾ ڳوٺ پَبي، ضلعي مردان، مان هڪ خاطوءِ جي چِٺيل خط بعنوان The red carpet جو هيءُ سنڌي ترجمو آهي. مترجم- م- ا- ج (ڪوهاٽ، ۲۶-۵-۹۶۸ ع)

اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب موٽر ۾ آيو. نئين ڪامورن جي شامل ڪيپ، اڪ چنپ ۾، سندس عاليشان ڪار جي پٺيان ڊوڙ ۾ لٽبي، اڇي ٽيندي، الڳ جيپ ۾ اچي وارد ٿي. يونين ڪائونسل جي چيئرمن وڏي صاحب جي ڪار جو در کوليو، ۽ سندس ڪچيءَ ۾ هار وجهي سندس مرحبا ڪيائين. ڪوٺ جي چڱن مڙسن جهڪي جهڪي هن کي سلامن تي سلام ڪيا ۽ سڄو وقت ڏند ٽيڙيو ڏانهس ڏسندا رهيا.

تمام وڏو ماڻهو پنهنجي وڏي رنگين چشمي ۾ ڏاڍو رعبدار ٿي لڳو. آفيس ۾ اندر ميز تي قسم قسم جا ڪاڌا رکيا هئا. ميزبانن مان هڪڙي، ڏاڍي ادب سان، آٿي، صاحب جي اڳيان ٽري تان پرت پريل ڪپڙو لاهي پري ڪيو. ٽري ۾ رنگ برنگي مٺائي، ڪيڪ، بسڪوٽ ۽ ميوو موجود هو - جڏ ڪنهن سڄو دڪان کٽي آٿي صاحب جي آڏو رکيو هجي. پر صاحب آن سڄي دڪان کي سنگهيو به ڪونه - چکڻ ته ڪالهه پري رهي. ميزبانن جي هين پيشڪش کي قبوليت جو درجو ڪونه ملیو. رڳو چانهه جو ڪوپ جيڪو ڪيس ڪائونسل جي چيئرمن پنهنجن هٿن سان ٺاهي پيش ڪيو، تنهن مان صاحب هڪ اڌ ڏڪ پريو - بس. سڄو وقت صاحب جي ڪ تي رومال رکيل هو.

چانهه ڏڪ کان پوء صاحب آٿي ٻيٺو! "شهر جا معزز" جيڪي ڪوٺيءَ ۾ موجود هئا، سي به آٿي ٻيٺا، ۽ جيئن معزز مهمان باهر وڃڻ لاء وک کنيئن، تيئن جهڪي ڪورنش بجا آندائون. صاحب، آتان نڪري، پاسي ۾ هڪڙي ڪچي ڇپر ڏانهن قدم رنجه فرمايو، ۽ آٿي پهچي، هڪدم ان جي "افتتاح" جو اعلان ڪيو. هيءَ ڪوٺ جي اسپتال هئي. بس، پوء صاحب آتان روانو ٿي ويو. ترت ٿي هن جي موٽر نظرن کان غائب ٿي وئي. پٺيان رڳو مٽيءَ جو ڏوڙيو پٿي ڏٺو. چيئرمن صاحب اڏامندڙ دز جي ڪر ڏانهن ڏسندي چيو: "خدا وڏائيس.... ڪيڏو نه بافضيلت نوجوان آهي!"

●

# منجهيل ليڪون

هيءَ جنگ ڪان ٻہ سال اڳ جي گهالهہ آهي. تنهن شام مان ويڳاڻو، پريس ڪلب جي ڪوٽ وانگيان آپين ديوارن ۾ بند ويٺو هئس. مونکي ٻہ ياد ناهي تہ ڪهڙن پورن ۾ پوريل هئس تہ ارجن ۽ مرلي اچي نڪتا. ارجن تہ منهنجو ويجهو دوست آهي، پر ٻئين همراهہ کي ڏسي هڪ پيرو تہ اڏمو نڪتو تہ چهرو ڪجهہ سڃاتل آهي، پر ذهن ساٿ نہ ڏنو. چند گهڙين کان پوءِ گهالهيون نڪتيون تہ ڏور جا سائي نڪتاسين.

مرلي بمبئي ڪان آيو هو. سڄو نالو تہ مرليڌر اٿس، پر اسان مرلي سڏيندا هئاسين. پاڪستان ٺهڻ وقت ٦ سالن جي عمر جو هو. مان، نند ڪمار، مرلي ۽ جمڙو رميس مهل سٽ ڪيڏندا هئاسين ۽ موڪل مهل يوسف گاڏي واري ڪان چٽا ڪائي لوڻ ۽ مرچ چٽيندا گهر راهي ٽيندا هئاسين. منهنجي آڏو اهي سموريون يادگيريون ڏنڊلي صورت ۾ ڦري آيون. دادي ڪملا، دادي ساوتري، گرڌاري پيو، موهن پٽيوالو، سپ واري واري سان ياد اچڻ لڳا. مون کي پنهنجي هر حرڪت ياد اچي رهي هئي. انهيءَ سان گڏ ڪن صورتن جا ڏنڊلا نقش ٻہ ذهن جي پردي تي ابرڻ لڳا، پر حادثن جي لٽ ۽ دز انهن کي ڍڪي ڇڏيو هو.

مونکي ياد اچي رهيو هو تہ هومسٽيڊ هال ۽ ڪليڪٽر جي بنگلي آڏو مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جا جلسا ٽيندا هٿا تہ اسان ٻہ ٻين سان گڏجي آزادي جا نعرا هڻندا هئاسين. پاڙي ۾ ديوارن کي ڪوئلن سان نعرا لکي ڪارو ڪندا هئاسين.

آخر هڪ ڏينهن آزادي جو اعلان ٿيو. مٺايون ورهايون، خوشيون ٽيون، چراغان ٿيا. مرلي، نند، جمڙو ۽ دادين سپ هليا ويا ۽ اهڙيءَ طرح هليا ويا جو وري نہ مليا. جي مليا تہ مهمان جي حيثيت ۾. اجنبي ۽ ڌاريون، سو ٻہ اڃي جتي هو چاوا، نپنا ۽ وڃا ٿيا. انهيءَ سرزمين ۾ هو ڌاريان هٿا، جتي هنن کي لولي ملي. انهيءَ سنڌوءَ جي ڌارا هنن کي قبول ڪان انڪار ڪري ڇڏيو، جنهن جو امرت پائي پي هنن پيار جي جوت جلائي هئي. وطن جي چيڪي مٽيءَ جي سڱنڌ هنن جي سيني کي قبول ڪان انڪار ڪري ڇڏيو هو.

مرلي، اڄ انهن يادن جو مجسمو بنجي منهنجي آڏو اچي ڇڪو هو. مونکي اٿين لڳي رهيو هو، جڏ حياتيءَ وڪڙي، جيڪي خلوص جا چند ڦڏا سڏا پٿر خريديا اٿم، سي مرلي ني مٽائي ڇڏيان، پر اٿن ممڪن نہ هو.

پئي ڏينهن ميرپور خاص وڃڻ جو طئي ٿيو، چاڪاڻ جو مرلي اتي رهندو هو، سندن جايون ب اتي هيون. هن کي صرف اها آس هئي تہ جنهن جاءِ ۾ حياتيءَ جا ابتدائي ڏينهن گهاريا هئائين، تنهن کي هڪ پيرو ڏسي، جنهن ديوارن تي سڄو ڏينهن کارا ليکا ڪيندو هو، تنهن کي هٿ لائي پراڻيون يادون تازيون ڪري. ڪجهہ پڇا، ڪجهہ مرلي جي ياد جي آڌار تي هڪ ڪهاڻي سرن سان نهيل جاءِ تي پهتاسين. پاڻ ۾ سرون ڳري پري رهيون هيون، جن جا ذرڙا خاموشي سان ڪنهن اڻ ڏٺل روپي جا دانهين هئا. ٿڪ ٿڪ ڪئي سين. هڪ ڪراڙو نڪتو. مٿهن تي گهنج زماني جي گردشن ۾ ڦريل ڪوڙهي تجربي جي نشاندهي ڪري رهيا هئا. مرلي ۽ مون وڏي وڏي حب سان هٿ ملايو. مرلي پنهنجو مقصد نهايت مودبانہ انداز ۽ شاعرانہ انداز ۾ بيان ڪيو تہ هي جاءِ ڪن ڏينهن سندن هئي ۽ اڄ هو انهيءَ کي اندران ڏسڻ گهري ٿو. پوڙهي جو مٿهن ٽامٽي هڏي ويو، چئ ڪنهن گار ڏيئي ڪڍيس.

"هيئر هي اسان جي آهي. مان هرڪز ڏسڻ نہ ڏيندس."

"چاچا، مان شروع جا ڏيهاڙا هتي ئي گذاريا آهن. اوهان کي ب پنهنجي اباڻي جاءِ ياد ايندي هوندي. ان جي مهابي ئي هڪ پيرو ڏسڻ ڏيو." مرلي هڪ ئي ساهہ ۾ چيو.

پوڙهي جا گهنج پياڪ ٿي ويا، "تون مونکي، پنهنجي جاءِ کي هن ڀڳل جاءِ سان پيٽين ٿو؟ منهنجي جاءِ جي آڏو تہ هيءُ واڙو ب نٿي لڳي. ڇہ ڇہ."

اسان هڪ پيرو وري منٽ ڪئي، پر هن نہ مڃيو سو نہ مڃيو.

مرلي وڏي پاهوهہ سان دروازي جي ٻنهي پاسن کان ڏيائين جي ٽاهيل جارن کي هٿ لاتو ۽ دروازي تي ڪاٽ جي ڪيل آڪر وارن نمونن تي هڪ پرپور نگاهہ وڏي ۽ واپس ٿيو، شايد اکين ۾ لڙڪن کي لڪائڻ ٿي چاهيائين.

●

## خريدارن لاءِ:

اسان کي رسالي نہ ملڻ جون گهڻيون شڪايتون مليون آهن. اسين پلا اِنهي سلسلي ۾ ڪري ب ڇا ٿا سگهون. رسالو هر مهيني جي پنجين تاريخ تائين پوسٽ ڪري ڇڏبو آهي. نہ ملڻ جي صورت ۾ مهرباني ڪري ڪارڊ ذريعي ڏهين تائين اطلاع موڪليو، توهان کي پي ڪاپي ضرور موڪلي ويندي. جي اڃا ب نہ ملي تہ باقي لاءِ پوسٹ ڪاتي سان شڪايت ڪرڻ گهرجي. (ادارو)

پڑھندڑن جا خط

# تڪيون مٿيون گالهڙيون

● "روح رهاڻ" تاريخ جي ورق گرداني ڪرڻ تي مجبور ڪيو ڇڏي. سوچيندو آهيان ته ڇا اها سڃاڪي اسان ۾ هاڻي پيدا ٿي آهي ۽ اڇي پٽي يا اڳي به هئي. هوشو ۽ هيمو ٻڌائن پيا ته اڳي اسين اڄ کان به اڳرا هئاسين. اسان هر دور ۾ ۽ هر مشڪلات ۾ ملڪ و ملت جو ساٿ ڏنو آهي، قرباني ڏني آهي ۽ جدوجهد ڪئي آهي. ڇا پاڪستان بنجڻ ۾ اسان جو هٿ نه هو؟ تازو هندستان سان جوڙيل جنگ ۾ سنڌي 'حرن' جي جوانمرديءَ کي اگر تاريخ جي سرورق تي سونهري اکرن ۾ لکيو وڃي ته به گهٽ ٿيندو. اسان ثابت ڪري ڏيکاريو ته۔ چاهي اسان کي ملٽري، بحري ۽ بري فوج ۾ پرتي نه به ڪيو وڃي، تڏهن به اسان ساڳيائي پاسبان آهيون، پر باهه ان گالهه تي ٿي وڻي ته اسين صرف مشڪلات ۾ ئي ياد اچون ٿا.

اسان کي زرعي ترقيءَ لاءِ چيو ته وڃي ٿو، ۽ ڪڏهن اهو به ٻڌايو ويو آهي ته سنڌ وارن کي ان لاءِ ڪهڙيون سهوليتون مليل آهن. نه پاڻيءَ جو بندوبست نه بجليءَ جي فراهمي. اسان جا غريب هاري چا تي پورهيو ڪن، جڏهن ڪين هڪ ايڪڙ به پنهنجو ناهي. اسان هر گالهه ۾ هر فن ۾ ماهر آهيون. اسان جي ساڳي ئي تهذيب، ساڳيو ئي تمدن ۽ ساڳيو ئي ڪردار آهي. اسان جي ٻولي به ساڳي آهي. اها ان ملاوٽ (Mixture) وانگر نه آهي، جنهن ۾ ٻيءَ زريءَ وجهڻ سان فائدي جو ارادو رکون.

اسان 'جيئي سنڌ' چوڻ سان ڪو گناهه ته ڪونه ٿا ڪيون. اسان جو 'جيئي سنڌ' مان اهو مطلب نه آهي ته ڪو اسان اسلامي روايت کي وساري ڇڏيو آهي. اسين پهرين مسلمان ۽ پوءِ سنڌي آهيون. اسان جو السلام عليڪم، سلام ۽ 'جيئي سنڌ' نعرو آهي. اها هڪ قدرتي گالهه آهي. اسان ۾ سنڌ جو رت ۽ ست آهي، اسان سنڌوءَ جي پاڻيءَ تي پيدا ٿيل ان تي پليا آهيون.

پاڪستان هڪ جسم مثل آهي ۽ سنڌ سندس عضوو. عضووي سلامت رهڻ سان ئي جسم جيئندو ۽ اها ته اسان جي تمنا ۽ نعرو رهيو آهي ته پاڪستان زنده باد، پاڪستان پائينده باد! چگو سڃڻ هاڻي جيئي سنڌ!

ـــ ضياءُ الدين انصاري، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ

● تازو جناب عبدالحميد جتوئي جي قومي اسيمبلي ۾ تقرير ڪرڻ تي ڏاڍي خوشي حاصل ٿي. دراصل قومي احساس منهنجي سمجهه ۾ هرهڪ جي اندر آهي، باقي

مفاد پرستي سندن زبان تي ڪلف هڻي چڏيا آهن ۽ آهي اوهان جهڙن مخلص ادبين ۽ شاگردن کان ئي ٿئي سگهندا. خدا شل اسان سڀني کي پنهنجي مقصدن ۾ ڪاميابي ڏئي.

عطا محمد لنڊ، ميمبر صوبائي اسيمبلي، خيرپور سنڌ

● جولاءِ مهيني جو پرچو واهر جو آهي. خاص طور تي تنهنجو ايڊيٽوريل. جس هجيئي. هن وقت ۾ جڏهن ڪ پوسات لڳي پيئي آهي، ان وقت تنهنجو پنهنجي وطن سنڌ ۽ ۽ وطنن سنڌين جي دادرسي لاءِ واڪا ڪرڻ، دل ۽ ايمان تازو ٿي ويو.

ـــ ناصر، ڪراچي

● رسالي جي فهرست کي جاچيم "هورو" افسانو تي نظر پيئي، پئي دفعا ورجايم "هورو"، "هورو" خالص گونائو لفظ، نندڙي پٽڪڙي لفظ ۾ ڪيڏو نه قرب، درد ۽ ميٺاج لڪل آهي. اٽاهه جدائيءَ جا ڪروڙين لفظ سمائجن، تڏهن به ٿورا ۽ اڻ پورا ٿيندا ۽ "هوري" جي جاءِ والاري نه سگهندا.

افساني کي پڙهي کان اڳ سوچيم ته ضرور ڪا ونهي پنهنجي مڙس کان وڇڙي آهي، جيڪو ويچارو بکئي پيٽ گذر لاءِ ٻاهر ويو هوندو يا نندڙو معصوم ٻار پنهنجي جيجل ماءُ کان وڇڙيو هوندو يا ڪا گونائي نينگ ي ڏورانهين هنڌ پرڻجي پنهنجن مائٽن سهيلين سرتين کان وڇڙجي ويئي هوندي، پر جڏهن افسانو پڙهيم ته وطن کان پري سائين کان وڇڙيل ۽ هوري جي ماريل آٽ آهي ته بيشمار درد مڙي آيو.

پلا ڪير پنهنجي وطن کي ۽ سائين کي وساري سگهي ٿو؟ هورو لافاني آهي. مون جيڪي به عبدالقادر جوڻيجي جا افسانا پڙهيا آهن، جيڪي گهٽو ڪري سليس، سپاجهي ۽ شاهوڪار گونائيءَ پوليءَ ۾ لڪيل هئا، بيحد پسند آيم. "هورو" ته پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

ـــ حورالنساء پليجو، جنگشاهي سنڌ

● هن مهيني جو "روح رهاڻ" هٽ ۾ اٿم، جنهن ڪجهه لکڻ تي مجبور ڪيو. تنهنجي لکيل "رهاڻ" هئي. واقعي ٿون جنهن محنت ۽ جفاڪشي سان هڪ ستل قوم کي بيدار ڪري رهيو آهين، قدرت طرفان تو کي اُن جو اجورو ضرور ملندو. تو جيڪا مشعل ٻاري ڪنئي آهي، خدا هر سنڌي سپوت کي قوت ۽ سمجهه ڏئي ته توسان اُن ۾ پانهن ٻهلي ٽئي.

اسان جا ڪجهه شاگرد پائڙ جيلن ۾ هئا، جنهن جو سبب "جيئي سنڌ" چيو وڃي ٿو. سمجهه ۾ نٿو اچي ته سنڌ ۾ رهي جيئي سنڌ نه چئون ته چا چئون؟ جيڪڏهن پاڪستان آهي ته سنڌ آهي. آخر اُنهن کي چو ڪونه ٿو چيو وڃي جيڪي پاڪستان ۽ سنڌ ۾ آل پاڪستان ڪراچوتانا فيڊريشن جو نعرو ڪٽي آيا آهن.

ادا! خدا ڪارڻ تون نراس نه ٿيءُ. تون ئي ته اسان بي زبانن جي زبان آهين. تون ئي ته اسان جو آواز آهين. يقين ڪر اسان مان ڪوبه ستل ڪونهي، هرڪو پنهنجا فرض چپ چاپ سرانجام ڏئي رهيو آهي. شاگردن کي سهوليت ڏيڻ جي مهرباني. منهنجي ۽ سڀني نندن پائڙن طرفان مبارڪ قبول ڪر.

ـــ جاويد جيلاني، جوائنٽ سيڪريٽري سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ

● کافي وقت کان "روح رهاڻ پڙهندو آهيان ۽ مونکي تمام پسند آهي. مان توهان کي مبارکون ٿو ڏيان جو اوهان جيڪا نئين اسڪيم کولي آهي ان مان مونکي اميد آهي ته ڪيترا شاگرد فائدو ورندا. توهان جو اهو قدم ساراهه جوڳو آهي. جولاءِ واري پرچي ۾ تارا ميرچنداڻي جي ڪهاڻي پسند آئي.

— ڪانتيش ڪمار شرڻگي، جامشورو سنڌ

● توهان جو جشن نامو پڙهي دل کي سکون حاصل ٿيو، چاڪاڻ ته اسين پاڻ به سڪ وارن جي سڏ تي حاضر هياسين، تنهن ڪري جيڪي مزو اتي آيو، سو پڙهڻ سان سنڌ جي سورمن جون يادگيريون ۽ بسنت هال ۾ گونجندڙ آواز ويجهو ٿئي محسوس ٿيو. ها، هڪ خط جيڪو پيٽ بلوچ صاحب لکيو آهي، سندس جذبي تي شاباس اٿس. آءٌ هن ڀيٽ کي عرض ڪندس ته سنڌڙيءَ جي سورن کان پين کي به واقف ڪري جيئن اهي پيئرون به پنهنجو آئينده سوچين ته هينئر اسان اڃڙي اونهي اونداهين کوهه ۾ پيا آهيون، جتان نڪرڻ لاءِ اسان کي ڪجهه ڪوشش درڪار آهي. ٻيو ته اڇڪلهه قمر شهباز چو ٿو ڪنارا ڪري، اميد ته اسان کي پنهنجن خيالن کان واقف ڪندو. پچاڙي ۾ هڪ عرض ڪندس ته ٻه سال ٿيا آهن توهان جي پرچي کي پڙهندي ۽ جڏهن توهان جي پرسال جي جشن تي پراڻن پرچن جا سيٽ ورتاسين. ان کان پوءِ هڪ ڳالهه ڪٽل ڪٽل نظر ايندي آهي ۽ جڏهن به توهان جا پرچا ڪٽندا آهيون، ڪنڊن وانگر چيندي آهي، سا آهي "جوڳي جي ڊاڙي." توهان کي عرض آهي ته هي وينتي قبول ڪندا.

— ڪملیش، سنڌ يونيورسٽي، جامشورو سنڌ

● "روح رهاڻ" ملي. اڳئين کان اڳرو آهين. "روح رهاڻ" سنڌين لاءِ مشعل راهه آهي. خدا شل ڪيس واڳن جي وات کان بچائي. تنهنجي "رهاڻ" هڪ شعلو آهي، هڪ تيز شعلو، جنهن جي روشني ئي حاسدن جو سينو ساڙي چڏيندي. پاڻ وڏيڪ چا لکان، پتائي جو هي بيت ياد ٿو اچي:

لڙ لهرون لَسَ ليٺ، جتي انت نه آب جو،
الله اول ۾ ان جا، ٻيڙا مٿي ٻيٺ،
جوکو ٿئي مَ جهاز کي، ڦرهي اچي مَ ڦيٺ،
لڳي کا مَ لهيٺ، هن غاريبي غوراب کي.

— مسرور، ميرپور بٹورو سنڌ

● جشن ٿيو، اڃڙي خوشي ٿي، جيئن کو شاگرڊ اسکول جي امتحان ۾ پاس ٿيو هجي. تون هڪ فرشتي وانگر آهين، جيڪو ماڻهن کي چوندو آهي نيڪي ڪريو، تهڙي طرح تون چئين ٿو ته سنڌي ٻولي کي وڌايو. خدا شل تنهنجين ڪوششن کي پورو ڪري.

— سعيد احمد قريشي، نوابشاهه سنڌ

Regd No. S. 2400 MONTHLY August 1968

# "ROOH-REHAN"

HYDERABAD SIND

## روح رهاڻ جي سالگرهه تي هڪ پيغام

'روح رهاڻ' جو مقصد سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جو پرچار ڪرڻ ۽ ان کي وڌائڻ آهي. 'روح رهاڻ' جو هر سنڌي جي هٿ ۾ هجڻ ضروري آهي. آن لاءِ اسان هيٺ سالانه خريدارن لاءِ سهوليتن جو اعلان ڪريون ٿا.

### پهرين سهوليت:

'روح رهاڻ' جي عام پرچي جي قيمت وڌائي ٻارهن آنا ڪئي وئي آهي. سالانه خريداري جي قيمت نو روپيا. پر جيڪو سائي آگسٽ ۳۰ تاريخ تائين خريدار ٿيندو، آن کان صرف سوا ست روپيا ورتا ويندا. آن لاءِ جيترو به جلد ٿي سگهي، سوا ست روپيا مني آرڊر رستي موڪلي سال جا ڏهه عام ۽ ٻه خاص نمبر حاصل ڪيو.

### بي سهوليت:

هيءَ سهوليت صرف شاگردن لاءِ آهي. نائين ڪلاس کان ويندي يونيورسٽي تائين تعليم حاصل ڪندڙ شاگرد هن اسڪيم مان فائدو وٺي سگهن ٿا.

هر انهي شاگرد کان نون روپين جي بجاءِ صرف پنج روپيا چندو ورتو ويندو، جيڪو هيٺيون ڪوپن پنهنجي اسڪول يا ڪاليج يا يونيورسٽي جي مهندار (هيڊ) کان صحيح ڪرائي ۽ مُهر لڳرائي موڪلينڊو. ڪوپن سان گڏ پنجين روپين جي مني آرڊر جو رسيد نمبر ڏياري موڪليو، اوهان کي خريدار بڻايو ويندو. — ادارو

### شاگردن لاءِ ڪوپن

نالو .....

پتو .....

تصديق .....

مهندار جي صحيح

۽ مُهر

Edited & published by Hameed Sindhi from office of the Monthly 'Rooh-Rehan,' Mukhi Garden, Hyderabad.
Printed by Muti-ur-Rahman Siddiqui at Indus Printers, Risala Road, Society, Hyd.

# روح رهاڻ

سيپٽمبر ۱۹۶۸ع

قيمت: پنجهتر پيسا

ڪنهن پرهه اسانکي پاليو هو، هن رات اسانکي رولیو آ،
ته ٻيو اونداهين جي قيدن ۾ در آزادين جو کوليو آ،
اڄ هيٺا پاڻ وهيٽا ٿي هن کارونهار کان آکرن ٿا،
هن وقت چتين چولهين وانگر ٻئي جن جو من چاڇولیو آ،

— تنوير

"زندگي پبليڪيشنس" جو
ترجمان

# روح رهاڻ

جلد:٧] سيپٽمبر ١٩٦٨ [پرچو: ٦

○

ايڊيٽر (اعزازي): حميد سنڌي

○

سرڪيوليشن مئنيجر: ليلا رام خانواڻي

⊙

قيمت: پنجهتر پئسا

سالياڻو: نئون رپيا

○

**ايڊريس:**

ماهوار 'روح رهاڻ'،
گاڏي کاتو
پوسٽ باڪس نمبر ٢١٦
حيدرآباد سنڌ.

○

رهاڻ: ايڊيٽر

**شعر:**

سورهيه، عطا محمد، قمر، عاجز، ابن گل، پياسي، فتاح، سرويچ، رنگريز، درگاهي، نظير، اديب، نثار بزمي ۽ محسن.

**مضمون:**

پنهنجي ادب کي زور ونايو: رسول بخش پليجو.

**ڪهاڻيون:**

آجهاڻل مچ ۽ آڏندڙ رک: عبدالقادر جوڻيجو.
آئيني سمان سپنا: شوڪت حسين.
جلسو: عبدالله چنا.

**ناول:** (سلسليوار)

موهن جو دڙو: علي بابا

**تڪيون مڻيون گاهوڙيون:**

پڙهندڙن جا خط

**سرورق:**

سرورق جو بلاڪ 'طلوع' جي ٿورن سان.

ڪنهن پرهه اسانکي پاليو هو، هن رات اسانکي رولیو آ،
ته به اونداهين جي قيدن ۾ در آزادين جو ڪوليو آ.
اڄ هيٺا پاڻ وهيٽا ٿي هن ڪارونهار کان آڪرن ٿا،
هن وقت چتين چولين وانگر ڦٽي جن جو من چاڇوليو آ.

— تنوير

# رهـاڻ

انسان ذات کـي سمجهڻ، پرکـڻ ۽ پروڙڻ ايترو ڏکيو ۽ گهڻو آهـي جيڏن خلقڻهار جي ذات، اسانجي سمجهه، کان مٿي هڪ وڏي درٻار آهي جنهنجو گهڻ، هر گهڙ، کان گهورو آهـي. انسان جي تخليق، خلقڻهار جـي آهـا تخليق آهي جا سندس ذات جا گهڻا اڻڄاڻ ظاهري ٽي ڪري پر جڏهن بنهه انسان تخليق ڪندڙ بڌجي پوندو آهـي تـڏهن مـان کيس اُنهيءَ عقيدت وچـان جهڪي سـلام ڪندو آهيان، پـوءِ اهـو سلام انسان ذات لاءِ هوندو آهي يـا اُنهيءَ خلقڻهار لاءِ جنهن انسان کي اهو شرف ۽ بخشي چڏيو، اهو مان فيصلو ڪري نـ سگهندو آهيان.

مون انسان، پيدا ٿيندي ڏٺا آهن، مون انسان ٿهندي ڏٺا آهن، مون انسان ڊهندي ڏٺا آهن، مون انسان اُپرندا ڏٺا آهن، مون انسان گهاڻي پرکرندا ڏٺا آهن، مون انسان اکڙيون وڃائيندي ڏٺا آهـن، مون انسان منهن ڦيرينديِ ڏٺا آهـن. انسان جو هر عمل سندس ذهن جـي تابع آهـي ۽ اهو ذهن ڇا آهـي، اهو ذهن ڪهڙي قوت آهـي، اهو ذهن ڪهڙو عرش آهي، اهو ذهن ڪهڙو اوڙاهه آهي، اهو ذهن ڪهڙو بهشت آهي، اهـو ذهن ڪهڙو دوزخ آهـي. انهيءَ گهڙ، انهيءَ مونجهاري لاءِ خـود انسان ايڏا مونجهارا پيدا ڪيا آهن جو هو ڏينهون ڏينهن پاڻ ۾ منجهندو وڃي، سندس هر عمل جو سندس ذهن کي ظاهر پيو ڪري پڻ عجيب ۽ اُلجهيل پيو لڳي. مان اُنهي ذهن کـي سمجهڻ لاءِ اُنهن نفسياتي عملن کان مٿي، انسان جـي عمل، ڪردار، ۽ سوچ کـي ڪنهن ٻي ڪسوٽي سان پرکڻ پي چاهيو آهي، اُها ڪسوٽي آهي، ذهن جو ذهن کي چاهڻ. ائين چئجي تـ ڪنهن ذهن کـي سمجهڻ لاءِ، ساڻس بناهڪنهن غرض جي بناهڪنهن خوشامد ۽ چاپلوسي جي اوٽاين کـي ڏيکي، پيار ڪرڻ ۽ کيس بلندين تـي پهچائي ۽ اوچي تخت تـي ويهاري ساڻس گهالهيون ڪجن. مـون ڏٺو آهـي تـ اها ڪسوٽي ٻه اُهوئي نفسياتي تجزيو آهي جنهنجو نتيجو اُهوئي ٻه ۽ ٻه چار وارو ٻيهي ٿو.

انسان جي انسان لاءِ چاهنا، پوڄا جـي حـد تائين ڪا پراڻي ڪانهي وڏيون، وڏيون عشق جون ڪهاڻيون اُن لاءِ موجود آهـن. پر هـن دور ۾ جڏهن انسان ٻئي انسان کي انهيءَ ڪري سمجهي نـ سگهيو آهي، جو سندس عمل هڪ طرف تـ سندس سوچ ٻيءَ طرف ۽ سندس ڪردار جي پهچ ٽيئن طرف عجيب نظارا ٽي پسائي. تنهن ڪري ٽي هـن دور ۾ پرخلوص ماڻهن جـو جنم ونڊ، پرخلوص ماڻهن کـي جنم ڏيڻ ڪافي ڏکيو ۽ ناممڪن ٻڌو پيو وڃي.

هن دور ۾ جت انسان جا مونجهارا، سندس عجيب اُلجهيل ذهن جي حڪمن ۽ عمل ڪري ڪافي منجهجي ويا آهن، اُت ڪنهن به قوم ڪنهن به ذات لاءِ ڪو گڏيل مسئلو پيدا ٿئي ٿو ته اُهو هڪ لاعلاج مرض بڻجيو پوي جو اُنجي لاءِ اسانوٺ ڊاڪٽر ڪونهن، اُن لاءِ اسانوٺ حڪيم ڪونهن، جو اُن لاءِ اسانوٺ مسيحا ڪونهن. ڪنهن به قوم جي پلائي ۽ بهتري انسان ذات جي پلائي ۽ بهتري آهي. ۽ ڪنهن به قوم جا معاشي، سياسي، ادبي ثقافتي مسئلا ڪَر ڪٽي ٿا ٻيهن تڏهن احساس وڌي وڃي بڙڇي ۽ پالي جي صورت اختيار ڪري ٿو ۽ ذهنن جا ذهن گهائجن ٿا، اُلجهنون وڌن ٿيون ۽ عجيب عمل ۽ ڪردار جنم وٺن ٿا. اُن وقت ڪوبه سلجهيل خيالن وارو پرخلوص همدرد رهبر ڪونهي جو هر مسئلي کي چنڊي چاڻي ٻيهاري ۽ اُنهيءَ مسئلي لاءِ آواز بلند ڪري ۽ اُنهيءَ آواز تي بي غرض، سچن ماڻهن جو ٽولو نڪري نروار ٿئي جو اُنهيءَ قوم جا معاشي ٽوڙي سياسي، ادبي توڙي ثقافتي مسئلا، پنهنجن پراون جي آڏو اهڙي ته انداز سان ڪيي ٻيهاري جو هرهڪ اُنهيءَ مسئلي کي چنبڑي پوي ۽ شايد مسئلو، مسئلو نه رهي. پر اهو نه ٿئي پيو نه ٿيندو نه سچ جنم وٺندو، نه خلوص جا اهڃاڻ پسبا نه وري رهبر ڪي پيدا ٿيندا.

مون جيئن عرض ڪيو ته انساني ذهن تي هينئر هر ڪسوٽي آزمائش بيڪار آهي، تيئن انسان جو ڪنهن به انسان لاءِ ڪو درجو رکڻ ۽ عظمت بخشڻ ناممڪن آهي. انسان، انسان لاءِ ڪجهه به نه ڪرڻ لاءِ تيار آهي. انسان پوري قوم يا پنهنجي ملڪ لاءِ ڪجهه به نه ڪرڻ جو قسم کاڌو آهي. انسان، انسان لاءِ نه آهي، انسان صرف پاڻ لاءِ آهي، پنهنجي ذات لاءِ آهي. سندس مٿان جو اعتماد هو اُهو سندس عجيب منجهيل ڪيفيتن ڪري ڪجي ويو آهي. اڄ جو انسان پاڻ پرائي ته ڏهيو نه پيءُ لاءِ آهي نه ماءُ لاءِ آهي ۽ نه وري پيءُ ماءُ ٿي اولاد لاءِ آهي. ڪير به ڪنهن لاءِ ڪونهي. ان دور ۾ ايڪتا ۽ قوم لاءِ انهيءَ انسان مان توقع رکڻ جو منجهيل آهي جو مايوس آهي جو ڪم هٿ آهي، اجايو پيو ڏسجي.

مان جڏهن انسان جون خلق جي پلي جي سلسلي ۾ ڏلايون ۽ اوڻايون ڏسندو آهيان ته مايوسي جي انتها تائين پهچي ويندو آهيان. فرد، فرد لاءِ سوچيو ۽ به فرد گڏجي قوت يا طاقت نه بڻيا ته اهو ته ڪجهه به نه ٿيو. انسان ۾ جي خلوص ۽ سچائي جي بنهه اڻاٽ ٿئي وڃي ته مون پارا مائهو ته انسان ذات نه ڏهيو پر پنهنجي پاڻ مان اعتماد ڪيي ڇڏو ڪندا.

مان انسان جي بنياد سندس تخليق جي داستان ۽ سندس اونهي ڪجهه جي اهجاڻن کي نظر ۾ رکي اڄا به پراُميد رهان ٿو. جنهن ڏينهن منهنجي آخري اُميد ٿئي پٽي چوڌاري انڌ ۽ انڌ ڪار چانئجي ويو، دوکي، ڏڳي دولاب ڪوڙ، ۽ عياشين جا نه ختم ٿيندڙ جذبا قائم ۽ دائم ٿي ويا، زمين، قوم ۽ ايڪتا جو تصور ختم ٿي

ويو، اُن ڏينهن مان پنهنجي وڪ وڏائيندس ۽ انسان جي عظمت جي آڏو عقيدت وارو جهڪيل سر مٿي کڻي ڇڏيندس ۽ اُن انسان جي اکين ۾ اکيون وجهي، پنهنجو سرڪش ۽ کهرو منهن مٿي کڻي ڇڏيندس، پوءِ اها بغاوت انسان ذات سان هجي يا سندس تخليق ڪرڻ واري سان اُن لاءِ نہ مان ڏميوار آهيان نہ منهنجو ڪوڙ آڏو نہ جهڪندڙ ڏهن.

اڄ مان زمين، قوم ۽ سچ ۽ حق مان پرأميد آهيان، انهن انسان کي جنم ڏنو آهي، جي انسان ذات انهن ٽن شين جي حفاظت نہ ڪئي ۽ پنهنجيءَ ذات ۾ مستغرق رهيا تہ پوءِ سائين نہ توهان کي جيئڻ جو حق آهي نہ مونکي. پر شايد ائين نہ ٿئي جو سچ اڄ تائين شڪست نہ کاڏي آهي ۽ سچ هميشہ حق ۽ انصاف جي حمايت ڪئي آهي ۽ انسان ذات کي ڏکيو پر صحيح ۽ عظمتن ڏانهن نيندڙ رستو ڏيکاريو آهي. اُن رستي جي سڌ سڀ کي آهي، منهنجيون اکيون اُن مونجهارن ۽ گجهين گالهين کان هٽيل رستي تي بيخوف ۽ بيخطر، سچ ۽ خلوص وارن قدمن جي نشانن لاءِ واجهاين ٽيون ۽ واجهائيندڙ رهنديون.

— حميد

---


مهراڻ پبلشرس سکر جي پهرين پيشڪش

رشيد ڀٽيءَ جو پنجون ڪتاب

# عاشق زهر پياڪ

(اورنگ زيب جي عدالت ۾ سرمد شهيد تي هلايل مقدمي جو ناٽڪ)

تعارف:

جي - ايم سيد

۱۲۰ صفحا (ڪراؤن سائيز) رنگين ۽ وٽندڙ پوش

سادو پنو: هڪ رپيو پنجويهہ پئسا

آڇو پنو: هڪ رپيو پنجهتر پئسا

سول ايجنٽس:

## ايجنسي گلاب انجمن ڪتاب گهر

فريئر روڊ، سکر (سنڌ).

# سرگواڏو

موت مڙا مورڙا، توکي سارين پيا سانگي،
ساڻيهه سارو سور ۽ جڏا ٽيا جهانگي،
آهيان آسانگي، تہ مان موڻن مسيحا!

—

موت مڙا مورڙا، سون ميارُي سڏکي پئي،
مانگر کيئي ماريا، پائر تنهنجا پورڙا،
ڏينهن بچيا ٽئي ٽورڙا، مڃ کي مارڻ لئہ!

—

موت مڙا مورڙا، مُئي تنهنجي ماءُ،
ويرين ڏنا وجود تي، گهڙيءَ گهڙيءَ جا گهاءُ،
آيل اوري آءُ، تہ جياريون جيجل کي!

—

موت مڙا مورڙا، هلي وطن وسايون،
وڃا پيٽون وهم جا، ۽ کنڊ بہ کپايون،
سينو سدا ساهيون، سانگين جي سجاڳي لئہ؟

—

موت مڙا مورڙا، هلي آءُ هاڻي،
سانگيئڙا سجاڳ کريون، گهڙي منجهہ گهاڻي،
منصوري ماڻي، سوريءَ کي سينگاريون!

—

موت مڙا مورڙا، گهانو آءُ گهوٽ،
پڇي بند پورا کيون، کيريون کارا کوٽ،
کپي هڪڙي چوٽ، وين کي ورائڻ لئہ!

—

موت مڙا مورڙا، کوندر کڻ کات،
ڏونگر ڏاري وجهون، ۽ مانگر کيون مات،
جاڻ تہ کٽي رات، ٽينڊو ڏينهن ڏيهہ تي!

—

موت مڙا مورڙا، لايون لال لاٽ،
راهہ ٽئي روشن، هري وڃي هات،
ووڙيون هوءِ وات، تہ سفر سڪلو ٽئي!

سور سهايم سر تي ڏک سين هيريم هڏ
هي سوريءَ سندا سڏ پڏم پاروتڻ ۾.

—

ڪڪيس ڪنجهيس ڪينڪي نه ڪوجهو منهن ڪيام
سورن ۾ هئي سنڌڙي چمندي ساڻ ڏنام
تڏهن ياد پيام سوريءَ سندا سڏڙا.

—

سوري ءَ آءُ ٻئي اکر هيڪڙي
لڏيون سين لائون اديون ڏينهن ازل جي.

—

ڪلهه جي چڙهيا چوٽي تي مڙس مٽيادار
اڄ ٻئي زارو زارِ سوريَ روئي تن ڪي.

—

سوري تون جي سڏ ڪرين آءٌ چوان لبيڪ
ڪريَ نظر نيڪ چڙهان تنهنجي چوٽيءَ تي.

—

سوري تون جي سڏ ڪرين مان اکين هٿ رکان
پيا چڙهن پيرن سان مان چشمن ساڻ چڙهان
دل ۾ هيئن چوان ته 'مونکي پاڪ پلائيو'.

—

ڪلهه ڪلهوڻي رات هئي مون وٽ هئا مهمان
چار تراريون چيلهه سان ڪلهي تير ڪمان
هيبت ۾ هوشو جيان دل جا دريا خان
اهڙا جنگ جوان مون نه ڏٺا ڪنهن ڏيهه جا.

—

ڪلهه ڪلهوڻي رات هئي مون وٽ هئا ملهنگ
مڙئي همٽ جهڙا هئا 'لاڙيچا' للهنگ
دَنبر سپ دلير هئا 'اتراڏو' اڙهنگ
ڪونه ڇڏيائون ڪاڪ ۾ ڏڙيون نه ڪي دنگ
اڄ انهن جا رنگ هلو ته پسئون پورب ۾.

چٹني پاسي جَر جو چارُ،
آءٌ اڪيلو ٻارُ
ڪهڙي واه وڃان،
مان ڪهڙيءَ واه وڃان؟

ڪوهن تائين ڪيهاڙَن جو آهي ڪارونيارُ!
مان ڪهڙيءَ واه وڃان؟
ٻر جي باهُڙ گهر گهر ۾ آ، سوريءَ تي سنسارُ،
مان ڪهڙيءَ واه وڃان؟
انسانن ۾ زهر ڀريل آ، تارونءَ تائين تارُ،
مان ڪهڙيءَ واه وڃان؟
ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين، اونده انڌوڪار،
مان ڪهڙيءَ واه وڃان؟
ٻيٻ وڏا ۽ ڇپ تڪي، سي ڏرتيءَ تي ٻي بار،
مان ڪهڙيءَ واه وڃان؟
جنهنجو سينو گهائل ناهي، سو ڪيئن منهنجو يار،
مان ڪهڙيءَ واه وڃان؟

چٹني پاسي جر جو چار،
آءٌ اڪيلو ٻار،
الا، آءٌ اڪيلو ٻار!

●

شير محمد عاجز آڇڻ

سنڌڙي تنهنجي سينڌ ڪي، آءٌ جلي جلي جرڪايان،
توسان نينهن نيايان.
تو لئہ گيت جوڙي او مانا! گوٺ گوٺ ۾ گهايان،
ونگ ويرين جا ٽوڙي ٽوڙي، تو لئہ جوت جلايان،
تنهنجيءَ چانئٹ تي او حيجل! ڪارو ٽيڪُ نمايان،
سر ٻر تو تان گهوري گهوري، تنهنجي سينڌ سجايان،
تنهنجو منهنجو سات صدين کان، توکي ڪيئن پلايان،
توسان نينهن نيايان.

## ابن گل سومرو

سور سوايا آهن سائين، مون وٽ باهم ٻري،
الا دلڙي ڪيئن ٺري.
اندر ۾ اولاوا آهن، مارن ري نه سري،
الا دلڙي ڪيئن ٺري.
جوت جلي وئي، رنگ رچي ويا، پنڌ نڏهن ۾ پري،
الا دلڙي ڪيئن ٺري.
سنڌڙي لاءِ سور سوايا، پنهنجي ۾ پچري،
الا دلڙي ڪيئن ٺري.
ميهر مانجهي پار لنگهائج، هي اڻ تار ڪيئن تري،
الا دلڙي ڪيئن ٺري.
مولا مهر وسائج پنهنجي، شامت شال ٽري،
الا دلڙي ڪيئن ٺري.

●

## پير بخش پياسي

ننڊ نياڳيءَ تو ڇو نهوڑيو، جوڳي ات ٽون جاڳ،
او جوڳي!
سات سو سارو ستل سمورو، وڳر جي جنهن تون واڳ،
او جوڳي!
مومل سومل، ڪاڪ ويڳاڻي، اڇين جي موتي ماڳ،
او جوڳي!
پنهنجي منزل مور نه ويجهي، اڳيان پنڌ اڃاڳ،
او جوڳي!
رات اونده ۾ تارن جي، هر موڙ جو آهين مهاڳ،
او جوڳي!
ٻيٺَ هو پنهنجي ٻيٺِ ڏٺي ڏس، ٻلو آ جنهنجو پاڳ،
او جوڳي!
ڏياڻ ڏسي هن ڏيهه ۾ اڄ تو، ڪيو هي ڪهڙو چاڳ،
او جوڳي!
جنهن سير ڪاڻ هو ٻيجل ٻوليو، سير سُر جو سهاڳ،
او جوڳي!
هڙڳا هاڃا پوءِ به "پياسي"، ڪنيو تو ڪهڙو نياڳ،
او جوڳي!

جيئن چڪيا تي چند چڙهي پيو پوياڙيءَ جو پيار ڪري،
تيئن اسان جي من جي مستي عشق سندا اظهار ڪري.
جيئن حقيقت ڏاڳهه مٽان ڪو ڏايائيءَ سان چاڙهي پيو،
تيئن ملڻ لئه پنهنجي آشا سهسين پڻي سينگار ڪري.
جيئن هوا ۾ هُرڪُرَ ٿئي ۽ جيئن تڪو طوفان چُري،
تيئن اسان جي ڏات جو ڏيئو لات ڪڍي اسرار ڪري.
آپ تي جي ڪا گوڙ ٿئي ۽ مينهن وسڻ ۾ دير ڪري،
تيئن اسان جي من مان موتي سمند مٽان سَو وار ڪري.
جيئن ڪڪر مان ڪوجهي اک ڪا ماروئڙن جي لڄ تڪي،
تيئن اسان جو هيڏو هڏ پي واسينگن جيئن وار ڪري.
گهاڻي ۾ جو وقت ڪٽيو آ، تنهن ۾ سنيهو آندو آ،
پانهن ورائي ڪا ته پرينءَ جا سُرها ويڻي وار ڪري.
تو ڪي ڪهڙي سڏ ڙي سڏڙيا پنهنجو من ڇا چاهي ٿو،
ڏرتيءَ تي ڪو ڏِگُ اچي جو جيت ڪري يا هار ڪري.
جيڪو ور ٿئي ودوائن جو آس ٿئي ڪنهن آيل جي،
ڪنهن جي اک جو ڳوڙهو ٿئي جا پار ڪنڌيءَ تي پار ڪري.

●

سرويچ سجاولي

دنيا ۾ ڏکيو ڪنهن کي ڏسڻ، سهي نه سگهان ٿو،
ڏاڍن جو غريبن کي ڏنيڻ، سهي نه سگهان ٿو.
بي خوف زمانو هي، خطرناڪ ويو ٿي،
هڪ رات منجهس يار، رهڻ سهي نه سگهان ٿو.
ڪپڙي جي ٽڪر ڪاڻ، يا مانيءَ جي ڪپي لئه،
معصوم نياڻين جو، روڻ سهي نه سگهان ٿو.
هي پيار آگهاڙا ۽ آگها پيٽ ٻُڌيا ڙي،
رستن تي آنهن جو ته رُلڻ سهي نه سگهان ٿو.
ڪنهن "شرم وندي ڏيءَ" جو "شڪارين" کان بچڻ لئه،
"ليرن" ۾ گهُٽون ڏيڻي، ليڪ سهي نه سگهان ٿو.

هن جُوءِ سندو جُهوپڙيءَ ۾، "جوان ڏيئن سان"،
سرديءَ ۾ اڙي سائين! ڏَڪڻ سهي نه سگهان ٿو.
هُڻ پڻ بُکايَل جو، اميرن جي درن تي،
"سَٽِي ڪنهن گرهه لاءِ سِڪَڻ سهي نه سگهان ٿو".
هن شهر ۾ رئي ۾ ته، ڪنهن "رنڊيءَ" جي جهگيءَ جو،
برسات ۾ اوا! پائو، ٽِمَڻ سهي نه سگهان ٿو.
هُن نار نماڻيءَ جو اُگهاڙي ته اُرَهَ سان،
آني ڪَ ٽَڪي لاءِ، پنڻ سهي نه سگهان ٿو.
زوردار سندي ظُلم سبب، ٽاڻي اڳيان اڄ،
ڪنهن زال اُگهاڙيءَ جو، نچڻ سهي نه سگهان ٿو.
بيمار ٻچو هَنج ۾، هاري جي هَنجُون ماءُ،
ڪوڙهن جو ڳلن تان سو، وهڻ سهي نه سگهان ٿو.
گرميءَ ۾ ڪٽي ڪوٽيون، ڪا جُوءِ ويچاري،
سيني تان پگهر تنهنجي، وسڻ سهي نه سگهان ٿو.
"جو ڏيج" ڏُکيءَ کي ته مليو، ماءُ مُڻيءَ کان،
مانيءَ جي ڏُکر تي سو، مَٽڻ سهي نه سگهان ٿو.
دولت جي نشي ۾ ته ڪنهن زردار سندو ڙي،
"مسڪين" جي "چاين" کي تکڻ سهي نه سگهان ٿو.
بيمار ٻُڌو جنهن جو لڳو، ماس هَڏن سان،
ڪمزور اُنهيءَ جو ته ڪِنجهڻ سهي نه سگهان ٿو.
راتيون ۽ سڄا ڏينهن، "رَجهي" ڪين جيتي ٿو،
جهنم جي برابر سو، جيئڻ سهي نه سگهان ٿو.
مجبور ڪري ڪنهن کي، ڏيئي پير نيڙيءَ ٽي،
رشوت جا اِهي نوٽ، وٺڻ سهي نه سگهان ٿو.
هيٺن جي حقن تي چو؟ "حَميرن" جون هلائون،
"مارئي" جو مٿان کوهه، کڄڻ سهي نه سگهان ٿو.
مارن جا جتي ماڳ، مَنَهه، مالَ مُنيُون ڙي،
غيرن جو اُنهيءَ "جُو" ۾ گهمڻ سهي نه سگهان ٿو.
ڏاتي ٿا گذارين، جتي ڏارَ ڏَنگَهر جي،
"پکڙن" جو اُنهي پِڙَ تان پڻ سهي نه سگهان ٿو.
مارن سان مقالن ۾، غزل ڏيکهه ڪري ويو،
اشعار گُهٽي بند ڪرڻ، سهي نه سگهان ٿو.

جت قوم سگهي ساهه لئه، محتاج رهي ٿي،
اُت شعر خوشامد ٿي لکڻ سهي نه سگهان ٿو.
جاڳڻ جو آڏوَ وقت، سڏي ماءُ ميٺي پٽي،
"ساڻين" جو سڄي رات سُمهڻ سهي نه سگهان ٿو.
"سرويچ" لکان ڪيئن نه؟ سنگهارن جي ڏکن تي،
ايڏو هيءَ وڏو سور، سڄڻ سهي نه سگهان ٿو.

●

قمر شهباز

هيءُ گدلو گنگا جو پاڻي،
تنهنجي من کان اجلو ناهي!
تنهنجو من آ موتيءَ داڻو،
تنهنجو من هيرن جي کاڻ،
تنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پاءِ،
توکي چا دولت جي کاڻ؟
هيءُ گدلو گنگا جو پاڻي،
تنهنجي من کان اجلو ناهي!
تنهنجي من ۾ موتيو مرکي،
تنهنجي من ۾ مگري واس،
ڏرتيءَ تي جو سيس نوائين،
تنهنجي منزل آ آڪاس!
هيءُ گدلو گنگا جو پاڻي،
تنهنجي من کان اجلو ناهي!
تنهنجو من مندر کان مٺو،
تنهنجي دل ديول کان پاڪ،
جنهنکي پنهنجي هٿ سان جوڙين،
سو ڪيئن ٿيندو تنهنجو ٽاڪ؟
هيءُ گدلو گنگا جو پاڻي،
تنهنجي من کان اجلو ناهي!
تنهنجا بازو بڙڇي آهن،
تنهنجي اک اک تير سمان،
تون جي هيڪر ڀرجي گرجين،
ٽڙ ٽڙ ٽڙڪي هيءُ جهان!
هيءُ گدلو گنگا جو پاڻي،
هيءُ گدلو گنگا جو پاڻي!

غلام حسين رنگريز

هڪ هڪ شهر آ شهر درد
هرڪنهن هانءَ هول هزار
آجڙيل آجڙيل دل جي بستي
ماڻهوءَ من آ جڻ تہ مزار
ڪيڏا سهڻا ڪيڏا مٺڙا
ماڻهو آهن ماڪيءَ لار
دردن تن کي ڏوئي ڇڏيو
سورن لڏي تنهنجي سار
مرڪو ماڻهئو لڙڪ لڪاءِ
ٿوري آهي هيءَ چمار
وک وک ورهايو قول
پانڌڻ ۾ اڄ پريو پيار.

●

درگاهي

هوند پيجل مان هجان،
سڪ جو ساز ڪٿان.

ساز ۾ سوز هجي، سوز سان سٽن هٿان،
چوري چنگ چاهه منجهان، تند کي تيز ڪيان،
دل تي گهاؤ ڪرن، مان اتر گيت چوان،
نہ ڪيان مان ڪڏهن، سريءَ کين مڙان،
ڏيهه ٿو جنهن کان ڏکي، ان جو ساهه وٺان،
روئي ۾ل جان سورٺ، راڳ جو ڪنڌ ڪپيان،
سنڌ جو ويري جيڪو، ڏڙ کان ڌار ڪيان،

هوند پيجل مان هجان!
هوند پيجل مان هجان!!
سڪ جو ساز ڪٿان.

مان،
نظر پنهنجي ستارن سان ٽڪرائي،
زمين و آسمان کي
نيٺ لرزائي ڇڏيندس.
۽ هزارين مرتبہ هر حرف پنهنجي لب تي آئي،
مان زماني جي شڪايت کي
بہ وساريندس.
وساريندس.
پلي ڪو مون کي نيهرن ۾ جڙائي،
يا ڪڙاهيءَ ۾ ڪو اڇلائي،
مگر مان هر گهٽيءَ هر چؤنڪ تي دل جا ڏيا ٻاري.
گلن ٽا لڙڪ ميساري،
ضميرن جي ستل شعلن کي
راکيٽن جيان اڇلي،
ستم جي سج کي ساڙي ڇڏيندس.
۽ نئين ڪا جوت جاڳائي ڇڏيندس.

●

دلدار احمد اديب

# الوداع

ڪو وڃي پرپٽ هليو،
ڪو چوي ’هاڻي هلون‘ـ
ڪو وڃي دانهون ڪندو،
ڪو وڃي چُپڙي ڪري،
خاموش ٿي ويهي رهي،
اهڙو ڪُڇي جهڙي پت،
پنهنجي پاڳي ۾ تہ هت،
ڪوبہ ناهي ’الوداع‘.

## نثار بزمي

پوري ٿيندي رات او سائين!
جاڻ ڏٺي پريات او سائين!

ڪٿجي ويندا قيد ڪشالا،
بڌجي ويندي بات او سائين!

آس اجائي ويندي ناهي،
مشڪل ٿيندي مات او سائين!

دور خزان جو ڪٽڻو آهي،
لونڊي بلبل لات او سائين!

اوجاڳن ۾ اوسيڻن جي،
تن مان ويندي تات او سائين!

ايندين، آخر ڪاڏي ويندي،
وائي آهي وات او سائين!

صبر جي سرکي ويئو پيمان،
هيءَ به آهي ذات او سائين!

ڏوڙ لڳن کي ڪيئن نہ لايان،
سنڌ آهي سوغات او سائين!

خاڪ نشين هي آهي 'بزمي'،
اعليٰ تنهنجي ذات او سائين!

## غزل

## محسن عباسي

هتان ماڳ ڏاهي ۽ ٻئي پاسي ڏاهي،
سفر جو ٿمر اڄ سڄڻ پيو سنباهي.

نصيبن ۾ لکيل اکي اوندهه هئي پر،
وڃڻ وارو ويتر ٿو ڪٽنين ۾ ڪاهي.

مسافر سو آخر مسافر ئي آهي،
مگر دل وساري، سو وس ۾ ئي ناهي.

سڙيءَ کي سريوسک ۾ ڪونجن جان ڪرڪڻ،
ڪڏهوڪا ڇڏئين سانگ سر جا به لاهي.

چڪايا چريءَ چاهه ۾ چاڪ چت جا،
پريان وس پنهل جي ته چاهي نه چاهي.

"ننگر" ۾ ڪا نانگي، گهنگهر پٽي گهاري،
نياڪيءَ سان نينهن جو ڪو ناتو نباهي.

مٽي ماڳ مڪليءَ تي ويئي اڏي،
ڇپر ڇڏيو چوريءَ جو ڇانئي نه ڇاهي!

مناسب نہ 'محسن' جڏيءَ سان جڏايون،
ڪري قرب ڪنهن ڏينهن اچو ڪرهوڪاهي!

# پنهنجي ادب کي زور وڌايو

سنڌي ادب ۾ اڳي کيترا لاڙا هٿا ۽ ٻه آهن، پر اڄ وطن دوستيءَ جو لاڙو ٻين سڀني لاڙن کان اڳرو آهي.

اڄ پڙهندڙن وٽ آهي لکندڙ ۽ آهو ادب وڌيڪ مقبول آهي جنهن ۾ وطن لاءِ حب جو جذبو پريل آهي. امر جليل، منير سنڌي، عبدالقادر جوٽيجو، علي بابا، ابن حيات پنهور، عبدالحق عالماڻي، پٽر سنڌي ۽ ٻين مقبول افسانه نگارن جي مقبوليت جو مکيه سبب ٻه اهو آهي.

**پروپئگنڈا؟**

ڪن جو چوڻ آهي ته وطن دوستيءَ جي جذبي غالب هجڻ ڪري فن جو معيار ڪري پيو آهي ۽ ادب پروپئگنڈا بنجي پيو آهي. پر غور سان ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته اِهو خيال سطحي ۽ هڪ طرفو آهي.

ادب هميشه زندگيءَ جو ترجمان ٿي رهيو آهي. دنيا ۾ اڄ تائين هڪڙي به اهڙي سٽ نه لکي ويئي آهي جنهن کي سڌي يا اڻ سڌي پروپئگنڈا يا تبليغ ثابت ڪري نه سگهجي. اديب آسمان مان نٿا وسن. آهي ماڻهو آهن ۽ انهن جا پنهنجا رايا، نظريا ۽ عقيدا ٿين ٿا پوءِ چاهي آهي عشق ۽ محبت بابت هجن چاهي قدرتي نظارن بابت؛ چاهي سچ ۽ سونهن لاءِ پيار جا هجن چاهي حاڪمن لاءِ عقيدت جا وطن جي حب جي واکاڻ ڪرڻ اهڙو ٿي قدرتي ادبي موضوع آهي جهڙو عشق ۽ محبت جي تبليغ جو.

جيڪڏهن فرضي رقيب روسياهه جي گلا جا دفتر ٻرڻ ادب آهي ته وطن جي ويرين جا پانڌا ڦوڙڻ ۾ ڪهڙي بي ادبي ٿي پيئي؟ جيڪڏهن محبوب جي خيالي حسن جون جنتون ٺاهڻ جائز آهي ته وطن جي ونجهارن ۽ سرويچن جي تعريف ڪرڻ ۾ ڪهڙي اربع خطا ٿي پئي؟

جڏهن ڪمن حاڪمن، ظالم ۽ قاتل بادشاهن ۽ انساني کوپرين جا انبار لڳائيندڙ قهري ڪانئرن جا قصيدا لکڻ ڪان پوءِ به فردوسي، انوري، فيضي غالب جهڙا شاعر عظمت جي مسند ماڻي سگهن ٿا تڏهن اسان جي اديبن کي ايترو به حق ناهي ڇا جو هو ڪٽي پنهنجي بهادر شاگردن ۽ نوجوانن، هارين ۽ مزدورن، قومي شهيدن ۽ هيرن ۽ اڇوڪي دليرنسل جي ڪارنامن لاءِ پنهنجي عقيدت جا ادبي گل پيش ڪري سگهن؟

هر نئين گاله، جي شروعات ڪمزور ٿيندي آهي. شاهه بلوط جهڙي ديو جهڙي وڻ جو اوائلي ڪڇڙو سلو ڪنهن پوڙهي ڪرڙ جي وڻ کان ڪمزور ڏسڻ ۾ اڇي ٿو. پر ڪرڙ سدائين ڪرڙ رهندو ۽ شاهه بلوط جو ڪمزور ۽ ڪڇڙو سلو اڳتي هلي سون ڪرڙن کان وڌيڪ اوچو وڏيڪ طاقت ور شاندار ٿي وڃي ٿو.

اسان جا نوان افساني نگار ۽ اپرندڙ شاعر وطن جي حُبَ بابت جيڪي لکن ٿا انهن ۾ روز بہ روز نئين پختگي ايندي پئي وڃي. اهو وقت پري ناهي جڏهن اسان جا نوان افسانا وطن جي حُب سان ٽمٽار هجڻ سان گڏوگڏ فني ڏانهو ۽ ڏات سان بہ پرپور نظر ايندا.

اسان جو نئون وطن دوست ادب اڄان بہ وڌيڪ اثرائتو ۽ مقبول ٿئي تنهن لاءِ ڪي گاله‌يون خيال ۾ رکڻ ضروري آهن.

## نوان موضوع:

اڄ سنڌي اديب ۽ شاعر کي صحيح معنيٰ ۾ قومي طبيب ۽ روحاني رازي جو ڪم ڪرڻو آهي.

اسان کي اڄ اهو ادب کپي جو اسان جي قوم جي دلين جي جذبن ۽ احساسن جي ترجماني ڪري، سندن همت بلند ڪري کين پنهنجي ٿي ڪمزورين کان خبردار ڪرائجي ۽ انهن کي دور ڪرڻ لاءِ تيار ڪري؛ کين ويساهه ڏياري تہ اسان جو آئيندو ضرور روشن ٿيندو؛ اسان ۾ ہڏي همدردي، خود قرباني، عوام دوستي جوانمردي، اورچائي ۽ قدر شناسي جهڙا قومي گڻ پيدا ڪري ۽ نفاق، بي حسي، خود مطلبي، خود پرستي، بزدلي، غفلت، احسان فراموشي جهڙي پراڻن موذي مرضن جو احساس ڏياري انهن لاءِ ڏڪار ۽ نفرت جاڳائي سندس پاڙون پٽڻ ۾ مدد ڏئي.

## نوان هيرا گولي لهو:

اسان جي وطن ۾ اسان جي اکين اڳيان اهڙا بي مثال ماڻهو موجود آهن جن جون زندگيون ۽ ڪارناما اسان جي ادبين جي قلم کي للڪاري رهيا آهن. هنن پنهنجون قيمتي حياتيون وطن جي سرخروئي لاءِ وقف ڪري ڇڏيون آهن ۽ ان راهه ۾ سوين هزارين سختيون سٹيون آهن. جي ايم سيد، عبدالمجيد شيخ، شيخ اياز، حيدر بخش جتوئي، غلام محمد لغاري، محمد ابراهيم جويو، محمد حفيظ قريشي ۽ ٻيا ڪيترائي سنڌ جا فرزند اهڙا ٻيا آهن جنجا ڪردار مضمونن، مقالن بلڪ افسانن جا ڪارائتا ۽ دلچسپ موضوع بنجي سگهجن ٿا، تنهن کان سواءِ اسان مان هرڪو اِهڙن، عورتن ۽ مردن، ٻارن ٻڍن، پڙهيلن خواه اڻ پڙهيلن کي سچائي جيڪي پنهنجي پنهنجي وت آهر اهم ۽ ڪارائتا ڪارناما سرانجام ٻيا ڏين. مثال طور هڪ دفعي ڪارائتي قومي ڪتاب جي چپائي لاءِ پئسا ڪون هٿا. هڪڙي مسڪين نياڻين جي

پيءُ ماستر کي جڏهن اها خبر پيئي تڏهن هن پنهنجي پراويڊنٽ فنڊ جا پئسا ڪيائي انهن مان اهو قومي پلائي جو ڪتاب ڇپائي ڇڏيو. اهو مثال ڏسڻ ۾ معمولي آهي پر انجي تهہ ۾ جيڪو قومي جذبو آهي سو هرگز معمولي ناهي. انهيءَ جهڙا مثال افسانن ۾ پيش ڪرڻ ۽ هنئين سان هنڌائڻ لائق آهن.

ڪي دوست شايد سوچين تہ اهي موضوع خشڪ ٿيندا ۽ عام ۾ مقبول نہ ٿيندا پر انهن کي "اِهي ڏينهن اِهي شينهن" ۽ "مسڪين جهان خان" جهڙن ڪتابن جي شاندار مقبوليت ۽ فني بلنديءَ کي نہ وساريو ڪپي. انهن ڪتابن ۾ عام رواجي ماڻهن جون رواجي ڳالهيون آهن پر ڏسڻ وارن کين جنهن نظر سان ڏنو آهي، جنهن قلم سان سندن تصويرون چٽيون آهن تنهنجو جواب مشڪل ليپي!

## پنهنجا ڍنگ پيدا ڪريو:

ادب ماڻهن لاءِ آهي. ماڻهو ادب لاءِ نہ آهن. ادب جا ڪي نمونا هڪڙن ملڪن ۽ ماحولن لاءِ ڪارائتا آهن پر هين لاءِ نہ آهن. افساني جو يورپي ۽ آمريڪي نمونو جنهن جو اڇلهہ هر هنڌ نقل پيو ڪيو وڃي سو اسان جي ڏانوَ وڻان ناهي.

اتي جي ماڻهن جو علمي، سماجي ۽ ذهني ماحول اسان کان ٻيو آهي. هو تاريخ جي هڪڙي ڏاڪي تي آهن ۽ اسان ٻئي تي. اسان کي افسانو نئين سنڌي نموني لکڻ ڪپي. بهتر آهي تہ افسانو سنڌو سڌو "ڳالهہ" وانگر هجي جنهن ۾ خيالي پور پچائڻ بدران سلسليوار واقعا بيان ڪرڻ ڪپن. اها ڳالهہ اهڙي هجي جيڪا اڻ پڙهيل به پڙهيلن کان پڌي سمجهي سگهن، جيڪا ياد ٿي وڃي ۽ جيڪا ڪڇهريءَ ۾ ٻڌائجي تہ ٻڌندڙن تي اثر ڪري.

## پنهنجي تاريخ پڙهو:

ڪهڙو نہ چگو ٿئي جو اسان جا لائق اديب سنڌ جي تاريخ جو مطالعو ڪن، چچ نامو، تاريخ طاهري، تحفتہ الڪرام، تاريخ معصومي، بيگلار نامو، نوائي معارڪ، ڪلهوڙن جي تاريخ وغيره تاريخون پڙهي اسان جي تاريخ جي ساراهن جو ڳڻ دورن مان مواد وٺي افسانا، ڳالهيون، داستان ۽ ناول لکن.

دولهہ درياهہ خان، شاهہ بلاول، صوفي شهيد، هوشو، هيمو پارن سرويچن جا احوال فني نموني پيش ڪن؛ چنيسر، چام فيروز، مير علي مراد جهڙن قومي غدارن جي ڪردارن تان پردو لاهن، اڇو ڪن چنيسرن ۽ علي مرادن کي بي نقاب ڪن ۽ انهن کي پنهنجو حشر تاريخ جي آئيني ۾ ڏيکارين. اسان جي وطن دوست اديبن کي لطيف سائين، سچل، خليفي نبي بخش ۽ هين نامور وطن دوست اهل ڪمال جو مطالعو ڪرڻ ڪپي. کين پنهنجي اڇوڪي دور جي قومي مفڪرن خاص ڪري

جي- ايم- سيد ۽ اياز جي لکڻين جو غور سان مطالعو ڪرڻ کپي. پير علي محمد راشديءَ جي ادبي ۽ تاريخي شاهڪار "اهي ڏينهن اهي شينهن" ۾ اسانجي ويجهڙائيءَ واري ماضيءَ جون حيرت انگيز تصويرون ڏسي سگهجن ٿيون.

ساڳيءَ طرح ادبي بورڊ جي لوڪ ادب سلسلي جي ڪتابن ۾ اسانجي اڳوٽي ثقافتي ورثي بابت اڻ لکيل مواد گڏ ٿيل آهي.

پنهنجي قومي شعور کي وسيع ۽ پختو ڪرڻ لاءِ اسانجي اديبن کي پين ٻولين ۽ قومن جي وطن دوست ادب ۽ وطني هيرن جا احوال پڙهڻ کپن.

آمريڪا، اٽلي، آئرلينڊ، پولنڊ، زيڪوسلواڪيه، چين، ڪيوبا، ويٽنام جي قومن پنهنجي وطني آزاديءَ جي جدوجهد ۾ عظيم ادب ۽ قومي هيرا پيدا ڪيا آهن. گئريبالڊي، لنڪن، مائوزي تونگ، هوچي منهه، فيدرل ڪاسترو ۽ چي گوارا جي زندگين جا احوال ۽ سندن لکڻيون روءِ زمين جي محب وطنن لاءِ شعل راهه آهن. اُسان جي اديبن کي انهن جو گهوڙهو مطالعو ڪرڻ کپي.

ناول جو هيرو ڪڏهن هڪڙو فرد هوندو آهي ته ڪڏهن سموري قوم. اسان جا جيڪي اديب قومي ناول لکڻ چاهين تنڪي روس جي جنگ آزاديءَ بابت لکيل ناولن جو مطالعو وڌي مدد ڏيندو. انهن مان گورڪيءَ جو ناول "ماءُ" آسترو وسڪيءَ جو "دارو رسن کي آزمائش" ۽ بورس پالي واءِ جو "چراخ جلتا رها" ۽ صدرالدين عينيءَ جي سرگزشت اردو ۾ ترجمو ٿيل آهن ۽ حيدرآباد ۾ ملي سگهن ٿا.

## پڙهندڙن جا فرض:-

جيئن دنيا جي هر مذهب پنهن جي پوئلڳن لاءِ کي فرض مقرر ڪيا آهن تيئن ڪابه قوم تيستائين قوم سڏائڻ جي لائق نٿي ٿئي جيستائين ان جا ماڻهو پاڻ تي کي فرض نه لاڳو ڪن.

سنڌي ادب کي پڙهڻ، ان کي ڦهلائڻ سنڌي وطن دوست اديبن کي همٿائڻ، سندن قدر ڪرڻ ۽ سندن مدد ڪرڻ اسان جو قومي فرض آهي. اسان کي ياد رکڻ کپي ته اسانجي قومي جدوجهد جو مهڙ وارو مجاهد دستو وطن دوستن اديب آهن. اسان جو ڪم آهي ته اسين سنڌي ڪتاب ۽ رسالا خريد ڪيون ۽ پين کي به خريد ڪرڻ لاءِ همٿايون. پنهنجي گهرن عزيزن، قريبن، يارن دوستن ۽ واقفن ۾ سنڌي ڪتابن رسالن ۽ اديبن جو ذڪر ڪريون ڪا سٽي شيءِ پڙهون ته اها ڪوشش ڪري پين کي پڙهي ٻڌايون. انجي تعريف ڪريون تڪليف وٺي پنهنجي راءِ لکي اخبار يا رسالي کي موڪليون.

اِهو ضروري ناهي ته اسان جي راءِ هروپرو عالمانه فاضلانه هجي. پلي جيڪي دل ۾ اچي سو لکي موڪليون. اِها گهالهه تمام اهم ۽ وڏي آهي. هر لکندڙ اهو معلوم ڪرڻ لاءِ مشتاق آهي ته پڙهندڙ سندس محنت جو کهڙو قدر ڪن ٿا.

اڳين زماني ۾ اديب نوابن ۽ بادشاهن لاءِ لکندا هٿا ۽ هاٿي گهوڙا ۽ سونيون مهرون انعام ملندو هون. اڄ اديب سڄي قوم لاءِ لکن ٿا ڇا آهي ايتري جا مستحق ناهن ته اسان کي سندن کا ڳالهه پسند اچي وڃي ته کين ۽ ۽ اکر ڏٺهي شاباس جا لکي موڪليون!

## سنڌي ادب کي ڦهلايو:-

سنڌي اخبارن رسالن ۽ ڪتابن سان هر هند ماڻجي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو ٿو وڃي. پبلڪ لائبريرين ۾ سرڪاري خرچ تي ڀين هوليين جون اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب گهرائجن ٿا. پر سنڌي اخبارون، رسالن ۽ ڪتابن کي نظر انداز ڪيو وڃي ٿو. سنڌ جي شاگردن ۽ ڀين واسطيدارن کي هر ممڪن ڪوشش وٺي اِها ۽ اکيائي بند ڪري ڪپي ۽ متحد ٿي جدوجهد هلائي سنڌي اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب گهرائڻ ڪپن.

سرنديءَ وارن سنڌين جهڙوڪ واپارين، زميندارن ۽ عملدارن جو فرض آهي ته پنهن جي ڳوٺ يا شهر ۾ لائبريرون قائم ڪن يا جتي اڳيئي لائبريرون آهن انهن کي مالي امداد ڪن کين سٺا قومي رسالا ۽ ڪتاب وٺي ڏين.

ڳوٺ جي باشعور نوجوانن ۽ پڙهيلن جو فرض آهي ته سرنديءَ وارن وطن دوستن سنڌين وٽ وڃي کين لائبريرين کي مدد ڏيڻ لاءِ آماده ڪن.

ڪيترا سرنديءَ وارا سنڌي رڳو انهيءَ ڪري اخبارون يا رسالا نٿا گهرائڻ جو هو چون ٿا ته اسانکي پڙهڻ لاءِ وقت نٿو ملي. انهن صاحبن کي ڪپي ته هو سنڌي اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب وٺڻ فرض سمجهي گهرائين. جي اتفاق سان کين پڙهڻ جو وقت نه ملي. اِهي پلي پنهنجي پارن ڪي يا عزيزن کي يا لائبريريءَ کي ڏيئي ڇڏين. جيڪي سرنديءَ وارا ماڻهو ايترو به نٿا ڪن تنتي تنقيد ڪرڻ ڪپي ۽ کين محسوس ڪرائجي ته هو قومي فرض ادا نه ڪرڻ ڪري ناقابل معافي ڪوتاهي ٿا ڪن.

## پنهنجا اخبارون وڪڻندڙ گهرجن:-

سنڌي ادب جي ڦهلجڻ ۾ هڪ مکيه رڪاوٽ اِها آهي جو اڪثر اخبارون ۽ رسالا وڪڻندڙ سنڌي ناهن. تنهن ڪري هو سنڌي رسالن ۽ ڪتابن جي وڪري ۽ ڦهلائڻ ۾ ڪابه دلچسپي نٿا وٺن.

اسان جي باشعور ۽ سمجهه دار محب وطن کي اِها جاچ ڪرڻ ڪپي ته سنڌي ڳوٺ يا شهر ۾ سنڌي اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن پهچائڻ جو موزون ۽ مناسب بندوبست آهي يا نه. کين انگ اکر گڏ ڪرڻ ڪپن ته سندن ڳوٺ يا شهر ۾ سنڌي اخبارون، رسالا ڳوٺ يا شهر ۾ ڪپن ٿا. جي مناسب انتظام نه هجي ته ڪوشش وٺي ڪنهن هڏ ڏوکي ماڻهوءَ کي اِهو ڪم ڪرڻ لاءِ آماده ڪجي ۽ سندس باقاعده وقت به وقت مدد ڪندو رهجي.

ڪجهه وقت ٿيو ته منهن جي ياءُ ۽ ڀين اسانجي ڳوٺ جي ڪالیجن شاگردن اسان جي ڳوٺ جنگ شاهي جي جاچ ورتي ته معلوم ٿين ته ڳوٺ وارا روزانو ٻه

درجن کن اخبارون ۾ کيترا رسالا وڻن ٿا پر سنڌي اخبار يا رسالا نالي کي نہ ٿا اچن! اخبارون وڪڻندڙ سنڌي نہ هو. کيس سنڌي اخبارون ۽ رسالا گهرائڻ لاءِ چيو ويو تہ جواب ڏنائين تہ "ماڻهو وڻن نٿا سنڌي اخبارون ۽ رسالن ۾ کا بہ دلچسپ ڳالهہ کانهي." شاگردن تنهن تي پاڻ ۾ صلاح ڪري هڪڙي باشعور ماڻهوءَ کي اخبارون وڪڻڻ لاءِ تيار ڪيو. ان بعد هو وفد ٺاهي ڳوٺ جي سمورن سنڌي واپارين ۽ سرندين وارن ماڻهن سان مليا ۽ کيتري بحث مباحثي ۽ زور بار بعد کين محسوس ڪرايائون تہ سنڌي اخبارن، رسالن جي سر پرستي ڪرڻ سندن قومي فرض آهي. ان بعد سنڌي اخبارون ۽ رسالا گهرايا ويا. اڄ اسان جي ڳوٺ ۾ ۲۰ کن سنڌي اخبارون روز ۽ هر مهيني کافي رسالا خريد ٿين ٿا.

سنڌ جي ٻين ڳوٺن جا محب وطن ماڻهو خاص ڪري شاگرد ۽ نوجوان بہ جيڪڏهن ائين کن تہ سنڌي اخبارون ۽ رسالن جو وڪرو چوڻون پنجوٽو ڪري سنڌي ادب جي قسمت بدلائي سگهجي ٿي.

سنڌي ادب کي گهر گهر پهچائڻ اخبارن ۽ رسالن جي اشاعت کي ٻيٽو ٽيٽو بلڪ چئوٽو ڪرڻ اڄوڪي دؤر جي سڀ کان اهم ۽ تاريخي ضرورت آهي. انهيءَ کان سواءِ سنڌي اخبارون ۽ رسالا پنهنجي پير تي هرگز بيهي نہ سگهندا.

## ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ بندوبست:-

سنڌ ۾ کيترائي وڏا وڏا ڪاليج ۽ اسڪول آهن جن ۾ هزارين وطن دوست سنڌي شاگرد تعليم وڻن ٿا. کيترن ۾ هاسٽلون آهن جن ۾ سوين هزارين شاگرد رهن ٿا. رڳو حيدرآباد ۾ ئي انجنيرنگ ڪاليج، سنڌ يونيورسٽي، زنانو ۽ مردانو ٽريننگ ڪاليج، گورمينٽ گرلس ڪاليج، زرعي ڪاليج ٽنڈو جام ۽ ٻيا کيترائي ڪاليج ۽ هاسٽلون اهڙيون آهن جن ۾ کيترائي سجاڳ ۽ هوش رکندڙ سنڌي آهن. پر انهن ڪاليجن ۽ هاسٽلن جي ويجهو سنڌي اخبارن ۽ رسالن جي ملڻ جو انتظام ڪونهي، جيڪڏهن اهڙو آسان بندوبست هجي ها تہ جيڪر سوين هزارين سنڌي شاگرد ۽ شاگردياڻيون "روح رهاڻ" جهڙي هر دلعزيز قومي رسالي ۽ ٻين سنڌي رسالن ۽ اخبارن کي ضرور خريد ڪري انهن کي زور وڌائن ها، ۽ پنهنجي قومي شعور جو معيار بلند ڪن ها. انهن ادارن جي شاگردن جو فرض آهي تہ پاڻ مان اهڙا قومي شعور رکندڙ شاگرد پيدا ڪن جي اهو ذمو پاڻ تي کڻي پنهنجي سير يا ڪنهن ٻئي جي هٽان پنهن جي اداري اندر يا انجي ويجهو گهربل اخبارن ۽ رسالن ملڻ جو انتظام ڪن. اسانجي نوجوانن کي انهن آزادين جي متوالن هندو سنڌي شاگردن جو مثال تازو ڪرڻ کپي جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ پنهنجون قومي اخبارون وڪڻڻ ۾ شرم بدران عزت ۽ فخر محسوس ڪندا هئا. اهو سنڌن ٻي ڪارنامو هو جو سنڌن قومي اخبارون ۽ رسالا ترقي ڪري مضبوط ٿي ويا ۽ اهڙيءَ ريت سنڌن

قومي آواز زوردار نموني هر هنڌ گونجڻ ۽ پڙاڏا پيدا ڪرڻ لڳو. پنهنجن ۽اخبارن رسالن بنا اسان جڏ ته گونگن جي قوم آهيون جنهن جو مطلب هيا ته ٻهيو پر اسين پنهنجا پاڻ ۾ سمجهي نه ٿا سگهون.

## نئين شعر کي عام ڪريو:

نئين سندي شاعري هيئنر ڦوهه جوين تي آهي. هن آب حيات جي درياهه ۾ ماضي ۽ حال جي بي انداز ٻڻڻ ۽ حيات بخش چشمن جو املهه آب سمايل آهي.

اياز ته ايڪ رانجهو لکان دامٽ آهي پر گهٽ پين ۾ ٻه ناهي. اچوڪي اردو شاعري جو حال ڏسي وري وطن ڏانهن نهار ٿي ڪجي ته ڪنڌ فخر وڃان اوچو ٿيو وڃي.

شعر گهائڻ جي شيء آهي. ريڊيو تان اسانجي نئين شعر کي اسانجن ئي يارن ڏيهه نيڪالي ڏني آهي.

ان ڪري سندي شعر کي گهائڻ ۽ عوام ۾ عام ڪرڻ جو فرض اسان مان هرهڪ کي ادا ڪرڻو آهي. سڀ کان پهرين گهالهه اها آهي ته اسان مان جيڪي پڙهيل آهن سي نون وطن دوست شاعرن جو شعر بر زبان ياد ڪن ۽ يارن دوستن ۽ محفلن ۾ اِهو پڙهي لطف پيدا ڪن ۽ ساڳئي وقت قومي شعور ڦهلائن. پرائمري اسڪولن جا سوين هزارين سندي ماستر نئون سندي شعر ياد ڪرڻ ۽ ڪرائڻ جو ڪم نهايت آسانيء سان ڪري سگهن ٿا.

يارن جو حافظو سٺو ٿئي ٿو. يارن کي چو نه نئون شعر ياد ڪرائجي ۽ سٺي نموني وڏي واکي وڏن اڳيان چوائجي. اِهڙيء ريت هڪ طرف سندن زبان ڪلندي، منجهائن ڊپ نڪرندو ۽ اسڪولن ۾ هوشيار ٿيندا ٻئي طرف منجهن نديي هوندي ڪان وٺي اعليٰ ادبي ذوق ۽ وطني شعور پيدا ٿيندو. يارن جا مائٽ يا اسڪولن جا ماستر اِهو ڪم سهڻي نموني ڪري سگهن ٿا.

تمهن کان سواءِ شاگردن، نوجوانن، شوقين گهائڻ وارن ۽ مقبول گهائيندڙن کي سڏا چوند وطني ڪلام ياد ڪرائي ڪانئن ڪڇهرين، خانگي محفلن، ميلن ۾ اِهو گهرائجي.

جيڪي دوست گذريل "جشن روح رهاڻ" ۾ موجود هٿا تن کي معلوم آهي ته نئون سندي ڪلام ڪيڏي بي پناهه مقبوليت حاصل ڪري چڪو آهي.

نئين سندي شعر کي مقبول بنائڻ جو ڪم ڪاميابيء سان سرانجام ڏيئي اسين قومي شعور جي پيڙهه پڙهين تائين پڪي ڪري سگهون ٿا.

## قومي ميڙ هلايو:

سندي ادب کي پڙهڻ، وطن دوست سندي ادب پيدا ڪرڻ، وطن دوست سندي اديبن جي همت افزائي ڪرڻ، وطن دوست سندي اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن جو وڪرو وڌائڻ، انهن کي هر هنڌ موجود رکڻ، سندي لائبريريون قائم ڪرڻ، اڳين لائبررين کي زور وڌائڻ، وطن دوست سندي ڪلام کي ياد ڪرڻ، ياد ڪرائڻ، گهرائڻ ۽ مقبول

بنائڻ جي هڪ قومي مهم سنڌ ۾ هلائڻ کپي. سنڌي ادبي سنگتن، شاگردن، نوجوانن، باشعور ۽ فرض شناس سنڌين کي قومي فرض سمجهي ان ۾ زور شور سان بهرو وٺڻ گهرجي.

ان مهم بابت احوال اخبارن ۽ رسالن ۾ موڪلڻ کپي. "روح رهاڻ" کي هڪ خاص خبر نامي جو صفحو اهڙين سرگرمين جي اطلاعن لاءِ وقف ڪرڻ کپي جن مان هين خبرن سان گڏ اهو به معلوم ٿئي ته "روح رهاڻ" جهڙي قومي رسالي کي گهر گهر پهچائڻ لاءِ کهڙا کهڙا قدم کنيا پيا وڃن.

پڙهندڙ دوستن کي صلاح آهي ته هو به پنهنجا رايا پيش ڪن.

●

مشرق جي مشهور شاعر، فلسفي هئيت دان ۽ زياضيدان عمر خيام جي ڇهين جي نوسو ويهين سالگرهه ملهائي ويئي. ان موقعي تي سوويت وچ ايشيائي جمهوريت جي اخبارن خاص نمبر شايع ڪيا جنهن ۾ عمر خيام جي زندگي ۽ سندس تخلقن مضمون ۽ مقالا شامل ڪيل هئا. عمر خيام تخليقي ڪم جي شروعات سمرقند (موجوه ازبڪستان) ۾ ڪئي جتي هو استاد هو.

۱۰۷۴ ۾ هن مشهور شاعر ۽ عالم کي دعوت ڏيئي اصفهان گهرايو ويو جتي ڪيس شاهي دربار جو وڏو هئيت دان ۽ صلاحڪار مقرر ڪيو ويو. اصفهان ۾ عمر خيام پنهنجو مشهور ستارن جي اپياس جو چارٽ ۽ سلجوق ڪئلينڊر تيار ڪيو. عمر خيام ڪيترين ئي تصنيفون لکيون، پر بدقسمتي سان اسانکي انهن مان ٿورين جي ڄاڻ حاصل ٿي سگهي آهي. ائين مشهور آهي ته خورزهيءَ آلجبرا جو بنياد وڌو. بهرحال خيام کان اڳ ان سائنس تي ڪو خاص ڪم نه ڪيو ويو هو. عمر خيام سلسلي ۾ اهو ڪارنامو سرانجام ڏنو جو الجبرا ۽ رياضيءَ جو ڳوڙهو اپياس ڪري آلجبرا ۽ رياضيءَ ۾ فرق متعلق اها دعوا ڪئي ته آلجبرا رياضي ڪم ۾ مساوات جي سائنس آهي. خيام اقليدس جي موضوع اصولن ۾ قير قار ڪم ڊيڪارٽس ۽ فرمات جي ڪوجناڻن جو بنياد ڳولي ڪڍيو.

عمر خيام هڪ مختصر ڪئلينڊر تيار ڪيو. هن اهو پڌايو ته نوروز جو صحيح وقت ۲۱-۲۲ مارچ آهي جڏهن رات ڏينهن هڪ جيڏا ٿيندا. مونجهاري کان بچڻ لاءِ ۽ سال جي پوري ورڇ ڪرڻ لاءِ خيام ليپ-ييئر (۳۶۶ ڏينهن وارو سال) کي متعارف ڪيو سندس ڪئلينڊر مطابق ۳۳ سالن ۾ ۲۵ عام ۽ اٺ ليپ ييئر ٿين ٿا.

سراسري طور تي سال ۳۶۵ ڏينهن واڌو ڏينهن جوڏهائي ۲۴۲۴ حصي جو ٿيندو آهي. ان جي معنيٰ اها کوٽ برابر ۱۹ سيڪنڊن جي آهي. اسانجي ڪئلينڊر مطابق اها کوٽ برابر ۲۶ سيڪنڊن جي ٿئي ٿي.

# اُجهاڻل ميچ ۽ اُڏندڙ رک

آءُ اڪين ۾ ٽٽل چنل خواب ڪٽي گهمندو هوس. ٿڪندا، اڏڻ. رات جو ميس مان ماني ڪائي اچي روم جي نيريءَ ٽڏاڻ ۾ خوابن جا اڏڻ پاڻ ۾ ڳنڍيندو هوس. ننڍين نيٽين ڇوڙين جا ننڍا نيٽا خواب، جيڪي اسان سان گڏ پڙهنديون هيون. ڪاپي پانهن وهاڻي هيٺان ڏيئي، مٿان ساڇي پانهن رکي، ڇڻ سڄي ڪائنات جي سونهن کي پاڪر ۾ پرڻ جي ڪوشش ڪندو هوس، ڇوريون به ته ڪائنات جي سونهن جو حصو آهن. سامهين ٽيبل تي ڪورس جا ٿلها ٿلها ڪتاب مورهين ڪونہ وٽندا هٿ ۾ پاسيرا ڪري ڇڏيندو هوس. Chemistry جا ڪتاب ته خار مان هيٺ آڇلائي ڇڏيندو هوس ۽ پوءِ رات جو دير سان ٽيڪ ٽيڪ ڪري اينڊڙ پارٽنر هيٺان اچي ڪٽندو هون. ڏاڍو ٽڏو ۽ ذهين هو. ڳالهه ڳالهه جي ڳچيءَ ۾ گلن جو هار وجهي ڇڏيندو هو.

اُن رات ورانڊي جي فرش تان ترڪندو آيو ۽ زور سان اچي در کوليائين. مون اکيون کوليون، الائي ڪٿان گهلجي اچي ڏيمي روشني واري روم ۾ پيو هوس. مون اونگٽ ڪري پاسو ورايو، ڇڻ وري پانهون موٽي اُڏندڙ رنگن کي ڇُهڻ لاءِ موٽي ويس.

"پارٽنر!" ڪٽ تي پنهنجو پاڻ ڇڏي، فڪر جي ڪوهيڙي ۾ ٻڏل آواز ۾ سڏ ڪيائين.

"هون."

"ڏاڍو اڇاڻ آهين، آوازن کان بي خبر ننڊ ۾ خواب ڏسندو آهين، جاڳ ۾ خواب ڏس نہ."

"ڇڏ يار، جاڳ ۾ خواب ڏيئو پون."

"ننڊ ۾ نٿا ڏين؟"

"ڏين ٿا، پر وريو ڳنڍ ڏيو ڇڏيان."

"هينئر اُٿي دريءَ مان ٻاهر نهار، خواب کونہ ڏيندا. رات جي سانت جي آوازن کي به ته ٻڌندو وڃ. انهن کي پنهنجي زبان آهي، پنهنجي وڃت آهي، پنهنجا رنگ روپ آهن، پنهنجي خوشبوءِ آهي."

۽ پوءِ پوڙهي لکنوي چوڪيدار جو آواز رات جي ڪاريءَ ڇاتيءَ اندر لهي ويو. آواز ۾ عجيب درد هو، جو دل جي تهن مان نڪندو ويو هيٺ. هڪل ڪانہ هڻي ڇڻ ڪو سڏ هو، لکنو جي گهٽين کي، درن درين کي، شامن کي.

"پوڑهي لکنوي کي سڏيندي سڏيندي ورهيه گذري ويا آهن،" پارٽنر جي آواز ۾ درد جي گوراڻ هئي، "پوڑهي وٽ لڙڪن جو ٿر کو درياءَ آهي، جو رات جي سانت ۾ آڇل کائيندو آهي. ڪاش! اها آڏل ٽون ڏسي سگهين." ڇڻ سندس عينڪ جا شيشا ٻري آڏيا هجن.

آءٌ دريءَ وٽ اچي بيٺس. هيٺ سامهون ليڪچرر جي گهر ۾ کو گلاس ڪريو ۽ ٻوءِ پوڑهي جي هڪل (سڏ) رات جا خاموش سُر، باغ مان ايندڙ ڏيڏرن ۽ جيٽن جا آواز مونکي ائين محسوس ٿيو، جڻ واقعي ڪائنات ۾ آندو اٿم. ٻوءِ ڪجھ ڪجھ دير کان ٻوءِ جڏهن اکين ني نند جا ڪپهه هاڻا ٿهه چڙهندا ويا، ڪنڌ کي ٻ هلڪا هلڪا جهوٽا آيا، تڏهن آءٌ ڪورا ڪورا پير سيريندو اچي کٽ ني ڪريو هوس. پارٽنر جو هلڪو هلڪو کونگهرو هيڏانهن هونڊانهن پئي ڦٽڪيو، جهڙو سندس روح. 'پينسان، کونگهرا ٻ آهستي ٿو هٽي، عجيب گهرو ۽ ڏيمو ماٺهو آهي!' دل ۾ سوچيم. آهستي آهستي ٿي نند جي اونهي کوهه ۾ لهي ويس.

صبح جو هٿ ۾ ڏيئي، چاڙهيءَ تان هيٺ لٽاسين. پوڙهو چوڪيدار ڪنڌ ۾ چاڙهيءَ هيٺان کٽ وجهيو ويٺو هو. سندس اکيون پورجيو، وري بند ٿيو ٿي ويون. جهوڻن جي دنيا ۾ پئي ڪٽيو. ٻهريون پيرو مون گهوري نهاريومانس. اڳ ٽ صرف چهرو ڏٺو هومانس.

"چا ٿو نهارين؟" اهوئي پارٽنر جو ٻڏل آواز.

"پوڙهي کي.... ويچارو...." اکر نڙيءَ ۾ اٽڪي پيم.

"ايستائين نظر پهچيو وڃئي؟"

"ڪيستائين؟"

"پوڙهي تائين، جيڪو هزارين ميلن جي مفاصلي تي ويٺو آهي."

"هزارين ميل!"

"ها! اڄ هرڪو پٽر پئي پٽر کان هزارين ميل پري آهي."

مون کي ائين محسوس ٿيو، جڻ آءٌ واقعي پارٽنر کان ڪجھ پنڌ پري ٻيٺو آهيان. جيٽ جي پهچ کان ٻاهر، مفاصلن جا ڪارا پٽا ڪيترا نه ڊگها ٿيندا وڃن.

اسين هاڻي نڪري ٻاهر ٻاهر آياسين. رستي جي ٻنهي ڪپرن تي ٻيلن نمن جي خوشبوءِ فضا ۾ ڇانئجي ويئي هئي. رکيو رکيو سنهڙيءَ هوا ڇهندي ٿي ڏني. اسان جا پير سُڪل پنن تي ٿي وڃيو پيا. پريان ڪاليج جي عمارت وٽ چوڪريون بٽ وٽيندیون، سنهڙا سنهڙا ٽهڪ گهوريندیون، هيٺ ٿي لٽيون ۽ پوءِ سيلهارا ڏيندیون، هر وک سُرتار تي ڪٽندیون، ڪاليج جي دروازي اندر لهندیون ٿي ويون. بٽ هڪڙي

هنڊ تہ بيهين ٿي نڪي. ڪنڊين جو نديڙو پروچ چوڪرو چانهه جي ٽري ڪڍيو، چوڪرين جي ڪامن روم ڏانهن رڙهندو ويو. مون مٿاچرو چوڪر جي ٽڪن واري ٽوپيءَ ڏانهن نهاريو، اندر جي اڪين ۾ چوڪرين جا جسم جڪڙيل هئا.

"اڪين ۾ نديڙا پٽسا ٽانڪيل اٿس." پارٽنر چوڪري ڏانهن نهارندي چيو،

"خبر نہ آهي، اڪين مان چو ڪاراڻ ۽ چمڪو موڪلائيندو وڃي. لپ سرمي جي وجهه تہ بہ رڻ واريون ويرانيون ٿي ويرانيون."

"بس، سڄي لهه وچڙ نديڙي پٽسي تي آهي. نديڙو پٽسو مڙهه جو جڙ آهي، جنهن تي هڪڙو پٽي ڪي دَسي ڪُٽڪارا ڪندو آهي. اڪين ڪي ڪير ٿو پڇي."

"سچ ٿو چئين.... سچ ٿو چئين...." جڙ پنهنجي ٿي آواز ڪي دل جي گهراين اندر لاهيندو وڃي.

اسان هاڻي ٻن چوڪرين جي پويان پويان چاڙهيءَ تي چڙهي رهيا هئاسين. آگهاڙا ۽ گرم جسم منهنجي ذهن جو لوڙهو ٽپي آيا. اسين گڏ هوندي بہ ڏار هئاسين.

مٿي چڙهي، نظرن کي هيڏانهن هوڏانهن آڇلايوسين. سامهون ٻن ٽن چوڪرن نوٽيس بورڊ تي پٽي ڪجهه پڙهيو. هڪ چوڪرو ڳرا ڳرا قدم ڪنڊو، لئبريري اندر پٽي گهڙيو. الائي ڇو صبح کان وٽي هرڪنهن جا قدم ڳرا ڳرا پيٽي محسوس ٿيرا. ڏرتيءَ جي ڇڪ ۾ واڌ اچي ويٽي هٽي يا ذهن تي پيل بار جو اثر پيرن تي بہ ٿيو ٿڪي، رڳو مون تي نہ، پر جيڪي ڏٺم انهن تي بہ. پنسان رڳو چوريون چڙڪ آهن، جواني جي ڪهر تہ متن ڦٽيٽي نڪي.

"اڄ تو وارو بنگالي يار نڪو ڏسجي، سڄو ڏينهن چهٽو پيو هوندو آهينس."

"خبر اٿي ڇو؟" سندس عينڪ ٻي سوال جي نشاني آڏي آڻي.

"آءٌ بنگاليءَ کي سونگهيندو آهيان."

"سونگهيندو؟"

"ها! مونکي منجهانئس ڏرتيءَ جي خوشبوء ايندي آهي. مون ۾ ٿي پيا بہ بنگالي سونگهي ڏٺا آهن."

"گرم ۽ پگهريل جسم ڪونہ سونگهين؟"

"پٽ، ڏوهہ ڪونہ اٿي. ڳاڙها ڳاڙها ڪڪ رنگا جوان جسم سونگهي ڏٺا اٿي عورتن جا. عورت جي تہ ڪابہ قوم ڪانہ ٿيندي آهي، پر ڏرتيءَ جي خوشبوء کي وڌيڪ لطافت مليل آهي مڙا ذهن صاف ڪر."

"پلا سنڌين مان ڪا. "

"انهن کان خوشبوءِ موڪلائي ويئي، رنگ موڪلائي ويا." چهري تي ڏک جي ميڙي آيل ريکائن منهنجي مرڪ ڦري ورتي. چنبي چنبي ذهن تان لٽ لاٿيم تہ وري ڪورو ٿي ويو.

"اِهو ٺيڪ آهي، پر سنڌين جهڙو قرب، پيار ۽ سڀاجهڙائي ٻئي هنڌ نہ ملندءِ."

"ها، ڪلهہ اسپتال ۾ ويس، مون واري ڊاڪٽر دوست وٽ ٻن ٽن سنڌين جا رت ۾ ٻڌل لاش ڪڍي آيا پوسٽ مارٽم لاءِ، ڈاڍو پيار ۽ سڀاجهڙائي ڏٺم." سندس لفظن ۾ زهر پرجي آيو.

"هي ڪنهن ملڪ ۾ وڃي ڏس، پوءِ قدر پوندءِ بي قدرا!"

"ها! آءٌ ٻاهر ويندس تہ جاندار سسين تي بي جان ڪهاڙين جا ڏڪ ڪونہ لڳندا."

"الا! تو سمجهين ڇو نٿو تہ جيڪي ماڻهو شديد نفرت ڪندا آهن، سي اوترو گهاٽو پيار ٻہ ڪريو ڄاڻن. بناوت ۽ هلڪڙائي تون سنڌن نفرت ۾ ٻہ ڪونہ ڏسندين، محبت ۾ ٻہ نہ. محبت ۽ نفرت جي اظهار لاءِ وٽن لفظ ٻہ گهرا ۽ مضبوط آهن. C.S.P پولين وانگر هلڪڙا نہ آهن. هوليءَ جي لفظن تي ڪڍهن ويچار ڪيو اٿئي. باقي رت سان هٿ ڳاڙها هر قوم جا آهن. وچ واريءَ شيءِ تي ٻہ غور تہ ڪر."

"هون!" آءٌ سندس ذهن جي تيز وهندڙ واه مان هڪ شاخ ڪيڏ ۾ ڪامياب ٿي ويو هوس، "واقعي."

گهنڊڻيءَ جي آواز تي ڪٿين آواز جاڳي آٿيا. پيرن جي ڪٽ ڪٽ، ڳالهين جا آواز، ٻاهر گيٽ تي موٽرن ۽ ٽانگن جا آواز. ڪلاس ۾ هلي اچي ڇوڪرين جي پويان ويٺس ۽ هو بنگالي پار جي پر ۾. سڄي ڪلاس جي لوهائين مشين چالو ٿي ويئي. ليڪچرر جا آٽوميٽڪ اشارا، ڇوڪرن جو اٿڻ وهڻ، لوهہ جهڙا سوال، لوهہ جهڙا جواب. صرف ڪڍهن ڪڍهن پارٽنر جي عينڪ ۾ جان جو احساس ٿئي ٿيم.

پارٽنر حو شام جو روز هاسٽل مان نڪري ٻاهر گهمڻ ويندو هو. ٻين گهمندڙن جو رخ ترڪندڙ روڊن، سينو جلائيندڙ بلبن ڈانهن هوندو هو. هن يار جو منهن جهنگ ڈانهن، وڻ، چنبي، تارا ڏسي ٽڏا ساهہ پريندو هو. اڄ خلاف معمول الائي ڪيئن سڄ لٽي سان روم ۾ حاضر هو. اوپرو اوپرو پٽي لڳو. روم جي چٽ ڈانهن نهاريائين ۽ ٻوءِ اٿي سڀ تي هٿ رکيائين. ڏڪي سان اونداهين ۾ هليا ويا سين. ٻيو ڏڪو ٿيو. روم ۾ هلڪي نيري روشني مُرڪي پيئي.

"ڇو؟"

"مونکي تيز شيون ڪونہ وٺن، روشني، ڳالهاءِ سڀ...." ٿوري دير جي خاموشيءَ کان پوءِ وري ڪيو، "بنگالي پيو سکان."

"ڇو؟"

"بنگالي ۾ شاعر کي ڪووي چوندا آهن."
"ان ڪري ٿو سکين."
"ها، ڪوي ۽ شاعر جي لفظن ۾ وڏو تفاوت آهي."
"تفاوت هجي نہ هجي، باقي اهي لفظ ڪم ته هڪڙيءَ مخلوق لاءِ ايندا آهن."
"غلط."
"چو؟"
"جڏهن به ڪووي يا ڪوي جو لفظ زبان تي اچي ٿو، تڏهن ائين ٿو محسوس ٿئي ته جڻ ڪو وڏيءَ ڏاڙهيءَ سان گيڙو رتي لباس ۾ ڪو ماڻهو آهي، هٿ ۾ يڪتارو اٿس، پير ڏڏڙ ۾، اکيون آسمان جي نيراڻ ۾ ڪتل اٿس، ڪي ازلي نغما ٻيو گائي، سندس نغمن سان سڄي ڪائنات ڪر موڙي وڃي آئي آهي. هِن پار کان هُن پار تائين يڪو ڪو سُر آهي، جنهن جي ڏندن ۾ سڄي ڪائنات ويڙهيل آهي."
"۽ شاعر؟"
"پان جون گاڙهيون پڪون ۽ زبان درازي. منهنجي سنڌي ذهن ۾ اهو لفظ پڃيئي نٿو."
"سنڌيءَ ۾ لطيف جهڙي انسان کي شاعر چوندا آهن، سو؟"
"ان کي شاعر نہ سائٽر چوندا آهن، جنهن کي پنهنجي وڃت آهي. لطيف کي ڪو جڏهن شاعر چوندو آهي، تڏهن ڏڪ ٿيندو اٿم."
"هون...." وري ڏکهي خاموشي، سگريٽ جو جلڻ، ماچيس جو ٽڪاءُ، هڪ ٽڪو سوٽو.
"اڄ پنهرن جو پرٽين وڻ هيٺان ٻيٺو هوس. جهرڪيءَ پنهنجي پڇڙي کي چُوڻ پئي ڪرائي. چهنب ۾ داڻو ڪٽيو پڇي اڳيان ٽي ڪيائين ۽ پڇي داڻو چهٽيو ٽي ورتو، تڏهن مونکي خبر پيئي ته گونہ ٻُڌ ڇا هو."
"اڇا!" گهري ماٺ.
"هو هو." پوڙهي چوڪيدار جي هڪل پوري ٽي ويئي، جڻ کي ڦٽڪندڙ آگريون هيون، جي ڪنهن آسماني ساز جي تارن کي ڇيڙيندیون متي هلندیون ويون ۽ تارون وڃندیون رهيون ۽ پوءِ چاڙهيءَ تي ٽڪاءُ ٿيا. شايد پوڙهو چوڪيدار لٽ کي ٽيڪيندو متي پئي آيو. هاڻي لٽ جا ٽڪاءُ وراندي ڏانهن وڌندا آيا، 'ٽڪ.... ٽڪ.... ٽڪ. هن اڪيلي انسان جو ساٿ بي جان لٽ.... الا!' اکيون پورجي ويم. کا پيڙا من اندر لهي آئي. 'ٽڪا!' لٽ جو ٽڪاءُ در سامهون ٿيو.
"چاچا!" پارٽنر سڏ ڪيس.
"جي پٽ." آواز ۾ ڳوراڻ ۽ درد هوس.
"هيڏانهن اچ."

"هائو پٽ،" نڪاءُ ڪندو، ڏڏندو روم ۾ منڊي آيو، "ڇاهي پٽ؟"

"چاچا ويهه ڳالهيون ڪريون."

"ڪهڙيون ڳالهيون ابا؟" جڏ ائين چوندو هجي ته هڪ ٻئر ٻين ٻڙن سان ڳالهيون ڪندو.

"چاچا، تون هيترو پوڙهو ٿي ويو آهين. ٽنگون ۽ هٿ پيا ڏڪئي، پوءِ به پيو چوڪيداري ڪرين؟"

"پٽ، پيٽ ڏي ته وڃي بچيو اٿم. ان جي خدمت نه ڪريان ته ڪنهن جي ڪريان. اِهو پربو آهي، تڏهن ڏي ته يادن جا ڏيئا اونداهي ذهن ۾ ٻرڻ لڳندا آهن. اِهي يادون ڏي آهن، جن جي آسري تي پيو ٽڪان."

"شاعريءَ سان دلچسپي اٿئي چا؟"

"بلڪل بلڪل." پارٽنر رڳ ۾ جهليو هوس.

"ته پوءِ خدا جي ڏني مان ٻڌاءِ."

پوڙهي ڪنڌڪار ڪئي ۽ وطن جي ياد متعلق ڪيترا اردو شعر ٻڌايائين، جيئن پوءِ ٽيئن سندس آواز ۾ ڏڪڻي ايندي ويئي. جڏ سُرن کي ڪنهن سير وجهي چڏي هجي ۽ درد وچان ڦٽڪندا هجن. ڪنل آواز روم جي پٽين سان ٽڪرون هڻي هڻي بس ٿي ويو.

"چاچا!" پارٽنر ٽڏو ساهه پري چيو، "هاڻي آءٌ ڪجهه ٻڌايائين."

"پلي." چاچي جهيڻي آواز ۾ چيو.

پارٽنر پٽائي جي سر مارئي جي بيتن جي معنيٰ ڪري ٻڌايس. چاچي جي ويران ۽ پيليل اکين مان ٽپ ٽپ لڙڪ وهڻ لڳا، چپ ڦڙڪڻ لڳس ۽ آهستي آهستي سڏڪن ۾ ڦٽجي ويو. پارٽنر بيٽ بند ڪري وهاڻي تي اوندو منهن ڪري پئي رهيو. سڏڪا پريندو چاچو روم کان ٻاهر نڪري ويو. ورانڊي ۾ لٽ جو ڏڪاءُ جيئن پوءِ ٽيئن پري ٽيندو ويو. جڏ افق ڏانهن پئي ويو، جتي هرڪا شيءِ ڏندن ۾ ڦهڪي گم ٿي ويندي آهي.

"هو!" ڪڇ وقت کان پوءِ هڪل ڪيائين، جڏ آسمان تان موٽي ڏرتيءَ تي لهي آيو.

"پارٽنر، ڇگو نه ڪيئه."

"تون چا چاڻين ته جڏهن دل کي وڌ ايندا آهن...."

"پر ذهني عياشيءَ لاءِ ڪري...."

"پر تون ذهني عياشي چاکي ٿو چئين؟" منهنجي ڳالهه اڻو زور سان ڪٽيائين جو آءٌ ڪهرائجي ماڻ ٿي ويس.

ان رات جسمن جا سپ سپنا موکلائي ويا. اڌوريءَ نند جو زهر پي، هيڏانهن هوڏانهن پاسا ورائڻ شروع ڪيا هئس. صرف پنهنجن پاسن ورائڻ جو آواز ٿي آيس يا گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ. چاچي جون هڪلون ته سڏڪي سڏڪي شايد سمهي رهيون هيون.

"ٺڪ!" منهنجون زوري پوريل اکيون پٽجي ويون. چاچو لٽ کي ٽيڪيندو مٿي چڙهندو آيو. وراندي جون روشنيون جاڳيل هيون. پٽين دريءَ مان ڏيڏرن جي ٽان ٽان جو آواز پئي آيو. ڪڏهن ڪڏهن واءُ جي زور تي چاچي وانگر چڪيل پن ڦڙڪندا ٿي اڏائل، ڇڻ سڏڪا پريندا هجن. چاچو هائي ڇت تي چڙهي ويو هو، جو مٿان 'ڏم ڏم' جا آواز پئي آيا. 'پر اڳي ته ڇت تي ڪونه چڙهي....' پري ڪنهن ننداڻڪي روڊ تي ڪا ٽرڪ وڃندي ويئي خاموشين کي سجاڳ ڪندي. اوچتو ڏي اوچتو ڦهڪو ٿيو 'ڊز ڊز ٿي' ڇڻ ڪا ڪٽڪ جي پريل ڳوڙ ڪنهن ڇت تان ٽپلهائي وڏي هجي. مون کان رڙ نڪري ويئي، "پارٽنر!" آءٌ در کي سٽيندو ٻاهر نڪري آيس.

"ڇا ٿيو؟" پارٽنر به ٻاهر نڪري آيو. درن جا ڦڙڪا، بلبن جو ٻرڙ، سيني رومن کي روشني وکوڙي ويئي.

"ڇا ٿيو؟ ڇا ٿيو؟" سپ شاگرد خاموشين جا ڪمبل لاهي، ڪمرا کولي ٻاهر نڪري آيا.

"پانيان ٿو چاچي آپگهات ڪئي آهي،" مون پنهنجو پاڻ سنياليو، "مٿي ڇت تي پئي هليو ۽ پوءِ ڦهڪو ٿيو."

"ڪٽان ڪريو." پارٽنر پڇيو.

"اُپرندان."

پارٽنر اُپرندي ڏوڙ پاتي. شاگرد وري الهندي چاڙهيءَ ڏانهن لهڻ لڳا. "هَڙ!" مون کان چرڪ نڪري ويو، "پر پارٽنر ايڏانهن ڪيڏانهن؟" مون سندس پويان ڏوڙ ڪئي، "اتان چاڙهي ڪونهي.... چاڙهي ڪونهي." ڏوڙندي ڏوڙندي پويان ڪالر مان وڃي جهليومانس، "ڪرندين ڪونه اِتان هيڏانهن هل."

"هان،" ڪنڌ کي جهٽڪو ڏيئي مٿي ڪنيائين ۽ پوءِ اسين چاڙهي ڏوڙڻ لڳاسين.

چاچي پڪ آپگهات ڪئي هئي. پٽ تي رت ۾ لٿڙيو پيو هو. هڪڙي سير تارونءَ وٽان ٿي آئي هيس، بي لوندڙيءَ وٽان، ڪجهه رهڙون ٻانهن تي هيس، بافتي جي ٽلهيءَ قميص تي هنڌان هنڌان رت جا ٽڪا نهي ويا هئس. ٻانهن وٽان قميص کي ڏگهو چير اچي ويو هو. هو جيئري اهڙا ڪيئن چير دل ۾ سانديءَ هلندو هو. وات ۽ نڪ مان رت سيرون ڪري هيٺ وڙهو هوس. ڊاڪٽر جا هٿ ٿي ڪونه نصيب ٿيس.

صبح جو سڄي هاسٽل تي ماٺ جي ڇپ ڪري پئي هئي، نه ته ٻاڪرا ڦر ڏندن تي برش جي واڪ واڪان، زور سان هڪٻئي تي ٿوڪرون، سامهون ٽانگن مان

لهندڙ چوڪرين تي ريمارڪن جون گوليون، ٻوڙون، دروازن جا ٽڙڪا. ان صبح تي هرڪا وڪ ڪوري هرڪا دل ڪوٽين سان سٽيل هٿي.

مقام جي مات جهيڻن جهيڻن سڏڪندڙن آوازن جيءَ ڏنڊ ۾ جاڳي پيئي هئي. اسان مقام ۾ گهڙياسين. ٻن ڪوٽيل قبرن جي صفائي پئي ٿئي هڪ ٻئي سان لڳ. ڪوٽيندڙن ۾ ٿي ڪوڏر جا لپا هڻيو ڏڏا شوڪارائي پريا، نرڙ تي مڙي آيل پگهر ڪي ڏسٽيءَ آڳر سان چنڊي وريو ڪوڏر سان رهڙا ٿي ڏنا. ڏرتيءَ ڪي لسوٽي ڪين ته جيئن آتي جي رهاڪن ڪي ڪا تڪليف نه پهچي. اِهو به چگو جيڪي جيئري هوندي ٻهرن جي آپن ڪنڊن تي سمهندا آهن آهي مٽي ڪانپوءِ نرم لسيءَ مٽيءَ تي سمهندا. ٻن قبرن ڏانهن ڏسي پارٽنر چيو.

"اڇا به ٻن اڏن ۾ ورهائيندس ڇا؟"

"نه، هوءَ قبر ٻئي لاءِ پيئي تيار ٿئي"

اسين رڙهي قبر صفا ڪندڙ ڏانهن آياسين. پارٽنر جهيڻي آواز ۾ پڇيو،

"پائو ڪير مڙس آهيو؟"

"سومرا."

"ڪير گذاري ويو آهي؟"

هن همراه جو چاچو."

"ڇا ٿيس؟"

"پائو مڙس اٽ ڪور چگو پلو هو رڳو ڪڍهين ڪڍهين ونيو ائين دورو چڙهندو هوس پر سٽ جهلي ويندو هو. ڪلهه ميهر صاحب کي سيڙ قرض ڇڪايوسين. اسان کي چيائين ته هاڻي هتان لڏيو، شهر جي ٻر آهي آڻون بنگلا ٺهرائيندس وڃي ڪو ٻيو زميندار تاڙيو، اسين ورهين کان اِتي ويٺا هٽاسين. اسان جون پُريون اتي پوريون ٽي ويهون هُيون ڪا ڪڍهين اهڙي ڳالهه ڪا نه ٿي سو جو چاچي ٻُڌو ته لڙائين ٽا ڦهڪو وڃي پٽ تي ڪيائين. ساه نه ٿو ڏئو نه مون ڏٺو الائي ڪنهنجو هو ۽ ڪيڏانهن ويو...." همراه جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا، "چاچو هتي لڏي آيو اسين ڪنهن ٻئي پاسي لڏي ويناسين."

"ڪيڏانهن."

"گهٽيئي خدا جو ملڪ ٻيو آهي." آسمان ڏانهن نهاريندي چيائين. مونکي ائين محسوس ٿيو جڏ سندس روح سان گڏ سندس آواز جي پکيءَ جي ڪا به منزل نه هجي ۽ ائين بيقرار آسمان جي وسعتن ۾ ڊوڙندو هجي جيستائين هڏي هڏي ڪنب نه ٽٽنس.

"ٻنهين ميتن کي هڪڙيءَ قبر ۾ پورڻ گهرجي." پارٽنر آهستي آهستي مونکي چيو.

"هون!" مون چرڪ ڀريو

"ٻئي بي وطن ٽي سڳا" هو سوچ ۾ ٻڏي ويو ڪجھ دير ڪانپوءِ وري ڪڇيو، "تون ۽ آئون به بي وطن ٿي مرنداسين."

ورندي رات به هاسٽل ۾ ماٺ مائوڙو لڳو پيو هو. هُل ۽ ڏوڙ بدران هرڪو موت جي عظمت هيٺ دٻجي ويو هو. هيٺ فلسفي جي ليڪچرر جي گھر ۾ ستار ٽي ڪنھن نيم ڪلاسيڪل هندي ڌن جا سُر ٻري اٿيا هٿا ۽ آئون سُرن ۾ لڙھي ويس. ڪجھ ڪجھ دير ڪانپوءِ جڏھين هاسٽل جي ھڪ ھڪ روم جو بلب موڪلائي چڪو هو تڏھين پارٽنز ٽڙندو روم اندر ڊري آيو. ڪجھ مان ڳاڙھسري بوتل ڪڍي ٽيبل تي رکيائين.

"هي ڇا؟" مونکان اڳيون پويون موڪلائي ويون.

"ڳاڙھو نَرو ڇھين رپئين جيڪا بوتل ملندي آهي."

"پر...."

"پر ڇا"؟ تيزئي پڇيائين اھڙي تيزي اڳ ڪڍين به کا نہ ڏسي هٿائين.

"اِهو ڳاڙھو تنھنجو سر ڦٽي ڇڏيندو. ايڏا ڪا شئي هُجي هيءُ تہ اندر وڃي ڇڏيندءِ"

"اندر اڳ ۾ وري ڪھڙو سڄو آهي جو وڃي ڇڏيندو."

"پر اِهو تہ تون پنھنجو رت ٿو پئين."

"جڏھين ميخاني ۾ پرائي رت جي لٽ لڳي پيئي هجي تڏھين جي مون پنھنجي رت جو چڪو پيتو تہ ڇا ٿي ويو."

هو پيئندو رهيو، فجر جو منھن جي اڪ ڪلي پاڻ وھاڻي ڏانھن پير ڪيو سُتو هو، هڪ پانھن هيٺ لڙڪي پيئي هيس. بوتل کو ٽيڙ ڪاڏو هو سا فرش تي وڃي ڪري هئي. شيشي جا پکڙيل ٽڪر هٿ ۾ کنيم ڇڻ سندس دل جا ٽڪر هٿا ۽ دريءَ مان ٻاهر آڇلي ڇڏيم.

●

# موهن جو دڙو

## ( باب ڏيون )

سنڌيا ويل سپ وسندیءَ وارا مهاويد آتم تارا جي خوشيءَ جو جشن ملهائڻ لاءِ اوچا وڳا پهري مکي پنداري سمبارا جي رتول آڏو گڏ ٿيا. جيسين مهاويد پوجارٽين-پوجارن جي سات سان ٻاهر نڪري تيسين وسندیءَ وارا ٻاهر ميڙو مچايو وينا هئا. وسندي جي حسين نينگرين وڏن گهيردار پڙن کي لمڪا ڏيو پٽي ناچ ۽ ناڏ ڪيا. ڏهلارين ڏهان سان گڏ پٽي جهمر پايو تمال هنئي. سارو وايو منڊل چيچ ۽ چمڪارن-ڪيچ ۽ ڪلڪارين جي آوازن سان گونجي رهيو هو.

گهٽيءَ ديءَ ڪانپوءَ جڏهن مکيءَ جي رتول جي وڏي در جي ڏاڪن تان هيٺ ۽ اچن وڃن ۾ ويڙهيل پوجارا ۽ پوجارٽيون هٿن ۾ هرندڙ اماڙيون ڪنيو سنک-ڏنڊ، ٽليون، جانجهه، چنگ، ڪماچ وڄائيندا ٻاهر آيا تہ انهن جي پٺيان ٻي مهاويد آتم تارا، مهاپوجاري، مکي پنداري سوشوما ديجي ۽ شيوا ديجي ڏسڻ ۾ آيا. مهاويد جو درشن ڪندي ٻي جيڪو ماڻهو جت سو تت پنڌ پهڻ ٿي ويو ۽ سيني گوڏن پر بهي پانهون ٻڌي ڪيس پرنام ڪيو. مهاويد آتم تارا پانهن مٿي ڪٽي ڪين اشيرواد ڏنو. مهاويد کي هڪ جهاڻ ۽ جهولڻ سان سينگاريل پوٽيءَ تي وهاريو ويو ۽ سپ وسندي وارا ساٿس گڏجي پوچا گهر وڃڻ لڳا. سيني کان اڳيان مهاپوجاري هو. ان جي پٺيان پوجارن ۽ پوجارٽين جو هڪ وڏو جٿو. انهن جي پٺيان اڪو ٻڌل نيري ستارن جڙيل شال ۾ ويڙهيل شيوا ديجي ۽ سندس سرتيون. ان جي پٺيان پوٽيءَ تي ويٺل مهاويد. ان جي پٺيان مکي پنداري ۽ سوشاما ديجي ۽ انهن جي پٺيان سپ وسندیءَ وارا هڪ قطار سان هلي رهيا هئا. رات جي سانت ۾ اهو سمورو ساٿ ستارن پرئي سرگڏام جي هيٺان. ڏنڊ ٽلين چنگ ۽ ڪماچ جا مڌر آلاپ چيڙيندو نهايت ٻي تپسيا سان پانهون ٻڌيو پوچا گهر ڏي وڌي رهيو هو.

وسندیءَ کان پريپرو هڪ وڏي متاهين دڙي تي پوچا گهر جون ديوارون ٻڌل هنيون. جنهنجي چوڌاري ميوي دار وڻن جا جهنڊ ۽ ساوا سُڪاريا کيت سدائين پيا لهرائيندا هئا. پوچا گهر جي اوچين ديوارن جي اندر ٻي وڏا مٿيءَ جا بت رکيل هئا. هڪ ڏرتي ماتا جو، هڪ شو مهراج جو ۽ هڪ بيل ديوتا جو. ۽ پوچا گهر جي چوڌاريءَ

اوچين پتين تي بڪ ۾ پاھ يوگين، پوڙن، نانگن، وڻ ۽ جھو آتما جي ول اسرڻ جون رنگين مورتون آکريل هنيون. ڌرتي ماتا جي وڏي بت آڏو ناچ لاءِ هڪ وڏو نيرو چاڪنڊڙ گول پنڊال ٺهيل هو ۽ ٻاهران وڏا گهنڊ ۽ سنکڻ ٽنگيل هئا. جن جو گنيبر ۽ مڏر پڙالو سدائين رکي رکي پيو گونجندو هو.

ان رات سڄو پوچاگهر پورنماشي رات جيان چوڌاريءَ ڏيئن ۽ ميڻ بتين جي روشنيءَ سان جڳمگائي رهيو هو ۽ سپ وسنديءَ وارا وڏي ويڪري پوچا گهر ۾ اچي ڌرتي ماتا جي وڏي بت آڏو ڪنڌ جهڪائي بيٺا. سيني کان اڳيان وڏي پنڊال تي مهاپوجاري ۽ ان جي پٺيان مهاويد ٻڌل هئا. پوچاگهر جا سپ گهنڊ هڪ وقت ڊانگ.... ڊانگ.... ڊانگ ڪري گونجڻ لڳا. مهاپوجاريءَ وڏي ڌرتي ماتا جي وڏي بت کي گڪر ۽ لوبان جو واس ڏنو سڄو پوچا گهر رنگين خوشبودار دونهين سان واسجي ويو ۽ جيئن ئي گهنڊن جي گوڙنجار جو پڙالو سانت جي سير ۾ پڏي ويو، مهاپوجاريءَ جو گنيبر گڙگڙائيندڙ آواز پوچا گهر ۾ گونجڻ لڳو.

"او ڌرتي.

"او ماتا وڏاتا،

اڄ تنهنجي اسرارن جو چاڙو، سيني ديوين ۽ ديوتائن جو دادلو، شڪتيءَ ۽ مڪتيءَ جو ڏڻي مهاويد آتم تارا سپاجها پير پيري اسانجي اگڙ آيو آهي. ان خوشيءَ ۾ جشن منايو ويندو. وسنديءَ جي سپ کان سٺي نرتڪي نينگري لڇمي شيوا ديجي اڄ سون مياڻيءَ جي مهاراجا سونيم پاوي، جو انعام ۾ ڏنل نٽ راڻين وارو وڳو پهري تنهنجي آڏو نچندي. جو تون سيني ديوين ۽ ديوتائن کان سپاجهي پلاري ۽ اسانکي اوڏي آهين. جو تنهنجي مهر حي مهراڻ جو ٽيڄ ٻارهوئي اسان لاءِ جاري آهي. جو تنهنجا ڪيت اسان لاءِ سدا ساوا ۽ سڪاريا آهن. جو اسانجي سرير جا پنوڙا تنهنجي متي مان ڪڇيا آهن ۽ تنهنجي متي ۾ ملي ويندا. او جنم ورني- جنم پومي- او ڌرتي- اوماتا وڏاتا- سپ پوچا ۽ پڙلاءُ تولاءِ آهن. اسين سپ توکي سجدو ڪيون ٿا.

ڌرتي ماتا کي سجدو ڪيو.
ڌرتي ماتا کي سجدو ڪيو.

سڄو پوچاگهر پوچارن ۽ پوچارٽين جي سريلن آوازن سان گونجي ويو. پوچاگهر جا سپ گهنڊ هڪ ساڻ زور زور سان ڊانگ.... ڊانگ.... ڊانگ ڪري وڄڻ لڳا مهاپوجاري جي پٺيان مهاويد سپ پوچارا پوچارٽيون ۽ وسنديءَ وارا گوڏن ڀر بهي پانهون ڦهلائي ڌرتي ماتا اڳيان وڏا وڏا سجدا گهورڻ لڳا ۽ هوريان هوريان گهنڊن جو آواز ڊيمو ٿيندو ويو.

مها پوجاري وري اٿي ڌرتي ماتا کي رنگين خوشبوءِ هاڻي دونهين جو واس ڏنو.

ان کان پوءِ ٻاهر وڃي گهنڊ جا ٽي ٽڪاءَ لڳا. سڀ وسنديءَ وارا پوڄاگهر جي وچ واري جاءِ ڇڏي، پوڄاگهر جي چوڌاري ديوارن سان لڳل ڊاڪن تي وڃي ويٺا. مهاويد آتم تارا کي وچ ۾ هڪ اوچي آسڻ تي ويهاريو ويو. پوڄارڻين پنهنجي هٿن واريون ٻرندڙ اماڙيون ڏرتي ماتا جي اڳيان وڏي گول پنڊال جي چوڌاري روشندانن ۾ کوڙيون ۽ سارو پوڄاگهر ديوداسين ۽ پوڄارڻين جي سريلن سازن جي مڌر سنگيت سان گونجي ويو. تڏهن چير جي چم چم جي مڌر آلاپ تي اکو ٻڌل نيري ستارن جڙيل شال ۾ ويڙهيل شيوا ديجي ٻيڇين ٽي اٿي. پوڄارڻين سندس پيرن ۾ نورا ٻڌا ۽ هوءَ ڊيل وانگي هلندي چم چم ڪندي گول لسڙي آپ جيان چمڪندڙ نيري پنڊال تي ڏرتي ماتا آڏو آئي. سڄي پوڄاگهر ۾ سانت ڇانئجي وئي. رڳو رکي رکي چير جو آواز گونجي رهيو هو. شيوا ديجي کيتري ديو تائين ڏرتي ماتا ڏي منهن ڪيو، گوڏن پر ٽپسيا سان ٻيٺي رهي. پوءِ هن ٻئي ٻانهون ڪنڌ جي ٻڌيان ورائي اکي جا سڳا کوليا ۽ ڪلهن تان شال هيٺ سرڪائي ڇڏي، جا سندس حسين سينگاريل ٻڌيري ڏڙ تان سو سو سجدا گهوريندي، هيٺ پيرن ۾ اچي پيئي ۽ هن وچ جهڙي وراکي سان پنهنجو منهن سامهون ڪيو. جيڪو ماڻهو جت، سو تت پنڌ پهڻ ٽي ويو. مهاويد آتم تارا به اچرج سان ڏانهس نهارندو رهيو. هوءَ ڪنهن سوني پتليءَ جيان سندس آڏو بيٺي هئي. هوٽيل پنبٽين تي سون ورني پاڻٽ جو جڙاءُ. نرڙ تي ڳاڙهو تلڪ، سينڊ ۾ سندور، ڳنڌيل وارن ۾ سونا ڦل، هڪ ٻانهن ۾ ٽونٽ ڪان ڪلهي تائين سوني ٻانهين، ٻيءَ ۾ ڪنگڻ، ڪچيءَ ۾ موتين جون مالهائون. پلي جي چلرن جهڙي سوني چمڪندڙ پولڪا* سان ڊڪيل آرهه، ڳاڙهن موتين جي مالائن ۽ سرن سان وڏو گهيردار سونهري پڙو. ائين ٽي لڳو، جڏ اوچتو ڪا چنڊ جي ديوي سهائي سرڳڌام مان لهي ڏرتي تي آئي هجي. سازن جو آواز هوريان هوريان مٿي اپرندو ٽي ويو ۽ ان سان گڏ ئي هن جي ڏڙ ۾ جڏ ساهه ڦوڪجڻ لڳو. هن جون ٻانهون هوريان هوريان پنهنجي ڊولائتي ڏڙ جو ڪاڇو ڪندیون ڪوراڙ بلائن جي جوڙي وانگي وٽ ڪائيندیون، مٿي ڪجي آڻيون ٽي ويون ۽ هن جي پلي جي چلرن جهڙي پولڪا ائين تجلا ڏئي رڦڻ لڳا، جڏ بيئل پاڻيءَ تي چنڊ جا ترورا ڏڪي رهيا هجن ۽ ڏسندي ئي ڏسندي، هن جو سڄو ڏڙ ڏڪڻ لڳو. پير پٽ سان نٽي لڳس. جڏ ڪا وڃ هئي، جا سندس سنڊ سنڊ ۾ وراکا ڏئي رهي هئي. هوءَ سازن جي مها ساگر لهرن جي وهڪري ۾ هڪ ناءَ جيان جهلندي لڙهندي آپرندي ٽي وئي. هوءَ ڪئين ڀيرا پنڊال ۾ بي سڌ گهمائل ٽي ڪيري ۽ نانگڻ وانگي وٽ ڪائيندي اٿي وئي. هن ڪئين ڀيرا اکين جا تير ٽاهيا. ڪيراتيءَ لاءِ ٻانهون ڦهلايون. هن ڪئين ڀيرا پنهنجو سر گهوريو ۽ ٽپسيا سان ٻانهون ٻڌيون ۽ پنهنجو ٽن من آڇيو ۽ رڻل پرين کي پرچائڻ لاءِ لوهون پاتيون. هن جي ناچ جي هڪ هڪ ادا سمجهه ۾ پئي آئي، جڏ چئي رهي هجي:

---

* پولڪا ـ انگي.

”تون ديوتا، مان داسي
مان تنهنجي پوڄا ڪنديس
مان تو تان گهوري ويندیس

—

هي منهنجي سونهن سروپ
منهنجو جوپن
هي منهنجا هار سينگار
سڀ تو لاءِ آهن
تون جي ايندين منهنجي دوار
مان نورا ٻڌي نچنديس
مان تو تان گهوري ويندیس

—

تون جي مونکي چڏي ويندي
مان جوگڻ ٿي
تنهنجي ڪيڙ لڳنديس
جبل جهاگينديس
وڻ وڻ کان واکا ڪري
تنهنجو ڏس پڇنديس
مان تو تان گهوري ويندیس

—

تون ٻوتا، مان داسي
مان تنهنجي پوڄا ڪنديس
مان تو تان گهوري ويندیس.

هوءَ بي سڌ نچندي رهي، نچندي رهي. ايستائين جو هن جو سڄو ڏڙ پگهرجي ويو. هوريان هوريان سازن جي وهڪ مانيٽي ٿيندي وئي ۽ نرتڪي هڪ وڏي چيڪلي پائي. پنهنجن ٿي پيرن جي ڏانوڻ سان وٽ کائيندي ڏرتي ماتا جي وڏي بت اڳيان پنڌال تي وڃي ڪري.

ڊانگ... ڊانگ.... ڊانگ.... گ، پوڄاگهر جا سڀ گهنڊ هڪ وقت وڄڻ لڳا. گهنڊن جو پڙلاءُ بند ٿيندي ٿي شيوا ديجي پنڌال تان پنهنجو منهن مٽي ڪنيو. ڀانهون ٻڌي پوڄا پير پري ڏرتي ماتا جي وڏي بت آڏو وڃي بيٺي ۽ ڀانهن مان سونو ڪنگڻ لاهي، ڏرتي ماتا جـي چرنن ۾ رکيو. سندس پٽيان ٿي مها پوڄاري پنڌال تـي آيو ۽ پنهنجي ڳوري آواز سان چيائين، ”اي نرتڪي نينگري، اڄ جي رات سڀ ديويون ۽

ديوتائون تو مان خوش آهن. اڄ جي رات ڏرتي ماتا جي ديا جا سڀ در تو تي کليل آهن. وڏي واڪ گهر، جو گهرٽو اٿئي. اڄ جي رات تنهنجي هر منتا پوري ٿيندي."

شيوا جهڪيل منهن متي ڪري، ڏرتي ماتا جي مک ڏي نهاريو ۽ ٻئي هٿ ٻڌي آٿي بيٺي. هن جي من چاهيو ڏرتي ماتا کان هوءَ پنهنجي من مندر جي ديوتا جو دان گهري، پنهنجي سپنن جو سهاڳ، هوءَ پنهنجي پريم جو نالو ڳنهي. هن جا چپ کليا، پر هن جي اندر جي ناريءَ، لڄ شرم ۽ حيا جي ڏاڳن سان هن جا چپ سبي ڇڏيا. هن ڏرتي ماتا کان ڪجهه به نه گهريو. رڳو منهن ڦيرائي پانهون ٻڌي، گول پندال تان هلندي آتم تارا آڏو آئي ۽ آتم تارا آڏو ڪجهه دير بيهي پنهنجو سيس نمايائين. آتم تارا به پانهون ٻڌي کيس پرنام ڪيو. مها پوچاري ۽ سڀ پوچارڻيون پوچارا ڏانهن نهارڻ لڳا. مها پوچاري پندال تان هلندو، ڏرتي ماتا جي وڏي بت جي سامهون ويو ۽ گوڏن پر پانهون ڦهلائي چيائين، "او ڏرتي، او ماتا وڏاتا! ان نرتڪي نينگري تو کان ڪجهه به نه گهريو. او ماتا وڏاتا، ان نرتڪي نينگريءَ جي من جون مرادون پوريون ڪج. جو تون سيني جي منتا پوري ڪرين ٿي. او ماتا وڏاتا، پنهنجي پوچارن تي سدائين ٻاجهه ٻيلائي ڪج. اسان سڀ تو کي سجدو ڪيون ٿا." ائين چئي مها پوچاري وري ڏرتي ماتا کي واس ڏنو. سارو پوچاگهر وري رنگين دونهين سين واسجي ويو. سڄو پوچاگهر پوچارن ۽ پوچاڻين جي سريلن هو.... هو.... هو هو جي آوازن سان گونجي ويو. پوچاگهر جا سڀ گهنڊ هڪ وقت وڄڻ لڳا. آتم تارا ۽ سڀ وسنديءَ وارا مها پوچاريءَ جي پٺيان ڏرتي ماتا آڏو پانهون ڦهلائي وڏا سجدا گهورڻ لڳا. گهڻي دير کان پوءِ اهو سمورو ساڻ اماڙين جي روشني ۾ ساڳيءَ ريت واپس موٽيو.

●

## (باب چوٿون)

جشن واري رات گهر گهر ديپ جلندا رهيا. ماٿهو شيوا جي سونهن جي ساراهه مان ڏاڍيا نٿي. جت ڪٿ شيوا ۽ سندس ناچ جي پچار هئي. شيوا پنهنجي هار سينگار واري سجايل ڪوٺيءَ ۾ سرتين ۽ حيڊين جي وچ ۾ وڏي آنهريءَ آڏو ويٺي هئي. سرتين سندس ڏڙ تان سون ميائيءَ جي مها راجا وارو سون ورنو وڳو لاهي، کيس نيرو ڪاون جڙيل پولڪا وارو گج پهرايو ۽ کيس نوان سينگار ۽ سوڻ ساڻ ڪيا ۽ سندس سونهن سروپ جا گيت گائڻ لڳيون.

"شيوا تون شام جي ديوي سنڊيا وانگي حسين آهين،

"تنهنجون ڪجليون چيرائيون اکيون. تنهنجي گلاب جهڙي مکڙي تي پونرن جي جوڙي جيان ٽيون لڳن،

"تنهنجون ٻانهون ڪوراڙ بلائن جو جوڙو آهن،

"جڏهن تون نيرو گج ۽ پڙو پائي سينگار ڪري ڊيل وانگي اوچو ڪاٽ ڪري هلين ٿي تہ مکي ٻيلي جي مورن جي مهاراڻي لڳين ٿي،

"جي سوم ديوتا تنهنجي چپن جو امرت پٻي تہ الوٽ ٿي وڃي."

شيوا آنهريءَ ۾ ڏاڍي موه سان نهاريو ۽ لڇوڙيءَ مرڪ سان چيائين،

"سرتيون! چا سچي ٻہ مان ايتري حسين آهيان."

"ها شيوا! تون سانوڻ جي سپت سنڌوءَ جيان حسين آهين. اوشا ۽ سنڌيا جي تو کي ڏسن تہ پروشٽيءَ (۱) ۽ ستادرو (۲) وانگي تنهنجو ٻاٻي پرين. اوشيوا، تون ڪنوار جا سينگار ڪري ڇڇ جي وهڪري سان جنهن جاءِ ٻہ ويندينءَ اها جاءِ خوشين جي ڦلواڙي ٿي ويندي."

شيوا آنهري ۾ ٻاڪي چگيءَ طرح جانچڻ ڪانپوءِ اٿي ڪڙي ٿي ۽ ساهڙين سان گڏجي ماءُ ۽ پيءُ جي ڪمري ۾ آئي. جي هڪ نويڪلي ڪوٽي ۾ ويٺا ٻاٽهر ڪري گالهائي رهيا هئا. ماءُ ڪيس ڏسي سندس سر تان ٻانهون گهوريون ۽ هڪ ٽامي جي چمڪندڙ تراڪڙيءَ تي ڪيس ڪير جو پريل پيالو رکي ڏئي چيائين، "شيوا وڃ هيءُ ڪير مهاويد کي پياري اڃ." شيوا ماءُ ڪان تراڪڙي ونڊي ماءُ ۽ پيءُ جي آگيا ۾ ڪنڌ جهڪايو ۽ تراڪڙي ڪٽي ڏڙڪندڙ دل سان مهاويد جي ڪوٽي ڏانهن وڃڻ لڳي. سپ سرتيون ڪيس مهاويد آتم تارا جي ڪوٽي ڏانهن پٽيرو ويندي ڏسي ريسارين نظرن سان مرڪڻ لڳيون.

شيوا هيڪل رتول جي رنگين ورهاڊن جي لسڙي فرش تان پوچارا پير پريندي پنهنجي من مندر جي ديوتا جي شيوا ۾ وڃي رهي هئي. جتي سرير ۽ آتما جي نرواڻ هئي. جنهن ڪانسواءِ هي سارو جيون- ساري هلچل- هيءُ سارو ڏيک ويک- هي ساز ۽ سنگت هڪ مونجهارو هو، هڪ مانڊاڻ هو، هڪ منجهڏار هو، جنهن ۾ هوءَ ان ناءُ جيان ٻڏتر ۾ هئي جنهنجو ڪو ناڪئو نہ هو- ڪو مانجهي نہ هو- هاها.... پريم بنا هي جيون بي معنيٰ آهي. سراپ آهي جنهنجي ڪائي ڪنڌي ڪانهي- ڪو اٽاه ڪونهي ڪو انت ڪونهي. پريم ديهہ * جو سپ ڪان وڏو ڏرم آهي. پر هنجي من مندر جو ديوتا اڃان گهريءَ نند ۾ الوٽ هو. هن سوچيو، اڄ هو پنهنجي من جي ديوتا کي

---

(۱) پروشٽي- راوي ندي.

(۲) ستادرو- ستلج ندي

اهي ٻئي نديون سنڌوءَ جون پرتي ڪنڌڙ شاخون آهن رگويد جي رشين سپت سنڌوءَ جي پرتي ڪنڌڙ ندين کي سنڌوءَ جون ٻاٽي پريندڙ ٻانهيون ڪوٽيو آهي.

(ليکڪ)

* ديهہ - جسم

جاڳائڻ لاءِ پيار جو سنڪ وڃائيندي هنڪي جاڳائيندي ۽ هن جي چرنن ۾ پيار جا موتي گهورينديءِ. هن سوچيو. جي ديوتا اهي پيار جا املهه ماڻڪ موڪائي ڇڏيا تہ پوءِ ڇا ٿيندو. ڇا ٿيندو، انهيءَ ٻڌتر ۾ جڏهن شيوا ڪير جو پريل پيالو تراکڙيءَ ني ڪڍي آتم تارا جي سجايل ڪوني ۾ پير رکيو تہ سڄ تي ليٽيل آتم تارا ڪيس ڏسي هڪدم آڏي ڪڙو ٿيو ۽ ٻانهون ٻڌي ڪيس پرنام ڪيائين.

"پرنام،" شيوا چيو. ۽ پوچارڻين جيان ٽپسيا سان هلندي اچي سندس آڏو گوڏن پر بيٺي. هنجو ڪنڌ جهڪيل هو. آتم تارا ڏاڍي موه سان ڏانهنس نهارينديو رهيو.

"شيوا! مون چيٽ جي چانڊوڪيءَ ۾ مور کي ناچ ڪندي ڏٺو آهي ۽ سدا ائين پائيندو هئس تہ مور نرت جو انت آهي. پر تنهنجي سونهن ۽ ناچ ڏسي پاڻيان ٿو ڪلا حو ڪو انت ڪونهي، سڄ تون سپنن جي اپسرائن کان بہ سندر آهين، شيوا ديل جيان ڪنڌ مٿي ڪڍي گهائل مڏماني نيٽن جي گهور سان نهاري چيو، "ڀاويد! ناچ سرير جي ڪويتا آهي. اندر جي اڏمن جي آپام. بن ۾ مور ڇو نچندو آهي، ڪنهن لاءِ نچندو آهي، ايءُ رکو مور چاٽي ٿو. مان هنيان اڳي ڪڏهن بہ ائين سڌ بڌ ڪوئي نہ نچي هئس. سنگيت جي وهڪري ۾ ڪڏهن ائين نہ لڙهي هيس، هوءَ واجهہ وجهندڙ گهور سان آتم تارا جي ڪڪوريل نيٽن ۾ نهارڻ لڳي. آتم تارا جي اکين ۾ بيچيني هئي. ٻنهي جي سوچ بيهي وئي هئي ۽ ٻئي هڪ ٻئي جا ڳجهہ ڳولهڻ لاءِ هڪ ٻئي جي اکڙين ۾ ڪوڙجي وبا. اکڙيون جي دل جي زبان آهن. اکڙيون جي اندر جي آنهري آهين. شيوا جي مکڙي تي ڇڻ پره جا پاڇاوان ٻئي پيا ۽ نيٽ هن آتم تارا جي سڄ جيان ٻهڪندڙ صورت جو تاءُ نہ جهلي ڳاڙهي کهنبي ٽي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. آتم تارا ٻنهہ سندس ويجهو آيو ۽ جهيڻي آواز سان چيائين "شيوا! مان سيانڻ سون ساڻيهہ رمندو ٿيندس هي جشن جي رات، تنهنجو ناچ، هي تنهنجا وشال نيٽ ڪڏهن نہ وسرندا. سڄ من تہ ائين ٿو چاهي جيون جي هر موڙ تي چيٽ جي چانڊوڪين ۾ توکي پسندو رهان." شيوا ڇڻ اچانڪ سپنو ڏسندي ڏسندي ڇرڪ پري جاڳي پئي هئي. ڏاڍي پيڙا سان چيائين،

"اوه راڄاڻ اڄان تہ اوهانجي صورت ڏٺي اسانجون اکيون بہ نہ ٺريون. اوهان وڃڻ جون ٽا ڪيو. ايءُ تہ سپنو ٿيندو."

"ها شيوا هي جيون ڏک سک جو سپنو آهي، سونگي وڃڻو پوندو. مان وڏو ماڻهو پروڙي آيو آهيان."

"اوهان وس وارا آهيو. پلا ديوتائن تي ڪنهنجو وس هليو آهي." شيوا گهائل ٽي ڪنڌ جهڪائي سندس آڏو ڪير جي پيالي واري تراکڙي وڌائي آتم تارا ۽ چار ڊڪ پري پيالو وري تراکڙيءَ تي رکيو. ٻنهي جون نظرون وري ٽڪرايون. شيوا وري سندس آگيا ۾ ڪنڌ جهڪايو ۽ ٻئيرن پيرن سان سندس ڪوني مان نڪري وئي.

ان رات شيوا ڪنهن سان ٻہ نہ ڳالهايو ماڻ، سرتيون، آتم هاريون سپ وائڙيون ٿيو ڏانهنس نهاريندیون رهيون. هوءَ چپ چاپ پنهنجي ڪوٺي ۾ هلي وئي.

ان رات هوءَ ساري رات سيج پلنگ تي سوڙين ۾ ڪرون موڙيندي رهي. اهو مندر سپنو جو هوءَ ڏسي رهي هئي، سرجي سرجي ٽٽي ويو. سپ آشائون اُمنگون هٿ مان ڇڏايل ٽانڪئي آنهريءَ جيان ڪري چڪنا چور ٿي ويون. هوءَ ساري رات سرهيءَ سيج تي تڙپندي رهي. سوچيندي رهي،

”هي سپنا ڇوٽا سرجن. هي ديوتا فاني عورتن سان پيار ڪرڻ لاءِ ڏرتيءَ تي ڇوٽا لهن. هن جي سپنن جو سپرين ايڏو جلد هليو ويندو. هوءَ وري ان راول ڪي ڪڏهن پسندي. ڪهڙين چيٽ جي چانڊوڪين ۾. ويل ڪانڊ وري ڪڏهن واهر ڪندو اچان تہ هن پنهنجي ديوتا جي چرنن ۾ ڪري سانت ٻہ نہ پاتي- اچان تہ هن پنهنجي پريم ڪي چڙن جو امرت ٻہ نہ پياريو. اچان تہ هن پنهنجي اردي سپرينءَ جي نيٽن جي ٻاڻ کان گهائل ٿي پاٽکي هنجي جهوليءَ ۾ ٻہ نہ وڏو. اچان تہ هوءَ ڳل ڳيرائي پائي پنهنجي من مندر جي ديوتا جي ڳچيءَ جو هار ٻہ نہ ٻڌي. اچان تہ ڪجهہ ٻہ نہ ٿيو. هو ايڏو جهٽ هليو ويندو. هائي.... هوءَ پنهنجي راول کي کيڻن رائي. کيڻن پرچائي هوءَ ساري رات سوچيندي رهي ۽ تڙپندي رهي ان ڏاڙي مکيءَ هڪ جوپ جوان کي سوني جي مهاراجا ڏانهن ريهارو ڪري موڪليو. ( هلندڙ )

●

# وارث

سج وڃي آرامي ٿيو ۽ ٺوري وقت کانپوءِ چوڏاري آندارو ڇانڀجي ويو. ڏسڻ ۾ پئي ائين آيو تہ سورج کان پوءِ هن جڳت جو ڪو ڏئي سائين ڪو نہ هو.

پر اُنهيءَ وقت هڪڙو نندڙو ڏيئو ٽمڪ ٽمڪ ڪري ٻريو. هن ڏيئي سوچيو:

”ڏينهن جو سڄ جي ڪري سڄو سنسار روشن آهي تہ رات جو سڄي سنسار ۾ منهنجو ئي پرڪاش آهي. مان دور دور کيڻن نہ واٿهڻن کي رستو ٻيو ڏيکاريان!“

ڏيئو ايترو سوچي رهيو هو تہ پري کان هڪ پتنگ ڦڙ ڦڙ ڪندو آيو ۽ هن ڏيئي کي وسائي هليو ويو!

# آئيني سمان سپنا

ڪي ڪي سپنا ۽ آئيني جيان هوندا آهن، ۽ انهن ۾ ماڻهوءَ کي پنهنجي اصلي ۽ وڃايل روپ پسي ڏاڍو عجب لڳندو آهي. اهڙا سپنا مرده ذهن جي تهه خاني مان هڪ چٽنگ جيان ائندا آهن. ڪڏهن ته سطح تي پهچڻ کان اڳ، ڏري خاڪ ٿي ويندا آهن، ۽ ڪڏهن ڀنيٽ باهه ٻڙڪائي ويندا آهن؛ پر جڏهن اهين اهڙي آئيني سمان سپنن ۾ پنهنجو وڃايل، شاندار ماضي ڏسندا آهيون ته حال جي زنگ کاڌل، غلاماڻن خيالن تي ڪاوڙ ٿيڻ بدران آئيني تي خار کائيندا آهيون، ۽ ان کي ٽوڙي ڇڏيندا آهيون. رات مون به هڪ اهڙو آئينو ڏٺو، ۽ اهو اڃا تائين منهنجي اکيان آهي....

مان هڪ ڪنڊر بنجي ويل شهر ۾ ويٺو هوس. چؤطرف ويراني ۽ سڃ لڳي پيئي هئي. شهر جي گهليءَ گهليءَ ۾ هن جي عظمت ۽ شاندار ماضيءَ جا ڪٿل نشان موجود هئا. عاليشان پر ڊنل جاين ۾ گدڙ، بگهڙ، نانگ ۽ وڇون ويٺل نظر آيا. مان ڊڄي لڪندو لڪندو هڪ ڪلئي ميدان ۾ اچي پهتس. واڙو ٿي ويس. زمين تي چوڏاري لاشا پکڙيل هئا. شايد جنگ جو ميدان هو، ۽ رت به اڃا نازو هو. مان ڊڄي ويس. مون لاش ڏانهن ڏٺو. سيني جي منهن تي عجيب مرڪ پکڙيل هئي. سيئي چهرا گل جيان ڦڙيل هئا، پوءِ به انهن جي هيبت شينهن جهڙي هئي. پنهنجي بزدليءَ تي شرم وچان منهنجو ڪنڌ هيٺ جهڪي ويو. مونکي سيئي چهرا چاٽل سڃاتل محسوس ٿيڻ لڳا. مان هر ڪنهن کي چتائي چتائي ڏسندو اڳتي وڌندو رهيس.

'هي ڪير آهي! هي ته مونکي چاٽل سڃاتل ٿو لڳي. ڪيڏي نه پنهنجائپ آهي هن ۾....' پر ڪنهن جو به نالو منهنجي ذهن تي تري نٿي آيو. مان پريشان ۽ واڙو، اتي ئي ڦرندو رهيس. اوچتو منهنجي نظر هڪ ڪبرو نوجوان تي وڃي پيئي. منهنجي روح کي ڇڪ اچي ويئي. مان هن جي ويجهو ويس. ڪنهن اڃاتي جذبي سبان هن جي سڳهي ۽ مضبوط ٻانهن تي پنهنجو هٿ ڪٽي رکيو. رڳو ڇهن جي دير هئي. هو ٽپ ڏيئي اتي ويهي رهيو. هن جي روشن پيشانيءَ تي ذرو به گهنج نه پيو، منهن تي اهائي لافاني مرڪ ۽ سرهائي پکڙيل هئي.

"ڪون هتي ڪيئن آيو آهين، ادل!" هن ٻاجهه ڀري آواز ۾ پڇيو "مان.... مان.... مونکي خبر ناهي! پر هي سڀ ڪير آهن؟...."

"تون هنن کي نڪو سڃاڻين! ڪيڏي عجب جي گهالهه آهي...."

مون چيو، "مونکي ڇهرا ته ڄاڻل سڃاڻل ٿا لڳن، پر الائي ڇو هنن جا نالا ذهن تي تري نٿا اچن...."

"تون سنڌي ناهين ڇا!"

"مان سنڌي آهيان يقين ڪر، مان سنڌي آهيان."

هن وري پڇيو، "تون سنڌي آهين پوءِ به هنن کي نڪو سڃاڻين تون شايد سنڌ ۾ ڪڏهن ڪو نه رهيو آهين!"

مون چيو، "مان سنڌ ۾ ڏي ڄاڻو نپنو آهيان. سڄي ڄمار سنڌ جو ان کاڌو اٿم ۽ سنڌوءَ جو پاڻي پيتو اٿم. منهنجو خمير سنڌ جي شيءَ مان ڏي جڙيو آهي...."

تڏهن هو بنهه وائڙو ٿي ويو، "ڇا ٿي ويو آهي اوهان کي! ڪهڙو واءُ ورپو آهي اوهان تي! مونکي هتي آڻي ڪو ٿورو وقت مس ٿيو آهي، ڇا ايتري ۾ منهنجي قوم، منهنجو ديس ايڏو بدلجي ويو آهي جو کائن پنهنجا سورما دودو ۽ دريا خان وسري چڪا آهن!...."

هن مونکي ٻانهن کان جهلي هڪ طرف ڇڪيندي چيو، "هيڏانهن اچ هن کي سڃاڻين ٿو...." هن هڪ جوڏي جوان ڏانهن اشارو ڪيو.

"شايد... پر مونکي هن جو نالو ياد نڪو اچي."

هن کان ذري گهٽ رڙ نڪري ويئي، "اوهان هوشوءَ کي به وساري ڇڏيو! منهنجي وهم ۾ به اهو ڪونه هو ته منهنجي قوم اهڙي ٿي ويندي...." ڪجهه وقت اڳي هن جي چهري تي جيڪا لافاني مرڪ ۽ سرهائي پکڙيل هئي ان جي جوت گهٽجي ويئي.

"مونکي سڃاڻين ٿو؟"

"تون!" مون ذهن تي زور ڏنو، "ها، پر...." منهنجو ڪنڌ هيٺ جهڪي ويو.

هن جي واڻان ڪجهه به نه اکليو. مونکي ڏسندو رهيو. ڪجهه مهل ڪانپوءِ چيائين، "منهنجو نالو هيمون آهي."

مون يڪدم وراڻيو، "هيمون! ڇو نه، هيمونءَ جي باري ۾ ته اسين اسڪولن ۽ ڪاليجن جي تاريخ ۾ پڙهندا آهيون. هيمونءَ اڪبر مغل بادشاه سان پاڻپٽ جي ميدان ۾ جنگ ڪئي هئي."

هن کان ٿهڪ نڪري ويو. مان سخت لڄي ٿيس.

"ان جو سنڌ سان ڪهڙو واسطو! اوهان کي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سنڌ جي تاريخ ڪانه پڙهائي ويندي آهي ڇا؟ مان هيمون ڪالاڻيءَ جو ذڪر ٿو ڪريان جيڪو سنڌي هو. سامراجي انگريزن کان سنڌ کي آزاد ڪرائڻ جي لاءِ هن پنهنجن جيڏن، نوجوان سنڌي شاگردن جي آزادي واريءَ تحريڪ ۾ ڪم ڪيو هو. سکر ۾ ريل

جي پٽي اکيڙي ريل ڪيرائڻ جي الزام ۾ انگريزن ڪيس ڦاسيءَ تي چاڙهيو هو."
هو خاموش ٿي ويو، پر منهنجي اندر ڪا ستل شئي جاڳي پئي هئي ۽ چئي رهي
هئي: هي تہ اهو سورهيہ هيمون آهي جنهن کي انگريزن چيو هو تہ 'تون رڳو اسان
کان معافي وٺ ۽ واعدو ڪر تہ آئيندي آزاديءَ جي هلچل ۾ حصو نہ ونڊين تہ
ننهنجي نوجوانيءَ تي رحم ڪري توکي آزاد ڪري ڇڏيون. پر هن جواب ڏنو تہ
ديس جي خاطر اهڙيون لکين نوجوانيون قربان. جيڪڏهن مونکي آزاد ڪيو ويو تہ
مان ڪڏهن بہ گيدي ۽ غدار بنجي غلاميءَ جون ٻيڙيون پائي نہ ويهندس.' هو مرڪندي
ڦاسيءَ تي چڙهي ويو ۽ ان هيمونءَ کي اسان وساري ڇڏيو!
شرم وچان منهنجو ڪنڌ هيٺ جهڪي ويو. "سنڌ وارن توکي شايد انڪري
وساري ڇڏيو جو تون هندو هئين...."
پر هن منهنجي ڳالهہ تي ڪو بہ ڌيان ڪو نہ ڏنو. هو پنهنجن ئي خيالن ۾
ٻڏ ٻڏ ڪري رهيو هو. اوچتو هن پنهنجن مضبوط هٿن سان منهنجي گلي کي چڪي
چيو، "مان پنهنجي سنڌ اوهان جي حوالي ڪري ويو هوس، منهنجو ديس ڪٿي آهي.....
مون کان پوءِ اوهان بہ تہ ٽڪجي ۽ ڀڄي سمهي پيا.... مونکي جواب ڏي.... جواب
ڏي...." مون وٽ ڪوبہ جواب ڪونہ هو هن مونکي زور سان ٽيلهو ڏنو، ۽ مان
منهن پر وڃي ڪريس.
آئينو اڃا تائين منهنجي اڳيان آهي. مان ان ۾ چتائي چتائي پاڻ کي ڏسي رهيو
آهيان. الائي ڇو مان اڃا ان ۾ پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي نہ سگهيو آهيان. ڀڃان ٿيو
تہ پاڻ سڃاڻڻ کان اڳ آئينو ٽٽي نہ پوي ۽ سڀنا ڏري خاڪ نہ ٿي وڃن ...

●

# جلسو

"ليمان، اوليمان، ليمان ٻاهر ته نڪر"، گهرجي ڪڙهه وٽ رئيس ڪرم خان جو ڪمدار، ڏگاڻو، ليمي کي سڏيندو رهيو، "ڪهڙو" اندران آواز آيو.

"ڏگاڻو ڪمدار، وڏيري صاحب جو ضروري ڪم ٻڌي وڃ"، ڪمدار وراڻيو.

مٿو اگهاڙو ڪاري صدري، موڳي رنگ جي گوڏ پٽل، پيرين اگهاڙو، ماتا جا داغ منهن تي، ڪٽڪ رنگو جوان چاليهارو ورهن جو ٻاهر آيو.

"ليمان، وڏيري صاحب کي اڄ شام جو مختيارڪار صاحب جو حڪم ٽپدار صاحب جو ڪوٽار ٻڌائي ويو آهي ته سپاڻي خيرپور ۾ جلسو ٿيندو لاهور کان ڪو صاحب اچڻ وارو آهي سوتون به پاڻ سان ٽيهه ماڻهو ونڻي اچجانءِ. وڏيري صاحب جو حڪم آهي ته ڪوٽ جا سڀ مرد ماڻهو صبوح جو خيرپور هلن ۽ جلسي ۾ هلي تقريرون ٻڌن." ڪمدار جلديءَ ۾ سمورو احوال رعب سان ٻڌايو.

"ڪمدار، وڏيري صاحب جو حڪم ته اکين تي پر ڇوڪرُ ٽي پيو آهي سڪالو، ٽيون ڏينهن اڄ ڪٽس کي اٺس، هوڏانهن مڙن جي لوڙهه به سپاڻي کان شروع آهي مال جو گاهه ڪير ڪري ايندو؟" ليمي معافي ونڻ جي انداز ۾ جواب ڏنو. "ليمان، ڏاڙهي پٽائڻي ته تنهن جي مرضي باقي وڏيري صاحب جو حڪم اجهو اهو ٽئي. سڄي ڳوٺ کي ٻڌايو اٿم. پلا وڏيرو صاحب به ڇا ڪري. اڳئين مهيني ۾ ٽپدار صاحب آيو هڪ سؤ روپيه جون ٽڪسون ڏئي ويس. چي راڳ ٽيندو سو ان ۾ اڇين نه اڇين پر ٽڪسون وٺ. سؤ روپيا ته ڪونه هوا سو اڳواٽ ڏهين روپئين وڃي ڪوهه واري نمبر جي ڪٽڪ وڪيم ۽ آڻي وڏيري صاحب کي ڏنم تڏهن وڃي جند ڇٽي، شڪايت جي لهجي ۾ ڏگاڻي وڏيڪ احوال ڪيو. "ڪاڻي راڳ هو، ڏگاڻا خان؟" ليمي پڇيو. "اجهو اني ٽي خيرپور ۾. ڏگاڻي وراڻيو. "ڪنهن ٽي راڳ ڪرايو؟" ليمي پڇيو. "الائي چياڻون ٽي ته حاڪم ٽا راڳ ڪرائڻ ۽ نچڻ وارين به ايندين، ٻاهران کي گائڪين ۽ نچڻين ايندين. ليما پاڻ کي ته پتو ڪونه ٿو ٻوي. هڪي جهمر يا ڏونڪا يا جمالو ته ٿو ڪي، مونکي مزو به اچي. اڳي ٽيندين هيون هنيوڇيون ۽ جهمرين ته سمجهندا به هواسين ۽ مزو به ايندو هو. شاهه ۽ سچل جا ڪلام گهڙي يا يڪتاري تي ٻڌبا هوا ته لڳ ڪانبارجي ويندا هوا. هاڻي ته الائي ڪٿن ٽا گهاڻ پاڻ ڪي ته مزو ڪونه ٿو اچي پر مڙيوئي آهي حاڪماڻو سڏ

# تکيون منيون گالهيون

● گذريل سال ۱۹٦۷ع جا هنڌ ۽ سنڌ مان نڪرندڙ ادبي رسالا پڙهندي، مونکي ٽي اوچي معيار واريون ڪهاڻيون نظر چڙهيون آهن. هڪڙي منو گدواڻي جي لکيل "لٽل ڪانڊ" (روح رهاڻ، آڪٽوبر برچو) جنهن ۾ سنڌ جي ماحول ۾ ٻيهاريل، جديد حقيقت پسند نوع ۾، مسلم نيات جو چتر واهه جو چٽيل آهي، ۽ اُنجي عبارت ۾ عاليشان ڳونائي محاوري واري آهي. ٻي بهترين ڪهاڻي آهي، امر جليل جي "سچل سرمست" Trouble ۾ (جو ٽيڻ ڪپي "گهوٽالي" ۾ يا "جهنجهٽ" ۾- روح رهاڻ ڊسمبر پرچو) جا هڪ نهايت دلڪشي مذاقي ۽ طنزي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ سچل نالي پڪوڙائيءَ کي، سچل سرمست باغي شاعر هڻڻ جي الزام هيٺ ۾ سرڪاري جاسوس پڪڙين ٿا. ٽين بهترين ڪهاڻي آهي، ۽-وهن ديپ جي "ناريءَ جو من" ساهت ڌارا، سپٽمبر- آڪٽوبر)، جا هڪ عورت جي دلي ڪيفيت چٽڻ ٽي عاليشان ڪهاڻي آهي ۽ ٽپ ٽپ ٽي باريڪ مَنَ چيد mental analysis ڪيل آهي. محبت جا بيان نفيس ۽ جمالياتي ڪيل آهن، نه نفسياتي.

۱۹٦۷ ۾ ٽي اوچي معيار جا نئيا نانڪ ۾ پڙهيا اٿم، جنهان پهريون آهي آغا سليم جو "گل چنو گرنار جو" (روح رهاڻ، اپريل) هن نانڪ جوڙڻ جو ريڊيائي ڊينگ نهايت ڪارگر آهي ۽ اُنجي لکڻي به نهايت شاعراڻي آهي: پر پچاڙيءَ ۾ راءِ ڏياڻ جو سر وڃي ڏيڻ وارو نظارو پورو اثرائتو ڪونهي. تنهن هوندي به هن نانڪ جي پيٽ اُستاد لعلچند امر ڏنيمل جي شاهڪار "سهڄان جي سڪ" سان ڪري سگهجي ٽي. جو ورهاڱي کان اڳ "مهراڻ" ميگزين ۾ شايع ٽيو هو. ٻيو بهترين نانڪ آهي "سنڌڙيءَ جا سپوت" (نئين دنيا، نومبر)، جنهنجو لکندڙ منير احمد آهي.

سال جو ٽيون بهترين نانڪ آهي پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو "سماج شبوڪ" (پارت جيون، نومبر) جو به اثرائتو مزاقي نانڪ آهي، ۽ منجهس بلڪ ميل ڪندڙ سماجي سڌارا ڪن ٽي ڪڙي طنز ڪيل آهي. اُنجي سورمي بردبار چوڪري آهي. منهنجي پسنديءَ وارن مٿين ڇهن چيزن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته منجهائن ٽي "روح رهاڻ" ۾ شايع ٽيل آهن، جنهن لاءِ آءٌ اوهان کي مبارڪون ٿو ڏيان. البت هر پڙهندڙ جي پسندي الڳ الڳ ٽي سگهي ٽي.

—منگهارام ملڪاڻي بمبئي.

● ايڊيٽوريل پڙهيم پلا اهڙو ڪڏهين ڪان لکڻ شروع ڪيو اٿئي ها خبر

اٿم جڏهين کان تون هوش ۾ آئين ۽ سنڌ ۽ سنڌين جي جذبات کي محسوس ڪيئم آفرين اٽيئي. تون پنهنجو فرض ادا ڪري رهيو آهين. قوم جي مرضي هو تنهن جي سڌ کي پڌي يا نہ پڌي. پيارا ائين ٻہ ڪونهي تہ سنڌ ماءُ جي سڌ کي ڪير ڪونہ ٿو پڌي ادا منهنجي خيال ۾ نہ صرف آهي انهي سڌ کي نٿا پڌن جيڪي ستل آهن ۽ اگهور نند انهن کي وکوڙي ويٺي آهي. خير انهن مان نہ آميد ٻہ ڪا ڪانهي.

—يوسف لغاري لاهور.

● ادا! نڪي جشن "روح رهاڻ" تي حاضر ٿي سگهيس ۽ نڪي جشن جي ڪاميابيءَ جون واڌايون ڏيئي سگهيس، آخر تہ گفتار جو غازي آهيان نہ!!

آگسٽ جي پرچي جي اڃا نہ نڪرڻ ڪٿيءَ ۾ وجهي ڇڏيو آهي؛ خدا نہ ڪري، ڪٿي "روح رهاڻ" جا دشمن ڪنهن گردش ۾ تہ ڪونہ اڇي ويا آهن؟

"اياز" جي نثري صحيفي مان هڪ جملو ياد اچي ٿو؛ "هتي ڪرين کي فقط هوا جي هلڪي ڇهڪ جي ضرورت آهي، جنهن سان گهڙيءَ ۾ ٽڙي پکڙي وڃن ٿيون، باقي ڏند هني بيحد ٿئي ٿو." دعا گهرانٿو تہ اوهانجو پيدا ڪيل ڪر انهي روايت کي ٽوڙي ڇڏي. آمين.

—"نقاش" لواري شريف سنڌ.

● سڄڻ: توهانکي لک لک مُبارکون پيش ڪجن ٿيون رب پاڪ توهانکي توهانجو نندڙو بخشي بچائي ڏئي، الله ڪري تہ تو وانگي اِهو ٻہ ڪنهن وقت سنڌ جي سپوتن مان ليکيو وڃي:

هونئن ٻہ ادا، توهانجي گهر سنڌ جي ميٽيءَ سان محبت ڪري ڏيکاري آهي. منهنجي دعا آهي تہ "نندڙو" پنهنجي والدين سان خوش باش هُجي ۽ رب پاڪ شل کيس ڪوميءَ واءُ کان بچائي. (آمين) —سرويچ سجاولي سجاول سنڌ.

● اوهانجو رسالو 'روح رهاڻ' ملندو پٽي رهيو آهي. جڏهين جڏهين هٿ ۾ اها مشعال آئي اٿم، ٻين ڏي پٽي ڏگهيڙي اٿم، جن هٿن ٻہ ان مشعال کي جهليندي پاڻکي مبارڪ پٽي ڏني آهي. حسين ادل، مخزنون، هت ٻہ آهن. ترتيب ڪري مشهور تہ ڪي معياري مضمونن ڪري پر سنڌ پر اِها "روح رهاڻ" ٿي آهي جا روح کي ڇهي ڏيندي آهي، ڇڪيندي آهي!

اخبارون ٻيون ٻہ آهن جي سنڌي زبان، سنڌي ادب ۽ سنڌي تهذيب کي محفوظ رکڻ جو يتن ٿيون ڪن پر اها "روح رهاڻ" ٿي آهي جا "سنڌيءَ" کي زنده رکڻ جي ڪوشش ۾ لڳل آهي!

'روح رهاڻ' ڪيڏي توهان سيني سنڌين تي احسان ڪيو آهي. هيءَ مخزن سنڌين جي ادبي اميدن جو سهارو آهي.

—پوپٽي هيرا نندائي، بمبئي.

● گذريل ۱۷ آگسٽ چنچر واري هڪ "قومي" اخبار (جنگ) جي ڪٽنگ ڏياري پيو موڪليان جا جي ٽي سگهيو ته "روح رهاڻ" جي ڪنهن اينڊز پرچي ۾ شايع ڪيو جيئن حقيقتون پڌريون ٿين ۽ اسان جي عوام جي اک ۾ پٽجي ۽ سرڪار بهادر ۾ اصلي ڏوهارين کي هٿ ڪري سگهي.

گهڻي وقت کان وٽي سرڪار مختلف ذريعن سان سنڌ جي عوام کي چتاءُ ڏيندي پيئي رهي ته 'جيئي سنڌ' جي نعرن هٺڌڻن کي ڪچليو ويندو، علاقہ پرستي ۽ زبان جي بنيادن تي مطالبا ڪرڻ وارا پاڪستان جي نظريي جا مخالف آهن. هتي اهو بحث نہ آهي ته قائد اعظم لاهور ۾ پاڪستان قرارداد واري جلسي ۾ صوبائي خودمختاري بابت ڇا چيو هو، زبانن ۽ ثقافت جي واڌاري ۽ انهن جي آزادي واسطي ڇا ڳالهايو هو پر سوال هي آهي ته جيڪڏهن سنڌي عوام ۽ سنڌي اخبارون سنڌي زبان کي سرڪاري زبان قرار ڏيڻ جو مطالبو ڪن ٿا ته انهن کي پاڪستان جو بنياد لڏندو نظر اچي ٿو پر جي اردو بابت، جنهن کي اڪثريتي سرڪار بيحد نوازيو آهي، مطالبو ٿئي ٿو ته "اڇا وڏيڪ ڪپي" ته انهيءَ تي پاڪستان جا بنياد پاڻ وڏيڪ مضبوط ٿين ٿا. هڪ اردو اخبار ۾ هيءَ خبر ڇپي "ڪراچي -۱۶- اڄ باباء اردو مولوي عبدالحق جي ستين ورسي تي شهر ۾ اردو ڪاليج جي شاگردن اردو جي حمايت ۾ مظاهرو ڪيو. مظاهرين صدر جي علائقي ۾ بينرز کنيو بيٺا هٿا جن تي لکيل هو "اردو پنهنجو حق تي گهري" ۽ "آردو سان تعاون ڪيو" وغيره نعرا درج هٿا. ان کانسواءِ اردو ڪاليج جي تعمير جي لاءِ به عوام کان چندي جي اپيل ڪئي ويئي. مظاهري دوران شاگردن هڪ هينڊبل به ورهايو جنهن ۾ سائن بورڊ، اشتهار ۽ نالن جي تختين کي به اردو ۾ لکرائڻ جو مطالبو ڪيو."

سائين ايڊيٽر صاحب، والله جذباتي کو نہ آهيان ۽ نہ ئي هي تعصب جي ڏپ آهي. هڪ حقيقت پيو لکان جنهن ۾ اکڻي يقين ڪونہ هٿر پر شاباس آهي اردو قومي اخبارن کي جن ذريعي سجاڳ ٿيس. حقيقت ۾ سنڌي اخبارن کان وڏيڪ اردو اخبارون اهڙي قسم جون خبرون چاپي اسان جي ستل جذبن کي جاڳائين ٿيون. هاڻي متئين خبر تي ڏڏي دل سان ويچار ڪيو ته ڇا پارت ۾ زبان جي مسئلي تي گهٽ خون خراب ٿيو آهي. اتي گهٽ مظاهرا ٿيا آهن مختلف زبانن جي فائدي ۾، ڇا پاڪستانين ان مان عبرت حاصل ڪانہ ڪئي آهي، ڇا هو به اهي چاهين ٿا ته زبانن جي فائدي ۾ مظاهرا ٿين ۽ اختلاف ٿيڻ نہ هڪ ٻئي جو خون وهائين، ڇا اردو کي قومي زبان بنائي ان جي حقيقي حق کان وڏيڪ نہ ملبو آهي، ڇا اها پاڪستان کان ٻاهر جي زبان ڪونهي، سو چيو هٿوسين انگريز کان آزادي ملندي ته پنهنجي زبان ۽ ثقافت کي زور وٺرائيندا سين هاڻي اهو نہ ڏيو پر جي زگو پنهنجي زبان جو نالو ٿا وٺون ته متعصب ٿا ٿيون. پلا هاڻي ان کان وڏيڪ حق اردو کي ڪهڙو ملي،

باقي هڪ آخري حق هي بچي ٿو ته پين زبانن کي ختم ڪري اردو جو ون يونٽ ۾ قائم ڪيو وڃي. پهلا "اردو سان تعاون ڪيو" جو مقصود ڇا آهي، ڇا اسان سڄن پاڪستانين جي حيثيت سان اردو ۽ اردو دانن کي دلين ۾ جڳهيون نه ڏنيون، ڇا اسان هڪ ٻاهرين زبان کي قومي زبان بنائڻ تي ڪو مظاهرو ڪيو هو، ڇا اهو اسان جو تعاون نه هو جو قومي اتحاد جي پيش نظر اردو کي قومي زبان تسليم ڪيوسين، باقي جي تعاون جو مطلب هي ورتو وڃي ٿو ته پيون زبانون ڳالهائيندڙ پنهنجون زبانون چڏي ڏين اردو جي فائدي ۾، تہ اها ڳالهه سوچيندڙ سخت غلط فهمي جو شڪار آهن. اسان آزادي حاصل ڪئي آهي انهيءَ لاءِ تہ پنهنجن ۾ين اجتماعي مفادن سان گڏوگڏ زبان ۽ ثقافت کي به ترقي ونرايون. رب العزت پنهنجو رحم ڪري هن قوم تي

—مولوي حق نواز

● گذريل مهيني ۾ن کان ريڊيو پاڪستان ڪراچي هر ڇنڇر تي "فارم فورم پروگرام ۾ سنڌي هوليءَ جا بکيا آڏيڙي رهيو آهي. سنڌي هوليءَ جون ڏنگون ۽ ٻانهون ڏڙ ڪن ڏار ڪري اسان سان مزاق پيا ڪن، ڇڙون پيا ڪن. ڪير جو ٻڙڪ به ڪڍي. ڪراچي ڪمرشل سروس پروگرام جمعي جي ڏينهن هڪ وڃي ويهن منٽن تي ٻہ سنڌي رڪارڊ وڄائي اسان سنڌين متان وڏو احسان ٿا ڪن. پروگرام رکو ميڊيم ويو تي هلندو آهي جيڪو لانڊهيءَ کان اڳتي ڪوئي پڌي ئي ڪونہ. باقي اردو، بنگالي، پنجابي، پشتو ۽ بلوچيءَ کي انٽر نيشنل پروگرام سمجهي پيا هلائن. آهي ڪو چوڻ وارو، اهڙو نسورو ناحق؟ ڪنهن جي درد انهي ٽيون پنهن جا ٻہ ٿ ڪنن ۾ ڪپهه وجهيو ويٺا آهن. جيستائين هوليءَ جو سوال آهي اهو ڪو سياسي مسئلو نہ آهي جو ڪُرڙيءَ وانگي لڇندا ۽ ڏڇندا رهون. هي تہ خالص اسان جي تهذيب جو مسئلو آهي، پنهنجي ثقافت جو مسئلو آهي. سڀ کان اڳ تہ هيءَ مسئلو نيڪ نتيجي جو حامي آهي. دل تان تعصب جي مُر لاهي، اکين تان انڌ جون پٽيون هٽائي، ميڇالي مان خوف کي ڪڍي، جيڪڏهين ويهي سوچيو تہ هيءَ مونجهه ڪو مٽي جو سور ڪونهي. اسان اهو ٻہ نہ ٿا چاهيون تہ ڪو انصاف رکو اسان سان ڏئي ٻہ، هر انهي ندڙي اقليت کي ٻہ ساڳيو انصاف پلئه پوي جنهن جي هوءَ حقدار آهي. باقي اها ڪيڏي ڏک ۽ شرم جهڙي ڳالهه آهي جو اسان جا ڪي پاڙ طاقت جي زور تي پاڻ کان نندين قومن جي حقن کي هٽائي قٽو ڪن اهو عمل اسان سڀني لاءِ شرمناڪ آهي. جيڪڏهين مذهب جي دائري کان ٻاهر اچي سوچجي

ٿو ته به اهو عمل اخلاقاً سراسر ناجائز حرڪت لڳندي. سان اڳ جيان وري به گذارش ڪندس پنهنجا اختلاف ختم ڪري پاڻ ۾ هڪ ٿي هڪ مقصد لاءِ جدوجهد ڪيون ليڪن ان جدوجهد جو جو طريقو، امن پسند، تعصب جي لعنت کان پاڪ هجي. باقي وڳوڙ پريون ڳالهيون نه اسان لاءِ پر سڄي ملڪ لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندیون، جنهن مان مطلب پرست ماڻهو وقتي فائدا ڀيا وٺن. اهڙيون ڪاروايون وڌيڪ مونجهه پيدا ڪنديون ۽ مسئلو پنهن جي جڳهه تي مسئلو ٿي رهندو.

ـــاشوڪ ڪنگواڻي ڪراچي سنڌ.

● اپريل جي روح رهاڻ ۾ رهاڻ مثل هڪ ڇڻ جي هئي، جنهن جي روشني ۾ پتڪيل قافلا پنهنجي منزل جي سار لهن ٿا. ايندڙ خطرن کان آگاه ٿين ٿا ۽ جنهن جي شعلن جي موجودگي ۾ ڪنهن جي همٿ نه ٿيندي آهي جو ان جي پناه ۾ ويٺل انسانن کي ڪڍه ڪڍي سگهن. ان هرندڙ شعلن جي روشني ۾ قافلو منزل ڈانهن وڪ وڌائي ٿو ۽ وڌندو رهي ٿو. منزل ڈانهن وڌندڙ هن قافلي وارن جا هٿ "شال هڪ ٻي جي هٿن ۾ سوگها رهن ۽ هو هڪ اهڙي زنجير ثابت ٿئي جنهن کي کو به ٽاهه نڳي جو ڌاهي نه سگهي."

علي بابا جو "سندر سپنا پيانڪ سپنا" واقعي هڪ سندر تخليق هئي، اڄ موٽن جي دڙي جو وارث جاڳي هڪ جوالو بنجي چڪو آهي. ان جي غيرت جاڳي پئي آهي. ۽ هو بنا ڪنهن خوف جي نهايت خود اعتمادي سان! ها دعويٰ ڪري ٿو ته "هي ڏرتيءَ منهنجي آهي."

امر جي "هڪ لاش راتين جا رولاڪ" هڪ بهترين تخليق هئي، واقعي اسانجي قوم هڪ فٽ پاٽي قوم آهي. هر روز ڪيترا انسان فٽ پاٽن تي مري وڃن ٿا. ۽ صبح جو جيئرا ٿي وڃن ٿا. روز رات جو ڪيترائن ئي عزت جون ماريون لڇون سرمايه دارن جي بنگلن ۽ ڪوٺين ۾ مري وڃن ٿيون ۽ صبح جو هڪ جيئرو لاش.... انهن پاپ گهرن مان نڪري ٿو. روز نوان سرمايه دار قبر جي ڪيڙن ۽ ڪڇهن وانگر اُن لاش جي گوشت کي ڏونڊاڙي کائيندا رهن ٿا. ۽ هڪ ڏينهن اهڙو ايندو آهي جو باقي وڃي هڏا بچندا آهن. ۽ پوءِ انهن ڦٽي ڪيل هڏن کي مرٽيننگ بڪايل ڪتا چٻاڙي کائي ويندا آهن. انسان پيٽ جي باهه وسائڻ خاطر چند سڪن جي عيوض پنهنجي قيمتي متاع حيات جو دان ڏيئي ڇڏي ٿو. ڪيترو نه قابل رحم آهي اڄ جو انسان. گهٽن انهي کي هڪ فحش ڪهاڻي تصور ڪيو آهي. آخر عام ماڻهن جي نظر ۾ فحاشي ڇا آهي؟ فحاشي اها آهي جنهنجو انسان حقيقي زندگي ۾ مرتڪب ٿي ٿو، يا ان فحاشي کي بي نقاب ڪرڻ يا ڪاغذ تي منتقل ڪرڻ فحاشي آهي.

امر کان پڇندا ته "ڇا سنڌاڻين جي شڪل کوجهي هوندي آهي؟" اوهانجي ڇا رائي آهي؟

نياز همايوني جي لوڪ کهائي "پرهم ڦٽي کان پوءِ" هڪ تلخ حقيقت آهي.
پر ادا اهو به سچ آهي ته جي کهاڙي ۾ ڪاڪ جو ڪڻ نه هجي ته "ڏار ته چڙ پر ڏار جي ڪاڪ تو وٽ ڏان ڏين هجي" اسان پنهنجي قسمت، حڪمت ۽ همٿ سان پاڻ بدلائيندا سين اها پاڻ نه بدلندي. تقدير تدبير جي تابع آهي. پر انهي لاءِ مستقل مزاجي، بهترين قوت ارادي، محنت، همٿ ۽ خلوص جي ضرورت آهي.
پڙهندڙ جي اها سوچ جو ليکڪ جي سوچ کي سمجهڻ ۾ مدد ڏي ٿي.
—سحر بلوچ، حيدرآباد سنڌ.

● ٿي مهينا اڳ مون اوهان ڏانهن هڪ افسانو "ڪوڙهن جي ريکا" موڪليو هو جيڪو اوهان جولاءِ جي شماري ۾ شائع ڪيو آهي جنهن جي لاءِ مان بحيد شڪرگذار آهيان. اِهو به ٻڌايو ته ڇا هر مهيني اوهان کي افسانو موڪلي سگهجي ٿو يا نه؟ (پلي جي اوهان لکيو هجي ۽ موڪلڻ تي مرضي هجي- ادارو).
—نسيم ٽيهو، حيدرآباد سنڌ.

● اڄ 'عبرت' ۾ اِهو پڙهي دلي خوشي ٿيو ته الله تعاليٰ جي فضل و ڪرم سان توهان کي فرزند تولد ٿيو آهي. اوهانکي لکين مبارڪون! پلي، اسان جا فنڪار پنهنجي هر تخليق جي وجود ۾ اچڻ تي انڪل ايترو ڏي خوش ٿيندا آهن جيترو ڪو عام ماڻهو پٽ جڻ تي خوشي ڪري. پڻ اُها گهاڻ رڳو اسان جي سوداءِ سان واهپو رکيٿي. هينئر هن قدرتي ۽ جيئري جاگندي تخليق تي تون ۽ تنهنجا پاڻي ڳڏيل خوشي ملهائي رهيا هوندا تنهنڪري اِها خوشي وڏيڪ چئي جنهن ۾ هڪڙو فرد نه پر ڪيئي افراد خوش آهن. خبر نه آهي ته تون ڏهني ريت الائجي سوشلسٽ آهين، الائي انارڪسٽ يا شايد جمهوري هجين. تنهنڪري خبر نٿي پوي ته هن خوشي جي تو وٽ ڪيڏهن ڪوهه ۾ اندر ٿي اندر الائجي ڪيتري ۽ ڪهڙي اهميت هوندي!
شل سدائين خوش هجين! —فقير ذوالفقار علي راشدي، نئون ديرو سنڌ.

● ڪافي عرصه کان چپ چاپ پيو ٿو، توکي پرکيان. اجايو ۽ بي سود، پلا تنهنجي جتي ۾ پنهنجا پير ڪٿي ڏا پٽجي سگهن. هڪ سنڌي جي دل جي آهه جي به جيڪڏهن توکي خبر نٿي پٽجي سگهي ته پوءِ انڪان وڏيڪ پنهنجي بدقسمتي ڪهڙي ٿيندي.
روح رهاڻ پابندي سان پڙهندو رهان ٿو. ايجنٽ هٿان هر مهيني گهر ملیو وڃي جولائي جو حيدرآباد مان خريد ڪيم. آگسٽ جو ڪوٽان ملی ويو. ايڊيٽوريل پڙهيو جو ڪم ڏٺي ٿو، ته هدايت ۽ رهبري جو پڻ شل تنهنجي قلم جي رواني دوران دوان هجي. اياز جو شعر وجد ناري ڪريو چڏي. "رت آڏي گاڙهن پيرن جي" ڪتابڑي جي صورت ۾ شايع ڪيو ته لائبريري جي وڏيڪ سونهن ٿيندي.
—امر گل سومرو، جوهي سنڌ.

Regd No. S. 2400 MONTHLY September 1968

# "ROOH-REHAN"

HYDERABAD SIND


زندگي پبليڪيشنس جا سنڌي ادب ۾
آندل کي نوان ۽ سٺا ڪتاب

جمال ابڙي جي ڪهاڻين جو مجموعو
پشو پاشا

قيمت: ٢٠٠ روپيه صفحا: ١٥٠

●

غلام رباني جي ڪهاڻين جو مجموعو
آب حيات

قيمت: ٢٥٠ روپيه صفحا: ١٨٠

●

حميد سنڌي جي ڪهاڻين جو مجموعو
اُداس وادیون

قيمت ٢٠٠ روپيا صفحا: ١٤٠

●

شيخ اياز جي شعر جو مجموعو
جل جل مشعل جل جل

قيمت: ١٠٠ ريا صفحا: ٤٠ (ڊبل ڪراؤن سائز)

●

شيخ اياز جي خطن ۽ تقريرن جو مجموعو
لامون تنهون وٽ سنديون

قيمت: پنجاهه پيسا صفحا: ٢٥ (ڊبل ڪراؤن سائيز)

ملڻ جو هنڌ:
زندگي پبليڪيشنس، پوسٽ باڪس ٢١٦، حيدرآباد


Edited & published by Hameed Sindhi from office of the Monthly 'Rooh-Rehan,' Mukhi Garden, Hyderabad.
Printed by Muti-ur-Rahman Siddiqui at Indus Printers, Risala Road, Society, Hyd.

Regd No. S. 2400 MONTHLY September 1968

"ROOH-REHAN"

HYDERABAD SIND

زندگي پبليڪيشنس جا سنڌي ادب ۽
آندل کي نوان ۽ سٺا ڪتاب

جمال ابڙي جي کاڻين جو مجموعو

## پشو پاشا

قيمت: ۲-۰۰ روپيہ صفحا: ۱۵۰

●

غلام رباني جي کاڻين جو مجموعو

## آب حيات

قيمت: ۲-۵۰ روپيہ صفحا: ۱۸۰

●

حميد سنڌي جي کاڻين جو مجموعو

## اُداس وادين

قيمت ۲-۰۰ روپيا صفحا: ۱۴۰

●

شيخ اياز جي شعر جو مجموعو

## جل جل مشعل جل جل

قيمت: ۱-۰۰ رپيا صفحا: ۴۰ (ڊبل ڪراؤن سائيز)

●

شيخ اياز جي خطن ۽ تقريرن جو مجموعو

## لامون تنهن وٽ سنديون

قيمت: پنجاهه پيسا صفحا: ۲۵ (ڊبل ڪراؤن سائيز)

ملڻ جو هنڌ:

زندگي پبليڪيشنس، پوسٽ باڪس ۲۱۶، حيدرآباد

Edited & published by Hameed Sindhi from office of the Monthly 'Rooh-Rehan,' Mukhi Garden, Hyderabad.
Printed by Muti-ur-Rahman Siddiqui at Indus Printers, Risala Road, Society, Hyd.

# روح رهاڻ

رهزنو! رهبرو!
رت جي آخري بوند جي روشني گل ڪريو
ڏوڙ جو ٻڪ پري چمڪندڙ اکڙين ۾ وجهو
دوستو! دشمنو!

هٿ پري هانوَ ۾ ٽوڪ جو تيز چاقو هڻو
چند جهڙي تمنا جي چهري تي دانگي ملیو
سائيبو! قاتلو!

— امداد

آڪٽوبر ۱۹۶۸

قيمت: پنجهتر پئسا

"زندگي پبليڪيشنس" جو
ترجمان

# روح رهاڻ

جلد:٧] آڪٽوبر ١٩٦٨ [پرچو: ٧

○

ايڈيٽر (اعزازي): حميد سنڌي

○

سرڪيوليشن مئنيجر: ليلا رام خانواڻي

⊙

قيمت: پنجهتر پئسا

سالياڻو: نئو رپيا

○

ايڈريس:

ماهوار 'روح رهاڻ'،
گاڏي کاتو
پوسٽ باڪس نمبر ٢١٦
حيدرآباد سنڌ.

رهاڻ: ايڈيٽر

شعر:

دلدار، ضيا، پياسي، بزمي، عاجز، نقاش، اصغر، شاد، امداد، پروانو، نظير، دوست، قطب، قمر، گدائي، خاڪي، ممنون، جمال، مست ۽ نرمل.

طنز:

سچ جو ڏينهن: رسول بخش پليجو.

ناول: (سلسليوار)

.وهن جو ڏڙو: علي بابا

کهاڻيون:

چپيون چاڻ: مشتاق احمد شورو.
بهرين تاريخ: پڳوان ٽلواڻي.

بزم روح رهاڻ: اداريو.

تڪيون مٿيون گالهڙيون:

پڙهندڙن جا خط

# رهاڻ

سچ جي تہ حقيقت مڃيل ٿي مڃيل آهي، سچ تہ سچ آهي ٿي جنهنجو هر وار اوندهہ جا پردا آکوڙي روشني جو علم بلند ڪيو ڇڏي. سچ کي وڏي قوت، طاقت ۽ اهميت آهي. پر هر وقت ۾ سندس اِها ڳجهي قوت ۽ طاقت لکل ٿي رهي آهي سچ ويچارو پاڻ اپي پاپ، هيسيل، ڪوماپل، لکل ٿيو پيو هلندو. سچ کي ويچارو ڪرڻ لاءِ هر دور ۾ هوس، لوپ ۽ طاقت جي نشي وڏا ڪردار ادا ڪيا آهن. سچ آنهن ڪوڙين طاقتن آڏو ڪٽيو منهن لڪائي ۽ پاسا ڪندون وٺي. پر پوءِ جيئن مشهور آهي تہ گودڙين ۾ لال پڌرا. سچ جي سونهن ڪنهن مرد مجاهد کي موهيو ڇڏي ۽ هو چپ چپ ڪري آنهيءَ لکل هيسيل ويچاري مظلوم سچ متان اهو پردو هٽايو ڇڏي ڪيس ڪلهن تي کنيو، وچ ميلي ۾ بيهيو رهي. سچ جي پرستار دنيا خوشين جا ڪٽي ڪهنب چاڙهي ۽ سچ جي شعاءُ ۽ روشنيءَ سان آنهن لوڀي، ڪوڙين طاقتن جا منهن مريو وڃن ۽ هو پڻ آپا ٿي ڪجهہ نہ ڪجهہ اجايو سجايو چيو ڏين پر پوءِ سائين، ڪير ڪير ٿيو پوي پاڻي پاڻي.

اسانجي مٿڙي سنڌ سان جيڪي عقوبتون ماضي ۾ ٿيون. تنهن جي ماپ ۽ ڪٿ کي ڇڏي اسان اسان آنهي دور جو ذڪر ٿا ڪيون جنهن ۾ هر طرح سان ترقي ٿي آهي. اسين آنهي دور ۾ هلون پيا جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هر علائقي جو سنهري دور آهي.

آنهي دور ۾ ڳالهين ڪندي ڳالهيون ڪليون آهن تہ سنڌ ۾ تمام گهڻي ترقي ٿي آهي. سنڌ ۾ ڪارخانا جام ڪليا آهن. ڇا جا؟ جي ڪنڊ جا! سائين آنهن ڪنڊ جي ڪارخانن ۾ پوءِ آهو فوجي هجي يا، باواني، حبيبي هجي يا مهراڻي، گهٽا هن علائقي جا ماڻهو ڪم ڪن ٿا ۽ ڪمند جي خريدي ڪانسواءِ ڪهڙي نموني هن علائقي کي اِنهن ملن ذريعي پيسو ملي ٿو، اِها ڳالهہ سمجهہ ڪان ٻاهر آهي. آنهن ملن جا مالڪ ڪٽان جا آهن ۽ ڪير آهن، اِها ڳالهہ بہ سوچڻ جي آهي. درحقيقت پيسو هٽان نڪري ٻاهر وڃي ٿو ۽ اِهي ملون ۽ ملين وارا آنهن شهرن کي وسائين ٿا جت اڇ پينگ واڪا ڪندي هئي.

سائين چون ٿا تہ بجلي جام ٿي آهي ۽ ڳوٺن جي گهرن ڪانسواءِ ٽيوب ويلن لاءِ پڻ ڏني پئي وڃي. ڪندا واپڊا وارا وضاحت تہ سنڌ ۾ ڪهڙن ۽ ڪٽان جي زميندارن ۽ ڪاٽيدارن کي بجلي ڏني پئي وڃي ۽ خاص نظر عنايت ڪنهن تي آهي.

چون ٿا تہ ملڪ ۾ زمينون جام ٿي ويون آهن. چوڌاري بيراجون ڪلي ويون آهن. سنڌ جي غير آباد زمين، آباد ڪئي ويئي آهي. لکها ايڪڙ زمين هن دور ۾ آباد ٿي آهي. پر سائين، آنهن زمينن جا مالڪ ڪير آهن، آباد ڪندڙ ڪٽان جا آهن؟ غلام‌محمد بيراج جي نئين زمين ڪنهن کي ملي؟ گڏو بيراج جي زمين ڪنهن کي ڏني ويئي؟ آٽان جي هارين کي ڪيئن بي دخل ڪيو ويو؟ قبضي لاءِ سندن ڳوٺن جا ڳوٺ بلڊوزرن سان گم ڪيا ويا؟ سکر بيراج جي باقي زمين جي ورهاست ڪنهن جي وچ ۾ ڪئي وئي ۽ پرائين زمينن کي ڪيئن نيلام ڪيو ويو. هاڻي تہ ائين بہ چيو وڃي ٿو تہ زرعي سهولتون جام ڏنيون ويون آهن ۽ قرض جون سهوليتون پڻ وڌايون ويون آهن. آسين رڳو انهن قرض ڏانهن اِشارو ٿا ڪيون جيڪي نالي ماتر

ڏنا ويا ۽ اڄ انهي جي عيوض سنڌ جي لکها ايڪڙ زمين انهي ڀائي نيلام ڪئي پئي وڃي، سنڌ جو پيسو ائين‌ئي ٻين جي هٿ ۾ سنڌ جو زميندار ۽ هاري اڳ هو سڄو هاڻ صفا پينگيو سو ڪٽان ٿو وک وڌائي. زمين ٻاهريان اچيو کنيو وڃن. منگلا ڊير، تربيلا ڊيم لڳي ويا آهن. پاڻي گڏ پيو ٿئي آني، ۽ صحيح ورهاست لاءِ جڏهن هتان جي ڪجهه انجنيرن دانهن گهوڙا ڪئي ته کين سخت جواب ڏنا ويا. سنڌ جي زمينن کي نه اڳ چگي طرح پاڻي ڏنو پيو وڃي نه هاڻي ڏنو ويندو. سو سائين. سنڌي زميندار، سنڌي هاري، سنڌ سموري سڄي نه ٿيندي ڏهن سونو گرهه کائيندي، سنڌ جو زميندار بيزار ٿي. زمينون نه وڪڻندو ته ويهي ٻگليون هڻندو.

اِهو هڏو اٽون ته صنعتي ڪارخانا سنڌ کي جام مليا آهن پر ڪهڙن گهرائن ۽ ڪٽان جي ماڻهن کي؟ نئين ڳالهه جا سيني جائز حقن جي ملڻ کانپوءِ هڏي اٽون ته سنڌين کي نوڪرين ۾ جام مليون آهن. چوڌاري سنڌين جي گهرن ۾ ۽ ۽ ڪنا چڙهيا پيا آهن. خوشحالي جو وڏو نظارو آهي پر جي ڪني جا ڏڪ لاهيا ته خالي ٿهڪيل پاڻي کانسواءِ کي ٻ نه ملندو. اسانجو هاري ته بکيو رهندو پي آيو، تنهن جي انگ ۾ تي جيڪي هو آهو ٻ بت تان لهي وڃي مٿي سان ملیو آهي. پر جو هيءَ سنڌ ۾ شهرن توڙي ڳوٺن جو پڙهيل ڳڙهيل طبقو گرهه گرهه لاءِ پريشان آهي، خالي ڪنا پيو چاڙهي، اِهو سڀ ڇو آهي ڇا جي ڪري آهي؟ ڪيئن ٿيو آهي ڪنهن ڪيو آهي؟ اِهي ڳالهيون ڦورا ٿيون ڦولهائين، اِهي ڳالهيون وڏا وڏ ٿيون وڃن. آسين رڳو مٿاڇرو سٽ ڪي سٽون ڪيون ٿا. هن علائقي ۾ جنهن بي‌چيني جو اظهار ڪيو پيو وڃي، اُن جو وڏو سبب آهي غلط ورهاست. زمينن جي، پاڻيءَ جي، نوڪرين جي، مطلب ته هرهنڌ، ليکي ۽ حساب کي پري رکيو ويو آهي.

سنڌ جي پڙهيل ڳڙهيل طبقي ۾ آڏ ماند نه صرف ٻين جي غمن ۽ فڪرن ڪري آهي پر سندن جا ڏوتي پئي آهي، اُنهيءَ کين سچ چوڻ تي مجبور ڪيو آهي ۽ جي اُنهيءَ سونهي، هوشيار، سمجهو طبقي کي راضي نه ڪيو ويو ته شايد هو گهرڙ کان مايوس ٿي ڦرڻ لڳي.

پڙهيل ڳڙهيل طبقي جو گذران گهڻو ڪري نوڪرين تي آهي، ۽ اڄ سنڌ ۾ سنڌين کي نوڪرين کان جواب آهي. سنڌ جو ڪوبه ڪاتو ڪڍو، اُن جا انگ اکر ڪيو، ڳالهه پڌري ٿي پوندي. وڏي اهم ڳالهه جنهن سيني کي ماريو آهي اها آهي ته سيني کاتن جا سربراهه غير سنڌي آهن. تعليمي کاتو هجي، ٻيلائي کاتو، کاڌي (فوڊ) جو کاتو هجي، يا پاڻي جو، روشني (بجلي) جو کاتو هجي، يا ريلوي جو، ميونسپالٽي هجي يا سيڪنڊري بورڊ، سيني جا مک غير سنڌي آهن. پوءِ پلا انهن کي اسانجي مسئلن جو مٿي ۾ ڪهڙو سور. ڪنهن سنڌيءَ کي مجال آهي جو اُن کاتي ۾ گهڙي ڏيکاري. مورڳو جيڪي سنڌي آهن انهن کي ڪيڏ جا سعيا آهن. تازو تعليمي کاتي وارن ٽن سَوَ سنڌي ماسترن کي ڪيڏ جا حڪم جاري ڪيا آهن: تعليمي کاتي ته ڪلورن مٿان ڪلورڪيا آهن. شاگردن جا مٿا ڙلي ويا آهن. نوڪرين وارن جي پيٽ مٿان لت آهي. پوءِ به جي اِهو پائيچارو آهي سنڌي ماستر، سنڌي تعليمي ماهر وڃي ٽڪون چٽين باقي ٻاهريان اچي هنن صاحبن جا پير لکين ۽ مقامين جي حقن کي مارين، انهن جي ٻارن جو مستقبل تباهه ڪن ۽ پنهنجو پيٽ ڀرين. سنڌي آهن اچوت ۽ ٻيا آهن پير ۽ سيڊ. سيڪنڊري بورڊ ڏانهن

وڃو، غير سنڌي چيرمين صاحب جي حڪم سان، يا ته ملنديون غير سنڌي نينگريون يا غير سنڌي عملو ويندي در جي چوڪيدار تائين. بورڊ جي پاليسي: نيون جايون ايجاد ڪيو ۽ ٻاهرين کي اُنهن ۾ ڀريو، جي اهي نه اچن ته خوبصورت ٻاهريون نينگريون آڻيو ته بورڊ جي نئين بلڊنگ وڌيڪ خوبصورت ٿئي.

پيلائي کاتو ڏسو: غير سنڌي، آڻيو ته رکي ڏيکارينو ۽ باقي سنڌي وڃي آڳوڻا چوپين.

ميونسپالٽي هاڻي ٽي وڻي ترقيءَ اردو بورڊ جتي ملڪ جي آئين کي رد ڪري پنهنجو آئين ٺاهيو ويو آهي. اُن مطابق ميونسپالٽي هلي ٿي، اُڙدو هلي ٿي، اُڙدو دان هلن پيا باقي سڀ ڏوڙ پائين. ٻڌيوالو ۽ پنگي به ٻاهران آڻبو پوءِ پلي آهو اڙدو نه ڳالهائي پر سنڌيءَ بنهه نه ڳالهائي.

بجلي جو عملو ڏسو: ريلوي جو عملو ڏسو، کو ڏسڻ ۾ اچيوَ ٿو مقامي ماڻهو. ڪهڙا ڪاتا ڳڻايان، ڪهڙا ويهي سچ ڳالهايان- سچ تان ته مرد مجاهدن اڳيئي پردا ڪٽي ڇڏيا. حاڪمن جا ڪارڪن ويچارا هلندا آهن حاڪمن جي مرضي ۽ هوا جي رُخ تي، پر هت سنڌ جي هڪ مجاهد ڪارڪن قاضي فضل‌الله صاحب اُن لڪل، هيسيل، موڙهل سچ تان پردو ڪٽي ڇڏيو. اڄ آهو سچ جو پراڻي زماني ۾ مومنن جي نماز لڪي پڙهڻ وانگر، لڪي پي پچاربو هو، اڄ سربازار بيٺو پيو نچي ۽ قاضي صاحب کي پيو دعا ڪري. ڪٽي ٽيون آهي اسانجي پنهنجن جون تردين ۽ من گهڙت بيان اُن سچ مٿان پردو وجهي سگهن.

آسين اِن ڳالهه کان اِنڪاري نه آهيون ته ترقي نه ٿي آهي. آسين مڃون ٿا ته آن به جام ٿيو آهي، پاڻي به جام آهي، پيسو ڏوکڙ به جام آهي، روزگار به جام آهي پر اِهو سڀ ڪنهنجي لاءِ آهي، اِهو سڀ ڪير ڪنيو ٿو وڃي. نه ليکو نه چوکو، نه حساب نه ڪتاب آخر آهي ڪو ڏٽي ڏوکي يا بنهه بس.

اسانجي دانهن آهي اسانجي موجوده اڳواڻ ۽ ملڪ جي حاڪم کي صرف غلط ڳالهيون ٻڌائي تعصب جو رنگ ڏئي سندس آڏو ئي سچ کي پامال پي ڪيو ويو آهي. صدر سائين کي عرض رکو اِهو آهي ته هن بيچيني جا سبب معلوم ڪيو، هنن دانهن ۽ ڪوڪن جو ڪو تدارڪ ڪوليو. باقي زيردستن جي رکي ڏهاڙي عوام جو آواز ڪٽي ٿو ڏيڄي سگهي. سنڌي عوام ڦريل، لٽيل ۽ ماريل آهي، اُنجي مٽي تي دست شفقت ڦيرڻ جي ضرورت آهي. اُنکي قرب ۽ پيار جي ضرورت آهي. اُن سان جيڪو ڏاڍيان ڳالهائيندو يا مورڳو الزام ڏرندو ته هيءَ بيزار ماريل عوام چڙندو نه، وڙهندو نه ته ڇا گلن جون ڪينيون پارائيندو. سنڌ جو عوام هر دور ۾ وفادار ۽ سڃاڻو ٽي رهيو آهي. سندس سڃاڻپ ۽ معصوميت جو فائدو وٺي ڪيس ڦريو لٽيو ويو آهي. اڄ ڪيس انصاف جي ضرورت آهي. اڄ هو حساب ڪتاب ٿو گهري، پنهنجا جائز حق ٿو گهري. ڇا اسانجو حاڪم ۽ صدر اِهو اِنصاف نه ڏيندو، ڇا هو سنڌ جي عوام مٿان دست شفقت نه رکندو. جي هو اِئين ڪندو ته آمر رهندو، جو هو نه ڪندو ته سنڌ جو عوام شايد ڪيس اڳتي هلي وساري ڇڏي؟ — حميد

دلدار احمد اديب.

# الوداع

هيءُ 'الوداعي' شعر دلدار احمد اديب جو آخري شعر آهي. هن ۾ کي نظم آهن ۽ کي غزل. سندس ڪلام ۾ جيڪا گهرائي ۽ سلجهائي آهي، سا سندس ذهن، عمل ۽ ڪردار کي نمايان ڪيو ٻيٽي آهي. سندس ذهني بيچينيءَ کيس وهڻ نه ڏنو ۽ هُن پاڻکي ختم ڪري ذهن جي بيچينيءَ کي هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيو. پر سندس اِها بيچيني هر دؤر جي بيقراري ۽ بيچيني آهي. آهـا قائـم رهندي جيسين اسين بـي واڳ، منجهيل پٽڪندا رهنداسين، جيسين اسين مايوسي کي ڇڏي ڪجهه ڪرڻ لاءِ سوچينداسين. دلدار جي اِنهي مايوس قدم اسان سڀني کي چرڪائي ۽ سجاڳ ڪري ڇڏيو آهي. شال دلدار آڻي خوش رهي.

"ادارو"

اڄ مان هتان تو وٽان
ٿو وڃان حاصل ڪري
هڪ جاودان جذبو سڄڻ!
تون هتي ناهين مگر
هر چيز ۾ تنهنجو نفس
ٿو پڪاري الوداع.
تنهنجي پوري زندگي
مجبوريون لاچاريون
سمجهيون اٿر هاڻي سڄڻ!
تنهن ڪري منهنجي مٿي
تو کي دعائن سان ڀري
مان هتان ويندس هليو.

زندگيءَ جي راهَ ۾
پيا به آهن مرحلا.
پيارئي ناهي فقط:
'زندگيءَ جي نجات'
پيا به آهن مشغلا!

●

آءٌ پنهنجي ڪوٽ جي ڪجهه پاهران
سفر تان واپس اچي
ويهي رهيو آهيان ٿڌي
ءِ نئي همت ٿئي
جو وڌان ڪجهه اڳيرو.
ڇو ته منهنجي زال ويئي آ آڻي:
جا مونکان آهي گهٽي عفت ماب
ڇڻ ته فطرت جو مقدس آ ڪتاب.
منهنجي ننڍڙن ٻارڙن کي آريو،
اوسيڙي ۾ وئي ڪائي پيچ و تاب.
ءِ مان هتي ٽورو پري
فڪر ۾ ويو هان ٻڌي
ڪيئن ڪندي هوءَ استقبال
جنهن کي هي ناهي خبر
ڪيڏو نه آهيان مان دجال!

●

ڪا دل شڪار ٿئي يا خود پنهنجو شڪار ٿيون،
اڄ تنهنجي الفت ۾ وري ٿا اشڪبار ٿيون.

دل خود وڏي هٿن مان فقط توڙڻ ڏسي ڪري،
دل تي ڇا اختيار، ٿا بي اختيار ٿيون.

هر دل جي ڪيفيت نه اڇي ٿي زبان تي،
دل تو ڪي ڏڻي ائين ئي ٿا آشڪار ٿيون.

ٻيو ڇا ڪريون اديبا ڪاغذ قلم ڪٿي،
احوال دل لکي ڪري ٿا قلمڪار ٿيون.

●

پنهنجي قسمت ۾ فڪر جا پيچ وخم،
انتشار و اضطراب و درد و غم.

احساس کان خالي نه آهي جذب دل،
هر طرح معمور ڇڻ ڪو جام جم.

هان! مگر هڪ آه ٿي آيري اڇي،
جيئن پنهنجو پاڻ تي تازو ظلم.

جيئن ڪنهن فنڪار پُرافڪار کان،
ڪنهن ڪسي ورتو هجي پنهنجو قلم.

هاءِ! دل جي آه زاري ڪين پُڇ،
ڇڻ ڪيو ڪنهن راه ويندي تي ستم.

ساز جي تارن ۾ لرزش باوجود،
جيئن ڪتل ڪا تند روکي زيروبم.

⊙

آڪٽوبر ۱۹۶۸ع

# وايون

ضيا

پانڌين تائين پهچي ويندا پرت سندا پيغام،
الوميان پرت سندا پيغام.
ڪيئي هوشو اٽندا هاڻي، هٽندا سر جي هام،
الوميان پرت سندا پيغام.
پنهنجي پيڙا لاهڻ خاطر آٽندا نيٺ عوام،
الوميان پرت سندا پيغام.
پنهنجا نعرا گونجي آٽندا، گهٽيءَ گهٽي ۽ گام،
الوميان پرت سندا پيغام.
شال پچي سپ ڪوٽ ۽ ڪنگرا، ٻڌجون پاڻ امام،
الوميان پرت سندا پيغام.
سنڌڙيءَ جي مٽخاني ۾، ڪٽن گردش پنهنجا جام،
الوميان پرت سندا پيغام.

●

پيربخش پياسي

هُري هيٺين ۾ هر ڪنهنجي ٽي،
هوشوءَ جي هت هاڪ. او ميان!
هوشوءَ جي هت هاڪ.
خوف خطر، ڊپ ڏاءِ جون ساريل
دلين تي تنهنجي ڏاڪ. او ميان!
هوشوءَ جي هت هاڪ.
ڏيل ڏکائي ڪولي چڏيو تنهن،
طاقت تن جو تاڪ. او ميان!
هوشوءَ جي هت هاڪ.
محبت ۾ مڙو مير مرکندي،
تہ ۾ ڪلي چيائين خاڪ. او ميان!
هوشوءَ جي هت هاڪ.
چني چڏيو جت جوٽ هو چيرن،
چيري چٽ جو چاڪ. او ميان!

قرب جو ڪرت ڪنڌ تي ڪڙڪيو،
نہ تہ ڪير وسائي ڪاڪ. او ميان!
هوشوءَ جي هت هاڪ.
ڪوڙها ڪلن تان تہ تہ پٽ تي،
جڙ برسي بر ۾ ماڪ. او ميان!
هوشوءَ جي هت هاڪ.
پلا ڪيئن سڻجهو مان هي پلاڪان،
تر سندو ڏس. ٽاڪ. او ميان!
هوشوءَ جي هت هاڪ.
لائي لگن ڪي پيار مان "پياسي"،
پٽي پيرن جي پاڪ. او ميان!

●

نثار بزمي

تنهنجو منهنجو ڪهڙو سنگ
تون زاهد، مان چوريان چنگ
حورن جي تون آس رکين ٿو
پنهنجو پنهنجو آهي ڍنگ
تون زاهد، مان چوريان چنگ
مان هڪ صوفي سچ جو طالب
ابتو آڙو تنهنجو ونگ
تون زاهد، مان چوريان چنگ
جنت جي بک تنهنجي دل کي
منهنجي دل ۾ هردم رنگ
تون زاهد، مان چوريان چنگ
منهنجي دل تي پرت جا پاچا
ظاهر تنهنجي دل ۾ زنگ
تون زاهد، مان چوريان چنگ
تنهنجن سجارن کي مان ڄاڻان
ڏينهوءَ وارو ڄاڻين ڏنگ
تون زاهد، مان چوريان چنگ
تنهنجو تکيو مسجد ۾ آ
ننگيءَ تي "بزميءَ" جو ننگ

شير محمد عاجز آڇ

او ڪي پنهنجي وات اوسائي! او ڪي پنهنجي وات
پنڌ پرانهون، او ڪي منزل، ويري آهن وات
او ڪي پنهنجي وات
سرتيون اڇو سنگ ٽيو، ٽوڙيون ڪاري ٻات
وڙهي ويرين آهان سامهان، ناهيون پنهنجي وات
سنڌڙي نان سير صدقي صدقي، گهايون اوچي گات
ڪينجهر کان ڪارونجهر نائين، اوچي ڪريون لات
ٻات اونداهي نيٺ ٿ ڪندي، ايندي روشن ڇات
او ڪي پنهنجي وات.

○

نقاش

رات رڻاري ٽي وي راڻا! هاڻ ٿ لهه ڪاسار!
مَن بادل مان بوندون برسن، اکڙيون ميگهه ملهار،
هاڻ ٿ لهه ڪاسار!
سيپ ۾ سُهڻي ساهه ڏيئي ٿي، محب مٺا ميهار!
هاڻ ٿ لهه ڪاسار!
راتين جا رولاڪ گهٽا، مون ڏينهن ڏنگي ڏاتار!
هاڻ ٿ لهه ڪاسار!
ڪيسين لڪندا لوڪ ۾، جن ڪي نينهن ڪيو نروار؟
هاڻ ٿ لهه ڪاسار!
هوليءَ ڪي لوليءَ جي عوض سير ڏيئي سينگار!
هاڻ ٿ لهه ڪاسار!
پرت جي پيالي ڪا پياسن ڪي اي پيارا اڄ پيار!
هاڻ ٿ لهه ڪاسار!
وهم پيڙ ڪان ڪٿين ڪندا ڇڏ، آديسي انڪار؟
هاڻ ٿ لهه ڪاسار!
آڪ "نقاش"! ٽري ٽو ٽالو، نند نه ڪر تون يار!
هاڻ ٿ لهه ڪاسار!

●

اصغر چنہ

تون منزل، مان آهيان وات پرين.
مان اونده، تون تمکات پرين.
مان سپنو سچو، تون ساڃيان الا،
مان لهر الا تون ساحل پرين.
تون منزل، مان آهيان وات پرين.
مان اونده، اونده، ٻات پرين.
تون چوڏينهن جو چمکات پرين.
تون چاندوکي آڌ هان چکور الا،
تون طوفان الا، مان گهات پرين.
تون منزل، مان آهيان وات پرين.
تون ساگر هان اٿاه پرين.
مان سکندڙ هان غواص پرين.
تون منزل ڏاڍي ڏور الا،
مان ٻڪيل جي ڪا آس پرين.
تون منزل، مان آهيان وات پرين.
مان لهر سان لڙندڙ ملاح پرين.
تون تکو الا طوفان پرين.
تون منزل ڏاڍي ڏور الا،
مان سکندڙ هان سوار پرين.
تون منزل، مان آهيان وات پرين.

●

محمد بخش شاد

تير ظالم تي وسائيندا هلو،
قدم تي قدم وڌائيندا هلو.
پنهنجا ويري به وڌندا پياوڃن،
داغ دلين جا مٽائيندا هلو.
پيار ۽ پريت سندا پوچاري،
سوپ جا ساز وڃائيندا هلو.

●

امداد حسيني

## نظم

رتَ رگيٽي
ستَ سگيٽي
منهنجي ہن ہارن جي ماءُ!
رهندي جڳَ تائين
تنهنجي ٽڻن ۾ ٽيجُ رهي!

⊙

پروانو پٽي

## ٻـ قطعا

ڪير چوي ٽـو گـالهه نئين آ،
ذهن، زبان، احساس تي بندش
پيتي ۾ پـل گـل بند رکجن،
وجهي نه سگهي واس تي بندش.

—

رات ڪاري کان ڊڄـو چوٽا اوهين،
سڄ سـندس آڏو نٽو بيهـي سـگهي
رات تارن سـان ڪئي پـٽي گفتگو،
ڪنهن ڪلي چيو! "ڏس چريو چاپيوچوي."

—

## نظير ٽکهڙائي

سائين جي پينگهي ۾ ڪٽ تي.
پنهنجو هٿ رکي ڪن ساڪ.
بک مرين تان پلي پيو مر،
وڪٽي ديور ديگو ڏي ڏاڪ.
پوءِ ٽيندين چڳ ويو،
جيسين نه لهندينءَ پوري لاک.
جيڪر سنڌ ۾ رهڻو اٿئي
تہ ڪن تون هڪ ٽنگي جٽن پير.
پريان هٽ ٻڌي ۾ نڙي
چئو تون "قبلا با چاهي خير"
ان ۾ تنهنجي آهي پلائي،
ورنہ رکبو تو سان ويڙ.
ڪوٽي چوندا اهڙا تهڙا،
آهين پاڻ سڏائين سير.
پد پراڻو ناهي پٺهين جو
هليو وچ هتان تون هير.
هي سڀ سنڌ جي آهي حالت،
چئو تون تنهنجو آهي ڪير!!

ڪٽ تي ويٺل نيل ڏڏي آهه،
پاسن ڪان ماڻهن جو ميلو.
سائين جي ارشاد ٻڌڻ لاءِ،
هرڪو گهاٽ آيو ۾ اوچو
ويرم ڪن ۾ ڪٽ لرزي، وئي
"چورا مون کي پاڻي ڏيو".
هن هوٽل جي پاڻي کي پي،
ماڻهن هٽ وجهي آه پيتو.
سو ڪٽين آڻون پيئندس هاڻي،
نانڊ ۾ جوڙيي گلاس ۾ جوڙو.
سڀ ڪجهه جوڙو سائين جي لاءِ
باقي گهرجي ..... ۾ پيسو.

سائين جي پينگهي ۽ ڪٽ تي.
پنهنجو هٿ رکي ڪ۽ ساک.
بک مرين تان پلي پيو مر،
وڪٽي ديور ڏگو ڏي ڏاک.
پوءِ ٽينڊين چڳ ويو،
جيسين نه لهندينءَ پوري لاک.
جيڪر سنڊ ۾ رهڻو اٿئي
تہ ڪ٦ تون هڪ ٽنگي جٽن پير.
پريان هٿ ٻڌي ۽ نڙي
چئو تون "قبلا با چاهي خير"
ان ۾ تنهنجي آهي پلائي،
ورنہ رکبو تو سان ويرِ.
ڪوٽي چوندا اهڙا تهڙا،
آهين پاڻ سڏائين سير.
پد پراڻو ناهي پٽهين جو
هلبو وچ هتان تون هير.
هي سڀ سنڊ جي آهي حالت،
چئو تون تنهنجو آهي ڪير!!

ڪٽ تي ويٺل نيل ڏٽي آهر،
پاسن ڪان ماڻهن جو ميلو.
سائين جي ارشاد ٻڌڻ لاءِ،
هرڪو گهاٽ آيو ۽ اوچو
ويرم کن ۾ ڪٽ لرزي، وئي
"چورا مون کي پاڻي ڏيو".
هن هوٽل جي پاڻي کي پي،
ماڻهن هٿ وجهي آه پيتو.
سو ڪئين آئون پيئندس هاڻي،
نانڊ به جُوٺي گلاس به جُوٺو.
سڀ ڪجهہ جوٺو سائين جي لاءِ
باقي گهرجي ..... ۽ پيسو.

دل جو پکي ويو ڪاڏي آڏامي، جانچ ڪرڻ جي حاجت ناهي،
سور ۽ سختيون ڏاڍا سٺائين، سورن ۾ ڪا راحت ناهي.
آه اڪيلو پاڻ آڏاميو، بي ڪنهن کي ڪا دعوت ناهي،
آهيون اسان پر سوره هٿڙي، هار ٻڌڻ جي عادت ناهي.
جيئي سڏ ٿا هردم گهايون، ڪنهنکي ڇوڻ جي طاقت ناهي،
ٻيوس دوست وڃي ٻيو ڪاڏي ان جي ڪنهنکي پارت ناهي.

⊙

قطب صديقي

خاموش نظرون ۾ بيتاب جذبا
ويرانين جي تون آهين ڪا حور
تنهائين جو آ تنهنجو وجود
مانجهي نه ڪو تنهنجي منجهدار جو.
سونهن تنهنجي سرءُ جهڙي
سوچ تي سوچين پئي تون لوچ تي لوچين پئي
پير جي آ گوئي سان ڏرتيءَ کي ڇو کوٽين پئي؟
وائڙن وانگي تون واجهائين پئي هر وات کي
رڄ ۾ ٿو پيار تنهنجو ساري آڄ
روح تنهنجو درد جو اونهون ڪو ڪوه
زندگي پنهنجي گناهن سان پريل ڪا گندگي
پريت آ جڙ بندگي
وار وڇڙيل مون ڏٺو هڪ وار تو کي نند ۾
زندگيءَ کي زلف جي زنجير ۾ جڪڙي ڇڏيم
قول تنهنجي قرب جو مونکي قبول

⊙

# گيت

قمر شهباز

چنڊ رات،
چنڊ رات،
اڄ ڪٿي تون ٻي پاءِ،
منهنجي جيءَ ۾ ٻي جهات،
چنڊ رات!
منهنجي پيار جي پناهَ،
تنهنجي لازوال لات،
چنڊ رات!

تنهنجي روپَ مان رڳي،
منهنجي بي پناهه ذات،
چنڊ رات!
تنهنجي مرڪ کي ڏسي،
موتيءَ مچي آ مات،
چنڊ رات!
منهنجي جيءَ کان ته پڇ،
ڇا نه آهه تنهنجي تات،
چنڊ رات!
چنڊ رات!

⊙

عبدالڪريم گدائي

ڪورا ڪارا سڀ خالق جا، ٻانها آهن هڪ مالڪ جا،
ڇا جا ويچا، ڇاجي نفرت، مذهب پنهنجو پيار
ٻڌايون سڪ جو ڪو سنسار.
انسانن ۾ نفرت ڇا جي؟ ڪينو ساڙ ڪدورت ڇاجي؟
هڪٻئي لاءِ حقارت ڇا جي؟ ڇا جو هي تڪرار
ٻڌايون سڪ جو ڪو سنسار.
ذاتيون پاتيون، فخر وڏايون، رنگ نسل جون سڀ اروڏايون
آهن جنگ فساد جو باعث. زهر پريو پرچار
ٻڌايون سڪ جو ڪو سنسار.
رنگ نسل جا ڏونگ اجايا، حرص و هوس ڇا سانگ ٻڌايا
ڇا گوري ۽ ڇا ڪاري ۾، ساڳيو سرجڻهار
ٻڌايون سڪ جو ڪو سنسار.
جنگ جدل آهي چوڏاري، انسانن جو رت آ جاري
ساڙي آهي ڌرتي ساري، رنگ نسل جي نار
ٻڌايون سڪ جو ڪو سنسار.
پنهنجو مسلڪ پيار گدائي، هندو مسلم سڪ عيسائي
جوڙ سيڀئي هڪ خالق جي، سڀ ۾ ساڳيو پيار
ٻڌايون سڪ جو ڪو سنسار.

خميسو خان خاڪي

رات انڌاري، وئي وات وڃان!
پيرين پيادو پنڌ پرانهون، سونهون ناهي،
ويڻي ويندي ورندي واري، وئيو وات وڃان!
طوفانن سان گڏ مان هلندس سينو ساهي،
ڪيسين رهندين ڪاڪ تون ڪاري، وئيو وات وڃان!
پورب پاسي سورج چمڪي نڪتو آهي،
ٻاٽ ۾ لات آ ڪنهن اڄ ٻاري، وئيو وات وڃان!
لوڪ سڀني مان ويٺس ساري ٻوهه ڪي ڏاهي،
پيد پڇي هي پاري پاري، وئيو وات وڃان!
ڪنهن جي ڪارڻ در در ڳايان، گيت ٿو ناهي،
ڪوڙها ڳاڙي عمر مان ساري، وئيو وات وڃان!
وئيو وات وڃان.....!

⊙

ممنون پٽي

## دوها

سوچ تي پهرا، ساه ٿو ڪٿجي ڦاٽي پوندو هان!
ڪيئن وڃان، مان ڪيئن وڃان، او جيجل! تنهنجو نان!
سنڌڙي تنهنجي برن پٽن ۾ پٽڪي پئي اڄ پينگ،
راهه راهه تي ويٺا آهن ور ڏيئي واسينگ.
اڄ مهراڻ جي موجن ۾ ڪونهي ڪو ساڪيو شور،
سسئي ڪي ڏس ڪير ڏئي پڙ پانگ بڌيو پنهور.
ڪوڙ جي وستي، ڪوڙا ماڻهو، ڪوڙ جيئي جڳ جڳ،
پر اسانجي آهي سڀيل سچ سين الا رڳ رڳ.
مان ڪندا سين ڪين ڪڏهن او سنڌڙي تنهنجو سونهن،
جيجل خاطر سر سهائن آه اسانجي ورونهن.

●

# سورن پري جواني

هلڪا هلڪا پير کڻي ٿي، چيٽ جي فصلن منجهه ڦري،
ديل ڏلي ٿي باغن ۾ ۽ مورن کي ٿي مست ڪري.
هن جا وار ته ڪارا ڪڪر، پروان ڪاريهر الا
صورت هنجي ڪنوڻ جو نجلو، اکيون چڙ ٿي باه پري.
ٻُنگ متر جا ڪائيندي ٿي، سينو تاڻي نيٺ ڪڍي،
بري ٿي هڪري ٽاري ڪائي، هرڻي ٿي چڙ گاه چري.
اڪ جي ڦلڙن مان ٿي هاڻي، هار کي ٽاهي بلي بلي،
سون ربي جي حاجت ناهي، اڇلو چندن هار پوي.
سونهن جا گلڙا سينڌ ۾ ڏس ٽا، سونهن ڪهڙا سهڻي ڪي،
سورج گل ٽيڙي هاڻي آ، سڄ ڏي ٻيٽو مُهڙ ڪري.
پُوڙن کي ٻَڪَ ٿي پائي، چڙ موسل راڻو ٿي ريجهائي،
سهڻي لهرن کي پرچائي، ميهر لاءِ ٽي تار تري.
جهونگاري ٿي چپڙا چوري، گيت غمن جا ڏس ته الا،
راءِ ڏياڄ جي سر ونڍ لاءِ، ٻيجل جو ٿو چنگ ٻُري.
ڳالهائي ٿي چڙ ته خدا سُڻهن، موتين جو ٿو مينهن وسي،
ڪونج ٿي ڪرڪي، ڪويل ٻولي، منجن جي ٿي اهل ڪري.
ڦوهه جوانيءَ واري وينگس، گهڙي ڪلي ٿي گهڙي روئي،
هن کي ڪهڙو درد الاڙي، سڏڪا چو ٿي هيءَ ڀري.
اکين ۾ ڳوڙهن کي لڪائي، سيني ۾ سڏڪن کي رکي،
چوٽي ايڏو ضبط ڪري ۽، چوٽي ٽڏڙا ساهه ڀري.
ٻڙڪ نٿي ڪا باهر ٻاڦي، اندر ۾ آڙاه رکي،
بيئل پاڻي شَهرَ نه ٻوڙي، ڳنگو مت ڪو مينهن وري.
اک ٿي ڦيري ڏرتيءَ تي پر، مڪڙيءَ جيان منهن بند ڪري،
ڪوسا ساه نه ڪنڊيون ساڙن، آهن سانڍ نه اپ ڏري.
رت ۾ لَوئي لَوئي آئي، جوڳهن وارو ويس ڪري،
مارئي آ چڙ موٽي آئي، سورن جا سَو جهول پري.
واريامي جو گل آهي ڏس، هاڻ ڪري پيو پوڻن ٿي،
پاپي آ سنسار سپوئي، ڪير ٿو ڪنهن جي ڪهل ڪري.
هن جو درد دنيا ڪان ٻيو آ، دنيا ليکي درد بنا
سَيڻ "جمال" اُتي ايندو آ، جاتي ڪائي باهه ٻري

## ٽيڪچند مست

غزل

هرڪو نظر اچي ٿو، مطلب جو يار پيارا،
دنيا ۾ ڪرڻ ڪنهن تي تون اعتبار، پيارا.
پاڻي پئبان ڏڪياسين پر ريت ئي ته نڪتو،
پلجي شڪست کاڏي آ، موتمار پيارا.
جنهن شاخ تي اڏيو مون، نيڙو مڪان پنهنجو،
آن تي رسيو آچانڪ بجليءَ جو وار، پيارا.
محبوب جي ملڻ لاءِ چا چا نه دل سئو ٻيي،
پائي نه پر سگهي سا، پٿر جو پيار، پيارا.
ڪيڏيون نه ڪج ادايون رسوايون پي ڏٺيون مون،
ليڪن وچي بچيو آ، اڄ اِنتظار، پيارا.
خون- جگر جو دل ۾ پارڻ وفا جو هاريو،
تنهن کي ڏيکيو جفا جي گردو غبار، پيارا.
آڏار "مست" ونجي ڪيئن بيوفا جهان جو،
گل جي لباس ۾ جت پسجن ٿا خار، اي دل.

●

## واسديو نرمل

درد جو جنهن ۾ ڪو نشان ناهي،
پڪ آهو منهنجو داستان ناهي.
اي گلو! ڪجهه اکيون پٽي ته ڏسو،
آهه گلچين، هي باغبان ناهي.
آشيان لاءِ ٿمر ته آهي، پر،
آشيان واسطي مڪان ناهي!
هيت آسان کي به ڪو مڪان نه آ،
هڪ خدا ئي ڪو لامڪان ناهي!
تنهن کي "سنڌي" مان ڪئن سڏيان، جنهنکي-
"شاهه" جو ڪجهه به، بر زبان ناهي.
تنهنجي ساهن سندي سڳنڌ جو سُنهن،
ويجهي ڇڪ ۾ ڪو بوستان ناهي.
روشني جو ٿي کيل آ "نرمل"،
باقي هيو ڪجهه، هيءَ آسمان ناهي.

# سچ جو ڏينهن

دل، گردي ۽ ڦڦڑن بدلائڻ جي ڪامياب آپريشنن کان پوءِ دنيا جي چوٽيءَ جي سائنسدانن جي ذهن ۾ هڪ اڇا ۽ انوکي ۽ انقلابي ايجاد ڪرڻ جو خيال پيدا ٿيو! ڇا ائين ممڪن نه آهي ته ڪا اهڙي دوا ايجاد ڪجي جنهن جي ڪارائڻ سان ماڻهن جي ذهن بدلجي وڃي؟

مثلاً ڪو ڪنجوس آهي ته ان دوا جي استعمال سان سخي ٿي پوي، گيدي بهادر ٿي پوي، شرابي پرهيزگار ٿي پوي وغيره؟ ڪن سائنسدانن جا خيال اڇا ۽ مٿي اڏامڻ لڳا. ڇو نه سڄن قومن جون ذهنيتون هڪ ٻئي ڏي سان بدلائي ڇڏجن؟

درحقيقت ڪيترن سائنسدانن اهو ڪم لڪ ڇپ ۾ ئي جنگي عظيم کان پوءِ ٿي شروع ڪري ڇڏيو هو پر ڪاميابي هر ڀيري کانئن گسائي ٿي وئي. آخر ۱۹۶۸ع جي زبردست ڪاميابين سندن راه مان آخري رڪاوٽون دور ڪري ڇڏيون.

— آمريڪا ۽ جرمنيءَ جي سائنسدانن اهڙا انجيڪشن تيار ڪري ورتا جن جي ڇهن مهينن جي ڪورس استعمال ڪرڻ کان پوءِ ماڻهن جي ذهنيتن ۾ زبردست ڦيرو ٿي اچي ويو پر انجيڪشنون مهانگيون ٿي پيون ۽ عرصو وڌيڪ درڪار هو تنهن ڪري سٽزرلينڊ جي مشهور نوبل پرائيز ملهيل سائنسدان ڊاڪٽر پال هارجورڊ جي اڳواڻيءَ هيٺ وڌيڪ تحقيقاتون ڪري نيٺ اهڙو پائوڈر تيار ڪيو ويو جو تمام سستو هو ۽ هڪدم فائدو ٿيو ٿي.

اوائلي تجربن لاءِ دنيا جي مختلف چونڊيل علائقن تي هيلي ڪاپٽرن ذريعي پائوڈر ڇٽڪارڻ جو پروگرام ٺاهيو ويو. اهي ٽڪرا ڪهڙا هئا تنهن جي ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي. مختلف علائقن تي مختلف ذهنيت پيدا ڪرڻ وارو پائوڈر ڇٽڪاريو ويو مثلاً ڪٿي رحم ۽ قرباني ۽ جو ته ڪٿي حيا ۽ اخلاق جو ته ڪٿي حب‌الوطني ۽ حق گوئيءَ جو وغيره.

اتفاق سان دنيا جي انهن ٽڪرن ۾ سنڌ کي به شامل ڪيو ويو ۽ مٿس رات جو سچائيءَ وارو پائوڈر ڇٽڪاريو ويو. بي ڏينهن فجر جو جيئن ئي هاڪرن، اخبارون پهچايون ٿينئن ٿي پائوڈر جا اثر ظاهر ٿيڻ لڳا.

اخبارن جا پيا ته سمورا صفحا پائوڈر ڇٽجڻ کان اڳ ۾ ڇپجي چڪا هئا باقي ايڊيٽوريل صفحا رهجي ويا هئا جي سڀ کان آخر ۾ ڇپيا هئا. هڪڙي اخبار جا سڄو وقت پنهنجي مالڪ جي حمد و ثنا ۾ مشغول هجڻ ڪري بدنام هئي تنهن پنهنجي ايڊيٽوريل نوٽ ۾ لکيو هو، "ڪيڏي نه شرم جي گالهه آهي جو اسين چند چاندي‌ءَ

جي سگن جي عيوض پنهنجو ايمان وڪڻندا رهيا آهيون ۽ وطن جي غدارن ۽ قوم فروشن جي شان ۾ قصيده پڙهندا رهيا آهيون! جنهن پنهور کي باهم لڳل هجي ان ۾ ويهي پيٽ خاطر وطن کي وساري خود مطلب چمچن جي ساراه جا ڊ ڪ پرڻ ڪيڏي نه بي حيائي آهي!...»

بي اخبار جنهن جو پيشو ئي وطن دوستن تي چغليون هڻڻ مٿن بهتان مڙهڻ، نوجوان نسل کي خوار خراب ڪرڻ هو ۽ جنهن بابت سڀني کي خبر هئي ته اها آمريڪا جي جاسوسي ڪاتي جي پاڪستاني ملازم جماعت جي اثر هيٺ آهي تنهن لکيو: «ڪير ٿو چئي ته اسين ٻين کان پوئتي آهيون؟ جيڪا قوم اسانجي اڇوڪن عظيم شاعرن ۽ اديبن جهڙو لافاني ۽ بي مثال شعر ۽ ادب پيدا ڪري سگهي ٿي، جيڪا قوم اسانجي اڇوڪي انقلابي نوجوان نسل جهڙو املهم انساني فصل اپائي سگهي ٿي تنهن کي گهٽ ۽ پوئتي چوڻ وارا يا بيوقوف يا بي ايمان آهن.

«اها ڪا گهٽ خوشيءَ جي گاله آهي جتي آمريڪا جو جاسوسي ڪانو هيڏي آسانيءَ سان ۽ هيڏي وڏي تعداد ۾ هر طبقي مان پنهن جا ايجنٽ ۽ چمچا تيار ڪري سگهيو آهي اتي اهو بدنام ۽ رسوائي زمانم جاسوس ادارو اسان جي وطن ۾ بري طرح ناڪام ويو آهي ۽ جيڪي آگرين تي گهڻ جيترا ايجنٽ هٿ ڪري سگهيو آهي سي به عوام ۾ خوار خراب ٿي چڪا آهن.

«..... بهرحال اسين مطالبو ڪنداسين ته جيڪي اخبارون ۽ سياسي جماعتون آمريڪي جاسوسي ڪاتي جي اشاري تي نچي ۽ پنهي رهيون آهن انهن تي فورن بند ش وڏي وڃي ۽ وڏيڪ بدنام فردن ۽ اخبارن کي فورن بند ڪيو وڃي.»

جيڪي هفتي وار اخبارون ان ڏينهن ڇپيون تن ۾ به نئين دوا جو اثر ظاهر ٿيو. هڪڙي هفتي وار اخبار جا سال ۾ ڪل ست پرچا ڪيڏندي هئي ۽ ستن ئي ۾ هڪڙي ئي ڪاموري جي تعريف لکيل هوندي هئي تنهن ان پرچي ۾ ان ڪاموري جو نالو وٺي لکيو، «هڙا عرام آزاريندڙ ڪاموڙا فوراً ڊسمس ڪرڻ کپن ۽ مٿن جرگن ۾ مقدما هلائي کين نه رڳو جيل جون گهرجون سزائون ڏيڻ کپن پر کين شهر جي چونڪ ۾ ڇهڪ هٽائي هن لاءِ عبرت جو سامان پيدا ڪرڻ کپي.»

مريد پور ٽاڻي جو صوبيدار صبح جو نيرن ڪري اڇا اجرا ڪپڑا پائي اڇي ٽاڻي ۾ ڪرسيءَ تي ويٺو. وڏي منشيءَ ڪاغذ پٽ اڳيان آڻي رکيس. پريان جان محمد پوليس وارو چٽن چيلهه ۾ رسن پيل ماٺهن کي وٽي اندر آيو ۽ سيلوٽ ڪري ڪڙوڙو ٿي بيهي رهيو. صوبيدار پڇيس، «هي ڪير آهن؟»

جان محمد ادب سان چيو، «سرڪار! رات ناڪي بندي ڪندي موريءَ وٽان هنن کي شڪيءَ حالت ۾ گرفتار ڪيو اٿئون. هڪڙي وٽان بنا ليسن جي ريوالور....»

اڳين چئي هو بيهي رهيو. «اڙي گاله ڪر!» صوبيدار ڪڙڪو ڪري چيو.

«سائين عرض آهي! آءُ هنن کي سندن گهرن مان وٽي آيو آهيان!» جان محمد

بلڪل بدليل آواز ۾ چيو.

صوبيدار رنپ ڪري چيو، "چا.... چو؟"

جان محمد واري واري سان هڪ هڪ تي هٿ رکندي چيو. "هن لاءِ وڏيري جاڙي خان چيو هو ته هن کي ۱۱۰ ۾ ٻڌ جو. اُن لاءِ مونکي ٽيون ڏينهن پنجاه روپيا ڏنا هٽائين. هن جي زال ناهوڪڙي آهي سو وڏيري جي مرضي آهي ته سال کن ٽريل هجي ته ڇڏو. هن رئيس يعقوب خان کي ووٽ ڪونہ ڏنو هو اُن لاءِ وڏيري جو بار پيل هو. هي ڇڙوو آهي ۽ جمعدار باگي خان جي سنگتياڻي ٻين کي ناهي ڏني اٿس. باقي هيءُ هوٽل ۾ نوڪر آهي. مون تي کي ٻه ٽي پٽسا رهجي ويا هٿس تنهن لاءِ مون کي روز تنگ ڪندو آهي. ڪالهه مون سان منهن ماري ڪري ٻيهي رهيو."

ايتري ۾ هڪڙو ٻهراڙيءَ جو ماڻهو منهن مٿو پٽيندو آيو.

"اڙي چاهي؟" صوبيدار گارين جو هڪڙو دس ڏيئي چيو. (چٽڪاريل دوا ۾ فضيلت جو پائوڊر پيل ڪونہ هو.)

"سائين رات مون سان ظلم ٿي ويو آهي. يارو خاصخيلي ۽ سندس پنجئي پٽ ڏاڙو هڻي منهن جي زال کڻي ويا آهن." اٿين چٽي سندس اکين ۾ عجيب چمڪ اچي وئي. "سائين مون ڏاڙيل چڳيءَ ريت سڃاتا ڪون."

"اڙي اڳهڻون جو چيئي ته مون سڃاتا....؟"

"سائين يارو منهن جي ڀاءُ کي ڏنل سنگ وهاريو ويٺو آهي. تنهن ڪري سندس ۽ سندس پٽن جا نالا لکرايم، سائين مهرباني ڪري سر زمين کي هلي تپاسيو نہ ته ٻانهن صفا خون ٿي ويندي".

صوبيدار گار ڏئي چيس. "اڙي، جانچ وري ڪهڙي ڪريان؟ مون ٿي ته چيو هو رئيس خيرمحمد خان کي ته بي ڏڙڪ رن ڪٽائي وڃ! آءُ ويٺو آهيان!" هي ابلق گهوڙو ڪلهه جو موڪليو اٿس سو تڏهن خدا ڪارڻ موڪليو هٽائين؟ وڃي ڪا بي رن هٿ ڪر! اِها ڇُٽي!"

ڪورٽن ۾ ته قيامت ٿي وئي. شاهدن وڏا ڪلما پڙي طوطن وانگر سيکاريل بيان ڏئي اوچتو سڃو پاندو ڦاڙي وڏو. هڪڙي اندازي موجب ڏهه هزار ڪيس ان ڏينهن بيٺي بيٺي فيصل ٿي ويا. گهٽو ڪري فريادين تي ڏنڊ پيا ۽ سَوَن کي کوڙي ڪيس ڪرڻ جي ڏوهه ۾ چالان ڪيو ويو. ڪيترن وڪيلن دليل بازي ڪندي اوچتو وڃي چيو، "حضور اهي رولنگون جي هينئر پيش ڪيم سي بعد ۾ رد ٿيل آهن ۽ هن ڪيس سان ڪوبہ تعلق ڪونہ ٿيون رکن!" ڪيترا جوابدار ڏوهن جا قبولدار ٿيا. خود پوليس پراسيڪيوٽر جيڪي گراموفون جي پڳل رڪارڊ وانگر هميشه هڪڙي ساڳي سٽ چوندا آهن. "سائين سرڪار پنهنجو ڪيس پوري طرح ثابت ڪيو آهي. جوابدار رهزن ۽ عادتي ڏوهاري آهي!" سي دليلن سان ثابت ڪرڻ لڳا: "سرڪاري شاهدن جا بيان جڙتو، بناوٽي ۽ اڻ وسهڻ جوڳا آهن جوابدار تي ڏوهه ثابت ناهي!"

کيترن ججن پنهنجي بالادستن کي لکي موڪليو ته هي ڪيس اسان وٽان ٽرانسفر ڪيا وڃن. هڪڙي جج لکيو. "هن ڪيس ۾ جوابدارن جو وڪيل بڪبڪيو ۽ ٽيڙي باز آهي. هميشه ڇٽ اصيلن کي مرعوب ڪرڻ خاطر يخي هٽي مون کي متي ۾ سور وجهندو آهي. ان وڪيل جو اصيل منهنجي هٿان ڇٽي سو ناممڪن آهي. اهو ڪيس ڪو ٻيو هلائي."

حيدرآباد جي دلشاد هوٽل دستور موجب گراهڪن سان پري پئي هئي. مسٽر نواز علي هيد ڪلارڪ دستور موجب قورمو گهرايو ۽ قورمي ۾ گرهه ٻوڙيندي پڇيائين. "اڙي آهي ته ننڍو گوشت نه؟" بيري ادب سان وراڻيو. "سائين پوڙهي ڪٻون جو آهي."

نواز علي خان دوڏا ڏاڙي ڪاوڙ ۾ لال پيلو ٿي چيو. "چڪن ڪٽي اڇ!"

بيرو چستيءَ سان موٽڻ لڳو. مسٽر نواز علي پڪائيءَ خاطر رڙ ڪري چيس، "اڙي ڏسجين متان اها به پوڙهي نه هجي!"

بيري پٺ ورائي جواب ڏنو. "نه سائين ڪڙ پوڙهي ناهي، مڻل آهي."

مسٽر نواز علي آپي کان ٻاهر ٿي پڇيو. "ڇا مطلب؟"

"سائين اسين هميشه بيماريءَ وڳهي مڻل ڪڙ رڌيندا آهيون." بيري نهايت ادب ۽ نوڙت سان چيو.

مسٽر نواز علي ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ سڌو سيٽ وٽ پهتو. سيٽ سندس جوشيلو احتجاج ٻڌي نهايت ٽڏائيءَ سان سمجهائڻ لڳيس.

"نواز علي خان، گوشت مهانگو آهي. مڻل ڪڙيون ۽ ڪٻون نه هلايون ته پورت ڪتان پوي؟ سڀ گراهڪ هميشه ڪاپو خوش ٿيو وڃن. ڪنهن به اڄ ڏينهن تائين گلا نه ڪٽي آهي، خود توهان به نه. توهان حيدرآباد جا گراهڪ خوشنصيب آهيو جو حلال مال ٿا کائو. ڪراچيءَ ۾ ته گڏهيون کهيو پيا کارائن!" گوڙ تي ڪيترا گراهڪ اڇي گڏ ٿيا ۽ ڏسندي ڏسندي پوري هوٽل خالي ٿي ويئي.

اتفاق سان ان ڏينهن حيدرآباد ۾ ٽن سياسي جماعتن جي ليڊرن جون ڊرپور سياسي ميٽنگون رکيل هيون.

ظهر جي نماز کان ڪلاڪ کن پوءِ لطيف آباد جي هڪ ڪوارٽر ۾ درجن کن صاف، اڇرا، ڪلف لڳل نوراني چهرا، مقدس سونهارين ۽ شرعي چال سان هڪڙي ڪوارٽر ۾ داخل ٿيا. تلاوت قران مجيد بعد هڪڙو بزرگ ٽن مهينن جي ڪاروائي جي رپورٽ پيش ڪرڻ لڳو. هر صالح مومن کان چندي ۾ گڏ ڪيل روڪڙ، قرباني جي ڪلن وغيره جو ليکو پيش ڪرڻ کان پوءِ هن چيو. "حضرات! جماعت جي اڳيان دنيا اندر اسلامي نظام حڪومت قائم ڪرڻ جو جيڪو نصب‌العين آهي تنهن لاءِ اسان پنهنجي وت آهر هرممڪن ڪوشش ڪئي آهي. الله تبارڪ و تعالي جا لک لک احسان آهن...." چوندي چوندي بزرگ کي هڏڪوئي آئي ۽ بدن ۾ سياڻو وٽي ويس.

هڪ لحظي کان پوءِ سندس چپ وري کليا. پر سندس آواز بدليل هو.

"حضرات منهنجي خيال ۾ پنهنجا پاڻ ۾ آهيون ۽ بهتر آهي ته صاف گوئي کان ڪم وٺون. اسان جي سپرد هڪ نهايت نازڪ فرض آهي. هن علائقي ۾ اها ذميواري اسان تي رکيل آهي ته اڄ ڪروڙ سنڌين کي آفيسي پنڪين مان بيدار ٿيڻ نه ڏيون. ڪو پاڻ سجاگ ٿئي يا ٻين کي سجاگ ڪرڻ جي شرارت ڪري ته ان کي رستي مان هٽائي ڇڏيون. بدقسمتيءَ سان اسان جي وڏن ليڈرن کي اندازو ئي ڪونهي ته اسان جي اڳيان ڪيڏيون مشڪلاتون آهن. هو سمجهن ٿا ته مذهب هڪڙي اهڙي زرهه آهي جنهن کي پهري اسين سلامتيءَ سان جيڪي وڻي سو ڪري ٿا سگهون پر اوهان کي خبر آهي ته هتي ماڻهن ۾ ۽ خاص ڪري نوجوانن ۾ وطن جي نالي تي ڪيڏي نه سورش آهي. خير خدا جي فضل و ڪرم سان اسان مڙس ٽي منهن ڏنو آهي ۽ هر هنڌ سون جي تعداد ۾ ميرجعفر ۽ ميرصادق تيار ڪيا آهن جي اسان جي حڪمن مطابق عمل ڪري سنڌيت جي تحريڪ جي پٺ ۾ ڇرا هڻي رهيا آهن. اسان جي هٿ ۾ هڪ روزاني سنڌي اخبار آهي جا رات ڏينهن سنڌين جي ٽي خرچ سان سنڌي نوجوانن جي پويان باهه ٻاريو ٻيٺي آهي. چغليون هڻڻ منافقيون ڪرڻ ۽ انتشار ڦهلائڻ ۾ سي. آئي. ڊيءَ کي مات ڏيو ٻيٺي آهي. اسان صالح سنڌي اخبار وسيلي پنهنجي سنڌي مريدن هٿان سنڌين جي خلاف زهر ڦهلائيندا رهون ٿا. سنڌي شام کي بند ڪرائڻ، سنڌي شاگردن ۽ ادبين ۾ ڦوٽ وجهڻ ۽ ٻين اهڙن نيڪ ۽ صالح ڪمن ۾ اسان توقع کان وڌيڪ نوان ۽ شاندار ڪم ڪيا آهن انهيءَ کان سواءِ ماڻهن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ خاطر اسان تازو سنڌين جي ڪن مطالبن جي تائيد ڪرڻ جو ٻه ڏونگ رچايو آهي."

اهو بزرگ اڄ ڪلاڪ گهالهائيندو رهيو. ان بعد ٻين مقررن به تقريرون ڪيون جن تفصيل سان انهن اٽڪلن حرفتن ۽ عيارين جو ذڪر ڪيو جن سان هو سنڌيت جي تحريڪ کي ختم ڪرڻ جون ڪوششون ڪندا رهيا آهن. ان بعد هر ڪنهن کي نوان نوان ڪم ڏنا ويا. جماعت جي نيڪ مقصدن جي پورائي لاءِ بارگاهه ايزديءَ ۾ صميم قلب سان دعا گهرڻ کان پوءِ جلسو ختم ٿيو.

ٻي ميٽنگ گاڏي کاتي ۾ ٿي. هڪڙي نندڙي ڪمري ۾ اٽڪل ۱۱-۱۱ ماڻهو اڇي گڏ ٿيا. منجهن ٽي چوڪرات هٿا ۽ ٻا ڪرڙيو. ٻن ڻن کي سٽون پائل هيون. ٻين کي پاجاما هٿا. ڪمري جي پٽين تي ڪارل مارڪس ۽ لينن جون تصويرون ٽنگيل هيون. هڪڙيءَ ميز تي ڏاڍا جيترا انگريزي ۽ اردو ڪتاب هڪٻئي مٿان سٽيا پيا هٿا.

هڪڙو ۴۰-۴۵ سالن جو سنهڙو سڪل ماڻهو اٿي ٻيٺو. عينڪ کي صاف ڪندي معصوميت پريل مگر گنڀير آواز ۾ چيائين:

"سائيو! اڄوڪو خاص اجلاس سنڌ الدر پنهنجين ڪارگذارين جو مڪمل جائزو وٺڻ لاءِ سڏايل آهي.

رفيقو! اسانجو نصب‌العين هڪڙو ئي آهي: عام طرح پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌ جي سمورن عوامي طبقن ۽ فردن کي متحد ۽ منظم ڪري ڪيس پاڪستاني قومن جي برادريءَ جي هڪ برابر ۽ خوددار قوم جي حيثيت سان صحيح، سچي ۽ عوامي جمهوريت جي انقلابي شاهي سڙڪ تي هلائڻ.... چوندي چوندي اوچتو سندس هٿن کي ٿورو جهٽڪو آيو ۽ سندس عينڪ هيٺ ڪري پيئي! هن نمي عينڪ کنئي. ان کي صاف ڪري چوڻ لڳو:

"سو سائيو، مون عرض ڪيو ته اسانجو نصب‌العين هڪڙو ئي آهي: عام طرح پاڪستان ۽ خاص طرح سنڌ جي سمورن عوامي طبقن ۽ فردن ۾ ڦهڪيو وڃي، کين منتشر ڪري، سندن مڪمل وارو حالت قائم رکي، کين صحيح، سچي ۽ عوامي جمهوريت جي انقلابي شاهي سڙڪ تان ٽيڙڻ ۽ گمراهه ڪرڻ....

"آمريڪي سامراج ۽ سندس مڪاني ايجنٽن، جو پڻ اِهو ئي آخري نصب‌العين آهي. پر اسان ۽ هنن ۾ وڏو ۽ بنيادي فرق آهي. هو باهران حملوڪن ٿا، اسين اندران ڪاٽ هڻون ٿا، هو ڏنڊي ڪان ڪم وٺن ٿا. اسين همدردي جا ٻول ٻولي ڪم ڪيون ٿا. هو ڌاريان لڳن ٿا. اسين پنهن جا ئي لاهه ڪيون ٿا. هو مذهب ۽ قومن جي آڙ وٺن ٿا، اڪين انقلاب جو نعرو هڻون ٿا.

انهيءَ لاءِ اسان هڪ منظم ۽ رٽيل پروگرام مرتب ڪيو آهي. سڀ کان اول اسان هميشه سنڌ جي نئين ۽ باشعور نسل کي سندن هڏ ڏوکي ۽ سرويچ رهنمائن کان بدظن ڪيو آهي. اسان جي- ايم- سيد، اياز ۽ جتوئي، قاضي فيض‌محمد ۽ ٻين قومي اڳواڻن خلاف سمسپس مهم هلائيندا رهيا آهيون ته اهي رجعت پرست آهن، قوم پرست آهن، نمائشي ترقي پسند آهن وغيره.

ٻيو ته اسان هميشه سنڌ جي اصلي ۽ حقيقي مسئلن کي نظر انداز ڪري مصنوعي مسئلن جا نعرا هنيا آهن. جڏهن اتفاق سان اسان جي هٿن مان گهالهه نڪري وئي آهي ۽ ڪا عوامي تحريڪ ازخود اپري آهي ته اسان ان تحريڪ کي بدنام ڪري ڪڍيءَ ۾ ڪچلڻ ۾ ٻين کان گوءِ ڪئي آهي. پر جڏهن پوءِ به ڪم نه ٿهندو آهي نڏهن انهيءَ تحريڪ ۾ گهڙي انهيءَ جا ترا ڪيندا آهيون.

ٽيون ضروري ڪم اسان اِهو ڪيو آهي، جو اسان سنڌ جي نئين نسل جي باشعور فردن کي انقلابي نظرين ۽ انقلابي ادب جي گهري مطالعي کان بدظن ڪري اٺسڌيءَ طرح کين روڪيندا رهيا آهيون ته جيئن ٻُهلي شينهن پڙهايا وت ٻلي ڪون ڪاوڙ آيا' وارو ڪم نه ٿئي ۽ هو اِهڙا هوشيار نه ٿي وڃن جو سڄي گهالهه سمجهي، پنهنجن پيرن تي بيهي سورگهو اسان جي چنبن مان ڏي نڪري وڃن.

درحقيقت اسان پاڻ انقلابي نظرين جي مطالعي ۽ پروڙ کان لهرائيندا آهيون.

اسان پنهنجي ترقي پسند گادي قائم ڪري ڇڏي آهي ۽ هاڻي رکو ان گاديءَ جا مريد ڪندا پيا وڃون. اصل گاله ڇا هئي تنهن سان اسان جو ڪو واسطو ڪونهي سچ پچ ته ترقي پسند اڪابر جيڪڏهن پنهن جي قبرن مان نڪري اچن. اسان جا پروگرام ۽ طريقا ڏسن ته پائين ته ڪنهن مندر يا ڪليسا ۾ اچي نڪتا آهيون.

اهو اسانجي اڻ ٽڪ ۽ هوشيار ڪوششن جو نتيجو آهي ته سنڌ ۽ ٻين نندين پاڪستاني قوميتن جي ترقي پسند جدوجهد، هيتري جذبي، هڏين حالتن ۽ هڏڻ ماڻهن جي باوجود اڃا پٽڪندي رهي آهي. اسان انهن کي ويساهي ڇڏيو آهي ته سيني رازن جا ڄاڻو اسين آهيون. سيني کان وڌيڪ متي ۾ سور اسان کي آهي. جيڪي ڪرڻو هوندو سو اسين ڪنداسون ۽ ڪريون پيا. انهيءَ آسري ۾ سڀ سري کي پانهن ڏيو اسانجي سڌ جو انتظار پيا ڪن تانجو ويهه سال گذري ويا آهن ۽ ٻوٽو ڪونه ٻريو آهي. اسانجو آسرو نه هجڻ ته الائجي ڪهڙا سمهڻ مچي پون ها. درحقيقت اسان اهو ڪجهه ڪيو آهي ۽ اهو ڪجهه ڪريون پيا جيڪو نندين قومن جي ڪنهن به ويريءَ کان ڪونه ٻهچندو. اهي قومون چورن کان ڇڻي اسانجي گهل تان ٻيون آهن. جيسين پنهنجي دم ۾ دم آهي تيسين اميد ته نعرن کانسواءِ ڪجهه ڪونه سرندن.

پر هاڻ حالتون بگڙنديون نظر اچن ٿيون. نندين قومن جا ماڻهو ۽ نوجوان انقلابي رازن کان واقف ٿيندا وڃن. ترقي پسند فلسفي، نظريي ۽ تحريڪ جي تاريخ جو گهرو ڪوڙهو مطالعو ڪري ڪيترائي ماڻهو خود سيڪجهه سمجهن، سوچڻ ۽ ڪرڻ جهڙا ٿي وڃا آهن. اندیشو آهي ته متان هيءَ گادي اسان کان کسجي وڃي ۽ ترقي پسنديءَ تان اسانجي هڪ هٿي خنم ٿي وڃي. ٿي سگهي ٿو ته نندين قومن جا ماڻهو ڪا واقعي ترقي پسند تنظيم ٺاهي، پنهنجو گهر پاڻ سنياليو ۽ هلائي، اسانکي ٽڪيٽ وڌائي ڇڏين. تنهنڪري اسان ماڻ هرڪ کي پنهنجي هڪ هٿي بچائڻ لاءِ سنجيدگيءَ سان سوچڻ ۽ پاڻ پتوڙڻ کپي."

پوءِ ٻين سڀني واري واري سان تقريرون ڪيون ۽ حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ تجويزون ڏنيون.

ٿيون جلسو صدر ۾ هڪڙي وڏي سنڌي زميندار جي بنگلي تي شام جو ڇهين بجي ٿيو جنهن ۾ سنڌ جي وڏن ليڊرن شرڪت ڪئي. جلسي جو خاص مطلب ايندڙ اليڪشن ۾ سيٽن جي ورهاست بابت صلاح مصلحت هو.

سنڌي رواج موجب شروعاتي خبرن چارن ۾ ٿي وڏيرا رئيس، مير پير پاڻ ۾ اڪي پيا. دستوري طعنن مهڻن ۽ ڏاڙهيءَ پٽ بعد هڪڙو پونار اٿي ٻيٺو. "ادا خبرون خير، اوهين ته پلي پيا مهڻا ڏيو پر پاڻ هميشه سنگت لاءِ سر ڏنو آهي." ائين چئي، مڇون مروڙي، کيڙي ڪنهي ڪجهه وڌيڪ چوڻ وارو هو ته اوچتو ڇڻ ڪا شيءَ نڙيءَ ۾ ڦاسي پيس.... ۽ ٿي گهٻرون ڏنائين. پوءِ چيائين: "سو گاله ٿي کيم

تہ پاڻ هميشه سنگت جو سر وڍيو آهي.... جڏهن کان سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿي آهي تڏهن کان ميمبر ٿيندا اچون. جيڪو پاسو سرس ڏسون اوڏانهن ويندا آهيون پنهنجي ڪنهن سان ماڻڻي ڪانهي. سڀني قسم جي پرواهه پاڻ کي ڪانهي. ڪٽي ڏهه قران ڪٽي ويندا سون ۽ ڪنداسون اهو جيڪو سپري ڏر چوندي. شينهن جي وات ۾ چوندا تہ هليا ويندا سون باقي ڪنهن کاموري اگيان پاڻ کان پڙڪ ٻاهر نہ نڪرندي. پادرن سان ووٽ وٺون ۽ جنهن وٽ سيني کان وڏو پادر ڏسون تنهن کي ڏيون ۽ ڏياريون. مطلب تہ چٽيءَ لکڻي موڇڙي جا سلامي آهيون. سنڌين جي اچي ڦٽي آهي جو اسان اگڙيءَ جي گڏن کي پنهنجو اگوان سمجهيو اسانجي آسري ٿي پيا پادر کائڻ ڀلي پيا پوڪ لوڙين، پنهنجو ڇا؟"

هڪڙو پيو ڪرڙوڙ پوتار ٽپ ڏيئي اٿي ٻيٺو، "آءٌ اوهانکي ٻڌايان، هي سڄو خلم پڙهائيءَ مان ٻريو آهي. ڪورين موچين جا پٽ ڏس تہ چڙ خان، خان جا پٽ پيا هلن! جنهن کي ڏسو اهو "سنڌ" "سنڌ" پيو ڪري. پڇون، پڙوا، اوهان جو ڇا؟ اوهان ڇٽ، ڇٽ جا پٽ، وڇي پنهنجي اباڻي ڪرت ڪريو. اوهانجو ٻين گهالهين ۾ وڇي ڇا؟ ماءُ موري، پيءُ پتائي گجر! گولاڙا، گولاڙن جا ڦر نڪتا آهن حڪومتون ڏاهن ۽ ڏاهن! وڇٽيءَ جي ٽڪ ۽ ڪرهين جي ڦوڪ مان ڇا ٿيندو؟!"

"سائين کا گهالهه آ!" ٽئي مينهن جهڙي متاري معتبر چيو. "منهنجو وڏو ڇوڪرو رئيس الله ڏنو خان تہ ڏنو هوندو! ست پڙهيو خاندائي ٻار، نندي لائي حڪومت جي ستي پيل، ٻالپڻ کان اميراڻين ڪڇهرين ۾ اٽيل ويٺل، گورنرن ڪليڪٽرن ۽ ڪمانين جو ڪڙيل، اڇان ايترو هوندو هو تہ دهشت جا وٺي ڪندو هو هارين ناربن، للو پنجو وڏيرن جا مٽ سڪي ويندا هُئا. ڪليڪٽر اچي ضد ٻڌو. ڇٽي "رئيس! نندي رئيس کي انگريزي پڙهاءِ! حڪومت جي ڪم جي لائق آهي." اڇان اسڪول ڦٽي پڙهيو تہ شاهي جنگاڻ ڪري وڃائين.

"ڪولهڙ ڪٽين هٽائين نہ؟" پرسان ويٺل هڪ پوتار پڇيس.

"هائو، هائو! ڪولهڙ جي ڦڙي ۾ مونکي چاليهن هزارن جي چيٽ ڏياري چڏبائين. پر مڙيو ڪون.

سامهون ٻہ جبري ڏر هجي. نيٽ سائينءَ سب ڪيو. يونٽ لاءِ ووٽن جي گهر ٿي. اسان ٻانهون ٻڌي سرڪار بهادر جو چوڻ ڪيو. يونٽ کي ووٽ ڏنو سين. ويچاري سرڪار بهادر وڙ ڪيو تڏهن وڇي جان ڇٽي سون. سو ابا، تنهن ڏينهن ڪاليج جي جلسي ۾ ڏسان تہ رئيس اجرڪ ڪلهي تي ويڙهيو اسان جي گوٺ جي اوڏ جي پٽ جي ڪلهي تي هٽ رکيو استيج تي هوجمالو پيو گهائي ۽ "جيئي سنڌ!" جي نعرن جي هوڪ لڳايو ٻيٺو آهي! وري سمجهاءِ جو ڪٽي تہ مڙس هٽن مان پيو وڇي. چيو مانس "دانائن جو اولاد آهين، داناءُ ٿي! هوش ڪر! مٽ پيڙهائي

پلي. پنهنجو پلو ڪر عملدارن ۽ حاڪمن سان. سندڪي باهه ڏيون ڇا ڪريون؟ هي زميندارين، هي ملڪيتون، هي بادشاهيون حاڪمن جي مهرباني سان ملين آهن يا انهن ڇڻن جي پڻن سندين ڏنيون آهن؟ وڏڙن کي دعا ڪر جن هي رنگ ڪرايا اٿون نه ته انهن ڇڻن سان گڏ ٽغاريون پيا کٽون ها! وڏن کان پڌو اٿون ته پنهنجو پڙ ڏاڏو ميرن جي راج ۾ معمولي ماڻهو هو. پر عقل جو اڪابر هو. بخت پڙايس ته دپي واري جنگ لڳي پيئي. ڏاڏو شيرمحمد جي فوج ۾ هو. داناءُ مڙس اکيئي هو. ڳالهه کي سمجهي ويو ته ساري انگريز جي آهي. سو موقعو ڏسي مير علي مراد خان جي ماڻهن سان ملي، وڃي ٽو شير محمد جي بارود کي باهه ڏئي! پوءِ ته سائين منٽ ٽي ويا! مير پڇي ويو. ڏاڏي هشمت جهلي وڃي گوفري کي سلام ڪيو. انگريز پيٽسان انصافي ٽنهن اتي جو اتي ۲۰ هزار جريبن جي جاگير جو پروانو لکي ڏنائين."

پي پوتار کان رهيو نه ٽيو. چيائين "اسان جو پڙ ڏاڏو ته توڙ کان مير علي مراد خان سان گڏ هو ۽ حيدرآباد ۽ ميرپور خاص وارن ميرن جي فوج جون بکيون پڄائي ڇڏ يائين."

ٽئين چيو "اسان جو نڙ ڏاڏو مرحوم گونرن جو خاص شڪاري هو...."

چوٽون جو تعليم يافته هو ٽنهن چيو "سرڪار. جيڪي ويڻا آهيون سيئي انهيءَ ڪاڪ جا ڪڪوريل آهيون. جيڪي پُوڪ انگريزن جا سلامي نه ٽيا تن جو نالو نشان به ڪونهي."

پنجين چيو "ادا وڏن چيو آهي ته جهڙو لڳي واءُ تهڙي ڏجي پٺ. آسمان ۾ ٽڪ اڇلائبي ته موٽي اچي پنهن جي منهن ۾ پوندي. جبل سان ٽڪر هڻبو ته پنهن جو مٿو ڦاڙبو. جبل کي ڪجهه به ڪون ٿيندو...."

ڇهين ڪجهه سوچي چيو "سو ته برابر پر هي جو پڙهيل چورا پيا چون ته پاڻ اصل کان وٺي سندڪا غدار ۽ ڏارين جا هٿ ٽوڪيا آهيون سو ڏهن چٽبو ته ڪوڙا اهي به ڪونهن!" ٻئي وراڻيو: "ڏهن ورتي ڇا؟ ملڪ جا حال ڏهن ائين ٿيا آهن ڇا؟ اِها سڀ پاڻ پاڙن جي پلائي آهي." "پر ادا ڪجي به ڇا؟ ائين نه ڪريون ها ته پلا رڳو هي هاري ناري ۽ چٽ چاموٽ به پاڻکي جهل ڏين ها ڇا؟ عملدارن جو پاڻ تي هٿ نه هجي، پوليس ۽ ڪامورا پاڻ سان ٽهيل نه هجن ته هي چٽ پنهنجي موچڙي هيٺ ڪيئن رهن ها؟ هو ڪو پاڻ کي چڏين ها ته توهان پلي ويهي عيش ڪريو. اسين ويهي ٽا اوهان لاءِ ڪمايون، توهان ۽ ڪامورن جا پادر جهليون!"

ائين چيو "ادا، ڪامورن کي به پاڻ مان گهاٽو ڪونهي. پاڻ اٽ ٿي پهر چٽن مٽان پادر ڪنيو، سندن سندڪ سڪايو نه ويڻا هجون ها ته پائيو ٽا ته هي چٽ ڪامورن کي به ڪو سک جو ساهه کڻڻ ڏين ها؟ انهن کي اهي رنگ به اسان ويڻا

ڪرايون، نہ تہ خبر پٽجي وڃين تہ گھٽين ويهين سو آهي. جنهن مهل نہ هيءَ پنجاهه لکن جي ياجوج ماجوج جي قوم اٿي ڪڙي ٽٽي ها تنهن مهل ڪيڏانهن وڃن اهي ٻونٽ ڪيڏانهن ٻيا ٽڪسات! پر دعا ڪن پاڻ کي جي هن سموري ڪٿ - خلق مٿان چپ ٽيا ڪريا پيا آهيون ۽ ڪنهن کي چرڻ ٻ ڪونہ ٿا ڇڏيون...."

اتي جنهن ڳالهايو پٽي تنهن ڳالهه ڪاٽي پڇيو، "ها رئيس، پوءِ آهو ڪو توهانجي پٽ جو هوش ٽڪاڻي؟"

رئيس وراڻيو: "سائين منهنجا، ڪتي! چورو الاجي ڇا جو ڇا پيو بڪي. چي سنڌ هيٺئن سنڌ، هونئن فلاڻا غدار، ٽيرڙا بزدل ۽ وطن دشمن. چي اسان نوجوان توهانجو کيتو پيا لوڙيون ۽ وڏن جي گناهن جو ڪفارو پيا ڀريون!"

"هاڻ سائين، ڏيو جواب! بس رئيس وڏا، چوڏهين صديءَ جو اولاد اجهو اهو اٿو. هاڻ قيامت ۾ ٻ گھٽي دير نہ سمجهجو. آئي ٻڌي اٿو...."

جلسو سنڌي دستور موجب بنا ڪنهن فيصلي ۽ اتفاق جي خير خوبيءَ سان ختم ٿيو.

بنگلي جو مالڪ مهمانن کان موڪلائي، ٽڪي وڃي پلنگ تي ليٽيو ۽ ريڊيو جي سٽي گھمائڻ لڳو. حيدرآباد تان ڪنهن صاحب ريڊيو جي ڏهن سالن اندر کيل ترقيءَ تي تقرير ڪئي:

"حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن گذريل ڏهن سالن ۾ زبردست ترقي ڪئي آهي- خاص ڪري قرباني ۽ ڪفايت شعاريءَ ۾. مثال طور پاڪستان جي ٻين سڀني اسٽيشنن پنهنجي پنهنجي علائقي جي هوليءَ ۽ ماڻهن جي پسند جو سڀ ڪان گھڻو خيال رکيو آهي. پر هي اسٽيشن پنهنجي علائقي جي هوليءَ ۽ ماڻهن جي پسند کي پهرئين ڏڪ قربان ڪري ڇڏيو آهي.

مثال طور ٻيون اسٽيشنون جوش ۽ فيض جهڙن سرڪار ڪان باغي شاعرن کي رڳو انهيءَ ڪري آسمان تي چاڙهي ٻيٺيون آهن جو اهي اردو هوليءَ جا نامور شاعر آهن ۽ ماڻهن کي پسند آهن. پر هن اسٽيشن اٽڪ سان سنڌيءَ جي هن دور جي عظيم ترين ۽ ماڻهن جي محبوب ترين شاعر جي شعر کي ريڊيو تان نيڪالي ڏيئي ڇڏي. اسان پنهنجي هوليءَ جي قرباني رڳي نالي، ماتر ڪا نہ ڏني آهي. سنڌي هوليءَ کي قربان ڪرڻ ڪان اڳ انکي باقاعدي ذبح ڪري حلال بنائڻ لاءِ سنڌيءَ جي عمدن ڪان عمدي ڪاسائين جون خدمتون حاصل ڪري ورتيون ويون. انهيءَ اهم ۽ نازڪ ڪم لاءِ اسانکي ٻ اهڙا قيمتي ۽ ڪارائتا ڪاريگر ملي ويا آهن جنکي پنهنجي مادري هوليءَ کي کهڻ جو قدرتي شوق ۽ خدائي ڏات ملبل آهي. هنن استادن ريڊيو وسيلي سنڌي هوليءَ جو حليو اهڙو بدلائي ڇڏيو آهي جو ڏسندي ٻڌندي ونيو وڃي. سنڌيءَ جا سوليءَ ۾ سولا، پياري ۾ پيارا لفظ ۽ جملا ٻ جڏهن سندن ڪاڪڙي ۽ اونارن مان

نکري، ور وڪڙ ڪائيندا، زبرين زبرن جي سرتار ۽ مخرجن جي سازن سرودن جي وچت سان سندن خاص لکنوي انداز ۾ چپي ڪيل وات جي واڇن مان ٻاهر نڪرن ٿا نڊهن ائين ٿو لڳي جڻ ته ڪو جغادري قوال ڪنهن شڊ راڳ ۾ قوالي پيو ڳائي. اها انهن ماهرن جي تربيت جي برڪت آهي جو هن اسٽيشن جو هر اناؤنسر ۽ صداڪار سنڊي ٻولي خالص لکنوي لهجي ۽ مخرج سان ڳالهائيندو آهي.

هن جوهر شناس اسٽيشن انهيءَ ڪاريگر جوڙي جو جوهر پرکي کين چٽائي سنڊيءَ کي شڊ اردو بنائڻ جي ذميواري سونپي. کين معمولي منشين مان ترقي ڏيئي، اديب، شاعر، ڊراما نويس، ڪهاڻي نويس، مقالا نويس، مطلب ته سڀ ڪجهه - نويس جون سندون ڏيئي، هن ريڊيو اسٽيشن جا سمورا پروگرام سندن حوالي ڪيا ويا. جيڪڏهن تحقيقات ڪبي ته معلوم ٿيندو ته هن ريڊيو اسٽيشن بانيِ پاڪستان قائداعظم، صدر ايوب، شاهه لطيف ڀٽائي ۽ رسول جي ناليِ جي به ايڏي شهرت نه ڪئي آهي جيتري هنن ٻن منشين جي. ايتري قدر جو ڪيترا اڻ واقف ماڻهو ائين سمجهندا آهن ته هيءَ ريڊيو اسٽيشن انهن منشي صاحبن پنهنجي شوق لاءِ هڻان ٺهرائي آهي ۽ ان جو سمورو خرچ اهي گهران پري ٿا ڏين.

هيستائين سندن ۲۰ هزار گانا، ۱۰ هزار ڊراما، ۲۵ هزار فيچر، ۲۷ هزار مقالا ۽ ٻيون هزارين لکڻيون نشر ڪيون ويون آهن جن تي گذريل ڏهن سالن ۾ سمورو خرچ فقط چوڏهن لک، ڀائيتاليهه هزار، ٽي سو پنجاهه روپيه اٺ نوان پئسا ٿيو آهي. اهڙيءَ طرح ساڍن چوڏهن لکن روپين کان به گهٽ رقم ۾ هن معمولي منشين هٿان پنجاهه لک ماڻهن جي ٻولي ۽ ثقافت جو ڪم لاڙو ويو آهي.

انهيءَ شاندار تاريخي ڪارنامي جو سهرو هن اسٽيشن جي روشن خيال اختياريءَ وارن سان گڏ سنڊي عوام جي سر تي به آهي. ٻي ڪنهن قوم جي ٻولي ۽ ثقافت سان هيڏو هاڃو ٿي گذري ها ته جيڪر آسمان سر تي کڻي ڌڻي ها. پر آفرين آهي سنڊي قوم جي قومي غيرت ۽ بيدار نفريءَ کي جو هيترا سال پنهنجي مڻڙي ٻولي ۽ ثقافت کي مڊيءَ چريءَ سان ذبح ٿيندو ڏسندي رهي آهي مگر ڪنهن ٻڙڪ به نه ٻڌي آهي. اڄلو ريڊيو اسٽيشن کي روز ڏڪ جيترا مبارڪبادي ۽ جا پيغام موڪلينداً رهن ٿا! پاڪ وطن هن صابر ۽ شاڪر قوم جي قومي جذبي ۽ خود قربانيءَ تي جيترو ناز ڪري سو ٿورو....»

ٿوري دير بعد اناؤنسر دستور موجب وات چپي، لکنوي مخرج سان ڪاڪڙي مان چيو «.... صاحب جي تقرير پيش خدمت ڪئي ويئي. هاڻ رات جا ساڍا ڏهه ٿيا آهن. اوهانجي اڇوڪي ٽبن مصيبت پوري ٿي. هاڻي اجازت اٿو. سياڻي سادي ڇهين ڀڄي صبح جو وري ساڳين منشين ۽ ساڳئي مخرج سميت اوهانجي سر تي سوار ٿينداسون. خدا حافظ. پاڪستان پائنده بادا!»

# موهن جو ڏڙو

## (باب پنجون)

ٻيءَ رات، جڏهن سڀ وسنديءَ وارا، ڏرتي ماتا جي وڏي مندر مان پوڄا ڪري هڪ ٿي هليا ويا. سڀ پوڄارا ۽ پوڄارڻيون ڏرتي ماتا جي وڏي بت کي آخري واس ڏئي پنهنجي ڏيورن ۾ ڏکائن ۾ وڃي هاندي ڪا ٿيا هئا، ۽ پوڄا گهر جي گهمڻ جي آخري پڙالي سان گڏ، هر شي چڙ نند ۾ الوٽ ٿي وئي هئي. رڳو امارين جي جهيڙي جوت ۾ ڏرتي ماتا جي وڏي مورتي جاڳي رهي هئي. ماڻڪ ۽ پڙا سان پربور، نند اکڙي اوجاڳيل، آدجگاد جي سوچن ۾ ٻڏل، چڙ سوچي رهي هئي. هاڻ هن وٽ ڪهڙا سک جا سپنا آهن. جنجي هوءَ پنهنجي پوچارين ٿي ورڪا ڪري. سڄي پوڄا گهر ۾ هر طرف سانت ۽ سوچ پکڙي پئي هئي.

ان ويل، رات جي نوائيءَ ۾ چار اماڙيون چيرڪٽ واڱي وسنديءَ جي سنسان گهٽين مان ٽاپاڻي جيان روشنيءَ جا ترورا ڦهلائيندیون پوڄا گهر ڏي وڌي رهيون هيون.

اهي چار ئي ماڙون ڪير جهڙن اڇن وڻن ۾ ويڙهيل ديوداسين جي هٿن ۾ هيون. ۽ انهن جي وچ ۾ شيوا نوورنيءَ ڪنوار جيان سينگار ڪيو تپسيا سان ٻانهون ٻڌيو هلي رهي هئي. سندس موتين جڙيل ڳڙهو گج اماڙين جي روشنيءَ ۾ چرڌهن جي رات جيان چمڪي رهيو هو.

پوڄا گهر ۾ اچي شيوا ناچ جي گول نيري پنڊال تي بيٺي. چار ئي ديوداسيون هنجي چوڌاري هڪ وٽيءَ سان چونڪ ٺاهيو بيٺيون رهيون. شيوا ڪيتري دير ٻانهون ٻڌيو ٻيڇين ٽيڙن سان ڏرتي ماتا ڏي نهاريندي اماڙين جي سوجهري ۾ سندس لال گلابي چهرو ٽامي جي ڏوئل ٽانوَ جيان ٻهڪي رهيو هو. هوءَ پاڻ ۾ نهائيرءَ مان تازي ٻدل مورتيءَ جيان پئي لڳي. هنجي اندر جي سموري ٻڙڪ ۽ آنڌ ماڻڌ. دم ٿي رکيل ديگڙيءَ جيان آڌما کائي سندس چهري جي ريکائن مان پڌري ٿي رهي هئي. آڏين جا بند ڀڃي ٻاهر هٿس ۽ گهڙهن جو درياه ٽيڙن مان چالي ٻيس ۽ هوءَ وڻ جي ڪپل ڏار جيان ڏرڪندي اونڌي ٿوت اڇي ڪري ۽ سڏڪا پري ڏرتي ماتا کي ٻاڌائڻ لڳي.

او ڏرتي ماتا وڏاتا
اڄ منهنجو من اساڻ آهي، اهاڙي آهي.
مان هڪ ارڏي ديوتا جي پيار ۾ پچي رهي آهيان.
او ديوي مونتي ديا ڪر....
اڄ منهنجي من جون ساريون امنگون،
چرڪ پري جاڳي ٻيون آهن
۽ منهنجي من ۾ هڪ مها پرلئه برپا آ.
۽ منهنجي جواڻي، سانوڻ جي سنڌوءَ جيان اٿلڻ لاءِ آتي آهي.
او ديوي.... مونتي ديا ڪر.... ديا ڪر....
جو منهنجو من ٻڌ ڪانڊ ڪٺورو آهي.
مان هنجي ڦوڙائي جو ڦٽ سهي نه سگهندس.
هن جي وڇوڙي جو وبراڳ مونکي ماري وجهندو
او شڪتي ماتا.... او سونهن ۽ سندرتا جي ديوي
توکي پنهنجي همالہ ڇاتين جو سوگهڙ
مونکي پنهنجي راول ريجهائي ڏي.
اڄ جي رات منهنجي اکين ۾ ڪاڻ پري ڇڏ
جو مان پريم پوڄيندس
اڄ جي رات، منهنجي سنڌ سنڌ ۾ جادو جاڳائي ڇڏ
جو مان من مندر جي ديوتا کي هرکائيندس.
او ديوي، مونکي آگيا ڏي.... مونکي شڪتي ڏي
نہ ته منهنجو هاڻ ڏري پوندو
۽ منهنجي آتما تنهنجي مندر ۾ سمائين
جگن کان وڇڙيل ڪونج جيان، ڪيهون ڪندي رهندي.
مونکي آگيا ڏي ديوي.... مونکي آگيا ڏي....

هوءَ ڏرتي ماتا آڏو بي سڌ ٿيو سڏڪندي ٻاڏائيندي رهي. هنجي آه زاري تي مهاپوڄاري اندران ڏيوري مان بيچين ٿي ٽٽي، هلدو سڌو سندس مٿان اچي ٻڌو. هوءَ بي سڌ ٿيو پئي رهي. ايستائين جو ڪنين ڪر موڙيا نارا، تر، تروڪڙيون سهائي سرگڏام تان هڪ ٻه ٽي ڇڇڻ لڳا. سڀ پوڄارا ۽ پوڄارڻيون جاڳي ڏرتي ماتا جي شيوا ڪرڻ لڳا. ساڻ جي سُر ۾ گهڻن جو ڀڻڪو وڇڻ لڳو. سڀ پوڄارا پوڄارڻيون ڀانهون ڦهلائي سريلا آلاپ ڪيي ڏرتي ماتا آڏو سجدا گهورڻ لڳا. پر شيوا ڪنهن ماتا جي گرپ ۾ ستل پار جيان سيني کان بي سڌ ٿيو سجدي ۾ پئي هئي.

ان ويل مها پوجاري وڏي مورتيءَ جي اکيان سر ڪٽي هوريان هوريان هلدو پنڊال تي شروا جي مٿان اچي ٻيٺو ۽ ڏاڙهس گاڙهي پٽ جي سچلين ڪوڏين

پڌل گاني وارو هٿ دعا سان ڀگهيري چيائين، "اي پدمڻي نينگري! ڌرتي ڇا ڇا دان ڪري ٿي ايءُ رکو ديوتا ڄاڻن ٿا. تو ساري رات ڌرتي ماتا جي پوڄا ڪئي ۽ ڌرتي ماتا کي خوش ڪيو. اڄ جي رات تنهنجي هر منتا پوري ٿيندي. اڇي هيءُ سهاڳ جو پڙهيل گاڻو وٺ ۽ وڃي پنهنجي پريميءَ کي جنم جنم پنڌڻ ۾ پڌي ڇڏ."

اهو آواز شيوا کي ڄڻ پري ڪنهن پولار مان پڌڻ ۾ آيو. هن هوريان هوريان سجدي مان منهن مٿي ڪڍي مها پوڄاريءَ ڏي نهاريو. شيوا ڏٺو ڌرتي ماتا جي آڏو آئي ۽ گاڻي وارا هٿ پڌي وڏا وڏا سجدا گهورڻ لڳي. سڄو پوڄا گهر گهنڊن، ڏيئن، جانجهه ۽ پوڄارڻين جي ياترا جي سريلن آوازن سان گونجي ويو.

پوءِ شيوا وڏي سجدي مان آڏي ڌرتي ماتا آڏو نوڙندي. سهاڳ جي گاڻي وارا هٿ پڌندي، پٽين پيرين هلندي چٽي ديوداسين جي وچ۾ اچي بيٺي. هنجي پنڊال تي ايندي ئي چٽي ديوداسين پنهنجا منهن پوڄا گهر جي وڏي در ڏانهن ڦيرايا ۽ شيو سميت پوڄا گهر مان نڪري، ڏنڊ سان گهريل وسندي جي پنيرڪين پٽين ڏانهن وڃڻ لڳيون.

●

## ( باب ڇهون )

رات جي ديوي، ڪنهن پرين جي اوسيڑي ۾ ويڙل مُنڊ جيان ٽڪي چور ٿي. ستارن هاڻي شال لڙڪائيندي، ڪنڊ ڏرڪايو، آڇهاڙل آڇهاڙل پيرن سان هلندي، سڏڪندي، لڙڪ لاڙيندي ٿي وئي. پوڄا گهر جي گهنڊن جي پڙالي سان، ساري وسندي سجاڳ ٿي وئي ۽ گهر گهر جُنڊ گونجارڻ ۽ ولوڙا وايون ڪرڻ لڳا، چلهين جي چٽين مان دونهين جا ڪڪر، وٽ ڪائيندا، نچندا آپ ڏانهن ڦلارڻ لڳا. سايون سنگهارون پنهنجن ڏاڻن گاڻن کي ڏنگ وجهي ڏهڻ لڳيون. نوجوان نينگريون، گهاگر مٽان گهاگهر ڪنيو، چيلهين تي پانهن ڏيو، ڇاتيون ڇلڪائيندیون پڙن کي لڪائيندیون ڪوهن تان پاڻي پرڻ لڳيون. ۽ هوريان هوريان پره جي پاڇاون سان ساري وسندي ڏنڊ مان، سپني جي سرڳ جيان اجاگر ٿي آئي.

اڄ مها ويد آنم تارا آسري رهيو هو. تنهنڪري سڀ وسندي وارا پنهنجا سنها ٽلها ڪم سويري آڪلائي، زالين هارين رنگارنگ ويس ڪري، هنجي موڪلاڻيءَ لاءِ اڇي گڏ ٽيا هٿ. هنجي سواريءَ لاءِ ٻن پلن ڏيڪن واري چوڦٽي گاڏيءَ کي رتول جي آڏو سينگاري بهاريو ويو هو. سندس گس ۾ پري پري ناڻين گڙهي ۽ هيڏي مٽي چنڊي وڌي هٿي ۽ گس جي ٻنهي پاسن کان وسندي وارا قطارون ڪيو بيٺا هٿا.

رتول جو سڄو ورهانڊو، پوڄارڻين ۽ وڏ گهراڻن سان پريو پيو هو. مها ويد

آتم تارا سنپري ٿهي ڏکي تيار ٿيو. اڄ هو اپاڪو ٽي لڳو. اڄ هنجي من چاهيو ٽي ته هو سدائينءَ لاءِ ان سڻن جي وستيءَ ۾ رهي پوي. شيوا سدا ڪنهن سندر سڻي جي اپسرا وانگي، پنهنجي مور جهڙي ٽور سان سندس آڏو ٽلندي رهي، ڪوئل وانگي ڪوڪندي ۽ گل وانگي مرڪندي رهي. هن جڏهن کان شيوا جو سلوڙو سروپ ڏٺو هو، هنجي اندر ۾ پيار جا ڪرڻا باک جيان ڦٽي پيا هئا. اها سندس آتما تي چانڇجي وئي هئي جنهنجي ساهن جي سرهاڻ ۾ هو وکڙجي الوٽ ٽي ويو هو.

ڪلهه رات ڪانپوءِ شيوا کيس ڏسڻ ۾ ڪانه آئي. ائين ٽي پانيو، جڏ ڪاڏنس رسي وئي هجي. ۽ هو بيچين هو. هن ويندي ويندي شيوا سان الاهي ساريون گهالهيون ٽي ڪرڻ چاهيون. پر شيوا ته الائي ڪٿي ڪهڙي ڪنڊ ۾ لڪي وئي هئي ۽ هو ڪالهه کان اپاڪين اکڙين سان هنجون واٽون واجهائيندو رهيو، ان ڌار جيان جنهنجو راند ڪو گم ٽي ويو هجي.

هو سيني کان موڪلاڻيءَ لاءِ مها پوڃاري، مکي پنڌاري ۽ ترشيمادڀجيءَ سان هلندو ٻاهر وڏي ورهاڏي ۾ آيو. سڀ وسنديءَ وارا کيس ڏسي گوڏن پر ٻانهن ٻڌي بيٺا. مها ويد آتم تارا پنهنجي سوني ڪنگڻ واري ٻانهن مٿي ڌگهري کين آشيرواد ڏنو.

"اوهان سڀن منهنجي شيوا ۽ آجيان ڪئي، ڏرتي ماتا انهيءَ جو اجورو اوهانکي ڏيندي. اوهان سيني تي ديوتائن جي ديا هجي. شال اوهانجا ڪيت سدا ساوا ۽ آنڌ سوايا هجن. آءٌ آتم تارا اوهان سڀن کي پرنام ڪيان ٿو." ائين چئي، آتم تارا سيني کي ٻانهون ٻڌي پرنام ڪيو.

اي مها ويڇ - تو کي پرنام.
اي سون ميائي جا وڏ گهراڻا - تو کي پرنام.
اي راڄ گهراڻا - تو کي پرنام
اي ڏراوڙن جا دادلا - تو کي پرنام
اي شال ننهنجو بخت سدا پليرو هجي
شال سدا سک مائين، ڪڏهن ڪوسو واءُ نه لڳئي.

سڀ دايون ۽ ٻايون - پوڃارا ۽ پوڃارڻيون. سندس سرتان ٻانهون گهوري کيس دعائون ڪرڻ لڳا.

آتم تارا اپاڪن نيٽن سان هيڏانهن هوڏانهن نهارندو رهيو. شيوا جون سڀ سرتيون هٽ ٻڌيو بيٺيون هيون. پر شيوا ڪٿي به ڪانه هئي. ماءُ کي پتو پيا ته مها ويد شيوا کي گهولي رهيو آهي. سو شيوا جي هڪ سرتيءَ کي آهستڙي چياڻين، "روپا! وڃ شيوا کي سڏي آءُ." پر انکان پهرين جو روپا وڃي. آتم تارا پاڻ روپا جي نجهري ڏانهن وڌيو. ماءُ جو مکڙو خوشيءَ کان ڦهڪي ويو. سڀ سرتيون واڙيون ٽي هڪ ٻئي ڏانهن نهارڻ لڳيون.

شيوا پنهنجي سجايل ڪوليءَ ۾ جاري تي رکيل ڏرتي ماتا جي ننڍڙيءَ مورتيءَ آڏو گوڏن پر پٽيري ويٺي هئي. هنجو ڪنڌ جهڪيل هو.

"شيوا....." آتم تارا در تي بيهي چيو. آتم تارا جي سڏ سان شيوا جي دل ڏڙڪي وئي، رڳ رڳ ۾ ڇڻ رباب وڄي ويو. ڇڻ ورهين کان ڪنهن ويران مندر ۾ ڪنهن پجاري اچي سنک وڄايو هجي. پر هوءَ ڪنهن ديويءَ جي مورتيءَ جيان چري ٻ ڪاڻ - هوءَ ائين ئي پٽيري ويٺي رهي.

چونڊا جواني جادو آهي. سونهن جڏهن ماڻو ڪندي آهي ڏرتي ۽ آسمان جا سمورا ديوتا اونڌي هوت جهڪي ويندا آهن. پرينءَ جي مک کان وڌ ڪا شي سهڻي نه آهي. آتم تارا جي چپن تي هلڪڙي مرڪ اچي وئي. ۽ هو گهائل نيٽن سان ڪيتري دير تائين پٽيري ويٺل شيوا جو سروپ ڏسندو رهيو. هنجي ڳنڍيل وارن جو ڪاريهر چوٽو، سندس گول آپريل ڏاڪن تي لڙڪي رهيو هو. ڏيل جبان ڏرڪيل ڳچي، ڀرپور نرم نازڪ ٻانهن ۾ سونيون ٻانهيون. ڳاڙهيءَ ننڍڙي ڳگريءَ هيٺان سنهڙي وٽ ڪاڏل چيلهه، ڪُهنبي گهيردار پڙي ها پنگ، سڀ ڪجهه طلسمي ٿي لڳا. هو ڇڻ سپني ۾ پاڻوهيل پير پريندو اڳتي وڌيو. "شيوا! تو رات ڏينهن هڪ ڪري منهنجي شيوا ڪئي. ڇا هاڻي وڇڻ ويل موڪلاڻي ٻ ڪاڻ ڪندينءَ؟" هن جو آواز ڳورو هو.

شيوا جو من ڇڻ ٻيڻ وانگي وڪهري ويو. نيٽن مان ڇڻ ڪا نٽن ڇُلي پيس. هن ڏاڍي پيڙا سان وٽ کائي پنهنجو منهن سڏو ڪيو. هنجي ترين تي روپيءَ ترا ڪڙيءَ تي سهاڳ جو سچلين ڪوڏين جڙيل ڳانو رکيل هو. هنجا ڳلابي ڇڙا ڪنهن آندماند کان ڦرڪي رهيا هئا. نيڻ ٽمي رهيا هئا. هوءَ ڪي چوڻ آکڻ کانسواءَ سندس اڏو ڪنڌ ڏرڪايو گوڏن پر ويٺي رهي آتم تارا ڏي ڏڏي ڏانهس نهاريندو رهيو. هڪ آداس مرڪ سندس چهري تي کڙي آئي. ٻوءَ هن ڏاڍي موه ۽ نماڻائي سان پنهنجي ٻانهن سندس آڏو وڌائي.

شيوا کي ائين محسوس ٿيو ڇڻ اونهي ۾ هڏندي اچانڪ ڪنهن ڪيس ٻانهن جو سهارو ڏنو هجي. هن ڏڪندڙ هٿن سان پنهنجي پرينءَ جي ڪارائي ۾ سهاڳ جو ڳانو ٻڌو. ڪيچ جون ڪوڏيون. پٽ جو ڏاڳو- جنم جنم جو ٻندڻ، لڄ کان هنجو منهن ڳاڙهو ڪُهنبو ٿي رهيو هو. خوشيءَ کان لڙڪن جون مالهائون ڳٽن ٽان گهورجنديون ٿي ويس هوءَ ڏرڪندي پنهنجي رين جي پيرن ۾ وڃي پئي ۽ ڏاڍي پيڙا سان سڏڪندي چيائين.

"ڪاڏا! وروهيٽيءَ ٽان ور ڪج. آن جي ڦوڙائي جو ڦٽ مونکي ماري وڃندو. سهاڳ! سڳ سڃاڻج. آءٌ ويلا ڪري اوان جون واڻون نهاريندس." آتم تارا ٻانهن کان جهلي کيس اٺاريو.

"شيوا! نون منهنجي سپنن جي ديوي آهين. تنهنجا هي ڪجلا نيڻ، تنهنجي هن ڪنڊيل وارن جي سرهاڻ منهنجي ساهن پساهن ۾ پيهي وئي آهي. مان جيون جي هر جات ۾ تنهنجو سات ڏينندس. مان موڪي ايندس شيوا! توکي پاڻ سان وٺي وڃڻ لاءِ."

اتم تارا جي هٿن جي ڇُهاوَ سان شيوا جو سڄو ڏڙ آنهلجي ويو، ڄڻي جي نيڻن ۾ پيار جو مها ساگر لهرون هڻڻ لڳو ۽ پوءِ جڻ ڪا مها پرلئه اچي وئي. جڻ ڪا نئين ڳجگاه ڪندي چلندي اچي وهندڙ ندي ۾ ڏوڪي پئي. ٻئي هڪ ٻئي کي پاڪرين ٻڌجي ويا، چپ چپن سان ٻڌي ويا. جوانيءَ جو پهريون پيار. جڻ ڪا ٻاهڙ پاڻيءَ ۾ تڙپي نئين شيوا پنهنجي پرينءَ جي پاڪر ۾ وڌجي ستجي پئي ٻڏي ۽ آپري. هنجي جسم جو سڄو رت هنجي چهري ني ڏوڙي آيو هو ۽ وڏيءَ چڪتاڻ ڪانپوءِ هڪدم هنجو بت ڍرڪي ويو ۽ ڇن پنهنجو ڪنڌ اتم تارا جي ويڪري ڇاتي تي اڻين ڏاري ڇڏيو، جيئن ڪو رڻ رمتو، پٽڪندو سهڪندو اچي ڪنهن وڻ جي ڇانوَ هيٺ ڏهي پيو هجي.

اتم تارا ڪيس سڌو ڪري ڏيڏندي چيو "شيوا! مان موڪي ايندس." اڻين چٽي هو ٻ ٽي پير پوئتي هٽيو ۽ گوڏن ڀر ٻهي هٿ ٻڌي ڪيس پرنام ڪيائين. شيوا ڍرڪي اچي سندس پيرن ۾ سر جهڪايو ۽ اتم تارا پٽيرن پيرن سان هلندو ٻاهر آيو.

سندس ڪارائيءَ ۾ سهاڳ جو ڳانو ڏسي سڄي ستّ جا منهن ٻهڪي ويا. پوچارڻيون مرڪڻ لڳيون. سرتين وٽي شيوا جي نجهري ڏي ڏوڙ وڏي تہ گهڙيءَ پل ۾ ايءَ سپ چاٽي ويو.

پوءِ اتم تارا، مها پوجاري ۽ مکي پنداري اڳيان هٿ ٻڌي نوڙت ڪئي ۽ ترشيمادڀجيءَ آڏو ٻيهي سندس سيڊ چمي چيائين، "جيجل! مون ۽ شيوا جنم جنم جو ساٿ رچايو آ. مان شيوا کي وٽي وڃڻ لاءِ موڪي ايندس." ترشيمادڀجي خوشي کان ڪيڙن ۾ ڦٽي ماپي. اتم تارا تان ٻانهون گهوريندي چيائين،

"راول! هي گهر تنهنجو آهي. شال سپ سانگ سجايا ٿين. نون سو پير اڇيج جيءَ اڇيج اسانجون اکيون ٺڏيون. شيوا تنهنجي آهي. اسانجو سپ ڪجهه تنهنجو آهي." اڻين چٽي هن اتم تارا جي نرڙ تي ٻڏل مڱٽ کي چميو.

ڪيس پلن ڏڳن واري سينگاريل گاڏي ۾ وهاريو ويو. سندس اگواڻي ڪندڙ چئن پلن تي ويڙل جوپ جوانن پنهنجن ڏاندن کي هڪليو. ۽ انهن جي پٺيان ڏي سندس گاڏيءَ جا پلا ڏگا سڳن ۾ ٻڏل چيرين ۽ چمڪن کي لوڏيندا چم چم ڪندا گاڏي کي گهرڻ لڳا. هو ٻهي پاسن کان ٻڙل ٻاهين، ٻارڻن ۽ مڙسن کي سوڪلاڻيءَ لاءِ هٿ لوڏيندو رهيو.

شيوا پري کان پنهنجي رتول جي چت تان سرتين سان گڏ رنگين ڏوپ چٽ جي هيٺان بيٺي ويڪل نيڻن سان ڪيس پري ويندو ڏسي رهي هئي. (هلندڙ)

# چيئون چاڙ....!

مٽي چڙهندي بهي ٿو رهان. هيٺ آفيس ڏانهن ڏسان ٿو. آفيس جي در وٽ پٽيوالو استول تي چڙهيو ويٺو آهي. هڪ پوڙهو اچي ٿو. جتي لاهي اندر گهڙي ٿو تہ پٽيوالو روڪيس ٿو، "اي ڪيڏانهن ٿو وڃين، صاحب آرام ۾ ڪري. مٽي ۾ سور آهيس."

"سائين پري کان آيو آهيان. ڏرل آهيان چوڏري پاڻي بند ڪيو آهي، هاڻي زمين ٿو ڦري." پوڙهو هيسجي چوي ٿو.

"سياڻي اڇج. اڄ جمعي جو ڏينهن آهي. صاحب ۽ بيزار ويٺو آهي."

"پر سائين منهنجي زمين....!

"اڙي چيم تہ سياڻي اڇج، اسان ڪو تنهنجي زمين جو ٺيڪو ڪنيو آهي ڇا؟" پٽيوالو بگڙجي چوي ٿو. "هنن جهنگلين مان تہ ڦاٽا آهيون آفيس جو ٽائيم اڃي ختم ٿيو آهي. هٽير منهنجي زمين!"

پوڙهو اجرڪ ڪلهي تي ٽاهي رکي ڪنڌ هيٺ ڪري هليو ٿو وڃي.

هڪ چوڏري وڪيل سان گڏ جي اچي ٿو. پٽيوالو جهڪي سلام ٿو ڪرين ٿوري دير ڪانپوه ٻٽي ٻاهر ٽا نڪرن، وڪيل چوڏري جي ڪلهي تي هٿ رکي چوي ٿو، "چوڏري جي، فڪر نہ ڪر. صاحب سمجهہ تہ پنهنجو آهي. هن بکئي وٽ آهي ڇا جو ڪورٽن جا خرچ پري سگهندو."

چوڏريءَ جي منهن تي مرڪ ڦهلجي ٿي وڃي.

آئون آتي وڏيڪ نٿو بيهان، نڪرڻو نڪرڻو مٽي چڙهي ٿو وڃان.

ڪنڊ جي لاءِ پرمٽ وٺي آهي. راشن آفيسر پاءُ جو واقفڪار آهي. پاءُ ڪالهہ چٺي لکي ڏني هٽي ۾ راشن آفيسر چيو سياڻي ڈينڊس.

ٻاهر ورانڊي ۾ ماڻهن جا ميڙ لڳا پيا آهن. آئون اندر آفيس ۾ گهڙي وڃان ٿو. راشن آفيسر هڪ دوست سان گالهيون ڪري رهيو آهي. آئون هڪي چوانس ٿو.

"ا....دا.... ادا پاءُ.... چيو آهي.... پر.... مٽ.."

سندس گالهين ۾ رخنو پوڻ ڪري هو مون ڏانهن کهرين نظرن سان ڏسي ٿو ونکي لڳي ٿو، مونکي ڪچو کائي ويندو. آئون نظرون جهکائي ٿو چڏيان. ترسي چوي ٿو، "ها ڪجهہ دير ٻاهر ترس ٽاهي ٿو ڏيان."

آئون باهر نڪري ٿو اچان. چوڌاري نهاريان ٿو. سڀ بينچون پريون پيون آهن. آئون هانهون هڏي بهي ٿو رهان. هڪ ماڻهو اڃي ٿو ۽ جاءِ خالي ٿي‌آهي. آئون ويهڻ جي ڪريان ٿو. جيسين آئون ويهان، تنهن کان اڳ ٻيو ماڻهو جاءِ تي قبضو جمائي ويهي ٿو رهي. مونکي پنهنجي ناڪاميءَ تي شرم ٿو اچي. منهن ڦيري رستي ڏانهن نهاريان ٿو. رستي تان ڪاريون، رڪشا، ٽانگا ۽ سائيڪلون ڊوڙي رهيون آهن. 'هيءَ زندگي به عجيب آهي' آئون سوچيان ٿو. 'انسان به انهن مشينن وانگر ڊوڙي، ڊوڙي هڪڙي ڏينهن ختم ٿي ويندو.'

هڪ بينچ خالي ٿي آهي، آئون تڪڙ ۾ ويهي ٿو رهان. ڊپ اٿم متان ٻيو نہ کو قبضو جمائي ويهي رهي. بينچ به اڪڙيل آهي، سڄي لڏي پئي. سوچيان ٿو هنن کان ايتري به نٿي پڄي جو ڪا سڪي بينچ ڪٽي رکن. انهن کي ڀلا ڪهڙو احساس. پاڻ تہ شان سان ڪرسين تي ويٺا آهن باقي ٻيا وڃي هڏي مرن، هنن جي اڳوئي مٿي سور.

ويٽل ماڻهو هيڏانهن، هوڏانهن جون گالهيون ڪري رهيا آهن سياست ۽ اناج کان وٺي سينيٽر رابرٽ ڪينيڊي تائين. هڪ ماڻهو سگريٽ دڪائيندي چوي ٿو، "يار ڪينيڊي ڏاڍو سٺو ماڻهو هو، چون ٿا عوام جو خير خواه هو."

"نہ پيٽسان وڏو حرامي هو. چئي ٻيو تہ اسرائيل کي تباهہ ٿيڻ کونہ ڏيندا سين، هون وڏو آدو هو اسرائيل کي تباهي کان بچائڻ وارو." منهنجي پاسي ۾ ويٽل ڦاٽ کاڌو.

"توبهہ، توبهہ. آلرسول جي اولاد جو منگهرو ٿيو تہ لوڙهين به آوهڙي نہ."

هڪ ملان صاحب ڏاڙهي تان هٿ ڦيرندي چوي ٿو.

سامهون ويٽل منهن تان اخبار هٽائي چوي ٿو، "آمريڪا ۾ تہ ويل لگو ٻيو آهي- کو قسمت وارو صدر ٿو بچي. سڀ جانسن جي حرامپائي آهي."

"آن تہ سورگو بيهڻ تان ئي هٿ کڻي چڏيو." ويٽل گالهہ کي اڳتي وڌايو. "پنهنجو چمچو جو بيهاريو اٿس. سمجهي ويو تہ پڪ ڪينيڊي چڙهندو، ٻوہ ضرور پاءِ جي قتل حو ويڑ وٺندو." جواب ڏيندي وري اخبار پڙهڻ لگو.

"پيٽسان وڏو پلستر آهي." ويٽل کي شايد ماڻ بري لگي.

"هائي هنن جو نديو پاءُ نہ بيهندو. ٻن جوان پائرن جو موت. ماءُ ٻيءَ سان کهڙي حالت هوندي."

"اصل گالهہ ئي نہ پيچ، رت روئندا هوندا ويچارا."

منهنجي پاسي ۾ ٽلهو ڪائياوڙي اچي بهي ٿو. وات چپاڙي هان جي ٽڪ اڇلي ٿو. منهنجي پينٽ جي پانڇن تي چنڊا پون ٿا. آئون خارن مان هن ڏانهن نهاريان ٿو هو اڃلو مون ڏانهن رعب سان ڏسي ٿو. ڇڻ مون کان ڪو ڏوهہ ٿيو آهي. آئون

هيسجي پانچن ڏانهن ڏسان ٿو، دل ۾ چوان ٿو. 'هڪڙي چوري ٿي سينازوري' وري ٻي ٽڪ اڇلي ٿو دل ئي دل ۾ جڪ ٿو ڪان. من ۾ اچي ٿو ته چمڙ وهائي ڪيانس ۽ چوانس، 'سالا نظر نٿو پوئي چا؟' پر ايتري همٽ ڪانه اٿم. هو هر هر مون ڏانهن رعب سان نهاري ٿو. دل ۾ چوان ٿو، 'حرامي ڏسي ته ڪٿين نه ٻيو چڙ ڪو ڏاڙو هنيو اٿمانس.' مونکي هن جو ائين نهارڻ برو ٿو لڳي. آڏون اتان اٿي ٻئي پاسي ٻهي ٿو رهان ۽ پينٽ جي پانچن ڏانهن ڏسان ٿو. 'سالي پينٽ جو خانو خراب ڪري ڇڏيو. اڄا اڄ ڏوٻيءَ ڪان ڪڍي پائي آيو آهيان. ڏوٻي به چار آنا ٿو وٺي ته به سٺو نٿو ڏوئي. هنن ڪي ڪهڙي خبر ته اسان ڪهڙي مصيبت سان چار آنا ڏئي ٽا ڪپڙا ڏئاريون. اسان غريبن لاءِ ڪي ڪپڙا ڏئارڻ سولا آهن چا؟ هنن ڪانياواڙين وٽ پلا پئسا آهن گهٽا. هندوئن جو مال مفت هٿ اچي وين، انهي ته رهڻ لاءِ جهوپڙي به ڪانه هوئين. هتي اچي سيٽ ٿي ويٺا آهن ته سين ڪي پاڻ جهڙو پرمار ٽا سمجهن. من ئي من ۾ آن ڪانياواڙيءَ ڪي دل ڪوليو ٿو گاريون ڏيان.

هڪ شاعر پرمٽ وٺڻ لاءِ اچي ٿو. شاعر ته وڏو آهي پر غريب آهي ان ڪري ٽيٽروڻ جي خميس، اوچي هڙڪ جي سلوار بدران ڪاڏيءَ جا ڪپڙا پيا اٿس. پيرن ۾ بوٽ بدران ٻن روپين وارو چمپل پيل اٿس. آفيس اندر گهڙي ٿو. جلدي مايوس ٿي باهر نڪري ٿو شايد پرمٽ نه مليس، بغل ۾ رسالو دٻائي ڪنڌ هيٺ ڪري هليو ٿو وڃي.

راشن آفيسر باهر نڪري ٿو اچي ۽ مان سندس ويجهو وڃي بيهان ٿو، مونکي ڏسي چوي ٿو، "هڪڙو منٽ ترسو ڏيانو ٿو."

آڏون وري پٽ کي ٽيڪ ڏيئي بهي ٿو رهان. ۽ ماٺهون اچن ٽا جاءِ نه ڏسي بهي ٽا رهن- هڪ چوي، "ظلم لڳو پيو آهي ڪنڌ سادا ٽي روپيا سير- پرمٽ تي ڏيڍ روپيو پر جي پرمٽ ملي."

"هاڻ، پرمٽ مشڪل سان ڪو ملي. پهرين ته وڏا ماٺهون پرمٽون گهرائين ٽا، باقي بچيل يارن، دوستن کي ۽ گهر لاءِ ٽا رکن ۽ پاڻ جهڙا غريب آهڙيءَ جا اوهڙا." ٻيو ماٺهو چوي.

"اسان غريبن لاءِ ته ٻنهي پاسي ويل سوبه اسان سنڌين لاءِ."

"اسان لاءِ ته ٻنهي پاسي ويل آهي ڪنهنجو ڏوهه ڪونهي اسان جا پنهنجا پاڙيا آهن." ٻئي خاموش ٿي وڃن ٽا.

ڪجهه دير ترسي هڪ چوي ٿو، "هتي وري ڪهڙي سستائي آهي- باهر ٻري پئي آهي- ڪنڌ سادا ٽي روپيا سير، چانورن جو ادائي روپيا ته اڏو وڃي روپئي سير سان لڳو آهي. سستائي وري اگوٽي جو مٽو آهي. پيڙجن ۾ غريب- بک ۾ غريب مرن

امير ته گهر ويڻي پيا عيش ڪن. ڪڏهن ڪڏهن ڪو سرڪار غريبن لاءِ ڪنڊ يا چانور ڏئي نه ته غريب رڳو نالو ٻڌن باقي ڪائين اهي امير."

آڻون اتان هلي ورانڊي جي ٻئي ڇيڙي وٽ اچي بيهان ٿو. اتي بينچ تي ويٺل ماڻهو پاسي واري کان پڇي ٿو، "ادا پرمٽ ملندي."

"آسرو ته ڪونهي." پاسي ۾ ويٺل جواب ڏئي ٿو.

"سائين جتي ڪٿي پٽسن سان ڪم ٿو هلي. ڏهه روپيا ڏيو ته هنيئر پرمٽ وٺو. چاجي درخواست چا جو فارم ڀرڻ. هڪڙي هٿ سان ڏئي ٻئي هٿ سان وٺ." ٻئون ماڻهو دلالن جي انداز ۾ چوي ٿو.

ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن ڏسن ٿا. ڇڙ چوندا هجن 'ٻئسا هجن ها ته هتي ڇو اچي ڏکا جهليون ها.'

مونکي بڪ جو احساس ٿيو آهي. ياد ڏي اڇيم صبح جو ڪجهه ڪونه کاڌو هوم. گهر ڪجهه هو ئي ڪون ائين هليو آيس. هيئر سائيا بارهن پيا ٽين پاڙن وارو اچي ٿو مونکي پاڙ ڪون وٽن پر اج دل چاهي ٿي ته وڃي کان، شايد بڪ جي ڪري ڪيسي ۾ هٿ ٿو وجهان صرف هڪ ٻٹسو پيو آهي. پاڙن وارو منهنجي پاسي ۾ اچي ٿو. آڻون پڇانس ٿو 'ٻٹسي جو پاڙ ڏيندين.' پاڙن وارو بنا جواب ڏيڻ جي اڳتي وڌي ٿو وڃي. مونکي لڳي ٿو ته سڀ ماڻهون مون تي ڪلي رهيا آهن. آڻون شرمندو ٿي ٻئي ڏانهن ڏسان ٿو. وري ڪيسي ۾ هٿ وجهانس ٿو ۽ سوچيان ٿو، 'ڪڏهن ڪم اچي ويندو.'

هڪ رسالي جو ايڊيٽر اچي ٿو. راشن آفيسر ڪرسي تان اٿي عزت سان هٿ ٿو ڏيس. ان لاءِ ايڊيٽر صاحب سندس بيڪار ڪهاڻيون ۽ رسالي ۾ ڇپيندو آهي. راشن آفيسر چانهه واري کي سڏ ڪري ٿو.

"اڙي ڇورا دو اسپيشل چانهه لائو."

وري ڪلي ايڊيٽر کي چوي ٿو، "هَي هَي هَي توهان ڇو اڇڻ جي تڪليف ورتي ماڻهو موڪليو ها ته پرمٽ ڪيڏي ڏيان ها."

ايڊيٽر هلڪو مسڪرائي ٿو. هو وري ايڊيٽر کي چوي ٿو، "مون ڪهاڻي لکي آهي سا، سپاڻي ڏئي ويندس. گهاڻهه چا هٿي جو رستي تان آيس ٻئي ته ڪيلي جي ڪل تان ترڪي ڪري پيس. ڏسو نه ماڻهو هرهنڌ ڪلا ڪائي ڪلون آڻي ٿا آڇلي ڇڏين. اهي ڪلون گند جي ڍير يا نالي ۾ وجهجن. اسانکي اهڙيون ڪهاڻيون لکڻ گهرجن ته جئين معاشرو صاف ۽ پاڪ ٿئي."

"پلا ڏوهان ڪهاڻي جو نالو چا رکيو آهي؟" ايڊيٽر چانهه جو ڏڪ پريندي پڇي ٿو.

"جي، هَي هَي هَي 'ترڪي ڪري پيس، ڪيلي جي ڪل تان.'" هَي، هَي

هَي ڪٿين سنو نالو آهي نہ" راشن آفيسر ڏند ڪيندي چوي ٿو.

"ها، ها ڏاڍو سٺو آهي."

"اڄ گهر وڃي ٻي به ڪهاڻي لکندس. نالو اڳهر ئي سوچي ڇڏيو اٿر 'اوندهه رستا، سبتيون نالیون' هَي هَي هَي، هيءَ ڪهاڻي بهترين آهي. ڪالهه آفيس مان گهر پٽي وڃس، فردوس سٽنيما جي اڳيان آڇي لنگهس سو ڪنڌ مٽي ڪري بنگال جي حسين ساحره هيروئين شبنم جا لڳل پوسٽر ڏسندي وڃس ته نالي‌ءَ ۾ ڪري پيس. انڪري سرڪار کي گهرجي ته اهي نالیون مٽائن ڏيڪائي ڇڏي جٿين آڻون پوسٽر ڏسندي اڳتي لاءِ نالي‌ءَ ۾ نہ ڪران."

ايڊيٽر دلچسپيءَ سان مشهور ڪهاڻيڪار جون ڳالهيون ٻڌي رهيو آهي، راشن آفيسر ڪيس پرمٽ ڏيي ٿو ڏي. ايڊيٽر باهر ٿو نڪري در وٽ مونکي ٻيهر ڏسي نهاري ٿو- مونکي لڳي ٿو ته منهنجا ويچارا ٿو ڏيي.

هڪ پٽيوالو اچي ٿو. راشن آفيسر جي سامهون آڪڙجي بهيءَ ٿو ڇڻ ڪو وڏو آفيسر آهي- راشن آفيسر کي چوي ٿو، "ڪمشنر جي گهر لاءِ ويهن سيرن جي پرمٽ ۽ نوڪرن لاءِ اڌ من جي پرمٽ ڏيو." آفيسر ڪيس جلدي پرمٽ ڏيي ٿو ڏي. پٽيوالو پرمٽ هٿ ۾ جهلي ماٿهن جي سامهون لنگهي ٿو. پرمٽون هٿن ۾ اهڙيءَ طرح جهلي ٿو ڇڻ سڪائيندي چوندو هجي، 'توهان کي پرمٽ نہ ملندي. وڃي اگوٺو چوپيو.'

هڪ ماڻهو چوي ٿو، "هنن کي ڪٿين نہ ٿا پرمٽ ڏين."

"مٽان جو موڇڙو اٿن." ٻيو چوي ٿو، "موڇڙي ۾ ڪرامت آهي."

"ڇاجو موڇڙو؟ ڪير ڪنهنجو ساهه ڪون ٿو ڪيي وٺي، مڙئي خوشامد."

اخبار پڙهندڙ عينڪ جي شيشن کي صاف ڪندي چوي ٿو.

ٻيئي، ٻيٽي منهنجي لنگن ۾ سور اچي پيو آهي. ويهڻ لاءِ نظرون گهمايان ٿو ۽ ويهڻ لاءِ ڪابه جاءِ نظر نٿي اچي ٻينچن تي ماڻهو ڀريو ويٺا آهن.

راشن آفيسر جي آفيس مان پٽيوالو نڪري ٿو- ويڙل ماڻهن کي چوي ٿو، "اڄ پرمٽ ڏيڻ جو وقت ختم ٿي ويو آهي. سياڻي اڇجو."

ماڻهون هڪ ٻئي جا منهن تڪين ٿا. سندن منهن ٿي هلکو غم گاڏڙ غصو آهي. آهستي، آهستي اٿڻ لڳن ٿا.

آڻون اندر آفيس ۾ لنگهي ٿو وڃان. راشن آفيسر مونکي ڏسي چوي ٿو، "مونکي ڳالهه وسري وئي هڪ منٽ باهر ترسو. ڪاهي ٿو ڏيان." من ۾ اچي ٿو ته چوانس. 'هڪ منٽ ترسي ته اچي پنج ڪلاڪ ٽيا آهن. آخر هي منٽ ڪڏهن پورو ٿيندو.' پر چٿي نٿو سگهان ڊپ اٿر متان پرمٽ نہ ملي. پرمٽ ته ضرور وٺي آهي. گاڙهي ڪنڌ به ته ٻن روپين کان به وڌهي ويئي آهي. سا به اڌ مٽي ته اڌ ڪنڌ- ڪنڌ

جي هونئن ته ضرورت ڪانهي- ڪهڙا، امير آهيون جو روز پيا مال مليدا رڌيو ڪائون، پر ڪمبخت چانهه جي عادت، ننهن ماري وڌو آهي. نه پڄجي ته متي ۾ سور. هوڻ وارن حرامين کي ته وجهه مليو آهي. ڪنڊ مهانگي جو بهانو ٺاهي سادي چانهه جو ڪوپ ٽي آنا. ڪنڊ جو اڌ گهٽ ٽينڊو پر هي چانهه جي ڪوپ جو اڌ گهٽ ڪونه ڪندا. اهي ته اهڙا موقعا پيا ڳولين. موقعو ملي وڃين ته ٺاهيو ماٺهن جو متو سڪيءَ پاڪيءَ سان ٽا ڪوڙين.

آئون ٻاهر نڪري ٿو اچان. هاڻي سڀ بينچون خالي پيون آهن- رڳو ڪنڊ جي ڊيپوئن جا مالڪ وينا آهن ته آرڊر وٺي ڪنڊ ڪٽائي وڃن. وڃي ماٺهن جي آبتي چوڙي لاهين. اندر ڪلارڪ واندا وينا آهن پاڻ ۾ ڪچهري پيا ڪن.

هڪڙو پالش ڪرڻ وارو چوڪرو ڪلهي ۾ ڪاٺ جي پيتي وجهي اچي ٿو "صاحب پالش" "سيٽ ڪريان."

ٻه ٽلها سيٽ پنهنجا ڦاٽل ڪنيون جتيون جن کي جتان ڪتان چتيون لڳيون پيون آهن سي لاهي پالش ڪرڻ لاءِ ڏين ٿا. مونکي لڳي ٿو ته هي جتيون شايد خانداني ٽيون ڏسجن هنن وٽ ابن ڏاڏن کان هلنديون اچن. چوڪرو بوڙ تان چنڊي متي لاهي ٿو. هو ٻيٽسان متي جا ٻه دڙا چڙهيا پيا آهن. سالن کانپوءِ پيا پالش ڪرائين، سوچيان ٿو هنن وٽ لکين روپيا پيا سڙن پر وڻن ٻوٽ ٻ ڪون ٿا. هيترو پئسو ڪندا ڪيڏانهن مري ويندا پر ڪنهن غريب کي ڪون ڏيندا. هي سيٽ صاحب پاڻ ۾ گهاڙها، گهاڙها ڏند ڪيدي ڪلن ٿا. حرامي ڏندڙ ٻه ڪونه ٿا ڏين هڪڙو سالا سڄو ڏينهن ٿا پان کائين. ڪهڙا نه بچڙا ٿا لڳن. چوڪرو جتيون پالش ڪري ٿو ڏين. هڪ ٽلهو سيٽ جنهن جو پيٽ ادائي مٽي ڳوڙ جيڏو آهي سو جتيون ڏسي چوي ٿو، "اڙي چورا هي پالش ڪئي اٿئي. حرامي رڳو حرام جي ڪمائي ٿا کائو. وٽ وري ڪر."

حرام جي ڪمائي. منهنجيون نظرون بي اختيار سيٽ جي ٻاهر وڌيل پيٽ ڏانهن کڄي وڃن ٿيون.

'حرام جي ڪمائي کائو' اهي لفظ منهنجي ذهن تي هٿوڑي وانگر لڳي رهيا آهن مون چوڪري جو پيٽ ڏٺو، هن جو پيٽ پڻيءَ جي ڪنڊي سان لڳو پيو آهي. هڙهاڻون ٻاهر نڪري آيون هئس.

آئون ذهن کي ٻئي پاسي ڦيرڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان.

چوڪرو وري پالش ڪري جتيون سيٽ جي پيرن وٽ رکي ڇڏي. سيٽ جتيون هٿ ۾ کڻي جانچي ڏسي ٿو. مان دل ۾ چوان ٿو هاڻي هن سيٽن کي آرسي ۾ ڇهرو ڏسڻ جي ضرورت ڪانه پوندي. رستي تي هلندي آرسي ۾ ڇهري ڏسڻ جي ضرورت پين ته جتي ڪان ڪم ونندا. ٻئي سيٽ هڪ وقت ڪيسي ۾ هٿ ٿا وجهن وڏي پيٽ

وارو ٻڌي ڪي چوي ٿو 'نه نه آئون ڏيان ٿو.' ٻيو جلدي ڪيسي مان هٿ ڪيڊي ڪڍ ۾ رکي ٿو ڇڏي. وڏي پيٽ وارو سيٺ چوڪري کي ٻه آنا ڏي ٿو.

''سيٺ صاحب ٻه جتيون آهن گهٽ ۾ گهٽ چار آنا ته ڏيو.''

''اڙي هل هل چار آنا ڏيو'' سيٺ ڳالهه تي زور ڏيندي چوي ٿو.

''اهڙي خراب پالش وري چار آنا.''

''سيٺ صاحب....''

''سيٺ صاحب جا پٽ. ڇڄ گوڙ لائو آئٿي رکجو حرام ڪپنو .''

''سيٺ صاحب پر....''

''اڙي پٽيان تو کي چوان ٿو ته ڇڄ هتان نه ته هٽاءِ وري منهن واريون جتيون.''

وڏي پيٽ وارو سيٺ پيٽ کي ڦوڪيندي چوڪري کي ڇڙپ ڏي ٿو. چوڪرو ڪنڌ جهڪائي پيتي ڪلهي ۾ وجهي هليو ٿو وڃي.

مونکي هاڻي بک جو تيز احساس ٿئي ٿو. اڄ ٻه ڏاڍي لڳي آهي. هر هر زبان سڪل چپن تي ڦيري چپن کي الو ڪريان ٿو. مونکي مٿي ۾ سور ٻه اڇي پيو آهي. هاڻي ته وهي ٻه نٿو سگهان. پر پرمٽ اڃا نائين نه ملي آهي. دل ٿي دل ۾ راشن آفيسر تي جڪ، کان ٿو. سوچيان ٿو، 'پاڻ صبح جو ماني کائي آيو هوندو. تڏهن ته منهنجي بک جو احساس ڪونه اٿس. وري پکي جي ٽڏي هوا ۾ ويٺو آهي.' من ۾ اڇي ٿو ته ڪيس گلي مان جهلي ٻه ٿي ڏونڪا وهائي ڪيانس ته 'هي منٽ پورو ٿيندو يا نه، پر ائين نٿو ڪري سگهان ڊپ ٿو لڳيم هيٽ ڪورٽ مٿان وري پوليسوارا پيا هلن'' هنن حرامين کي شل نه ڪو وجهه ملي نه ته لاهه ٿي ڪيڊي ڇڏيندا. خدا شل دشمنن کي ٻه هنن جي ور نه چاڙهي. وري هي آفيسر ٻه ٽلهو ٽنبلو لڳو پيو آهي. مونکي چمڙ هڻي ته اٿي ٻه، سگهان. پٽيوالا ٻه الاهي اٿس رکجو هنن کي بچ ڪري ته ڪتن وانگر چڙهي وڃن. هڻي لاهه ٿي ڪيڊي ڇڏين.

مونکي هاڻي سموري ڪاوڙ پاڻ تي ٿي اڇي ''حرامي پاڻ اڇي ها ته خبر پويس ها. مونکي موڪلياٿين خبر ٻه هيس ته هي گڏهه پرمٽ نه ڏيندو.''

مونکي اڄ ستاڻي تي اٿي پاڻي جي منٽ وٽ اڃان ٿو. پر منٽ خالي آهي. راشن آفيسر آفيس کان ٻاهر نڪري ٿو. مونکي اڃا نائين ويٽل ڏسي تپ چڙهي ٿو وڃيس. آئون سندس سامهون ٿو اڇي بهان. هيٽين چپ کي چڪ پائي چوي ٿو، ''مونکي افسوس آهي جو، پرمٽون ختم ٿي ويون. پاٽين کان منهنجي پاران معافي ونجائين.'' چٽي ٽڪڙو نڪڙو هيٽ لهي ٿو وڃي. مون کي لڳي ٿو، ڪنهن مونکي زوردار چمڙ وهائي ڪيڊي آهي. منهنجي مٿي ۾ سور تيز تيز ٽيڻ لڳي ٿو. مونکي لڳي ٿو ته بک، اڄ ۽ مٿي جي سور جي ڪري، ڪري پوندس. ڪوشش ڪري آهستي آهستي هيٽ لهي ٿو اڃان.

# پھرين تاريخ

اڄ پھرين تاريخ آھي، جنھن جي ڪلارڪ ذات کي مھني جا ٽيھ ڏينھن انتظار رھندو آھي. ھو ھال ۾ چٽي طرف ڏسي ٿو تہ اڏ کان وڌيڪ ڪلارڪ ڪونہ آھن. باقي جيڪي وٺا آھن، انھن جي منھن تي گنھرتا، مايوسي ۽ اداسي ڇانيل آھي. ڪنھن جي منھن تي بہ ھيڏي انتظار بعد آيل پھرين تاريخ لاءِ خوشي ڪانھي. جڏ سڀني دکي آھن. سيني جو دکہ ساڳيو آھي. يونيورسل آھي.

ھو ڪيسي مان نوٽ ڪڍي ڳڻي ٿو. پورا اڻاويھ ڏھين ڏھين جا نوٽ! ۽ دل ئي دل ۾ سوچي ٿو. چا ٿيو؟ ۽ نوٽ واپس رکي، ھڪ پين ڪٽي بيلنس شيٽ ٺاھڻ شروع ٿو ڪري. ان جا ٻئي پاسا ٽن ڪلاڪن جي سخت ڪوشش بعد بہ نہ ٽا ملن. ھر گھڙيءَ ڊيبٽ (خرچ) وارو پاسو وڌي ٿو وڃي، وڌندو ٿو وڃي ۽ نيٽ ھو ٽڪجي ٿو پوي ۽ بئيلنس شيٽ واري پني کي ويڙھي سيڙھي ڪڍي ٿو ڪيسي ۾ وجھي ۽ سامھون رکيل بيلنس شيٽس جي بنڊل کي ڪ ڪ ڪجھہ دير ڏسندو ٿو رھي ۽ پوءِ ڪٽي ڳڻي ٿو. ڪل ستٺ آھن. جيڪي ھن ڏينھن ٺائين پوريون ڪيون آھن. ڪيس بيلنس شيٽ ۾ سڀ کان ھوشيار مڃيو ويندو آھي ۽ جڏھن بہ ڪنھن ٻئي ڪلارڪ جي بيلنس شيٽ نہ بيھندي آھي تہ ڪانئس اڇي ٺھرائيندو آھي. مگر اڄ سندس بيلنس شيٽ نڪي بيھي! پاڻ ڪنھن کان وڃي بيلنس شيٽ ٺيڪ ڪرائي؟ ڪڏھن ٽيندي ٻہ؟ ڪيس شڪ آھي!!

۽ ھڪ ھڪ اسم وري ڏسي ٿو. جاھ جي مسواڙ چاليھہ روپيا، ڪير وارو ٽيھہ روپيا، سيڏي وارو پساري آسي روپيا، ڏوبي ڏھہ روپيا، ويمي جي قسط چاليھہ روپيا، ڊاڪٽر کي ويھہ روپيا، چاليھہ روپيا قرض جي قسط، راجوءَ جي اسڪول جي في ڏھہ روپيا، ڪٽنتين جو بل پنجاھہ روپيا ۽ پنجاھہ روپيا وٻا چندن ۾. بس! پگھار پوري!!

ھو سوچي ٿو پٽسا پورا معنيٰ مھنو پورو. پر مھنو تہ شروع ٿي اڄ ٽيو آھي. گھر ۾ راشن لاءِ بہ تہ گھرجن ۽ ان بعد سڄي مھني جي ياڇي پٽي ۽ ٻيو خرچ! ۽ ھڪ ڏڏو ساھ نڪري ٿو وڃيس!

مڪان مالڪ جو سندس مٿان ٿي رھندو آھي، تنھن اڄ صبح ڪيس صاف اکرن ۾ چيو ھٿو تہ، "اڄ سڄو حساب چڪتو ڪر، مان وڌيڪ ھڪ ڏينھن بہ ترسڻ لاءِ تيار نہ آھيان."

جڏھن پيٽس آئي ھٿي تہ مھرباني ڪري، ھن مسواڙ ڪانہ ورتي ھٿي ۽ چيو

هٹائين "پل پوء هَري ڏاڍي ڪري ڏجانءِ" ۽ ٽن مهنن جي مسواڙ جا هڪ سو ويهه روپيا رهجي ويا ۽ اُن هري ڏاڍي کي به آٺ مهنا ٽي ويا آهن ۽ مسواڙ جي رقم اوتري جي اوتري باقي بيٺي آهي ۽ مڪان مالڪ هاڻي وڌيڪ ترسي نٿو. هن جو به ڏوهه ڪونهي، ترسڻ جي به ڪا حد ٽيندي آهي!

پساريءَ جا ڏيڍ سو ڪن ٽيندا، هو به هر مهني پيو چوي. ميٺ محبت به ۽ رعب سان به. هن جو اڳيون بل جيڪو هرمهني گهٽجڻ جي عيوض وڌندو پيو وڃي سو لهي نٿو ۽ لهندو به ڪونه. هُن گهٽئي پيرا سوچيو آهي ته پساريءَ سان سيڌي جو بل چڪتو ڪري ڇڏي ۽ هر مهني روڪڙ تي سيڌو وٺي اچي. جو هر مهني اوڌر سيڌو وٺڻ ڪري، هرهڪ شيءِ تي پساري نفعو تمام گهٽو ٿو رکي پر ڪجي به ڇا؟.

ها ڪلارڪ ذات ٿي اهڙي آهي جا اوڌر تي ڪابه شيءِ سندس اکيءَ ڪان چُوٽي اکيءَ ۾ به وٺڻ قبول ڪندي آهي.

چالیهه روپيا قرض جي قسط، پاڻ کي دوڪان ڪيائي ڏيڻ لاءِ قرض ڪنيو هٹائين، ان وقت سيني منع ڪئي هيس ته اجايو ٿو خفي ٿ پوين. مگر هن ڪنهن جي به نه ٻڌي. ’اڙي پائڻي پاڻ پاڻ کي نه ڪم ايندو ته ٻيو ڪير ايندو؟ آخر، دنيا ۾ پاڻر گهرجن ڇا لاءِ ٿا! اگر هو بيمار ٿي پوي ۽ ڊاڪٽر چوي ته هن لاءِ رتَ جي ضرورت آهي ته ڇا ڪونه ڏبو؟ جنهن رت لاءِ رت ڏئي سگهجي ان لاءِ پٽسو کهڙي گهالهه آهي؟ ۽ اڄ آهو قرض مرض بنجي رت چوسي رهيو آهي! پاڻ، پاڻ جو رت چوسي رهيو آهي!!

هو سوچي ٿو- هيءُ سڄو مهنو ڪٿين گذرندو؟ راشن وارو ڪنڌ ۽ امريڪا جي ڪڪ اوڌر تي ڪونه ڏيندو ۽ پساري به هيڏيءَ وڏيءَ اوڌر رکڻ بعد هاڻي اوڌر ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي. ۽ هو وري بيلنس شيٽ کي ڏسي ٿو. ڪوبه اهڙو اسم ناهي جو غير ضروري هجي ۽ ڪنهن ٿ ڪجهه گهٽائي سگهي ها! جيڪي به غير ضروري هٿو سو هُن اڳيئي گهٽائي ڇڏيو آهي. هن کي آهي ڏينهن ياد ٿا اچن جڏهن هو اچان نوڪري ٿ آيو ٿي هٿو. اُن وقت ڪيس صرف سوا سؤ روپيا ملندا هٿا ۽ ان وقت هو وڌيڪ خوش هٿو. سَستائي هٿي ۽ اڄ ڪلهه چاهي؟ گهور مهانگائي ڦوڪٽي جيان ڦوڪبي رهي آهي جو ڦوڪڻو ڦائي نه ٿو سگهي ۽ وڃي وڌندو ۽ شايد ايڏو وڌي وڃي جو هيءُ دنيا جو سڄو محور ان ٿ سمائجي ويندو ۽ پوء ڪير به ڪونه رهندو ڪير به نه!

پر جيستائين ڦوڪڻو ايڏو وڌي، اوستائين ته ماڻ ان ٿ سمائجي ٿو وڃان ۽ هن کي لڳي ٿو، ان ڦوڪٽي ٿ سندس دم گهٽجي رهيو آهي ۽ ان پوسٽ ٿ هو جلد ئي مري ويندو. نه صرف پاڻ پر سندس ماءُ، پيءُ، پائر، پٻر، زال، پار.... ۽ هي

سڀ ڪلارڪ، سڀ، سڀ ان ۾ هوسائجي مري ويندا ۽ پوءِ ڪلارڪ ذات نہ رهندي ۽ هُن کان ٽڏو ساهہ نڪري ٿو وڃي.

پاڻ اڃان، جڏهن پڙهندو هو، پٽس جو پڻ ڪلارڪ هئو، تنهن کيس ايم- اي تائين پڙهايو. مگر منجهس ايتري طاقت ڪانہ هئي جو هيڏي وڏي ڪتب جي پالڻ سان ٻين هارن کي بہ پاڙهي سگهي، ان ڪري هو جيون ۾ سندس جهڙا بہ نہ ٿي سگهيا ۽ سندس هڪ پروفيسر چوندو هئو. 'ڏسو ائين نہ ٿئي ڪو رهجي وڃي يا ٽرڊ ڊويزن ۾ پاس ٿئي- اگر ٽرڊ ڊويزن ۾ آيو تہ ڪلارڪ ٿيندا. پر ٻڌو ڪڏهہ ٿجو، گهوڙا ٿجو، ڏڳا ٿجو پر ڪلارڪ نہ ٿجو، ۽ پاڻ ان جي ابتڙ نہ ڪڏهہ ٿيو، نہ گهوڙو ٿيو نہ ڏڳو ٿيو- ٿيو تہ هڪ ڪلارڪ.

هن کي پنهنجي پيشي کان سخت نفرت آهي. جو هيءَ بزدل ۽ بي همٽ ٿيندو آهي ۽ پاڻ بہ هيءَ پيشو اختيار ڪرڻ بعد بزدل ٿي ويو آهي. هن کي پنهنجا نديڪ جا ڏينهن ياد ٿا اچن، جڏهن هو اڃا هار هئو. تڏهن ديش اندر هڪ طوفان آيو هئو- وديشي ڪاٻو نہ، وديشي پيٽو نہ، وديشي ڳالهايو نہ ۽ پاڻ جهنڊو کڻي پنهنجي ساٿين کي گڏ ڪري جلوس ڪيندو ۽ نعرا هڻندو هئو، ان ڏاريءَ سرڪار کي مٽائڻ لاءِ جنهن لاءِ هن ٻڌو هئو تہ هوءَ اسان جو رت چوسي رهي آهي. هن ٻڌو هئو تہ دليز ۽ ديش پڳت سرڪاري خزانا ۽ بئنڪون لٽي ديش جي آزاديءَ جي جنگ لاءِ پئسو ڏيئي رهيا آهن. سرڪاري ڪاروبار جو سرشتو ٽوڙڻ لاءِ انقلابي پوسٽ جي ڏين ۽ ٻين سرڪاري دستاويزن کي جلائڻ لاءِ فاسفورس لفافن ۾ وجهي پوسٽ جي ڏين ۾ وجهي رهيا هئا. هو چاهيندو هئو ڪاش ماڻ بہ اهڙو انقلابي بنجان..... ۽ هڪ ڏينهن اسڪول جي هيڊ ماسٽر اسيمبليءَ ۾ رول سان سندس هٿن جون تريون ڪاڙهيون ڪري ڇڏيون ۽ هن جي ڪنڌ جون نسون آڻائجي ويٺون هيون ۽ هن زور سان چيو هئو، 'انقلاب زنده آباد!'

۽ اڄ اُها ڏاري سرڪار ڪانهي، پنهنجي سرڪار آهي! مگر ڪاڏي لاءِ وديشي آن ملي ٿو ۽ بي هر ڪا ضروري شيءِ جڙ ۾ رسي ويئي آهي.

هو سوچي ٿو. 'اهڙي سرڪار ڪانہ ڪهرجي- جنهن ڏلاسا ڏنا هٿا رام راج جا جيڪا بک ننڍي مٽائي سگهي. اگر هوءَ بک ننڍي مٽائي سگهي تہ هن کي مٽائڻو آهي. هيءَ ڪاغذي هٿيارن جي سرڪار ڪاغذي هٿيارن سان ڀاڻي آهي. مگر هيءَ بابو ذات هيءَ ديشي جنتا بک ۾ پاڻ ٿي ويئي آهي- هُن کي اهڙي سرڪار ڀاڻڻ لاءِ وري ڪاغذ آڏو اڇيو وڃن ۽ انهن ڪاغذن تي وري ساڳي سرڪار ٺهبو پوي- ڪاش آهو انقلابين وارو فاسفورس هٿ لڳي وڃي.

هن کي ياد ٿو اچي تواريخ ۾ پڙهيو هٽائين- ڪنهن ديش جي راجا کي جنتا تنگ ٿي سندس محل جي هيٺان ٿي قاسي ڏني هئي ۽ هڪ دفعي هڪ وزيراعظم کي

جو تمام آهي، گهمندي ۽ ضدي هئو. مرڻ بعد، مٿس ڪيس هلائي ڪيس قاميءَ جي سزا ڏني ويئي ۽ ان جي دفنايل لاش کي قبر مان ڪڍي، باقاعدي ڪورٽ جي حڪم جي سرانجامي ڪئي ويئي هئي ۽ هڪ ملڪ جي بادشاه کي بزار جي چونڪ ۾ آڻي، گولي‌ءَ سان اڏايو ويو هئو. ڪيتري نه اتي جي جنتا سجاڳ هئي ۽ سندس مٿيهن پڪوڙجي ٽيون وڃن ۽ پڪي ٽو- "انقلاب زنده آباد!" ۽ چئني طرف نهاري ٽو، جيڪي به ڪلارڪ ويٺا آهن، سيني جي منهن تي مايوسي، بيوسي ۽ مردني ڇانيل آهي. سوچي ٽو اهي مثل انسان ڇا انقلاب آڻيندا؟"

۽ هڪ پيرو وري بيلنس شيٽ ۾ ڏسي ٽو. کڙڙا کڙڙا اسم گهٽائي سگهجن ٿا ۽ ٻئي مهني ۾ ڪيترو قرض لهي ويندو. سوچي ٽو ڊاڪٽر جو بل گهٽائي سگهجي ٽو. سرڪاري اسپتال مان دوا آڻي- مگر سرڪاري اسپتال ۾ ملي ڇا ٽو؟ هر مرض جي هڪڙي ئي دوا! مڪسچر نمبر سورنهون. باقي سيون، گوريون ڪئپسول وغيره بزار مان آڻڻائي پون ٿا ته پوء ڇا ڪجي؟ کير گهٽائجي، چانهه بند ڪجي! اگر صبح جي چانهه بند ڪجي ته گهٽ ۾ گهٽ ويهه روپيا ڪل خرچ گهٽجي سگهي ٽو. پر چانهه ته بڪ ماريندڙ آهي. ان سان ڪاڏو گهٽ ڪائجي ٽو ۽ بلڪ ۾ ڪٽڪ گهٽ آڻي ٽي پوي نه ته وري اهو خرچ وڌيڪ ٿيندو.

ته پوء ڇا گهٽائجي؟ سوچي ٽو. هن هڪ هڪ ڪري ڪيتريون شيون چڊيون آهن. پاڻ کي، پنهنجي ارمانن کي پيڙيو آهي. هاڻ هو جذبات هيڻ آهي. هن جو ڪوبه ارمان ڪونهي، ڪابه جذبات ڪانهي. هو صرف هڪ جسم آهي- جيڪو ڪاڏي ۽ پاڻي‌ءَ تي رڳو هلڻ جي ڪرپا ڪري ٽو. مگر لڳي ائين پيو ته هاڻي ڪيس آن به ڪونه ملندو ۽ هڪ ڏينهن ان جسم جي اها رهيل ڪرپا به بند ٿي ويندي.

هو سوچي ٽو، 'هڪ هڪ ڪري ڇا نه ڇڏيو اٿم. پان ڪائڻ، سنيما ڏسڻ، چانهه جي ميز تي دوستن سان ٽهڪ ڏيڻ، سگريٽ مان گول گول ڇلا ڪاهي هوا ۾ اڏائڻ ۽ پوء اخبارون ۽ ڪتاب پڙهڻ. هڪ هڪ ڪري سڀ ڪجهه ڪانئس ڇڏائجي ويو آهي. باقي رهيون آهن وٽس مايوسيون.'

ميز چنداڻي‌ءَ اڳيان اچي ڪيس چيو آهي. "پڊا! مان وڃان ٽو، خيال رکجه." ڪنڌ لوڏي 'ها' ٽو ڪري. اڄ پهرين تاريخ آهي- ست سيڪڙو ڪلارڪ پگهار وٺي هليا ويندا آهن ۽ هر ڪو ڪوشش ڪري اول اول پگهار وٺندو آهي- انهن لاء هو سوچيندو هئو. ڪيترا نه بيوقوف آهن- پگهار اڄ وٺي آهي. پوء ڪيڏي مهل به وڃجي پوء هروپرو اهڙي تڪڙ ۽ گوڙ مان فائدو؟ پر ڪيهن ڏينهن جي ڏکوئيندڙ انتظار بعد هڪ ڏينهن جي ڪجهه گهڙين جو آهو سڪ، هو جلد ئي ماڻڻ چاهيندا آهن.

هو سوچي ٽو پاڻ به اتي گهر هليو وڃي مگر وڃڻ مان فائدو؟ هي‌ءَ پگهار ته سڄي قرضين جي حوالي ٿيندي- راشن ته هن مان اينڊو ڪونه ۽ سندس اڪين اڳيان

رات وارو نظارو ڪري ٿو اچي-"پٽ! هي ڏس انگوڇا ۾ڦاٿي ويا آهن- راجيش جي اسڪول جي ڊريس ۾ ڦاٿي ويئي آهي." هن سامهون نهاريو هئو. ماءُ جي ساڙهيءَ ۾ ۾ وڏا وڏا سوراخ هئا- ها! گذريل سال ماءُ لاءِ ۽ راجيش لاءِ ڪل آمي روپين جو ڪپڙو ورتو هئائين- مگر اڄ سوڏو اهي اسي روپيا ڪپڙي واري جي بنديءَ ۾ جئين جو تيئن لڪيا پيا آهن.

هو سوچي ٿو هن سال ۾ پورو هزار روپيا قرض چڙهيو آهي ۽ قرض لهڻ جي عيوض هر مهني وڏندو پيو وڃي چا ڪري؟

سامهون بيلنس شيٽ ۾ ويمي جي قسط تي نظر ٿي پويس. جڏهن لڙائي لڳي هئي- سرڪار ضروري بچت ڪرائي هئي. ان ۾ هن ويمو ڪرايو هئو ۽ اڃان هر ٽين مهني چاليهه روپيا ڏيندو اچي. 'روشن آئيندہ لاءِ ويمو تمام ضروري آهي، مگر هت حال اهڙو اونڌاهو آهي جو آئيندہ جي روشن لاءِ سوچي ٿي نہ سگهجي..... ٽيڪ آهي ويمي جي قسط هن مهني ۾ ڪاڻ ڏيهي ۽ راشن جي امريڪن ڪٽڪ آڻيي! ايندڙ مهني جيڪي آٺ ڏهه آنا ڏنڊ پيو، ان کي پوڳيو، پر پيٽ.... !

۽ هو اٿي ٿو، سڏو هيٺ لهي سائيڪل ڪڍي ٿو.... اڇوڪو ڏينهن.... هرمهني جي پهرين تاريخ هن کي نہ وڻندي آهي، سڀني نہ لڳندي آهي، هن کي پيڙيندي آهي. پهرين تاريخ جنهن لاءِ هو هر پهرين کان وڌي پندرهينءَ تاريخ ٽائين انتظار ڪندو آهي ۽ هر پندرهينءَ بعد سوچيندو آهي شل پهرين تاريخ نہ اچي ۽ نہ چاهيندي به اڄ پهرين تاريخ اچي ويئي آهي ۽ هن جي سائيڪل جي رفتار تمام ڊاڙي ٿي ويئي آهي. سامهون هڪ هوٽل آهي. (ريلوي ڪوارٽر نمبر A-1206 آشاگنج ڪالوني اجمير)


مهراڻ پبلشرس سکر جي پهرين پيشڪش

رشيد پٽيءَ جو پنجون ڪتاب

# عاشق زهر پياڪ

(اورنگ زيب جي عدالت ۾ سرمد شهيد تي هلايل مقدمي جو ناڪ)

تعارف: جي- ايم سيد

۱۲۰ صفحا (ڪراؤن سائيز) رنگين ۽ وڻندڙ پوش

سادو پنو: هڪ روپو پنجويهه پئسا آڇو پنو: هڪ روپو پنجهتر پئسا

سول ايجنٽس:

## ايجنسي گلڊ انجمن ڪتاب گهر

فريئر روڊ، سکر (سنڌ).

# ڪيون ٿيون گالهڙيون

● تاريخ ٢ جولاءِ ١٩٦٨ع تي تلهار ۾ مسٽر نبي‌بخش‌جي رهائش گاهه تي چند ادب دوست حضرات جو ميڙ ٿيو. ڪافي بحث مباحثي ۽ سوچ ويچار بعد هيٺيان فيصلا ڪيا ويا:-

هڪ ادبي بزم قائم ڪئي وڃي جنهن جو نالو "بزم روح رهاڻ هجي." هن بزم جو مقصد سنڌي ادب جي ترقي ترويج ۽ اشاعت لاءِ ڪوششون ونڊ هوندو. بزم جي طرفان انهي ڏس ۾ هڪ لائبرري قائم ڪئي وڃي. ممڪن ٿي سگهي تہ هڪ اشاعتي سلسلو جلد شروع ڪيو وڃي. وقت بوقت ادبي ڪچهريون، مشاعره ۽ مذاڪره منعقد ڪيا وڃن. سنڌ جي ترقي پسند اديبن ۽ شاعرن کي نينڊ ڏيئي تلهار گهرائجي ۽ ساڻن "شام" ملهائجي. سنڌي رسالن، ڪتابن ۽ اخبارن جي گهٽي ۾ گهٽي وڪري لاءِ رضاڪارانہ طور تي ڪم ڪرڻ. پهراڙين ۽ شهرن جا ڏورا ڪري سنڌي عوام ۽ خواص ۾ پنهنجي علم و ادب لاءِ دلچسپي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوششون ونڊ. بزم کي فنڊس (Funds) مهيا ڪرڻ لاءِ ميمبرن تي ماهوار في مقرر ڪئي. انجي علاوه امداد ۽ شڪريي سان قبول ڪئي وڃي. بزم جي گڏجاڻي هر هفتہ ٿيندي رهي. بزم جا سڀ اقدامات خالص نوعيت جا هوندا ۽ اهي ڪنهن بہ طرح ملڪي آئين، قانون ۽ اخلاق جي دائره کان ٻاهر نہ هوندا.

ان بعد عارضي طرح صدر سيڪريٽري ۽ خزانچي جو انتخاب عمل ۾ آيو. ليڪن تاريخ ٢٩ سيپٽمبر ٩٦٨ ع واري گڏجاڻي ۾ مڪمل هڪ سال لاءِ باقاعدي چونڊون ٿيون جيڪي هن ريت آهن:

صدر- خواجا قلب علي قلب، نائب صدر- نورمحمد خواجا، جنرل سيڪريٽري- خواجا رمضان علي حيدري، جوائنٽ-سيڪريٽري نبي بخش ڪلهوڙو ۽ فنانس سيڪريٽري- ممتاز علي خواجا.

بزم ممتاز ۽ انور خواجا پاٽرن جي ٽورائٽي آهي جو پاڻ سنڌي ادب نوازي جو ثبوت ڏيندي بزم کي آفيس لاءِ جاءِ امداد طور عنايت فرمائي اٽن. بزم مسٽر حميد سنڌي ايڊيٽر روح رهاڻ ۽ مسٽر رسول بخش پليجي ايڊووڪيٽ جي سندن مفيد مشورن ۽ رهنمائي لاءِ پڻ شڪرگذار آهي. گڏوگڏ سنڌ جي ادب دوست حلقن کي سندن ڪوٽن ۽ شهرن ۾ بزم جي شاخن کولڻ لاءِ پڻ اپيل ڪجي ٿي.

— خواجہ رمضان علي حيدري تلهار سنڌ

● ادا، گهٽي تانگهه ۽ تات ڪانپوءِ سيپٽمبر جو پرچو ڏسڻ نصيب ٿيو. پليجي

جي مضمون ۾ سڀاڃهي سنڌيءَ کي وڏائڻ ۽ ويڃهائڻ لاءِ جيڪي رٽون ڏنل آهن تن سان آءٌ وڏي واڪي اتفاق ڪريانٿو. نوان هيرا گهوڙهڻ واري صلاح پڙهڻ کانپوءِ مان به پنهنجي تخيل جي دنيا مان ڪنهن هيري جي چونڊ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهيان.

محترم عبدالقادر جوٽيجي جي ڪهاڻي بيحد وٽي. سمجهانٿو ته جلد ئي جوٽيجو صاحب پنهنجي لاءِ کا امتيازي راه ڪيڏ ۾ ڪامياب ٿي ويندو.

وطن ڪان ٻاهر بي وطن ٿيندڙ جي آپگهات ۽ وطن اندر بي وطن ٿيندڙ جو هارت فيل. آهن ته ٻئي موٽ پر ڪيڏو نه مظلوم موت آهي پوئين جو؟

"رت" قڙا ٿو روئي ڪوئي، ڪوئي لڙڪ لڪائي ٿو."

پرچو اڃا پڙهان پيو. ٻي کا گهاڻه نظر آئي ته عرض ڪندس "روح رهاڻ" لاءِ دعائون. نندڙي جي ولادت جون واڌايون.

ـــ "نقاش" لواري شريف سنڌ

● پيارا ياءُ: اهو چوڻ بجاءِ ٿيندو ته ڏينهن رات جي محنت تنهنجي ڏک پري صدائن ۽ تنهنجي همدردي جي آواز کي پنهنجي دلين ۾ جاءِ ڏني سين ۽ تنهنجي ڏيکاريل راه ۾ قدم وڌو آهي. مئي متي مهراڻ ۾ ٽپو ڏنو آهي انشاءالله آهو ڏينهن پري ناهي جنهن ڏينهن اسانکي ميهار ملي.

هي گهاڻه ٻڌي توکي ڏاڍي خوشي ٿيندي ته اسان سکر شهر ۾ هڪ ادبي ادارو قائم ڪيو آهي جنهن جا هينئر اٽڪل پنجويهه ڪن ميمبر ٿي چڪا آهن ۽ انشاءالله ٻين جي پڻ اميد ڪيون ٿا. سڀ ميدان عمل ۾ لهي چڪا آهيون.

هينئر تنهنجي هدايتن کي عملي جامو پهرائڻ جو وقت آيو آهي هرهڪ پنهنجي قلم کي آزمائي پنهنجي ٻولي جي خدمت ۾ ڪاٻه ڪسر ڪانه ڇڏيندو. جيئن ته سکر سنڌ جو ٻيون نمبر وڏو شهر آهي هتي گهٽائي ٻين غير سنڌين جي آهي ۽ سنڌي ادب جا کي چند خواهان آهن. پر هي ڪم اسان پنهنجي سپرد ڪيو آهي ته سنڌ جي گهر گهر ۾ اسين نئون نياپو ڏينداسين ۽ پنهنجي ادب کان روشناس ڪرائيندا سين. تنهنجي ڏيکاريل راه تي عمل ڪرائيندا سين، پوءِ ڪٿي اسان کي ڪيترين تڪليفون درپيش اچن تن سان ڪلي منهن ڏيندا سين.

انهي ڏس ۾ نون اسان جي همٿ افزائي ڪندو رهه ۽ روح رهاڻ کي اڳي ڪان اڳرو ڪندو رهه انشاءالله آهو ڏينهن پري ناهي جو هوشو جهڙي هوشمند، دريا خان جهڙي دلير ۽ هيمون جهڙي بهادرن جو خون رنگ لائيندو.

ـــ غلام مصطفيٰ شاهه رضوي سکر سنڌ

● اگسٽ جي پرچي ۾ شيخ اياز جو مجموعو وٺندڙ آهي. خاص طرح "سنڌو ديس مهان" لاجواب شيءِ آهي. آخري بند "ٻيڙو آه ٻيڙو" رسندڙ ناسور

کي ناريو وجهي ۽ ٿري لوڪ گيت ته سچ پچ هانوَ کي هيرون ٿا بخشين ۽ مٺياري جي ست "سندڙي ري مارگي، اڏ تي جائي کيهه" ته هانوَ جي هندوري ۾ جهولي رهي آهي. سندڙي جي ستين جي اِها ست شل سدا سچي ثابت ٿئي ۽ سندڙيءَ جي مارڪ تان ساري ڪيهه سدائين لاءِ صاف ٿي وڃي.

علي بابا جو سلسليوار ناول مونکي ڪو نه پيو وٽي. قسطوار شيون ته مونکي هونئن ب ڪونه وٽن.

علام قاضي نمبر جو انتظار آهي. دير پلي سهي، پر نمبر لازوال شيءِ هٿ گهرجي.

ایاز بلوچ پیارولنڈ سنڈ

● حميدا! جيئي سنڈ. ڪيتري وقت کان تو سان ملڻ جي آرزو اٿم پر افسوس جو ڪن مجبورين سبب ملاقات ٿي نه سگهي آهي. مان پنهنجي ڳوٺ کان ڪٿين ڪوهه پري ٿو رهان جتي نه آهي ڪو ٽيال جو بندوبست ۽ نه شهري زندگي. هيءَ حرن جو ديس آهي. هتي واريءَ جا وڏا وڏا درڙا سوين ڪوهن ۾ پکڙيل آهن. هتان جا ماڻهو ڏاڍا دلير ۽ اڻ ٽر آهن. سيئي پير سائين پاڳاري جا مريد آهن هتي سپ کان وڌيڪ پنيرا قوم آباد آهي ۽ راڄڙ ۽ مگريا قومن جي ب ڪافي اڪثريت آهي هتان جا ماڻهو هن علائقي کي ٽَرُ چون هيءَ تعلقي ناري جي حد آهي ڪينواري توهان ضرور ڀڏي هوندي جتي ناظم غلام‌الرسول شاهه حرن هتان ماريو هو اها جڳهه هتان بلڪل ويجهي آهي. هتان جي ماڻهن جو گذران فقط مال تي آهي گذريل جنگ ۾ هتان جي ماڻهن وڏيون وڏيون قربانيون ڏنيون هيون خون مٽان خون ڏنو سندن خون اڄ ب اتي هاريو پيو آهي مگر انڊيز ته ڏسو اهي جايون ۽ اهي زمينون غيرن جي حوالي آهن.

— غلام عباس پنيرو ڪلاهو تعلقه نارو سنڈ

● روح رهاڻ جي ملڻ ۾ جيتري دير ٿئي ٿي. اوتري ڏي بي چيني وڌندي رهي ٿي. آءٌ ته سچ پچ روح رهاڻ جي هر پرچي کي ب ب دفعا پڙهندو آهيان تڏهن وڃي مس مس منهنجي ذهني ۽ دلي آنڊ مانڊ ڪجهه قدر گهٽجي آهي.

آءٌ چگي طرح ڄاڻان ٿو ته نوهان جيڪا راه اختيار ڪئي آهي سا ڪٿن راه آهي پر سچ، حق ۽ صداقت تي مبني ته آهي. تنهن هوندي ب مونکي اها گالهه سمجهه ۾ نٿي اچي ته هن موجوده دؤر ۾ جنهن سڪون جو تون ڳولائو آهين سو ميسر ٿي سگهي. جڏهن ته لالچ، هوس، جبرو ظلم، طاقت، جهالت، بدعقلي بددياني جو دؤر دورو آهي. جا قوم هر نٿين ٻاهران ايندڙ جي هڪدم غلامي قبول ڪندي آئي هجي، جا هر نٿين ايرندڙ سڄ جي سلامي رهي هجي ۽ جنهن قوم ۾ نوي فيصد انسانن کي پيٽ پري کائڻ لاءِ ڪجهه نه ملي، جنهن ۾ مرض، وبا، بيماري ايتري ڦهليل هجي جو

ساري ملڪ ۾ مشڪل سان تندرست انسان نظر اچي. جتي علم ڪٽڻ جيترن ماڻهن تائين محدود هجي. جنهن قوم جا ٻچا ڪوماڻل مڪڙي وانگر نظر اچن. جتي اڪثر ماڻهن جي چهرن تي سستي، حماقت، جهالت ۽ مڪروه قسم جي خوشحالي نظر ايندي هجي. اتي زندگي جي رنگين تحفن کي تلاش ڪرڻ سراسر غلطي آهي. خير انهن حالتن جي باوجود توهان وڏي جاکوڙ ۽ جدوجهد سان سوسائٽي اخلاق و اخلاص، تهذيب ۽ انسانيت جو درس ڏيئي رهيا آهيو اها سڀ کان وڏي اعليٰ ۽ بلند ڳالهه آهي.

آڻ هر وقت دعاگو آهيان ته تون ۽ روح رهاڻ شل وڌو ۽ ويجهو چلڪو ۽ چمڪو. هر سنڌي باشندي جو فرض هڻڻ گهرجي ته روح رهاڻ جو پاڻ خريدار بنجي ۽ ٻين کي پڻ خريدار بنائي. جيئي سنڌ

ـــ غلام حيدر لغاري نبي سر روڊ سنڌ.

● ادا، مان اوهانجو "روح رهاڻ" نهايت دلچسپيءَ سان پڙهندي آهيان. اهو نهايت همت جو ڪم آهي جو اوهان "روح رهاڻ" ڪڍي سنڌين جي همت افزائي ڪريو ٿا. اوهان جنهن طريقي سان پنهنجي جيجل ماءُ جي خدمت ڪري رهيا آهيو سو تعريف جي قابل آهي. مگر هڪ ڳالهه هيءَ به آهي ته هڪ طرف ته اوهان سنڌين جي جذبي کي نئون جنم بخشڻ ٿا چاهيو ۽ ٻئي طرف سنڌي پاڻ پنهنجي ٻوليءَ کي بگاڙي ان ۾ اردو لفظ شامل ڪرڻ ٿا چاهن. ان جي ثبوت لاءِ مان لفافي ۾ هيءُ روزنامي "عبرت" جو ٽڪرو وجهي رهي آهيان. جنهن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کي "شاهه عبداللطيف بهٽائي" لکيو ويو آهي. "عبرت" هڪ سنڌي اخبار آهي، هن کي ائين ڪرڻ نه ڪپي. پر..... جيڪڏهن هي ٽڪرو "عبرت" وارن ڏانهن موڪليان ها ته هو ڪوبه ڏيان ڪونه ڏين ها انڪري اوهان ڏانهن موڪلي رهي آهيان.

ـــ بيبي نسرين جوڻيجو ٽنڊو سنڌ.

● "روح رهاڻ" پڙهڻ تي مجبور ڪريو ڇڏي. همٻشه سوچيندو آهيان ته اسان ۾ سڃاڻپ هاڻ پيدا ٿي آهي يا اڳي به هئي. اسان هر دور ۾ ملڪ ۽ ملت جو ساٿ ڏنو آهي.

تازو هندستان ۽ پاڪستان جي جنگ ۾ اسان جا سنڌي پائٽر "حر" جوانمردي سان جنگ ۾ وڙهيا پر انهن جو نالو تاريخ ۾ نه ڏيکاريو ويو آهي پر انهيءَ جي برعڪس ٻين جو تاريخ ۽ اخبار ۾ نالو ڏنو ويو آهي ۽ سنڌين جو نالو نشان مٽايو ويو آهي.

ـــ علي بخش ايم- ايس رند، ڪوٽڙي سنڌ.

# بزم روح رهاڻ

حيدرآباد ۱۳- آڪٽوبر:

اڄ هتي ”روح رهاڻ“ جي آفيس ۾ ’بزم روح رهاڻ‘ سنڌ نهي. اُنجي جوڙ ڪ تي آخري نظر وڌي وئي ۽ يڪراءِ بحال ڪيو ويو. آخر ۾ اُنجا عهديدار چونڊيا ويا.

صدر: حميد سنڌي، سيڪريٽري: پروانو پٽي، مددگار سيڪريٽري: دوست لي چانڊيو ۽ خزانچي: اعجاز قريشي.

هن ميڙ ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هن بزم جي شاخن کولڻ تي ويچار ڪيو ويو. اِهو پڻ فيصلو ڪيو ويو تہ جيڪي شاخون اڳ ئي ڪم ڪن پيون تن جو الحاق مرڪز سان رهندو.

هن بزم جي پٽي ميڙ جو اعلان جلد ڪيو ويندو.

●

تلهار ۱۲- آڪٽوبر:

اڄ هتي ’بزم روح رهاڻ‘ تلهار طرفان مرحوم محمد صديق مسافر جي ورسي ملهائي وئي. آن ورسي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڪافي ٻاهران اديب ۽ شاعر آيل هئا. جن ۾ نياز همايوني، حميد سنڌي، رسول بخش پليجو، پروانو پٽي، نقاش، ناز پٽي نمايان هيا. مقامي شاعرن ۽ اديبن مان خواجہ قلب علي قلب، غلام احمد بيدم، راشدي، حيدري، عبدالحميد ۽ ٻين دوستن پنهنجي فن ۽ مهمانوازي جو دل کولي مظاهرو ڪيو.

مهمانن کي ماني پڻ کارائي وئي.

مشاعري جي صدارت نياز همايوني ڪئي ۽ مذاڪري جي صدارت حميد سنڌي جي حوالي هئي.

هن ميڙ ۾ شهر جي تمام گهڻن ماڻهن شرڪت ڪئي.

Regd No. S. 2400 MONTHLY October 1968

# "ROOH-REHAN"

HYDERABAD SIND

## هڪ پيغام

'روح رهاڻ' جو مقصد سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جو پرچار ڪرڻ ۽ ان کي وڌائڻ آهي. 'روح رهاڻ' جو هر سنڌي جي هٿ ۾ هجڻ ضروري آهي. آن لاءِ اسان هيٺ سالانه خريدارن لاءِ هڪ سهوليت جو اعلان ڪريون ٿا.

هيءَ سهوليت صرف شاگردن لاءِ آهي. نائين ڪلاس کان ويندي يونيورسٽي تائين تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن هن اسڪيم مان فائدو ولي سگهن ٿا.

هر انهي شاگرد کان نون روپين جي بجاءِ صرف پنج روپيا چندو ورتو ويندو، جيڪو هيٺيون ڪوپن پنهنجي اسڪول يا ڪاليج يا يونيورسٽي جي مهندار (هيڊ) کان صحيح ڪرائي ۽ مُهر لڳرائي موڪليندو. ڪوپن سان گڏ پنجين روپين جي منيآرڊر جو رسيد نمبر ڏياري موڪلجو. اوهان کي خريدار بڻايو ويندو. — اداري

### شاگردن لاءِ ڪوپن

نالو .....

پتو .....

تصديق .....

مهندار جي صحيح

۽ مُهر

Edited & published by Hameed Sindhi from office of the Monthly 'Rooh-Rehan,' Mukhi Garden, Hyderabad.
Printed by Muti-ur-Rahman Siddiqui at Indus Printers, Risala Road, Society, Hyd.

Regd No. S. 2400 MONTHLY October 1968

# "ROOH-REHAN"

HYDERABAD SIND

## هڪ پيغام

'روح رهاڻ' جو مقصد سنڌي ٻوليءَ، ادب ۽ ثقافت جو پرچار ڪرڻ ۽ ان کي وڌائڻ آهي. 'روح رهاڻ' جو هر سنڌي جي هٿ ۾ هجڻ ضروري آهي. اُن لاءِ اسان هيٺ سالانه خريدارن لاءِ هڪ سهوليت جو اعلان ڪريون ٿا.

هيءَ سهوليت صرف شاگردن لاءِ آهي. نائين ڪلاس کان ويندي يونيورسٽي تائين تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن هن اسڪيم مان فائدو وٺي سگهن ٿا.

هر انهي شاگرد کان نون روپين جي بجاءِ صرف پنج روپيا چندو ورتو ويندو، جيڪو هيٺيون ڪوپن پنهنجي اسڪول يا ڪاليج يا يونيورسٽي جي مهندار (هيڊ) کان صحيح ڪرائي ۽ مُهر لڳرائي موڪليندو. ڪوپن سان گڏ پنجين روپين جي منيآرڊر جو رسيد نمبر ڏياري موڪليو، اوهان کي خريدار بڻايو ويندو. — ادارو

### شاگردن لاءِ ڪوپن

نالو .....

پتو .....

تصديق .....

مهندار جي صحيح

۽ مُهر

Edited & published by Hameed Sindhi from office of the Monthly 'Rooh-Rehan,' Mukhi Garden, Hyderabad.
Printed by Muti-ur-Rahman Siddiqui at Indus Printers, Risala Road, Society, Hyd.

# [illegible] راہ



نومبر دسمبر

۱۹۶۸

قیمت: ۵۰ پیسے

"زندگي پبليڪيشنس" جو
ترجمان

# روح رهاڻ

جلد: ۷] نومبر-ڊسمبر ۱۹۶۸ [پرچو: ۸-۹

○

ايڊيٽر (اعزازي): حميد سنڌي

○

سرڪيوليشن مئنيجر: ليلا رام خانواڻي

⊙

قيمت: هڪ رپيو

سالياڻو: نَوَ رپيا

○

ايڊريس:

ماهوار 'روح رهاڻ'،
گاڏي کاتو
پوسٽ باڪس نمبر ۲۱۶
حيدرآباد سنڌ.

○

رهاڻ: ايڊيٽر

شعر:
اياز، گدائي، ديپ، مجرم، ايم.آر. مائيداساڻي، وفا ۽ واسديو موهي.

تاثر:
سڃڻ جي آخري مسافري: قاضي فيض محمد

ڪهاڻيون:
نينهن سندا ناسور: مشتاق احمد شورو
سوڙ: اختر جانوري
ڪهايل ٽي ڪهارياڻ: نسيم ٽيهو

ناول: (سلسليوار)
موهن جو دڙو: علي بابا

خاص ضميمو:
(سوويت يونين جي آڪٽوبر انقلاب جي ڏڻ تي.)

سرورق:
'جل جل مشعل جل....'
فنڪار: ع-ق-شيخ

# رهاڻ

هر دور کي پنهنجا، پنهنجا رنگ روپ ٿين ٿا. وقت، هر دور جي چاهي آهي. حالتون اُن آهر قرنديون رهـن ٿيون ۽ اسين ٿياسين تماشبين، سو اِهـو قرندڙ گهرندڙ تماشو ورهين کان پيا پسون. اسان جـي دلين جون آسون، من جون مرادون ڪڏهن پوريون ٿيندیون، اِها خبر نہ اوهان کي نہ مونکي. اُميد جا ڏيا ٻاري هر دور کي روشن ڪيو ويٺا آهيون. اُن اُميد، اُن ذهن جي روشني لاءِ، اسان وٽ ڪئين سهارا آهـن. اُميد کي، اُميد بخشڻ لاءِ، جيءَ کي جياپو ڏيڻ لاءِ اسين ڪيترن عقيدن ۽ جذبن ۽ هنر رکون ٿا، وطن سان پيار، هولي سان محبت، تهذيب ۽ ثقافت سان عشق، حق ۽ صداقت جو جنون، وڏا عـلَم آهن، جيڪي اسين سنڀواسي اوچو جهليو ٻيٺا آهيون. انهن جهنڊن کي بلند رکڻ لاءِ، جيڪي ب اڳرا رهيا آهن، تن ۾ 'روح رهاڻ' رسالو هميشه آڏو رهيو آهـي. 'روح رهاڻ' انهي سچ جي علمن کي ۽ تلخ حقيقتن کي بلند رکڻ ۾ جيڪي ب زخم کاڌا آهن، سي ب ڪنهن کان ڳجها ڪينهن. پر انهي زخميل ۽ رتوچاڙ جسم ۽ روح سان، 'روح رهاڻ' جي وک اڳري کان اڳري پي رهي آهي. پر نيٺ اهڙو وقت اچي ويو، جو سندس زخميل جسم جڪڑيو ويو آهي ۽ مٽس ايترين ٻ بندشون وڌيون ويون آهن، ايترا ٽ ڏنپ ڏنا ويا آهن، جو هنجو چرڻ محال آهـي. 'روح رهاڻ' اڃا آڻ نہ مڃي آهـي. سندس جسم رڙهڻ جـي ڪري پيو، پر اُن لاءِ قوت ۽ طاقت جي ضرورت آهي، اُها قوت ۽ طاقت توهان آهيو. انهيءَ قوت ۽ طاقت ۾ ايمان اٿم، تنهن ڪري سمجهان ٿو ٽ 'روح رهاڻ' ائين نہ ختم ٿيندو.

'روح رهاڻ' سان ڪهڙي ويڌن ٿي آهي، انهيءَ جو اعلان جلد اخبارن رستي ڪيو ويندو. انهي اعلان پڙهڻ کانپوءِ ڈسجي ٽ اوهين 'روح رهاڻ' لاءِ چا ٿا ڪريو. في‌الحال 'روح رهاڻ' اوهان کان چا ٿو گهري، اهو ب ٻڌي ڇڏيو:

'روح رهاڻ' جي جيئڻ لاءِ جدوجهد جاري آهـي، ان لاءِ کيس في‌الحال مالي امداد جي سخت ضرورت آهي. منهنجو هر پڇندي واري کـي عرض آهي ٽ هن سنڌ

جي واحد آواز کي جاري رکڻ لاءِ هر ممڪن مدد ڪري. جنهن کان به جيترو ٿي سگهي امداد طور روح رهاڻ کي ڏياري موڪلي، ان لاءِ رسيدون جاري ڪيون ويندیون ۽ جڏهن حالتون بهتر ٿيندیون تہ انجو عيوضو پڻ ڏنو ويندو. انهيءَ ڪانپوءِ پيو عرض جنهن لاءِ مان سيني سنڌ واسين کي سڏ ڪندس، جيڪو جلد اخبارن يا اطلاعن ذريعي اوهان وٽ پهچندو. اها ٿيندي اوهان جي جذبي ۽ قوت جي آزمائش تہ توهان روح رهاڻ لاءِ چا ٿا ڪري سگهو. اهڙو اعلان جلد ٿي اوهان وٽ پهچندو.

دعا ڪيو تہ موجوده حالتن کي منهن ڏڻي سگهون ۽ پنهنجو سچ ۽ صداقت وارو علم بلند رکي سگهون، جنهن سان ٿي امان جي من ۾ اميدن ۽ آسن جا ڏيا ٻيا ٻرڻ.

اُميد ۽ آس تہ مَنَ سان آهي ٿي آهي؛ شال ان جا ٻر جهلائو؛ ٻر جهليو ٻيٺا رهن.

'روح رهاڻ' شال هن قوم لاءِ ٻر جهلائو ٻڌجي هميشه زندهه ۽ سلامت رهي.

## وڇڙ وارا:

وڇڙ وارا وڇڙ تي پون ٿا تہ سڏ بنا رمندا رهن ٿا. احسان بدوي جي جدائي جو زخم اڃا ٻريو ٿي نہ هو تہ سندس والد لطف الله بدوي آهائي وات ورتي. مرحوم هن قوم لاءِ ماڻڪ هو. سندس تحقيقي ڪم سنڌي ادب جو وڏو سرمايو آهي. هو هڪ تعليمي ماهر هو، سندس جدائي سنڌ وارن لاءِ هڪ وڏو خال آهي. شال ڏاڻي بهشت نصيب ڪريس ۽ سندس پونئيرن کي صبر عطا فرمائي.

## هن پرچي متعلق:

هيءُ پرچو جيتوڻيڪ توهان کي ڪجهه عجيب، ڪجهه ڦڪو ڦڪو لڳندو هوندو؛ پر ڪڏهن ڪڏهن حالتن کي سنڀالڻ لاءِ کي اوڏاين ٻہ برداشت ڪري وڃيون آهن. هن پرچي جون اوڏايون، قيمت جو واڌارو، سڀ وطني جذبي ۽ ذهني بلندي جي آڏو ڪجهه به نہ آهن. هن پرچي جو نڪرڻ بذات خود وطني جذبي جي سلامتي ۽ حق ۽ صداقت جي فتح آهي.

اسين حساب ڪتاب ٻہ ڏينداسين. هيءُ ڪسرون به پوريون ڪنداسين، صرف حالتون بهتر ٿين. اميد اٿم تہ سات ڏاڻي انهيءَ موڙي حال ۾ سات نياڻيندا.

— حميد

# سنڌي اديبن جو پرامن احتجاجي جلوس

# اپيل

سنڌ جي عظيم قومي شاعر شيخ ايـاز، سنڌي ادب جـي عظيم نقاد رسول بخش پليجي، سنڌ جـي مشهور دانشور حفيظ قريشي، سنڌ جـي سپوت شاگردن ۽ انساني بنيادي حقن جـي حفاظت ڪندڙ محب وطن ماڻهن جي گرفتارين ۽ نظربندين جي خلاف، پرزور احتجاجي جلوس تاريخ پندرهين ڊسمبر ۱۹۶۸ع تي، صبح جو بارهين(۱۲) بجي، مسٽر عبدالحميد ميمڻ وڪيل (حميد سنڌي) جي آفيس، نزديڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد، لڳ ميونسپل ڊسپينسري وٽان شروع ٿيندو، اسٽيشن روڊ ڏانـي، اورينٽ هوٽل وٽـان، ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد جي رهائش گاهه وٽ ختم ٿيندو.

سنڌي زبان جي سڀني اديبن، اديبائن، عالمن ۽ دانشورن کي پرزور اپيل ٿي ڪجي تہ هو پنهنجي دلي جذبات ۽ ڏک جي اظهار لاءِ مقرر تاريخ، وقت ۽ هنڌ تـي پهچي، اديب جـي ضمير ۽ قلم جي آزاديءَ جي جدوجهد لاءِ هن پرامن احتجاجي جلوس ۾ شامل ٿين.

● سنڌي اديبن، اديبائن، عالمن ۽ دانشورن جي برادري، حيدرآباد سنڌ ●

جاري ڪندڙ: ايڪشن ڪميٽي،

۱- بيگم زينت عبدالله چنا

۲- تنوير عباسي

۳- حميد سنڌي

شيخ اياز

# وايون

مَرڻ جيڏن مون وَس ميان،
تون ڪانڌي ڪونہ ٽجاڻہ.
ماروئڙن کان مُنهڙو ڦيرپان؟ ڏاهپ هي ڪا ڏس ميان،
تون ڪانڌي ڪونہ ٽجاڻہ.
موت اچي ٽي ميهڙو، اهڙو جيئڻ کهڙي جس ميان،
تون ڪانڌي ڪونہ ٽجاڻہ.
بَس ميان! او بس ميان! مان ويندس گوندر- گس ميان،
تون ڪانڌي ڪونہ ٽجاڻہ.

●

آڏيءَ رات آڏي سان آيو،
اوڏي ڪالهہ اڳئ آ.
چن چڙن ٽا، پـــن وڻن ٽا
پاڻيرُ ميگهہ پُسايو، آيو
اوڏي ڪالهہ اڳئ آ.
هَر هَر ماري چَڀَ چَمر آ
چَنڊُ لياڪـــا پايو، آيو
اوڏي ڪالهہ اڳئ آ.
چَنڊُري چَنڊُري چنگ وچن ٽا
مـــاروءَ پاڻ ملهايو- آيـــو
اوڏي ڪالهہ اڳئ آ.
اڄ بہ ڪٽ آگـم آهي
جنهن ڪلهہ پالُ پلايو- آيو
اوڏي ڪالهہ اڳئ آ

●

# پرولیون

(اُردو شاعريءَ ۾ هڪڙيءَ پرولیءَ کي 'دو سخنو' چيو ويندو آهي. هڪڙيون پرولیون، جي ٽيٽ هندستانيءَ ۾ آهن، امير خسروءَ سان منسوب آهن. اُردو ادب انهن پرولين کي اپنايو آهي ۽ انهن سميت امير خسروءَ جي هندستاني شاعريءَ کي اُردوءَ جي اوائلي شاعري تسليم ڪيو آهي. هيٺين پرولين جو فارم لڳ ڀڳ امير خسروءَ وارو آهي، پر انهن جي مواد ۾ جدت آهي.)

"هر هر انڌياريءَ آڏهڙ ۾
ساري رات اُنهيءَ جو ليئو."
"چا سکي، ساجن؟" "اُون هوُن، اُون هوُن
"اي سکي، ڏيئو."

"سانوڻ ڪُرت ۾ هن جا سڏڙا
پاڻ نه مون کي اوڙو پاڙو."
"چا سکي، ساجن؟" "اُون هوُن اُون هوُن
"اي سکي، تاڙو."

"هُڏڙ ڦُڙ، ميگهه ملار اُنهيءَ سان
اُن جي آئي، پائي جل ٽَلُ."
"چا سکي، ساجن؟" اُون هوُن اُون هوُن
"اي سکي، بادل."

"ساري رات اُمر جوتيءَ سان
جيءُ جڙي ٽو منهنجو وينجهر."
"چا سکي، ساجن؟" "اُون هوُن، اُون هوُن
"اي سکي، کينجهر."

"جنهن ٻن کاڻ سري اي سرتي!
جيءَ جيءَ ٽي جنهنجو جادو."
"چا سکي، ساجن؟" "اُون هوُن، اُون هوُن
"اي سکي، سينڌو

"هُن سان پريت نه لائي کوئي
پريت ڪَري مون پيڙا ورتي."
"چا سکي، ساجن؟" "اُون هوُن، اُون هوُن
"اي سکي، ڏرتي."

"نگري نگري ۾ هُن جهڙو
مون ته ڏٺو کو ناهي نيهي."
"چا سکي، ساجن؟" "اُون هوُن، اُون هوُن
"اي سکي، ڏيهي."

(عزيزم شعبان بخت جي نظم "ڪجھ ته ٻڌايو" جي جواب ۾ لکيو ويو)

چا چا توکي يار ٻڌايون؟
ڪيئن ٿا ناتو نيھن نياپون؟
ڪھڙيون گالھيون يار پچين ٿو؟
ڪھڙا ڪھڙا سور سڌايون؟
جن جو ڪوبہ سھارو ناھي،
تن کي درس خودي جو ڏيون ٿا.
گيت بڌائي وايون گھائي،
ستلن کي بيدار ڪيون ٿا.
ساجن ھڪ سينڌي ۾ ڏسندي،
دم دم جا ديدار ڪيون ٿا.
پنھنجي سمجھ ۾ ڪينڪي آيو.
دوست اوھان ھي چا فرمايو؟
ڪجھ نہ ڪريون بازو نہ ھلايون؟
قادر مطلق ڪافي پانيون؟
آسين تي دل کي پريانيون؟
سکڻو ويڻا دل پرچايون؟
خالي آسن مان چا ورندو؟
چڙي چڙي بيمار ٿہ مرندو.
ھن دنيا ۾ جيئڻ جي خاطر،
ڪجھ تان آخر ڪرڻو پوندو.
انساني قدرن جي خاطر،
وڙھڻو پوندو مرڻو پوندو.
گالھيون تون بہ عجيب ڪرين ٿو!
ڪنھن کي لوڀي يار سڏين ٿو؟
سينڌي کي ٿو يار سڃاڻين.
آءُ بہ چاڻان تون پي چاڻين.
ڪير نہ آ ھين جڳ ۾ لوڀي؟
ڪوڙ تي سندرو آہ ٻڌو ڪنھن؟

پيٽ پٽيان ٽيو ڪير نہ ٽوڪي؟
سچ پي چئو اي يار خدا لڳ!
ڪير نہ آ هيٺ جنس جو روڪي؟
پيٽ پٽيان ايمان وڪيو ڪنهن؟
پٽسن تي قران وڪيو ڪنهن؟
ڪوڏين تي انسان وڪيو ڪنهن؟
ڪير ٿو وڏ ور وڃاءِ ويهاري؟
ڪير ٿو نياڻيون جيئري ماري؟
ڪير هتي آ سچ جو ويري؟
ڪير هتي آ پريت جو دشمن؟
بچڙاين جون باتيون ڪنهن جون؟
مايوسيءَ جون لانيون ڪنهن جون؟
سچ کي ڪوڙ بڻائن خاطر،
اکيون آهن آتيون ڪنهن جون؟
سازش، ساڙ ۽ منصوبن ۾،
گذرن ٽيون هٽ راتيون ڪنهن جون؟
هيءَ به عجب هڪ گاله ٻڌايئ!
"جنس جون گهٽيون، جنس جون گاله‌يون."
"ڪنڌا ڪپڙا، گنديون نالي‌ون."
جي تون مڙا خار نہ ڪائين!
تو ڪان هڪڙي گاله پڇان مان!
ڪير هتي آ جنس ڪان پالهو؟
ڪير نہ عورت لاءِ مري ٿو؟
ڪير نہ جنسي متوالو؟
جنس جي الفت ڪنهن کي ناهي؟
رشي منيءَ ۽ عابد زاهد،
ڪير انهيءَ کان آجو آهي؟
ماڻهو نيٺ تہ ماڻهو آهي.
آخر ڪوئي فرشتو ناهي.
جا شئي آ موجود اسان ۾،
ان جون گاله‌يون آخر ٽيندي‌ون.
جيڪي ڏسبو سوئي ليکبو.

سچ کٹي جي ڦري ويندو.
انساني احساس اسان جو،
گاڏهه چوڻ کان مٿ نه رهندو.
رات کي کوئي ڏينهن نه چوندو.
پلي ۽ کي کو شينهن نه چوندو.
تنهنجي گاڏهه برابر آهي،
سائي هن پاپي دنيا ۾،
ديوندي به آهن کانگ به آهن.
ڏاهپ کي هت ڏنگ هڻي لئي،
کارا زهري نانگ به آهن.
پريت سندا پروانا ليکن،
راه ڏياچ ٿي مرندا رهندا.
سچ جا ويري پيار جا دشمن،
پنهنجي ساڙ جي آگ ۾ هردم،
پيچل بڏجي جلندا رهندا!
جلندا رهندا، سڙندا رهندا!

●

پرڪاش ديپ

ڪوڏي اهڙو وقت به ايندو
تون به نه هوندين
مان به نه هوندس
تنهنجو منهنجو پيار نه هوندو
دنيا جو وهنوار نه هوندو
پر جي ڪا شيءِ هوندي، رهندي
تنهنجي منهنجي ياد ئي هوندي.

●

سومري جي سون تي هرگز نہ متياسيئ تو،
پرھ "پاروڙيءَ" جو رکيو، وھ پلاري پيئ تو.
سانگين جي سڪ اندر، هردم ٿمايا نيئ تو،
سندل جي پي سچائي ساڻ ڪئي دل ميئ تو.
توکي پنهنجي ڏيهه جا گدرا ۽ چانهان ياد هئا،
مارئي ڪوٽن اندر، توئي ڪيا فرياد هئا.
ساهه سانگين ساڻ گهنديئ، جيئن گهنديون منجهه گنديئر،

●

ڪونج ساري روهه کي ٽيئن، من اندر تنهنجي ملير.
تار تاڙي کي لڳل، ٽيئن توکي اندر ۾ آکير،
"ڪانڊ ڪنديس ڪيز ٻهو" اِي گهالهه تنهنجي بي نظير.
سيپ سيکي جيئن سمنڊ ۾، ٽيئن تون سکئين سانگين جي ڪاڻ،
رات ڏينهان روح تنهنجي ۾ تـــ، ويڙيچا وٽـــاڻ.
توچيو هيئن سومري کي، گهالهه منهنجي ٻڌ امير،
ساري سانگين کي مران، جي مان حويلين ۾ همير.
ڪوٽ ۾ قابو نہ ڪج ۽ مڙهه پُڄاڻج منجهه ملير،
لاش منهنجي کي دفن ڪن، پل ڪٽن پريا گهير.
لڄ رکي لوئي سندي، تو اي نمائي نامدار،
تنهنجي عصمت، تنهنجي عزت نا لکين 'مجرم' نثار.

●

ڈاڪٽر ايم. آر. مائيدا سائي

# منهنجو ساجن ڪٿي؟

ساجن!
مان آپ ڪيڙو
جڙ ۾ جهاتون ويٺو وجهان
آڪو ويٺو پايان
ويٺو واهه وهان
تہ ڪڏهين ٿي اچي
نديءَ ۾ ناءُ
جنهن ۾ هوندو
منهنجي من جو منڌار
هينئن جو هار
دل جو دلدار
مجلس جو سينگار.
ساجن!
مان ڪارن پائيندڙ وٽ
ڪارون ويٺو پارايان
مان آسروند
سئن سڳڻن جو آسائو
ڪن ڪڙا ڪري
پڌڻ ٿو چاهيان
تہ ڪڏهين ٿو اچي
پارانپو پرين جو
ڪڏهين ٿو اچي
پرديس مان پريتم
ڪڏهين ٿو مڪا ميلو ٿئي
ڪڏهين ٿو هن جو بار هلڪو ٿئي.
ساجن!
مان صوح سويرو
اڱڻ ۾ ڪڙو
در ۾ اکيون اڏڪايو
ڏسان ويٺو
دل ۾ سوچيان ويٺو
زبان ۾ هوريان هوريان
سمرڻي ويٺو سوريان
ويٺو توکي ٿي پچاريان
تہ ڪڏهين ٿو لڙي اچين
ڪڏهين ٿو آس پوري ڪرين
ڪڏهين ٿو اچي مٺل کي جيئرو ڪرين.
ساجن!
سنجها ڏاڍي
مندر جا گهنڊ وڳا
منهن جا روم ٽيا ڪڙا
مان آڻي هليس
مندر جي چائٺ وٽ بيٺس
هڪ هڪ ڏٺم
تنهن جو نہ مڪڙو پسيم
آخرين آسرو نہ ويو
پوچاري بہ ويو
منهن جو من اداس ٿيو
تڏهين من نراس ٿيو.
ساجن!
رانڙي آئي
تارن سان جهڳمڳائي
چنڊ ڪٽي چانڊاڻ لڳائي
ڪائنات بڻي سهائي
منهن جي من کي نہ ماڻ آئي
منهن جو ساجن ڪٿي؟
منهن جو رانجهن ڪٿي؟

نومبر ۱۹۶۸ع]

ولي محمد وفا

# غزل

دنيا آهي داناڻن جي
ديوانن جي دنيا کڻي
داڻو داڻو ويڳاڻو آه
مالهي ناهيءَ مالها کڻي
کوڙا ڪاج اجايا ڪاندي
مرڻ پڇاڙا ميڙا کڻي
پاپي پَڻ سوا ڇا ڇاڻي
پاپي من جي پوڄا کڻي
ڪنهن لاءِ بن وسائيم برهن
جوپين ۽ اي جوالا کڻي

○

واسديو موهي

دل رڻي اک نہ ڏنو سات مگر،
اف اڪيلو ڏي اڪيلو آ بشر.
داستان پنهنجي مقدر جو دوست،
پار جو گويا لکيل ابتو اکر!
ٿهڪ ۾ سڏڪي جو آواز بہ آ،
مشڪي شبنم، رڻي ٿي رات مگر.
آرزو پوري ٿي ڪنهنجي نہ ڪڏهن،
پر دلاسن تي اڃا آهي گذر.
وقت بدليوتہ آسان ليءَ بدليو،
تو لاءِ ساڳي ٿي اها شام سحر
ڪي قدم اڳتي آ ويسر جو دڳ،
ياد جي پوري ٿي جت راه گذر.
زيست مفلس جو آ موهي ڪو لباس،
درد پيڙا جي چٽين جو منظر.

●

# سچڻ جـي آخري مسافري!

سچڻ سپ لاڳاپا لاهي وڃي سنڌوءَ سان ساڻي ٿيو. بس اتي ئي انـدر مهراڻ جي پيٽ ۾ وڃي آرامي ٿيو. مهراڻ پراڻين هزارن ورهين، لکن ورهين جي روايتن جي هڪ ياد آهي، هڪ تاريخ آهي، هڪ ڪهاڻي آهي. سندس ڪپر ڪڏهن ڪٽ ڪڏهن ڪٽ سڃي سنڌ سندس قدمن هيٺ پٿي پڏي آهي. ڪٿين انسان، ڪٿين ياديون، ڪٿين محبت جون راتيون، ڪٿين درد جون لاتيون، ڪٿين جنگيون ڪٿين جهيڙا، ڪٿين پڙڏيون ڪٿين پڙا، سندس آرپار هليا. ڪٿين ڪـنا، ڪٿين مٿا، ڪٿين پڏا ڪٿين تريا. بس هيءَ سنڌو هلندي رهي. ايڏي وڏي ندي ۽ ايڏو وڏو درياهه. ڏرتيءَ جي پيٽ تي هلندو رهيو. مگر اِهو به اڄ ويران ٿيڻ وارو آهي. سندس ڦڙو به چون ٿا ته ڪنهن ڏينهن سمنڊ تائين نه پهچندو. هيءَ لکن جي لوڏ واري موجل هميشه ختم ٿي ويندي.

اڄ اُن ڏاهاڻي ندييءَ ۾ سچڻ وڃي آستانو ڇڏيو. سچڻ سان سنڌڙيءَ جي ۽ سنڌڙيءَ سان سچڻ جي ڪيڏي نه محبت هئي. ڪيترا سنياسي پنهنجي هڏڻ کي گنگا ۾ جمنا موڪلن. پر سچڻ جيڏري سنياسي بنجي، سنڌوءَ ۾ وڃي آخري آرام ڪيو. سچڻ سنڌ جي نشاني هئا، جيئن لطيف کي پنهنجا مارو جهانگي، ساموندي سپ ساه ۾ سانديل هئا. ائين سچڻ ۽ ساموندين کي ياد ڪري رڳندا هئا. سچڻ پنهنجا سانگا لاهي، ساموندين سان وڃي سنمڪ ٿيا.

پر پرين کي پريت وارن موتائي ساڳي مڙهين ۾ آندو. پر اڄ پرين جي اها جهلڪ اها فلڪ ڪانه آهي. اڄ ماڻ آهي. ماڻ به ڏاڍي ماڻ! جت پنجاهه سال گذري ويا، جت جوڳيڙن جو جوڙو، هلندو هئو ڦرندو هئو، ڪهڙو قربن سان گڏ گهمندو هئو، گڏ وهندو هئو. اُهي وڻ، اُها چانوَ، اُهي ڇپر سپ ويران آهن.

بس چپ آهي ماڻ آهي سانت آهي! سپ قرب وارا اڇي وهن ٿا پر اڄ قربدار تمنا جي هٿن ۾ اڇي قابو ٿي ويا. سچڻ جو سهڻو آواز، سچڻ جي مٺي لات اڄ هن اوتاري ۾ ڪانه آهي. خالي بدن آهي. اڄ زندگيءَ جي شام آهي نه ته اڄ اها زندگي ڪانه آهي صرف هڪ مام آهي. هيڏي وڃ هوڏي وڃ، بس سُڃَ ۽ ريڃ آهي. هي مٺين تارن وارو ساز، هيءَ محبت وارو راز هيءَ مونن ۾ منهن پائي وهڻ وارو ناز، آج بي آواز آهي. سپ تانگهي رهيا آهن. من ڪي من موهيندڙ مورتون نڪري نروار

ٿين، اهو مرڪ وهو، هوءَ بس اڄ بي وس آهن. هيءَ مورتون ۽ صورتون هي ڪٿون وهاٽا، هيءَ هنڌ پلنگ، سڀ اُداس آهن. هيءَ وهڻ ۽ گهمڻ وارا، هيءَ هولين هولڻ هيءَ ٻين جي ڏکن ۾ ڏکي ٿيڻ وارا، اڄ آخري سفر تي هلڻ وارا آهن.

عاشقن جو جنازو ذرا ڏوم سان نڪري، نه هيءَ آهي عاشق نه آهن. ڏوم کان دور - تمام گهڻو دور. بس اڪيلائي، نه کو ماٺهو هجي، نه کو پکي هجي نه پن هجي نه پن جو آواز هجي. بس خاموشي هجي. چُپ هجي مات هجي، پر سندن قرب جي جهولي ڏاڍي اُونهي ۽ وڏي هئي. جو به جهولي ۾ آيو ۽ جنهن به قرب جون گهڙيون وٺن ڪاڻيون، تن کان سڄڻ وسرڻ جهڙا ڪين آهن.

"اڄ ٻڌ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون
اٽي پهر اڻن. سعيو ڪنهين سفر جو"

ڪهڙو سفر- ڏاڍو ڏکيو سفر، وري نه موٽڻ وارو سفر. سڄڻ جي متان گل ڪل وڌا ٿا وڃن، سينگاري سڄڻ کي ساري سنگت سنبري نڪري ٿي. جو گهٽڙا جهان جي جهنجهٽ کان اڪيٽي پري هٽا. پر اڄ ته ڏاڍو پري پيا وڃن.

"ننگر ۽ ناڙيون، پڳهه ڪٽي پنڌ هٽا
بندر بازاريون - سڄا سامونڊين ريءَ".
سيٽي جوپن ڏيهه، جڏهن سڄڻ سفر هلٽا!
رئان، رهن نه سپرين - آيل! ڪريان ڪي؟
مون کي چاڙهي چٽي، ويو وڻجارو اوهري!"

هيءَ هتان اڄ هلي رهيا آهن. هيءَ آسمان، هيءَ چنڊ، هيءَ تارا، نياز وارا اڄ بند ٿي ويا. هُو تارا، هو چنڊ، هو آسمان، اوپارا ۽ لنوهارا پڃڻ ٽا، هنن تارن ۾ پاڻ کي ڏسڻ لاءِ. مگر هيءَ اکيون هميشه بند ٿي ويون! هيءَ هوا، هيءَ پرلاءُ، هر هر هيڏي هوڏي ڦرن ٽا. من زبان چُري، من منهن کلي، من موتي جهڙا اکر اچارجن ته هو هنن کي ڪٽن، سڪ وارن کي پهچائن، هوا اُداس آهي، هيءَ زبانون هيءَ منهن هميشه لاءِ بند ٿي ويا.

"وڻجارن وري - پڙه پڳهه چوڙيا
اوليون پسي انجون - پڙم گچ گهري
وينديس ساءُ مري - ساري سامونڊين کي."

هيءَ نسبت به عجيب آهي هيءَ سنگت به عجيب آهي. سڀ چپ - سڄڻ ته صفا چپ! ايڏي چپ!!

هيءَ مڙهي به هاڻي چڏي نڪتا آهن- وري هت ڪونه ايندا، وري هت ڪونه گهمندا، وري هت ڪونه ملندا.

"مـــون ايي تڙوٽ ـ پـــرين پـڳـهه چـــوڙيا
ڪا منهن ۾ گهٽ ـ نات سڄڻ سڀاڄها گهٽون."

هاڻي سپرين راهي ٽي ويا. اڳيئر پرين- پويان سندن پور- ڪهڙيون ڪهڙيون گاليهيون، ڪهڙا ڪهڙا زمانا- ڏاڍا مٺا ڏينهن، سڀ پور بڏجي سور ٽيو پون- ڪهن ٽي چيو ته هيءَ ڏينهن به ايندو- اِهو ڏينهن ڏهاڳ جو به آيو- اچي گذري به رميو آهي.

اچي ساڳيءَ سنڌڙيءَ تي به پهتا. اها سنڌڙي ته آهي پر آهي سڄڻ اڄ ڪونهن سڄڻ گهٽو اڳيئر هليا ويا- هيءَ به پاڇا آهن. هي رڄ آهي. پاڻي ۽ پياس اڳيئر ختم ٽي ويا. پر هيءَ ۽ سڄڻن جا پرتاءَ سي به سڄڻن کان سواءِ پنهنجو سانگ ٽوڙيو، سنبري همبشه وڃڻ لاءِ نڪتا آهن. هنن جو نار به سڄڻن سان هو جڏهن ته هيءَ سڄڻ ويا ته هيءَ ڪيئن رهن، هي به نصيب وارا وفادار پتلا آهن. پرين کان ڌار هڪ پل به نه رهيا.

هيءَ مسافري به اچي پوري ٽي آهي. اچي سڀ هٽ ٻيٺا- سڄڻن کي سينگاري سنياري هيٺ لاهن پيا. بس آخري. گهڙي آهي وري هيءَ گهڙي به نه ايندي! سيني کي اکين ۾ آب آهي دل بي تاب آهي.

اڄ ڇڏ وايون ڪن ـ وڻجارا وڃڻ جون،
هلڻ هـارا ســپرين ـ رئان تان نه رهن.
آءُ جهليندي ڪيترو ـ آهيل! ساموندين،
پڳهه چـــوڙي جن ـ وڏا ٻيڙا پار ۾."

# هڪ جپاني وڏو چترڪار

جپان ۾ سيمهيو نالي هڪ چترڪار ٽي گذريو آهي. فطرت نگاري جو قائل فنڪار اسڪولي ڏينهن ۾ ڪافي اڙچنگـ هو. سندس شرارتن کان تنگـ اچي اسڪول ماستر ڪيس نوڙيءَ سان هڏي هنٽرن سان مارينڊو هو. ڏند ڪٿا موجب هڪ ڏينهن ماستر ڪيس نوڙيءَ سان هڏي پرنسيپال جي روم مان هنٽر ڪڍ ويو. هن جي پرپٽ سيمهيو ٻهن سان متيءَ جا ۽ اڃا ته خوفناڪ ڪوٺا ٺاهيا جو پنهنجي خـلقيندڙ ڪي نوڙيءَ ۾ هڏل ڏسي انهن ۾ جان پئجي ويئي ۽ هنن نهايت ڏڙڪائيءَ سان سندس نوڙيون ڪتري چڏيون.

اها روئداد ڏسي استاد جي هٽ مان هنٽر هيٺ ڪري پيو. سمجهيائين ته هن اڳيان جپان جي مستقبل جو هڪ عظيم فنڪار بيٺو هو.

# نيون سندا ناسور

رشو رات مري ويو، سندس پونگي جي ٻاهران ماڻهن جو ميڙ لڳو پيو آهي پر هن لاءِ ڪوبہ لڙڪ لاڙڻ وارو ڪونهي. چاڪاڻ ته سندس دنيا ۾ ڪير ڪونهي سين جي ڇهرن تي غم جو ڪوڙو نقاب اوڍيل آهي. نقلي ڏک آهي، ڏري وقت لاءِ ڪوڪلي رسم نباهي رهيا آهن. سڀ ڏونگ. ماڻهو جيستائين جيئرو آهي تيسين سڀ سندس گلا غيبت ڪندا آهن. گاريون ڏيندا آهن. آواره، بدمعاش، غبدو، لوفر، ڪافر، بيڪار ۽ بچڑو سڏيندا آهن. گاريون ڏيندا آهن. مرڻ ڪانپوءِ سڀ شريف، نيڪ ۽ مومن سڏيندا آهن. حي خاصيتون نہ هوندي‌ون آهن سي بہ مڙهيندا آهن. چاڪاڻ ته هو صرف لاش هوندو آهي. بي جان هڏن جو پڃرو. بي ڪمو ڪاردو هوندو آهي، جنهن تي جيئرا ماڻهو رمارڪ هڻندا آهن.

رشو ننڍو هو تہ ڊبل نمونيا ٿي پئي هيس تڏهن ڊاڪٽر چيو هو تہ، 'هن جا ڦڦڑ ڪمزور ٿي ويا آهن، جيڪڏهين پيڑيون پيتائين تہ ڪنهن بہ وقت مٽس سلهہ جو حماو ٿي سگهي ٿو.'

ان ڏينهن ڪان وٽي پٽس ڏاڍو خيال رکندو هوس. گهر ۾ ڪوبہ پيڙي ڪون پيئندو هو، نہ ٿي هن جي منهن تي ڪنهن ٻي ڪي پيڙي پيئڻ ڏني ويندي هئي. سندن واهيءَ سومار پلجي هن جي سامهون پيڙي پيتي هئي تہ پٽس سومار کي ٻہ ٿي ڏڪ هڻي ڪيڏيا هئا. ۽ رشو کي ڪڇ ۾ ڪٽي سمجهايو هئائين، "پٽ پيڙي خراب آهي. جيڪي ماڻهو پيڙي پيئندا آهن تن جو جگر سڙي ويندو آهي."

"بابا پوءِ سومار جو جگر ڇونٽو سڙي؟ هي تہ سڄو ڏينهن پيو پيڙيون پيئي." هن پڇيو هو.

"ان جو جگر بہ هڪ ڏينهن سڙي رهندو. ڏس سڄو ڏينهن پيو رڳو ڪنگهي ۽ ساواڻ ساوا ڪانگهارا پيو اڇلي." پٽس سمجهايو هوس.

"بابا جگر ڪيئن ٿو سڙي؟ اندر ٽاڪندو تہ ڪونہ ٿو وڃي. رڳو دونهون ٿو وڃي."

"پٽ دونهون اندر ويندو تہ ان جي ڪري جگر ڪاراڇجي سڙي پوندو آهي."

پٽس نرڙ تي چمي ڏيندي چيو هو.

"بابا جگر سڙندو تہ ڇا ٿيندو؟"

"ماڻهو مري پوندو."

"پوءَ.... آئون ڪونہ پيئندس." هن پٽس جي ڳاڻي ۾ منهن لڪائي ڇڏيو هو.

رشو سڄو ڏينهن ساران سان ڪڏندو هو. ساران سندن ڪمدار جي ڏيءَ هئي. پٽن تي، واهن جي ڪپن تي، ساون وٽن جي هيٺان، سونا جي ٻڳن گهر ۾ سڄو ڏينهن گڏ رهندا هئا. هڪڙي ڪي ڏينهن پڙهندا هئا جڏهن به رشو جو پيءُ شهر مان ڪا شيءِ وٺي ايندو هو تہ رشو پهرين ساران کي ڪارائيندو هو، پوءِ پاڻ کائيندو هو. سانوڻ جي مند ۾ جڏهن واهہ وهي آيا هئا تڏهن ساران رشو کي چيو 'رشو واهہ وهي آيا آهن، هل تہ ڏسون هلي.' واهہ جي آپ ڪپري تان ساران جو پير ترڪيو، ڪرندي رڙ ڪيائين: 'رشو....' رشو واهہ ۾ ٽپ ڏنو. سومار ٻوڙي آيو. رشو کي ڪڍي ڪپ تي ويهاريائين. رشو وڙي پاڻ کي واهہ ۾ اڇليو. سومار رشو کي ڪڍي واهہ ڪان پري ڇڏي آيو هو. جڏهن ساران کي ڪڍيائين، ان وقت ساران مري چڪي هئي.

رشو ساران جي ڪٽ ڀرسان وهي رنو هو. ساران جي پاڻهن ۾ هٿ وجهي چيو هو. 'اڻي ساران تہ ڪڏون.... اڻي.... ساران.... ساران.... اڻي. اڻي نہ تہ آئون تو سان ڪاوڙجي ويندس.' پٽس جهلي ڪڇ ۾ ويهاريو هوس.

"بابا، ساران اڻي ڇو نٿي؟" هن پٽس کان پڇيو هو.

"ساران مري ويئي آهي، مٽل ماڻهو وري نہ اٿندو آهي."

"ماڻهو مري ڪيڏانهن ويندو آهي؟"

"خدا وٽ."

"خدا ڪٿي آهي؟"

"مٿي آسمان تي."

"بابا ماڻهو مرندو ڪيئن آهي؟"

"ان کي خدا ماريندو آهي."

"پر بابا ساران تہ مونسان ڪڏندي هئي، هاڻ مونسان ڪير ڪڏندو بابا توں خدا کي چئو تہ ساران کي نہ مار."

"خدا ڪنهن کي ماري وري جيئرو ڪونہ ڪندو آهي."

"بابا خدا جي ڏيءَ کي ڪير ماري تہ پوءِ؟"

"بابا، آئون وڏو ٿيندس پوءِ خدا کي کهاڙي هٽندس."

"نہ پٽ سڀا پار اهڙيون خراب ڳالهيون ڪونہ ڪندا آهن. نہ تہ خدا ڏمرجي پوندو۽ اڄ تائين خدا کي ڪير به ماري ڪو نہ سگهيو آهي."

"بابا، تڏهن خدا به کو قُل ڏاڙيل جهڙو آهي. قُل به رڳو ٻين کي ماري، ان کي تہ ڪير به نٿو ماري سگهي، ڪيئن نہ بابا." پٽس کوبہ جواب ڪونہ ڏنو.

ساران کي مقام ۾ ڏکي جڏهن واپس وريا ۽ پٽس گهر آيو تہ رشو پڇيو هوس "بابا خدا ماڻهن کي چاقوءَ سان مارينڊو آهي؟"

"نہ پٽ سندس وڏي ملائيڪ عزرائيل کي اماڻيندو آهي تہ هن ماڻهو جو ساهہ کڏي اڇ."

"بابا، پلا ڪو خدا کي نڪو ماري سگهي تہ وڏي ملائيڪ کي تہ ماري سگهجي ٿو؟"

"نہ پٽ هو ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو آهي."

ان وقت ڏاڏينس مراقبو ڪڍيو هٿ ۾ تسبيح ڪنيو مُسلي تي ويٺي چپ چورها، تنهن چيو، "پٽ کي منهن نڪو وجهين وري مڻن ڪافرن جون گالهيون پيو ڪڍائينس آڻون تہ پانيان ٿي تہ نينگري تي ڪو شيطان جو چامالو پيو آهي. سڄو ڏينهن ٿو سائن وٽن هيڻان ڪڍي. نماشام مهل بہ سائن وٽن ۾ ڪنڊڙيو پيو آهي. اونڌرو آهي ڏاڏيو. ست قرآن پڙهائي ڪني ڪرائي نہ تہ خدا جو قهر سڄي ڳوٺ تان ڪرندو. نينگري کي بہ جيئي شاهہ جو در پيٽائي اڇ. خدا شل مڻي شيطان جو خانو خراب ڪري."

"شيطان ڪهڙو ٿيندو آهي ڏاڏي؟" هن پڇيو هو.

"بس ڪر چورا ڪافر، ٻين کي پيو گناهہ سان پرين." تڏهن سڏي پاسي ۾ ويهاريو هٿائينس. چپ چوري ڪوسيون ڪوسيون ڦوڪون هنيو هٿائينس ماڻس سدائين بيمار رهندي هئي. سڄو ڏينهن ڪٽ تي پئي هوندي هئي. ساران جي مرڻ ڪانپوءِ ماڻس جي پرسان وهي چيو هٿائين، "امان بابا کي چئو تہ هتان پڇي هلي، خدا ساران کي ماري چڏيو هاڻي توکي بہ مارينڊو. پوءِ آڻون امان ڪنهن کي چوندس." چوندي اکين ۾ لڙڪ اڇي ويا هئس. مائي ڇڪي ڇاتي سان لاتو هوس.

جڏهن پرواري شهر جي هاءِ اسڪول ۾ پيو درجو انگريزي پڙهندو هو. روز صبح جو اسڪول ويندو هو ٻنڌرن جو گهر واپس ايندو هو.

هڪ ڏينهن جڏهن گهر وريو هو تہ سندس گهر، گهر نہ ڪلهيار جو ديرُ لڳو پيو هو. جنهن ۾ سندس ماءُ پيءُ سڙي رَکَ ٿي ويا هئا. هو رکَ جي ڍير مٿان ڪريو ماڻهن ڇڪي هيٺ لاٿس رڙيون ڪيائين، ڪپڑا ڦاڙيائين. مٿو ڪاٽن ٿي هنيائين.

چاچي جي در تي وڃي ڪريو. مشڪل سان پڙهائي جو خرچ ملندو هوس اسڪول ۾ اڃي سڄو ڏينهن نوڪرن وانگر ڪم ڪندو هو. اهو رشو جنهن ڪڍهن ڪاني پڇي ۽ اڏ بہ نہ ڪئي هئي، جنهن کي پاڻي پيا اوتي پيارينداَ هئا. سو رشو اڄ ڏکر ڦٽين تي پلجي رهيو هو. ماءُ پيءُ جو لاڏلو سڪيلڙو رشو چاچي جي در جو نوڪر هو، جنهن تي سنجهي صبح جو لعنتون وسنديون هيون. جنهن رشو کي

کڈھن کنھن ھٹ ۾ نہ لائو ھو سو اڄ رات ڈينھن چاچي جا پادر کائيندو ھو، گاريون پوندا جھليندو ھو ۽ رکن سکن اوبارن تي پلجي لڳو ھو.

جڈھن چاچينس جو ڈراڙ ڈوکڑن نہ ملي ڪري پڇي ويو ھو. صبح جو رشو ڪتاب ڪٽي ٻاھر نڪتو ھو، چاچينس نرڙ ۾ گھنڊو وجھي چيو، "چورا اڄ تون مال ٻاھرائي وڃ. ڈراڙ پينسان پڇي ويو حرامي."

رشو کي لڳو تہ ڪنھن سندس ڳل تي زوردار چماٽ ھڻي ڪيڊي آھي. ڳل تي ڳاڙھا ڳاڙھا داغ ٿي پيا آھن. ھن ھپکي چيو،

"چ.... ا.... چا.... آئو.... ن.... تہ اسڪول پيو وڃان."

"انڈو ڪونہ آھيان ڈسان پيو. ھڪڑو ڈينھن نہ ويندي تہ سنڈ جو چوٽون پايو ڪري پوندو! ماٽ ڪري مال سان وڃ نہ تہ ڇگو ڪونہ ٽيندو." چاچينس ڪيون ڈيکاريندي چيو ھوس ڪتاب ھٿن مان ڇڏائجي ويا ھئس. اکين مان لڙڪ لاڙيندي وڃي مال جي ڪڙھ لاٽي ھٽائين. مال کي وٺي جڈھن مقام وٽان لنگھيو ھو، مال ڇڈي ڊوڑي وڃي ساران جي قبر مٿان ڪريو ھو. سڈڪا ڀري چيو ھٽائين، "ساران اٽي اڄ تہ ڳالھائي ساران. منھنجا ماءُ پيءُ مري وڃا تہ بہ تو نہ ڳالھايو ھو. اڄ تہ اٽي ڏس تنھنجو رشو ھٿي چاچي جو نوکر آھي. ساران جيڪو رشو توسان ڊوڑون پائيندو ھو سو رشو مري ويو آھي ساران، ساران تون ڪجھ ۽ نہ چوندين، تون نہ ڳالھيندين ساران."

سڄو ڈينھن قبر مٿان پيو رھيو مال وڃي چاچينس جي ٻني ۾ پيو، ھاري ڇڙھون ۽ ڈڻون ھٿس ۽ شام جو چاچينس کي اچي چيو ھٽائين، "رشو حسين واري نمبري سڄي پيلائي ڇڈي. پاڻ سڄو ڈينھن مقام ۾ ستو پيو ھو. چاچينس خارن مان ۽ ٽي چمائون واھي ڪيڊيون ھٿس. ان رات کان وٺي جو رڙيون ڪري اٿندو ھو. ڈاڏينس، چاچينس کي چيو ھو، "ھن مٹي کي گھر مان ڪيڊي ڇڈ نياڳي ماءُ پيءُ جو سر وڃايو. ھاڻي اسان غريبن جي سردراري اچي ٿيو آھي. شل مٿانس ڪري. خدا شل سندس سر ڪيڈانھن وڃائي. ٻين غريبن ڪھڑو ڈوھ ڪيو آھي. ھن کي گھر مان جھٽ ڪڍ مٹان پاڻ غريبن ٻڙڙيوالن تي نہ قھر ڪري. خدا شل جڳ جي ڇڻ کي بچائي. ان سان گڈ مرن ڈھاگڻ کي آندن جي ڈکئي ڈينھن کان رکي وٺي."

ٻوءِ جڈھن ۽ رڙيون ڪندو ھو ان وقت چاچينس ڈاڍي مار ڈيندو ھوس.

سورن سان مٹرڪ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي ھٽائين. ڈاڍو خوش ٿيو ھو، سوچيو ھٽائين تہ ھاڻي چاچي جو گاريون پوندا نہ سھندو. ھاڻي ڪٽي نوکري ڪري پيٽ پالينداو. سکي حياتي گذارينداو. وڏيون آسون ڪٽي ڀر وارن شھرن ۾ نوکري لاءِ

ويندو هو. پر رکو جواب ملندو هو. اها ئي پريل، پريل دل ڪٽي مايوس ٿي هنڊ تي ڪري پوندو هو صبح جو وري نيون آسون نيون اميدون ساڻ ڪٽي ويندو هو.

نيٽ چاچينس چيس، رشو تون هاڻي پنهنجي ڪٽي ڪمائي جيڊو ٿي ويو آهين. پنهنجي ڪر اسين توکي ڪيترا ڏينهن ڪارائيندا سين اسان وٽ ڪي ٽڪن جا ڪوهم ڪونهن غريب ماڻهو آڻيون ۽ چڙهيون. 'پاڻ نه پاري ڪتا ڏاري' مثال وري تنهنجي چٽي. پڙهين سرڪار مان ايترا ته قرض ڪنيا جو زمين ۽ مال سڀ نيلام ٿي ويس. تنهنجي سنيال لاء اسان ڪي ڪهڙا ٽڪا ڏئي ويو هو." هن سوچيو چاچا ٺيڪ ٿو چوي. بابا جي زمين ۽ مال ته نيلام ٿي ويا باقي ڇا رهيو آهي ڪوٺ ۾ اجايو چاچي جي مثال بار ٿي ڪريو آهيان هو اڇي بيزار ٿيو آهي. پڇي وڃي ڪنهن وڏي شهر پيڙو ٿيان. وڏي شهر ۾ ڪاڻ ڪا نوڪري ملي ويندي. گذران پيو ٿيندو.

پوء ڪجهه پٽسا هٿ ڪري حيدرآباد آيو. ڊومڻ واهه جي پاسي ۾ هڪ پونگي هٿ لڳي ويس. نوڪري لاء پٽڪيو. انٽرويو ڏنائين، آفيسرن وٽ ويو، وڏن ماڻهن کي نوڪري لاء منٿون ڪيائين، پر سڪڻا دلاسا، ڪوڙا آسرا، رکا جواب لائبريرين ۾ وڃي اخبارن ۾ نوڪري جا اشتهار ڏنائين. درخواستون ڏنائين. هر هنڊ پٽڪيو. ڇڪهه جڪهه تي ڏکا ڪاڏائين. آسن ۾ سڙيو، درن تي ٻيٺو. نمائيون اکيون ڪٽي ڏنائين. جن ۾ ديا لاء آس هئي، رحم جي بيک لاء اميد هئي. پر هن لاء هر هنڊ ناڪامي هئي جڏهن ڪو انترويو ڏيندو هو. انترويو ڪانپوء خوش ٿيندو هو سوچيندو هو، 'ٻيا سڀ مون کان گهٽ هٿا. مون فرسٽ ڊويزن ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي آهي. ٻيا هٿا پاس ۽ ٿرڊ ڪلاس وارا ڪورا چٽ. منهنجي مقابلي ۾ ٻين جو General Knowledge ۾ ڪمزور هو مون سڀ جواب ٺيڪ ڏنا هٿا. اڳئين پيري ته آفيسر ڪي هو پنهنجو ماٿٽ ڪٽو تنهنڪري مونکي Reject ڪري ڇڏيو هو. پر هي آفيسر نه ڪڙڪ ٿي ڏئو ڪنهن جي سفارش ۾ ٻڌل جهڙو ڪونه هو، ليڪن ڪجهه ڏينهن ڪانپوء اميدن جا ڏيئا هڪ ٿي ڦوڪ سان اجهامي ويندا هٿا. آسن جا محل ٿوري هوا جي جهوٽي سان ڍهي ڪنڊ ٿي ويندا هٿا. رشو وري اميدن جي ڏيئن ۾ تيل وجهي ٻاريندو هو. وري آسن جي محلن جي مضبوط اوساري ڪٽندو هو. ايڏي مضبوط ٿيڻ ڪاپوء ۾ ڍهي پٽ ٿي ويندا هٿا. ڏيئا اجهامندا ۽ ٻرندا رهيا. محل جڙندا ۽ ڍهندا رهيا.

سندس پونگي جي سامهون واري پونگي ۾ چوڌري نورالدين رهندو هو. پنهنجين ٻن وان ڏيئن کي پرائيويٽ هلائيندو هو. سندس نندي ڏيءَ غزالا رشو کي ڏاڍي وٺندي هئي سوچيندو هو هڪ رات آڻون ۽ گهرايانس پر سؤ روپين جو خيال ايندي ئي مات ٿي ويندو هو. سوچيو هٿائين ته جڏهن نوڪري ملندي ته پهرين پگهار مان هن چوريءَ کي وٽي ايندو سڄي رات عيش ڪندو. صدين جي اڃ کي اجهائيندو. هن ڪڏهن به عورت جي بدن کي ويجهو ٿي نه ڏٺو هو. پر جڏهن خيال ڪندو هو ته

بت مان سبسرات نڪري ويندا هئس. هڪ ٻئو ٻئو درد محسوس ٿيڻ لڳندو هوس. هڪ پيري من سندس پرواري ٻونگي ۾ پٽاڻ جي زال کي ڏٺو هو. سندس گورو بدن ڏسي رشو جي زبان سڪي ويئي هئي. ٽنگون ڏڪڻ لڳيون هيون. چاهيندي به در تان هٽي نه سگهيو هو.

نورالدين کي پٽ به آهي جيڪو چار پيرا مئٽرڪ ۾ Fail ٿيڻ کانپوءِ هن سال ڪلاس ۾ پاس ٿيو هو. پر اڇس لفافي تي انگريزي ۾ لکڻ ائڊريس به ڪونه باقي انگريزي فلمن جا پوسٽر ۽ اداڪارن جا نالا جهٽ پڙهي ويندو آهي. هن پاڙي ۾ رشو کانسواءِ ٻيو انگريزي پڙهل ڪونهي. انڪري جڏهن به ڪا انگريزي فلم ڏسندو هو ته رشو کي گوليندو هو ته فلم جي باري ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري. رشو کي فلمي واهيات گالهيون نه وڻنديون آهن. انڪري رشو کي جڏهن خبر پوندي آهي ته فلمبخش صاحب فلم تي ويو آهي ته پوءِ رشو رات جو دير سان گهر ايندو هو. پر جيڪڏهين ور چڙهي ويس چوندو "يار اڄ Marrlage Itation style ڏسي آيس صفا بور هٿ رکو صوفيا لارين جي ڪري ڏسڻ ويس. سالي وٽ ڪو حسن آهي ڇا! اصل ڪهي پٽي. مونکي اصل ۾ جاسوسي ۽ ماراماري جون فلمون وڻن Banco for gold Killer دنيا جي بهترين فلم هٿي." هن کي اسڪر ايوارڊ ملڻ جي ها پر اهڙين فلمن جو قدر ئي ڪونهي. رشو جند چڙائڻ لاءِ چوندو هو. "يار لاچاري ڪم سان ٻيو وڃان وري ٻي پيري ملنداسين" رشو سوچيندو هو، اجايو هن مان اچي قاڻو آهي.

هي پاڻ کي بيحد حسين تصور ڪندو آهي چوندو آهي ته مارلن برانڊو منهنجي قدمن جي خاڪ آهي. پٽس کي چوندو آهي "بابا آڏو Hallywood ويندس اتي International هيرو ٿيندس ٻوءِ پاڻ پيٽن کي پرائيويٽ ڪونه هلائيندا سين..."

فلمبخش صاحب جاسوسي فلمن جي هيرن وانگر. پوائينٽين شڪلن وارن ماڻهن جو پيڇو ڪندو آهي. انڪري به ٽي دفعا بدمعاشن جي هتان پادر ڪائي چڪو آهي. فلمي محبت ڪندي چوويهه چوڪرين جا سيٽبدل ڪائي چڪو آهي چوندو آهي ته اڃا هڪ دفعو لڳن نه سلور جوبلي هوري ٿي وڃي.

جڏهن اخبار ۾ ڪلارڪي جي جاءِ لاءِ اشتهار آيو هو ته نورالدين پتينس کي چيو ته نوڪري وڃي ڪر. پر هن انڪار ڪيو ته آڻون International هيرو سو وري سوا سؤ واري ڪلارڪي ڇو ڪريان پاڻ بک ٿورڻي ٿا مرون پيٽون ايترو ٽيون ڪمائين مونکي ڪهڙو لاچار لڳو آهي جو نوڪري ڪريان."

پٽس سمجهايو هوس "پٽ گهر جيڪو پٽسو اچي سو سئو. سنڌين وانگر بيوقوف نه ٿي. سنڌي نوڪري نه ڪندا آهن هڪيو ٽڪيو ڪپن. رکو عيش ڪري چاڻن پنهي چوڪرين جا گراهڪ سڀ سنڌي آهن. تون عقل وارو آهين."

تڏهن مس مس وچي نوڪري لاءِ راضي ٿيو هو. نورالدين پنهنجي گهوٽ جي وڏي آفيسر کان چٽي لکائي آيو هو.

انٽرويو جي ڏينهن آفيسر هن کان پڇيو، "آمريڪا پاڪستان کي ڪهڙي مدد ڏيندو آهي؟"

"Sir آمريڪا پاڪستان کي بهترين جاسوسي ۽ ماراماري جي فلمن جي مدد ڪندو آهي." هن ٿهه پهه وراڻيو هو.

"هانگ ڪانگ ڪٿي آهي؟"

"Sir اهو ته ڪانگن جو ملڪ هوندو، اتي ڪانگ رهندا هوندا." هن ڪلندي جواب ڏنو هو. آفيسر پڇيو هوس. "چني چپٽي ڏٺي پڙهيو آهين چا؟"

"نه Sir في معاف هوندي هٿي." هن وراڻيو هو.

"هوچي منهه ڪير آهي؟"

"سائين اهو ته ڪو مڪين مارڻ جي دوا جو نالو آهي. ڪنهن فلم جو نالو پڇو."

"تنهنجو General Knowledege ڪمزور آهي.

"ايڊيٽ بيوقوف Gate out " آفيسر بگڙجندي ڪيي چڏيو هوس.

رشو سڀ جواب ٺيڪ ڏنا هٿا. آفيسر سندس منهن ۾ ڏئو ڇڻ چوندو هجي، نوڪري ملڻ ته ڏوڪي گهرجي پر هن دور ۾ گڏهن کي گج پارايا پيا وڃن."

رشو سوچيو هو ته نوڪري پڪ سونڪي ملندي هن چوڏريءَ جي پڇي واهيات جواب ڏنا هٿا. سون سڀ ٺيڪ جواب ڏنا آفيسر کي ڏاڍا وڻيا هٿا. هن سونڪي شاباس به ڏني هٿي.

ٻئ نوڪري جو آرڊر نورالدين جي پٽ کي مليو هو. رشو جي آس جو محل پرزا پرزا ٿي چڪو هو. هن سوچيو هو ته هاڻ ڪيس عمر پير نوڪري نه ملندي هن نوڪرين جا آسرا لاهي ڊوڙي وچي مزدورن جي ميڙ ۾ شامل ٿي نعرا هنيا هٿائين. انقلابي جلسن ۾ ويو اتي نعرا هنيائين. هر هنڌ هر چونڪ تي Socialism جا نعرا هنيائين. دوستن سان اٺندو ويهندو هو. ڪچهري ڪندو هو. وڏا وڏا بحث ڪندو هو. اٺ وقت ٻسا آڏارا ڪندو هو. ڪين آسرو ڏيندو هو ته ٻس زمين سان فصل لهندو بابا ڏوڪڙ ٻوڪيندو نه واپس ڪندو دوستن کي هن جون ڳالهيون سڀيون لڳنديون هيون. ڳالهين ۾ هڏي روڙيندا هٿا، ڪلندا هٿا ۽ داد ڏيندا هٿا اٺ وقت پريان گاريون پوندا ڏيندا هٿا. هن جي غير حاضري هر ڪنهن کي کٽڪندي هٿي. هوٽلن ۾ ويهندو

هو هن جون چائيون پيئندو هو. ان جي بدلي ۾ کين انقلابي گالهيون ٻڌائيندو هو. ملن ۾ ويندو هو مزدورن کي پڙهائيندو هو. انهن کي گڏ ڪري انقلابي تقريرون ڪندو هو. هڪ ڀيري هڪ دوست سان جهڙو ٿي ويس چي: توهان سرمائيدارن جا ڪفن چور آهيو. ذليل چاپي جا انڊا گهوڙا آهيو، اوهان سرمائيدارن جا پالیل آهيو ڪجهه ڏيندا آهن تڏهين انهن جي ياران نعرا هڻندا آهيو. ڪڏهين ڏيڻ بند ڪندا آهن تہ کين گاريون ڏيندا آهيو. توهان مفاد پرست آهيو. اوهان خدا ۽ رسول کي پنهنجي Exploitation لاءِ ڪتب آڻيو ٿا توهان Vested Interest (مستقل مفاد) جا عادي آهيو" ڪاوڙ مان اٿي هليو ويو هو. رستي ۾ سوچيو هٿائين ناحق هن سان وڙهيو. هي تہ پٽسا اڌ گالهه سان اوڌارا ڏيندو هو. انسان جذبات ۾ اچي الاهجي چال چا ڪري ٿو ويهي. ان رات کيس نند نہ آئي هئي سوچيائين تہ اٽسهندڙ Unbearable گالهيون ڪري چو ڪنهن کي ڏکوئجي. من ۾ آيس تہ وڃانس معافي گهري. پر هن کي هي اڳيان جهڪڻ پسند نہ هو. معافي وڃڻ جو هي عادي نہ هو.

دوستن سان گڏ هاڻي سگريٽ پيئڻ لڳو هو. ڪجهه ڏينهن کانپوءِ کنگهه شروع ٿيس. کنگهه زور وندي ويس پر پوءِ به جلسن ۾ ويندو هو. سگريٽ پيئندو هو. تقريرون ڪندو هو. نعرا هڻندو هو، "اڇو تہ گڏجي غريبن جي تقدير بدلايون، مسڪينن جي پگهر ۽ رت جي پورهئي تي عيش ڪندڙن خدائن جا ڪنڌ ڀڃي ڇڏيون."

هاڻي رهيل پراڻيون خميسون به قائي ويس. ٻہ، ٻہ ڏينهن بک ۾ گذارڻ لڳو. جيڪي اوڌارا ڏوڪڙ ملندا هئس تن مان ردي وارن وٽان ڪارل مارڪس ۽ لينن جا ڪتاب وٺي پڙهندو هو.

رشو مڪسم گورڪي جي زندگي جي ڪهاڻي ۾ پڙهيو تہ گورڪي هميشه مصيبتن ۾ گهريل هوندو هو. بکن ۾ پاهہ ٽيندو هو روزگار جو فڪر هوندو هئس. تڏهن هن جو حوصلو بلند ٿيو هو. هن سوچيو تہ نيٺ تہ اميدن جا ڏيئا ٻرندا. نيٺ تہ بکون مٽجي ويندیون. نيٺ تہ انسان پيٽ پري کائيندو. نيٺ تہ انسان آساني سان انگ ڏيکي سگهندو. نيٺ تہ ظلم جا ڪوٽ ڪري پوندا. نيٺ تہ جڙتو خدائن جا ڪنڌ ڀڃي پوندا. ظلم کي ڪا بقا ڪانهي ظلم هميشه هوندو آهي ڪک جيان هلڪو.

جلسي تان موٽي پونگي ۾ آيو هو تہ زور زور سان کنگهه جو دورو پيس. چنل ڪٽ جي پگل پائي ۾ ٻڌي هٽ وجهي کنگهيو هو. کنگهه ذري ساعت لاءِ به نہ گهٽيس. سوچيائين، ڏوڪڙ به ڪونهي جو دوا وٽان. کنگهه اصل وڃائي وڏو آهي ماڳئين ساهہ ٿو نڪري' اٿي کيسا ڦوليا هٿائين ڪتابن جا پنا اٽلايا هٿائين پر ڪٽي ڪوڙي پائي به هٽ ڪانہ لڳيس. پگل ٽرنڊ سرڪائي پري ڪئي هٿائين اتي پائلي

پٹي هئي 'پائلي' هن جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي هئي. هٿ وڌائي پٽ تان پائلي کنئي هٿائين 'ڪم ٿي ويندو ڪاڙهو وڃي ٿو پيان من کا ٿاپر ٿئي پر پائلي تي ساوا ساوا ٽڪا آهن ڪير ڪونہ وٺندو' 'نہ هينئر رات آهي ڪنهن پوڙهي پاساري کي ڏينداس' هن من کي آٿت ڏنو هو.

پائلي ڪٿي پونگي کان ٻاهر نڪتو هو. رستي تي ڪير بہ ڪونہ هو. ڪو ڪتو بک کان ڪوڪاٽ ڪري رهيو. رستي جي موڙ وٽان هڪ ڪاليجي ڪڪي هٿ ۾ ڪتاب کنيو پيئي آئي. سندس پويان ۾ دليپ ڪمار ڪٽ ڇوڪرا جن جي خميس جون ٻانهون ڪلهن تائين ڪنجيل هيون. گلو بٽڻ کان بي نياز سوڙها نيلا مي سوٽ ڪڙين کان مٿي پير ۾ چنل رٻڙ جا چمپل ڳچيءَ ۾ چٽين آني وارا سوٽي رومال پيا هٿن وڏا وار نرڙ تي لٽڪيل هوئن پاڻ کي بيحد Handsome ۽ Smart تصور ڪري ڇوڪري پويان فلمي گانا ڳائيندا ۽ ڦريون پائيندا پيئي آيا. رشو جو پٽر تان پير ٽڙيو ڇوڪري سان وڃي لڳو هو. ڇوڪري جي هلڪي رڙ نڪتي ڪتاب هٿن مان ڪري پيا هنا. رشو جي واڌان بي اختيار نڪري ويو هو Excuse me پويان ايندڙ ڇوڪرن رنپ ڪئي بہ مضبوت هٿ وڌيا رشو جي ڳچي ۾ چمڪ جيان چنبڙي پيا هڪ زوردار ٽونشو هوا ۾ زوٽ ڪندو ڪاڏي وٽان لڳس ٽڙندو نالي ۾ ٽوئين پر وڃي ڪريو هو. هڪ ڇوڪري ڇوڪريءَ کي ڪتاب پٽ تان ڪٿي ڏنا هنا. پٽي چيو "پراين ڇوڪرين سان هٿ چراند ڪندي شرم نٿو اچئي. پنهنجي ماءُ پيڻ ڪونہ آئي چا؟" ڇوڪرا رشو کي چڏي ڇوڪريءَ پويان گانا ڳائيندا ويا. رشو جون ٽونئيون رهڙجي ويون هيون. رشو کي ڏاڍو خار ڪنيو هو سوچيائين تہ هنن سالن کي ڪجو ڪائي چڏي. هن بي عزتي جو وير ضرور وٺي ها پر ڪجھ بہ نٿي ڪري سگھيو.

پائلي کي پاساريءَ اڻلائي پٽلائي ڏنو هو 'هي هي هي سائين هي تہ خراب آهي ٻي ڪا ڏيو." پاساري چمچاگيري ڪندي ڳاڙها ڳاڙها ڏنڊ ڏيکاريا.

"ٻي.... ٻي تہ مون وٽ ڪونهي." هن قلڙو منهن ڪري چيو هو.

"ڪونهي تہ هل نڪو. ڪاڙهو ڪونهي." پاساري رکو ٿي چيو هو.

"آڏون بيمار آهيان" هن ذري گهٽ ليلائيندي چيو "پٽسو ڪونہ اٿم" مهرباني ڪر."

پاساري پائلي کي اچليندي چيو هو 'وڃي ڪماءِ ڏنو مٿو لڳو پيو آهين پنندي شرم نٿو اچئي." رشو ڳاڙهو ٿي ويو هو هن هٿ وڌائي پاساري جي گلي ۾ وڌا پاساري جو وڏو پيٽ ڦوڪٽي جيان ڦوڪجي آيو هو. اکيون نڪري پيس. وات ڦاٽي پيو هوس جنهن مان ڳاڙهي گنگ تماڪ سان گڙي اچي موٽي پريل ڪنڌ تي پئي هئس. رشو پاساري کي اچل ڏني مٿو وڃي ڏهن سان لڳو هئس. پاسي ۾ بيئل

اجرڪ جي پڪي واري ڪاڙهو وٺي زشو ڪي ڏنو. هن جي من ۾ ايو ته چئي، مان پنڌڻات کو نه آهيان پر چئي نه سگهيو ڏکندڙ هٿن سان ڪاڙهو وٺي پونگي ۽ آيو هو.

ڪنگهه ايتري وسائد ڪانه ڏينس جو ڪاڙهو ٺاهي پيٽي. ڪنگهه جيئن پوءَ ٿئن زور وٺندي پي ويس ڪکن جي پت ڪي جهلي ڪنگهيو هو. پٽ تي تريون ڪوڙي ڪنگهيو هو. ڪنگهه نه گهٽيس. وڌندي ٿي رهي. ڪائيون پارڻ لاءِ مٿومونو هنيائين پر ڪائيون نه پريون.

هن ڪنڌ مٿي ڪري چيو هو 'اي خدا مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي. تو وٽ رحم جو ذرو به ڪونهي جو آهي سو پنهنجن پيارن امير جي هانهن لاءِ آهي. اسان غريبن لاءِ صرف ظلم ئي بچيو آهي نسورو ناحق."

ڪاڙهو پٽ تي پيو رهيو. سڄي رات ڪنگهيو هو. تاري ايري مهل رت جي الٽي آيس. هن وات نان هٿ ڦيريو سڄو هٿ رت سان پرجي ويس. هٿ ڏسي چيو هٿائين 'خدا تو نيٽ پنهنجو ويڑيو نه. مون اڄ تنهنجي Superiority کي مڃيو آهي." ۽ دفعا الٽي آيس پوءِ بيهوش ٿي پٽ تي ڪري پيو هو.

صبح جو سڄ نيون اميدون نئين روشني ڪئي ايربو آهي. پر غريبن جي پونگين ۾ اڃا به رات هٿي. اڃا به اونڌاهه هٿي، اڃا به ڪاري ٻاٽ هٿي جا صدين کان رهندي آئي هٿي ۽ آهي. ان گهگهه اونڌاهه ۾ هو صدين کان هٿوراڙيون ڏيندا رهيا آهن. سوجهري جي آس ۾ زنده رهندا آيا آهن من ڪٽان کو روشني جو ڪرڻو ايري. ڪٽان کا روشني نظر ايندي به آهي ته روشني وارا انسان ان کي بند ڪري ڇڏيندا آهن. رشو به ان سوجهري جي آس ۾ پڪيو هو پڪي پڪي هاڻ هميشه لاءِ اُن گهگهه اونڌاهه ۾ گم ٿي ويو هو. جنهن اونڌاهه مان ڪير به نه لهندو آهي.

آهستي آهستي سندس پونگي جي هاهران ماٺهو گڏ ٿيڻ لڳا آهن.

"ويچارو ڏاڍو سٺو ۽ شريف ماڻهو هو. پاڙي ۾ ڪڏهن ڪا ڪچي ڳالهه ڪانه ٻڌيس."

"آهيس به ڪير ڪونه نالو به الاهجي ڇا آهيس؟"

"نالو ته رشيد هوس. هو به ويچارو بي روزگار. نوڪري ڪانه ٿي ملس سڄي رات کنگهيو هو."

"اسان جهڙا پوڙها مرضيل پيا نڳن، اهڙا جوان جهاڻ ڇوڪرا مريو وڃن جن دنيا ۾ ڪجهه به ڪونه ڏٺو، خدا جي قدرت جا راز آهن." هڪ پوڙهي مٿي تي هٿ ڏئي چيو.

"خدا جو پيارو نيڪ مومن ماڻهو هو. نڏهن ته بنا ڏڪ سور جي آڪاري پارڪٽينس." مولوي صاحب فتوا ڏني.

"خدا شل سين کي اڪاري پار ڪري." ھڪ ماڻھو پٽ تي ويھندي چيو. رلوي صاحب فاتح نموني ڏيڍ فٽي ڏاڙھي تان ھٿ ڦيريو.

پريان ۾ ھمراھ ويٺا ھئا، "وه سالا سنڌي رات ڪو مرگيا. رات ڪو تو سالي ني نيند خراب ڪر دي ٽي."

"اري ڪونہ وه ديوآنند ھيري جيسا، اڇا ھوا مرگيا تو سالا ھيرا ھوجاتا."

رشو رات مري ويو سندس پونگي جي ٻاھران ماڻھن جو ميڙ لڳو پيو آھي. پر ھن لاءِ ڪوبہ لڙڪ لاڙڻ وارو ڪونھي. ڇاڪاڻ تہ سندس دنيا ۾ ڪير ڪونھي. سين جي ڇھرن تي غم جو ڪوڙو نقاب اوڍيل آھي. نقلي ڏڪ آھي ٿوري وقت لاءِ سڀ ڪوڪلي رسم نباھي رھيا آھن. سڀ ڏيکاءَ آھي. ماڻھو جيستائين جيئرو آھي تيسين سڀ سندس گلا غيبت ڪندا آھن. گاريون ڏيندا آھن آواره، غنڊو، لوفر، ڪافر ۽ بچڑو سڏيندا آھن مرڻ کانپوءِ سڀ، نيڪ شريف ۽ مومن سڏيندا آھن جي خاصيتون نہ ھونديون آھن سي بہ مٿان مڑھيندا آھن. ڇاڪاڻ تہ ھو صرف لاش ھوندو آھي. بي جان ھڏڻ جو پڃرو. بي ڪمو مڙدو ھوندو آھي. جنھن تي جيئرا ماڻھو رمارڪ ھٽندا آھن. پريان لاش پيو آھي. انسان جو لاش رت ۾ پريل لاش جنھن جي چوڌاري چميل آھن رت جا ڏڍا جنھن ۾ ڏھجي ويئي آھي ڪاڙھي جي پڙي—.

# سوئر

"ٻڪ کي عيد تہ ڏٺي وڃ". وڏيري جا اهي چينڊڙ لفظ هن جي ڪنن ۾ واڄ ڪري رهيا هئا. بيقراري کان منجي تان اٿي وڃي ڪٽ تي ليٽيو پر اتي به هن کي قرار نہ آيو ۽ اتان اٿي وڃي ڊر تي بيٺو. ٻاهر ٻاٽ اونداهي هئي، صرف تارا پئي ٽمڪيا. اڄ عيد رات هئي. ماڻهن لاءِ رحمت پر هن لاءِ زحمت بڻجي چڪي هئي. بي چيني هيس، بيقراري هيس، لُڇ هيس. در کي ٽيڪ ڏئي سامهون ٽي سامهون اونده ۾ گهورڻ لڳو جنهن ۾ ڪيس ماضيءَ جا ريل فلم وانگر ڦرندا نظر اچڻ لڳا تہ هُو ڪيئن نہ هن نندڙي گهر ۾ پنهنجي ڪراڙيءَ ماءُ سان خوشي :جو وقت گذاريندو هو.

نندڙو گهر، ٻہ پاڻي، ڪا تڪليف ٽي ڪانہ. نہ وري ڪا ڪٽتي ۽ نہ ڪو هورو. وڏيري جي ٻني ڪندو هيو. ايماندار ڪڙمي هو. بي ايماني سندس ڪتي جو ٻہ وڙ نہ هو. ٻني سان پيار، رات ڏينهن ٽاهڻ جو شوق ۽ اونو هيس. سڄو سڄو ڏينهن ٻني ۾ لڳي ويندو هيس. جيتري محنت ڪندو هو اوترو ملندو ٻہ هوس، زمين ٻہ جريب خرار ويندي هئي. نہ ڪنهنجي ڌن ۾ نہ ڏن ۾. سئون سڏو، سدائين پنهنجي حال ۾ مست. نشي پٽي ڪان پري، بيڙاين کان دور، نہ رلڻ ٻنڻ نہ وري اجايو گهوم. ٻنيءَ کان گهر، گهر کان ٻني. رکو وڏيري جي اوطاق تي ويندو هيو، جنهن لاءِ چوندو هو بابي جو سلام ڪري اچان. وڏيرو هوندو ٻہ تہ راڄ لاءِ ابو آنہ ڪين هن وانگر بي غيرت. دندري کائي ٽڪ اچلايائين ڇڻ وڏيري جي منهن ۾ هنيائين. زمين تي لت هڻندي چيائين 'بي حيا سوئر'.

متي ۾ پنواڻيون اچڻ لڳس. بي ست ٽي اکيون ٻوٽي ڪنڌ لاڙي ڪٽي در تي ٽيڪ ڏنائين. ڪجهہ وقت کان پوءِ جڏهن سندس دماغ ۾ انهن چولين ڪي ٽاپر آئي تہ سندس ذهن وري گذريل وقت جي ڪتاب جا ورق هڪ هڪ ڪري اٽلائڻ شروع ڪيا.

هن کي ماءُ جا اهي لفظ ياد اچڻ لڳا جڏهن چوندي هيس تہ ابا ڪجهہ پاڇي ٻہ ٽاريندو رهہ تہ جيئن آئي ويل ٻہ محتاجي نہ ڪيڏي پوي ۽ شادي ٻہ ڪرين جو ائين چڙو ٽوهو رهڻ نهي نہ ٿو. شرافت ٻہ سمادي ۾ آهي.

گهر ۾ آمدني گهٽي خرچ ٽورو، ٽوريئي وقت ۾ چگو پئسو پنجڙ ميڙي ورتائين.

جڏهن هڙ پري ته ماڻهس شادي لاءِ چيس. چئي جواني ٿو برباد ڪرين، چار ڏوڪڙ ٻ آهن، هٽ ٻ چيو ڪري ٿو. دير نه ڪر، جيئن مان هنن ٻڌڻ هٿن سان توکي لائون ڏيان، تنهنجي وني ڏسان. ماءُ جو هنيائءُ آ.... پنهنجي آخري مراد ڏسان. الله آڏو ٻڌڻو ڪريئي شل ست پٽيتو ٿئين.

هن کي اهو وقت ياد اچڻ لڳو جڏهن نبو ٻهاري جهڙيون ڪيون مچون ڪيو تڏي تي ويئي ڪائيءَ سان زمين تي ليڪا ٻ پٽي ڪيڏيا ۽ ائين ٻ پٽي چيو . بابا کا رڌ پڪري ته کانهي جو ائين ڪن کان وٺي ڪٽي ڏيانو. سهٽي سر دي جوان ٻانهن آ، ٿن هزارن کان گهٽ ڪڏهن ٻ نٿندم. ٿي هزار ته ڪمدار ٻ ڏيٽا ڪيا هٿا پر چيم ته ڏاڍن سان پاند اڙائي پاڻ سان گدڙ ۽ اٽ واري ڪار نه ڪندم.

هن جي ذهن ۾ وري وري اهي ڳالهيون تري ٿي آيون ته ڪيئن نه هٽندي ماريندي نيٽ ڳالهه وڃي ايائي هزارن تي بيٺي ۽ پوءِ ڪيڏي نه پاپوهه مان شادي ڪئي هٿائين. ڪيڏو نه خوش هو ان وقت جڏهن لائن وقت ماڻهس تر پٽي مٿرايس.

ٻ ٿي مهنا خوشي جا گذريا پر پوءِ جلدئي جوٽس جي هلت ۾ ڦيرو آيو. مس سان جهڳڙو، هن سان ڪلڪل ۽ ڪاڪڙ، سدائين هڪ نه ٻيو ڪروڌ هوندو ٿي هوندو هيس. هلڻ ۾ لوڏ ۽ موڙا، هٽ کي پوئتي وڏي اڇل، سٽڻ جا ور اڪٿي، هٽ ڇهٽ تي زور ۽ مساڪ جي هڻ مار. منع ڪيائينس ته اهڙن نخرن جو پلا سرور ته ڇڏي ڏينگريءَ وانگر چنبڙي ويس. مار ٻ ڪيائينس پر هن جا اهي ٿي لائون هي ٿي ڇڪهه. نه مڙي. سادو غريب سمجهي نه سگهيو ته ڳالهه ڇا آهي.

هڪ ڏينهن رونبي تان اوچتو گهر آيو. بخار ٿي پيو هئس. ماڻهس گهر ڪونه هئي. وڏيريءَ ڏي وئي هئي پٽ جائي جي مبارڪ ڏيڻ اڪٿي وڏيو ته زال کي وڏيري جي ڪڇ ۾ ڏنائين. جلي ويو. هٿيار ڪونه هيس نه ته هنهي کي اتي پورو ڪري ها. ڏند ڪرٽي وڃي وڏيري تي ڪڙڪيو. جوٽس پڇي وئي. هن وڏيري کي ڳٽڙ واري مڪ وهائي ڪيڏي ۽ ڪيس دسي ڏڪ ٻ هٽڻ لڳو ۽ چوڻ ٻ لڳو ته شرم ڇئي ٿو بيشرم. تون اسانجو ابو امڙ ۽ اسان ڪڙمي تنهنجي اولاد. اولاد سان اهڙو هونو! بي ساڇهه سوئر.

وڏيري وني دانهون ڪيون. ماڻهو پڇندا آيا، ۽ هن کي پڏي ڪٽي ڇڏيو ڪياڻون. ن سان عقوبتون ڪيون ويون. ڏاڙهي پٽي ويس، مچون پٽيون ويس، مار ڏني ويس ۽ نهن کارو ڪري گڏهه تي چاڙهيو ويس. ڪمدار اچي ٽڪ هنيس ته پوتار جي سامهون ٽيو آن پٽسان بي ساڇهه سوئر.

جوٽس چيو، "مان وڏيري وٽ پناهه ۾ رهندس نه ته هي اهو ڪوڙو الزام هٽي ماريندو.

هن وچي پوليس ۾ فرياد ڪيو جتي پنن ۽ پينسلن جو خرچ ۽ پريائين. پوليس جو چڪو هو. جمعدار خرچي گهريس تہ چيائين مون وٽ ڪهڙي ڪيڪ ارڪو ترڪو تہ وڏيري ناس ڪيو آهي خير پوليس چڙهائي ڪئي. وڏيري گاڙها نوٽ ڪيي صوبيدار صاحب جي ڪاوڙ جو ڪانتو ڦيري هن مٿان ڪري ڇڏيو. صوبيدار اٿيو چپي چٽي گار ڏئي وڃي هن جي ڇڻ تي ڪڙڪيو. رتو رت ڪري ڇڏيائينس ۽ پوءِ ٻانهون ٻڌرائي اوندي منهن گاڏي ۾ وجهرائي ٽاڻي تي ڪٽائي ويس جتان پوءِ پوليس جي قسم تي مئجسٽريٽ ۱۰۹ ۾ ڏهہ مهنا ٽيپ ڏنس. چٽي چورهيو.

اڄ هن کي جيل کان موڪلي آڻي ٽيون ڏينهن هو. اڄ عيد رات هٿي ۽ وڏيري کيس جلائڻ واسطي هي چورائي موڪليو هو تہ پيڻ کي عيد تہ ڏئي وڃ. هن کي ٽڙڪي وئي وئي. در تان هٿي وڃي ڇن ۾ اڪل کهاڙي ڪنيائين ۽ دهيل پيرن سان وڏيري جي جاءِ ڏانهن هليو.

چوڏاري گنگهہ اونده هئي. هوا جي سر سر، جهنگ جي جيتن جا مختلف آواز گڏجن جون اونايون ۽ رکي رکي ڪنهن ڪتي جي پونڪ هن جي پريشان ذهن کي وڌيڪ پريشان ڪري ٽي ڇڏيو. هن آسمان ڏانهن نهاريو. تارن ٽم ٽم ٽمي ڪئي. هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ تہ تارن هن تي ٺٽوليون ٽي ڪيون. هن ۾ هڪ بي پناهہ جوش پيدا ڪي اٿيو. تڪڙو تڪڙو وڃي وڏيري جي گهر ۾ پٺيان لوڙهو ٽپي اندر داخل ٿيو. اڳ تي وڏيري کي نہ ڏسي سمجهي ويو تہ ضرور مٿي مازيءَ تي هوندو. مٿي ويو تہ وڏيري کي ڏٺائين جو رن سان پيڙ ڪيو سوئر جي وڇن جهڙين ڇڻ سان ڏور وانگر ڪونگهرا هٽي رهيو هو. پر سان وڃي ڏونڊاڙيائينس ۽ چيائينس تہ ليڊ جوڻهين کي عيد ۽ تو کي پڳ ٻڌائڻ آيو آهيان. وڏيرو جاڳي پيو ۽ هن کي ڏسي سمجهي ويو، هٿ ٻڌي بيهي رهيو تہ معافي ڏي پيرن تي ڪري پوس، تہ رحم ڪري.

هو هن مهل بکايل شينهن هو. پٿر دل هو. وڏيري تي ترس ڪائن لاءِ هن جي دل ۾ تر جيتري به جڳهہ ڪانہ هئي. کهاڙي ايپي ٽي شپڪو ٽيو. رڙ ٽي ۽ سسي وڃي پري ڪري. رن ساهہ جي خوف کان وٽي پڳي. هي به چتي چيتي وانگر چال ڏئي وڃي رن تي ڪڙڪيو. بي رڙ ٽي جنهن سان گڏ هن دنبهو هنيو. وڏيري جي رت پنهنجي شهپرن کي مکي سنڊس سسي کي لت هٽندي ۽ ٽڪ هٽندي ڇيائين بي ساڃهہ سوئر.

●

# گوايل ٽي گهاريان

ساوڻ جي شام هجي سارين جي نسري اچڻ ڪري پٽ اچي ٽي هئي. مڇر بہ گهڻا هئا. ذري ذري ٽي ماس ۾ چڪ وڌائون. مان وهنجي ڏوتل ڪپڙا پائي بصران وارن جي گهر هلي ويس.

هونءَ تہ بصران سڀائين ڪونہ ڪو ڪم ڪندي هئي ڪڏهن چانورن جي ماني ويڙي ٽئي ٽي پچائيندي هئي تہ ڪڏهن ٽانو ويڙي ملیندي هئي تہ ڪڏهن وري رلي ويڙي سبندي تہ ڪڏهن ننڍڙي پٽ ڪي وهنجار يندي هئي تہ ڪڏهن جنڊ ويهي پيهندي هئي. پر اڄ ويڙي مار ڪاڏائين. رمونءَ دل تي پٿي ڏنبا هنيس. رمونءَ جي اکين مان رت پٿي ٽميو سندس زبان تان هڪ گار لٿي پٿي تہ ٻي چڙهي پٿي، "رن وات بند ٽي ڪرين يا اڃان مٿو پڃاڻءَ" ۽ وري ائين چئي رمون پنهنجي مار ڏيڻ ڪي جاري ٽي رکيو بصران جي نرڙ منجهان رت ٽمي رهيو هو اکين مان: ساوڻ جا ڪارا ڪڪر وسي رهيا هئا ۽ زبان تي بي وسيءَ جون دانهون "او رمون— شل خدا بہ اڏ ڪرئي. ڪين بچين شل! مون ڪي مار نہ." بصران ڏٺندي دانهن ڪئي.

مون ڪان وڌيڪ ڏٺو ڪون ٿيو ۽ مان اتان رمونءَ لاءِ اڻاهہ نفرت دل ۾ سانڍي هلي آيس منهنجن اکين مان گوڙها وهڻ لڳا ۽ دل سڏڪي رهي هئي. مان پنهنجي گهر هلي آيس ۽ سڌو مٿي ڪوٺي تي چڙهي ويس ٽيڪي ڪان ٻيهي جبلن جي پٽيان ويندڙ سج ۾ نهارڻ لڳس سج جا سونهري ڪرڻا چمن جي وڻن تي پٽجي رهيا هئا وڻن جو پاڇو اوريان دڳ تي ٽي پيو. ويران ۽ دل ڪي ڏاريندڙ سانجهيءَ ۾ منهنجي دل تان بصران جون دانهون لهن ٽي ڪون پيون. مان هٿن ۾ منهن لڪائي سڏڪا پري روئڻ لڳس. ڏاڍو ڏرنر- روئي روئي جڏهن ساڻي ٽي پيس تڏهن گوڙها اگهي هيٺ لهي ويس ۽ ڪوهہ ٽي هلي ويس. سوچڻ لڳس تہ من اتي دل وندرجي وڃي. اتي وڃي پاڻيءَ واري حوض جي پٽ تي بيٺس ۽ پاڻي پريندڙ عورتن ۾ نهارڻ لڳس. انهن مان ڪي جوان بہ هيون تہ ڪي ٽيهن پٽيهن ورهين جون بہ هيون مرد بہ هئا تہ پار بہ هئا. ٻسر منجهان ٽڏو ۽ شفاف پاڻي گڙ گڙ ڪري وهيو پي ڪن ڪوهہ مان ٻالٽيءَ سان پاڻي پي ڪيڏو تہ ڪي دلا ڪچ ۾ ۽ مٽن ٽي ڪيو گهر ڏانهن پٿي ويون.

"آئي حاڪم هيءَ ڳلي ڳهٽي ورتئي؟" زينب دلو ڪندي چيو.

"سترهين رپئي ادو وٺي آيو هو."

"ادي بصران کي اڄ مڙس ڇا ٿئون پئي ماريو؟" مون حاڪم کان پڇيو.

"الائجي ادي، مونکي ڪهڙي خبر. بصران جو ڪاڪڙو ٻه آهي وڏو سو وات هٿ کان رهي ڪانه ٿي پوءِ مڙس کي اچيو وڃي خار ٿه پوءِ وجهه ڏنڊي ۾ هٿ ۽ ڦاڙ رن جو ٿئو." حاڪم نڪ کي موڙو ڏيندي چيو.

"اِهو ٿه تون ائين ٿي چوين ضرور ڪو سبب هوندو؟"

"ادي صبوح لاکون ٿي چاليهه رپيا گهريئين ٿه جيئن جوا ڪري. تنهن تي بصريءَ چيس ٿه مٺا هڪ ڪمائين ڪون پيو وري ڦرين. شڪر ڪيان جو ادو بيلدار آهي امان وڏيرن وٽ ڪمائي ٿي مان جنڊ پيهان منهنجو پيرسن پيءَ پرايا رونبا لابارا ڪري تڏهن وڃي ڪو بکڻ ڪٽون ٿا بچون نه ٿه جيڪر سپ ماني گهيي لاهه پاٽون ڪائي مرون. منهنجا مائٽ مونکي پالين پر تنهنجي ڇڄن ۽ تنهنجو هنن ڪهڙو ٽيڪو ڪنبون ابي امان تي ڪهڙو ننگ پيو آهي تنهنجن ڇڄن جو. پالين نه پالين تنهنجي جي مرضي، نڙيءَ تي ڪٽي لٽ ڏين ٿه سورن ڪٽون ٿه چٽان. بصران جو ابترو چوڻ رمونءَ جو پادر ۾ هٿ وجهڻ. مڙس کي غيرت وٺي وٺي سو ويچاريءَ کي رتوچاڻ ڪري رکيئن. هي خبر منهنجي رب کي پنهنجو ڪهڙو ڪم جو پراين جهڳڙن ۾ قاسون."

"پوءِ بصران ٻه هروپرو ابترو چوٽي وات ڪري، ڪٽي چويس ها ٿه پيسا ڪونهن."

"ادي تنهنجون گالهيون ٿه هين اجايون سهي سهي ٻه ماڻهو ڪيترو سهندو، ۽ رمون کو ائين مڙڻ وارو آ ڇا جو نه ڪرڻ سان مات ڪندو. مرد ٻه ڏاڍا بيرحم آهن، اصل کهل ڪانه پوندي ائن ٿه کو اولو سولو ڏڪ لڳي وڃي، متان زال وس جهڙي مري پوي ته پوءِ ڇڄن جو پٽيان ڪير ٽيندو. ڏڪ رحماني ڏڪ شيطاني، عزرائيل کو ٻڌائي ٿه ڪون ايندو آ."

سانجهي ٿي وئي هٿي مان گهر هلي آيس. رات منهنجي ڏکي گذري، ڏاڍي اڻ تڻ لڳي پئي هيم ته صبح ٽئي ته بصران کان وڃي پڇان. پروري ياد آيم ته سپاڻي ته اسڪول ڪليل آهي، سو صبح جو ته بصران جن جي گهر ڪانه وڃي سگهنديس. وري ٻه جي وڃڻ ٽيو ته سانجهيءَ جو وڃي سگهنديس، ڇو ته منجهند ڏڪ جو اما اسان کي گهر کان ٻاهر نڪرڻ ڪانه ڏيندي هٿي. اِنهيءَ خيال ايندي ٿي منهنجي دل وسامي وئي ۽ الائي رات جو ڪهڙي وقت سوچيندي سوچيندي ننڊ اچي وئي.

جهونجهڪڙي جو اک ڪليم، ڏڙي اتر هير ڪهلي رهي هٿي. هوا ۾ ڳڻن، ساوڪ ۽ وڻن جي ٻور جو سڳنڌ پريل هيو. چو طرف ساوڪ ئي ساوڪ هجي ۽ وهڙ

واهن جي پاڻيءَ جي گڙ گڙ ۽ ٻيو وري پکين جي چُون چُون. سڄو گوٺ ستل هو صبح جي مانُ ۾ کوه تي بالٽين ۽ دلن جي لڪرائڻ جو آواز ۽ ڪنهن ڪنهن گهر منجهان جلد ٻيهڻ جو آواز هو، جنهن آواز ۾ عورتن جي نماڻائي، سورن پربا سڏڪا ۽ ٻيوسي هئي. گهٽ ۾ گهٽ مون کي نه ائين ٿي لڳو. مان ڏوڙي هيٺ هلي آس، ۽ مون ڏوئي، نه جو ڏنڊ ڏئي پوءِ وڃي مٺ مان ٽڏو پاڻي گلاس پري پيتم. امان ميصلي تي پلتي هڻي عبادت ڪري رهي هئي منهنجي هٿ ۾ ڪتابن جو ٽيلهو هو. امان جي پرسان ڪجهه وقت بيٺي رهيس. امان جي منهن تي ٽڏڙيءَ هير جهڙو سڪون هو، سندس اکين ۾ سمند جهڙي گهرائي هئي. امان مون ڏانهن نهاريو، سندس چپڙن تي مرڪ آپري آئي- الا. امان جي مرڪ ڪيتري نه پياري ۽ مقدس هئي- اِها مرڪ مان اڄ ڏينهن تائين وري ڪانه ڏسي سگهيس. امان مون کي پاڪر ۾ جهلي ويهاريو ۽ مون کيس گهلن تي، پيشانيءَ تي، وارن تي، کوڙ چميو ۽ امان ب. پوءِ مان اسڪول هلي رهيس.

سانجهيءَ جو مان بصران جي گهر وياس. بصران مال جي اکيان دونهي ڀٽي ڏکائي، سندس اکين ۾ دونهين جي ڪري ڳوڙها پرجي آيا هئا، جيڪي گهلن تائين وهي آيا هئا.

ادي ءَ ڏرڙل هوندي ءَ بصران جي منهن تي ڏاڍي گنيرتا هوندي هئي. مون نه بصران کي همينه مڙس کي ڏيندي ڏٺو، بصران کي به ڪندي وٺندي هئي ۽ مڙس جا سور به ڀٽي روئيندي هئي، ۽ رکي رکي ڀٽي چنبا ڪٽي منهن ۽ ستڻ تي زور ڀيان هڏندي هئي. سائس گهاڻائڻ تي، منهنجي همت ٽٽي ڪانه ٽيندي هئي چو نه هوءَ سدائين ڪمن نه ڪنهن ۾ هئي. هن جا ٻچا سدائين بکيا ۽ اڻگهاڙا هوندا هئا. مان وڏيري جي ڏيءَ هيس. هن جي دل ۾ پاڻ لاءِ ڏڪار پيدا ٿي پوندي هئي. بصران جي گهر ويندي ۽ ڏکويل بکويل خاندان کي ڏسي، منهنجو ضمير مون تي لعنت ملامت ڪندو هو ۽ منهنجي دل ويران ٿي ويندي هئي. ان وقت منهنجي روح کي هزارين ڪو ليون اچي چهٽندڙون هيون.

ادي بصران هينئر ٽالهه ۾ پڙو پت وجهي ڪٽي اڇي پٽ کي ڪاراڻ لڳي. "ادي بصران. ڪالهه توکي رمون ايترو چو ٿي ماريو؟" مون ڪٽ جي پيراندي ۽ ٿي ويهندي چيو.

"امان، مڙس آهي، وٽيس نه ماري، وٽيس نه جيئاري." "پر ادي بصران، اهو نه نسورو ظلم آهي، توکي پاڙي پتيءَ کي دانهن ڏيڻ کپي." ادي منهنجي، تون ٻار آهين، توکي ڪهڙي خبر نه مڙس جي مار ۾ ڪهڙو مزو هوندو آهي. تون وڏي ٿيندين ۽ نه خبر پوندءِ!"

مان حيران بنجي، سندس منهن ۾ تڪيندي رهيس جو سڄو سڄيل ۽ چڄريل هو. مون ڪجهه گهاڻائڻ جي ڪئي، پر سندس چهري تي نفرت بجاءِ ظالم مڙس لاءِ محبت جا جذبا ڏسي، چپ رهيس. (شايد عورت جو اِهوئي مقدر آهي.)

# موهن جو دڙو

## (باب ستون)

⊙ سون ميائيءَ جي اها شام ڏاڍي سونهن پري هئي.

پري تمام پري، الهندي جي هن:ار، جتي ڌرتيءَ ۽ آسمان جو سنگم ٿئي ٿو. سونو روپو سج هيٺ پاتال ڏانهن لڙي رهيو هو. جيستائين نهار ٿي وئي، سائيءَ وڻڪار ۾ گهيريل سون ميائيءَ جا رنگ رتول، محل ۽ ماڙيون، ٽڪاٽا ۽ ٽيڪاهيون، اوڏ ۽ اڏاٽا، پوڄا پاٺ ۽ گهاٽ، جايون ۽ جهروڪ، بندر باغ ۽ هزارون ڪنهن پوڄاريءَ جي سرڪ جي سپني جيان جڳمڳائي رهيا هئا. سنڌو گهاٽ تي هزارها ماڻهن جو ميڙ متل هو. رنگين پڙن ۽ ساڙهين ۾ ويڙهيل نينگريون ۽ ناريون، هرطرف کان پنيورين وانگر پٽي پريون، سارو وايو مندل گهنڊن جي گونجار، چيرين جي چمڪار، دهلن جي دمادم ۽ پوڄارين جي ياترائن سان گونجي رهيو هو- سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن کان ٻيڙن ۽ هوڙهن جا رنگين سڙهه، ڏينڌ تي لٽل اپسرائن جيان نچي رهيا هئا. هر شي سپني هاٿي ٿي لڳي.

اڄ سون ميائيءَ ۾ مهاويد آتم تارا اچي رهيو هو. تنهنڪري سڄي سون ميائي، مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ سميت سندس آجيان لاءِ سنڌو گهاٽ تي اچي هيڪاندي ٿي هئي. مهاويد کي سنڌو آڪاڙ لاءِ مهاراجا جي هنجهه نما رنگين هوڙهي کي مينگاري، سنڌوءَ جي پرئين پار پٽ تي ٻيهاريو ويو هو ۽ سڀ سون واسي سندس واڌون واجهائي رهيا هئا. جيئن ئي مهاوند آتم تارا جي پلن ڏڪن واري گاڏي ڏوڙ اڏائيندي، سنڌوءَ جي ڪنڌي تي آئي. پوڄارين سنک وڄايا. سندس وات ۾ ٻنهي پاسي کان بيئل لڇمڻ لڇمين ۽ وڏ گهراٽن ڪنڌ جهڪائي، هٿ ڦهلائي، ڪيس پليڪارون ڏنيون. ديو داسين ۽ پوڄارڻين مٿس گلن جي ورکا ڪئي. سون ميائيءَ جي مهاراجا جي نديءَ ۾ سورهيه پهلواڻ، جڏ اگهواڻ لڇمڻ جام سرواڻ، ڪڪ جي وڏي جٽي سان پنهنجا ڪرڪ، ڪلول، ڪتارا ۽ بڇ نوائي، ڪنڌ جهڪائي، سندس آجيان ڪئي. آتم تارا پنهنجي نديءَ جي سائيءَ، جام سرواڻ، کي ڏمي خوشيءَ کان ڪپڙن ۾ ننڍي ماپيو. لڇمڻ جام سرواڻ وري به سندس آڳيا ۾ گوڏن پر بيهي، رڪ جهڙين سگهيارن وٽيل ٻانهن کي

ڦهلائي، ڪنڌ جهڪائي چيو تہ' اي سون ميائيءَ جا مهاويدا! تون پلي آئين، جيءَ آئين، اسين سڀ تنهنجيءَ آجيان ۾ سر نوايون ٿا، جو تنهنجو مان سيني لڇمڻ ۽ لڇمڻين کان مٿانهون آهي، سون ميائيءَ جي ديوتائن تنهنجي سر تي مهاتمائن جو ڇٽ رکيو آهي.' آتم تارا ب هانهون ٻڌي ڪيس پرنام ڪيو ۽ چيائين تہ، اي سون ميائيءَ جا ڏڳ پهلوان، جڏ اڳواڻ، توکي ڏسي اسان کي خوشي ٿي آهي جو تون سون ميائيءَ جي سرحدن جو رکوالو آهين. هن ڏرنيءَ تي ڪنهن ماءُ اڃان اهڙو پٽ نہ ڄڻيو آهي، جو تنهنجي آڏو هام هڻي! اي ڏرتيءَ جا ڏگ، سون ميائيءَ جا راکي ۽ ساکي، آءُ، مون سان پاڪر پائي مل، توکي پاڪر پائي مون کي شڪتي ملندي آهي تہ سنڌو ڪيڏي نہ سگهاري آهي. ٻئي هالا ڀڃ جا ساڻي، هڪٻئي سان پاڪر پائي مليا. پوءِ آتم تارا پٽن تي آيل سيني ماڻهن ۽ منڊين کي هٿ لوڏي اشيرواد ڏنو ۽ پري ندييءَ جي هن پار سنڌو ڪناري ڏانهن نهارڻ لڳو، جتان هزارهن آوازن جو پڙالو اچي رهيو هو. ندييءَ جي هن پار جيستائين نهار ٽي وڃي، سنڌوءَ جي بچا بند تان سنڌو گهاٽ جي رنگين ديوارن اڳيان، جاين ۽ رنگ رتولن جي چٽين مٿان، رنگارنگ وڻن ۾ ويڙهيل هزارها سون واسي، رالين مڙهين ٻارين سندس آجيان ۾ هانهڙيون لهرائي، شور مچائي رهيا هئا. هر طرف رنگيني هئي، جڏ آسمان مان ڪنهن هزارها رنگن جا ديا، هيٺ ڏرتيءَ تي پلٽائي ڇڏيا هئا. سنڌوءَ جي اورينءَ پر تان سون ميائيءَ جو رنگين چهچٽو پسندي، آتم تارا جو من ٽي نٽي پريو! هو سڪايل اکين سان سنڌوءَ جو چهچٽو ڏسندي سوچڻ لڳو. هيءَ سنڌو هر واري نوان چهچٽا چٽيندي آهي، روز نوان سينگار ڪندي آهي. هي سڀني جو ديس آهي. سونهن ۽ سندرتا جي وستي ۽ ديوتائن جي ڏرتي آهي. اها ڏرتي، جا سيني کان آڳاهين آهي؛ جتي سڀ کان پهرين ديوتائن جنم ورتو؛ جنهن کي سڀ کان ديوتائن سينگاريو؛ جتي سڀ کان پهرين رشين ناد ۽ نگد جو استيتون جهونگاريون. هيءَ اها پلاري پوڻ آهي، جنهن مان فن، وديا، امن ۽ سندر سيبتا جون رٽون وهي نڪتيون هي اها ڏرتي آهي جني سڀ کان پهرين چرخو چريو، ارٿ ۽ هر هليو، چڪو ڦريو، هي ڏرتيءَ جو سرڳ آهي. سنڌو ديش مهان.... سنڌو ديس مهان! آتم تارا ڪيتريءَ دير تائين سون ميائيءَ جو سپني سمان چهچٽو ڏسندو رهيو. جيتوڻيڪ سندس ساري چمار سون ميائيءَ ۾ گذري هئي. هو، انهيءَ ٽي ننگريءَ ۾ ڄائو ۽ نپنو هو، انهن ٽي رنگ رتولن ۾ لڇمڻ لڇمڻين ۽ جيڏن سرتن سان راندين ڪندي ساماٽو هو. انهيءَ ٽي سنڌو گهاٽ جي ديوارن ۾ هزارها ماڻهن حي وچ ۾ مهاراجا ڪيس گهرائي سندس سر تي مهاتمائن جو ڇٽ رکيو هو. پر پوءِ ب اڄ اڻين ٽي ياسيو، جڏ. هو اڄ انهيءَ نديءَ ۽ انهيءَ ننگريءَ کي پهرين پيرو ڏسي رهيو هجي. هنجي رڳن ۾ رت جو دورو جڏ تيز ٽي ويو جڏ کا ڪشش هئي جا ڪيس سنڌوءَ

---

(۱) ناد ۽ نگد، رگويد کان ب آڳاتا ڪتاب، جن لاءِ رگويد ۾ ڄاڻايل آهي تہ هڪ وڏيءَ مها- پرلئ ۾ ناس ٿي ويا.

ڏانهن ڇڪي رهي هئي ۽ هو سنڌوءَ جي ڪنڌي تي اڇي ٻڪي ٻانهون ڦهلائي، سنڌوءَ کي پوڇيندي، چوڻ لڳو تہ "او سنڌو! تون ڏرتي ماتا جي همالہ ڇاتين مان مٺيءَ امرت جي ٽڇ ڪٽي، سون ساڻيهہ ڏي، جا ديوتائن جي ڏرتي آهي، کير سان ڀريل سوٽاگاڻءَ جيان رنيندي ڊوڙين ٿي، ۽ سون ساڻيهہ جي ٽرن برن ۾، جي ڏرتيءَ جو سرڪ آهن، ڇلڪندڙ کهاکهر جيان پلٽي پوين ٿي تنهنجو پاڻي اکٽ آهي."

او سنڌو، تون ڏرتيءَ تي سيني ندين جي مهاراڻي آهين. ستادرو، پروشني، وتستا، گومل، اسڪني، ڪيا، اوارگيڪا، ڪرمو، سويتي، گنگا يمونا ۽ سپ توکان پٽيان آهن تون سيني جي اڳواڻي ڪرين ٿي، کا چرندڙ شي تنهنجي وهڪ کي نٽي رسي. تون سيني کان اڳاهين آهين.

"او سنڌو، تنهنجو پاڻي سيني ندين کان روشن ۽ اجرو آهي، تون پنهنجي چمڪندڙ نجلا ڏيندڙ لهرن ۾، سون جا ذرڙا ڀري، اسان جي ڪيتن لاءِ مٽن ميون ۽ سونسن سنگن جو انعام" آڻين ٿي، تون سيني ندين کان مٿان ۽ شاهوڪار آهين(۲)

"او سنڌو، او فن ۽ ودیا جي ديوي، سپ ديويون ۽ ديوتا توکي پوڄين ٿا. مان تنهنجي پلاري پوڻءَ کي چميان ٿو ۽ تنهنجي پوڄ پاڻيءَ کي سجدو ڪيان ٿو! آتم تارا سڪ مان نيوڙي سنڌوءَ جي چمڪندڙ واريءَ کي چمي، وڏا وڏا سجدا گهورڻ لڳو. سندس پٽيان ٻيڙل پوڇارا، وڏا وڏا سنڪ وڄائڻ لڳا، ۽ سپ سندس پٽيان ٻيهي سنڌوءَ جي شيوا ڪرڻ لڳا. پوءِ ڪڪ جي جٽي سندس اڳواڻي ڪئي ۽ هو لڇمڻ چام سرواڻ سان گڏ هلندو، پٽ تي ٻيهاريل مهاراجا جي وڏي هوڙهي ۾ آيو. وانجهين ونجهہ هلايا، سنڌوءَ جي ترورا ڏيندڙ چر مٽان سندن پٽيان ڪيترين ڊوندين ۽ پڙين، ديرڪندين، جهجي زور تي جنبنديون، سنڌوءَ جي وڏي پيٽ جي تار ترنديون، هن پر سنڌو ڪهاٽ ڏانهن وڌڻ لڳيون. سنڌو ڪهاٽ تي هزارها آوازن جو شور پٽدا ٿي ويو. پٽ تي ايندي ٿي ماڻهون مٿس مڪڙن جيان مڙي ويا، هر ڪنهن کيس ويجهو کان ويجهو ٿي پسڻ چاهيو، هر اک چڙ سندس درشن لاءِ ماندي هئي. پوڙهين سندس سر تان ٻانهون گهوريون، سهاڳڻين کجي کجي سندس چرنن ۾ گل گهوريا، ڪنوارين موهت ٿي مٿس چندن، ڪپور، سندر ۽ سرهاڻين جي ورکا ڪئي؛ جوانن ٻانهون ڦهلائي ڪنڌ جهڪائي، کيس پلڪارون ڏنيون، گلن جهڙن ٻارڙن ڊوڙون پائي سندس هٽن کي چميون ڏنيون، ۽ پوڙها به سندس آڏو جهڪندا رهيا. آتم تارا، لڇمڻ چام سرواڻ سان گڏ پنهنجي ٺاهوڪي لڇمڻ واريءَ لوڏ سان هلندو، ٻارڙن جي سر تان پيار جا هٿ ڦيرندو پنهنجي سونن ڪڙن ۽ ڪنگڻ واري ٻانهن مٿي لوڏي سيني کي آشيرواد

---

(۱) اهي درياه هن وقت ستلج، راوي، جهلم، گومتي، چناب، ڪابل بياس، ڪرم، سوات، جمنا. جي نالن سان سڏجن ٿا.

(۲)سنڌو جي پوڄا، استتي رگويد مان ورتل آهي.

ڏينڊو، سنڌو ڪناڻ جي وڏن ويڪرن پڪ سرن ڏاڪن تان هلندو، مٿي وڏي ويڪري سنڌو ڪناڻ جي ديوارن ۾ آيو. هن جي ايندي ئي سڀ لڇمڻ لڇمڻيون، پوڃارا پوڃارڻيون ديوان، داڑا، مڪي، وڏوان، راڄاڻ، جڏ اڳواڻ، وٽجارا، وڏ ڪهاڙا سندس آڳيا ۽ پنهنجن آسڻن تان اٿي بيٺا. سارو سنڌو ڪناڻ، پليڪارن جي آواز سان گونجي ويو. ڪو مهاراجا ۽ مهاراڻي وڏي سونهري پنڊال ۾ رکيل اوچي تخت تي پنهنجي راڄاڻي ٽڪ ۽ ڏيا سان ويٺا هٿا. پنهي جا سون ورنا پٽ پٽيهر وگها، اپرندڙ سڄ جيان چاٽون هٽي رهيا هٿا، پنهي جا مڪڙا گلاب جيان ٻئي ڀهڪيا. جيئن ديوتائن جي دربار ۾ وڃبو آهي. آتم تارا نهايت ئي ادب سان هٿ ٻڌي پوڃارا پير پرينڊو، مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ آڏو آيو ۽ گوڏن پر بيهي چيائين:

"اي سون ميائيءَ جا سرواڻ، دراوڙن جا اڳواڻ شال اوهان جو تخت سدا اوچو هجي. شال سون سائيءَ جي پرٿويءَ تي سدا سڄ جيان چمڪو، شال اوهان جا ڪيت سدا ساوا، آٽ اجرا ۽ سڙهه سوايا هجن، جو اوهان هن ڌرتيءَ تي امن ۽ اهنسا جا ڏٽي آهيو. مان پنهنجي مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ آڏو سر نمايان ٿو. اٽين چئي، هن مهاراجا ۽ مهاراڻي آڏو ٻانهون ڦهلائي سر نوايو. مهاراجا ڏاڍي پيار سان ڏانهس نهاريو ۽ تخت تان لهي، مٿاهنس ٻاجهارو هٽ ڏڪيري، چيائين، "اي مهاتما! تون پلي آئين، جي آئين، اسان جو اڪيون ڏڏيون. اسين تنهنجي ٻڌادار مڪٽ ڪي چمون ٿا، جو اسان جي ابي سون ميائيءَ جي مهاراجا جادام ديو، تنهنجي سر تي رکيو جو مهاتمائن جو نشان آهي. تون پلارا پير پري اسان جي آس آيو آهين. مهاراجا نوڙي سندس نرڙ تي ٻڌل سونهي سر جي ماٽڪ ڪي چميو. آتم تارا جي ڪارائيءَ ۾ ٻڌل سڇلين ڪوڏين جڙيل سهاڳ جو ڳانو ڏسي خوشي کان ڪرڪڙ ٿي ويو ۽ ڏاڍي پاهوم سان سندس ڳل چمندي چيائين، "اي ڳاڑهـا گهوٽ، هي تنهنجي هٽ ۾ سهاڳ جو ڳانو ڪنهن ٻڏو آهي، اسان ڪي ان سونهن جي ديويءَ جو نانءُ ٻڌاء، جنهن تنهنجي من ڪي موهيو، اسين اها لال ڪنوار پنهنجي هٿن سان توڪي پرٽائي ڏيندا سين. مهاراڻيءَ جي ڳالهه تي سڄي سٽ ۾ سس پس پڏا ٿي وئي. سڀ سندس ڪارائيءَ ۾ ٻڌل ڳاني ڏانهن نهارڻ لڳا. مهاراجا به ڏاڍو خوش ٿيندي چيو، "مهاويد آتما، تون اسان کي پنهنجي نندي پاءُ، لڇمڻ جام سرواڻ جيترو پيارو آهين، اسين پاڻ هلي ملي تنهنجو سڳـو گهرنداسين، سون ميائيءَ جـي وڏي پوڃاگهر ۾ پنهنجي هٿن سان تنهنجون لائون لهنداسين. اسان کي ان مهاديويءَ جو نانءُ ٻڌاء، اسان کي خوشي ٿيندي" آتم تارا، مهاراجا ۽ مهاراڻي آڏو جهڪيل ڪنڌ سان چيو تہ "مهاراجا، شيوا ديجي اپسرا آهي، هوءَ واهوندي وسنديءَ جي مکي پنداري سنمبارا جي وڏور ڏي آهي." آتم تارا جي ڳالهه تي مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ هڪ ٻئي ڏي نهاري مرڪيو. مهاراجا چيو "آتما، اسين

---

جادم= جام

مکي پنڌاريءَ کي سڃاڻون، هوسنمبارن جي وڏ گهراڻيءَ آکيڙ ۾ ن آهي. اسان ان نرتڪي نينگريءَ کي ب ڏٺو آهي، هو سچي بہ اپسرا آهي. اسين پنڌاري سنمبارا ڪان شيوا ديجيءَ جو سڳ پاڻ هلي ملي گهرنداسين. هوءَ سون ميائيءَ جي راڄ رتولن ۾ راڄ ڪندي، مهاديوين جي ٽڪ سان رهندي، اسين راڄ ۽ پاڳ جو در مٿس کولي ڇڏيندا سين.

"مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ جون وڏيون وڏيون مهربانيون!" آتم تارا ڪنڌ جهڪائي ٿورائتو ٿيو. پوڃارڻين جا منهن خوشيءَ کان ٻهڪي ويا، لڇمڻ ۽ لڇميون هڪ ٻئي ڏي نهاري مرڪڻ لڳا. آتم تارا جي وهاڻءَ جي خبر سنڌو گهاٽ جي اندر توڙي باهر سرهاڻ وانگي پکرجي وئي. هر طرف خوشيءَ جو هولريو مچي ويو. پوءِ مهاراجا ۽ مهاراڻي آتم تارا کي لڇمڻ چام سرواڻ سان گڏ هڪ پلي بگي هاڻيءَ تي وهاري وڏي ٽٽ ۽ اڊمبر سان راڄ رتول وڻي وڃڻ لڳا. سنڌو گهاٽ کان ڇڻ ڪا ڇڄ نڪتي آهي. اڳيان پوڃارا ۽ پوڃارڻيون ڏيندي سنڪي، ۽ ساز وڄائيندا هلي رهيا آهن. انهن جي پٺيان پلن بگن ڏاندن تي هٿيارن پونهارن سان ويڙل سون ميائيءَ جي ڪڪ جو هڪ وڏو ڇٽو آهي. انهيءَ جي پٺيان مهاراجا، مهاراڻي، لڇمڻ چام سرواڻ، مهاويد آتم تارا ۽ مهاپوڃاريءَ جا هاڻي آهن. انهن جي پٺيان سوين پلن گهوڙن واريون رٿون ۽ ڏاند گاڏيون آهن ۽ هزارها سون واسين جون قطارون آهن. شام جي اوندهه ڦهلجندي ئي، سون ميائيءَ جي وڏين ويڪرين پڪ سرين سهڻين سڙڪن جي ٻنهي پاسن کان گهر گهر آڏو، وڪ وڪ تي روشن دانن ۾ هرندڙ اماڙيون کوڙيون ويون آهن. هزارين ماڻهون مهاويد جي خوشيءَ جو جشن ڏسڻ لاءِ گهرن جي درن ۽ ڇتين تي ميڙ ٿيو ٻيٺا آهن. مهاراجا جو سات جتان جتان روشن گهٽين مان گذري رهيو آهي، هزارين ٻانهون هوا ۾ لهرائين ٿيون، خوشيءَ جي آوازن جا پڙالا گونجن ٿا. گهرن جي ڇتين تان چندن، ڪپور، سندر، چانور ۽ ڦلن جا مينهن وسن ٿا. چونڪ چونڪ جي پنڌالن تان نٽ راڻيون ۽ نرتڪيون، جهمر پاءِ، پڙا نچايو، پنهنجي نرتڪين ادائن سان پيون پنهنجي مهمان جي آجيان ڪن. سنڌو گهاٽ کان راڄ رتول تائين روشنيءَ جون لاٽون آهن، دهل ۽ دمام آهن، خوشي جا پڙالا آهن. هاڻي مهاراجا جو سات سپنن جي ڇڄ جيان وڏي اشنان گهر وٽان ڦرندو، چوڏهينءَ جي رات جيان روشنين سان سجايل راڄ رتول ڏي مڙي رهيو آهي. وڏي اشنان گهر جي چوڌاري خوبصورت رنگين دڪين تي ڪير جهڙن اڇن وڳن ۾ ويڙهيل ديوداسيون، سپنن جي اپسرائن جيان ٻانهون ڦهلايو، ڪڇو، ڪڇو مرڪيو مرڪيو، پيون پليڪارون ڏين. هر طرف سپني جو سمان آهي. ڇڄ هي جيون هڪ سندر سپنو آهي، ڪڏهن نہ ڇڄڻ وارو سپنو، ڪڏهن نہ ختم ٿيڻ وارو سپنو!

●

## باب اٺون

ان رات راج سيا ۾ وڏي محفل متي. مهاراجا ۽ مهاراڻي هٿن ۾ سونا بٽيچ ڪنيو، پنهنجي اوچيءَ راج گديءَ تي براجمان هٿا. سندن هڪ پاسي ڪان اوچن آسڻ تي جڳن جو جهونو پوڙهو، مهاپوچاري ۽ آتم تارا ويٺل ها تہ ٻئي پاسي ڪان لڇمڻ چام سرواڻ ۽ مهاراجا جو نندبو چٽن ورهن جو پٽ، مهراڻ مينڊرو، ويٺل هٿا. سپاجي ڊگهين ديوتائن جون رنگين مورتيون آڪريل ديوارن جي هڪ سيڊَ ۾ اونڌن گوڏن پر سون ميائيءَ جا لڇمڻ، مکي، ٻاوا راڄاڻ، وڏوان ۽ داڙا ٻانهون ٻڌيو ويٺا هٿا تہ ٻئي پاسي ڪان سون ميائيءَ جي ڪڪ جا اڳواڻ، راج رکوال، جنگ جواڻ ۽ جوڌا پهلواڻ ويٺا هٿا. ساري سيا ۾ چٽني پاسن ڪان ڏيٽن ميڙ بتين ۽ ديوان اماڙين جي روشني هٿي. چپ چپات هٿي، بيچيني ۽ سوچ هٿي. مهاراجا سڄي سٽ تان نظرون ڦيرائيندي، مهاويد آتم تارا ڏي نهاريو ۽ نهايت ئي گنهيرتا سان چيائين:

"مهاويد آتم تارا! اسين ماڻهو جي اندر جو ڳجهہ جاڻون ٿا، تنهنجو اڪيلي سر هي پوهہ جو ستاڻو پنڌ، تنهنجي چهري تي هي سوچ جو ريکائون، ڪنهن ڳجهاندر ڳالهہ ڪان خالي ڪونهن. توکي پڳهہ تي ڏسي، اسان کي پتڻ پتا تہ تون وڏو آهر ڪٽي آيو آهين." مهاراجا جي ڳالهہ تي سڄو سٽ، آتم تارا ڏي نهارڻ لڳو. آتم تارا پنهنجي جهڪيل ڪنڌ متي ڪيو ۽ مهاراجا آڏو گوڏن پر ويهي، هٿ ٻڌي پنهنجو سر نوايو ۽ چيائين، "مهاراج، اوهان ديوتائن جي شڪتي آهي. اوهين سمنڊ جي پاتال جو ڳجهہ جاڻو ٿا، مان وڏي مام پروڙي آيو آهيان."

"اسان کي ٻڌاءِ مهاتما، اوهان جي هر ڳالهہ غور سان ٻڌي ويندي." مهاراجا جي ڳالهہ تي سڄي سيا بيچينيءَ سان آتم تارا ڏي نهارڻ لڳي. آتم تارا، مهاراجا آڏو پنهنجو منهن متي ڪيو ۽ وڏي واڪ چيائين، "مهاراج، آريہ اسانجا ويري آهن. اسان هنن سان دوستي جو هٿ وڌايون، يا سگابنديون ڪيون، آريہ اسانجا ڪڌهن بہ ڪون ٿيندا، آريہ ڏينين جو مانارو آهن، انهن مان مٺي ماکي ڪڌهن بہ نہ جڙندي، ڪاربهر جي ڇڇي ڪي ڪيترو بہ امرت پياريو وڃي، پر هنجي وڇن جو زهر ڪڌهن بہ ختم نہ ٿيندو."

"مهاويد! تون چا ٿو چوڻ چاهين." مهاراجا بيچين ٿيندي چيو، "مهاراج، ڏامي جو راجا ديوداسا، آرين جو سپ ڪان وڏو هامي ٿي ويو آهي. هن آرين کي پروشنيءَ (۱) ۽ (۲) وستتاتي پڙاءُ وجهڻ جي موڪل ڏني آهي، اندرا ۽ اگني ديويءَ جي پوجارڻ آهي." آتم تارا جي ڳالهہ تي سڄيءَ سٽ ۾ بيچيني ڊوڙي وئي. مهاراجا جي منهن تي بہ گهنڊ پٽجي ويو هو ۽ نهايت ئي گهري ۽ وڏي آواز سان چيائين، "مهاويد! ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي، سون ميائيءَ جي مهاراجا جي موڪل کانسواءِ ڪوبہ دراوڙ راجا اهڙو اڳرو پير نٿو کڻي سگهي."

---

(۱) پروشني = راوي (۲) وستتا = جهلم.

"مهاراج مان چگيءَ پيٽ ڪجهه پروڙي آءُ-و آهيان. ٽامي جـو راجـا چئن جڏ اڳواڻن کي جي آرين جا حامي نہ هٿا مارائي چڪو آهـي. ٽامي جي ڪيترن جڏ اڳواڻن، وڏ وانڻ ۽ رکوالن کي اوڏاهين بند جـي ڪوڙين ۾ پوريو ويو آهي."

"ايءَ چا ٿو چوين مهاويد؟" مهاراجا ڪاوڙ مان وڏي رڙ ڪندي چيو.

"مهاراج، آريہ سنڌو سائيہ تي ڏاڪو چمائڻ جا سپنا ڏسي رهيا آهن. هو وري مهاپاري جنگ لاءِ ڪر کڻي رهيا آهن ۽ ٽامي جي راجا کي پلا گهوڙا آڇيو، سوم رس جا پيالا پياريو، پٽيون پڙهائي، پروشني ۽ وستا تي جي ڪنڊين تي مڪڙن جيان پڙاءُ وجهي رهيا آهن. مهاراج! اڄ آريہ پروشنيءَ نائين پهچي ويا آهن نہ سپائي سنڌو سائيہ تائين بہ پهچي ويندا." ان ويل لڇمڻ چام سرواڻ ڏنهنجي آسڻ تان پڙڪو ڪائي اٿيو ۽ شينهن وانگي گجگوڙ ڪندي چيائين:

"مهاراج! مان مهاويد آتم تارا جو حامي آهيان. اسين آرين کي ابن ڏاڏن کان سڃاڻون ٿا، اسان آرين تي ڪهڪاءُ ڪائي ڪين چام دواپي، ورووڻا ۽ ڪيا وارا پٽ ڏئي چڪا آهيون. ان لاءِ نہ آريہ ديس ۾ برف پوي ٿي. اناج نٿو اُڳهي، اسان آرين سان وڙا وڙ ڪيا. ان جي اجوري ۾ آرين دراوڙن جي وستين سان جي هاڃا ڪيا، سي وسارڻ جوگا نہ آهن. آريہ، اگنيءَ جا پوڃاري آهن جا ننگرين کي ناس ڪندڙ آهي. اوهان هنن جي اندر ۾ هرندڙ لوپ، اهنڪار، ڪروڌ، موهہ ۽ انياءُ جي باهہ کي ڪڍهن بہ نہ وسائي سگهندا، هو سڄڻ جي سڄي ڀانهن ڪائڻ وارا آهن، بگهڙ جي ڇڄي ۾ ڪڍهن بہ چيلڙي وارو ڪڻ پئدا نہ ٿيندو، هو بي وڙا ۽ بي پاڙا آهن ۽ اڻ سڌريل آهن. هو اسان‌جا ڪڍهن بہ ڪونہ ٿيندا. آريہ جي اڻين ٿي وک وڌائيندا رهيا تہ پوءِ سمجهو تہ سنڌوءِ سپيتا جي ڇاڻيءَ جو سنک وڳو آهي." لڇمڻ چام سرواڻ جي ڳالهہ تي ساريءَ سپا ۾ سنسو ڦهلجي ويو هرهڪ مک تي ڳوڙهيءَ سوچ جون ريکائون ڊوڙي ويون. جهوني مهاپوڃاري جي اکين جا دوڏا بہ ڪنهن ڳوڙهي ويچار کان گهنججي ويا. سڄيءَ سپا ۾ بيچينيءَ جي لهر ڊوڙي وئي هئي. "مهاراج اسان کي آرين جو زور پيڙو پوندو، انهيءَ ۾ ٿي اسان جي پلائي آهي." هڪ مکيءَ سٽ ۾ آٿي گوڏن پر بيهي چيو ۽ ڏنهنجي آسڻ تي ٿي ٻيٺو رهيو.

"ٽامي جي راجا کي ڪوبہ حق نٿو پڄي تہ هو اڻين دراوڙن جي وسندين جا آرين سان سودا ڪري. هن سون سپائيءَ جي قانون جي پڇ گهڙ ڪئي آهي." هڪ جنگـي اڳواڻ ڏنهنجي آسڻ تان گوڏن پر آٿي ٻيٺو.

"آريہ اسان‌جي سندر سپيتا کي ناس ڪرڻ ٿا چاهين، اسان جو جياپو انهيءَ ۾ ٿي آهي تہ آرين سان مهاپاري جنگـي ڪري، ڪين ڏنهنجي ملڪ مان تڙي ڪڍون." هڪ نوجوان لڇمڻ ڏنهنجي آسڻ تي گوڏن پر پيٽ تي هٿ ڏئي اٿي ٻيٺو.

"پروشنيءَ تي پڙاءُ آرين جي وڏي ۾ وڏي سوڀ آهي." پري کنڊ مان ڪٽان آواز آيو.
"آرين سدائين اسان جي وسندين تي چٽن نهارن جيان اوناڙيون ڏئي، حملا ڪيا آهن، آرين کي جڏهن به وجهه مليو ته هو وڏو ممڻ مچائيندا."
"اسين مهاويد آتم تارا ۽ لچمڻ چام سرواڻ جا هامي آهيون." رکي رکي هڪ ٻئي جي پٺيان راج سڀا ۾ آواز ايندار هيا. مهاراجا هرهڪ کي غور سان ڏسندو رهيو ۽ ٻڌندو رهيو. سندس ڳوڙهيءَ سوچ ۾ ٻڏل نظرون راج سڀا ۾ بيٺل هڪ هڪ رتن تان ٽيندیون مهاپوڄاريءَ تي اڇي بيٺيون. مهاپوڄاري چپ هو. سندس چهرو سنسان ۽ بت جڙ پٿر جي اهوڙيل مورتيءَ جيان پنڊ پهڻ ٿي ويو هو. مهاراڻيءَ جو لال گلابي چهرو به ڪنهن انهوي ڏهڪاءُ کان ڪومائجي ويو هو. سڃيءَ سڀا ۾ جڙ موت جي ماڻ ڇائنجي وئي هئي.
"مهاپوڄاري! اوهان چپ ڇو آهيو؟ اوهان به ڪي ڳالهايو؟" مهاراجا جي ڳالهه تي مهاراڻي ۽ ساري ست مهاپوڄاريءَ ڏي نهارڻ لڳي. پنڊ پهڻ جيان ويٺل جهوني مهاپوڄاريءَ هڪ اونهون ساهه ڪنيو، سندس سنسان کوهن ۾ گهڙيل اکين ۾ جڙ ساهه پٽجي رهيو هو. ڪن لاءِ سندس ڏکي چهري تي ڪا ڏکوئيندڙ ڪسياري مرڪ، رانپات ڪندي آئي ۽ چهري جي اٽاهه گهنجن ۾ ٻڏي وئي ۽ هر ڪمزوريءَ کان ڏڪندو پنهنجي آسڻ تان اٿيو ۽ نهايت ئي گهگهي گڙگڙائيندڙ آواز سان چيائين، "آءٌ ڇا ڳالهايان، مهاراج ۽ ديوتائون پنهنجي ڀاڄهه ڪن، باهه ۽ پاڻيءَ جو سنگم ڪڏهن به نه ٽيٽو آهي." مهاپوڄاري ڪنڌ جهڪائي چپ ٿي ويو. مهاراجا مهاپوڄاريءَ ڏانهن نهارينديءَ هڪ وڏو اونهون ساهه ڪنيو ۽ پنهنجي اوچي راج گديءَ تان آٿي بيٺو ۽ ساريءَ سڀا ڏانهن نهاريندي نهايت ٺيءَ گنبير، گجندڙ ڏڪي ۽ سانتيڪي آواز سان چيائين،
"اسين آرين سان پڄڻ وارا آهيون، آرين سان اسان جي جنگ آدجگاد کان جاري آهي. اسان کي ڏڪ رکو ان ڳالهه جو آهي ته تامي جي راجا اهڙو ايڏنگو پير ڇو ڪنيو. ان لاءِ تامي جي راجا کي سون ميائيءَ جي راج سڀا ۾ پيش ٽيٽو پوندو، اسين آرين لاءِ سوچيندا سين، اسين هن ڏرتي تي جنگ نٿا چاهيون. اهنسا اسان جو ڌرم آهي، پر جي اسان کي پنهنجي جياپي لاءِ آرين سان مهاڀاري جنگ به ڪرڻي پئي ته اسان جنگ به ڪنداسين، اسين پنهنجي ديس جي بچاءُ لاءِ، پنهنجي هندورن ۾ لڏندڙ ڀارڙن لاءِ سوچيندا سين. سڀاڻي رات اسان سون ميائيءَ جي وڏي مندر ۾ سڀني ديوين ۽ ديوتائن آڏو پنهنجي پياري پرجا کي سنديش ڏينداسين. ائين چئي، مهاراجا پنهنجي اوچي راج گديءَ تان هيٺ لٿو. مهاراڻي به سندس پٺيان هلڻ لڳي. پٺي پنهنجا وڏا سونهري وڪا جهولينداءِ راج سڀا جي اندلٽ جيان رنگين پڙچ تان هلندا راج سڀا مان وڃڻ لڳا. ساري سڀا ست سندن آڳيا ۾ پنهنجي آسڻ تي سر نوڙائي سجدي ۾ پٽجي ويا. سڀا جي پڄاڻيءَ جا سنک زور زور سان وڄن ٿا.

سوويت يونين جي آڪٽوبر انقلاب جي سالگرهه جي موقعي تي
'روح رهاڻ' ڪي خاص مضمون ۽ تصويرون سوويت يونين جي
سفارتخاني جي تعاون سان ڏٽي رهيو آهي، جيڪي معلوماتي لحاظ
کان ڪافي ڪارائتا ۽ وٽندڙ آهن. — ادارو



لينن جي هڪ تصوير

لينن انقلابي اڳواڻ جي حيثيت ۾

# لينن، مشرقي قومن سان دوستيءَ جو موجد

لينن لاءِ مشرق جي قومن وٽ بي انتها عزت ۽ احترام جو جذبو موجود آهي ڇاڪاڻ جو هن عظيم مفڪر ۽ انقلابي رهنما انهن مظلوم قومن لاءِ گهٽو ڪجهه ڪيو آهي.

لينن جي اڳواڻي هيٺ روسي اشتراڪي انقلاب جي سوپ بينڪيت جي غلاميءَ ۾ جڪڙيل قومن لاءِ صحيح طور تي پرهه ڦٽي ثابت ٿي جنهن ڪري قومي آزاديءَ جي هلچل زور ورتو. مزدورن ۽ قومي آزادي جي تحريڪن جي اتحاد متعلق لينن جي نظرين تي عمل ڪندي سماج جي نئين سر اشتراڪي طرز تي تعمير لاءِ هڪ انقلابي سلسلو شروع ٿي ويو.

لينن جي هدايت مطابق تازو وجود ۾ آيل سوويت جمهوريه مشرقي قومن، پوءِ هو نديون هجن يا وڏيون عالمي معاملن ۾ سرگرم بهري وٽن واري حق کي بنا شرط شروط جي تسليم ڪيو. روس ۽ مشرق جي پورهيت مسلمانن ڏانهن پنهنجي ويهين نومبر (۳ ڊسمبر) واري تواريخي اپيل ۾ سوويت حڪومت آڪٽوبر انقلاب هيٺ آزاديءَ لاءِ عظيم لڙائي ۾ حصو وٺڻ لاءِ چيو هو. ان تواريخي دستاويز ۾ چيو ويو هو ته: "توهان کي ائين ڪرڻ جو هرڪو حق حاصل آهي. توهانکي پوري طرح معلوم هجڻ گهرجي ته روس جي مٿاڻي قومن جي حقن جا محافظ پوري انقلاب جي طاقت ۽ ان جا ادارا آهن، سوويت مزدور، سپاهي ۽ هارين جا عيوضي آهن." سوويت حڪومت واضح لفظن ۾ اعلان ڪيو ته آڪٽوبر انقلاب هندستاني، عرب، ايراني، ترڪ ۽ ٻين قومن تي ظلم، غلامي ۽ انهن جي وطن، آزادي ۽ ملڪيتن تي قبضي جي خلاف آهي.

لينن جي اڳواڻي هيٺ سوويت حڪومت اهڙا اپاءَ ورتا جن هيٺ ايشيائي قومن کي عالمي معاملن ۾ بهرو وٺڻ جو موقعو مليو. فبروري ۱۹۰۸ پرڏيهي معاملن واري عوامي ڪميسار حڪومت جي مڪاني ادارن جي بين‌الاقوامي معاملن جي ڪائنن ذهين هڪ سرڪيولر موڪليو جنهن ۾ چيو ويو هو ته: توهان تي اهو فرض عايد ٿئي ٿو ته [illegible] ۾ زار ڏيو ته انهن سان مشرقي قومن سان انتهائي نئين قسم جي لاڳاپن جو بنياد وجهي رهيا آهيون ۽ اهو ته انهن جو جڦادي ۽ يورپي سرمايدارن جي فتوحات ۽ لاقانونيت جي خطري کان نجات حاصل ڪرڻ جو ذمودار اشتراڪي روس جي قومن جي گهرو اتحاد قائم ڪرڻ تي آهي."

زارشاهي ۽ عبوري حڪومتن جي خفيه دستاويزن جي سوويت حڪومت طرفان اشاعت ٿي سوويت روس جي مشرقي قومن سان دوستي قائم ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو.

انقلاب کان اڳ جي پرڏيهي معاملن جي آفيس جي ڪجوڙين مان اهڙا ڪاغذات هٿ آيا جن مان معلوم ٿيو تہ ۱۹۰۴ ع برطانيہ ۽ فرانس، مصر ۽ موراڪو کي پاڻ ورهائي ڪنيو هو. جڏهين جون ۱۹۰۷ ع زار شاهي روس ۽ برطانيا ايران ۽ افغانستان متعلق پاڻ معاهدہ ڪيا هئا. اهڙي نموني پيا هڪ سو ڪان وڌيڪ معاهدا ۽ سياسي دستاويز هٿ آيا جن مان سامراجي بيڪين جا صحيح ارادا ظاهر ٿيا. انهن دستاويزن مشرقي قومن کي ايندڙ خطري کان آگاهہ ڪيو.

لينن جي شخصي هدايتن هيٺ پرڏيهي معاملن جي عوامي ڪميسار افغانستان، هندستان، چين، ترڪي، مصر ۽ ٻين بيڪن ۽ محڪوم ملڪن ۾ قومي آزادي جي تحريڪن جي حمايت ۾ انتهائي موثر قدم کنيا. جولاء ۱۹۱۹ ع هڪ آمريڪي صحافي جي ان سوال تہ پرڏيهي مسلم رياستن جي باري ۾ سوويت روس ڪهڙو طريقو ڪار اختيار ڪندو؟ جي جواب ۾ لينن ان ڳالهہ سخت زور ڏنو تہ "سوويت روس جو مقصد هر هڪ قوم جي خودمختيار ۽ آزاد ترقي ۾ هر قسم جون سهوليتون مهيا ڪرڻ آهي."

ان پرڏيهي پاليسي جي اصولن مطابق لينن جي سربراهي هيٺ سوويت حڪومت شام، لبنان ۽ فلسطين تي سامراجي طاقتن جي بيڪي قبضي خلاف سخت احتجاج ڪيو. سوويت روس ئي اها واحد قوت هئي جنهن بيڪي نظام کي تسليم ڪرڻ کان ڪليو انڪار ڪيو ۽ خاص طور تي عراق، فلسطين ۽ اردن تي برطانوي قبضي ۽ شام ۽ لبنان تي فرانسي قبضي کي تسليم ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو.

مصر ۽ قومي آزادي جي هلچل ۽ برطانيا جي خلاف مظاهرن ۽ ان ملڪ جي پورهيت طبقي روشن آئيندي ۾ گهري دلچسپي ورتي. اپريل ۱۹۱۹ ع پرڏيهي معاملن متعلق عوامي ڪميسار لينن جي هدايتن مطابق ان ملڪ ۾ انقلابي تحريڪ جي اوسر متعلق هڪ تفصيلي جائزو تيار ڪيو.

سوويت يونين افرو-ايشيائي قومن سان لينن جي دوستي واريون روايتون کي نيائيندي رهي ٿي. قومي آزادي متعلق لينن جا نظريا سوويت سياست عملي کي ڪڏهن قومن جي اداري ۾ انصاف لاءِ پنهنجي ڪ وششن ۾ همٿائيندا رهن ٿا. بيڪي ملڪن جي خود مختاري متعلق ڪڏهن قومن جي پڙرنامي ۾ جيڪو سوويت يونين جي ڪوشش سان جاري ڪيو ويو هو، جيتوڻيڪ لينن جو حوالو نہ ڏنو ويو آهي پر ان ۾ لينن جي ان تصور جو عڪس موجود آهي جنهن ۾ هن چاهيو ٿي تہ دنيا ۾ ڪوبہ بيڪي راج ۽ غلامي نہ هجي.

۱۹۵۶ ع سوويت يونين مصر جي بچاءَ ۽ ٽطرفي اگهرائي خلاف ميدان عمل ۾ آڻي، انجي ٻئي سال سوويت يونين سامراجي سازشين کي شام ۾ دخل اندازي ڪرڻ جي منصوبن تان هٿ کڻڻ تي مجبور ڪيو. ۱۹۵۸ ع سوويت يونين عراق ۾ سامراج

دشمن انقلاب جي حمايت جو اعلان ڪيو. سوويت يونين الجزائر جي آزادي لاءِ وڙهندڙ مجاهدن کي هٿيار پهچايا ۽ يمني جمهوريه ۽ ڏکڻ يمن جي عوامي جمهوريه ڏانهن دوستيءَ جو هٿ ڏڪيريو. اڄ سوويت يونين عرب والاريل علائقن تان اڳرائي ڪندڙ اسرائيلين کي تڙڻ لاءِ هر ممڪن ڪوششون ڪري رهي آهي.

سوويت يونين اهو سڀ ڪجهه لينن جي نظرين ۽ بين‌الاقواميت جي اصولن سان وفاداري هيٺ ڪري رهي آهي. سامراجي اڳرائي ۽ استعمال غرضيءَ خلاف جدوجهد ڪندڙ قومن سان سوويت يونين نه فقط لفظي طور تي پر عملي طور تعاون ڪري رهي آهي.

اُنهن اصولن هيٺ سوويت يونين ترقي ڪندڙ ملڪن جي اقتصادي امداد ۾ جيڪو پوءِ ٽيڻ اضافو ڪندي رهي ٿي، "پنجاهه سال اڳ عالمي انقلابي ۽ قومي آزادي جي تحريڪن جي شاندار مستقبل جي آڪڻي ڪندي لينن منگول، ايران، هندستان ۽ مصر جي عوام سان مضبوط لاڳاپن ۽ اتحاد قائم ڪرڻ ۽ انهن کي منڊيندڙ جي استعمال سان پورهئي گهٽ ڪرڻ ۽ جمهوريت ۽ سوشلزم لاءِ مدد ڪرڻ لاءِ چيو هو. (لينن جي تصنيفن جو مجموعو، جلد ٢٣، صفحه ٢٥) لينن جي ان اپيل جي ترجماني زندگي اڄ ڪري رهي آهي. اشتراڪي ملڪ ترقي ڪندڙ ملڪن جي امداد ڪري رهيا آهن. ان سلسلي ۾ ترقي ڪندڙ ملڪن ۾ اشتراڪي ملڪن جي مدد سان هڪ هزار صنعتي ادارا تعمير ٿي رهيا آهن جنهن ۾ ڇهن سون ادارن جي تعمير ۾ سوويت يونين جي امداد ۽ تعاون شامل آهي.

اڄ ڪڏهن عرب رعيتي راڄ (مصر) ۾ اسوان بند جي تعمير هجي يا شام ۾ فرات ندي تي ڪم ٿيندو هجي، الجزائر نيل ۽ گئس جا ادارا ۽ ليبارٽريون هجن، سون ۾ين جاءِ تي سوويت مزدور، انجنير ۽ استاد ڏسڻ ۾ ايندا، جيڪي انتهائي بيغرض سهڪاري جذبن هيٺ عرب سائين سان ڪم ۾ مصروف آهن. اها ڪهڙي طاقت آهي جنهن هٿ هو اهڙي جوش ۽ جذبي سان ڪم ڪري رهيا آهن؟

ان سوال جو جواب بلڪل صاف آهي. اها لينن جي قومن سان باهمي تعاون، دوستي ۽ هڪجهڙائي وارن نظرين جي طاقت آهي، سوويت يونين قومي آزادي ۾ مصروف قومن کي پنهنجون اتحادي پائر قومون تصور ڪري ٿي.

لينن جا بين‌الاقواميت متعلق نظريا امر آهن ڇاڪاڻ ته اهي ٿوس سائنسي آهن ۽ ڇاڪاڻ ته اهي شاندار مستقبل طرف رهنمائي ڪن ٿا. لينن جي راهه تي هلڻ معنيٰ ترقي پسندي ۽ سڌاري لاءِ هر قسم جي قومي تسلط ۽ سماجي ناانصافي کي مڪمل طور تي ختم ڪرڻ ۽ دنيا جي پوري انسان ذات جي خوشي ۽ خوشحاليءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ آهي.

# پاڪستان ۽ سوويت يونين جي وچ۾ اقتصادي ۽ فني سهڪار

از قلم: بي- ڪوزينتسيف، پاڪستان ۾ سوويت يونين جي سفارتخاني جي اقتصادي معاملن جو نائب قونصل.

سوويت يونين ۽ نون آزاد ملڪن جي وچ۾ سياسي ۽ اقتصادي لاڳاپن جو بنياد قومن جي وچ۾ دوستي ۽ امن وارن لينن جي نظرين تي ٻڌل آهي.

ترقي ڪندڙ ملڪن سان انهن جي پنهنجي خود مختياري بحال رکڻ ۽ بينڪيت جي ورثي ۾ ڇڏيل اقتصادي بدحالي تي ضابطو پائڻ ۾ گهرو تعاون ڪرڻ سوويت پرڏيهي پاليسيءَ جو اهم مقصد آهي. ان پاليسيءَ مطابق سامراجي ڦرلٽ کي ختم ڪرڻ ۽ قومن ۽ رياستن جي وچ۾ برابري دوستي ۽ سهڪار قائم ڪرڻ آهي.

اشتراڪي ملڪن جون قومون انهن ملڪن جي ڪوششن کي عزيز رکن ٿيون ۽ پوري طور تي محسوس ڪن ٿيون جيڪي پنهنجي اقتصادي خود مختياري لاءِ ۽ انهن سامراجي طاقتن جي سازشن جي خلاف جدوجهد ڪندا رهن تا جيڪي امداد جي لبادي ۾ نوجوان رياستن کي پنهنجي ضابطي هيٺ رکڻ جون ڪوششون ڪنديون رهن ٿيون.

سوويت يونين ڪيترن ئي ملڪن سان سندن ترقي ۾ هٿ وندائي رهي آهي. انهن ملڪن جي ضرورتن جي پورائي ڪرڻ خاطر سوويت تنظيمون ۽ ادارا انهن جي صنعتي ۽ زرعي تعمير ۾ تعاون ڪري رهيا آهن، جنهن ۾ قدرتي وسيلن جي جانچ پڙتال ۽ بجلي پيدا ڪرڻ جا ڪارخانا قائم ڪرڻ وغيره شامل آهن.

سوويت تنظيمون ان سلسلي ۾ منصوبن جي تڪميل لاءِ هر قسم جي مدد جهڙوڪ سروي ڪرڻ، نقشا تيار ڪرڻ، ڪارخانن جو مڪمل ساز سامان پهچائڻ ۽ ڪارخانا هلائڻ لاءِ ماهرن کي تربيت ڏيڻ وغيره جي پورائي ڪن ٿيون. ساڳي وقت انهن ترقي ڪندڙ ملڪن ڪان مٿين پورائي جو سوويت يونين کي معاوضو نٿي ونڻي.

سوويت يونين ۱۹۵۴ ڪان ترقي پذير ملڪن جي وڏي پيماني تي امداد ڪندي رهي ٿي. سال ۱۹۵۴ - ۱۹۵۵ ۾ اسانجي ملڪ جا فقط هندستان ۽ افغانستان سان اقتصادي معاهدا ٿيا. اڄ سوويت يونين جا اهڙي قسم جا معاهدا ايشيا ۽ آفريڪا جي

۲۴ ملکن سان آهن جن ۾ هندستان، افغانستان، برما، نيپال، عراق، شام، يمن، پاکستان، گڏيل عرب رعيتي راج، الجزائر ۽ ٻيا ملڪ شامل آهن.

ايشيا ۽ آفريڪا جي ترقي پذير ملڪن سان سوويت يونين جا اقتصادي لاڳاپا برابري ۽ انهن اصولن تي ٻڌل آهن جنهن ۾ استعمال غرضي يا ڪنهن قسم جي انهن ترقي پذير ملڪن جي اقتصادي معاملن دخل اندازي ڪرڻ نه آهي يا ڪو اهڙي قسم جو سياسي يا اقتصادي ضابطو ڪرڻ نه آهي. ان جو هر ڪنهن کي علم آهي تہ سوويت يونين ڪنهن به ترقي پذير ملڪ جي ملڪيت يا انجي سرحدن تي ڪوبہ قبضو نہ ڪيو آهي ۽ نہ ئي انهن ملڪن مان وڏا فائدا وٺڻ جي ڪا ڪوشش ڪئي آهي. جيڪي به منصوبا سوويت امداد سان تعمير ٿيا آهن اهي انهن ترقي پذير ملڪن جي ملڪيت آهن، ۽ انهن جي انتظام هيٺ آهن.

ايشيا ۽ آفريڪا جي نون آزاد ملڪن سان سوويت يونين ان اصول هيٺ تعاون ڪري ٿي تہ ڪنهن به ملڪ جي اقتصادي ۽ سماجي ترقي جو دارومدار بنيادي طور انهن ملڪن جي عوام جي ڪوششن تي آهي ۽ ٻاهرين امداد انهن جي اقتصادي آزادي ۾ ڪاميابيون حاصل ڪرڻ لاءِ اضافي وسيلو آهي.

سوويت اقتصادي ۽ فني سهڪار جا ڇهرين جنوري ۱۹۶۸ تائين جيڪي به ترقي پذير ملڪن سان معاهدا ٿيا آهن انهن ۾ سوويت يونين لڳ ڀڳ چار ارب روبل امداد طور ڏنا آهن. ان رقم جو ستر سيڪڙو صنعتي ترقي متعلق معاهدن هيٺ ڏنو ويو آهي.

سوويت يونين ۽ پاڪستان جي وچ۾ اقتصادي ۽ فني سهڪار جي شروعات ۱۹۶۱ ۾ هڪ معاهدي تي صحيحون وجهڻ سان ٿي جنهن هيٺ سوويت ماهرن پاڪستان ۾ تيل ڳڻس جي ذخيرن جي ڳولا ۾ تعاون ڪيو. سوويت ماهرن پاڪستانين کي ملڪ جي زمين دوز دولت کي ظاهر ڪرڻ ۾ مدد ڪئي ۽ ان سلسلي ۾ سوويت ۽ پاڪستاني ماهر ڪيترن سالن کان ملڪ ۾ تيل ۽ ڳڻس جي ڳولا ۾ مصروف آهن جنهن جي نتيجي پاڪستان ۾ اهڙيون ويهہ جڳهون کوٽائي لاءِ چونڊيون ويٺون جتان تيل ۽ ڳڻس جي حاصل ٿيڻ جي اميد آهي.

انهن جڳهن مان ساريسنگ ۽ جلدي علائقن ۾ ڳڻس جا ذخيرا لڌا ويا آهن. گذريل جنوري مهيني ۾ هڪ نئين ڪاميابي حاصل ٿي. سوويت ماهرن جي مدد سان ڪوٽ سارنگ ۽ ٽوت ۾ تيل جا ڪوهہ ظاهر ڪيا ويا.

انهن جڳهن تي تيل جو حاصل ٿيڻ خاص طور تي ٽوت جي تيل جي ڪوهن جي ڪري پاڪستان ۾ تيل جي قومي صنعت قائم ڪرڻ ممڪن ٿي پئي آهي جيڪا پاڪستان کي سندس اقتصادي خودمختياري کي مضبوط ڪرڻ ۽ پرڏيهي ناڻي جي بوجهہ کي گهٽائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪندي. اهڙي نموني سوويت ۽ پاڪستاني

ماهر ارضيات جي گڏيل ڪم سان وڏيون ڪاميابيون حاصل ٿيون جن مغربي ماهرن جي ان راءِ کي غلط ثابت ڪيو جن جو چوڻ هو ته انهن علائقن ۾ تيل موجود نه آهي.

سيپٽمبر ۱۹۶۶ ۾ هڪ نئون معاهدو عمل ۾ آيو جنهن کي سوويت- پاڪ لاڳاپن کي وڌيڪ ترقي ڏيڻ ۽ مضبوط ڪرڻ ۾ اهم سنگميل جي حيثيت حاصل آهي. ان معاهدي مطابق سوويت حڪومت پاڪستان سان ايڪويهن منصوبن جي تعمير ۾ فني تعاون جو ذمو کنيو. انهن زير تڪميل منصوبن جو تفصيل هيٺين ريت آهي.

۽ ڪارخانا بجلي جون مشينون تيار ڪرڻ جن جي سالياني پيداواري سگهه بجلي جي اوزارن جا ويهه هزار ٽن هوندي جنهن مان ٽرنسفارمر، جنريٽر ۽ طاقتور بجلي موٽرن جي ملڪي ضرورتن مڪمل پورائي ٿي سگهندي.

گيدو آبي بجلي گهر ۽ سو ميگا واٽ سگهه؛
مختلف سگهه واريون ۵ نشرياتي اسٽيشنون؛ هڪ وڏي
وولٽيج واري هڪ هزار ڪلوميٽرن کان ڊگهي
ٽرنسميشن لائين وغيره.

اها گهالهه قابل ذڪر آهي ته اهي سمورا ڪارخانا سوويت ماهرن جي سکيا ڏنل پاڪستاني ماهر خود هلائيندا.

انهن منصوبن تي اينڊڙ خرچ جي سلسلي ۾ سوويت يونين پاڪستان کي هڪ ڊگهي معياد وارو ۽ ڪروڙ روبلن جو قرض ۽ تجارتي قرض جيڪو ٽيهه ڪروڙ روپين جو ڏنو آهي جنهن تي ادائي سيڪڙو سالياڻو وياج هوندو. مٿي منصوبن جي تعمير متعلق معاهدن تي صحيحون ٿي چڪيون آهن.

گهوڙيسال آبي بجلي گهر، جنهن جي سگهه هڪ سو ڏهه ميگا واٽ آهي، جي تعمير ۾ فني سهڪار ڏيڻ متعلق تجارتي معاهدا ٿي چڪا آهن. بيڪرين، الٽي جي ڪارخانن ۽ ڪپڙي جي ڪارخانن جي تعمير جي سلسلي ۾ پڻ معاهدا ٿي چڪا آهن. اهڙي نموني مائڪرو ويو سسٽم، ٽيليويزن اسٽوڊيو، ٽيليويزن فيڪٽري، سيمينٽ فيڪٽري، تيل ۽ گئس جي پائيپلائين ۽ يوريا پاڻ جي فيڪٽري جي تعمير متعلق معاهدا ڪرڻ لاءِ گهالهيون ٿي رهيون آهن.

سوويت يونين ۽ پاڪستان جي وچ ۾ قائم ٿيل اقتصادي سهڪار وارن لاڳاپن ۾ سالبسال واڌارو ايندو رهي ٿو. ڇهي ملڪن جي اقتصادي نلڪن ۾ واڌارو ۽ مضبوطي خاص طور تي فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جي سوويت يونين جي دوري جي ڪري ٿي آهي. انجي معني اها ٿي ته اهڙي قسم جي اعليٰ سطحي ميٽنگن ملڪن جي وچ ۾ ڳاڻي وارن لاڳاپن مضبوط ڪرڻ ۽ وڌائڻ ۾ وڏي مدد ملي ٿي ۽ انهن جي تجارتي سهڪار ۾ اضافو ٿئي ٿو.

# زمين انهن جي ملڪيت آهي جيڪي انڪي ڪيڙي آباد ڪري سگهن

## ازقلم: ڪونستانتن پارامونوف، ايڊيٽر جو مبصر

"سخت پورهيو ڪندڙ هاري زمين جي ڏکري لاءِ
سڪندا هئا ـــ سوويت اقتدار زميندارن کي ختم
ڪري زمينون اصل مالڪن يعني هارين ۾ ورهائي ڇڏيو"

ڪنهن به پرڏيهي مهمانن کي جڏهين به سوويت يونين جي ڪوناڻن علائقن جي دوري ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو تڏهين هو هارين جي واتان اڪثر ائين ٻڌي ٿو: "اسان جون زمينون اسان، جا ڪيت، اسان جا ميون جا باغ"....

اهي هارين جي واتان چيل ڳالهيون ڪنهن به طرح اتفاقي نه آهن. سچ ته پوري سوويت يونين جي ڏرتيءَ جو مالڪ سوويت عوام آهي. زمينون بنا ڪنهن معاوضي جي زمينن جي اصلي مالڪن يعني هارين ۾ ورهايون ويئون آهن جيڪي انهن کي ڪيڙي آباد ڪري سگهن ٿا. عظيم آڪٽوبر اشتراڪي انقلاب جي سوپ بلڪل ٻئي ڏينهن تي يعني ٢٦ آڪٽوبر ١٩١٧ ڪل روس سوويت ڪانگريس زمينن جي سلسلي ۾ هڪ فرمان جاري ڪري روس جي پوري زمين جي خانگي ملڪيت واري حيثيت کي ختم ڪري زمين جي اصلي مالڪ هارين ۾ ورهائي ڇڏي.

سخت پورهيو ڪندڙ ۽ سدائين مصيبتن ۾ گهيريل هارين ۾ پندرهن ڪروڙ ايڪڙن کان وڌيڪ زمين ورهائي ويئي، جيڪا اڳ ۾ زميندارن ۽ بادشاهه جي ملڪيت هئي. نون مالڪ هارين کي هر قسم جي ڏلن، ڏاڙي ۽ زمين خريد ڪرڻ جي عبوضي کان بلڪل آزاد ڪيو ويو، جن تي هنن جو خرچ سالياني لڳ ڀڳ ستر ڪروڙ سونا روبل ايندو هو ۽ زار شاهي طرفان غريب ۽ پورهيت هارين تي مڙهيل هڪ ارب ڏيهه ڪروڙ روبل قرض کي هميشه هميشه لاءِ ختم ڪيو ويو. اهو سڀ ڪجهه آڪٽوبر اشتراڪي انقلاب جي بلڪل ٻئي ڏينهن هارين کي پلئه پيو.

اهڙي نموني پڙهين کان زمينن لاءِ واجهه وجهندڙ، سيڙائيندڙ، سڪندڙ مظلوم هاريءَ جو خواب نيٺ سچو ٿيو ۽ زمينون جن جا هو اصلي وارث ۽ مالڪ هئا، نيٺ انهن جو اهو زمين تي اصلي مالڪ هڻڻ جو حق هنن جي پلئه پيو. زمين انهن مظلوم هارين جي هٿ جيڪي پيڙهين کان انکي ڪيڙي اناج اپائيندا هئا.

بهرحال اهو پهريون قدم هو جنهن وسيلي روسي ڪوناڻن کي صدين جي غربت

افلاس کان نجات ڏياري ويئي. ان کانپوءِ ترت ئي هڪ ڏکئي مسئلي کي حل کيو ويو ــ اهو هو هڪ ننڍي هاريءَ کي درجي بدرجي اقتصادي حالت کي سڌاري وڏي پيماني تي اشتراکي پيداوار تائين پهچائڻ هو، جنهن کانسواءِ اهو ممڪن نه هو ته جديد سائنسي بنيادن تي کيتي ٿي سگهي ۽ وڏي پيماني تي مشينن ذريعي آبادي ڪجي. ان لاءِ اهو تمام ضروري هو ته لکين وچولي ۽ غريب هاري طبقي کي اڪيلي سر پورهئي ڪرڻ جي بجاءِ گڏيل کيتن تي رضاڪارانه طور تي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ڪجي.

اها تبديلي لينن جي انهن رٿائر پٽاندر هئي جنهن موجب سڀني هاري سهڪاري طريقن هيٺ آبادي ڪن. ان طريقي کي، عمل ۾ آڻيندي هارين کي نون طريقن جي فائدن روشناس ڪرائڻو هو ۽ رهيل کهيل ننڍن زمينداڻ جي قوت ۽ عادتن تي غالب ٿيڻ ۾ مدد ۽ سندن نفسيات ۾ ڦيرو آڻڻو هو.

بلڪل ائين سڀ ڪجهه عمل ۾ اچي ويو. لکين هاري جيڪي معاشي طور تي ڪمزور هٿا سي گڏيل کيتن ۾ ڪرڻ لڳا ۽ اهڙي نموني هيٺ اشتراکي زرعي تبديلين ۽ سڌارن ڈانهن وڪــ وڌائي.

گڏيل کيت سماج جي معاشي نظام جو هڪ نادر نمونو آهن، جيڪي هارين جي سماجي ۽ نجي ضرورتن جي پورائي ڪئا.

ان بعد عظيم تاريخي سلسلو عمل شروع ٿي ويو ــ اهو هو ننڍن زمينداڻ جي نفسيات ۾ ڦيرو آڻڻ.

ان گهالهه جو مٿي ذکر ڪرڻ تمام ضروري ٿيندو ته هارين جي اشتراکي ترقيءَ جي راهه ڈانهن وڪــ وڌائڻ جو ڪوشش سرمايدارن سخت ۽ تباهه ڪن مقابلو ڪيو، خاص طور اهي شاهوڪار مقاطيدار جيڪي محنتاڻي تي پنهنجون زمينون آباد ڪرائيندا هٿا سي مقابلي ۾ ٿي بيٺا. سوويت حڪومت مجبور ٿي اها پاليسي اختيار ڪئي، جو انهن ننڍن زمينداڻ ۽ مقاطيدارن کي هڪ طبقي جي حيثيت ۾ جيڪي سوين پتيءَ ۾ مس هٿا، کڻي ٻاهر ڦٽو ڪيو. پورهيت طبقي جي سرگرم تعاون ۽ سخت طبقاتي جدوجهد سان نيٺ اشتراکي اصولن کي سوپ حاصل ٿي.

گڏيل کيت مڪمل طور تي وجود ۾ آيا. ڪوئن ۾ پيداواري لاڳاپن ۾ بنيادي ڦيرو اچي ويو. انهن جو بنياد سماجي اشتراکي ملڪيت بنجي پيو ۽ گڏوگڏ زمينن تي مشينن جي استعمال ڪري، گڏيل کيتن جي معاشي حالت ۾ ڪافي سڌارو ٿي ويو.

زمين انهن گڏيل کيتن تي ڪم ڪندڙ هارين جــي پلي خاطر هٿي ۽ آهي. اڄ سوويت يونين ۾ ڇٽيهه هزار پنج سو گڏيل کيتن ۾ بلڪل مفت لڳ ڳڻ ٽيويهه ڪروڙ ايڪڙ زمين شامل آهي. اها گهالهه قابل ذکر آهي ته هڪ اڪيلي هاري جي حوالي سراسري طور تي پارهن تيرهن ايڪڙ زمين جا آهن. ۱۹۱۷ع جي انقلاب کان

اڳ مشڪل سان ڪنهن غريب هاري وٽ ٻ ايڪڙ زمين جا هوندا هئا، جنهن مان هو پنهنجي پوري ڪٽنب کي پالينڊو هو.

سوويت يونين جي ڪارخانيسازيءَ ۾ ترقي جون لاجواب ڪاميابيون پوري دنيا تي ظاهر ٿي چڪيون آهن. انهيءَ ڪري گڏيل ڪيتن ۾ بيمثال اقتصادي ترقي ٿي آهي. ان موجب زراعت جي فني بنيادن ٿي هڪ خاص طريقي ڪار هيٺ طريقي ٿي رهي آهي.

سوويت اقتدار جي شروعاتي سالن ۾ لينن جي اها چاهنا هئي ته هڪ لک عاليشان ۽ پهرين نمبر جا ٽريڪٽر هجن—پر سال ۱۹۶۶ع جي پڇاڙيءَ تي سوويت يونين جي زمينن تي ڪل سورهن لک ست هزار ٽريڪٽر ۽ انهن سان گڏ پنج لک ايڪٽيهه هزار فصل لڻندڙ مشينون ڪم ڪري رهيون هيون. ڪوناڻن علائقن ۾ بجليءَ جو استعمال تمام گهڻو وڌي ويو آهي. بجليءَ جي ذريعي زراعت ٿي فني ڪارڪردگي ۾ وڌيڪ سهوليت ٿئي ٿي ۽ پيداوار ۾ سڌارو اچي ٿو.

انهن سمورن سڌارن جو زرعي پيداوار ٿي ڪهڙو اثر ٿيو آهي؟ سال ۱۹۶۰ع ۾ سترهن ڪروڙ ڏهه لک پنج هزار ٽن اناج جي پيداوار ٿي، جيڪا ۱۹۴۰ع کان اسي سيڪڙو وڌيڪ آهي. هڪ ڪروڙ ڏهه لک ٽن گوشت جي پيداوار ٿي، جيڪا ۱۹۴۰ع کان ۱۳۰ سيڪڙو وڌيڪ آهي.

اينڊڙ وقت ۾ ٻڻ زرعي پيداوار ۾ اضافو ايندو رهندو. ان جو خاص بنياد اهو آهي، جو وڏي پيماني تي مشينن ۽ ڪيميائي ياڻن ذريعي زمينن کي سڌاريو ويو وڃي. هلندڙ پنجسالہ رٽابندي ۾ انهن سمورين ڪالهين تي گهڻو ڌيان ڏنل آهي.

اشتراڪي نظام ۾ زراعت مڪمل طور تي تبديل ٿي چڪي آهي ۽ پورهيت هاري سماجي ۽ ثقافتي نقطہ نگاهہ کان ٻڻ تبديل ٿي چڪا آهن. سوويت هاري پورهيت طبقي جو هڪ مخلص ۽ سچو ساٿي آهي ۽ ڪميونسٽ سماج جي اڏاوت ۽ بيپناهہ قوت آهي. زرعي پورهيو ٻڻ ايترو اهم آهي، جيترو ڪارخاني ۾ مزدور جو پورهيو. پورهيت طبقي جو عام تعليمي ۽ ثقافتي معيار تيزي سان بلند ٿي رهيو آهي ۽ آهستي آهستي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ بنيادي فرق ختم ٿي رهيو آهي.

●

سوويت يونين جي زندگي جي بهتر ڄاڻ لاءِ پڙهو

# طلوع

## تصويري سوويت ماهنامو

ڪراچي ۽ پاڪستان ۽ سوويت سفارتخاني جي پريس انفرميشن ڊپارٽمينٽ طرفان اردو ۽ انگريزي ۽ ۽ ڊاڪا ۽ بنگالي ۽ شايع ٿيندڙ مڪمل باتصوير ۽ مختلف رنگن وارين تصويرن سان.

آرٽس، تعليم، سائنس، سفر، بين‌الاقوامي واقعات وغيره بابت باقاعده مضمون.

ان ۽ روس-پاڪستان تعلقات، سوويت يونين جي زندگي بابت ۽ سوويت عوام طرفان دنيا ۽ ترقي ۽ امن لاءِ ورتل ڪوششن بابت مضمون شامل هوندا.

چندو مني آرڊر، پوسٽل آرڊر يا چيڪ ذريعي موڪلي سگهجي ٿو.

### چندي جا نرخ:

| | ششماهي | سالانه | ٻه سال | ڏهي سال |
|---|---|---|---|---|
| هڪ زبان: | ۳-۰۰ | ۶-۰۰ | ۱۰-۰۰ | ۱۲-۰۰ |
| ٻه زبانون: | ۶-۰۰ | ۱۰-۰۰ | ۸-۰۰ | ۲۰-۰ |

(اسان هرهڪ سالانه چندي پريندڙ کي سال ۱۹۶۹ جي ۱۲ پنن وارو ڪئلينڈر سوڪڙي طور پيش ڪنداسين.)

براه ڪرم پنهنجا چندا هيٺين ايڊريس تي موڪليو ۽ ضروري تفصيل پڻ اتان معلوم ڪريو:


مئنيجر طلوع پبليڪيشنز
۴/۴۳- ايڇ، بلاڪ ۶، پي اي سي ايڇ ايس،
ڪراچي-۲۹- فون: ۴۷۱۹۴۴۹-

Regd No. S. 2400 MONTHLY Nov. & Dec. 1968

# "ROOH-REHAN"

## HYDERABAD SIND

ماسکو جا پم نظارا



Edited & published by Hameed Sindhi from office of the
Monthly 'Rooh-Rehan,' Mukhi Garden, Hyderabad.
Printed by Muti-ur-Rahman Siddiqui at Indus Printers, Risala Road, Society, Hyd.